# مهراڻ

ABC CERTIFIED

جلد ۴۴
نمبر ۱/۱۹۹۵ع
جنوري-مارچ ۱۹۹۵ع



Gul Hayat Institute

# آديسي اُٿي ويا، مَڙهيون مون مارين


Gul Hayat Institute

جناب جي. ايم. سيد

جنم:
١٧-جنوري ١٩٠٤ع

وفات:
٢٥-اپريل ١٩٩٥ع

# مِهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي دستاويز]

جلد ۴۴] جنوري-مارچ ۱۹۹۵ع [نمبر ۱

نگران

**حسين شاهه راشدي**

ايڊيٽر

**نفيس احمد شيخ**

سب ايڊيٽر

**طارق عالم**

پبليڪيشن انچارج

**الله بچايو يوسف زئي**

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو سنڌ

# مِهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 44, No: 1, Year: 1995
(Established in 1955)


An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi Literature.
Contemporary Creative Literature, History, Civilization, Education, Music, Folklore, Archaeology, Numismatics, Lexicography and General Culture of Sindh are the main topics of material usually published in this periodical.
Besides translations of World literature are also presented.
Correspondence about publication be addressed to:


Editor
"Mehran" Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro (Post Code: 76070)
Via: Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone: (0221) 771276

For Subscription please contact:
Manager Book -Stall
Sindhi Adabi Board
Tilk Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Telephone: (0221) 615179

مواد موڪلڻ لاءِ

ايڊيٽر
"مهراڻ" ٽماهي
سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ
(پوسٽ ڪوڊ ٧٦٠٧٠)
فون نمبر: ٧٧١٢٧٦

خريداريءَ لاءِ لکپڙھ

مئنيجر بڪ اسٽال
سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ
فون نمبر: ٦١٥١٧٩
(نوٽ: خريدارن کي ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلڻ لاءِ
ساليانو چندو چار سؤ رپيا)


ساليانو چندو: ١٠٠-٠٠ رپيا

في پرچو: ٣٠-٠٠ رپيا

Gul Hayat Institute


Printed and Published by Shamsher Al-Hyderi,
at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, JAMSHORO Sindh.

# گذارش

## سائين جي.ايم. سيّد جو وڇوڙو

- ـــ ٢٥ اپريل ١٩٩٥ع تي سائين جي. ايم. سيّد اسان کان جُدا ٿي ويو! اِنّالِلّهِ وَ اِنّا اِلَيهِ رَاجِعُونَ.
- ـــ سنڌ جي تاريخ جو هڪ سونهري باب، سائينءَ جي رحلت سان پُڄاڻيءَ تي پهتو!
- ـــ سنڌ جي نرالي عاشق جون سارونٽيون جُڳن تائين ڦهلجي ويون!
- ـــ يقيناً سائين جي. ايم. سيّد جو ڄمڪندڙ نانءُ سنڌ جي ايندڙ نسلن لاءِ اتساهہ جو سبب رهندو.
- ـــ سائين جي ايم. سيّد تي سنڌ جي مستقبل جو سلام رهندو!

سائين جي. ايم. سيّد جي شخصيت نهايت پهلودار آهي، جنهن ۾ سنڌ جي زندگيءَ جا ڪيئي من موهيندڙ رنگ ٻهڪي رهيا آهن. اُنهن سيني رنگن مان ادب، ثقافت ۽ تعليم جا رنگ وڌيڪ گهرا ۽ دل کي ڇُهندڙ آهن.

سائين پنهنجي جدوجهد جي شروعات سنڌي سماج جي سُڌاري وارين تحريڪن سان ڪئي ۽ اڳتي هلي تعليم، ادب ۽ ثقافت وسيلي سنڌ ۾ قومي جاڳرتا پيدا ڪئي. سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌ يونيورسٽي سائينءَ جي جاکوڙ جا يادگار مثال آهن.

سائين جي. ايم. سيّد سنڌي ادبي بورڊ جو باني ۽ خالق هو. پاڻ جڏهن سنڌ جو تعليمي وزير مقرر ٿيو ته آگسٽ ١٩۴٠ع ۾ سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ هڪ قومي ادارو ”سنڌي ساهت لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ“ قائم ڪيائين. نہ صرف اداري جو بنياد رکيائين، پر ان سان گڏ ان جي واڌاري لاءِ رات ڏينهن پاڻ پتوڙيندو رهيو. جنهن ۾ ڪيس پنهنجن پيارن دوستن ڊاڪٽر گربخشاڻي، جيٺمل پرسرام، لالچند امرڏنيمل، ڀيرومل مهرچند، ڊاڪٽر دائود پوٽي، دين محمد وفائي، علامہ آءِ. آءِ. قاضي، سيّد ميران محمد شاهہ، پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي ۽ ٻين جو علمي ۽ عملي ساٿ ۽ سهڪار حاصل رهيو. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ، انهيءَ اداري سنڌي ادبي بورڊ جي روپ ۾ نئين انداز سان پنهنجي ڪم جي شروعات ڪئي، جنهن ۾ اڳتي هلي سائين جي. ايم. سيّد نائب صدر ۽ اسٽئنڊنگ ڪميٽيءَ جي چيئرمن جي حيثيت ۾ اهڙي تہ مثالي خدمت ڪئي جو اُن ۾ صحيح معنيٰ ۾ جان پيدا ٿي ۽ اداري جي پيڙهہ پُختي ٿي.

اڄ جنهن سنڌي ادبي بورڊ جو نانءُ، سنڌ جي مستقبل جي روشنيءَ جي حوالي سان هڪ علامت سمجهيو وڃي ٿو ۽ مشرق ۽ مغرب جي ادبي ۽ تحقيقي مرڪزن ۾ سنڌ جي سڃاڻپ جو سبب بڻيو آهي، انهيءَ عظيم اداري جو اصل باني سائين جي. ايم. سيّد ئي هو. سائينءَ جي ڇڏيل نشانين مان سنڌي ادبي بورڊ، خاطريءَ سان، هڪ نهايت اهم، بنيادي ۽ املهہ نشاني آهي.

سائين جي. ايم. سيّد جي ڏکوئيندڙ وڇوڙي تي سنڌي ادبي بورڊ جي مانواري چيئرمن، سينيٽر حُسين شاهہ راشدي، سندس احترام ۾ هڪ ڏينهن بورڊ جي آفيس کي بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو، سائينءَ جي تدفين جي موقعي تي شرڪت ڪئي ۽ هڪ پريس بيان وسيلي اداري جي محسن جي خدمتن کي ياد ڪري عقيدت جو خراج پيش ڪيو.

سائين جي. ايم. سيّد جي وڇوڙي جي انتهائي المناڪ موقعي تي اسان سائينءَ جي پوئيرن جناب سيّد امير حيدر شاهہ صاحب، جناب سيّد امداد محمد شاهہ صاحب، محترمہ ڊاڪٽر دُر شهوار سيّد صاحبہ ۽ خاندان جي سمورن ڀاتين سان گڏ سندس هزارن حُبدارن ۽ عقيدتمندن سان همدردي جو اظهارڪندي، پنهنجي دلي ملال ۽ رنج جو

اظهار ڪريون ٿا ۽ سندس مغفرت لاءِ دعاگو آهيون.

جيئن ته سائين جي. ايم. سيّد جي وفات وقت مهراڻ جو هيءُ پرچو ڇپجي راس ٿي چڪو آهي، انڪري هن مرحلي تي اسان ڪي عقيدت جا اهي چند لفظ لکڻ جو موقعو ملي سگهيو آهي.

## بورڊ جي مالي مدد لاءِ سرڪار کي اپيل

سنڌي ادبي بورڊ جي ڪارڪردگي علمي ۽ ادبي حلقن ۽ سرڪاري ادارن کان ڳجهي ڪانهي. بورڊ ماضيءَ ۾ جيڪا ادبي خدمت ڪئي آهي، ان جي عالمي سطح تي تحقيقي مرڪزن ۾ مڃتا ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي بورڊ پنهنجي نئين سربراهه، سينيٽر حسين شاهه راشديءَ جي رهبريءَ ۾ ڪيترائي نوان علمي پراجيڪٽ شروع ڪرڻ گهري ٿو، جن ۾ خاص ڪري شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي باقي علمي ذخيري کي **شائع ڪرڻ**، ٻارن جي ادب کي جديد سائنسي انداز سان پڌرو ڪرڻ، سنڌ جي تاريخ جا رهيل جُلد تيار ڪرائي منظر عام تي آڻڻ- وڏيڪ اهم آهن ۽ اوليت جا گهرجائو پڻ. ان طرح ٻيا به ڪيترائي علمي ڪم ڪار توجهه جا مستحق آهن. پر انهن ڪمن لاءِ پئسي جي موجودگي بنيادي شرط آهي. بورڊ وٽ هن وقت مالي لحاظ کان سخت اڻهوند آهي، ڇو ته سنڌ سرڪار جي موجوده سالانه چاليهه لک رپيا گرانٽ ناڪافي آهي. اهڙي صورتحال ۾ اهو ممڪن ئي ڪونه آهي جو نوان نوان ڪم هٿ ۾ کڻڻ ته درڪنار، مورڳو موجوده علمي ڪمن کي راس ڪري سگهجي. بورڊ جي مالي مدد لاءِ سرڪار کي ڌيان ڏيڻ کپي. ون يونٽ جي قائم ٿيڻ کان اڳ، سنڌ سرڪار، سنڌي ادبي بورڊ جو خاص خيال رکندي هئي ۽ ان دؤر جا وڏا وزير، وزير ۽ ٻيا سرڪاري اقتداري حلقا سنڌي ادبي بورڊ جي مالي مدد لاءِ هميشه اڳرا رهندا هئا.

سنڌ جو هاڻوڪو وڏو وزير جناب سيد عبدالله شاهه هڪ علم دوست ۽ ادب نواز شخص آهي. اسان شاهه صاحب کي اپيل ٿا ڪريون ته سنڌي ادبي بورڊ کي مالي بحران مان ڪڍي ان کي تسلي بخش نموني سان ادبي خدمت جاري رکڻ جو موقعو فراهم ڪري. اسان جي استدعا آهي ته هن مالي سال کان بورڊ لاءِ سالانه گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪروڙ رپيا گرانٽ جاري ڪئي وڃي.

ساڳيءَ طرح مرڪزي حڪومت مان، اڪيڊمي ادبيات پاڪستان جي معرفت، بورڊ کي سالانه فقط هڪ لک رپيا گرنٽ ملي ٿي، جا "وفاق" جي حوالي سان اٽي ۾ لوڻ برابر به ڪونهي!

وفاقي وزير تعليم جناب سيد خورشيد احمد شاهه جهڙي سنجيده علمي شخصيت کي اسان جو نماڻو عرض آهي ته وزيراعظم پاڪستان محترمه بينظير ڀُٽو جي خصوصي توجهه سان، اسان کي مرڪزي حڪومت وٽان گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه لک رپيا سالانه گرانٽ منظور ڪرائي ڏين.

هن چونڊيل عوامي ۽ جمهوري حڪومت ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي مالي مدد ڪرڻ صوبائي توڙي وفاقي حڪومت تي فرض آهي ۽ اسان کي اميد آهي ته اسان جا اهي عرض اگهائي، سنڌي ادب جي بهتري ۽ ترقيءَ لاءِ انتظام ڪيا ويندا. **ـن.ا.ش.**

*

# جي جيءَ کي جيارين، سي لاھوتي لڏي ويا!



## واجد

جنم: ٥-جون ١٩٥٢ع

وفات: ٢-مارچ ١٩٩٥ع



## موھن ڀڳت

جنم: ١٩٢٦ع

وفات: ١٠-مارچ ١٩٩٥ع

Gul Hayat Institute



# انور هالائي

جنم: ١١-ڊسمبر ١٩٢٥ع
وفات: ١٢-جنوري ١٩٩٥ع



# غُلام حسين شيخ

جنم: ١٩-اپريل ١٩٣٣ع
وفات: ٨-ڊسمبر ١٩٩٤ع

Gul Hayat Institute

# سنڌو

**• شاعري**


شيخ اياز ١
تنوير عباسي ٣
تاجل بيوس ٤
عنايت بلوچ/ اياز گل/ ادل سومرو ٥
نورالهديٰ شاهه/احمد سولنگي/سوز هالائي ٦
محسن ڪڪڙائي/ آثم ناٿنشاهي/ منير سولنگي/
عبدالقيوم صائب ٧
انيس انصاري/مقصود گل/قاضي منظر حيات/
محسن عباسي ٨
غلام حسين رنگريز/ راشد مورائي/ ڪرم ٽالپر ٩
احمد ٽالپر/بادل/محمد علي پناڻ/ نياز پنهور ١٠
بخشڻ مهراڻوي/ پشپا ولڀ/ ڪوثر برڙو ١١
شبنم گل/ ستار رند ١٢
زوار نقوي/پُنهل/اظهار سومرو ١٣
اڪبر جسڪاڻي/روشن گهانگهرو ١٤
مير محمد پيرزادو/اسحاق سميجو ١٥
اسد ڪيريو/اقبال رند/انجم قاضي/
معشوق ذاريجو ١٦
وسيم سومرو/علي دوست عاجز/ معصوم بخاري/
سميع ڪنڌر ١٧
فياض چند ڪليري/عزيز ڪنگراڻي/ ڪوثر هالائي/
ماڻڪ ملاح ١٨
فياض برڙو/عباس پند ١٩
اسلم چنا/غلام محمد غازي/ سرتاج جاگيراڻي/
وشال ٢٠
خليل عارف سومرو/سڪندر شيخ/ رياضت برڙو/
جاويد ٢١
منظر راڄپر/آغوش لوهاڻو/صابر هيسباڻي/
رخسانه پريت چنڙ ٢٢
روبينه ابڙو/صفر ڪلهوڙو/شاهه خالد/ ضمير ڪرل ٢٣
سميع ساجد جوڻيجو/مسڪين سمون/ ناصر
چاچڙ/ سچل سرمست جو ترجمو: امير علي چانڊيو ٢٤


**• مقالا**


١. ٺٽ جا مدرسا ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٢٥
٢. ”ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي بولي“ مقالي جو لسانياتي اڀياس ـ ڊاڪٽر غلام علي الانا ٤١
٣. اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ـ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ٧٥
٤. سنڌ جي تاريخ جا ماخذ ـ ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي ٩٦
٥. ١٨١٩ع کان وٺي سنڌي بوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جو جائزو ـ ڊاڪٽر الهه رکيو ٻُٽ ١١٢
٦. اروڙ جو تاريخي شهر (هڪ سرسري جائزو) ـ غلام محمد لاکو ١٣٥
٧. ڪلهوڙا دور جا ماخذ ـ محمد پنهل ڏهر ١٤٠
٨. نئين نُل جا پُراڻا گل ـ نظام الدين ڪوسو ١٥٤
٩. سنڌي سماج تي انگريزن جي دؤر جو اثر (هڪ سماجياتي تجزيو) ـ لعل بخش جسڪاڻي ١٦٧


Gul Hayat Institute

۱۰. سنڌيءَ ۾ هائيڪو جي روايت - تاج جويو ۱۷۱
۱۱. اسماعيلي- سنڌ ۾ آمد، حڪومت ۽ زوال - غلام مصطفيٰ سولنگي ۱۸۰
۱۲. علامه سيد نجيُّ الله شاهه راشدي - امام راشدي ۱۹۰


• **ڪهاڻيون**


۱. لاس اينجلس جي هڪ خوبصورت شام - سليم چنا (سينئر) ۱۹۹
۲. ايما جي قاتل - قاضي اياز مهيسر ۲۱۰
۳. ڇڪتاڻ - رفيق سومرو ۲۱۳
۴. هنگامي ايجنڊا - طارق قريشي ۲۱۹
۵. جنگ جي ميدان ۾ - لياقت رضوي ۲۲۹
۶. پڇتاءُ - انور جوکيو ۲۳۲
۷. آس جي تياس تي ٽنگيل خواهش - ممتاز بخاري ۲۳۷
۸. پريا بادل، پيرن رُت - حُسن احمداڻي ۲۳۹
۹. دوزخ ۾ لکيل ڊائري - فرينسيمڪا پيرانتوزي ۲۴۱
- سنڌيڪار: ولي رام ولڀ


• **ڪالم**


ڊاڪٽر محمودالحسن صديقي جي ياد ۾ - غلامِ محمد لاکو ۲۴۵


• **آ ديسي اٿي ويا.....**


۱. انور هالائي - نصير مرزا/محمود مغل ۲۴۹
۲. واجد - مرتضيٰ سيال/ بدر ابڙو ۲۵۶
۳. موهن ڀڳت - نصير مرزا ۲۶۱


Gul Hayat Institute

• **تبصرا**


۱. شاهه جون آڪاڻيون - غلام محمد لاکو ۲۷۵
۲. اوڙاهه - جامي چانڊيو ۲۷۸
۳. سنڌ جي تاريخ جا وکريل ورق - امام راشدي ۲۸۱
۴. سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو - محمد پُنهل ڏهر ۲۸۳

جڳ تنين جي جاءِ، جنين ڇڏئو جڳ کي،
سَپِي تو سِهدا، جي تو سِهد نہ تن سين.

لڳو واءُ وصال، جني ساعت هيڪڙي،
تن سان لڏي لال، جنہ لئہ جڳ خلقئو.

عارف ۽ عشاق، پسڻ گُهرن پِري جو،
جنت جا مشتاق،، اجان اوراهان ٿئا.

قالب جان کثيف، تان جاه جاني نہ مڙي،
لوچي ٿيءُ لطيف، لهوارو لاهوت ڏي.

پرت ڇڏ پرڏيہ جي، ساٿيهہ،کر سنڀال.
لکن سندي لال، مَڇُڻ مفت وڃائيين.

تانسين تون نہ فقير، جانسين سانگ سسيءَ جو،
ماٺئو تن ملير، جن جُسو مال مُباح کيو.

خواجہ محمد زمان (لُواري شريف)

Gul Hayat Institute

# شاعري

"…. شاهه عبداللطيف ڀٽائي شاعريءَ کي عوامي بڻايو. عوامي مان مقصد آهي عوامي ٻولي، عوام جا جذبا، عوام جو ماحول ۽ عوام جا مسئلا. ٻيو ته شاهه عبداللطيف شاعريءَ کي عوامي بڻائڻ جي باوجود به شاعريءَ جي عظمت تي پوريءَ طرح قائم آهي. هن جي شاعريءَ ۾ ردم، موسيقيت، عڪسيت، رمزيت، اهڃاڻ - سڀ ملندا.
شاهه جي شاعريءَ ۾ وحدت جو تصور، هتي وحدت مان منهنجي مُراد آهي Unity of Universe اصولي وحدت جو تصور قائم رکڻ ۽ انهيءَ کان سواءِ هن کي اهڙو سولو بڻائڻ، جو هڪ عام ماڻهوءَ جي زبان تي به شعر اچي. اهو شاهه صاحب جو وڏو ڪارنامو آهي. اها ڳالهه تمام گهٽ شاعرن ۾ ملندي. اقبال تمام وڏو شاعر آهي، غالب تمام وڏو شاعر آهي، پر ڪاليج جا پروفيسر، ايم. اي جا شاگرد يا انهيءَ ليول جا ماڻهو ئي هنن جي شاعريءَ کي سمجهي سگهندا؛ باقي مزدور، هاري ۽ عام ماڻهو هن جو شعر سمجهي نه سگهندو. شاهه لطيف ڪمال اهو ڪيو آهي ته هڪ عام ماڻهوءَ کان وٺي هڪ وڏي ۾ وڏي اسڪالر تائين جڏهن سندس شعر پڙهن ٿا ته ساڳيءَ طرح سمجهن ٿا…" - تنوير عباسي

Gul Hayat Institute

شيخ اياز

# وايون

(١)

پنڇي پڃرن ۾،
روز وڪامن ٿا.
ڪيئي گيت ٻرن ٿا تن جا گويا پن پن ۾،
ٻوليندا ها ٻولڙيون، سي لڙڪي لامَن ۾،
ٻاڪ ڦُٽي جو ڪو ڳولي ٿو تن کي ٻَن ٻَن ۾،
ڇا جي لاءِ ڇُپي ويا هو پنهنجي ئي مَن ۾؟
ڇُپِ وئي آ ڇانئجي ڇوڏاري ڪَن ۾.

(٢)

پيرون پَٽن ٿيون نينگريون،
پِنڊا پرينديون ٿيون وڃن!
ڏِس لُوءَ ڪيڏي ٿي لڳي پر ڪونہ ٿيون ڪنهن جي مڃن،
پِنڊا پرينديون ٿيون وڃن!
ٿا تير سج جا ترورا تِرمِر ڪري تن تي سڃن،
پِنڊا پرينديون ٿيون وڃن!
آ تيز ٿي ويئي تپت پر ڪونہ ٿيون پيرو پڃن،
پِنڊا پرينديون ٿيون وڃن!

(٣)

هي ٻہ گهرجي هُو ٻہ گهرجي، هي هڏا ڇوڏار ڏِس،
آءُ هي هڪوار ڏِسِ.
اُسّ ۾ پنپيور جي تون سِجَ جي ديوار ڏس!
آءُ هي هڪوار ڏِسِ.
ٻي طرف اونداهہ لهرون ٿي هٽي، ٻي پارِ ڏس،
آءُ هي هڪوار ڏِسِ.
تيرگي ڪائي اَزل کان آهہ تارئون تارِ ڏس،
آءُ هي هڪوار ڏِسِ.
وِڄّ جڻ چمڪي پئي ڪا وِچ ڪارونيار ڏس!
آءُ هي هڪوار ڏِسِ.

(٤)

پيءُ پوڙهو، ماءُ، ڏيءَ
سڀ اُبهرا پاتِ تي.
ولهہ ڇوڏاري وَسي ٿي سَر سُڪايا ڪالهہ سيءَ،
سڀ اُبهرا پاتِ تي.
هي ٻہ آ آجيوِڪا، منهنجا ڏٽي ڇاهي ٻہ جيءَ!
سڀ اُبهرا پاتِ تي.
ڪير ڇوندو ڳوٺ ۾ آهن لڳا مانيءَ مڃيءَ!
سڀ اُبهرا پاتِ تي.

(٥)

ڪير خالي ڪُرسِيوُن،
ويا ڪري تن تان اُٿي؟
جام و مينا ميڪدي ۾ ڪن پيا ڪجهہ ڳالهڙيون!
ميز تي ڇا ڪجهہ ٻڌين ٿو، ڏٺي مٿي کي هُٿ تون؟
ڇو اڪيلو ٿو پئين ڪهڙيون اٿي ساروٽيون!
تيز ڪائيندا ڏسن ٿيون ڪيترا ٻرنديون ٻتيون!
گهگهہ ڪيڏو آ گهٽيءَ ۾، گم ٿيون سڀ روشنيون!

(٦)

موت جو گهوڙي سُوار
پَر ڪري پالا هٽي ٿو.•
راهہ هُن جي آهہ جڻ شاخِ انارُ،
پَر ڪري پالا هٽي ٿو.
وائرو جنهن تي لڳي ٿو موتمار
پَر ڪري پالا هٽي ٿو.
جنهن طرف ڏس شعلہ زن آ لالہ زارُ
پَر ڪري پالا هٽي ٿو.
جنگ جي ميدان ۾ ڪنهن کي قرارُ؟
پَر ڪري پالا هٽي ٿو.

---

• مغربي مصور بروگيل جي تصوير Triumph of death کان متاثر ٿي لکيل.

تاجل "بيوس"

# بيت

تنهنجو ٺڌيءَ ڇانوَ ۾، جُهري پيو جوڀن،
منهنجو هي جيون، ٿرن ۾ ٽڪجي نٿو.

هلي ۽ حيلا ڪري، ويني ڪنهن نہ واٽ،
نينگر ننگر پار جي، اونداهيءَ ۾ لاٽ،
گجر سارا گهاٽ، مهڪايا ملير جا.

هلي ۽ حيلا ڪري، ناهي جا نراس،
اِن ماتا جو ماس، جنهن ۾ منهنجي مامتا.

ٽوٽي پاٽي تار آ، پوءِ بہ اڌورا،
آهيون اڻپورا، جاني! هن جهان ۾.

اڪن نيريون ڦلڙيون، ٻيرين جهليو ٻور،
مون ڪان نٿي مور، وسري مهڪ ملير جي.

روهيڙي جي رُت ۾، ڇوري! مان ۽ تون،
جڻ هيءَ ساري ڀون، آهي ٻيڪ بسنت جو.

ڀڪا لُلر، ڀُسيون، روهيڙو رت ڇاڻ،
اِهو آ اهڃاڻ، سڄڻ ۽ ساٿيهہ جو.

جڻ ڪنهن مروئي، واهوندن ۾ واسيو،
ڪارونجهر جي ڪامڻي، ڀاڻ ڇڏيو ڀوئي،
لنگن ۾ لوئي، ونگيائين وجود ڪي.

ڀَرُ جيئن ڀٽيهل! وَهُہ واهيرن وچ مان،
جيئن ڪا سائي ول، ونگي هن وجود ڪي.

هوءَ ڏس ريٻارڻ، نينگر ننگر پار جي،
جڻ ڪا پوڄارڻ، گيتن ۾ گم ٿي وئي.

جڻ ڏهرن ۾ ڏيئڙا، گلن جهڙا گيت،
منهنجا آهن ميت، ماٺهو سڀ ملير جا.

ڇا هيءَ منهنجي شاعري، ناهن مينگهہ ملهار؟
آهن جنهن جا پار، سَرَ تي سانوڻ مينهن جا.

ڪالهہ بہ ڪارونجهر، رُنو ڳوڙها رت جا،
مُئو ڀَسي مور ڪي، ڏڪي ٿو ڏونگر،
الا، ڪو ٿوهر ڦُٽي ماريءَ من ۾!

مون پڻ مورجڻ، ڏٺو هن ڏهر ۾،
ڪيڏو ڏس ڪندن سان، وٺي ٿو واهڻ،
ڏڪِ ٻڪرين-ڌڻ، مهڪِي ڀونءِ ملير جي.

هو ڏس، هُن ڏهر ۾، ننگر جون ناريون،
ڪنوٽيون جڻ تہ ڪسوهہ تان، اٿن اٺاريون،
گورڙي گهاريون، شل هي جوڀن ڏينهڙا!

ڀَٽياٽيءَ جي ڀون، وِڌا وَنگ وجود ۾،
جتي ڪنهن بہ جاءِ تي، نڪا مون نہ تون،
ڏوري ڏٺوسون، تہ ناهن آتڻ اوپرا!

❄

Gul Hayat Institute

نورالهديٰ شاھ

## لُڙڪ

سڪي!
رات جو
چانڊوڪيءَ جا جيڪي اڇا اُجرا گل
منهنجي وهاڻي هيٺان ٽڙن ٿا
صبح ٿيڻ تي
سج جي گرميءَ ۾
ميڻ جيان
ڦڙو
ڦڙو
وکري
منهنجي نيڻن ۾ پرجي
شامل ٿيڻ تي
ڏيئا ٻڻجي
ٻيهر
جرڪيو پون ٿا.

احمد سولنگي

## سورت سون برابر ساري

چارڻ تنهنجو
چنگ نہ اهڙو
جهڙي سورت سونهن
تو وٽ اهڙي تند ڪٿي آ
جهڙا اُن جا وار
تو ۾ موهہ ڪٿي ڪي اهڙا
جهڙا اُن جا پيار
تو وٽ اهڙو ساز ڪٿي آ
جهڙي اُن جي چير
سورت اُجري
من جي منڙي
تنهنجي من ۾ مير
تنهنجي مُنہ ۾ ماڻڪ موتي،
هيرا لال هزار
هُن جي نيڻ بہ اهڙا جوهر
موڳا سپ وينجهار
تو وٽ سُر جو مانُ ڪٿي آ
توکي سرِ جي لوڙَ
هُن جي ڇوڙين ۾ سؤ سهرا
جهونا ڳڙهہ جي جوڙَ
تون پينار ڳلين ۾ ڳائين
تنهنجو کهڙو مُلهہ
سورت سون برابر ساري
آهي پاڻ املهہ

سوز هالائي

## گيت

او پرين! او پرين، دور ڇو ٿو وڃين،
پؤ رهي راتڙي:
او پرين! او پرين،
او پرين! او پرين.
توسان ڪرڻي اٿم، ڪا ڳجهي ڳالهڙي،
ڪاش! ويجهو اچين،
ڳالهہ ڪن ڏئي ٻڌين،
او پرين! او پرين.
تنهنجي تعريف تي چنڊ پيو آ چڙي،
چنڊ کان تون حسين،
سج جيئن ٿو لڳين،
او پرين! او پرين.
ڪيئن نہ رابيل جا گل پئا ٽڙي،
تون بہ رابيل جيئن،
شال ٽڙندو رهين،
او پرين! او پرين.
سهج ساوڻ ڪيا، مينهن آيا مڙي،
ڏينهن آيا وري،
نينهن جا او پرين،
او پرين! او پرين.

Gul Hayat Institute

انيس انصاري

طبيبو دوائن کي ڇا ٿي ويو،
عزيزو دعائن کي ڇا ٿي ويو.
نہ پرجي عطائن جو آيو ڪڪر،
نہ ڄاڻان خطائن کي ڇا ٿي ويو.
بنايو بتن کي خدا جن هيو،
انهن آ ادائن کي ڇا ٿي ويو.
شفق کي بنايو هو رنگين جن،
تنهين آ فضائن کي ڇا ٿي ويو.
اڏامڻ آ رڪجي ويو العجب،
الاهي خلائن کي ڇا ٿي ويو.
نہ منهنجن سڏن آ اثر ڪو ڪيو،
انيس آ صدائن کي ڇا ٿي ويو؟

مقصود گل

## غزل

تو جي مُرڪي ڏنو، روشني ٿي وئي،
دنبها، دنبها، زندگي ٿي وئي.
رونقون، رونقون، رات ٻهڪڻ لڳي،
چنڊ، تارا، ستارا سڄي ٿي وئي.
آدرش آس کي ديد درشن مليو،
عڪس ئي عڪس دل درسني ٿي وئي.
واءُ خوشبوءَ کي آ ڪيو وائکو،
پيار جي ڳالهہ پاڙهن ڪڇي ٿي وئي.
تنهنجي آئي خوشيءَ رقص ٻهڪي ڪيو،
درد جي خودبخود خودڪشي ٿي وئي.
چنڊ ريسارجي نيڻ توڏي ڪنيا،
لهجي جوت ان جي جهڪي ٿي وئي.
تنهنجي چهري ۾ مون جو چتائي ڏنو،
نينهن ۾ دل نچي نرتڪي ٿي وئي.
گل ۽ مکڙيون تہ تون تہ گلزار آن،
واس ئي واس تنهنجي وهي ٿي وئي.

قاضي منظر حيات

## غزل

رات جي راڻيءَ جيئن ڦهلائي خوشبو آڳر ۾،
تيئن ئي تنهنجي صورت آهي ذهن جي پاڪر ۾.
سانت ۾ سمهندي سيني سانديل سورن تي سوچي،
لڙڪن لهرون لڇنديون آهن اک جي ساگر ۾.
تنهنجي جوڙ تہ گلدستو آ، سونهن سڳنڌ ڦهلاءُ،
پؤنر جيان مان پتڪي پهتم نيٺ سنڌءِ گهر ۾.
وقت جا گوناگون مسئلا، مانگر مڇ جيان،
حسرت مڇڙيون کاچ ٿين ٿيون من جي منڇر ۾.
اوسيئڙي ۾ نس نس مان ڏس! اپريا ڪانڊيرا،
آس جا ڪيڏا ديپ جلائي آهہ تڪيو در ۾.
آهہ اُساتيل، خشڪ پياسو، رج جو رهواسي،
پوءِ بہ سُرها ساهہ ڪٽن ٿا گلڙا ٿوهر ۾.
سهڻيون ياد ڪهاڻيون دفنيل، ماضي سِڪا پيي،
مڪلي، موهن، مياڻي آهي جيون ڪَندر ۾.
ڪين ٿو وسري تاج محل جيان چاهيندڙ چهرو،
ڪيڏو عرصو چنڊ هيو گڏ، چنڊ جي اوجر ۾.
ساهہ جي پوئين سڏڪي تائين، اريبل توسان آنءُ،
پوءِ تون ڇسا لئہ آهين پياري! ايڏو ٻُڌتر ۾.
ٿشو پيپر وانگر اُڇليو رت جي رشتن پڻ،
توکي کهڙي ڳالهہ وڻي آ مُرجهيل منظر ۾.

محسن عباسي

## گيت

ڇُري چنگَ ٻيهر وڏا ڦٽ ڦولي،
رِنا رنگ ساڳيا پيا رُوح رولي.
رُسي پَرِنا رانول پيا مور مُرڪي،
ڏسي ويجهو سانول، ويا سورَ سرڪي:
وڃهي ونگَ واپس، پيو نينهن ڳولي.
لٿا آرا اڪڙيون، هيون روز آتيون،
ڪيون قرب ويتر، چٽيون چنڊ راتيون،
گلي لائي لاِلڻ، ويا راز ڪولي.
رهي سات سُرهو، سدا ساڳيو ساجن،
وري ڪين وڇڙن، مون کان منهنجا محسن،
سدا رهن سامهون مٺا ٻول ٻولي.

Gul Hayat Institute

غلام حسين رنگريز

## غزل

اجا آس آهي چپن کي چُمڻ جي،
اجا دل لڳي لئہ زمانو پيو آ.
اها حالِ دل جي اجا ابتدا آ،
ٻُڌائڻ لئہ سارو فسانو پيو آ.
اجا رنجشن جي نہ موسم متي آ،
اوهان سان ملڻ جو بهانو پيو آ.
لٿا ڪونہ سپنن جا پنڇي اکين ۾،
اجا خالي هي آشيانو پيو آ.
اجا سار ساوڻ سُري پيئي سيني،
ڏسڻ لاءِ منظر سُهانو پيو آ.
اُتي ڪيئن محفل مان رنگريز وڃجي،
پيئڻ لاءِ سارو مئخانو پيو آ.

راشد مورائي

## ڪافي

ٿـهي ڪين عمر ٿي هيئن هٿ ڪس،
ڏنا ڏائڻ ڪهڙي توکي ڏس.
اهو ظلم زوراور رک نہ روا،
هِتي مونجهہ اٿم مارن ڪان سوا،
هت پير ۾ پٿن جي تازي هوا،
هت ماڙين ۾ آ ڏادي اُبس.
دل ڳوٺ جي ڳٽتين ڳاري ڇڏيم،
هت چيلا ڪنهن جي سهاري ڇڏيم،
روئي رات سڄي تہ گذاري ڇڏيم،
هنيا نيٺ اَسُر جا ڪکڙن دس.
مون ڪي موڪل ڏس تہ مليرِ وري،
ڪٽان گهيتن جي لئہ گاه پري،
تنهنجو شڪر بجا آڻيندا ٿري،
توکي دعائون ڪندي پاءُ منهنجي نس نس.
وڃي ڪاهڙ پاسي خوب ڪلان،
هڪ جيڏين سرتين ساڻ ملان،
پنهنجي مارن سان خوش تور ٿلان،
ڪيان راشد تن سان رهاڻيون رس.

ڪرم ٽالپر

## غزل

انتظاري زندگي،
بي قراري زندگي.
سوچ ساروٽيون سڄڻ،
سُور ساري زندگي.
ڪوبہ پل آٿت نہ آ،
آهہ زاري زندگي.
پيار سان مِنٿڙي ٿئي،
زهر ڪاري زندگي.
مون ڪئي توکان ڪٿي،
وڌ پياري زندگي!
هيءَ ڪَڙِي ڪلفت ڪئي،
وِهہ ويچاري زندگي.
ياد هڪ تون ئي رهئين،
مون وساري زندگي.
واهہ جي تهذيب نئين،
جڻ تہ ڌاري زندگي!
تو اجا رولي ڇڏي،
ڪٿ سُڌاري زندگي.
لوڀ، لالچ، ڪوٽ، ڊوهہ،
آ نياري زندگي.
پيار سيڪاريون اچو،
ٿي بهاري زندگي.
ٿڌ ۾ ٿڌي، اُس ۾ گرم،
ٿر جي واري زندگي.
پيار امرت پيار جو،
آ اُجاري زندگي.
ڦٽڪندي، لُڇندي "ڪرم"،
ائين گُذاري زندگي.

Gul Hayat Institute

میر محمد پیرزادو

# گيت

توسان آهي لونءَ لڳاءُ

اڙي، او آءُ،

هلي، او آءُ.

چوڏس چنڊ جي چاندوڪي تون، پنهنجو من چڪور،
گهڙي گهڙي آ گهاءُ اسان لئہ، پل پل آهي پور۔
گهليو آ گهُور اتر جو واءُ۔

اڙي، او آءُ،

هلي، او آءُ.

جهڙ جي جهانجهہ، ڪُويري ڦڙ ڦڙ، واءُ ڪري سرڙاٽ،
اهڙي هيءَ اونداهہَ لڳي ٿي، ڪاريهر جي ڪاٽ۔
توهان جو سنڌ سنڌ ۾ سوداءُ۔

اڙي، او آءُ،

هلي، او آءُ!.

سنجها سمو ۽ اُجڙيل بَنُ آ، پنهنجي دل جو ديس،
جنهن ۾ جوڳي بين وڄائي، پائي گيڙو ويس۔
چِڪائي لهرو گهرو گهاءُ۔

اڙي، او آءُ،

هلي، او آءُ.

هاءِ اُجايون اکڙيون پنهنجون راهہ نهاري موتيون،
بيڙيون چيني چوڪيون ناهي، اولَنِ ڏيئي اوتيون،
اسان جي هاٺي وڃي ٿي ناءُ۔

اڙي، او آءُ،

هلي، او آءُ.

اسحاق سميجو

# گيت

پَرُ جيان مُند نہ آئي راس،

هيل بہ سانوڻ هيڪل گذريو.

ٽڏڙي ٽڏڙي بوند وسي ٿي،
هر هڪ پٽ مان مهڪ اُٿي ٿي،
مون ڪي تنهنجي سار اچي ٿي،
هر ڪو خوش خوش، آءٌ اداس!

هيل بہ سانوڻ هيڪل گذريو.

ڀهر ڀهر ٿو جهومي، ڳائي،
موسم بيني رنگ وسائي،
ڪيئن ڪو هِن دل کي سمجهائي،
جنهن جو تو هڪ ۾ وشواس!

هيل بہ سانوڻ هيڪل گذريو.

هير گُلن سان رقص ڪري ٿي،
مُکڙي سپنن جان مهڪي ٿي،
خواهش سيني ۾ ڦٿڪي ٿي،
ڪيئن نہ مَيارُون ٿئي هر آس!

هيل بہ سانوڻ هيڪل گذريو.

اک جي، چپ جي، دل جي پنهنجي،
هَٿ، پاڪُر، بوسَي جي اهنجي،
پاٺي لاهي ڪنهن جي ڪنهن جي،
انگ انگ جي آ پنهنجي پياس!

هيل بہ سانوڻ هيڪل گذريو.



Gul Hayat Institute

اسد ڪيريو

## بيت

آئي رُت رابيل جي، ٽانگر ڪيئي ٽِڙيا،
پرندي پونئر پريا، آئي مُند ملهار جي.

آئي رُت رابيل جي، ڳايو ملهايو،
مُنهن نہ لڪايو، منهنجي نگر جُون نينگرِيُون.

آئي رت رابيل جي، سنهڙي سنهڙي بُوند،
هيڪر اَچين هوند، مهڪي منهنجو منڙو!

آئي رت رابيل جي، ساهن ۾ سُرهاڻ،
توکي پَسي ساڻ، ٽڙيو گل گلاب جو.

سرنهن پيلا گل، ڪٽڪ وئي نسري،
توکي ڪيئن وِسري، رهاڻ پنهنجي روح جي.

سرنهن پيلا گُل، پيرين پيسرَ رَنا،
تنهنجي آهہ پُڇا، هتي هر ڪنهن روح کي.

سَرنهن پيلا گُل، ڪٽڪن ۾ آيُون،
اڃا سڄڻ تون، موٽئين نہ ماڳ تي.

اقبال رند

## غزل

موسمن جا سمورا انگل شاعري،
روحِ فطرت ۾ آهي رڪيل شاعري.
آگَريون ٿيون ڦلهورڻ گهُرن نينگري،
تنهنجي وارن ۾ وڪري ويل شاعري.
تون نہ منهنجي رڳن ۾ ڏڳي تي اُٿين،
تنهنجون ڳالهيون پنيءَ جي پنل شاعري.
ٿي رنگن جي انگن ڏي اُڏاڻي اچي،
پوپٽن جي پرن تي پليل شاعري.
هيل آگم اسان تي ڪيا عاشقي،
نيٺ آندي اندر ۾ اُٿل شاعري.

انجم قاضي

## غزل

هي ڏس ڪيڏا پيار اسان جي پلڪن ۾،
چاهت جا اظهار اسان جي پلڪن ۾.
تنهنجي مُک تي مرڪ سدائين او سائڻ!
دردن جا هي بار اسان جي پلڪن ۾.
توکي ياد رهيا ئي ناهيون پوءِ پرين!
تنهنجي چو آ سار اسان جي پلڪن ۾.
وقت مٽائي نقش سمورا ويندو آ،
رهندا هن آثار اسان جي پلڪن ۾.
غيرن جان دنيا سان گڏجي تو پي ها،
اڇلايا آزار اسان جي پلڪن ۾.
ڪين نراسائيءَ کي ايڏو پنهنجو ڪر،
ايندي نيٺ بهار اسان جي پلڪن ۾.
جهومي مهڪي روز جوانيءَ وانگيان ٿي،
سپنن جي بازار اسان جي پلڪن ۾.
جن هو نفرت مان ڪيڪاريو ڪالهہ پئي،
تن ئي اوتيا پيار اسان جي پلڪن ۾.
رنج سمورا دور ڏڪاري، پيار سندا،
آءُ اَڏِ تون جار اسان جي پلڪن ۾.

معشوق ڌاريجو

## غزل

سپنن جهالر جهڙا سندر گيت لکان،
گوريءَ گهاگهر جهڙا سندر گيت لکان.
رات ٿڌيري، هير پرينءَ جا ڳل چميا،
سوچن-جهانجهر جهڙا سندر گيت لکان.
ڪيڏي سندر ڪاج سڄي ۾ آهي هوءَ،
بوليءَ ٻئنسر جهڙا سندر گيت لکان.
تون نوري آن، جام تماچي ڪاٿي مان!
تو لئہ ڪينجهر جهڙا سندر گيت لکان.

Gul Hayat Institute

فياض چند ڪليري

# غزل

سونهن ڪي سادگيءَ ۾ ڪير ڏسي؟
پيار ڪي بندگيءَ ۾ ڪير ڏسي؟
پيار جي ساک جي ٿيا ڪڏهين!
گُل سُڪل ڊائريءَ ۾ ڪير ڏسي؟
ماڻهو اوندهه جي اوٽ جا گهورا،
روپ ڪي روشنيءَ ۾ ڪير ڏسي؟
آڳريون ٻين مٿان ڪٿي سيڪو،
پاڻ ڪي آرسيءَ ۾ ڪير ڏسي؟
هرڪو پنهنجي تلاش ۾ گُم آ،
آدمي، آدميءَ ۾ ڪير ڏسي؟
چند! دنيا دُکن جي گهيري ۾،
درد ڪي شاعريءَ ۾ ڪير ڏسي؟

"ڪوثر" هالائي

# غزل

خزائن ڪي ڇڏي هاٿي بهارن سان وجي ملبو،
حسين منظر جتي اهڙن نظارن سان وجي ملبو.
گهٽيئي وقت گهاريوسين، ڪليل آڪاش جي هينان،
خلائن کان به اڳتي چند تارن سان وجي ملبو.
هميشه کان رڳو رسوائيو ئي رسوائيون مليون آهن،
خبر ڪانهي الائي ڪڏهن پيارن سان وجي ملبو
ڪڏهن ويجها هئا جيڪي ويا سي دور ٿي آهن،
خدا چاهيو ته هاٿي پيار وارن سان وجي ملبو.
اُهو مهراڻ ساڳيو آ، مگر ساڳي نه آ مَستي،
اگر خاموش آ ڌارا ڪنارن سان وجي ملبو.
محبت جا گلابي گل، ونڻ وارا نه جي آهن،
ضروري ناهي اي "ڪوثر" ته خارن سان وجي ملبو.

عزيز ڪنگراٽي

# غزل

حُسن تنهنجو روشني آ،
شوق منهنجو درشني آ.
جُون ۾ ويران ڪاڇو،
پيار بِن جڻ زندگي آ.
چانڊني ۾ بئي مِلون ٿا،
هي به هڪڙي بندگي آ.
اک ۾ اک ۽ چپ چپن تي،
سُونهن ساغر ميڪشي آ.
خوبصورت جڳ لڳي ٿو،
پيار جي ئي دلڪشي آ.
پورهيتن کي حق ملن سڀ،
پر عمل کي دم ڪشي آ.
عشق پنهنجي ۾ پسي مون،
سمنڊ جهڙي سرڪشي آ.

ماڻڪ ملاح

# وائي

پريت آهي شاعري-
ڪنهن پرينءَ جي پارَ جي!
آءُ ان جا خيال اونيان گيت ۾-
ٻيو سموري ڊائري-
ڪنهن پرينءَ جي پارَ جي!
ڪا ته سپنن کي بنائي سُندر ٿي-
ياد آهي ٻانوري-
ڪنهن پرينءَ جي پارَ جي!
پياس بُجهتي ناهه شايد هيءَ اصل،
جا رَهي ٿي آخري-
ڪنهن پرينءَ جي پارَ جي!
مَن سندا موتي به ماڻڪ ميڙجن-
ڳاله ڳٽجي ڪا وري-
ڪنهن پرينءَ جي پارَ جي!

اسلم چنا

## غزل

دل کي پئـجي ويون عـادتون اوپريون،
درد پنهنجا لڳن ٿا، خوشيون اوپريون.
تنهنجي پاڙي جو عالم عجب آ پرين،
صورتون بي لحاظ ۽ اکيون اوپريون.
هيل موٽيس سفر تان تہ روئي ڏنم،
شهر پنهنجو هيو پر گهٽيون اوپريون.
تو پُڄاڻان کمي کا بہ کانهي مگر،
ساٿ سَڪٽا صفا، صحبتون اوپريون.
پاڻ هڪبئي جا هرگز نٿا ٿي سگهون،
چو ٿي تاتين ڇِري! خواهشون اوپريون.
چند ڪنهن جي اچڻ تي لهي، شهر ۾،
هر طرف اُڀ جيڏيون پٽيون اوپريون.
جن کي دشمن ٿي ڄاتم انهن سان ملي،
مون کي محسوس ٿيون دوستيون اوپريون.

غلام محمد غازي

## غزل

عشق لوري ٿو سڀ کي لڳائي ڇڏي،
ڪيئي پروانا ڪائي ڪپائي ڇڏي.
عشق سٿرو نہ آهي ڪري ڪو ڏسي،
سئن سرجي هٿي سر ڪپائي ڇڏي.
ڪنهن کي گهاٽي ۾ پيڙائي پرزا ڪري،
ڪنهن کي نيزي مٿان ٿو ٽنگائي ڇڏي.
يا تہ يوسف جيان ملڪ ڪنعان جو،
شهنشاه مان گداگر بنائي ڇڏي.
بي خوديءَ ۾ اَناالحق ٿا عاشق چون،
رنگ اهڙو ڏئي ٿو رچائي ڇڏي.
پيچ پختا پيا پيار جا جن ۾ سي،
نينهن نانگا ڪري ٿو نچائي ڇڏي.
ڳالهہ کهڙي تون غازي آ چيڙي ڇڏي،
عشق آ باهہ جيڪا جلائي ڇڏي.

سرتاج جاگيراڻي

## غزل

سڄو ڏينهن رستن تي رلندا رهيا،
مگر سڌ تنهنجي نہ در تي پڳا.
اسان جو ڇڏي لڙڪ پي ساٿ ويا،
لڳو لڙڪ پنهنجا بہ پنهنجا نہ ها.
سدا مرڪ توکي مبارڪ هجي،
اسان کي تہ سُڏڪا ئي سُڏڪا مليا.
سڄي رات توسان رهاڻيون ڪيون،
اڪيلو هيس نيڻ جڏهين کليا.
پري چرڪ "سرتاج" ٻاهر ڏنم
هوا ني جڏهن تاڪ دَر جا کُليا.

وشال

## غزل

پيار جو درپن بہ پرزا ٿي ويو،
دل جو ڪمرو ڄڻ تہ صحرا ٿي ويو!
عڪس ماضيءَ جا هيا ميلو هيو،
هاڻ ڪيڏو درد تنها ٿي ويو!
هن سان منهنجي روح جو رشتو هيو،
لوڪ پو ڇا لاءِ پردا ٿي ويو؟
ننڊ جي آغوش ۾ آيو مزو،
هاءِ، جيون سپنا سپنا ٿي ويو.
آئي منهنجي عشق ۾ سنجيدگي،
حسن هن جو ناز نخرا ٿي ويو.
مرڪ لڙڪن مان ٻڌي نڪتي وشال!
ڪو پرم هو ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو.

*

خليل عارف سومرو

قُول جي مهڪار ڪي،
گيت جي گونجار ڪي.
پيار چئبو آ پرين.
روشني لئہ ديپ ۾، چنڊ جي چمڪار ڪي.
پيار چئبو آ پرين.
ٻار ڪنهن معصوم جي، مُرڪ جي اظهار ڪي،
پيار چئبو آ پرين.
پيلا گُلڙا ڪيت ۾، سرنهن جي ڦُولار ڪي،
پيار چئبو آ پرين.
بانسري جي ڪُوڪ ۽ چنگ جي سُر تار ڪي.
پيار چئبو آ پرين.
شفقت جي ڇانوَ ۾، ٻاجهہ جي گفتار ڪي،
پيار چئبو آ پرين.
دل جي ڌرتي جي مٿان، موج جي وسڪار ڪي،
پيار چئبو آ پرين.
سانجهہ جي عارف سمي، خوشبو جهڙي سار ڪي،
پيار چئبو آ پرين.

رياضت برڙو

# گيت

تون پيار آن، سنسار آن،
اڻ کٽ مَني!
منهنجيءَ دل جو نارُ آن،
اڻ کٽ مَني!
دل ٿي چوي ڪو گيت ٿيان،
هڪ مُرڪ جان،
هر سُونهن جو مان ميتُ ٿيان،
هڪ مُرڪ جان،
هر ڪو پُڇي ٿو هوريان:
’مان ڪير هان؟‘
جو چنگ ٿو مان چوريان،
’مان ڪير هان؟‘
مان سنڌ جي آهيان مِٽي،
منهنجي مِني!
موهن دڙي جي هڪ گهِٽي،
منهنجي مِني!

سڪندر شيخ

# غزل

جسم جي وڻ منجهان نيٺ ويندي ڇٽي،
زرد ڪنهن پن جيان ٿي وئي زندگي.
گهاوَ سارا بدن جا تہ ڀرجي ويا،
پر لڳل ضرب دل جي نہ ڀرجي سگهي.
جهڙِي جيوت جُڙي اي ٻُگهيلا نہ رو،
ويندي گذري ڪٽي پو ڏکي يا سُکي.
هن مون کي نہ مون هن کي سمجهي سگهيو،
چٽنگ تلخيءَ سندي پيئي دکندي رهي.
ڪين برسي اڃا من جي صحرا مٿان،
مک ڪنهن جي منجهان مرڪ واري ڪٽي.

جاويد

# وائي

خط مون ڏانهن لکي، تو اماڻيو سکي،
من مهڪي پيو.
ذائقو پيار جو ها ڏنم جو چکي،
من مهڪي پيو.
رات رابيل جان ڏينهن سورج مکي،
من مهڪي پيو.
ديد لئہ منتظر نيڻ پنهنجا رکي،
من مهڪي پيو.
تنهنجي تصوير کي ها اکين تي رکي،
من مهڪي پيو.

Gul Hayat Institute

منظر راڄپر

## غزل

سپنن ۾ هوءَ ملندي آهي،
سوچن ۾ هوءَ ملندي آهي.
سک جا سارا لنگهه لتاڙي،
دردن ۾ هوءَ ملندي آهي.
مان جڏهن مان ٿيندو آهيان،
گفتن ۾ هوءَ ملندي آهي.
منهنجي من کي ايندي ويندي،
رستن ۾ هوءَ ملندي آهي.
پيار جي ڪائي حد نه آهي،
لهرن ۾ هوءَ ملندي آهي.
منظر هُن جا روپ هزارين،
عڪس ۾ هوءَ ملندي آهي.

آغوش لوهاڻو

## دردن جي موسم

دردن جي موسم
اکين جي وڻن مان
لُڙڪن جي پن ڇڻ
اڃا به ٿئي ٿي
اڃا به اسان جي نيڻن جا ڪاڳر
انتظارن جا نظم لکندا رهن ٿا
ڪيڏارا ۽ مرثيا به چوندا رهن ٿا-
۽ پُڇندا رهن ٿا،
اوهان جي شهر مان ايندڙ هوا جي گُلابي جهوٽن ڪان
نه ڇا ڪا لوڪ گيتن جهڙي وينگس
اکين ۾ اجرڪ جي رنگن جا سپنا سجائي
اسان جون راهون نهاريندي به آهي
رولاڪ آغوش جي يادن جا ڏيئا ٻاريندي به آهي؟
يا رڳو پنهنجي ٽشو پيپر جهڙن نازڪ ڳلن تي
ٻاڪ جي مُرڪ، ماڪ ڦڙن جهڙن نازڪ چپن تي
بي رخي جا بادل سجايو ويٺي آهي
صحرا صحرا اسان جو هي جيون بنايو ويٺي آهي.

صابر هيسباڻي

## غزل

دل جي ڪٿي لڳي ته انهيءَ سان وفا ڪجي،
سر جي سَخا جدا ڪجي، زر جي جدا ڪجي.
جي ٿو پڇين ته پيار تان سر کي فدا ڪجي،
ها ها ڪجي ڪجي ۽ ڪروڙين دفعا ڪجي.
راهِ وفا جو پنڌ اويڙو پلي هجي،
جي ابتدا ڪجي ته هلي انتها ڪجي.
تخليق جي ثنا به آ مالڪ سندي ثنا،
ذڪرِ صنم به سمجهه تو ذڪرِ خدا ڪجي!
تيرِ نظر جي سامهون سينو سپر ڪري،
حق دوستي جو يار هميشه ادا ڪجي!
صابر ڪجي ڪجهه ته پلا نيٺ ڇا ڪجي؟
دامن پڪيڙي يار کي دل سان دُعا ڪجي.

رخسانه پريت چنڙ

## غزل

ڪُهنبو رنگ نيڻن ۾ آيو،
جو تا رات سڄي جاڳايو.
هيڏانهن من يادن سان اٽڪيو،
هوڏانهن ڪنهن بادل چرڪايو.
ڪانه جوي دل پيار ڪرڻ تي،
جو تا ڪوڙ ايڏو ڳالهايو.
پاڻ ٽٽل شيشي جيان پيارا!
پوءِ به اسان کي تا پيا چاهيو.
نيڻ بچائي تا ڳالهيون ڪن،
ڳالهه انهيءَ تورو چرڪايو.
هاڻ روئي پيو، پاڻ نه هو هِن،
شيشي سان پٿر ٽوڙايو.

Gul Hayat Institute

روبينہ ابڙو

# وائي

ڪاش ڪنهن نانو ۾،
آءُ ليجي پوان!
گـيت لکندو رهين، ها سنڌءِ ڏانوَ ۾،
آءُ ليجي پوان!
ٿورو جاچي تہ ڏِس ُچا خبر هيانوَ ۾،
آءُ ليجي پوان!
پاڻ سورج پرين، چاهيان ڇانوَ ۾،
آءُ ليجي پوان!
جوڙ پي، ڇا خبر، ڪنهن پڳل ٽانو ۾،
آءُ ليجي پوان!

شاهہ خالد

# غزل

منهنجي گهر ۾ تنهنجي خوشبو،
ساري تر ۾ تنهنجي خوشبو.
من مندر ۾ تنهنجي خوشبو.
هر اندر ۾ تنهنجي خوشبو.
جملو جملو، سهڻو سهڻو،
اکر اکر ۾ تنهنجي خوشبو.
شاهہ لطيف جي بيت ۽ وائي،
زير زبر ۾ تنهنجي خوشبو.
ماڻ ۾ تون، آوازن ۾ تون،
ڇوهہ ۽ ڇر ۾ تنهنجي خوشبو.
واريءَ جو هر داڻو پيارو،
ساري ٿر ۾ تنهنجي خوشبو.
واهڻ واهڻ، وستي وستي،
ڳوٺ شهر ۾ تنهنجي خوشبو.
دريا دريا، ڇولي ڇولي،
لَهر لهر ۾ تنهنجي خوشبو.
ڌرتي مهڪ ورهائي تنهنجي،
۽ امبر ۾ تنهنجي خوشبو.

صفر ڪلهوڙو

# وائي

اوسيئڙو نہ ڪجانءِ
ايندوسانءِ تہ اوچتو-
وقت وڃائي فون تي ڏوراپو نہ ڏجانءِ
اوسيئڙو نہ ڪجانءِ
منهنجي اچڻ جون ڳالهڙيون ڪنهن سان ڪين ڪجانءِ
اوسيئڙو نہ ڪجانءِ
بيهي در جي چائنٺ تي لڙڪ نہ لاڙيجانءِ
اوسيئڙو نہ ڪجانءِ
هڪڙي رات رهي، وري هليو ويندوسانءِ،
اوسيئڙو نہ ڪجانءِ

ضمير ڪرل

# غزل

جان ٽڙڪڻ لڳي
رت ٽچڪڻ لڳي
يارَ ياري پڳي
سوچ مٽجڻ لڳي
واءُ اهڙو ڳُهليو
سڪ اڏرڻ لڳي
سچ آڏو بتي
آهي وَقلڻ لڳي
آرسي جو ڏنم
چاندي چمڪڻ لڳي
تون جمالو نہ ڳا
دل آ دڙڪڻ لڳي



Gul Hayat Institute

”....تعليمي سلسلي ۾ جا هڪ تشويشناڪ ڳالهہ آهي سا هيءَ تہ پوين ٽيهن سالن کان وٺي سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ جا نہ فقط معيار گهٽجي ويا آهن بلڪ بنياد لُڏي ويا آهن: يعني تہ ملڪ ۾ عام تعليمي انحطاط سان گڏ خاص طرح سنڌي پرائمري اسڪولن جو نظام ۽ انتظام هن عرصي ۾ زوال پذير پئي رهيو آهي، جنهن کي روڪڻ لاءِ ضروري آهي تہ ان طرف فوري طور توجهہ ڏنو وڃي. سنڌ ۾ تعليمي نظام جي سڌاري جي شروعات پرائمري تعليم جي سڌارن سان وڌيڪ مؤثر نموني ۾ ٿي سگهي ٿي، ۽ وقت آيو آهي جو سرڪاري طور ان سلسلي ۾ هڪ تحقيقي ڪاميٽي قائم ڪئي وڃي جيڪا بين مسئلن سان گڏ خاص طرح ٻهراڙيءَ ۾ پرائمري تعليم جي زوال کي روڪڻ لاءِ ضروري سفارشون ڪري. پر هرڪا ڳالهہ فقط سرڪاري طور تي سنڀالي نٿي سگهجي: ان سان گڏ اهو بہ ضروري آهي تہ غير سرڪاري سطح تي پڻ سماجي ۽ ادبي تنظيمن طرفان سنڌيءَ ۾ پڙهائي جي ڪرندڙ معيار تي غور ڪيو وڃي، نتيجي خيز مڪالما ۽ مباحثا منعقد ڪرايا وڃن، ضروري سفارشون مرتب ڪيون وڃن، ۽ پڻ سڌاري ۽ واڌاري لاءِ مناسب اُپاءُ ورتا وڃن. ان کان سواءِ تعليمي نظام جي هر سطح تي سنڌي پڙهائيندڙ استادن تي سندن پيشہ ورانہ جوابداري جي ناتي سان پڻ خاص ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ هو سنڌيءَ ۾ تعليم جي ڪرندڙ معيارن کي روڪڻ جي پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪن. پرائمري سطح تي سنڌي پڙهائيندڙ اُستاد ۽ اُستاديائڻ سنڌي ٻوليءَ جا 'ابو امان' آهن، ۽ مٿين سطحن تي تعليم ڏيندڙ استاد سنڌي ٻوليءَ جا 'معمار' آهن. ملڪ جي تعليمي نظام ۾ پنهنجي مقام پيدا ڪرڻ ۽ سنڌي ٻولي جي صحيح معنيٰ ۾ خدمت ڪرڻ کان سواءِ، سندن عزت ۽ عظمت بہ انهيءَ ۾ آهي تہ هو پنهنجي لياقت کي وڌائين ۽ هلندڙ وقت کي غنيمت ڄاڻي وڏيءَ محنت سان پڙهائين، تہ جيئن وڏي لياقت وارا شاگرد پيدا ٿين جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي صحيح معنيٰ ۾ ڄاڻ رکن ۽ پڻ خدمت ڪن. گذريل سادن چئن سون سالن تائين، سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ نوڙي سنڌيءَ ذريعي استعمال ٿيڻ واري شاندار تاريخ جي باوجود، موجوده وقت ۾ سنڌيءَ ۾ تعليمي مسئلو هڪ نهايت نازڪ موڙ تي بيٺل آهي، جنهن ڏانهن فوري طور ڀرپور توجهہ نہ ڏنو ويو تہ سنڌي زبان جي آئنده اوسر ۽ اهميت تي وڏو اثر پوندو...“

--ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Gul Hayat Institute

# مقالا

مون ڏنو تہ سنڌ جون جيڪي بہ قديمي تاريخون آهن، انهن ۾ سنڌ جي ماڻهن کي نيچ ۽ ڪمذات ڪونيو ويو آهي. انهيءَ گناهہ ۾ غير سنڌي ۽ سنڌي مؤرخ ٻئي شامل هئا. اهي تاريخون فارسيءَ ۾ لکيون ويون، ڇاڪاڻ تہ فارسي، عربي ڪان پوءِ سنڌ جي ارغونن، ترخانن ۽ ٻين فاتحن جي زبان هئي. انگريزن جي صاحبيءَ ۾ جڏهن سنڌيءَ کي تسليمي ملي ۽ ان ۾ تاريخ جا ڪتاب لکيا ويا تہ سنڌي مؤرخن ساڳي پراڻي غلطي ڪري فارسي تاريخن جي نقالي ڪئي ۽ سنڌ جي فاتحن کي 'ظل الله' جي خطاب سان سڏيو.

منهنجي خدمت اها آهي تہ مون سنڌ جي تاريخ جي سمورن مجرمن، سياهہ ڪارن، باغين ۽ خونين کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هنن سنڌ ۽ اهل سنڌ جي مٿان جيڪو ظلم ۽ تشدد ڪيو، تنهن کي پنهنجين تصنيفن ۾ آشڪار ڪيو اٿم. ان لحاظ کان مون سنڌ ۾ تاريخ نويسيءَ کي نئون موڙ ڏنو آهي، جنهن تي مون کي بجا طور فخر ۽ خوشي آهي. اڄ جو نوجوان، جيڪو وطن جي جذبي سان سرشار آهي، اهو منهنجي سالن جي تاريخ جي مطالعي ۽ سوچ موجب صحيح راهہ تي هلي رهيو آهي. آءٌ نوجوانن کي عرض ڪندس تہ هو تعليم ۾ چاهہ وٺن. مون کي افسوس آهي تہ اڄ جي شاگردن ۾ علم سان انس گهٽ آهي ۽ استاد بہ ڪي قدر فرض ادائيءَ ۾ ڪوتاهي ڪري رهيا آهن. جنهن قوم وٽ علم ۽ عالم لاءِ مان نہ آهي، اها اڳتي وڌي نہ سگهندي. جرمنيءَ جڏهن روس تي حملو ڪيو تہ روسي پنهنجن عالمن کي لڏائي محفوظ هنڌن ڏانهن وٺي ويا. جڏهن ان تي عوام جي هڪ طبقي طرفان اعتراض ٿيو تہ ان کي حڪومت جواب ڏنو تہ عام ماڻهو روزانو ڄمن ۽ مرن ٿا، پر عالم روزانو پيدا ڪونہ ٿا ٿين. اهي پوريءَ قوم جي ميراث آهن ۽ انهن جو تحفظ ۽ سلامتي، علم ۽ هنر جو تحفظ ۽ سلامتي آهي، جنهن کانسواءِ اسان جي قوم اڳتي وڌي نہ ٿي سگهي. عالمن وانگر علمي ادارن جو احترام پڻ لازمي امر آهي. ڪابہ سجاڳ قوم پنهنجن علمي ادارن کي زوال پذير ڏسڻ نہ گهرندي آهي. سنڌي ادبي بورڊ جيڪو علمي ڪم ڪيو آهي، انهيءَ سنڌ کي يورپ، وچ اوڀر، روس ۽ آمريڪا ۾ شهرت بخشي آهي. اميد تہ سنڌ جا اديب، شاعر ۽ دانشور مسلسل محنت ۽ مشقت ڪري سنڌ جي علم ۽ ادب کي اوج تي رسائيندا.

- سيد حسام الدين راشدي

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# ٿر جا مدرسا

## مدرسو مظهرالحق والهداية، راوت سَر

[نوٽ: ٿر جي مدرسن گذريل دور ۾، ٿر جي ڏورانهن پاڱن ۾ تعليم کي پکيڙڻ ۾ وڏي خدمت سر انجام ڏني. سنڌ جي تعليمي تاريخ لکڻ لاءِ انهن مدرسن جي تاريخ کي روشن ڪرڻ جي وڏي ضرورت آهي. اوائلي دور جي مدرسن مان وڏي ۾ وڏو مدرسو چوٽيارين جو هو، جنهن بابت تحقيق ڪري راقم هڪ تفصيلي مقالو لکيو، جيڪو رسالي "پيغام" ۾ شايع ٿيو. پوئين دور جي مدرسن مان "مدرسو مظهرالحق والهداية راوت سر" (تعلقو ڇاڇرو) هو، جنهن جي احوال معلوم ڪرڻ لاءِ تاريخ ٣- آڪٽوبر ١٩٩۴ع تي راوت سر ويس، جتي حال حيات پير مرد مولوي مفتي حاجي محمد عالم کان مدرسي جي تاريخ بابت حالات مليا ۽ پڻ مدرسي جا شاندار آثار ڏٺا ويا، جيڪي هن وقت زوال پذير آهن. ان بعد، مدرسي جي باني مولوي عبدالحق (ثاني) جي فرزند ميان محمد وارث، جيڪو هن وقت ٿالهي، تعلقي ساماري ۾ رهندڙ آهي، تنهن پنهنجي خاندان ۽ مدرسي جي باني مولوي عبدالحق صاحب (اول) ۽ مدرسي جي استادن ۽ شاگردن بابت تفصيلي احوال لکي موڪليو. هن مضمون جو مدار مولوي محمد عالم صاحب کان ڪيل پڇا ۽ ميان محمد وارث جي ڏنل تفصيل تي آهي - ن . ب]

**مدرسي جي باني جو خاندان**

ٽالپورن پنهنجي حڪومت قائم ڪرڻ ساڻ عمرڪوٽ جو قلعو فتح ڪري، عمرڪوٽ وارو علائقو جيڪو ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جوڌپور جي راجا کي ڏيئي ڇڏيو هو ۽ جنهن ۾ ٿر جو گهڻو پاڱو اچي ٿي ويو، سو جوڌپور کان کسي سنڌ سان شامل ڪيو، ان بعد ٿر واري ڏاکڻئين توڙي اُبرندئين سرحد تي چوڏاري قلعا ۽ پڪيون چوڪيون نهرايون، جنهن ڪري ڪچ توڙي جوڌپور طرفان سرحدي حملا ختم ٿي ويا ۽ سڄي ٿر ۾ هميشہ جي لاءِ امن امان ٿي ويو. ٿر جي سرحدن جي دائمي سلامتيءَ لاءِ ٽالپورن مقامي قبيلن کي همٿايو ۽ وسايو، جن مان مياڻا، ڪوسا ۽ دَل، رِند ۽ چانڊيا خاص طرح سرحدن جا محافظ ٿيا.

چانڊين مان چانڊڪا پرڳڻي جي نواب غيبي خان جي گهراڻي مان سردار بلوچ خان غيبي ديرو ڇڏي هيٺ لاڙ طرف آيو ۽ ڏاجهيري جو مڪان (تعلقو ڏگهڙي)، جتي جهنگ ۽ پاڻي هو، اچي وسايائين ۽ وڏي سخاوت ڪيائين، جنهن ڪري "سخي بلوچ خان، ڏاجهيري جو ڏاتار" مشهور ٿيو. روايت موجب هيٺين ڪهاوت سندس سخاوت سببان مشهور ٿي:

ڏهہ ڏاتار اڳي هئا، ڪارهون ڪانيُو ڄام
ماني ڪٽي مٿي ڪيو ٻارهون بروچ خان

سخي بلوچ خان ٿر جي ابرندين سرحد کي سنڀالڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ جيسلمير طرفان ڌاڙيلن کي ختم ڪيائين. ڇاڇري جا پوجراج ٺَڪُر، تن کي ويراواه جي سَنو نالي ٺڪر گهڻو آزاريو. ڇاڇري جو رتن سنگهہ پوجراج،

سخي بلوچ خان وٽ مدد لاءِ آيو. جنهن تي بلوچ خان پنهنجي پنج سؤ لشڪر سان ويراواه تي چڙهائي ڪئي. پهرين منزل جَنجهير، ٻي منزل ڇاڇرو، ٽي منزل سارنگهيار، چوٿين منزل ڀيلُو ۽ پنجين منزل ويرا واه تي وڃي حملو ڪيائين. سَتو نڪر مقابلي جي طاقت نہ ساري سگهيو ۽ اڳ ۾ ئي اتان نڪري ويو. بلوچ خان سندس پنيان پيو، پر سَتو سانچور علائقو بہ ٽپي پرتي هندستان هليو ويو ۽ وري ويراواه نہ آيو. ان وقت جو ڏاٽڪي ۾ بيت تہ:

بلوچ خان رِي ڀيهَن، سَتو سانچورون اگهو ٿيو

سمَهون ٿيو سينَهن، پڇي نہ آيو پارڪر

## راوت سَر جو آباد ٿيڻ ۽ تعليمي مرڪز بنجڻ

راوت سر ڪنهن آڳاٽي وقت کان وني پوجراج نڪرن جي ڇاڇري رياست ۾ هو. پٿرن جا ٻڌل تي قديم کوهہ ان آڳاٽي دور جا يادگار آهن. ستي نڪر خلاف سخي بلوچ خان رتن سنگهہ جي مدد ڪئي ۽ اڳتي لاءِ پڻ سندس سهاري وڻڻ لاءِ هنن بلوچ خان کي نياڻي ڏني (جيڪا نڪر اڪِي، جيڪو پاڪستان وقت سئو کن ورهين جي عمر جو هو، تنهن جي پڦي هئي) ۽ پڻ ٽي پراڻا ڳوٺ راوت سر، هيرار ۽ ٻسارٽيو ڏاج ۾ ڏنا. بلوچ خان وعدو ڪيو تہ هو پنهنجي اولاد کي هميشہ لاءِ اُتي رهائيندو. پوءِ سخي بلوچ خان جي اولاد مان جام خان هميشہ لاءِ راوت سر ۾ گهر ڪري وينو ۽ سندس اولاد اڄ تائين راوت سر ۾ آباد آهي. هيرار ۾ بہ سندن ٻنيون آهن: البت ٻسارٽيو ۾ ڪا زمين ناهي.

ٽالپورن جي دور ۾ جڏهن مڪتبي تعليم ترقي ڪئي ۽ نيڪ مردن مڪتب قائم ڪيا تڏهن حاجي جام خان پهريائين هڪ ڪچي مسجد جوڙائي ۽ ان ۾ مڪتب جي پڙهائي شروع ٿي، جنهن ۾ قرآن شريف جي تعليم باقاعدي ڏني ويندي هئي، انهي مسجد ۾ ئي پوءِ سن ۱۸۰۰ ڌاري مدرسي جو بنياد پيو.

## مدرسي جو باني

مدرسہ مظهرالحق والهداية جو باني مولانا حڪيم مفتي عبدالحق صاحب چانڊيو هو، جيڪو پنهنجي تر ۾ پنهنجي تبليغي ۽ تعليمي خدمت جي ڪري "ميون ٽَر جو ڏيئو، ڏيهہ جو ڏيئو" سڏجڻ لڳو. علم سان محبت ۽ علم جي خدمت ڪيس پنهنجي والد حافظ بلوچ خان کان جڻ ورثي ۾ ملي.

حافظ بلوچ خان ميان حافظ احمد خان (ٽئين) جو وڏو پٽ هو. راوت سر ۾ ڄائو ۽ رهيو. سنڌ ۾ ڳوٺ ٽالهي ۾ بہ رهندو هو. ٽالهي ميمڻ لڳ ٽالهي حاجي جعفر چانڊيي ۾ مدرسو کوليائين. انهيءَ مدرسي مان بہ ٽي چڱا خاصا مولوي فارغ التحصيل ٿيا. هن بزرگ کان پوءِ مدرسوسنو هلي نہ سگهيو. هن بزرگ ٽالهي ۾ وفات ڪئي هئي. سندس مزار شرف الدين بلالاڻي جي پيراندي ۾ آهي (قبرستان شرف الدين بلالاڻي لڳ ٽالهي).

مولانا حڪيم مفتي الحاج محمدعبدالحق چانڊيو حافظ بلوچ خان جو اڪيلو پٽ هو. سندس جنم ڳوٺ راوت سر، تعلقي ڇاڇري ۾ سومر جي رات ۱۰ذوالحج ۱۲۹۱ هجري ۾ ٿيو، سندن والد ماجد جمڻ کان ۴ مهينا اڳ وفات ڪري ويو هو. سندس ڏاڏي ميان حاجي احمد خان کيس قرآن شريف پڙهايو. جڏهن اٺن سالن جو ٿيو تڏهن پنهنجي ڳوٺ کان ٻاهر وڃي پڙهيو.

شروع ۾ رِپ جي مدرسي ۾ پڙهڻ وينو، انهي بعد حيدرآباد پڙهڻ ويو، جتان پوءِ پير صاحب پاڳارن جي مدرسي ۾ تعليم مڪمل ڪري فارغ التحصيل ٿيو ۽ دستاربند ٿيو.

سن ۱۸۹۸ع ۾ سندس جد امجد حاجي احمد خان وفات ڪئي. سندس والد حافظ بلوچ خان اڳ فوت ٿي ويو هو. قوم جي پڳ جد امجد کان پوءِ کيس ٻڌائي ويئي.

ان بعد مولانا صاحب پنهنجي اهليت ۽ قابليت سان تپيدار ٿيو ۽ قوم جي ماڻهن کي انصاف ڏياريائين. چئن سالن بعد استعفا ڏئي ڇڏيائين ۽ انگريزن جي حڪومت جي خدمت بدران پنهنجي وطن ۾ تعليم ذريعي ماڻهن ۾ سجاڳي آڻڻ کي ترجيح ڏنائين.

مولانا صاحب بدن ۾ هلڪا هئا، رنگ سانورو، قد پورو پُنو، سلوار قميص، صدري ۽ مٿي تي ڪاري لونگي ٻڌندا هئا. هٿ ۾ لٺ کڻندا هئا. تمام سادو پهريندا هئا. ماڻهن کي وعظ ڪري فضول خرچي کان روڪيندا هئا ۽ جائز خرچ ڪرڻ جي همت افزائي ڪندا هئا.

مولانا صاحب ڳوٺن ۾ وڃي دين جو ڳالهيون ٻڌائيندا هئا. حج لاءِ همٿائيندا هئا. انهي وقت سڄي هن ٿر خطي ۾ جاهليت گهٽي هئي، ماڻهو غلط رسمن ۾ ڦاٿل هئا. مولانا صاحب اُهي رسمون ختم ڪرايون ۽ پڪيون اسلامي رسمون رائج ڪيائون. ڳوٺن ۾ ننڍا مدرسا قائم ڪرايائون، ڪافي غير مسلم سندن هٿ تي اسلامي حلقي ۾ آيا.

مولانا صاحب وڏا نيڪ ۽ خدا پرست هئا. زمين ۾ ڪٿي به حصو نه رکيائون. زمينون سندن ٻين عزيزن جي حوالي هُيون. هارين کي تنگ نه ڪرڻ ڏيندا هئا. ڪڏهن به زڪواة ۾ پئسا پاڻ لاءِ خواه مدرسي لاءِ نه ورتائون، مدرسي جي امداد لاءِ ڪنهن کي به تنگ نه ڪندا هئا.

وڏا فراخدل ۽ سخي انسان هئا. سڀني جي مدد ڪندا هئا. پاڙي وارن جو خاص خيال رکندا هئا. ڪاڏي مان پهريان پاڙي وارن ڏي موڪلي پوءِ پاڻ کائيندا هئا. سدائين روزي ۾ رهندا هئا سواءِ ممنوع ڏينهن جي. نفلات تمام گهڻا پڙهندا هئا. سواري تي به نفل ادا ڪندا رهندا هئا. رات جو وڏو حصو عبادت ۾ گذاريندا هئا. سدائين تسبيح پيا پڙهندا هئا. تلاوت ڪلام پاڪ، ورد، دلائل خيرات، اسحابي وقتن ۽ ٻين وردن ۾ ناغو نه وجهندا هئا. تهجد، اشراق، ضحيٰ، اوابين وغيره نفلات ۾ پڻ ناغو نه وجهندا هئا. پاڻ پنج حج ادا ڪيا هئائون. هڪ پيري ڪو ماڻهو ديره غيبي خان مان آيو هو ۽ ڪچهري ۾ چئي رهيو هو ته اسان اڄ به نواب آهيون، اوهان جا مائٽ هتي آيا ته انهن چا ڪيو. مولانا صاحب تسبيح ڏيکاريندي چيو ته اسان بس الله جي رضا تي راضي آهيون.

مولانا صاحب سرڪاري خواه عام ڪمن ۾ سڀني ماڻهن کي نيڪ مشورا ڏيندا هئا. درخواستون وغيره مفت ۾ لکي ڏيندا هئا. ضرورت مندن جي مدد ڪندا هئا. ماڻهن ۾ صلح ڪرائڻ جي وڏي ڪوشش ڪندا هئا، جنهنڪري گهڻائي جهيڙا ختم ٿي ويا ۽ سڀ ماڻهو ڪير ڪند ٿي ويا.

مولانا صاحب خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو. جلسن ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ ماڻهن کي آزادي جو شعور ڏنائون. پاڻ به ڀرپور عمل ڪندا هئا. مولانا صاحب تحريڪ جي سلسلي ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سيٺ عبدالله هارون ۽ محمد صادق ڪڏي واري سان پاڻهن ٻيلي ٿي رهيا.

مولانا صاحب برصغير جي سڀني مشهور شهرن جو سير ڪيو. خصوصاً دهلي، بمبئي، اجمير شريف، مُلتان، ڪراچي، روهڙي، بيت المقدس، شام ۽ ٻين عرب جي مکيه جاين تي به ويا.

مولانا صاحب جن عُلمائن جا صحبتي ۽ ساٿي سدائين ملاقاتون ڪندا رهندا هئا، انهن ۾ حضرت پير غلام مجدد جان سرهندي صاحب مٽياروي، مولانا محمد صادق صاحب ڪڏه ڪراچي، مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي صاحب، سيٺ عبدالله هارون ڪراچي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، مولانا محمد عثمان قراني صاحب، مولانا محمد عثمان ڪورواهي صاحب، مولانا محمد صالح سمون ميرپور خاص ۽ ٻيا سنڌ ۽ هندستان جا عُلماءُ سڳورا شامل آهن.

مولانا صاحب کي اولاد ۾ ٻه ڌيئر ۽ هڪ پٽ مولانا حڪيم مفتي عبدالهادي صاحب عليه الرحمة هئا.



Gul Hayat Institute

مولانا صاحب جيد عالم، حڪيم، دانشور ۽ مفتي سان گڏ هڪ سُٺا شاعر بہ هئا. سندن شاعري ناصحانہ، حمديہ، نعتيہ، منقبتيہ، مناجات وغيره تي مشتمل هئي. مولانا صاحب لکندا نہ هئا. نموني خاطر سندن هڪ مولود هيٺ ڏجي ٿو.

ٿل: هن هيٺئي ڪي ڏيکاريو پچرو پاڪ پرين، مِلان ڪي محبن پهچان ڪي پرين،
واٽ سڄي صلواتون پڙهان دم دم تي دوستن، ڏوري ڏونگر لڪيون چڙهي تان چوٽين،
ماٺڪي محبوبن چمان وجي ساڻ چشمن، پيراندي پرينءَ رسول جي ويهان ساڻ ادبن،
ظاهر باطن زود ڏسان سيد سونهن سپين، پائي پانڌ ڳچي ۾ اچي حال چوان ڪي هوتن،
عاجز ايري آهيان طاقت نہ آهيم تن، راهہ ۾ رسائين تون رزق سائين بي ثمرن،
عبدالحق احقر جون اُميدون شل پُجن، سيرانديءَ پرين رسول جي پساهہ مون پُجن.

مولانا حڪيم مفتي الحاج عبدالحق تاريخ ١٣ شعبان ١٣٥٨ هجري مطابق ٢٨ جنوري ١٩٣٩ع تي وڃي پنهنجي محبوب حقيقي سان مليا. سندن وفات عزيزن، قريبن، احبابن ۽ شاگردن کي وڏو غم ۽ رنج رسايو. وفات وقت سندن عمر ٦٧ سال هئي. سندن پوٽي مولانا احمد علي ولد مولانا حاجي عبدالهادي وفات جي تاريخ هن طرح منظوم ڪئي:

اڄ ڏيئو ڏيهن سندو ويو دار دنيا مان لڏي،
اقربا احباب پنهنجا سڀ ويو گوندر گڏي
سال هاتف ڪان پُڇيو مون ساڻ ابجد جي اکر
جنهن ٻڌايو ايزدي مغفور جلدي با خبر.
١٣٥٨هہ

## اولاد ۽ عالم جن مدرسي کي جاري رکيو

مولانا حڪيم مُفتي حاجي محمد عبدالهادي (١) صاحب.

مولانا حڪيم مفتي حاجي محمد عبدالهادي ولد مولانا حڪيم مفتي الحاج محمد عبدالحق صاحب چانديو ١-جمادي الاول ١٣١٧ هجري مطابق ٣ جون ١٨٩٧ع بروز سومر ڳوٺ راوت سر تعلقو چاچرو ضلع ٿرپارڪر ۾ پيدا ٿيو. اسلامي تعليم جي لاءِ آبائي مدرسہ راوت سر ۾ داخل ٿيو. استادن جن جي زير تربيت علم حاصل ڪيائون انهن ۾ سندن والد بزرگوار مولانا الحاج ميان عبدالحق صاحب، مولانا محمد امين گوهر صاحب ساند ۽ مولانا عبدالحڪيم صاحب درس هئا. پاڻ تمام ذهين هئا. سڄي توجهہ علم ڏي هُئي. جڏهن فارغ التحصيل ٿيا، تڏهن سندن دستاربندي جي رسم لاءِ ٢٧ رجب ١٣٤٢ هجري ۾ وڏي دعوت جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌ ۽ ٿر جا وڏا عُلماء شريڪ ٿيا. مولانا صاحب کي دستار جو ٻهريون وَر مولانا محمد عُثمان قراني ڏنو هو. مولانا صاحب بعد ۾ مدرسي ۾ استاد جي حيثيت سان ڪم شروع ڪيو. انهي ڪان پوءِ مسلم اسڪول راوت سر مان پنج درجا سنڌي پڙهي فائنل جي تياري ڪيائون ۽ مِٺي مان فائنل جو امتحان پاس ڪيائون. گهڻو وقت مطالع ۾ صرف ڪندا هئا.

مولانا صاحب ١٣٥٥ هجري ۾ حج ادا ڪرڻ ويا. حج دوران سندن رفيق حاجي الهڏنہ مهراڻ پوٽو، حاجي يار محمد ٽالهي، حاجي مقيم ميمڻ ٽالهي ميمڻ هئا. مڪي ۾ سورهيہ بادشاه صبغة الله دوم سان ملاقات جو شرف ماڻيائون. مديني ۾ وڃي جامع مدينہ جي شيخ سان ملاقات ڪيائون ۽ علمي مجلسون ڪيائون. سندن تعليم ڪان شيخ

صاحب گهڻو متاثر ٿيو ۽ پنهنجي سَندَ مولانا صاحب کي عطا ڪيائين.

مولانا صاحب حج پڙهي ڳوٺ پهتا. مدرسي ۾ درس تدريس ۾ لڳي ويا. ڪجهه وقت بعد ١٣ شعبان ١٣٥٨ هجري ۾ پدري شفقت جو سايو لهي ويو.

سندن والد بزرگوار مولانا الحاج ميان عبدالحق صاحب وفات ڪري ويو ته، سڀ ذميداريون مٿن عائد ٿي ويون. الله جي رضا تي راضي رهيا ۽ ڪمربسته ٿي هر ذميداري کي سنڀالڻ لڳا. اجا انهي صدمي جو گهاءُ لٿو ئي نه هو ته ١٩ جمادي اول ١٣٦٠ هجري ۾ سندن وڏو پُٽ جناب مولانا احمد علي اصغر صاحب ڦوهه جواني ۾ داعي اجل کي لبيڪ چئي وڃي حقيقي محبوب سان مليو. مولانا صاحب هن وڏي صدمي کي سهي ويو ۽ پنهنجي مصروفيتن ۾ لڳي ويا. تنهي اسڪولن جا هيڊ معلم مقرر ٿيا ۽ مدرسي جو ٻيو نمبر المهتمم مقرر ٿيا. دواسازي، متعلقين ۽ احبابن جي ڪمن خاطر مشورا، شرعي فيصلا، فتوائون، وعظ، تپال جو ڪم ۽ ڊڪ جو ڪم سنڀاليائون. وڏيڪ توجهه سندن ٻئي نمبر فرزند مولانا حاجي محمد عالم صاحب ۽ پوٽي مولانا حاجي عبدالحق صاحب جي تعليم ۽ تربيت تي ڏيڻ لڳا.

مولانا صاحب سڄو ڪاروبار پنهنجي پُٽ جي حوالي ڪري ڳوٺ هيرار ويا جيڪو به سندن آبائي ڳوٺ هو (پر اُتي رهائش نه ٿي هئي). هيرار جي پاسي ۾ هڪ ترائي "ڇڄي" نالي هئي. سندن والد جي خواهش هوندي هئي ته ڳوٺ ڪو نئون ٻڌائجي، تنهنڪري انهي خواهش کي پوري ڪرڻ لاءِ ذاتي خرچ ۽ محنت سان ڪوه کوٽايائون ۽ ڳوٺ آباد ڪيائون، جنهن جو نالو "مولوي آباد" رکيائون. اُتي به مسجد، مدرسو ۽ برانچ پوسٽ آفيس قائم ڪرايائون. اُتي اڄ سيد قوم آباد آهي. ڳوٺ اڄ به موجود آهي. ١٩٧١ع واري جنگ ۾ اهي سڀ ڳالهيون تباه ٿي ويون. جنگ بعد وري به ڪوشش ڪري اهي سڀ ڳالهيون قائم ڪيائون.

مولانا صاحب تمام گهڻو وقت فتويٰ نويسي ۽ عوام جي خدمت ۾ صرف ڪيو، پر تنهن هوندي به ڪجهه ڪتاب لکيائون جن ۾ فتاوائِ هاديه ٻن ضخيم جلدن ۾ هو،۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي عربي وصيت جو سنڌي ترجمو. اهي ڪتاب ١٩٧١ع واري جنگ ۾ تباه ٿي ويا.

مولانا صاحب سن بلوغت کان وٺي آخري دم تائين زاهد رهيا. پنج گانه نماز، تهجد اشراق، ضحيٰ ۽ زوال، تلاوت ڪلام پاڪ، دلائل خيرات جو ورد بلاناغه ڪندا هئا. رات جو اڪثر ڪري رياضت عبادت ۾ مشغول هوندا هئا. سواري تي به نفل ۽ ورد ڪندا هئا. رات جاڳندڙ درويش هئا. ڪڏهن ڪونگهرا ڏيندڙ سر بسجود رهندا هئا. دعا گهرڻ وقت تمام گهڻو روئندا هئا.

ٽيو وڏو صدمو مولانا صاحب کي ١٩٧١ واريءَ جنگ ۾ پهتو، جو مال اسباب، گهر، مسجدون، مدرسه، ڪُتب خانه، پريس، دواخانه، چڪي، هينڊ پمپ، تپال وغيره سڀ تباه ٿي ويا. اهو صدمو به سهي ويا. علائقي واپس ٿيڻ بعد ڳوٺ پهتا ۽ حال آهر سڀني ڪمن کي سنڀاليائون. مسجد تعمير ڪرايائون، ڪوه مرمت ڪرايائون. تپال ٻنهي پاسي مولوي آبادءِ راوت سر هلائڻ شروع ڪيائون. ڪجهه ڪتاب هندستان مان پئسا ڏيئي واپس ڪرايائون.

مولانا صاحب کي به پٽ هئا. وڏو پٽ مولانا احمد علي احقر صاحب شادي شده بغير اولاد جي ڦوه جواني ۾ وفات ڪري ويو ۽ ٻيو پٽ مولانا حاجي محمد عالم صاحب آهي، جيڪو هينئر المهتمم نمبر ٣ مدرسه مظهرالحق والهداية راوت سر آهي.

مولانا صاحب پوري پني قد جا، رنگ جا ڳورا، حليم طبع، گهٽ ڳالهائيندڙ، ملنسار ۽ مهمان نواز هئا. مٺي

تي اجرڪ جو پٽڪو، قميص ۽ اجرڪ جي گوڏ ٻڌندا هئا.

مولانا صاحب وڏا حڪيم هئا. دوا ناهيندا هئا. ماڻهن جو علاج بنا اُجوري ڪندا هئا. تمام گهڻا مريض وٽن ايندا هئا. آخري دم تائين خلق جي خدمت ڪندا رهيا. مولانا صاحب وڏا مفتي هئا. هر مسئلي لاءِ ماڻهو ايندا هئا. سنڌن حافظو ايترو تيز هو جو ڪتاب جو نالو، باب، صفحو ۽ سِٽ بہ ٻڌائيندا هئا. مولانا صاحب جي فتوىٰ ٿرپارڪر، عمر ڪوٽ ۽ ميرپورخاص ضلعن ۾ هلندي هئي. تمام وڏا مسئلا حل ڪري سگهندا هئا. ضلعي عمرڪوٽ جي درسن تي مسلمان ٿيل هندو عورت واپس ڪرڻ تي ٥١ مولوين نيڪالي ڏني، جيڪا مولانا عبدالهادي صاحب لاٿي هئي. ٻيا اهڙا ڪيئي مثال آهن.

مولانا صاحب شاعر بہ هئا. سنڌن شاعري حمديہ، نعتيہ ۽ مناجات تي مبني هئي. گهڻي شاعري ١٩٧١ع جي جنگ ۾ تباهہ ٿي ويئي. ڪجهہ ملي آهي جيڪا نموني خاطر هتي لکجي ٿي.

اي خدا ڏي تون مدد هردم سدا سلطان کي
مسلمانن حاڪمن ۽ شاهہ پاڪستان کي.
رهن خادم تنهنجي در ۽ مصطفيٰ جي در سندا
تون وڌاءِ تن جي ۽ سڀني مسلمانن جي مان کي
ويرين کي تن سنڌي ڪر تون تباهہ ۽ رُوسياهہ
سُرخرو ڪر سوپ ڏي اسلام عاليشان کي
فتح ڏي ڪفار جي لشڪر مٿي اسلام کي
رک سدا قائم مسلمانن سنڌي ايمان کي.
ڪر حمايت يا الاهي اُمت احمد سنڌي
عفو ڪر تون سڀ مسلمانن سنڌي عصيان کي.
دين تي احمد سنڌي تن کي سدا رک مستقيم
ڪر سنڌن هادي هميشہ فضل سان فرقان کي.
سان صدقي مصطفيٰ جي ڪر قوي تن کي سدا
قهر سان مقهور ۽ مغلوب ڪر ڪفران کي.
دين پنهنجي کي وڌائي پاڙ پَٽ ڪفران جي
ڪر عنايت سان شرمندو شقي شيطان کي.
پير تن جنگ اسلامي مٿي قائم رکج
ڪر قوي تن کي سدا مغلوب ڪر ڪفران کي.
پير تر ڪا ڪافرن ۽ مُشرڪن سڀني سندا
ڪن مسلمان سڀ پڪو اسلام ۽ ايمان کي.
مسلمن سڀني سندو ڪر پاڻ ۾ تون اتحاد
ياد ڪن سي سڀ ملي حنان تو منان کي.
ڪافرن ۽ مشرڪن سڀني کي ڪر تون مسلمان

پڙهن ڪلمون ٿُرت ڪن منظور سڀ ايمان ڪي.
يا خدا ڪر جام پاڻي، ڪير برساتيون اناج
لاهه تنگي ۽ ملي هر چيز هر انسان ڪي.
مسجدون ۽ مدرسه ويران سڀ آباد ڪر
جيئن رکيو توتي اسان ايمان ۽ ايقان ڪي.
ٿر وطن ڪي جلد تون آباد ۽ خوشحال ڪر
جيئن ڪيئي ايوب جي ايمان ۽ ايقان ڪي.
ڪر ڪرم يا الاهي ساڻ ڪلمي تون لڏاءِ
پڻ رکج قائم سدا هر مسلم سندي ايمان ڪي.
عرض "عبد الهادي" احقر تو ڪري هي التجا
ڪر قيامت تائين سڀ صالح سندم اولاد ڪي.

مولانا صاحب مريضن جي علاج لاءِ حُرن جي صوبي برهمڻ ۾ هئا نہ طبيعت خراب ٿي پيئي. سواري جي قابل نہ رهيا، تنهنڪري اتان ڪٽ تي کڻي ڳوٺ راوت سر آندو ويو. هفتو کن علالت رهي، آخر ١٩ فيبروري ١٩٧٩ع بمطابق ٢١ ربيع الاول ١٣٩٩ هجري سومر جي رات داعي اجل کي لبيڪ چئي وڃي حقيقي محبوب سان مليا. کين راوت سر جي قبرستان ۾ سندن والد بزرگوار مولانا حڪيم الحاج ميان عبدالحق (١) صاحب جي پاسي ۾ دفنايو ويو. وفات وقت سندن عمر ٨٢ ورهيہ هئي.

سن رحلت فقير عبدالهادي
مشرف شُد بُلطف جُود هادي.
١٣٩٩ هجري

مولانا احمد علي عُرف احمد خان (٥) صاحب چانديو

مولانا احمد علي ولد مولانا حڪيم مفتي حاجي عبدالهادي (١) ڳوٺ راوت سر ۾ ٢٢ جمادي الآخر ١٣٣٧ هجري بمطابق ٤ آگسٽ ١٩١٨ع خميس جي ڏينهن پيدا ٿيا. ننڍپڻ کان ئي ذهين ۽ سُلڇڻا هئا. تعليم لاءِ آبائي مدرسہ راوت سر ۾ داخل ٿيا. جتي جد امجد مولانا عبدالحق (١)، والد بزرگوار مولانا ع الهادي صاحب، مولانا محمد امين گوهر ساند ۽ عبدالحڪيم صاحب درس کان دين جي تعليم مڪمل حاصل ڪيائون. دستاربندي جي وڏي دعوت ٿي جنهن ۾ تمام گهڻا ماڻهو شريڪ ٿيا. دين جي تعليم سان گڏوگڏ سنڌي پنج درجا مسلم اسڪول راوت سر مان پڙهيائون. ساڳئي اسڪول جي عظيم استادن وٽ فائنل جي تياري ڪيائون ۽ انگريزي سکندا رهيا. استاد سندس ذهن ۽ اخلاق جي تعريف ڪندا هئا. ١٩٣٩ع ۾ مٺي مان فائنل پاس ڪيائون. عربي، فارسي، اردو، سنڌي ۽ انگريزي ۾ وڏي مهارت رکندا هئا. مولانا صاحب ٻنهي هٿن سان بيڪ وقت لکي سگهندا هئا.

مولانا صاحب نهايت نرم مزاج، کل مُک، وڻندڙ ۽ مٺڙو آواز رکندڙ مهمانن‌واز هئا. سندن تقرير ۾ گهڻو اثر هو. اڄ بہ سندس همعصر مداح آهن. قد پورو پورو ، ڪشادو بدن، هلڪو سانورو رنگ هو. لباس ۾ سلوار، قميص ۽ پٽڪو ٻڌندا هئا.

مولانا صاحب ١٩٣٩ع کان ١٩٤١ع تائين مسلم اسڪول راوت سر ۾ ن - م جي حيثيت سان رهيا. شبانہ



Gul Hayat Institute

اسڪول راوت سر ۾ ١٩٣٧ع کان ١٩٤١ع تائين ڪم ڪيائون. گرلز اسڪول راوت سر ۾ پڻ ڪجهه وقت ڪم ڪيائون. ٽپال جو ڪم ڪندا هئا، ڊڪ جو ڪم ڪندا هئا ۽ ڪتابن جي جُلد سازي وڏي مهارت سان ڪندا هئا.

مولانا صاحب عالم، استاد ۽ مُفتي سان گڏ سنا شاعر بہ هئا. سندن شاعري جا بہ ضخيم ڪتاب هئا، هڪ "خُطبہ مولوي احمد علي" سنڌي ابيات ۽ وعظ سان، ٻيو ڪتاب شاعري جو بياض مولوي احمد علي راوت سري. ڪتابت بہ ڪندا هئا. ڪجهہ مدرسي جي پريس مان ڇپايا هئائون.

سندن شاعري حمديہ، نعتيہ، منقبتيہ، غزل، مثنوي، قصيده، واقع نگاري، مناجات، خُطبہ ۽ ڪافي تي مشتمل آهي. گهڻي شاعري ١٩٧١ع ۾ گُم ٿي ويئي.

ٿي وڏي تنهنجي وڏائي ربنا- آهي توکي حمد هردم ۽ ثنا
انس ۽ جن و ملڪ پيدا ڪيا- ۽ زمينون آسمان تو ڪيا بنا
قادر و قهار يفعُل و ما يشاءُ- پلڪ ۾ ساري خلق ڪرين فنا.
عرض احمد خان جا سڻ تون مجيب- رک مٿي اسلام قائم دائما.

مولانا صاحب پنهنجي ڦوهہ جواني ۾ ٢٣ سالن جي عمر ۾ ١٩ جمادي الاول ١٣٦٠ هجري بمطابق ٢٠ نومبر ١٩٤١ع بروز جمع داعي اجل کي لبيڪ چئي وڃي حقيقي مالڪ سان مليا.

سندس پوٽي محمد وارث تاريخ رحلت لکي آهي:

وارث وصال جد امجد احمد علي جي هاتفي ندا،
چئي لبيڪ کي داعي اجل مغفور ربي مرهي خدا.
١٣٦٠ هجري.

مولانا حاجي محمد عالم صاحب چانديو (٣)

مولانا حاجي محمد عالم صاحب (٣) مولانا حڪيم حاجي محمد عبدالهادي جا ٻيو نمبر فرزند آهن. سندن جنم ڳوٺ راوت سر ۾ ٢٥ ڊسمبر ١٩٢٤ع بمطابق ٩ شوال ١٣٤٣ هہ اربع ڏينهن ٿيو. شروعاتي تعليم آبائي مدرسہ راوت سر ۾ حاصل ڪيائون. سنڌي پنج درجا مسلم اسڪول راوت سر ۾ پڙهي، ساڳئي اسڪول ۾ فائنل جي تياري ڪيائون. الله ورايو مهر صاحب جي نگراني ۾ مني مان ١٩٤٤ع ۾ فائنل پاس ڪيائون. ديني تعليم دوران ١٩٤٧ع ۾ حج ادا ڪيائون. مدرسي جي قابل استادن مولانا حڪيم حاجي محمد عبدالهادي صاحب، مولانا محمد امين گوهر صاحب جي نگراني ۾ ديني تعليم مڪمل ڪيائون. ١٩٤٨ع ۾ دستاربند ٿيا.

مولانا حاجي محمد عبدالحق صاحب

مولانا حاجي محمد عبدالحق (٢) ولد مولانا حاجي محمد عالم صاحب ڳوٺ راوت سر ۾ ١٣ سيپٽمبر ١٩٤٣ع مطابق ٢٧ ربيع الثاني ١٣٦٢ هجري ۾ سومر ڏينهن پيدا ٿيا. ١٩٤٩ع ۾ مدرسہ راوت سر ۾ داخل ٿيا. گڏو گڏ مسلم اسڪول راوت سر ۾ محمد عثمان جنجهي وٽ پرائمري پڙهندا رهيا. فائنل جو امتحان ١٩٦٢ع ۾ پاس ڪيائون. ١٩٦٣ع ۾ مسلم اسڪول راوت سر ۾ باقاعده استاد مقرر ٿيا. ديني تعليم گڏو گڏ جاري رکيائون. ١٩٦٦ع ۾ حيدرآباد مان J.V ڪورس پاس ڪيائون. مدرسي جي لائق استادن مولانا حڪيم مفتي حاجي محمد عبدالهادي ۽ مولانا محمد امين گوهر صاحب وٽ دين جي تعليم مڪمل ڪري ١٩٦٨ع ۾ دستار بند ٿيا. ١٩٧٢ع ۾ مولوي فاضل حيدرآباد مان پاس ڪيائون. ١٩٦٣ع کان ١٩٨٩ع تائين استاد ٿي رهيا. هن وقت مدرسي جا استاد آهن. حڪمت جو



Gul Hayat Institute

رهيو. ١٩٤٨ع کان پوءِ ڳوٺ ويو ۽ اُتي مدرسي ۾ پڙهايائين. اڄ بہ فيصل آباد لڳ عمر ڪوٽ ۾ مدرسو آهي. سندس اولاد ۾ مولانا تاج محمد صاحب آهي، جيڪو جامع مسجد عمر ڪوٽ جي مدرسہ ۾ قرآن شريف جي تعليم ڏئي ٿو. مولانا عبدالغفور صاحب جو ناني مولانا محمد حيات صاحب جامع مسجد ميرپور خاص ۾ خطيب آهي.

(٦) مولانا محمد صديق راهمو، ڳوٺ نئون تڙ (هندستان) جو.

مولانا صاحب راوت سر مدرسي ۾ پڙهيو ۽ استاد ٿي رهيو. مولانا صاحب پيرن کان معذور هو. هتن تي هلندو هو. مولانا الحاج ميان عبدالحق صاحب مسجد سان لڳو لڳ گهر جوڙائي ڏنو هو. سندس شادي ڪرايائين ۽ کيس حج بہ ڪرايائين. مولانا محمد صديق صاحب ١٩٦٢ع تائين مدرسي جي خذمت ڪئي. ١٩٦٢ع ۾ ئي وفات ڪيائين. سندس اولاد اينترو علم حاصل ڪري نہ سگهيو، هن وقت ڇاڇري لڳ پاني جي تڙ ۾ آباد آهي.

(٧) مولانا احمد علي چانديو، ڳوٺ راوت سر.

مولانا احمد علي ولد مولانا حڪيم مفتي حاجي محمد عبدالهادي مدرسہ راوت سر ۾ پڙهيو ۽ استاد جي حيثيت سان ڪم ڪيائين. ١٩٣٥ع کان ١٩٤١ع تائين مدرسي سان وابستہ رهيو. ١٩٤١ع ۾ وفات ڪيائين. کيس ڪوبہ اولاد ڪونہ هو.

(٨)مولانا حاجي محمد عالم چانديو، ڳوٺ راوت سر.

مولانا حاجي محمد عالم ولد مولانا حڪيم مفتي حاجي محمد عبدالهادي مدرسہ راوت سر ۾ پڙهيو ۽ ١٩٤٩ع کان مدرسي ۾ استاد جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. اڄ تائين مدرسي سان وابستہ آهي. مدرسي جو المهتمم آهي. ديني مسئلن جي حل لاءِ اڄ بہ ماڻهو وٽس اچن ٿا.

(٩) مولانا محمد راڄڙ، ڳوٺ گُل راڄڙ.

مولانا صاحب راوت سر مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ بعد ۾ اُستاد ٿي رهيو. مولانا صاحب ١٩٥٢ع کان ١٩٥٩ تائين مدرسہ راوت سر سان وابستہ رهيو، بعد ۾ دماغي توازن صحيح نہ رهيو ۽ ڳوٺ هليو ويو.

(١٠) مولانا حاجي محمد عبدالحق چانديو ڳوٺ راوت سر

مولانا حاجي محمد عبدالحق ولد مولانا حاجي محمد عالم صاحب چانديو، مدرسہ راوت سر ۾ پڙهيو. ١٩٦٨ع ۾ دستاربند ٿيو ۽ مدرسي ۾ استاد جي حيثيت سان ڪم شروع ڪيائين، اڄ تائين مدرسي سان وابستہ آهي. هن وقت مدرسي جا ناظم اعليٰ آهن. مولانا صاحب کي ٥ پُٽ آهن.

مدرسي جا شاگرد

مدرسي ۾ تمام گهڻا شاگرد پڙهندا هئا، جن مان ڪي فارغ التحصيل ٿي نڪتا ۽ ٻين ڪافي شاگردن ڪجهه تعليم حاصل ڪري وڃي ٻين مدرسن ۾ داخلا ورتي. مدرسي جو رڪارڊ ١٩٧١ع واري جنگ تباهہ ٿي ويو، جنهن ڪري تفصيل موجود ناهي. هيٺين شاگردن تعليم مڪمل ڪري سَند حاصل ڪئي،

(١) مولانا حڪيم مُفتي حاجي محمد عبدالهادي چانديو راوت سر.

(٢) مولانا محمد سليم واگهوريو، ٽُڳوسر جو.

(٣) مولانا جلال الدين ساند، ڳوٺ سائئون (هاڻي هندستان ۾ ).

(٤) مولانا محمد امين چانديو، ٽالهي حاجي جعفر خان چانديو.

(٥) مولانا معين الدين راڄڙ.



Gul Hayat Institute

(٦) مولانا محمد علي وِجڙهاري.

(٧) مولانا محمد صالح وِجڙهاري.

(٨) مولانا محمد دائود جنجهي، ڳوٺ صالح جنجهي

(٩) مولانا عبدالغفور راهمو، ڳوٺ فيصل آباد لڳ عمرڪوٽ.

(١٠) مولانا محمد صديق راهمو ڳوٺ راوت سر.

(١١) مولانا احمد علي چانديو راوت سر.

(١٢) مولانا محمد عالم جوڻيجو: ڳوٺ منڙيو جوڻيجا، تعلقو ننگرپارڪر.

(١٣) مولانا عبدالحق ساند، ڳوٺ سائئون (هاڻي هندستان ۾).

(١٤) مولانا حاجي محمد چانديو راوت سر.

(١٥) مولانا محمد راڄڙ، ڳوٺ گُل راڄڙ.

(١٦) مولانا شجاع الدين راڄڙ.

(١٧) مولانا حبيب الله دَل، ڳوٺ تاملیار، تعلقو سانچور.

(١٨) مولانا حاجي محمد عبدالحق چانديو راوت سر.

اُهي شاگرد جيڪي سَند حاصل ڪري نہ سگهيا يا ٻين مدرسن ۾ وڃي پڙهيا.

(١) ميان محمد سليمان سميجو.

(٢) ميان محمد دائود سميجو.

(٣) مولوي عبداللطيف ساند.

(٤) مولوي احمد سمون، شهيد تاملهياري (ڳوٺ تاملیار، سانچور).

(٥) مولوي جلال الدين سنگراسي ڏاڪلو.

(٦) مولوي حافظ شفيع محمد جوڻيجو راوت سر.

(٧) حافظ محمد اسحاق نُهڙي.

(٨) حافظ محمد ٻچل اُنڙ راوت سر.

(٩) ميان حاجي جيئرو ساند.

(١٠) حافظ ولي محمد ساند.

(١١) حافظ مُحسن ساند.

(١٢) حافظ عبدالله چنو ٻَلهياري.

(١٣) حافظ عبدالله نُهڙي.

(١٤) حافظ ولي محمد انڙ راوت سر.

(١٥) ميان بلوچ خان چانديو راوت سر.



Gul Hayat Institute

(١٦) حافظ محمد ابراهيم سميجو ريشم جو تڙ.

(١٧) حافظ ولي محمد جوڻيجو راوت سر.

(١٨) مولوي محمد ساڃن ساند، ڳوٺ شاهو ساند.

(١٩) مولوي محمد دائود سميجو، اصل ڳوٺ سروپيي جو تڙ (هندستان ۾ ). اجا حال حيات، عمر ڪوٽ لڳ ڳوٺ ٻانڌو ۾.

مدرسي جا اهي شاگرد جن اڳتي هلي دين نمايان جي خدمت ڪئي:

١- مولانا حڪيم مفتي حاجي محمد عبدالهادي چانديو. مولانا صاحب راوت سر ۾ پيدا ٿيا. مدرسي راوت سر مان سَندَ حاصل ڪيائون ۽ ساڳي مدرسي ۾ استاد ٿيا. ١٩٤١ع ۾ مدرسي جا المهتمم مقرر ٿيا. وڏا مفتي هئا. ١٩٧٩ع ۾ وفات ڪيائون.

٢- مولانا محمد امين چانديو، ٽالهي حاجي جعفر خان چانديو. مولانا محمد امين ولد ميان عبدالحميد صاحب ١٩٠٢ع ۾ ٽالهي ۾ پيدا ٿيا. قرآن شريف حافظ آچار وٽ پڙهيا پوءِ ڪجهه وقت سورت ۽ رانديل ۾ پڙهيا. انهيءَ کان پوءِ باقاعده مڪمل تعليم راوت سر مدرسي ۾ حاصل ڪيائون. سَندَ حاصل ڪري ڳوٺ ۾ آيا. مدرسو ٽالهي کوليائون، ڪافي شاگرد هئا، پر ڪوبه عالم ٿي نه نڪتو. ١٩٣٣ع ۾ مسلم اسڪول قائم ڪرايائون. هيڊ معلم مقرر ٿيا. انهي اسڪول مان ڳچ شاگرد فائنل ڪري نڪتا. مولانا صاحب نهايت سادا ۽ حليم طبع جا هئا. سادا ڪپڙا پائيندا هئا. ٽي حج ڪيا هئائون. ڪين ڪوبه اولاد ڪونه هو. سندن اڪيلي پائيٽي هئي، جنهن کي ڪجهه دين جي تعليم ۽ دنيوي تعليم مڪمل ڏيارڻائون ۽ ١٩٦٣ع ۾ ماستري جي نوڪري وٺي ڏنائون. ١٩٦٤ع ۾ مولانا صاحب وفات ڪئي. انهي بعد اسڪول سندن رفيقه حيات سنڀاليو. ١٩٧٥ع ۾ برانچ مڊل اسڪول کولايائون. ١٩٦٨ع ۾ مسجد جي مرمت ڪرايائين. ١٩٧٦ع ۾ محترمه وفات ڪري ويئي. انهي بعد اسڪول جو ڪم سندن پائيٽي حاجاڻي هاجره سنڀالي رهي آهي. هاجره جو جنم ١٩٤٧ع جو آهي. فائنل، مئٽرڪ، انٽر، بي. اي، سي. ٽي، اديب فاضل ۽ بي. ايڊ ١٩٩٣ع ۾ پاس ڪئي اٿن. اسڪول ۽ زميندارن ڪاروبار سندن حوالي آهي.

(٣) مولانا محمد دائود جنجهي: مولانا صاحب راوت سر مان سَند حاصل ڪري ڳوٺ ويا ۽ مدرسو هلايائون، ڪامياب نه ٿيا. پر ڪافي ڪتاب اڄ به موجود آهن. مولانا صاحب سٻاجها انسان هئا. سندن اولاد ۾ مولوي حاجي شوڪت علي صاحب معروف شخصيت آهن. ١٩٩٣ع ۾ وفات ڪيائون.

(٤) مولانا عبدالغفور راهمو. مولانا صاحب راوت سر ۾ پڙهيا. سَند حاصل ڪيائين. ڪافي وقت تائين ساڳي مدرسه ۾ استاد ٿي رهيا، بعد ۾ ڳوٺ اچي مدرسو کوليائون. سندن اولاد ۾ مولوي تاج محمد صاحب آهن.

(٥) مولانا محمد صديق راهمون: مولانا صاحب راوت سر ۾ رهيا. علم حاصل ڪيائون، سَند حاصل ڪري ساڳي مدرسي ۾ اُستاد مقرر ٿيا. آخري دم تائين مدرسي ۾ خدمت ڪندا رهيا. ١٩٦٣ع ۾ وفات ڪيائون، کين راوت سر قبرستان ۾ دفنايو ويو.

(٦) مولانا احمد علي چانديو: مولانا صاحب راوت سر مدرسي ۾ پڙهيو. سَند حاصل ڪري، ساڳي مدرسي

۾ اُستاد ٿي رهيو. ۱۹۴۱ع ۾ وفات ڪري ويو، ڪين اولاد ڪونہ هو.

(۷) مولانا محمد عالم جوڻيجو: مولانا صاحب راوت سر مدرسي ۾ پڙهيو. سَند حاصل ڪرڻ بعد ڳوٺ منڙيو جوڻيجا ۾ ديني تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. سندس اولاد ۾ مولوي حشمت علي صاحب آهن. مولانا صاحب ۱۹۸۰ع واري ڏهاڪي ۾ وفات ڪئي.

(۸) مولانا حاجي محمد عالم چانڊيو: مولانا صاحب راوت سر مدرسي ۾ پڙهيو، سَند حاصل ڪرڻ بعد مدرسي ۾ استاد مقرر ٿيو. ۱۹۷۹ع ۾ المهتمم مدرسي ۾ مقرر ٿيو. اڄ بہ مدرسي سان وابستہ آهن.

(۹) مولانا محمد راڄڙ: مولانا صاحب راوت سر مدرسي ۾ پڙهيا. سَند حاصل ڪرڻ بعد مدرسي راوت سر ۾ اُستاد مقرر ٿيا. ٦ سال خدمت ڪيائون، بعد ۾ دماغي توازن صحيح نہ رهيو ۽ ڳوٺ هليا ويا.

(۱۰) مولانا حاجي محمد عبدالحق چانڊيو: مولانا صاحب مدرسي راوت سر ۾ پڙهيا. سَند حاصل ڪرڻ بعد ساڳي مدرسي ۾ استاد ٿيا. اڃا تائين مدرسي راوت سر سان وابستہ آهن. هن وقت مدرسي جا ناظم اعليٰ آهن.

اُهي شاگرد جن تعليم پوري نہ ڪئي يا باقي هنڌان دستاربند ٿيا. انهن جون خدمتون.

(۱) مولوي جلال الدين سنگراسي: مولوي صاحب راوت سر ۾ پڙهيو. دستاربند ٻئي ڪنهن مدرسي مان ٿيو، سَند حاصل ڪرڻ بعد ڍاڪلو ۾ عربيہ مدرسو کوليائون. مدرسہ جا المهتمم آهن. اڃا تائين تعليم ڏيندا رهن ٿا.

(۲) ميان بلوچ خان چانڊيو: ميان صاحب مدرسي راوت سر ۾ پڙهيا. سَند حاصل ڪري نہ سگهيا. راوت سر اسڪول ۾ خانگي طرح ڪم ڪيائون. ڪوآپريٽو سوسائٽي ۾ نوڪري ڪيائون. ۱۹۶۹ع ۾ وفات ڪيائون.

(۳) حافظ محسن ساند: حافظ صاحب وڌيڪ نہ پڙهي سگهيا. ڳوٺ ۾ قرآن جي تعليم ڏنائون، مسجد جا پيش امام ٿي رهيا. ۱۹۸۳ ڌاري وفات ڪيائون.

(۴) حافظ عبدالله چنو: حافظ صاحب مدرسہ راوت سر ۾ پڙهيا، سَند حاصل ڪري نہ سگهيا. ڳوٺ ۾ وڃي قرآن شريف جي تعليم ڏيڻ لڳا.

(۵) حافظ ولي محمد انڙ: حافظ صاحب راوت سر مدرسي ۾ پڙهيا. سَندَ حاصل ڪري نہ سگهيا. پنهنجي پاڙي جي ٻارن کي قرآن جي تعليم ڏيندا رهيا. ۱۹۷۱ کان اڳ وفات ڪري ويا.

(٦) حافظ ولي محمد جوڻيجو: حافظ صاحب قرآن پاڪ حفظ ڪيو. راوت سر مدرسہ ۾ پڙهيا. هن وقت رمضان ۾ تراويح نماز شهرن ۾ پڙهائيندا آهن. چڱو خاصو معاوضو ملي ٿو.

(۷) مولوي محمد ساجن ساند: مولوي صاحب مدرسہ راوت سر ۾ پڙهيا. هڪ يا ٻہ ڪتاب باقي رهيل هئا تہ مدرسو ڇڏي وڃي گُلزار خليل سامارو تعلقہ ۾ داخل ٿيا، جتان سَندَ حاصل ڪيائون. هن وقت سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ پيش امام آهن ۽ قرآن شريف جي تعليم ڏيندا آهن.

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر غلام علي الانا

# ”ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي“

## مقالي جو لسانياتي اڀياس

نوٽ: هن اڀياس لکڻ جو محرڪ محترم محبت ٻُرڙي جو مقالو بعنوان ”ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي“ آهي، جيڪو ٽماهي مهران ١-١٩٩٤/٢ع ۾ شايع ٿيو آهي. جيئن ته ٻرڙي صاحب جي مذڪور مقالي جو موضوع ٻولي ۽ وياڪرڻ جي لحاظ کان تڪراري آهي ۽ غلط فهميون پيدا ڪري سگهي ٿو، انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي هڪ شاگرد جي حيثيت سان، مون ٻوليءَ ۽ وياڪرڻ جي مڃيل سڌانتن/ اصولن ۽ پنهنجي ڄاڻ ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ انهيءَ مقالي جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي، جيڪا ٻوليءَ ۽ وياڪرڻ جي ماهرن توڙي شاگردن لاءِ سوچ جو سامان مهيا ڪندي. انهيءَ ڏس ۾ آءٌ پنهنجي هن اڀياس تي تنقيدي راءِ جي آجيان ڪندس. --الانا.

١- ڪنهن به ٻوليءَ جو وياڪرڻ، ان ٻوليءَ جي آوازن، صوتين، صرفين، لفظن، فقرن ۽ جملن ۾ ڪم آندل آوازن، صوتين، صرفين ۽ نحوي بناوتن ۾ استعمال ٿيل آوازن جي ٻيهڪ، صوتين جي استعمال، صرفين ۽ لفظن جي سٽاء، ترتيب، انتخاب ۽ جيهلار (Intonation) جي وصف، اصولن ۽ قاعدن ۽ قانونن ڪي چئبو آهي؛ ٻر هر زماني ۾ ماهرن طرفان وقت بوقت، انهن وصفن ۾ سڌارا ۽ واڌارا ٿيندا پئي رهيا آهن.

علماللسان جي ميدان ۾ پنڊت پاڻينيءَ (٤٠٠ ق-م) جو نالو سڀ کان پهرين ملي ٿو، جنهن علماللسان جا اصول مقرر ڪيا ۽ ’ڀاشا‘ (تڪس شلا واري خطي ۾ رائج ٻولي) لاءِ صوتي ۽ صوتياتي قانون ناهيا. هن سلسلي ۾ پنڊت پاڻينيءَ کان پوءِ محقق البيرونيءَ ڪن وياڪرڻين جا نالا ڏنا آهن، جن ۾ چندر، پنگل، پتنجلي، جيادتيند وامن جا نالا اهم سمجهيا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح محقق البيرونيءَ واديءَ سنڌ ۾ پنهنجي قيام دوران (١٠١٧ع-١٠٣١ع) رائج زبان/ زبانن جي وياڪرڻ، لسانياتي، علمي ۽ ادبي خوبين جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. اُن لاءِ ’ڪتاب الهند‘ ڪتاب جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي. انهن حوالن کان پوءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته ڪنهن به ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي مقرر شده اصولن ۽ قانونن جي باري ۾ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۽ لسانياتي جائزو وٺڻ ڪو آسان ڪم نه آهي. اُن ۽ اهڙي جائزي لاءِ تجزيو ڪندڙ اول ته اُن زبان جي لسانياتي اصولن ۽ علماللسان ۾ چڱي ڄاڻ رکندو هجي سو ته هو اهلِ زبان ڪٿي نه به هجي ته به ان زبان ۾ هر طرح سان مهارت رکندو هجي، يعني ان زبان جي آوازن، صوتين، صوتيات، صوفيات، علم صرف، علم نحو ۽ علم معانيءَ جي موضوعن ۽ مطالعي تي دسترس رکندو هجي.

زير بحث مقالو ”ضميري پڇاڙي ۽ صحيح سنڌي ٻولي“ محترم محبت ٻرڙي جي محنت، مطالعي ۽ سنڌي زبان جي حسن ۽ اُن سان ”محبت“ جو هڪ وڏو ثبوت آهي. واقعي هيءُ هڪ ڏکيو موضوع آهي. هن موضوع تي ڪنهن قدر وضاحت سان لکڻ مان ظاهر ٿو ٿئي ته جنابِ محبت ٻرڙي کي سنڌي وياڪرڻ ۽ سنڌي لسانيات تي ڪجهه قدر دسترس حاصل آهي. اهڙي بهترين ۽ پُر مغز مقالي لکڻ تي آءٌ محترم محبت ٻرڙي کي دل جي گهراين مان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. هيءُ مقالو ’توضيحي لسانيات‘ (Descriptive Linguistics) جي روشنيءَ ۾ لکيل آهي. بهتر ٿيندو ته سنڌي زبان ۽ علماللسان سان دلچسپي رکندڙ دوست، هن مقالي جو ڀرپور جائزو وٺن ۽ هن موضوع تي وڌيڪ لکن.

"دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ۽ سنڌيءَ ۾ بہ، ڪي آواز يا اکر اهڙا آهن، جيڪي (بظاهر) ڪابہ معنيٰ نٿا رکن ۽ گهڻي ڀاڱي مقرر آهن، جيڪي ڪنهن بہ مقرر لفظ جي اڳيان، پنيان يا اُن جي وچ ۾ جڏهن رکجن ٿا، تڏهن مخصوص معنيٰ ظاهر ڪن ٿا. اهڙو اکر يا آواز، يا اهڙا اکر يا آواز، جيڪي ڪنهن لفظ جي اڳيان مُنڍ ۾ اچي ڪانہ ڪا مقرر معنيٰ ظاهر ڪن ، انهن کي اڳياڙي چئجي ٿو. مثال طور 'پيت' جي آڏو 'اُپ' اڳياڙي اچي 'اُپپيت' ۽ 'جاڳ' جي آڏو 'سُ' اڳياڙي اچي 'سجاڳ' ناهي ٿي." (ص ١٩٢)

اڳتي وڌڻ کان اڳ اهو مناسب ٿو سمجهان تہ پڙهندڙن جي خدمت ۾ 'آواز' ۽ 'اکر' جي باري ۾ ڪجهہ عرض ڪريان. 'آواز' ۽ 'اکر' جي وصف ۽ ڪارج ۾ وڏو فرق آهي. اهڙيءَ طرح 'اکر' ۽ 'آواز' ساڳي ڳالهہ ڪانهي. 'آواز' ٻوليءَ جو هڪ اهو جزُ آهي، جيڪو ڳالهائيندڙ، ڳالهائڻ جي عضون جي مدد سان، ڪنهن مخرج وٽ اچاري ٿو. صوتيات ۾ 'آواز' وڏي حيثيت ٿو رکي. ٻوليءَ جا لفظ آوازن جي وسيلي جُڙن ٿا. اُن لاءِ 'علم صوتيات' جا اصول ۽ قانون بہ آهن. هن ڏس ۾ 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۽ پروفيسر جتوئيءَ جو ڪتاب 'علم اللسان' ۽ سنڌي زبان،' پڙهڻ گهرجن. ان لحاظ کان آواز / آوازن جو علم صوت/صوتيات (Phonetics) جي لحاظ کان وياڪرڻي ڪارج مجيل آهي، جڏهن تہ اکر/ اکرن جو ڪوبہ وياڪرڻي ڪارج ڪونهي. 'اکر' ٻوليءَ جي ڪنهن بہ آواز جي لکيل صورت کي چئبو آهي. مثال طور 'ب' 'b' 'm' ۽ 'म' ڌار ڌار ٻولين جي ساڳئي آواز لاءِ مقرر ڪيل اکر آهن. اهي اکر 'ب' آواز جو لکيل روپ ظاهر ڪن ٿا (ڏسو ڪتاب 'سنڌي صورتخطي'، چوٿون ڇاپو ١٩٩٣ع ص ١٤). اهو روپ انگريزي، هندي، مرهٽي، بنگالي، گجراتي ۽ سنڌيءَ ۾ ڌار ڌار آهي، پر انهن جو آواز لڳ ڀڳ ساڳيو آهي. لسانيات جا ماهرن، ان ڪري آواز (Sound)، صوتيہ (Phoneme)، صرفيہ (Morpheme) ۽ اکر (Grapheme) لاءِ ڌار ڌار نشان مقرر ڪيا آهن: مثال طور:

'س' اکر آهي، ۽ /س/ صوتيہ آهي

[س] آواز آهي ۽ {س} صرفيہ آهي.

محقق البيروني صورتخطيءَ جي باري ۾ لکي ٿو:

"ڳالهائڻ واري ٻولي (Tongue) ڳالهائيندڙ جي خيال کي ٻڌندڙن تائين پهچائڻ جو هڪ وسيلو آهي. انهي عمل (ڳالهائڻ) کي ٿوري عرصي لاءِ جتاءُ رهندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو صدري علم (سيني بسيني ياد ڪرڻ وارو طريقو) ۽ تاريخي واقعا، وقت گذرڻ سان گڏ پنهنجي اصلي اهميت وڃائي ويهن ٿا، ان ڪري انسان ذات اهم واقعن ۽ علمي ڳالهين کي محفوظ رکڻ لاءِ لکڻ جو فن ايجاد ڪيو" (١)

ٻرڙي صاحب اڳياڙيءَ ۽ پڇاڙيءَ کان سواءِ 'وچياڙيءَ' جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو: "اهڙو اکر يا آواز يا اهڙا اکر يا آواز جيڪي ڪنهن لفظ جي وچ ۾ اچي ڪانہ ڪا يا مقرر معنيٰ ظاهر ڪن، انهن کي (وچياڙي) چئجي ٿو. مثال طور:

'مرڻ' ، 'ڪرڻ' ، 'ترڻ' ۽ اهڙن ٻين ڪيترن ئي لفظن جي پهرئين اکر کان پوءِ 'آ' آڻڻ سان واريسر 'مارڻ' ، 'ڪارڻ' ۽ 'تارڻ' وغيره ٺهن ٿا" (ص -١٩٢).

ٻُرڙي صاحب جي اطلاع لاءِ عرض آهي تہ 'مارڻ' ، 'ڪارڻ' ۽ 'تارڻ' وغيره لفظن جي وچ ۾ جيڪا 'آ' صرفيہ' ڪم آندي ويئي آهي، اُن کي وچياڙي نہ چئبو، پر 'مرڻ' ، مان جوڙيل 'مارڻ' لفظ ۾ جيڪا تبديلي آئي

1. Sachau, E.C., Dr, Alberuni's India, English Edition, Vol. I, Lahore, Government of Pakistan, 1962,PP.448-450

| ٣ | ٢ | ١ |
|---|---|---|
| (مان) لکانءِ ٿو. | مان توکي لکان ٿو. | مان لکان ٿو |
| (تون) لکينم ٿو. | تون مونکي/مون ڏانهن لکين ٿو | تون لکين ٿو. |

ٽئين نمبر خاني ۾ ڏنل جملن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ سان اهو نقطو واضح ٿئي ٿو تہ 'لکانءِ' فعلي صورت کي ٻن حصن/ ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. اُهي ڀاڱا/ جُزا آهن:

لکانءِ: لکان + ءِ

لکينم: لکين + م

انهن جزن مان پهرئين جزي 'لکان' يا "لکين" کي وڌيڪ ٻن ڀاڱن/صورتن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

| فعل جو ڌاتو | + | ضميري پڇاڙي |
|---|---|---|
| لک | | - آن |
| لک | | - اين |

'لکان ٿو/ لکون ٿا. مثالن ۾ 'ٿو' يا 'ٿا'، 'ٿي' يا 'ٿيون' زمان حال جي ڦيري لاءِ ڪم آندل نشانيون آهن:

مثال طور:

| | |
|---|---|
| لکان ٿو/لکان ٿي | لکون ٿا / لکون ٿيون |
| لکين ٿو/لکين ٿي | لکون ٿا/ لکو ٿيون |
| لکي ٿو/لکي ٿي | لکن ٿا / لکن ٿيون |

هاڻ جڏهن 'لکانءِ' فعلي صورت جو اڀياس تہ ڪجي تڏهن معلوم ٿو ٿئي تہ 'لکانءِ' فعلي صورت ۾ 'ءِ' ضمير متڪلم واحد جي نشاني/ علامت آهي. جيڪا 'لکانءِ' فعلي صورتِ ۾ "منتصل ضمير" طور ڪم آئي آهي، ان ڪري 'ءِ' منتصل ضمير کي ڪنهن بہ صورت ۾ ضميري وڇاڙي طور قبول ڪري نٿو سگهجي.

سنڌي، سرائڪي، گجراتي، هندڪو توڙي ٻين اهڙين زبانن ۾ منتصل ضميرن جو ڪارج بلڪل واضح آهي. ان ڪري ضميري پڇاڙيون ۽ منتصل ضميرن کي گڏي ڇڏڻ يا هڪ ڪري سمجهڻ مناسب فيصلو يا راءِ ڪانهي.

مثال طور:

'آيس' ۽ 'پٽس' صورتن ۾ '-س' جو ڪارج ساڳيو نہ آهي. 'آيس' ۾ '-س' ضميري پڇاڙي آهي، جڏهن تہ پٽس ۾ '-س' ضمير منتصل طور ڪم آيو آهي. اهڙيءَ طرح هنن صورتن ۾ بہ ڏسو:

'آيم' ۽ 'چاچم'

'آيم' فعل ۾ '-م' ضميري پڇاڙيءَ طور ڪم آئي آهي، جڏهن تہ 'چاچم' لفظ ۾ 'م' ضمير منتصل آهي. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ - آن -، - اُون-، اين،- او، اي،- اَن-، سين/ سي، - سون، ءِ - آ - وغيره ضميري پڇاڙيون، فقط فعل سان ملائي سگهبيون آهن پر اهڙيون صورتون ڪنهن بہ اسم، حرف جر سان هرگز ملائي نہ سگهبيون، جڏهن تہ منتصل ضمير، فعل، اسم يا حرف جر سان بہ ملائي سگهجن ٿا: مثال طور:

'لکانس ٿو'، 'لکانءِ ٿو'، 'لکانوَ ٿو'، 'لکينم ٿو'، 'لکيومانس'، لکيوسانس'، 'لکيم'، 'کيم'، 'وٽم'، 'اٿم'، 'اَٿس'، اَٿن'، 'سندم'، 'کٽن'، 'کٽس' ۽ 'کيس' وغيره صورتن ۾ 'ءَ'، 'م'، 'س' ۽ 'ن' وغيره سڀ صورتون ضمير منتصل آهن، لحاظ 'لکانءِ ٿو' ۽ "لکينم ٿو' ۽ اهڙين ٻين فعلي صورتن ۾ 'ءَ' يا 'م'

Gul Hayat Institute

| جملو | ضمير خالص/ فاعل | فعل | ضميري پڇاڙي |
| --- | --- | --- | --- |
| اسين/ اسان وجون ٿا | متڪلم جمع اسين/ اسان | وجون | -اوُن |
| تون وڃين ٿو | حاضر واحد تون | وڃين | -اين |

| ١ | ٢ | ٣ | ۴ |
| --- | --- | --- | --- |
| توهين/ اوهين وڃو ٿا | حاضر جمع | توهين/ اوهين وڃو | -او |
| هُو/ هُوءَ وڃي ٿو/ ٿي | غائب واحد | هُو/ هيءَ وڃي | -اي |
| هُو/ اُهي وڃن ٿا | غائب جمع | هُو/ اُهي وڃن | -آن |

ساڳيءَ طرح برڙي صاحب جي هيءَ دعوا بہ قبول ڪري نٿي سگهجي تہ:

" 'اسين' ٿي سگهي ٿو تہ ٻن جزن 'آس' ۽ 'اين' (اس+اين) جو نهيل هجي" (ص ١٩٧).

جيئن مٿي عرض ڪيو ويو آهي تہ 'اسين' مفرد لفظ آهي، جنهن جا هڪ ڪان وڌيڪ جزا ڪنهن بہ صورت ۾ ٿي نہ ٿا سگهن.

٩. برڙي صاحب ١٩٩ ۽ ٢٠٠ صفحن تي ضمير غائب جا مثال ڏيندي فرمايو آهي تہ:

"خط لکن ٿا/ لکن ٿيون

مضمون پڙهن ٿا/ پڙهن ٿيون

نظارو ڏسن ٿا/ ڏسن ٿيون

هنن ٽنهي (۽ اهڙن ٻين) جملن ۾ اڳيان فاعل ڄاڻايل ناهي. پر ڇا ، اوهان فاعل نہ سڃاڻو؟ فاعل هي/ هو / اِهي/ اُهي آهي.

فعل جي ڌاتوءَ سان 'آن' پڇاڙي ڳنڍجڻ جي ڪري منجهس اهو گڻ پيدا ٿي پيو آهي جو اهي /.. ..- (جيڪو ضمير غائب آهي) جي موجودگي ڏيکاري سگهي."

اڳتي لکي ٿو:

" '-ان' مت آهي، 'هي/ هو/ اِهي/ اُهي' جو، ۽ '-ان' ، سنڌي ٻوليءَ ۾ هيڪل (واحد) کي گهڻ (جمع) ڪرڻ جو ڪم بہ ڪندو آهي (وڻن، ٻوٽن، جانورن، آسمانن، گلن، ميون....) (انَ، -انَن ۽ -اُن، - انُن ۽ (جن ۾ اسين 'هہ' ملائي، 'اِنهن' ۽ 'اُنهن' چئون ٿا) ٻڻ انهن جو چٽو مثال آهي" (ڏسو ص ٢٠٠)

حقيقت ۾ هي مثال ڏيئي برڙي صاحب، سنڌي وياڪرڻ جي اصولن کي نہ پاڻ وڌيڪ منجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڇو تہ:

'خط لکن ٿا' ، 'مضمون پڙهن ٿا' ۽ 'نظارو ڏسن ٿا' وغيره' مثالن ۾ فعل جي ڌاتوءَ سان ملايل ضميري پڇاڙي- 'اَن' (لکن = لک+ان) جو سنڌي وياڪرڻ ۾ اهو ساڳيو ڪارج نہ آهي، جيڪو 'وڻن، گلن ۽ ٻوٽن' وغيره اسمن جي عدد جمع صورت ناهڻ لاءِ '-اَن' عددي پڇاڙيءَ جو آهي. وڻن، ٻوٽن، جانورن، آسمانن، 'گلن' وغيره

Gul Hayat Institute

لفظن ۾ ’-اَن‘ فاعل جي ڦيري دوران حالت تفيري ڏيکارڻ لاءِ فاعل جي عدد جمع ۾ هجڻ جي علامت آهي. مثال طور:

## حالت فاعلي

| جمع | واحد |
|---|---|
| وَڻَ | وَڻُ |
| ٻوٽا | ٻوٽو |
| جانورَ | جانورُ |
| گُلَ | گُلُ |

پر، ’وڻ، جانورَ، گُلُ، ٻوٽا‘ ۽ اهڙن ٻين اسمن جو فاعل جي صورت ۾ هجڻ جي حالت ۾، حالت فاعلي ۽ حالت تغيري / عام حالت (Oblique case) ۾ ڦيرو (declension) ملاحظه فرمايو ۽ اوهان کي معلوم ٿيندو ته وڻ اسم جو حالت فاعلي ۽ عدد جمع ۾ ڦيرو؛ ۽ ’وڻن‘ اسم جو حالت تفيري، عدد جمع ۾ ڦيري جو اپياس ٻرڙي صاحب جي دعوا کي غلط ثابت ڪندو مثال طور:

| حالت فاعلي | حالت تفيري/ عام حالت |
|---|---|
| ڇوڪرا پڙهن ٿا | ڇوڪرن پڙهيو |
| وڻَ سهڻا لڳن ٿا | وڻن کي سهڻو بناءِ/ بنايو |
| جانور پاڻي پيئن ٿا | جانورن کي پاڻي پيئار |
| گل وڏا ٿي ويا آهن | گلن جو باغ وڏو آهي |
| ٻوٽا پوک | ٻوٽن ۾ بهاري اچي ويئي آهي. |

هنن مثالن جي اپياس مان ظاهر ٿو ٿئي ته حالت تفيريءَ هيٺ ڏنل مثالن ۾ فاعل جي صورتن جهڙوڪ: ڇوڪرن، وڻن، جانورن، گلن ۽ ٻوٽن ۾ ڪم آندل پڇاڙي ’-آن‘ ضميري پڇاڙي نه آهي، پر اها پڇاڙي فاعل جي عدد جمع ۽ حالت تفيري (Oblique case) جي ڦيري جي صورت ۾، فاعل طور ڪم آندل اسم جي عدد واحد کي عدد جمع جي صورت ۾ ڏيکارڻ لاءِ اسم (فاعل) سان ملائي ويئي آهي، جيڪا ساڳئي اسم جي جنس مذڪر، عدد واحد ۽ حالت تفيري لاءِ ’اي‘ هوندي آهي، پر جنس مؤنث عدد واحد لاءِ ’ايءَ‘ هوندي آهي: مثال طور:

**زمان حال**

| واحد | جمع |
|---|---|
| ڇوڪرو لکي ٿو | ڇوڪرا لکن ٿا |
| ڇوڪرِي لکي ٿي | ڇوڪريون لکن ٿيون |

**زمان ماضي**

| واحد | جمع |
|---|---|
| ڇوڪري لکيو | ڇوڪرن لکيو |
| ڇوڪريءَ لکيو | ڇوڪرين لکيو |

هنن مثالن جي مطالعي مان ثابت ٿو ٿئي ته فاعل جي حالت تفيريءَ جي صورت ۾، فاعل جي پويان عدد واحد



Gul Hayat Institute

مذڪر لاءِ "اي" علامت/ نشاني ۽ عدد واحد جنس مؤنث لاءِ "ايءَ" علامت/ نشاني يا پڇاڙي ملائي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح فاعل جي تفيري حالت جي صورت ۾ عدد جمع مذڪر لاءِ 'اَنَ' عدد پڇاڙي ۽ عدد جمع مونث لاءِ - يَن عددي پڇاڙي ملائي ويندي آهي. ان اپياس جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو ته: 'لکن'، 'پڙهن' ۽ 'ڏسن' وغيره فعلي صورتن ۾ '-اَن' پڇاڙيءَ جو ڪارج ۽ 'وڻن'، 'ٻوٽن'، 'جانورن'، 'آسمانن' ۽ 'گلن' وغيره لفظن ۾- 'اَنَ' جو ڪارج هرگز ۽ هرگز ساڳيو نه آهي بلڪ ائين چئبو نه اهي. ساڳئي ڪارج واريون پڇاڙيون نه آهن.

جناب برڙي صاحب صفحي ٢٠٠ تي جيڪا دعوا ڪئي آهي اها به يڪطرفي جاچ تي مدار رکي ٿي. اُن لاءِ لهجن جي وياڪرڻي ۽ لسانياتي مطالعي جي ضرورت آهي. هو لکي ٿو:

"اِنَ، اِنَن، اُنَ، انُن (جن ۾ اسين 'هه' ملائي 'انِهن' ۽ 'اُنهن' چئون ٿا) پڻ اُن جو چٽو مثال آهي".

دراصل 'انِ'، 'اِنن'، 'انُن'، سان 'هه' ملائڻ يا نه ملائڻ جو واسطو سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جي وياڪرڻي اپياس تي مدار رکي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جي لسانياتي اپياس مان پتو پوي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي، ڪڇي، لاسي ۽ ٿري لهجن ۾ وسرگ (aspirated) آوازن يا آوازن ۾ وسرگائيءَ جو استعمال نه هجڻ جي برابر آهي .انهن لهجن ۾ 'ڏوڪڙن' ۽ 'گُهتن آوازن' سان، وسرگائي جو استعمال اڻلڀ آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ 'جه'، 'گه'، ۽ 'نه'، اکرن جي لکت ۾ 'هه' وسرگائيءَ جي علامت آهي، جڏهن ته 'ڀ'، 'ٿ'، 'ڦ'، 'ڻ'، 'ڏ'، 'ڍ'، ۽ 'ڇ' اکر وسرگ، آوازن جون لکيل صورتون آهن ۽ وسرگ آوازن جي لکيل صورت لاءِ مقرر ٿيل اکرن ۾ زائد نقطا ڏيئي، وسرگ آوازن جو مقصد ظاهر ڪيو ويو آهي. مٿي ڄاڻايل لهجن ۾ وسرگائيءَ جو استعمال بلڪل ڪونهي، انِ ڪري لاڙ، ڪڇ، لسن ٻيلي ۽ ٿر جا ماڻهو، هِن، هُن، هُوءَ ۽ هيءَ، جي بدران 'انِ، اُنَ، او، اوءَ، اِي، ۽ ايءَ، اچارين: البت سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۾ 'اُن' (حالت تفيريءَ جي صورت) جو استعمال به عام ملي ٿو. هي مثال ملاحظ فرمايو:

| معياري لهجو | | لاڙي / ڪڇي / لاسي / ٿري لهجا | |
|---|---|---|---|
| **حالت فاعلي** | **حالت تفيري** | **حالت فاعلي** | **حالت تفيري** |
| هيءَ، هُو، هُوءَ، اهو، اُهو<br>هو، اِهي، اُهي | هن، هُن، انَ،اُنَ<br>هنن، انهن، اُنهن | ايءَ،اوُ،اوءَ،ايو،<br>اُنو،او،ايي، اوءَ | اِن،اُنُ،اِنن،انُن |

Gul Hayat Institute

انهن ضميرن جا حالت فاعلي ۽ حالت تفيريءَ ۾ ٻڻ ڦيرا ملاحظ فرمايو:

| **معياري لهجو** | **حالت فاعلي** | **حالت تفيري** |
|---|---|---|
| هو اچي ٿو/ | هُوءَ اچي ٿي | هُن/ اُن کي آڻ |
| اوُ اچي ٿو | اوءَ اچي ٿي | اُنَ کي آڻ |

جيڪا پڇاڙي ملائي ويندي آهي، اُن کي وياڪرڻ ۾ ضميري پڇاڙي چئبو آهي. اها ٻوليءَ جي وياڪرڻي ضرورت آهي جو تہ جملي ۾ فعل جي اها ساخت ٻوليءَ جي فطري تنظيم مطابق جڙندي آهي ۽ ڳالهائيندڙ لاشعوري طور فعل جي سٽاءُ مطابق ڳالهائيدو ويندو آهي. ٻوليءَ جو اهو سٽاءُ، پهرين جزيو ۽ وياڪرڻي اصول/ قانون پوءِ ناهيا ويا، تنهنڪري فطرتي طور جڙيل سٽاءُ ۾ تبديلي آڻڻ جو اختيار ڪنهن کي بہ ڪونهي. فعل سان، فاعل جي مناسبت موجب ڏار زمانن مطابق، عدد، جنس ۽ حالت جي ڦيري لاءِ ڳالهائيندڙ، مناسب ۽ واسطيدار ضميري پڇاڙيون خود بخود ملائيندو ويندو آهي. ماهرن فقط اهو ڪم ڪيو جو اهڙن فعلن جي وياڪرڻي سٽاءُ جو اڀياس ڪري ان موجب قانون ناهيائون. انهن جي ناهيل قانونن ۾، توضيحي لسانيات جي روشنيءَ ۾ وضاحتي واڌارا تہ آندا ويا آهن پر هن وقت تائين دنيا جي ڪنهن بہ وياڪرڻيءَ انهن قانونن ۽ قاعدن کي غلط قرار نہ ڏنو آهي. هن سلسلي ۾ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

"ٻولي گرامر تي تعلق نٿي رکي، پر گرامر جو ٻوليءَ تي تعلق ٿو رهي ۽ انهيءَ مان ئي ٿو نهي. تنهنڪري جي، ڪا ٻولي سُڌرندي تہ انهيءَ جو علمَ يا انهيءَ جي ڪتابي علميت بہ سڌري ٿي- جيئن علميت ٻوليءَ تي منحصر آهي، تيئن ٻولي وري ڳالهائيندڙ تي منحصر آهي" (١)

مرزا صاحب ٻئي هنڌ لکي ٿو:

"اهو علم جنهن کي انگريزيءَ ۾ گرامر، عربي ۽ فارسي ۾ صرف وَ نحو، سنسڪرت ۾ وياڪرڻ ۽ هنديءَ ۾ بياڪرڻ ٿا چون، سو ڪنهن بہ ٻوليءَ جي صحيح ۽ پُوريءَ طرح ڳالهائڻ ۽ لکڻ جو هنر آهي، انهيءَ مان ائين سمجهڻ گهرجي تہ ٻولي اڳيئي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، گرامر يا صرف و نحو انهيءَ تان ۽ انهيءَ کان پوءِ ٿو نهي، جنهن ۾ اُن ٻوليءَ جي صحيح ڳالهائڻ يا لکڻ جا قاعدا ۽ قانون ڏيڻ ۾ ٿا اچن. جي آزمودي، استعمال، رواج، دستور ۽ اصطلاح تي ٻڌل آهن ۽ ٻوليءَ جي مدعا پوري ٿي، جيڪي انهيءَ طرح ڳالهائجي ٿو، سو گرامر جي قاعدي موجب برابر آهي يا غلط آهي سو منحصر سمجهاڻ جي رستي تي، يعني انهيءَ هنڌ جي ماڻهن جي ڳالهائڻ جي عام رواج يا دستور موجب، جنهن کي اصطلاح چئجي ٿو" (٢)

برڙي صاحب صفحي ٢٠٥ تي 'لڪان ٿو' ، 'لڪان ٿي' ، 'لڪون ٿا' ، 'لڪون ٿيون' ، 'لڪين ٿو' ، 'لڪين ٿي' ، فعلن جي ڦيري جا مثال ڏيئي لکيو آهي تہ:

"هن ڦيري مان جيڪڏهن شامل ضميري پڇاڙي ڪڍي ڇڏجي ۽ فاعل طور ڌار ضمير آندو وڃي تہ ڦيري جي حقيقي ۽ اصولي صورت هن طرح بيهندي:

مان لکٿو - مان لکٿي - اسان لکٿا - اسان لکٿيون.

تون لکٿو - تون لکٿي - توهان لکٿا - توهان لکٿيون.

هي لکٿو - هي لکٿي - هي/ اهي لکٿا - هي/ اهي لکٿيون."

سنڌي زبان جا شاگرد ۽ ڳالهائيدڙ اهو جاڻن ٿا تہ 'مان لکٿو، مان لکٿي' وغيره جملن ۾ 'لکٿو' ۽ 'لکٿي' وغيره صورتن کي ڪنهن بہ حالت ۾ فعل قبول ڪري نٿو سگهجي، جيستائين ڪ فعل جي ڌاتوءَ 'لکُ' ، جي پويان، فاعل سان مناسبت رکندڙ ضميري پڇاڙيون ملايون نہ وينديون، ان ڪري 'مان لکٿو' ، 'مان لکٿي' وغيره کي فعل جا ڦيرا قبول نٿو ڪري سگهجي. سنڌي ٻوليءَ جو ڪوبہ ڳالهائيندڙ برڙي صاحب جي هن راءِ کي قبول نہ ڪندو.

---

١. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ: حوالو ڏنو ويو آهي، ص ١٧٢.

٢. ايضاً، ص ١٦٨.

ڪان پوءِ صفحي ۵۵ تي مرزا صاحب لکي ٿو:

"مطلب تہ عام قاعدو هي آهي تہ فاعل جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ پڇاڙين نمبر ۲ مان جيڪا پڇاڙي ڪپندي هجي، سا فعل جي پنيان گڏي، پوءِ مفعول جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ پڇاڙين نمبر ۲ مان، جيڪا پڇاڙي ڪپندي هجي سا اُن جي پنيان گڏڻ گهرجي" (۱)

ٻنين پڇاڙين سان فعل جي عنوان هيٺ ڪاڪو پيرومل پنهنجي ڪتاب (وڏو سنڌي وياڪرڻ) ۾ صفحي نمبر ۱۴۱ تي لکي ٿو:

'مارِيائين' - معنيٰ 'هن ماريو' ، پر ڪنهن کي؟

'مارِيائينس' معنيٰ هُن، هُن کي ماريو.

اهڙيءَ طرح هڪڙي ئي فعل ۾ ٻہ پڇاڙيون گڏي فاعِل توڙي مفعول جي معنيٰ ظاهر ڪبي آهي. هيءَ سنڌيءَ جي هڪ وڏي خوبي ڇئبي جو هڪڙي ئي لفظ مان جملي جو مطلب نڪري ٿو(۲) اهڙيءَ طرح هن ڪتاب (وڏو سنڌي وياڪرڻ) ۾ ۱۴۲، ۱۴۳، ۱۴۴، ۽ ۱۵۷ - ۱۵۸ صفحن تي هن ڏس ۾ وڏيڪ مثال ڏيئي ڪاڪي پيرومل وضاحتي بحث ڪيو آهي.

"هن ڏسِ ۾ ٻيا مثال هي ـ آهن:

**ٻٽا ضمير متصل**:

سنڌي زبان ۾ ٻٽا/ ڏهرا ضمير متصل بہ ڪم ايندا آهن، مثال طور:

ڪتاب ڏنمر: ڪتاب ڏنومانءِ

ڪتاب ڏنومانوَ

ڪتاب ڏنومانس

ڪتاب ڏنومانِ

آيس / آيم آيومانس

آيومانءِ / آيوسانءِ

خط خط لکيوسونءِ

خط لکيوسونوَ

خط لکيوسونِ

۱. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ: حوالو ڏنل آهي، ص ۵۳.

۲. پيرومل آڏواڻي: "وڏو سنڌي وياڪرڻ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص ۱۴۱

Gul Hayat Institute

| | |
|---|---|
| ڪتاب ڏيڪاريم | ڪتاب ڏيڪاريومانءِ |
| | ڪتاب ڏيڪاريومانوَ |
| | ڪتاب ڏيڪارسونو |

هنن مثالن ۾ ٻه ٻه ضمير متصل ڪم آندا ويا آهن:

مثال طور:

| | **فعل** | **ضمير متصل ۱** | **ضمير متصل ۲** |
|---|---|---|---|
| ڏنو مانءِ: | ڏنو = ڏنم | - م | ءِ |
| آيوسانوَ | آيو-آيس، آيوس | -س | وَ |

ضميري پڇاڙين وارو سلسلو جاري رکندي ٻرڙي صاحب صفحي ۲۰۸ تي زمان ماضيءَ جي عنوان هيٺ جيڪي مثال ڏنا آهن، اُهي هي آهن:

"اسان/ توهان/ هن/ هنن چنو لکيو.

اسان/ توهان/ هن/ هنن چنا لکيا.

اسان/ توهان/ هن / هنن چني لکي.

اسان/ توهان/ هن/ هنن چنيون لکيون."

انهن مثالن ڏيڻ کان پوءِ هُو لکي ٿو:

"ڏيان ڏئي سوچيو تہ فاعل طور ضمير ڪهڙو بہ هجي، ضمير جي هر صورت سان، هر هڪ فعل جون چار صورتون، گڏجي، نهڪي ۽ درست نموني اچن ٿيون، ائين ڇو؟

اهو ان ڪري ٿئي ٿو جو زمان 'ماضيءَ' ۾ فعلي صيغي جو سڌو واسطو فاعل سان نہ، مفعول سان رهي ٿو.

مفعول جيڪڏهن

هيڪل نر آهي تہ - لکيو، پڙهيو، ڏنو

هيڪل نار آهي تہ - لکي، پڙهي، ڏني.

گهڻ نر آهي تہ - لکيا، پڙهيا، ڏنا

گهڻ ناري آهي تہ - لکيون، پڙهيون، ڏنيون".

ٻرڙي صاحب بلڪل صحيح فرمايو آهي تہ 'لکيو'، پڙهيو، ۽ ڏنو متعدي فعل آهن پر جيڪڏهن فعل لازمي هوندو تہ پوءِ فعل جو گردان هرگز ساڳيو نہ رهندو، پر اُن صورت ۾ فرق ايندو: جيئن:

| **مذڪر** | | **مؤنث** | |
|---|---|---|---|
| **واحد** | **جمع** | **واحد** | **جمع** |
| مان دوڙيس | اسين دوڙياسين/ | سون مان دوڙيس | اسين دوڙيوسين |



Gul Hayat Institute

در اصل مقرر ٿيل اصولن کي نہ مڃڻ جو حق ڪنهن کي بہ نہ آهي. هر ماهر اهو ڇيو آهي تہ هر متعدي فعل سان، زمان ماضيءَ جي صورت ۾ 'تون' ضمير، جڏهن فاعل طور ڪم آڻبو تہ اهو (تون) بدلجي 'تو' ٿيندو، تنهن ڪري ائين چوڻ تہ:

'تون' جي ٻيٽ ۾ 'تو' ڪجھ هنڌن تي ڏاڍو نهي ٿو (ٻرڙو ص ۲۱۰)، وياڪرڻي اصولن کي نہ مڃڻ ۽ پنهنجي هوڏ تي هلڻ سمجهبو.

ساڳيءَ طرح هيءَ دعوا ڪرڻ تہ:

"هي/ هو/ هُو/ اِها/ اُها جي بدران/ هِنَ/ هُن/ اِنَ/ اُن وڌيڪ نهي ٿو" (ص ۲۱۰) وياڪرڻي قانونن کي نہ مڃڻ يا انهن کي مڃڻ کان انڪار ڪرڻ جي برابر آهي.

١١. فعل لازميءَ جي مثالن ۾ ڪم آندل ضميري پڇاڙين، جهڙوڪ:

ڊوڙيس/ ڊوڙيم

آيس/ آيم

ويس/ ويم

۽ اهڙن ٻين مثالن ۾ فعل جي ڌاتوءَ سان ملايل ضميري پڇاڙيون 'س ۽ م'، سنڌي وياڪرڻ جي شاگردن جو ڌيان ڇڪائين ٿيون. هن سلسلي ۾ صفحي ۲۱۰ تي ٻرڙي صاحب هينيان مثال ڏنا آهن:

| | |
|---|---|
| ١. ضمير متڪلم: | مان هُيس (مثال: مان سڄار هيس) |
| ٢ | مان هُيَس |
| ٣. ضمير حاضر | تون هئين (مثال: تون سڄار هئين) |
| ٤ | تون هُئيئين |
| ٥. ضمير غائب | هُو هو (مثال: هو سڄار هو) |
| ٦. | هُوءَ هئي مثال: هوءَ سڄار هئي." |

انهن مثالن ڏيڻ کان پوءِ ٻرڙو صاحب لکي ٿو:

"مٿي ڏنل ڦيري ۾ غائب، نر توڙي نار ۽ هيڪل توڙي گهڻ (٥، ٦، ١١ ۽ ١٢) سان گڏ ڏنل فعل جون صورتون حقيقي ۽ صحيح آهن. ساڻن ضميري پڇاڙي ملڻ کان پوءِ بہ سندن صورت اهائي ٻيهي ٿي، باقي سمورن ضميرن سان ڳنڍيل فعلي صيغي ۾ ڪانہ ڪا ضميري پڇاڙي سمايل آهي ۽ ان ڪري فاعل ورجائجي پيو آهي" (ص ۲۱۱).

هن ڏس ۾ مٿي عرض ڪيو ويو آهي تہ فاعل پنهنجيءَ جاءِ هڪ ئي دفعو ڪم آيو آهي، جڏهن تہ فعل سان جيڪا ضميري پڇاڙي ملائي ويئي آهي، تنهن جو واسطو فعل سان آهي ۽ جو (فعل)، فاعل سان جنس، عدد، حالت ۽ زمان مطابق ڦري ٿو. جيڪڏهن فاعل ضمير متڪلم واحد هوندو تہ فعل سان ضميري پڇاڙي اهائي ملائبي جيڪا فاعل سان واسطو رکندي هوندي پر جيڪڏهن فاعل ضمير غائب، عدد جمع ۾ هوندو تہ فعل سان ضميري پڇاڙي بہ اهائي ملائي ويندي جنهن جو واسطو ضمير غائب عدد جمع سان هوندو، تنهن ڪري ائين ڪونہ سمجهبو تہ فاعل کي بہ ٻيرا ورجايو ويو آهي. انهيءَ لاءِ وڌيڪ دليل، فاعل يا فعل جي ترڪيب ڪرڻ سان حاصل ڪري سگهجن ٿا.

۱۲- ’-س‘ يا - ’سين‘ ، ضميري پڇاڙين جي باري ۾، صفحي ۲۲۱ تي برڙي صاحب جيڪا وضاحت ڪئي آهي، اُها بہ قبول ڪرڻ جهڙي ڪانهي. هو لکي ٿو:

”ضمير متڪلم هيڪل، نر توڙ نار، سان ضميري پڇاڙي ’-اُس‘ ۽ آس ڳنڍيل آهن، جن بابت سمجهيو ۽ ٻڌايو وڃي ٿو ضمير متڪلم هيڪل جي بدران، نرجي حالت ۾ ’-اُس‘ ۽ نار جي حالت ۾ ’اَس‘ ڪم اينديون آهن ۽ اُن لاءِ ڪوبہ علمي سبب يا دليل موجود نہ آهي. باقي ضمير حاضر جي حالت ۾ جيڪي ضميري پڇاڙيون ڪم آيون آهن، اهي ضمير حاضر جي ئي نشاندهي ڪن ٿيون.“ (ص۲۱۱)

هن سلسلي ۾ برڙي صاحب ڪي ڪپندو هو تہ فاعل طور ڪم ايندڙ ضمير متڪلم واحد يا جمع سان، زمان ماضيءَ ۾، فعل لازميءَ جي ڦيري ۾ ڪم ايندڙ ضميري پڇاڙين (اُس-اَس ۽ سين) جو اڀياس پيش ڪري ها ۽ مثال ڏيئي وضاحت سان سمجهائي ها، باقي ائين چئي جند ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ تہ:

”ان لاءِ ڪوبہ علمي سبب يا دليل موجود نہ آهي“،

وياڪرڻي اصولن کان انڪار ڪرڻ جي برابر آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي عالم ۽ شاعر قاضي قادن جو هينيون بيت هن سلسلي ۾ هڪ وڏو دليل آهي، جنهن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ ’-اُس‘ يا ’اَس‘ پڇاڙين جي ساڳئي فعل جي سٽاءَ ۽ ساخت ۾ استعمال جا مثال، جيئن اڄ جي ٻوليءَ ۾ ملن ٿا، تيئن اُن وقت (پندرهين ۽ سورهين صدي) بلڪہ ان کان بہ اڳ واريءَ ٻوليءَ ۾ بہ رائج هئا. قاضي قادن پنهنجي هينئين بيت ۾ ’-س‘ جو استعمال هيئن ڪيو آهي:

”جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾
تهان پوءِ ٿيوس، سنڌين ٻريان پيچري.“

هن بيت ۾ ’جاڳايوس‘ (مون کي جاڳايو)، ’ستو هوس‘ ، (آءٌ ستل هوس)، ’ٿيوس‘ (آءٌ ٿيس) فعلن ۾ ’-س‘ ضميري پڇاڙي، هڪ دفعو نہ پر ٽي ڀيرا ٽن فعلن ۾ ڪم آئي آهي. ’-س‘ جو اهڙو استعمال اتفاقي نہ پر ٻوليءَ جي ساخت جو وڏو دليل پيش ڪري ٿي. ڇا برڙو صاحب، قاضي قادن جهڙي عالم جي هن بيت ۾ ڪم آندل ’-س‘ ضميري پڇاڙيءَ جي استعمال کي غلط قرار ڏيئي سگهندو؟ ’جاڳايوس‘ ، ’هوس‘ ۽ ’ٿيوس‘ فعلن ۾ ڪم آندل وياڪرڻي سٽاءُ اڄ بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج آهي. اهي ۽ اهڙا ٻيا مثال ٻوليءَ جي فطرتي ڍانچي ۽ وياڪرڻ لاءِ بهترين دليل آهن.

ٻولي هڪ فطرتي ۽ قدرتي نظام موجب جڙيل آهي. ٻولي پهرين وجود ۾ آئي ۽ اُن جي وياڪرڻي اصولن جو اڀياس پوءِ ڪيو ويو. اصول پوءِ ناهيا ويا. اسين ڪير آهيون جو ائين چئي پاڻ کي ماهر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون تہ ’-اُس‘ ، يا ’-اَس‘ پڇاڙين لاءِ ڪي بہ علمي سبب يا دليل موجود ناهن. دراصل اصول يا دليل موجود آهن پر اسان جي نقاد کي انهن (اصولن) جو پتو ڪونهي. اصول ۽ قانون موجود آهن پر اسين انهن کي سمجهي نہ سگهيا آهيون. اسين اُنهن کان اڻڄاڻ آهيون. اسان کي گهرجي تہ زمان ماضيءَ ۽ زمان مستقبل جي حالت ۾، فعلي ڌاتن سان ملايل ضميري پڇاڙين جو غور سان اڀياس ڪريون ۽ تڪڙ ڪري پاڻ کي ماهر سمجهي فتوائون نہ ڏيون.

۱۳- سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾ زمان ماضيءَ جو اڀياس ڏاڍو دلچسپ آهي. مثال طور هي جملا ملاحظہ فرمايو:

| ۱ | ۲ | ۳ |
|---|---|---|
| مون خط لکيو | خط لکيم | خط (مون کان) لکيو ويو |
| اسان خط لکيو | خط لکيوسين / سون | خط (اسان کان) لکيو ويو |

| | | |
|---|---|---|
| تو خط لکيو | خط لکُيئہ | خط (توکان) لکيو ويو |
| توهان خط لکيو | خط لکُيوَ | خط (توهان کان) لکيو ويو |
| هن خط لکيو | خط لکيائين | خط (هن کان) لکيو ويو |
| هنن خط لکيو | خط لکيائون | خط (هنن کان) لکيو ويو |

هاڻ انهن ٽنهي قسمن جي جملن جي پيٽ مان اهو ظاهر ٿو ٿئي تہ:

'مون خط لکيم' کونہ چئبو

اهڙيءَ طرح:

اسان خط لکيوسين / لکيوسون، تو خط لکيئہِ،

توهان خط لکُيوَ / ، هن خط لکيائين.

'هنن خط لکيائون' جهڙا جملا، سنڌي ٻوليءَ جي نحوي اصولن مطابق کونہ ڳالهائبا آهن، پر جيڪڏهن زمان مستقبل کم آڻبو تہ جملا هيئن ڳالهائبا:

| ١ | ٢ |
|---|---|
| مان خط لکندس | خط لکندس |
| اسين خط لکنداسين | خط لکنداسين |
| تون خط لکندين | خط لکندين |
| توهين خط لکندا | خط لکندا |
| هُو خط لکندو | خط لکندو |
| اُهي خط لکندا | خط لکندا |

مٿين جملن جا اهي ٻئي قسم زمان مستقبل ۾ ڳالهائڻ غلط نہ لڳندا، پر جنهن جملي محترم ٻرڙي کي هن مضمون لکڻ لاءِ مجبور ڪيو هو، اهو جملو آهي:

"اسين توهان وٽ شام جو نيڪ ڇهين وڳي پهچنداسون."

منهنجي ناقص سمجهہ ۽ راءِ پٽاندر هن جملي ۾ ضمير 'اسين'، فاعل جي صورت ۾ ڪم آڻڻ ۾ ڪابہ غلطي ڪانهي: مثلاً

| ١ | ٢ |
|---|---|
| اسين توهان وٽ شام جو نيڪ ڇهين وڳي پهچنداسون | توهان وٽ شام جو نيڪ ڇهين وڳي پهچنداسون |

Gul Hayat Institute

مٿي ڏنل جملن جا اهي ٻئي نمونا ڳالهائي سگهجن ٿا. علم نحو جي اصولن موجب جنهن لفظ تي زياده زور ڏيڻو هوندو آهي، اُن پٽاندر ئي جملي جي ڍار/جهيلار (Intonation) ۾ تبديلي آڻبي آهي. جڏهن ڪوبہ جملو اڪيلي سر (Isolated) ڳالهائبو يا لکبو تہ 'اسين' ضمير فاعل طور ضرور ڪم آڻبو پر جڏهن جملو ڪنهن گفتگو جي حصي طور يا ڪنهن گفتگو جي تسلسل ۾ ڳالهائبو تہ اهڙيءَ حالت ۾ 'اسين' ضمير فاعل طور ڪم آڻڻ جي ضرورت ڪانہ ٿيندي. ان جو سارو دارومدار گفتگو جي انداز تي آهي.

١٤- ضميري پڇاڙيءَ جي وصف بيان ڪندي ٻرڙو صاحب صفحي ٢٥٠ تي لکي ٿو:

"ضميري پڇاڙي هڪ بهترين، نازڪ ۽ اهم خصوصيت آهي. ٻوليءَ کي سهڻو ۽ سهنجو ناهي ٿي ۽ نہ رڳو

جملي کي نندڙو ڪري ٿي، پر اُن کي سولو ڪري، ڳالهائڻ ۾ وقت، ۽ لکڻ ۾ وقت، جاءِ ۽ فالتو پورهيي کان بچائي ٿي.

اسان ضميري پڇاڙيءَ جي اصولي فائدن کي نباهه ڪري، بيڌياني ۽ اڻڄاڻائيءَ وچان هڪ اجايو بار پاڻ تي وڌائي ڇڏڻ سان گڏ ٻوليءَ جي فطري سونهن ۽ جوڙجڪ کي به هاڃو رسايو آهي (جيڪو صدين کان ڪاهيندڙ ڌاريا به نه رسائي سگهيا)."

ٻرڙي صاحب ۲۱۳ تي ضمير متصل ۽ ضميري پڇاڙيءَ جي استعمال کي به منجهايو آهي ۽ ٻنهي جي ڪارج کي هڪ ڪري سمجهيو آهي. جڏهن ته انهن ٻنهي (ضمير متصل ۽ ضميري پڇاڙين) جو ڪارج ڌار ڌار آهي. جيئن ٻرڙي صاحب پاڻ ۲۱۸، ۲۱۹، ۲۲۸، ۲۳۸ ۽ ۲۳۹ صفحن تي بيان ڪيو آهي، ان ڪري:

| ۱ | ۲ |
|---|---|
| آيُس- آءُ آيُس (آيوس) | آيُس- هو هن وٽ آيو |
| وينس= آئون وينس (وينو+س) | وينس= هو هن وٽ وينو |

انهن ۽ اهڙن ٻين مثالن ۾ '-س' صرفيي جو استعمال ڌار ڌار آهي. پهرئين مثال ۾ '-س' ضميري پڇاڙي آهي جيڪا فقط فعل سان گڏجي زمان جو مفهوم ادا ڪري ٿي؛ پر ٻئي مثال ۾ 'س' ضمير متصل جو ڪارج ادا ڪري ٿي. ٻنهي مثالن ۾ 'س' صرفيي جو مفهوم الڳ الڳ آهي. ٻنهي مثالن ۾ 'س' جو وياڪرڻي ڪارج گهڻ-مقصدو ۽ گهڻ-خوبيائي آهي؛ جيئن:

| ضميري پڇاڙيءَ وارو مقصد | ضمير متصل وارو مقصد |
|---|---|
| آيُس= آءُ آيس | آيُس= هو هن وٽ آيو |
| ويس= آءُ ويس | ويس= هو هن وٽ ويو |
| لکيم = مون لکيو | لکيم= مون هن کي لکيو |
| ڏنم= مون ڏنو | ڏنم= مون هن کي ڏنو |

اِهي ۽ اهڙا ٻيا مثال ٻن معنائن وارو مفهوم ظاهر ڪن ٿا: هڪ ضميري پڇاڙيءَ وارو مقصد ۽ ٻيو متصل ضمير وارو مقصد.

'سنڌي ٻوليءَ جو اِپياس' ڪتاب ۾ صفحي ۳۴ تي بيان ڪيو ويو آهي ته:

"سنڌي ٻوليءَ جي علم صرف جي نظام جي اِپياس مان اهو به واضح ٿيو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ٻن صرفين جو اُچار هڪ جهڙو هوندو آهي، پر انهن جي ڪارج ۽ مفهوم ۾ وڏو فرق هوندو آهي. اهڙن ساڳين اُچارن وارن جوڙن کي هم آواز (Homophonus) جوڙا چئبو آهي: مثال طور:

'پٽس'، 'ويس'، 'ماريائينس'، ۽ 'ويندس' وغيره لفظن ۾ '-س' هڪ صرفيو آهي ۽ صرفي اصولن موجب اُن کي ساڳي صرفيو چئي نٿو سگهجي، جو ته 'پٽس' لفظ ۾ 'س' صرفيي جو ڪارج اُهو نه آهي جيڪو 'ويس' لفظ ۾ '-س' صرفيي جو آهي. پهرئين مثال ۾ 'س' صرفيي مان مراد مالڪي ڏيکارڻ آهي، ۽ اها ضمير غائب واحد جي بدران ڪم آندل آهي. اهڙي طرح 'ويس' لفظ ۾ 'س' صرفيي مان مراد زمان ماضي ۽ متڪلم واحد لاءِ ڪم آندل ضميري پڇاڙي آهي."

اهڙيءَ طرح 'ويندس' ۾ 'س' صرفيي مان مراد زمان مستقبل ۽ ضمير متڪلم واحد ۾ ڪم آيل ضميري پڇاڙي آهي؛ ۽ 'ماريائينس' لفظ ۾ 'س' صرفيي، ضمير متصل طور، ضمير غائب واحد لاءِ ڪم آندي ويئي آهي.

پڙهندڙن محسوس ڪيو هوندو ته ٻرڙي صاحب پنهنجي مقالي ۾ صفحي ۲۱۸ تي هڪ عجيب 'فتوا' ڏني آهي.

Gul Hayat Institute

کيس پنج روپيا ڏي."

انهن مثالن ۾ . 'پٽم' ۾ 'م'، 'ڏيندءِ 'ءِ' ۽ 'وٽس' ۾ 'س' ضميري علامتون متصل ضمير آهن."

اهڙيءَ طرح ٻيا مثال آهن:

پٽس، ڏيٽس، چاچم، اٿم، چوانس، ڪيم، ڪين وغيره انهن لفظن ۾ 'س'، 'م' ۽ 'ن' وغيره صرفيہ طور ڪم آيا آهن. انهن کي ضمير متصل چئبو آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ سنڌي وياڪرڻ ۾، علم صرف جي قانون موجب، ڪن ڪن مثالن ۾، فعلن ۽ حرف جر سان ضمير خالص جي بدران، جيڪي ضميري علامتون ملايون وينديون آهن، تن کي ضمير متصل چئبو آهي. اهي ضمير (متصل) اسمن، فعلن ۽ جرف جرن سان ملي، سنڌي زبان جي علم صرف جي مطالعي ۾ مدد ڪن ٿا.

هيٺ ڏنل مثالن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ سنڌي زبان ۾، ضمير متصل جي استعمال سان ٽي مقصد/ڪارج حاصل ٿين ٿا:

**(الف) ضمير متصل، ملڪيت ڏيکارين ٿا:**

پٽ+م پٽم= منهنجو پٽ

پيڻ+س پيڻس= هن جي پيڻ

پٽ+اُون پٽئون= اسان جو پٽ

پٽ+ن پٽن= هنن جو پٽ

**(ب) ضمير خالص جي جاءِ تي فعل سان گڏ ڪم اچن ٿا:**

آهي+م آهيم/اٿم= مون وٽ آهي.

آهي+س آهيس/اٿس= هن وٽ/کي آهي.

آهي+ن آهين/ اٿن= هنن وٽ / کي آهي.

لکندو+م لکندوم/لکندُم= مون کي لکندو.

لکندو+س لکندوس/لکندُس= هن کي لکندو.

**(ت) حرف جر سان ملي، وياڪرڻي مفهوم ٻڌائين ٿا:**

کي+م ڪيم= مون کي

کي+س ڪيس= هن کي

کي+ن ڪين= هنن کي

سندو+م سندوم/سندم= منهنجو

وٽ+م وٽم= مون وٽ

وٽ+س وٽس= هن وٽ

وٽ+ءِ وٽئِہ= تو وٽ

وٽ+ن وٽن= هنن وٽ

اهڙا ٻيا ڪئين مثال موجود آهن.

١٦- ڪاڪو پيرومل متصل ضميرن کي گڏيل ضمير بہ ٿو ڪوٺي. هُو لکي ٿو:

Gul Hayat Institute

ميمڻ صاحب اڳتي فرمائي ٿو:

"اهي ضميري پڇاڙيون جڏهن فعل سان لڳائبيون آهن تڏهن اهي 'حالت فاعلي' يا 'حالت مفعولي' جي معنيٰ ڏيکاريندڙيون آهن: مثلاً:

لکينم - ڪاڏم (حالت فاعلي)

ڏيوم - حالت مفعولي

'س' پڇاڙي بہ اچي ٿي: جيئن:

'ويس' ، 'ويندس' ۽ 'لکندس' ، هن مان معلوم ٿيندو تہ 'م' ۽ 'س' پڇاڙي ساڳي معنيٰ ڏين ٿيون. لاڙي ۽ معياري محاوري ۾ 'س' پڇاڙي اچي ٿي. شڪارپوري محاوري ۾ اُن جي بدران 'م' پڇاڙي اچي ٿي: مثلاً:

'ڏيندم، ويم، لکيم، پڙهيم، ويندم.'

معياري محاوري ۾ ماضيءَ جي حالت ۾ 'م' پڇاڙي اچي ٿي: جيئن:

'لکيم، پڙهيم، ٿيم، ڊوڙيم' وغيره.

مستقبل جي حالت ۾ 'س' پڇاڙي اچي ٿي: جيئن:

'ويندس، لکندس، پڙهندس ۽ ڊوڙندس' وغيره.

شڪارپوري لهجي ۾ ٻنهي حالتن ۾ 'م' پڇاڙي اچي ٿي: جيئن:

ويم (ماضي) ۽ ويندس (مستقبل)" (١).

ميمڻ صاحب اڃا بہ اڳتي لکي ٿو:

"ان کان سواءِ شڪارپوري محاوري ۾ مستقبل جي حالت ۾ 'ويندم' ۽ 'ايندم' کان سواءِ ڪيترن ئي فعلي صورتن ۾ (نون غنون) ڪونہ ٿو ڪم اچي.

شڪارپوري چون:

پڙهدم، لکدم، ڊوڙدم، ڪيڏدم، وڙهدم، وغيره "(٢)

ميمڻ صاحب اڳتي لکي ٿو:

"شڪارپوريءَ ۾ ورتو، بدران چون 'ودوم' يا 'وتو' ، جيئن:

"ودو جنهن پنجن جو گرگم ٻل ڪسي (سامي)" (٣)

١٧- ٻرڙو صاحب صفحي ٢٢٢ تي زمان مستقبل جا مثال ڏيندي، ضميري پڇاڙين تي وڌيڪ وضاحت سان لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هُو لکي ٿو:

"مستقبل لاءِ سنڌيءَ ۾ لفظ 'آئندو' آهي، جنهن کي 'آيندو' بہ چوندا ۽ لکندا آهيون. آئندو/آئيندو شايد 'آءِ (آهہ)+اند/اندو/ايندو' جو ميلاپ آهي. 'آهہ' هجڻ، موجود هجڻ ۽ زمان حال جي نشاندهي ڪري ٿي، ۽ '-اند' ، يا 'اندو' ، ايندڙ جي جاءِ ڏئي ٿو.

ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ايندڙ وقت جو اکري نشان '-اند' ، يا '-اندو' آهي، جيڪو فعل جي امر سان ملي، فعل جي آئيندي (مستقبل) واري شڪل ناهي ٿو" (ص ٢٢٢)

---

(١) ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: حوالو ڏنو ويو آهي، ص ٥١.

(٢) ايضاً.

(٣) ايضاً.



Gul Hayat Institute

برڙي صاحب جي هن بيان مان اهو پڌري پٽ ظاهر ٿو ٿئي ته ڪيس سنڌي ٻوليءَ جي ڌار ڌار زمانن ناهڻ لاءِ وياڪرڻي مطالعي ڪرڻ جي اجا گهڻي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته ماهرن سنڌي ٻوليءَ جي سڀني زمانن لاءِ واضح طور قانون مقرر ڪيا آهن ۽ واضح طور چيو آهي ته سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ زمان، ٽن بنيادن يعني ڪردنتن مان نهن ٿا. اُهي زمان هن ريت نهندا آهن:

(١) هڪڙا زمان مضارع مان نهندا آهن.

(٢) ٻيا زمان اسم حاليه مان نهندا آهن.

(٣) ٽيان زمان اسم مفعول مان نهندا آهن.

تنهي اسمن يعني مضارع، اسم حاليه ۽ اسم مفعول مان جيڪي زمان نهن ٿا، اُهي هيٺ ڏنل نقشي/چارٽ جي ذريعي ملاحظ ڪري سگهجن ٿا:




Gul Hayat Institute

مٿي ڄاڻايل سڀني زمانن جو تقابلي مطالعو پيش ڪجي ٿو:

مضارع مان نهندڙ زمان

| زمان | فعل جو ڌاتو + | ضميري پڇاڙي + | زمان جي نشاني | جملن ۾ مثال |
|---|---|---|---|---|
| مضارع | لِک + | آن يا اون | - | مان/آءٌ لکان: اسين لکون |
| حال | لِک+ | آن يا اون | ٿو/ٿا | مان/آءٌ لکان ٿو: اسين لکون ٿا |
| حال استمراري | " | " | پيو/پيا | مان/آءٌ لکان پيو: اسين لکون پيا |
| ماضي شرطيه | " | " | ها | مان /آءٌ لکان ها: اسين لکون ها. |

اسم حاليہ مان نهندڙ زمان

| زمان | فعل جو ذاتو+ | اسم حاليہ جي+ نشاني | ضميري پڇاڙي | جملن ۾ مثال |
|---|---|---|---|---|
| حال مدامي | لک+ | آند | او+مددي فعل | مان / آءٌ لکندو آهيان. |
| ماضي مدامي | لک+ | اند + | او هوس | مان / آءٌ لکندو هوس. |
| | | اند + | هئاسين | |
| مستقبل | لک+ | اند + | س/م | اسين لکندا هئاسين/هئاسون. |
| مستقبل استمراري | لک+ | اند + | او + اوس /اُس | مان/آءٌ لکندس پيو/لکندم پيو |
| | | + | آسين/ آسون | اسين لکنداسين پيا/لکنداسون پيا |
| حال متشڪي | لک+ | اند + | او+ هوندس | مان لکندو هوندس |
| | | | | اسين لکندا هونداسين |

اسم مفعول مان نهندڙ زمان

| زمان | فعل جو ذاتو+ | اسم مفعول جي علامت+ | ضميري پڇاڙي | جملن ۾ مثال |
|---|---|---|---|---|
| ماضي مطلق | لک+ | يو+ | س/م | مون لکيو / لکيم |
| | | | | آءٌ آيس اسان لکيو/ اسين آياسين |
| ماضي قريب | لک+ | يو+ | مدد فعل آهي | مون لکيو آهي/اسان لکيو آهي |
| ماضي بعيد | لک+ | يو+ | هو مدد فعل آهي | مون لکيو هو/اسان لکيو هو |
| ماضي استمراري | لک+ | يو+ | مددي فعل پئي | مون لکيو پئي/اسان لکيو پئي |
| ماضي متشڪي | لک+ | يو+ | هوندو | مون لکيو هوندو/اسان لکيو هوندو |
| ماضي بعيد استمراري | لک+ | يو + | پئي هو | مون پئي لکيو هو |
| ماضي قريب استمراري | لک+ | يو+ | پئي آهي | مون پئي لکيو آهي. |

۱۸- صفحي ۲۲۱، ۲۲۲ ۽ ۲۲۳ تي ضمير غائب واحد ۽ جمع جا زمان مستقبل ۾ ڦيري جا مثال ڏيئي، محترم برڙو لکي ٿو:

"مٿي ڏنل فعلي ڦيري ۾ 'لکندس'، 'لکنديس'، 'لکندين'، 'لکنديءَ'، 'لکنداسين' ۽ 'لکنديوسين' ۽ 'لکندوءَ' فعلي صورتون پاڻ مان ضميري پڇاڙيون ڳنڍيل رکن ٿيون. انهن ضميري پڇاڙين موجب، سندن بيهڪ ڏاڍي گهٽ-وڌ ٿي پيئي آهي ۽ اسان کي انتهائي غلط مفهوم دماغ ۾ ويهاريو پيو وڃي" (ص۲۲۱).

منهنجي خيال ۾ برڙي صاحب جي ذهن تي اهو تاثر ويهجي ويو آهي ته:

"اسين توهان وٽ شام جو نيڪ ڇهين وڳي پهچنداسون"

جملي ۾ 'پهچنداسون' فعل ۾، '-سون'، ضميري پڇاڙيءَ جو استعمال غلط آهي ۽ سندس (برڙي صاحب) راءِ ۾ هي جملو هن طرح ڳاهائجي ها:

اسين توهان وٽ شام جو نيڪ ڇهين وڳي پهچندا

يا

توهان وٽ شام جو نيڪ ڇهين وڳي پهچنداسين/سون

Gul Hayat Institute

ان ڪري هُو (برڙي صاحب) هن جملي ۾ 'پهچندا' فعل جي ڦيري جي آڌار تي هيئن ٿو لکي:

"پر ياڳ پيلا آهن 'هي لکندو'، 'هيءَ لکندي'، 'هي لکندا'، 'هي لکنديون'، جا، جو، اهي باقاعدي اصولي شڪل وارو فعل رکن ٿا، حقيقت اها آهي ته ضمير غائب جي هر صورت سان واريسر جيڪا به ضميري پڇاڙي ملي ٿي، اُن جو آواز فعل جي صورت (صيغي) ۾ ئي جذب/حذف ٿي وڃي ٿو. جيستائين تعلق آهي 'توهين لکنديون' جو، اها پُل چُڪ ۾ به ان ئي شڪل ۾ رهڻي آهي جو ته اهائي ان جي فعلي صورت آهي ۽ اهائي ضميري پڇاڙيءَ واري صورت آهي" (ص٢٢٢).

ماهرن جي راءِ موجب:

"بولي هڪ تنظيم آهي. بولي انسان ذات سان گڏ وجود ۾ آيل آوازي نشانين ۽ علامتن جو هڪ اهڙو سرشتو آهي: هڪ اهڙو نظام آهي، هڪ اهڙي تنظيم ۽ عمل آهي، جنهن جي مدد سان هڪ سماجي گروهه جا ماڻهو هڪ ٻئي سان وهنوار رکن ٿا، تعلق رکن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي سمجهن ٿا." (١)

يعني ڪنهن به سماجي گروهه ۾ هڪ ٻئي سان تعاون لاءِ انسان ذات جي وات مان نڪتل آوازن جي سرشتي کي بولي سڏجي ٿو. هن ڏس ۾ آمريڪي ماهرن بلاڪ ۽ ٽريگر (Block and Trager) جو رايو آهي ته:

"بولي صوتين، آوازي نشانين، اهڃاڻن ۽ علامتن جي هڪ اهڙي تنظيم آهي، هڪ اهڙو سٽاءُ آهي، هڪ اهڙو سرشتو آهي، جنهن جي مدد سان سماجي گروهه هڪ ٻئي سان وهنوار ۽ تعلق رکن ٿا." (٢)

جيئن هيءَ ساري ڪائنات ۽ اُن جو نظام هڪ فطرتي عمل آهي، جيئن سج جو اُڀرڻ ۽ لهڻ، موسمن جو ڦرڻ ۽ بدلجڻ، فصلن جو پوکجڻ ۽ لهڻ، جيئن برسات جو وسڻ ۽ هوائن جو لڳڻ، هڪ فطرتي عمل آهي ۽ جيئن هر فطرتي عمل ۾ قدرت ڪارفرما آهي، تيئن بولي به هڪ فطرتي عمل آهي. قدرتي نظام آهي. هڪ تنظيم آهي، جنهن ۾ جيئن آوازن جي اُچارڻ ۽ لفظن جي جُڙڻ ۾ صوتياتي سٽاءُ، سرشتي ۽ تنظيم جو واسطو آهي، تيئن وري فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ انهن ۾ ڦير ڦار جملي ۾ لاهه ۽ چاڙهه، لفظن جي ڦيرن، گردانن ۽ صيغن ۾ وياڪرڻي جوڙجڪ، سرشتي، سٽاءَ، ترتيب ۽ تنظيم جو دخل آهي. بوليءَ جي علم جا اُهي سڀ شعبا ڪنهن فطرتي ۽ قدرتي نظام ۽ تنظيم جي اصولن موجب عمل ڪن ٿا. اهي سڀ حصا ڪنهن نظام موجب جڙيل آهن، جنهن ۾ ناهڻ ۾ ڪنهن به انسان جو واسطو نه رهيو آهي.

مطلب ته بولي باقاعده آوازن جو هڪ سرشتو آهي، جنهن موجب انسان لاشعوري طور ڳالهائي ٿو يا لکي ٿو. هُو جنهن وقت به ڳالهائي ٿو يا لکي ٿو، تنهن وقت اهو هرگز نٿو سوچي ته فاعل پهرين رکي يا فعل پهرين ڳالهائي، هو ائين اصل نٿو سوچي ته صفت ڪٿي ڪم آئي، حرف جر ڪيئن استعمال ڪري. هُو بوليءَ جو اهو سڄو سرشتو، پنهنجي گهر ۾، پنهنجي پاڙي ۾، پنهنجي ماحول ۽ معاشري ۾ ننڍي هوندي کان خودبخود سکندو ويندو آهي: ڪيس ڪوبه ڪونه ٿو ٻڌائي ته هي لفظ هن هنڌ ڪم آڻ. البت هر ماڻهوءَ جي سوچ جي گنجائش پنهنجي پنهنجي آهي. ڪن جي سوچ سمنڊ وانگر اٿاهه ۽ اونهي هوندي آهي ته ڪن جي سطحي. ڪن وٽ لفظن جي ڪوٽ هوندي آهي ته ڪي وري لغت جي ڪاڻ هوندا آهن. انهن سڀني ڳالهين جو واسطو بوليءَ جي سٽاءَ ۽ سرشتي سان ڪونه هوندو آهي. (٣)

(1) Sturtevant E. H., An Introduction to Linguistic Science, New Haven, Yale University Press 1947, p. 21.

(2) Block and Trager, G.L., An Outline of Linguistic Analysis, Linguistic Society of America, America, 1942, p.5.

(٣) الانا غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي بوليءَ جو اڀياس، ص ص ١٦٤-١٦٥.

ڪي ماڻهو سمجهن ٿا ته وياڪرڻ يا گرامر جا قاعدا ۽ قانون پهرين نهيا ۽ ٻوليون پوءِ نهيون، هن ڏس ۾ محترم امداد حسيني فرمائي ٿو:

"اها ته هڪ مجيل ڳالهه آهي ته ٻولي پهرين نهي ۽ گرامر پوءِ (١): يا ڪي ائين سمجهن ٿا ته ڪنهن به ٻوليءَ جي صوتياتي يا وياڪرڻي سرشتي يا سٽاءُ کي پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ڦيرائي يا تبديل ڪري سگهجي ٿو، اهو ممڪن نه آهي. اهو غلط قدم ٿيندو. اها سوچ غلط آهي. هر ٻولي جو سٽاءُ، پوءِ چاهي اهو صوتياتي هجي يا وياڪرڻي، هڪ قدرتي عمل ۽ ڪارنامو آهي جيڪو ٻوليءَ جي وجود سان گڏ وجود ۾ آيو." (٢).

مون مٿي عرض ڪيو آهي ته ٻولي هڪ فطرتي نظام تحت جُڙي آهي. انهيءَ نظام يا تنظيم تحت هر ٻوليءَ جو پنهنجو پنهنجو مزاج ۽ پنهنجو پنهنجو صرفيائي ۽ نحوي سانچو جڙيو آهي. انهيءَ اصول ۽ سوچ جي آڌار تي ٻوليءَ جو ڪوبه جاڻو، ٻرڙي صاحب جي مٿينءَ راءِ سان اتفاق نه ڪندو ته:

'توهين لکنديون' . جملي ۾ 'لکنديون' فعل جي شڪل "پُل چُڪ ۾ اهائي رهڻي آهي."

محترم ٻرڙا صاحب! پهرين ته اها پل چُڪ اوهان جي سمجهه جي آهي. ڀلا ڪٿي قبول به ڪريون ته فعل جي اها شڪل پل چڪ ۾ اهائي رهڻي آهي ته پوءِ ٻڌايو ته اها پل چڪ ڪنهن ڪئي؟ ڇا قدرت جي نظام ۾ به ڪا پل چڪ ٿي سگهي ٿي؟

جيئن مٿي عرض ڪيو اٿم ته ڪي زمان، اسم حاليه مان نهن ٿا، انهن زمانن ۾ زمان مستقبل به اچي وڃي ٿو. اسم حاليه مان زمان مستقبل جيئن نهي ٿو، اُن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| ضمير خالص | فعل جو ڌاتو | اسم حاليه جي علامت | ضميري پڇاڙي | زمان جي ڦيري جا مثال |
|---|---|---|---|---|
| مان | لک- | -اند- | -اوس/-س/-م | مان لکندوس/مان لکندس/لکندم |
| اسين | لک- | -اند- | آسي/آسين/آسون/يوسين | اسين لکندا سي/اسين لکنداسين |
| تون | لک- | -اند- | -اين/اينءَ | تون لکندين |
| توهين | لک- | -اند- | آ/يون | توهين لکندا |
| هُو | لک- | -اند- | او/اِي | هُو لکندو/لکندي |
| اُهي | لک- | -اند- | آ/يون | اُهي لکندا/لکنديون |

هنن مثالن مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته فاعل طور ڪم ايندڙ ضمير خالص سان فعل جي آخر ۾ مذڪر ۽ مونث جي ڦيري لاءِ ڌار ڌار ۽ ضميري پڇاڙيون ملائجن ٿيون. ضمير حاضر جي مثالن ۾ 'تون لکندين' يا 'تون لکندينءَ'، 'توهين لکندا'، يا 'توهين لکنديون'، ضمير غائب جي حالت ۾ 'هُو لکندو' يا 'هُوءَ لکندي' ۾ ضميري پڇاڙيون موجود آهن، تنهن ڪري اهو بلڪل صحيح نه آهي ته 'هي لکندا' ۽ 'هي لکنديون' مثالن ۾ ضميري پڇاڙي حذف يا جذب ٿي ويئي آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جا اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن جن ۾ ساڳي ضميري پڇاڙي ڌار ڌار ضمير لاءِ ڌار ڌار ڪارج ادا ڪري ٿي: جيئن ته:

توهين لکنديون      هُو لکنديون

انهن ٻنهي مثالن ۾ '-يون' پڇاڙي ڪم آئي آهي.

(١) الانا غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، حوالو ڏنو ويو آهي. ص ١٦٤.

(٢) ايضاً

برڙو صاحب صفحي ٢٣٨ تي لکي ٿو:

"اسان جا لکيل پڙهيل ۽ عالم جڏهن 'آيس' ۽ 'لکندس' جهڙا لفظ ڪم آڻين، تڏهن گهٽ ۾ گهٽ پاڻ کان هڪ سوال ضرور پڇن: ڇا/ڪهڙو سبب آهي جو فعل جي آخر ۾ '-اس' ڳنڍي لکان ٿو. بنا '-اس' ڳنڍڻ جي ڇو نٿو لکان؟

اهڙيءَ طرح:

'آيس' ۽ 'ايندس' جملن ۾ '-س' ضميري پڇاڙيءَ جو ڪارج 'آيس' فعل زمان ماضيءَ ۾ ڪم آيو آهي، جڏهن ته "ايندس" فعل جو ڦيرو زمان مستقبل ۾ آهي پر 'س' پڇاڙي ضمير متڪلم واحد طور ڪم آئي آهي. ساڳيءَ طرح 'ڪيم' ۽ 'ڪندس' مثالن ۾ 'م' ۽ 'س' پڇاڙيون ضمير متڪلم واحد مذڪر طور ڪم آيون آهن.

١٩- مٿي ڏنل مثالن جي سلسلي ۾ اهو عرض آهي ته 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾ صفحي ١٣١ کان ١٥٥ تائين علم صرف واري باب ۾ اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي سلسلي ۾ واسطيدار ذاتن يا گروهن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح علم نحو واري باب ۾ فاعل، مفعول ۽ فعلن جي ڦيرن، گردانن، متصل ۽ منفصل ضميرن جي باري ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي. مذڪوره ڪتاب ۾ جملن ۾ فاعل ۽ فعلن جي گردانن ۽ ڦيرن جي سمجهڻ لاءِ فاعل سان، زمان مطابق مناسب فعل جي ڦيرن ۽ مخصوص ضميري پڇاڙين جي ملائڻ يا ڳنڍڻ جا مثال پڻ ڏنا ويا آهن. انهن مثالن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو ته ٻوليءَ جو هر ڳالهائيندڙ لاشعوري طور، صحيح ۽ مناسب اڳياڙي ۽ پڇاڙي، واسطيدار فاعل يا مفعول سان، گهربل/ واسطيدار فعل ۽ زمان مطابق ڪم آڻيندو آهي ۽ گهربل ضميري پڇاڙيون ملائيندو آهي، ڇاڪاڻ ته اهل زبان هجڻ جي ڪري، هن ڪي فطرتي طور ٻوليءَ جي تنظيم، جملن اندر لفظن جي ٻيهڪ ۽ جي انتخاب ۽ جملي اندر لفظن جي سٽاءَ ۽ ڍار (Intonation)) جي مدد سان لفظن جي ٻيهڪ ۽ سٽاءَ جي ڄاڻ هوندي آهي. ان لحاظ سان قاضي قادن جي اڳ ۾ بيان ڪيل بيت:

جوڳيءَ جاڳايوس، سٽو هوس ننڊ ۾،

تهان پوءِ ٿيوس، سنڌين پريان پيچري.

۾ 'جاڳايوس'، 'هوس'، 'ٿيوس'، فعلن ۾ 'س' پڇاڙي جي استعمال ڪي ڪير غلط قرار ڏيندو؟

برڙي صاحب مٿئين صفحي (٢٢٣) تي ڏنل پنهنجيءَ راءِ کي اڳتي هلي صفحي ٢٤٠ تي پاڻ ئي رد ڪيو آهي.

مٿي ڄاڻايل ٻنهي صفحن (صفحو ٢٢٣ ۽ صفحو ٢٤٠) تان برڙي صاحب جا رايا هُوبهو نقل ڪري هيٺ ڏجن ٿا:

صفحي ٢٢٣ تي ضمير متڪلم، ضمير حاضر ۽ غائب جا مثال ڏيئي برڙو صاحب لکي ٿو:

| | | |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم: | اسان خط/چٺي لکندا | اسان خط/چٺيون لکندا. |
| ضمير حاضر: | توهان خط/چٺي لکندا. | توهان خط/چٺيون لکندا. |
| ضمير غائب: | هي/هو خط/چٺي لکندا. | هي/هو خط/چٺيون لکندا. |

اهو مذڪر فاعل جي ڦيري جو مثال آهي.

برڙو صاحب هنن مثالن ڏيڻ کان پوءِ ساڳئي صفحي (٢٢٣) تي لکي ٿو:

"ڇا مٿي ڏنل سڀ ڳالهه ٻولهه ۽ ان ڪري فعلي بناوت، تبديلي ۽ ڦيري ۾ هڪ باقاعدگي ۽ اصولي شڪل نظر نٿي اچي. پوءِ مروج فعلي ڦيري (زمان مستقبل) ۾ 'لکندس'، 'لکنديس' وغيره ڪٿان آئي ٿنبيو ۽ ٻوليءَ ۾ وياڪرڻي قاعدي کي بگاڙيو ويو آهي" (ص ٢٢٣)

سنڌي ٻوليءَ جي هر هڪ ڳالهائيندڙ کي اهو معلوم آهي ته ضمير متڪلم واحد، مذڪر يا ضمير متڪلم

جمع مذڪر جي حالت ۾
مان خط/چٺي لکندو.
مان خط/چٺي لکندي.

جھڙا جملا ڪوبہ سنڌي ۽ اهل زبان هرگز ڪونہ ڳالهائيندو يا لکندو: يقيناً اهي ۽ اهڙا جملا يا تہ ڪو گجراتي ماڻهو، سنڌي ڳالهائيندي ڪم آڻيندو يا ڪو ڪيرٽر جبلن تان سياري ۾ هيٺ لهي ايندڙ بروهي ڳالهائيندو، پر مون کي يقين آهي تہ ڪوبہ سنڌي اهل زبان اهي جملا ائين هرگز ڪونہ ڳالهائيندو.

برڙي صاحب پنهنجي مذڪوره راءِ کي صفحي ۲۳۹ ۽ ۲۴۰ تي جن جملن ۾ رد ڪيو آهي، اهي جملا هوبهو ڏجن ٿا:

"مهربان دوستن بحث مباحثو ڪندي ان ڳالھ کي مجيو ۽ ڪجھ دوستن ائين چيو تہ اها ڳالھ درست آهي...:
"مان آيس يا مان آيم"،
"مان لکندس يا مان لکندم" ۽
مان لکان ٿو يا اسان لکون ٿا"

جھڙا جملا بہ هروڀرو ڪي غلط نہ آهن. اها ڪجھ ٻولين جي خصوصيت هوندي آهي تہ اهي پاڻ ڪي اهڙا طور طريقا رکنديون آهن، جن کي سنڌن گرامر جي نوس اصولن پٽاندر/بيان/ثابت نٿو ڪري سگھجي. سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ اهڙيون خصوصيتون آهن جن مان هڪ ضمير يعني فاعل کي بہ پيرا ورجائڻ آهي. ائين چوڻ جي ڪري جملي ۾ هڪ قسم جو زور، شدت، اسٽريس (Stress) ۽ گھرائي پيدا ٿئي ٿي" (ص ص ۲۳۹-۲۴۰).

انهيءَ وضاحت کان پوءِ برڙي صاحب پنهنجي انهيءَ بيان تان هن طرح هٽ ڪئي آهي:

"اها، هڪ غلط ڳالھ کي، هڪ صحيح ڳالھ وسيلي صحيح ثابت ڪرڻ جي هڪ ناجائز ڪوشش سڏي سگھجي ٿي. جيڪڏهن ڪجھ خاص حالتن ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ، ڪجھ خاص معاملن ۾ جنگ ڪرڻ جائز هجي تہ ڇا، هر ڳالھ ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ هر معاملي ۾ جنگ ڪرڻ جائز ٿي پيو ڇا؟ اسان وٽ تہ زمان حال جو هر جملو ساڳيو فاعل بہ پيرا آڻي لکيو وڃي ٿو" (ص ۲۴۰).

برڙي صاحب جي انهيءَ راءِ کي بہ هرگز قبول نٿو ڪري سگھجي، جنهن ۾ هُو لکي ٿو:

"ضمير متڪلم بدران '-اس' ضميري پڇاڙي ڪم آڻڻ منهنجي نظر ۾ غلط آهي، تنهن ڪري اُن کي هتي جاٺايل بحث هيٺ آڻڻ بيڪار آهي" (ص ۲۴۰)

مون اڳ ۾ عرض ڪيو آهي تہ سنڌي ٻولي ٻين ٻولين وانگر هڪ فطرتي تنظيم آهي، ۽ فطرتي اصولن موجب جڙيل آهي. هن جا صرفي ۽ نحوي اصول ۽ قانون، هن جو مزاج، فطرت طرفان جوڙيل آهن. انهن اصولن تحت 'مان آيس' ۽ 'مان ايندس' جملن ۾، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل ۾ فاعل 'مان' (ضمير متڪلم) جي صحيح گردان/ڦيري لاءِ فعل جي ڌاتوءَ جي پويان، ٻنهي زمانن جي حالت ۾ ساڳي ضميري پڇاڙي '-س' يا '-م' ملائي ويندي آهي: جيئن:

'مان آيس/مان آيم' ۽ 'مان ايندس/مان ايندم' هر لحاظ کان ۽ هر حالت ۾، سنڌي ٻوليءَ جي نحوي اصولن موجب، صحيح آهن. سنڌي ڳالهائيندڙ اهل زبان لاشعوري طور '-س' ۽ '-م' ضميري پڇاڙيون فعل جي ڌاتوءَ سان، ٻنهي زمانن جي حالت ۾ ضرور ملائيندو آهي.

۲۰- برڙي صاحب، برصغير جي هڪ وڏي شاعر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي وڏي ڄاڻو محترم شيخ اياز جي ڪتاب

حقيقت ۾ هنن جملن ۾ 'وزير وزير'، 'ماٺهوءَ ماٺهوءَ' لفظن جي ترڪيب (سٽاءُ) وارا لفظ، علم×للسان موجب هڪ ڌار موضوع يعني "تڪرار" (Reduplication) طرف ڌيان ڇڪائين ٿا. اهي مثال 'مان سچ ڳالهايم' جهڙي جملي لاءِ دليل نہ آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي تڪراري صورتن جي سلسلي ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب جا ٦٠ کان ٦٥ تائين صفحا پڙهڻ گهرجن، جن ۾ لفظن جي تڪراري صورتن جا مثال ڏنا ويا آهن. ٻوليءَ ۾ لفظن جو اهڙو استعمال، سونهن ۽ سوڀيا کان سواءِ، وياڪرڻي ڪارج بہ ڏيکاري ٿو.

لهذا 'مان سچ ڳالهايم' جملي ۾، ضمير، فاعل طور هڪ دفعو ڪم آيو آهي ۽ جو آهي 'مان'؛ ٻيو مثال 'م' ضميري پڇاڙي آهي، جيڪا فعل جي گردان لاءِ ضرورت پوري ڪري ٿي. اها هڪ وياڪرڻي تقاضا آهي جيڪا وياڪرڻي اصولن جي پورائيءَ لاءِ ڪم اچي ٿي. اها ڳُڪ نہ آهي جيڪا برڙي صاحب جي راءِ ۾ "اڻڄاڻائيءَ ۽ بيڌيانيءَ سبب يا غفلت جي ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ پيدا ڪئي ويئي آهي." بلڪ اهو ڪنهن هڪ خطي جي محاوري جو هڪ انداز/اندازِ گفتگو آهي، جيئن ڪيترن ئي خواتين يا ڇوڪرين کي هيئن ڳالهائيندي ٻڌو ويندو آهي:

| | | |
|---|---|---|
| اسين پلا هلون ٿا | چوڻ ڪيي ها : | اسين پلا هلون ٿيون. |
| آپا، اوهين ڪٿي ويا هئا؟ | چوڻ ڪيي ها : | آپا، اوهين ڪٿي ويون هيون؟ |
| اسين نوٽس لکون ٿا. | چوڻ ڪيي ها : | اسين نوٽس لکون ٿيون. |

ڳالهائڻ جو اهو بہ هڪ انداز آهي جنهن لاءِ لسانيات جي اصولن موجب رعايت ڏني ويئي آهي. اهو انداز ٻوليءَ جي مزاج مطابق آهي، جنهن کي لسانيات ۾ Honorofic form چئبو آهي. پوءِ پلي انهيءَ انداز کي ڪي صاحب غلط سمجهن.

برڙي صاحب صفحي ٢٤٢ تي شڪارپوري لهجي جا مثال ڏيئي منهنجي هن دعوا کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

منهنجي هن اڀياس جا جائزي جو لُب لباب، برڙي صاحب سندس مقالي ۾ صفحي ٢٤٣ تي سندس راءِ ۾ هيئن ڏنو آهي:

"اهو عمل بہ چٽيءَ طرح اعلان ڪري ٿو/ٻڌائي ٿو تہ فعلي صيغن جون سموريون اڏاوتون ڪي اتفاقي، اوچتو، بنا ڪنهن سوچ ويچار جي وجود ۾ نہ آيون آهن، پر هڪ منظم سرشتي موجب باقاعدگيءَ سان، اصولي پابندين هيٺ جوڙيون ويون آهن" (٢٤٣).

برڙي صاحب ساڳئي صفحي تي بلڪل صحيح فرمايو آهي تہ:

"ڇا ايڏيءَ عاليشان فني اڏاوت جا خالق، فنڪار ۽ مصور، چوٽيءَ جي ڏاهن، اڪابرن ۽ سگهڙن کان گهٽ درجي جا هوندا؟ اها مهارت، تنظيم ۽ سمجهہ وڏي واڪ ٻڌائي ٿي تہ هن ٻوليءَ جا خالق، وياڪرڻ جوڙيندڙ ۽ لفظن جي ايڏي نفيس گهڙاوت ڪندڙ، زبردست قدم جي ڳڻ ڳوت جا مالڪ هئا" (ص ٢٤٣).

بهرحال جنهن جملي برڙي صاحب کي هيڏي وڏي پرمغز مقالي لکڻ لاءِ مجبور ڪيو، اُهو جملو آهي:

"اسين توهان وٽ شام جو نيڪ ڇهين وڳي پهچنداسين."

پر برڙو صاحب لکي ٿو تہ اهو جملو ائين ڳالهائڻ غلط آهي ۽ اهو جملو هيئن ڳالهائڻ کپي:

"اسين توهان وٽ شام جو نيڪ ڇهين وڳي پهچندا" (ص ٢٥٠).

منهنجي خيال ۾ پويون جملو غلط آهي ۽ جملو هيئن بہ ڳالهائي/لکي سگهجي ٿو:



Gul Hayat Institute

"اسين توهان وٽ شام جو نيڪ ڇهين وڳي پهچنداسين/سون

يا

"توهان وٽ شام جو نيڪ ڇهين وڳي پهچنداسي/سين/سون

يا

شام جو نيڪ ڇهين وڳي پهچنداسونَو.

۽ اهو ياد رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن اهو جملو اڪيلو (ڪنهن گفتگو جي حصي ڪان سواءِ) ڳالهائبو ته پوءِ 'اسين' ضمير فاعل طور ضرور ڪم آڻبو پر جيڪڏهن اهو جملو ڪنهن گفتگو هلندي ڳالهائبو ته پوءِ اُن گفتگو جي حصي طور ڳالهائبو ته پوءِ 'اسين' ضمير فاعل طور ڪم آڻڻ جي ضرورت ڪانهي؛ البت سارو دارومدار، جملي ۾ ڪم آندل گفتگو ۽ اُن لاءِ دار/جهيلار تي آهي. نتيجي طور هيئن چئي سگهبو ته سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن کي هن موضوع تي خاموش رهڻ نه کپي ۽ سنڌي وياڪرڻ جي سلسلي ۾ ڇيڙيل هن بحث تي پنهنجا خيال ضرور ظاهر ڪرڻ کپن.

## مددي ڪتاب


١. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو ايپاس، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٨٧ع، ص ص ٢٢-٢٣، ٤٣-٤٥، ٥٢-٥٣، ١٦٤-١٦٥.

٢. ايضاً، سنڌي معلم، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص ص ١٣٢، ١٣٣، ١٣٨-١٥٢.

٣. ايضاً، سنڌي صورتخطي ڇاپو چوٿون، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ١٩٩٣ع، ص ١٤.

٤. پيرومل آڏواڻي: وڏو سنڌي وياڪرڻ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، ١٩٨٥ع، ص ص ١٤١، ٢٢١ کان ٢٢٩ ۽ ٢٣٥ کان ٢٤٠.

٥. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ: سنڌي وياڪرڻ (ڇئن ڀاڱن جو گڏيل ڇاپو)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٩٢ع، ص ص ٥٣، ٥٥، ١٦٨، ١٧٢، ٢١٤ کان ٢١٨، ٢٣٦.

٦. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: شڪارپور جي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، ١٩٩٢ع، ص ٥١.

٧. واحد بخش شيخ: سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ١٩٨٦ع، ص ٧٥.

8. Block, B, and Trager, L. "Outline of Linguistic Analysis", Linguistic Society of America, Baltimore, 1942, pp. 12 &13.

9. Gleason H. A., An Introduction of Descriptive Linguistics, New York, Holt Rinehard and Wilson, 1961.

10. Sachau, E.C., Dr., Alberunis India, English Edition, Vol:I, Lahore, Government of Pakistan, 1961, pp, 448-450.


Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

# اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي انگريزيءَ ۾ لکيل "سنڌي گرامر" جي آخر ۾ پنج سنڌي لوڪ ڪهاڻيون شايع ڪيون هيون. هن اِهو ڪتاب سن ١٨٤٩ع ۾ بمبئيءَ مان ڇپائي ظاهر ڪيو هو. اِنهن آکاڻين جي اَهميت اِها آهي ته نثر ۾ لکيل ۽ ڇاپي جي صورت ۾ آيل اِهي سڀني کان آڳاٽيون سنڌي لوڪ ڪهاڻيون آهن. جارج اسٽئڪ جو لکيل سنڌي گرامر هڪ ناياب ڪتاب آهي ۽ اُنهيءَ ۾ هن سنڌي ٻوليءَ جا مثال ۽ اِهي لوڪ ڪهاڻيون ديوناگري اکرن ۾ ڏنيون آهن. اِنهيءَ ڪري سنڌي ادب جي تاريخ لکندڙ ڪيترائي عالم، جن کي جارج اسٽئڪ جو لکيل گرامر هٿ نه آيو آهي يا جيڪي ديوناگري لپي پڙهي نٿا سگهن، اُنهن اڪثر پنهنجين لکڻين ۾ غلط ۽ اَڌورا بيان پئي ڪيا آهن. اِن ڪري ضروري سمجهيم ته سنڌي ادب جي تاريخ ۾ پيدا ٿيل اِهي غلط فهميون دور ٿين. اهي لوڪ ڪهاڻيون اڄ کان اٽڪل ڏيڍ سؤ کن سال اڳ واري زماني جي ٻول چال واري سنڌيءَ ۽ آکاڻين ٻڌائڻ جي فن جا سهڻا مثال آهن.

سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ طرفان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾ "سنڌي لوڪ ادب" جي پراجيڪٽ هيٺ، گهڻيئي سنڌي لوڪ ڪهاڻيون گڏ ڪري شايع ڪيون ويون آهن. اُنهن مان فقط راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي، اُڏارام ٿانورداس ميرچنداڻيءَ جي ترتيب ڏنل صورت ۾ اُنهن ڪهاڻين ۾ ملي ٿي. اُها ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي گرامر ۾ ڏنل اِنهيءَ ڪهاڻيءَ جو فقط نقل آهي. باقي ٻيون چار ڪهاڻيون "سنڌي لوڪ ادب" سيريز جي ڪتابن ۾ شامل ڪيل نه آهن. شهزادي امل ماڻڪ ۽ حسيني پريءَ جي لوڪ ڪهاڻي، جيڪا جارج اسٽئڪ پنهنجي گرامر ۾ ڏني آهي، اُها موضوع توڙي فن جي لحاظ کان سنڌي لوڪ ادب جو هڪ املهه رتن آهي. عجب جي ڳالهه آهي جو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ سندس رهنمائيءَ ۾ لوڪ ادب سهيڙيندڙ عملي کي اِها لوڪ ڪهاڻي زباني روايتن ۾ يا لکيل صورت ۾ هٿ نه آئي آهي.

سنڌي ادب جي تاريخ تي هيستائين سنڌ ۽ ڀارت ۾ ڇڳائي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. اِنهن کان سواءِ ادبي رسالن ۾ سنڌي ادب جي اوسر تي تحقيقي ۽ تنقيدي مضمون به گهڻائي ڇپيا آهن. اِن هوندي به سنڌي ساهتيه جا ڪيترائي اهڙا پهلو آهن، جن تي اسان کي وڌيڪ کوج ڪرڻ جي ضرورت آهي. اوائلي ۽ وچئين دؤر جي ته ڳالهه ئي ڀري رهي، پر سن ١٨٤٣ع ۾ سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ واري سال کان وٺي، سنڌي ادب جي جيڪا ترقي ٿي آهي، اُن ۾ به ڪيترين حقيقتن جي اسان کي صحيح ۽ پوري ڄاڻ حاصل ڪانه ٿي سگهي آهي. جدا جدا تاريخ نويسن ۽ ليکڪن الڳ الڳ ڳالهيون پئي بيان ڪيون آهن. ڪجهه مثال ڏسو:-

ڪريم بخش خالد "سنڌي صحافت" نالي ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي ته سنڌ ۾ پهرين اخبار سن ١٨٤٤ع ۾ ڪراچيءَ مان سر چارلس نيپئر جي برپا ڪيل سرڪاري ڇاپخاني مان شايع ٿي. اُنهيءَ جو نالو هو "سنڌ ائڊورٽائيزر". ٻئي طرف، لئمبرڪ اُن اخبار جو نالو "ڪراچي ائڊورٽائيزر" لکيو آهي، جيڪو صحيح آهي.

"سنڌ سڌار" اخبار جي شروعات ٿيڻ جو سال لالچند جڳتياڻيءَ ١٨٨٠ع يا ١٨٨٢ع لکيو آهي. غلام محمد گراميءَ "سنڌي لٿو گراف" (مهراڻ ١٩٦٤، نمبر ١) نالي مضمون ۾ ان اخبار جي شروعات ١٨٨٢ع، ١٨٨٤ع يا ١٨٨٧ع ڌاري ڄاڻائي آهي. "سنڌي صحافت" نالي ڪتاب ۾ ڪريم بخش خالد به ان اخبار جي برپا ٿيڻ جو سال

خاطريءَ سان ٻڌائي نہ سگھيو آهي. حقيقت ۾ اها اخبار سنڌ جي تعليم کاتي طرفان سن ١٨٦٦ع ۾ شروع ڪئي ويئي هئي، پوءِ سن ١٨٨٤ع ۾ ان جون واڳون ڪراچيءَ جي هڪ خانگي اداري "سنڌ سڀا" کي سونپيون ويون. ان سڀا طرفان ١٨٨٤ع کان ١٨٨٧ع تائين، ساڌو هيرانند "سنڌ سڌار" جو ايڊيٽر هو. ڪراچيءَ ۾ "سنڌ سڀا" ڪهڙي سال ۾ برپا ٿي، انهيءَ جو اڃان تائين خاطريءَ جوڳو احوال ملي نہ سگھيو آهي.

سن ١٨٥٣ع ۾ سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر ايلس پنهنجيءَ صدارت هيٺ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي، جنهن جو مقصد هو تہ عربي-فارسي اکرن جي آڌار تي سنڌيءَ لاءِ الف-بي جو هڪ نئون سرشتو تيار ڪجي. ان ڪاميٽيءَ طرفان تيار ڪيل "الف -بي" جا چارٽ جولاءِ ١٨٥٣ع ۾ اسڪولن ۾ ورهايا ويا. ڪن سنڌي تاريخ نويسن لکيو آهي تہ اها ڪاميٽي سنڌيءَ لاءِ ڪنهن هڪ رسم الخط جي چونڊ ڪرڻ لاءِ مقرر ڪئي ويئي هئي. اها ڳالھ صحيح نہ آهي. محمد صديق ميمڻ، "سنڌي ادب جي تاريخ" (ٻاڳو پهريون، ١٩٦٢ع وارو ڇاپو، صفحو ١٩- ٢٠) ۾ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جا نالا بہ لکيا آهن، جن ۾ هڪ آهي خانبهادر مرزا صادق علي بيگ. ان لسٽ کي پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ (ڏسو سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ،١٩٤١ع، صفحو ٢٨٣)، غلام علي الانا (ڏسو سنڌي صورتخطي، ٽيون ڇاپو، ١٩٦٩ع، صفحو ٣٦- ٣٧) ۽ ڪن ٻين ليکڪن بہ دهرايو آهي. پيرومل آڏواڻيءَ صاف لکيو آهي تہ مرزا صادق علي بيگ، سنڌيءَ جي مشهور ليکڪ مرزا قليچ بيگ جو مربي پاءُ هو. مون جڏهن مرزا قليچ بيگ جي لکيل آتم ڪٿا وارو ڪتاب "سائو پن يا ڪارو پنو" پڙهيو، تڏهن معلوم ٿيو تہ مرزا صادق علي بيگ ١٨٤٥ع ۾ ڄائو هو. قليچ بيگ جون ڏنل تاريخون ۽ سال خاطريءَ جوڳا آهن. ان حالت ۾ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا مرزا صادق علي بيگ کي سرڪار ١٨٥٣ع ۾ اٺن سالن جي عمر ۾ ان ڪاميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو هو؟ ضرور ڪٿي نہ ڪٿي ڪا غلطي ٿي آهي. ڪاميٽيءَ جا ميمبر ڪير ڪير هئا ۽ ڪاميٽيءَ ۾ ڪهڙن موضوعن تي بحث ٿيو، ان جي سموري تصديق ان وقت جي سرڪاري رڪارڊ مان ئي ڪري سگھبي.

غلام علي الانا "سنڌي صورتخطي" (ٽيون ڇاپو، ١٩٦٩ع) ڪتاب ۾ ايلس جي صدارت هيٺ مقرر ڪيل انهيءَ ڪاميٽيءَ ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن جا نالا بہ ڄاڻايا آهن (صفحو ٣٦- ٣٧). هن ان سلسلي ۾، "سنڌ ۾ تعليم بابت رپورٽ" (Report on Education in Sindh)مان حوالا بہ ڏنا آهن. اها رپورٽ ايلس ١٨٥٥ع ۾ تيار ڪري، سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر کي پيش ڪئي هئي. مون جڏهن اها رپورٽ هٿ ڪري نظر مان ڪڍي، تہ معلوم ٿيو تہ ايلس صاحب سن ١٨٥٣ع ۾ جنهن ڪاميٽيءَ کان نئون الف - بي جو سرشتو تيار ڪرايو، ان ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ ۽ ڪئپٽن برٽن ميمبر ڪونہ هئا. حقيقت ۾ سنڌيءَ لاءِ رسم الخط چونڊڻ جي باري ۾ انهن ٻنهي عالمن جا رايا بارٽل فريئر ۽ ايلس اڳ ۾ ئي معلوم ڪيا هئا. ان ڪري ايلس صاحب، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن جو عربي - فارسي اکرن مقرر ڪرڻ جي فائدي ۾ آرڊر ملڻ شرط، سن ١٨٥٣ع ۾ انهن اکرن جي آڌار تي سنڌيءَ لاءِ آئيوينٽا جو نئون سرشتو تيار ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. هن، ڪاميٽيءَ ۾ وري نئين سر سنڌيءَ لاءِ ڪو هڪ رسم الخط چونڊڻ بابت بحث ڇيڙڻ واجب نہ سمجھيو.

اهڙي قسم جا غلط بيان، جارج اسٽئڪ جي "سنڌي گرامر" ۾ ڇپيل لوڪ ڪهاڻين بابت بہ ڪن تاريخ نويسن لکيا آهن. محمد صديق ميمڻ کي جارج اسٽئڪ جي گرامر ۾ ڇپيل سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي ڄاڻ نہ هئي. "سنڌي ادب جي تاريخ" ۾ هن ڪنهن بہ هنڌ ان جو ذڪر نہ ڪيو آهي. ميمڻ صاحب کي فقط اُڌارام ٿانوَرداس ميرچندانيءَ جو ١٨٦١ع ۾ عربي - سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڇپايل "راءِ ڏياچ جو قصو" نظر آيو آهي. ان ڪري هن صاف لفظن ۾ لکيو آهي تہ اُڌارام ٿانورداس اها آکاڻي زباني روايت مان پاڻ لکي ڪتاب جي صورت ۾ ڇپائي ۽ آکاڻيءَ جي پڇاڙيءَ

۾ جيڪو بيت آهي، اُهو اُڌارام جو ئي ناهيل آهي. (ڏسو - تاريخ سنڌي ادب، ڀاڱو ٢. صفحو ٨٥-٨٨). جيڪڏهن ميمڻ صاحب اسٽئڪ جي گرامر ۾ لکيل راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي پڙهي ها تہ کيس هڪدم معلوم ٿي وڃي ها تہ اُڌارام فقط ان گرامر مان آکاڻي کڻي، عربي-سنڌي اکرن ۾ معمولي تبديلي سان اُتاري ڇپائي آهي.

منگهارام اڌارام ملڪاڻيءَ کي بہ جارج اسٽئڪ جو گرامر هٿ نہ لڳو آهي. هن ڏيارام وسٽمل ميرچنداڻيءَ جي تيار ڪيل ڪتاب "چوند سنڌي نثر" مان معلوم ڪيو تہ راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي آکاڻي اصل ۾ ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جي گرامر ۾ درج ٿيل هئي. بس، پوءِ کيس ڇڻ تہ وڏي ثابتي ملي ويئي. ملڪاڻي صاحب شد مد مان اعلان ڪيو تہ ڏيارام کي خبر ئي ڪانہ آهي تہ اها آکاڻي سندس ئي خاندان جي ليکڪ اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻيءَ زباني روايت مان لکي، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ کي ڏني هئي. ان آکاڻيءَ جو ليکڪ اُڌارام آهي، ان جي ڄاڻ کيس ميمڻ جي ڪتاب مان ملي. ملڪاڻيءَ اهو فيصلو ڪندي، ان حقيقت تي بلڪل ڌيان ئي ڪونہ ڏنو تہ جارج اسٽئڪ جڏهن ١٨٤٦-٤٧ع ڌاري پنهنجي لکيل گرامر جو دستخط مڪمل ڪيو، تڏهن اُڌارام ٿانورداس تيرهن چوڏهن سالن جو ٻار مس هو. (اُڌارام سن١٨٣٣ع ۾ ڄائو هو.) اهو ڪوڙو ئي دل سان نٿو لڳي تہ اسٽئڪ سنڌ جي سڀني عالمن کي ڇڏي، هڪ ٻار کي اها آکاڻي هٿ ڪري لکي ڏيڻ لاءِ چيو هوندو. ملڪاڻي صاحب "سنڌي نثر جي تاريخ" ۾ اهو بہ لکيو آهي تہ اسٽئڪ جي گرامر ۾ ٻين آکاڻين سان گڏ دودي چنيسر جو اصلي قصو بہ ڇپيل آهي (صفحو ١٦). اهو بہ بنهہ غلط بيان آهي.

لالسنگهہ اجواڻيءَ انگريزيءَ ۾ لکيل "سنڌي ادب جي تاريخ" ۾ ڪنهن بہ سوچ ويچار ڪان سواءِ، ملڪاڻي صاحب جي بيان کي سند طور مڃي، لکيو آهي تہ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي گرامر ۾، اڌارام ٿانورداس جي لکيل "راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي آکاڻي" سنڌي نثر جي مثالن طور ضميمي ۾ ڏني آهي. اهڙيءَ طرح، "سنڌي ادب جي تاريخ" تي لکيل ڪتابن ۾ مون کي ٻيا بہ ڇڳائي مثال مليا آهن، جن ۾ هڪ ليکڪ جي غلط بيان کي، تصديق ڪرڻ کان سواءِ ٻين ليکڪن پڻ دهرايو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ طرفان لوڪ ادب سلسلي جي انٽيهين ڪتاب "سورٺ - راءِ ڏياچ ۽ هير رانجهو" (مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سال ١٩٧٦) ۾ صفحي ١٠٤ کان ١١٤ تائين اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻيءَ جو ترتيب ڏنل "راءِ ڏياچ جو قصو" ڏنل آهي. اهو اڌارام سن ١٨٦١ع ۾ نئين تيار ڪيل عربي-سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڇپايو هو. ان جي ڀيٽ، جيڪڏهن هن ڪتاب ۾ ڏنل راءِ ڏياچ جي لوڪ ڪهاڻيءَ سان ڪبي تہ هڪدم ظاهر ٿي پوندو تہ اڌارام فقط ڪن هنڌن تي لفظن جي معمولي تبديلي ڪري، اسٽئڪ جي گرامر تان اها آکاڻي اتاري آهي.

سن ١٨٦١ع ۾ اڌارام ٿانورداس، راءِ ڏياچ جي قصي سان گڏ ٻيون بہ ڏهہ آکاڻيون شامل ڪري، آکاڻين جو مجموعو ڇپايو هو. اهو ڪتاب لٿو ۾ ڇپيل آهي. ان ۾ اسٽئڪ جي گرامر مان ڏاهرين واري ڪهاڻي بہ اتاري ڏني ويئي آهي. ان مان بہ ثابت آهي تہ اڌارام وٽ اسٽئڪ صاحب وارو سنڌي گرامر موجود هو، جنهن مان هن سنڌي ڪهاڻين جي چوند ڪئي آهي. اڌارام سنڌي ساهتيہ جا گهڻا پرڻ ۾ وسان نہ گهٽايو آهي. هن لعلي ڀڳت جو نظم ۾ جوڙيل ڪامسين ۽ ڪامروپ جو قصو بہ هٿ ڪيو، جيڪو اصل ۾ ديوناگري اکرن ۾ لکيل هو. هن اهو عربي - سنڌي صورتخطيءَ ۾ اتاري تعليم کاتي کي ڏنو، جنهن سن ١٨٦٩ع ۾ ان کي ڇپائي ظاهر ڪيو. ساڳيءَ طرح ڪوڙي مل چندن مل کلناڻيءَ گرمکي اکرن ۾ لکيل ساميءَ جي سلوڪن کي عربي-سنڌي لکاوٽ ۾ آڻي، سنڌي ادبي جڳت ۾ انهن کي مشهور ڪيو. اهي عالم جيڪڏهن ديوناگري ۽ گرمکي کان واقف نہ هجن ها، تہ سنڌي ادب جون انهن

اڪرن ۾ لکيل رچنائون شايد روشنيءَ ۾ نه اچن ها.

اٺيتاليهن سالن بعد مون کي ١٩٨٥ع ۾ پنهنجيءَ جنم ڀونءِ سنڌڙيءَ جي پاڪ پٽي اڪين کي لائڻ جي خوشنصيبي حاصل ٿي. گهڻن ئي عالمن ۽ فاضلن سان ڪچهريون به ٿيون. اتي سنڌ جي ٻوليءَ ۽ ادب، تاريخ ۽ ثقافت تي گهڻوئي تحقيقي ڪم ٿي رهيو آهي، پر سنڌ ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا سنڌي عالم مس نظر آيم. جيڪي عربي ۽ فارسيءَ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ، سنڌيءَ سان تمام ويجهو رشتو رکندڙ ٻين ٻولين (جهڙوڪ، سنسڪرت، پالي، پراڪرت، هندي، گجراتي، مراٺي، راجستاني، وغيره) جو به علم رکن ٿا ۽ جدا جدا لکاوٽون (مثال طور ديوناگري، گجراتي، گرمکي، بنگلا، وغيره) به ڄاڻن ٿا. جس آهي سنڌيءَ جي بزرگ عالم عبدالڪريم سنديلي کي، جنهن ڀارت جي جدا جدا ٻولين ۽ لکاوٽن جو اڀياس ڪيو آهي. سندس شخصي ڪتبخاني ۾ مختلف ٻولين جون اٽڪل اڍائي سؤ ڊڪشنريون آهن. هن صاحب سنڌي لفظن جي اشتقاق ڳولڻ ۽ سنڌيءَ جي ٻين لسانياتي پهلوئن تي کوج ڪرڻ لاءِ جدا جدا ٻولين جي ڊڪشنرين ۽ وياڪرڻن تي ڏينهن رات نور نچويو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي کوجنا جي ڏس ۾ سنڌ جي ٻين به ڪن ليکڪن ۽ محققن (جيئن ته سراج الحق ميمڻ، تنوير عباسي، ميمڻ عبدالجميد سنڌي) ديو ناگري، گجراتي وغيره اکرن جو علم حاصل ڪرڻ جي سخت ضرورت محسوس ڪئي آهي. ٻئي طرف، ڄامشوري ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لئبريريءَ ۾ ڪتابن ۾ اکٽ ڀنڊار ڏٺم. پر اتي جي لئبريري اسٽاف ۾ هڪ به شخص نظر نه آيم، جيڪو ديوناگري، گجراتي، گرمکي وغيره اکرن کان واقف هجي. ايتري قدر جو اتي ڪم ڪندڙن کي جڏهن هڪ الماريءَ مان جارج اسٽئڪ جون مرتب ڪيل سنڌي لغاتون ڪڍي ڏيکاريم ۽ ٻڌايومان ته اهي سنڌيءَ ٻوليءَ جون اوائلي ڊڪشنريون آهن، ته ويسهه نه پيو اچين. ڪين اها ڄاڻ ٻنهه ڪانه هئي ته سنڌي انهن اکرن ۾ لکي ويندي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب، سنڌ جي تاريخ ۽ تمدن تي انگريزيءَ کان سواءِ هندي، گجراتي، راجستاني، مراٺي وغيره ٻولين ۾ به نهايت ڪارائتا ڪتاب شايع ٿيل آهن. اهڙن ڪتابن جي سنڌالاجيءَ جي لئبريريءَ ۾ اڻاٺ آهي، ڇاڪاڻ ته انهن ٻولين جا ڄاڻو ان مرڪز ۾ نه آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب، سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت جي تحقيق لاءِ ضروري آهي ته اسين پنهنجيءَ کوج جو دائرو فقط سنڌ تائين محدود نه رکون. سنڌ جي سرحد سان لڳل جيڪي ڀارت ۾ علائقا آهن (جيئن ته راجستان، ڪڇ ۽ گجرات توڙي انهن جي نزديڪ پنجاب، هرياڻا، مهاراشٽر ۽ ٻيا علائقا)، انهن جي ٻوليءَ، ادب ۽ تمدن سان به ڀيٽ ڪندي، اسين جدا جدا موضوعن جو اڀياس ڪريون. ان سان ڪيترين نيون حقيقتون روشنيءَ ۾اينديون. قاضي قادن جا وڏيڪ سنڌي بيت، راجستان ۽ هرياڻا جي مندرن ۾ رکيل ڌرمي پوٿين مان مليا آهن. پراڻنات ۽ دادو ديال جي سنڌي واڻي به ديوناگريءَ ۾ لکيل انهن سنتن جي پنٿ وارن ڌرمي ڪتابن مان هٿ آئي آهي. راجستان ۽ گجرات جي لوڪ ادب ۾ ڪيترين ئي روايتون ۽ ڪهاڻيون آهي، جيڪي سنڌ جي لوڪ ادب ۾ ملن ٿيون. سنڌ جي سونهاري شاهه عبداللطيف جو ڪيترو ڪلام ڪڇ، ٻارمير، جيسلمير ۽ جوڌپور جي عوامي شاعرن ۽ سگهڙن وٽ اڃ به زباني روايتن ذريعي محفوظ آهي. سنڌ جي لوڪ ڪلا، راجستان ۽ گجرات جي لوڪ ڪلا سان گهڻي مشابهت رکي ٿي. انهيءَ ڪري سنڌ ۽ هند جي سنڌي عالمن لاءِ لازمي آهي ته هو تقابلي ۽ مشابهتي اڀياس طرف به ڌيان ڏين. ان طرح سنڌي ثقافت ۽ تاريخ جا ڪيترائي نوان پهلو روشنيءَ ۾ اچي سگهبا. ان سلسلي ۾ مان خاص طور سنڌيونيورسٽيءَ جي اختياري وارن کي عرض ڪندس ته هو پنهنجيءَ يونيورسٽيءَ ۾ ڀارت جي ٻين مکيه ٻولين جي تعليم ڏيڻ جو بندوبست ڪن. ان سان اتي جي ڪيترن ئي نوجوان محققن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تقابلي اڀياس ڪرڻ لاءِ چاهه به پيدا ٿيندو ۽ سندن نظريو وڌيڪ وسيع بڻبو.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي رچنائن جو مطالعو ڪندي، مون گهڻي ڪوشش ڪئي ته هن عالم جي زندگيءَ جو سربستو احوال ۽ سندس فوٽو به هٿ ڪري پيش ڪريان. ان لاءِ پارت جي جدا جدا لئبررين ۾ پراڻا رڪارڊ ۽ دستاويز به جاچيا اٿم، پر اجان تائين ڪاميابي حاصل ڪانه ٿي آهي. ان ڪري اسٽئڪ صاحب بابت جيتري جاڻ ملي سگهي آهي، في الحال ان تي ئي سنتوش ڪرڻو پيو آهي. ممڪن آهي ته سنڌ آڪائيوز جي رڪارڊن مان جارج اسٽئڪ بابت وڌيڪ معلومات حاصل ٿي سگهي. سنڌ جا محقق جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي هن عالم تي وڌيڪ روشني وجهندا ته انهيءَ کوٽ جي پورائي ٿي سگهندي.

* * *

اسان کي هيستائين جيڪي به نثر ۾ لکيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ڇپيل صورت ۾ حاصل ٿيون آهن، انهن ۾ آڳاٽي ۾ آڳاٽيون ڪهاڻيون اُهي آهن، جيڪي ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي تيار ڪيل "سنڌي گرامر" ۾ شايع ڪيون آهن. هي پنج سنڌي لوڪ ڪهاڻيون زباني روايتن مان چونڊي، گرامر جي آخر ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي اڀياس لاءِ مثال طور ڏنيون آهن. جارج اسٽئڪ سن ١٨٤٩ع ۾ اهو گرامر بمبئيءَ مان ڇپائي ظاهر ڪيو هو، جيڪو انگريزيءَ ۾ لکيل آهي * هن انهيءَ ڪتاب جو مهاڳ پهرين مارچ ١٨٤٧ع تي لکيو هو، جنهن جي حاشئي ۾ ڄاڻايو اٿس ته وٽس انهيءَ گرامر جو دستخط اٽڪل ٽن سالن کان تيار رکيو هو، پر ڪيترن ئي سببن ڪري انهيءَ جي اشاعت ۾ دير پئجي ويئي هئي. جارج اسٽئڪ جو ويچار هو ته گرامر جي آخر ۾ چونڊ سنڌي اصطلاحي جملا ۽ پهاڪا به ڏجن، پر بيماريءَ سببان پنهنجي ڪتاب ۾ اهو اضافو نه ڪري سگهيو هو.

سنڌي نثر توڙي نظم ۾ قصن ۽ داستانن، ڳالهين ۽ آکاڻين چوڻ جي زباني روايت گهڻي آهي. اهي رچنائون سيني به سيني، هڪ پيڙهيءَ کان ٻيءَ پيڙهيءَ کي ملنديون رهيون آهن. پر سنڌي لوڪ ادب جو اهڙو ذخيرو عيسوي ارڙهين صديءَ کان اڳ، لکيل صورت ۾ اجا تائين نظر ڪونه آيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تحقيق مطابق، تحريري صورت ۾ حاصل ٿيل، آڳاٽي ۾ آڳاٽي قصو ڪڇ جي شاعر سيد فاضل شاهه جو نظم ۾ لکيل "ليليٰ مجنون" آهي. اهو هن ٢٧ رمضان ١١٣٦هه (١٧٢٣ع) تي جوڙي راس ڪيو هو. ٻئي طرف جيڪڏهن اسين سنڌي نثر ۾ جوڙيل قصن ۽ داستانن، ڳالهين ۽ آکاڻين جي تاريخ جاچيون ته معلوم ٿيندو ته سن ١٨٤٣ع ۾ سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ کان اڳ واري زماني ۾، هڪ به اهڙي قسم جي سنڌي نثر ۾ رچنا، لکيل صورت ۾ اسان کي حاصل ڪانه ٿي آهي. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ئي پهريون عالم آهي، جنهن زباني روايتن ۾ مروج نثر ۾ چيل پنج سنڌي لوڪ ڪهاڻيون چونڊي، سن ١٨٤٩ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيون.

## ڪئپٽن جارج اسٽئڪ

Gul Hayat Institute

سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي ڪم ڪندڙ يورپي عالمن ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو درجو اهميت پريو آهي. هو سر چارلس نيپئر جي اپامڪاريءَ ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي مقرر ڪيو ويو. کيس جدا جدا ٻولين جي اڀياس ڪرڻ جو گهڻو شوق هو. سنسڪرت، هندي، اردو ۽ ٻين ڪن هندوستاني ٻولين ۾ اڳيئي هن کي مهارت حاصل هئي، انهيءَ ڪري سنڌ ۾ پهچڻ شرط هن سنڌي ٻولي سکڻ جو فيصلو ڪيو. ان ڏس ۾ اسٽئڪ کي ڪي به ڪارائتا ڪتاب نظر نه آيا. هن کان اڳ پرنسيپ، واٿين، رئموس، ايسٽوِڪ ۽ ليچ سنڌي ٻوليءَ تي ڪجهه معلومات ڏيندڙ وياڪرڻ جا خاڪا ۽ سنڌي لفظن جون فهرستون ڇپائي ظاهر ڪيون هيون. پر انهن ذريعي ٻولي سکڻ ۾ گهڻي

* Captain George Stack: "A Grammer of the Sindhi Language". American Mission Press, Bombay. 1849.

واهر ڪانه ٿي ملي. انهيءَ ڪري جارج اسٽئڪ من ئي من ۾ پڪو ارادو ڪيو ته جلد بہ جلد سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪري، انهيءَ جو گرامر ۽ ڊڪشنريون تيار ڪري شايع ڪرائي. انهيءَ سان سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ بين بہ يورپي عملدارن کي سنڌي سکڻ ۾ مدد ملندي. بس، پوءِ ته هو انهيءَ ڪم کي جنبي ويو. روزاني زندگيءَ ۾ سنڌ جي جدا جدا حصن جي رهاڪن جي سنڌيءَ ۾ گفتگو ۽ اچارن توڙي لهجن جي باريڪين کي جاچڻ لڳو. ان طرح ٻڌندي ٻڌندي هن سنڌيءَ جو علم حاصل ڪيو. هن سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي بيهڪ ۽ سٽاءُ جا نيم تيار ڪيا ۽ سنڌي لفظن جو ججهو خزانو بہ ياڻ وٽ گڏ ڪيو.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ "سنڌي گرامر" جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ "ڪيس سنڌ ۾ هڪ بہ اهڙوسنڌي شخص نہ مليو، جنهن کي پنهنجي مادري زبان جي وياڪرڻ جي ڄاڻ هجي ۽ هو سنڌي ٻوليءَ جي لساني خوبين کان واقف هجي. پڙهيل ڳڙهيل بہ ائين سمجهندا هئا ته سنڌي ته مسخرن جي لائق ٻولي آهي. مسلمان عربي ۽ فارسيءَ جو علم حاصل ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا تہ ٻئي طرف هندو وري فارسي يا هندي ۽ پنجابي سکڻ ۾ شان سمجهندا هئا."

ڏسجي تہ جارج اسٽئڪ جي انهيءَ بيان ۾ وڏاءُ ڪونہ ٿو لڳي. اسين ٽالپرن جي زماني جي تعليمي حالتن تي نظر ڊوڙائينداسين تہ معلوم ٿيندو تہ مڪتبن ۾ مکيہ طور عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ڏني ويندي هئي. ڪيترا سنڌي هندو بہ مدرسن ۾ فارسي سکندا هئا ۽ گهرن يا پاٺشالائن ۾ سنسڪرت ۽ هندي سکندا هئا. تعليمي سرشتي ۾ سنڌي سيکارڻ کي ڪابہ خاص جاءِ مليل نہ هئي. اها تہ سنڌين جي ماءُ پيٽان ٻولي هئي، جيڪا ٻار سياويڪ نموني سکي ويندا هئا. ڪن مڪتبن ۽ مدرسن ۾ جيڪڏهن سنڌيءَ جي علم ڏيڻ جو بندوبست هو، تہ اهو فقط عربي - فارسي اکرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پڙهڻ ۽ لکڻ تائين محدود هو. انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ سنڌ جي عوامي شاعرن، صوفين، سنتن ۽ مهاتمائن پنهنجو ڪلام سنڌيءَ ۾ چيو آهي، جيڪو گهڻو عرصو زباني روايتن ذريعي محفوظ رهيو. ڪن شخصن ڪجهہ سنڌي ڪلام لکت ۾ آڻي، انهيءَ جا قلمي نسخا تيار ڪيا. اهڙن دستخطن جو دائرو تمام محدود هو. عام طور، سنڌيءَ جو واهپو روزاني زندگيءَ جي وهنوار ۽ ڏنڌي ۽ واپار جي لکپڙهہ ۾ ٿيندو هو.

## سنڌيءَ لاءِ لکاوٽ جو مسئلو

اهڙين حالتن ۾ جس هجي ڪئپٽن جارج اسٽئڪ کي، جنهن پنهنجي ليکي سنڌي ٻوليءَ جي سکڻ جو طريقو ڳولي ڪڍيو. نہ فقط ايترو، پر پنهنجي آفيس جي جوابدارين کي منهن ڏيندي، هن سنڌيءَ جي وياڪرڻ ۽ ڊڪشنرين ناهڻ جو ڳاتي پڳو ڪم بہ هٿ ۾ ڪنيو. پر انهن ڪتابن جي تيار ڪرڻ ۾ سندس سامهون وري ٻيو مکيہ مسئلو "سنڌي رسم الخط" جو پيدا ٿيو. هن ڏٺو تہ سنڌيءَ لاءِ ڪابہ هڪ مقرر لکاوٽ آهي ئي ڪانہ. مسلمان ڪاتب صوفياني ڪلام ۽ مذهبي ڪتابن لکڻ لاءِ عربيءَ جي اناويهن اکرن يا فارسيءَ جي ٽيٽهن اکرن کان ڪم وٺن ٿا. انهن ۾ ٿوري تبديلي ڪري سنڌيءَ جي خاص اچارن کي لکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پر هر ڪنهن ڪاتب جي لکڻ جو طريقو پنهنجو آهي. انهن اکرن ۾ سنڌيءَ جي لکڻ جو مقرر سرشتو نہ آهي. ٻئي طرف، ڪيترا هندو، سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ لاءِ ديوناگري اکرن جو استعمال ڪن ٿا يا گرمکي اکر ڪتب آڻين ٿا. ڏنڌي ۽ واپار جي لکپڙهہ ۽ وهين لکڻ ۾ وري "سنڌي" (هندو - سنڌي، خوجڪي، ميمڻڪي لپي) اکرن جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. انهن اکرن جا بہ سنڌ جي جدا جدا حصن ۾ الڳ الڳ نمونا آهن. انهن مان ڪنهن بہ لکاوٽ کي سڌاري، سنڌي لکڻ لاءِ ڪوبہ مقرر سرشتو تيار نہ ڪيو ويو آهي. ان حالت ۾ جارج اسٽئڪ لاءِ مکيہ سوال اهو پيدا ٿيو تہ هو سنڌي گرامر ۽ ڊڪشنرين ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ لاءِ ڪهڙو رسم الخط اختيار ڪري. آخر گهڻيءَ ڳڻ ڳوت بعد، هن پنهنجن ڪتابن ۾ ديوناگري اکرن ۾ گهربل



Gul Hayat Institute

تبديلي ڪري، انهن کي سنڌي لکڻ لاءِ استعمال ڪيو. انهيءَ فيصلي جا مکيه سبب جارج اسٽئڪ اهي ڄاڻايا آهن ته سنڌي آريائي نسل جي ٻولي آهي جنهن لاءِ اها لکاوت وڌيڪ موزون آهي. ٻيو ته هندستان ۽ سنڌ ۾ جيڪي به يورپي عملدار سرڪاري عهدن تي آهن، اهي گهڻو ڪري ديوناگري اکر اڳيئي ڄاڻن ٿا. جيئن ته انهن ڪتابن تيار ڪرڻ جو مقصد يورپي آفيسرن کي سنڌي سيکارڻ آهي، انهيءَ ڪري ديوناگريءَ ۾ سنڌي لکڻ ڪري، کين ٻوليءَ جي سکڻ ۾ سهوليت ٿيندي.

## سنڌي گرامر ۽ ڊڪشنري

سنڌيءَ لاءِ پنهنجن ڪتابن ۾ ديوناگري اکرن استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ بعد، جارج اسٽئڪ اول "سنڌي گرامر" تيار ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. مارچ ۱۸۴۷ع ۾ انهيءَ جي پريس ڪاپي مڪمل ڪيائين. انهيءَ ڪتاب سان گڏوگڏ هو انگريزي-سنڌي لغات به مرتب ڪندو رهيو. اهي ٻئي ڪتاب هن بمبئي سرڪار جي حڪم سان، آمريڪن مشن پريس بمبئيءَ مان سن ۱۸۴۹ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيا. جارج اسٽئڪ جو لکيل سنڌي گرامر انهيءَ ڏس ۾ هڪ بنيادي رچنا آهي، جنهن مان ان وقت جي سنڌي ٻوليءَ جي بيهڪ جي ڄاڻ پوي ٿي. انهيءَ ۾ هن هٿواٽڪن "سنڌي" اکرن جي جدا جدا نمونن جا چارٽ به ڏنا آهن، جيڪي پوءِ گريئرسن پنهنجي لکيل ڪتاب "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جائزي سان گڏ ڏهرايا آهن. (ڀاڱو ۸، پارٽ ۱، سن۱۹۱۱ع). انگريزي-سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ اٽڪل ٻارهن هزارن انگريزي لفظن لاءِ سنڌي هم معنيٰ لفظ ڏنل آهن. انهن ۾ ڪيترائي نيٺ سنڌي لفظ ملن ٿا، جن مان ڪن جو هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ واهپو گهٽجي ويو آهي يا بلڪل بند ٿي ويو آهي. انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي اوسر جي خيال کان انهيءَ ڊڪشنريءَ کي گهڻي اهميت آهي. ايشين ايجوڪيشنل سروس نئين دهليءَ طرفان سال ۱۹۸٦ع ۾ انهيءَ لغات کي فوٽو آفسيٽ ذريعي ٻيهر ڇپائي ظاهر ڪيو ويو آهي.

## سنڌي-انگريزي ڊڪشنري

مٿين ٻن ڪتابن سان گڏوگڏ جارج اسٽئڪ سنڌي-انگريزي ڊڪشنري مرتب ڪرڻ جو ڪم به هٿ ۾ ڪنيو. انهيءَ ڪم ۾ کيس حيدرآباد سنڌ جي پنڊت برهم سچدانند گهڻي مدد ڪئي. ان بعد ساڳئي شهر جو ٻيو پنڊت جيشنڪ برهم يا جيتارام به جارج اسٽئڪ جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. هڪ طرف آفيس جي جوابداري، ٻئي طرف يورپي لوڪن لاءِ سنڌ جي ناموافق آبهوا ۽ ٽئين طرف گرامر ۽ ڊڪشنرين تيار ڪرڻ جهڙي انڪائي ڪم تي ڏينهن رات نور نچوئڻ-اهي اهڙا ڪشالا هئا جن اسٽئڪ صاحب جي صحت کي جهوري ڇڏيو. انهيءَ ڪري کيس لاچار سنڌي-انگريزي ڊڪشنريءَ جو ڪم ڪجهه وقت لاءِ روڪڻو پيو. سن ۱۸۴۹ع ۾ هو موڪل وٺي علاج لاءِ انگلينڊ روانو ٿيو. ڪجهه عرصي بعد جڏهن جارج اسٽئڪ نؤبنو ٿيو، تڏهن برطانيه سرڪار کيس هندستان ۾ ڪنهن ٿڌي آبهوا واري علائقي ۾ وڏي عهدي تي مقرر ڪرڻ جي آڇ ڪئي، پر هن عالم کي سنڌي ٻوليءَ سان اينترو ته عشق هو، جو هن انهيءَ سرڪاري آڇ کي ٿو ڪتا ڪري ڇڏيو. جارج اسٽئڪ کي اندر ۾ اهائي آنڌ مانڌ هئي ته اڌ ۾ ڇڏيل سنڌي-انگريزي ڊڪشنريءَ جو ڪم جلد به جلد مڪمل ڪريان. انهيءَ ڪري هو جيئن ئي تندرست ٿيو ته وري ساڳئي عهدي تي حيدرآباد سنڌ ۾ موٽي آيو.

## لکاوت مقرر ڪرڻ جو سوال

ان وقت سنڌ جو ڪمشنر سربارٽل فريئر هو ۽ بي. ايڇ. ايلس اسسٽنٽ ڪمشنر هو. تعليم کاتي جي جوابداري

ايلس مٽان هئي. سرڪاري پاليسيءَ مطابق سنڌ ۾ فارسيءَ بدران سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري لکپڙهه لاءِ تسليم ڪيو ويو. انهيءَ کان سواءِ سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ به ڀرپور اپاءَ ورتا ويا. اتي سنڌيءَ لاءِ ڪو هڪ مقرره رسم الخط اختيار ڪرڻ جو سوال پيدا ٿيو. ڪمشنر صاحب، سنڌيءَ جي ٻن ماهر سرڪاري عملدارن کان راءِ ورتي. اهي هئا رچرڊ فرانسز برٽن ۽ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ. پهرئين عالم عربي-فارسي اکرن ۾ ضروري سڌارا ۽ واڌارا ڪري، انهن جي بنياد تي سنڌيءَ لاءِ صورتخطي ناهڻ جي صلاح ڏني. ان لاءِ مکيه سبب هن اهي ڄاڻايا ته عربي اکرن ۾ اڳيئي سنڌي ڪتاب لکيا پيا وڃن، جيڪي قلمي نسخن جي صورت ۾ موجود آهن. ٻيو ته پڙهيل ڳڙهيل سنڌي مسلمان ۽ ڪيترائي سنڌي هندو به عربي-فارسي اکرن کان واقف آهن، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ فارسي ٻولي ڪيترين ئي صدين کان وٺي سرڪاري ڪاروبار جي ٻوليءَ طور استعمال ٿيندي رهي آهي. ٿيون ته عربي-فارسي اکرن ۾ معمولي تبديلي ۽ اضافو ڪري، آسانيءَ سان سنڌيءَ لاءِ هڪ نئون رسم الخط جوڙي سگهجي ٿو.

ٻئي طرف، جارج اسٽئڪ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته "سنڌي" لکاوٽ (جنهن کي هن هندو-سنڌي يا خداوادي اکر به سڏيو آهي) ۾ ڀرپور ترميم ڪري، انهيءَ ۾ سرن ڏيکارڻ لاءِ ماترائون جوڙي، هن ٻوليءَ لاءِ صورتخطيءَ جو سرشتو مقرر ڪيو وڃي. سندس رايو هو ته اهي اکر عربن جي سنڌ ۾ آمد کان به اڳ واري دؤر کان وٺي سنڌي لکڻ لاءِ استعمال ڪيا پيا وڃن. اهي براهمي ۽ ديوناگري اکرن سان لاڳاپو رکن ٿا، جيڪي آريائي نسل وارين ٻولين لاءِ ڪتب اينديا پيئون آهن. انهيءَ کان سواءِ "سنڌي" اکر سنڌين جي پنهنجي علحدي ۽ نرالي لکاوٽ کي ڄاڻائن ٿا، جنهن جو استعمال نه فقط سنڌي هندو پر سنڌ جا خوجا ۽ ميمڻ واپاري به تجارتي لکپڙهه ۽ حساب ڪتاب رکڻ ۾ ڪن ٿا.

## لکاوٽ بابت فيصلو

بارٽل فريئر، سنڌيءَ جي ٻن ماهر سرڪاري عملدارن جا هڪ ٻئي کان مختلف رايا ڏسي منجهي پيو. هن سن ١٨٥١ع ۾ سنڌي تعليم ۽ رسم الخط جو سڄو مسئلو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ڏانهن لنڊن ۾ ڏياري موڪليو. ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن ان سوال تي بحث ڪري، سنڌ ۾ مسلمانن جي گهڻائيءَ کي ڌيان ۾ رکي، سياسي نقطي نگاهه کان، ڊسمبر ١٨٥٢ع ۾ بمبئي سرڪار کي اهو فيصلو لکي موڪليو ته سنڌيءَ لاءِ عربي اکرن ۾ ڀرپور سڌارا ۽ واڌارا ڪري رسم الخط تيار ڪيو وڃي. پر ساڳئي وقت هنن بمبئي سرڪار کي اها به صلاح ڏني ته ان فيصلي تي عمل ڪرڻ کان اڳ بهتر ٿيندو ته يورپي ۽ ڏيهي سنڌي عالمن جي هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي وڃي، جيڪا ان سوال تي وڌيڪ بحث ڪري، اهڙو فيصلو ڪري جيڪو عوام لاءِ فائديمند ۽ موزون هجي.

## عربي-سنڌي لکاوٽ جو سرشتو

ان آرڊر پهچڻ بعد، سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر ايلس، فريئر صاحب سان صلاح ڪري، سنڌيءَ لاءِ صورتخطيءَ جي چونڊ ڪرڻ تي وري بحث ڪرڻ واجب نه سمجهيو. انهيءَ ڪري هن عربي رسم الخط مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪري، سنه ١٨٥٣ع جي شروعات ۾ سنڌ جي هندو ۽ مسلمان عالمن جي هڪ ڪاميٽي پنهنجي صدارت هيٺ مقرر ڪئي. ان ڪاميٽيءَ عربي-فارسي اکرن ۾ ڀرپور سڌارا ۽ واڌارا ڪري، سنڌيءَ لاءِ ٻاونجاهه اکرن جي صورتخطي جو سرشتو ناهيو. ان موجب جولاءِ ١٨٥٣ع ۾ عربي سنڌي الف - بي جا چارٽ ڇپائي ورهايا ويا ۽ سرڪار جي تعليم کاتي طرفان انهيءَ سرشتي جي استعمال تي زور ڏنو ويو. عربي سنڌي صورتخطيءَ ۾ سنڌي لکڻ جو اهو سرشتو معمولي تبديلي سان اڄ تائين ڪتب اچي رهيو آهي. برٽن ۽ اسٽئڪ انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ موجود ڪونه هئا، جنهن ڪري کين ان ڪاميٽيءَ ۾ نه کنيو ويو هو. هندن جي گهر ڪرڻ تي سرڪاري تعليم کاتي طرفان ڪجهه اسڪولن ۾

هندو-سنڌي ۽ ديوناگري اکرن ۾ سنڌي سيکارڻ جو بہ بندوبست ڪيو ويو ۽ انهن ۾ درسي ڪتاب ڇپايا ويا. پر جيئن تہ سرڪار جو گهڻو زور عربي-سنڌي صورتخطيءَ جي ڦهلاءُ ۽ انهيءَ ۾ ڪتابن ڇپائڻ تي هو، انهيءَ ڪري ٻين لفظن ۾ سنڌي لکڻ جو استعمال ڏينهون ڏينهن گهٽبو ويو ۽ فقط ڪن خاص طبقن جي ماڻهن تائين محدود رهيو.

## سنڌي - انگريزي ڊڪشنري

سنڌيءَ لاءِ عربي-فارسي اکرن جو سرشتو مقرر ٿيڻ بعد بہ جارج اسٽئڪ ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي - انگريزي ڊڪشنريءَ کي مڪمل ڪري ڇپائڻ لاءِ نور نچوئيندو رهيو. انهيءَ لغات جا هڪ سو سٺ صفحا بمبئيءَ ۾ ڇپجي چڪا هئا تہ ڊسمبر ۱۸۵۳ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هن شيدائيءَ جو پراڻ پکيئڙو پرواز ڪري ويو. انهيءَ ڊڪشنريءَ جا باقي صفحا ايلس صاحب تعليم ڪاتي طرفان بمبئيءَ مان سن ۱۸۵۵ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيا. هن صاحب ڊڪشنريءَ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ جيڪڏهن جارج اسٽئڪ حيات هجي ها تہ باقي صفحن جو دستخط سنواري، اُنهيءَ ۾ وڌيڪ لفظ ڏيئي سگهي ها. اُنهن صفحن جا پروف بہ پاڻ جاچي سگهي ها. اسٽئڪ جي انهيءَ ڊڪشنريءَ ۾ ڪل ۴۳۷ صفحا آهن. ان ۾ اٽڪل ڍاوَيهہ هزار سنڌي الفاظ نظر اچن ٿا. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ اها هڪ بنيادي ڊڪشنري آهي، جنهن جي آڌار تي پوءِ شرٽ صاحب ۽ پرمانند ميوارام جون سنڌي - انگريزي ڊڪشنريون نهيل آهن. سنڌيءَ جا لغات نويس ان ڏس ۾ جارج اسٽئڪ جا ٿورائتا رهندا.

## اسٽئڪ جون ٻيون رچنائون

هتي جاٿايل ٿن بنيادي ڪتابن ڪان سواءِ، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ "گاسپل آف سينٽ مئٿيو" جو ترجمو بہ سليس ۽ سهٽي سنڌيءَ ۾ ڪيو هو، جيڪو بمبئيءَ جي آگزيلئري بائيبل سوسائٽيءَ ديوناگري-سنڌي اکرن ۾ سن ۱۸۵۰ع ۾ شايع ڪيو. انهيءَ ساڳي ڪتاب جو سنڌي ترجمو اول سن ۱۸۲۵ع ۾ "متي" نالي سان سيرامپور جي پادرين ڇپائي ظاهر ڪيو هو. پر جارج اسٽئڪ جو ترجمو بهتر آهي، جنهن مان چيدي ۽ اصطلاحي سنڌيءَ جو هڳاءُ پيو اچي.

سنڌي ادب جي ميدان ۾ جارج اسٽئڪ جو ٻيو اهم ڪم آهي زباني روايتن مان پنج سنڌي لوڪ ڪهاڻيون چونڊي قلمبند ڪرڻ ۽ انهن کي "سنڌي گرامر" ۾ مثالن طور ڇپائي ظاهر ڪرڻ. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ڏس ۾ سنڌيءَ جي هن لاڪيٽي لال جون خدمتون هميشہ ياد رهنديون. افسوس آهي جو اسٽئڪ صاحب جون اهي مڙيئي رچنائون ڳچ عرصي کان وني اٿليب آهن. سندس جوڙيل انگريزي-سنڌي ڊڪشنري تازو ٻيهر شايع ٿي آهي. اسان کي گهرجي تہ هن جون ٻيون رچنائون بہ وري ڇپائي ظاهر ڪريون. ڪيترائي سنڌي عالم، خاص طور اهي جيڪي سنڌ ۾ رهن ٿا، ديوناگري رسم الخط کان ناواقف هئڻ ڪري جارج اسٽئڪ جي لکتين جو جائزو نہ وني سگهيا آهن. اُنهن اڪثر هن بابت غلط بيان پئي ڪيا آهن. هو سندس پوريءَ طرح قدر شناسي بہ نہ ڪري سگهيا آهن.

## "سنڌي گرامر" ۾ ڇپيل لوڪ ڪهاڻيون.

جارج اسٽئڪ پنهنجي لکيل "سنڌي گرامر" ۾ جيڪي پنج سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ڏنيون آهن، اهي هن ريت آهن:-

(۱) ٻن زالن جو ٻار تان جهڳڙو ڪرڻ ۽ قاضيءَ جو فيصلو ڪرڻ. هن ڪهاڻيءَ ۾ هر هڪ لفظ جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ ۽ پوءِ سموري ڪهاڻيءَ جو ترجمو ڏنل آهي.



Gul Hayat Institute

(۲) ٻي ڪهاڻي ٻن شخصن جي آهي، جيڪي هڪ ٻڍيءَ وٽ ناڻو ڏراوت رکي وڃن ٿا ۽ پوءِ اچي ساڻس جهڳڙو ڪن ٿا. نيٺ قاضي انهيءَ جو فيصلو ڪري ٿو. انهيءَ ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ انگريزي ترجمو ڏنل آهي.

(۳) ٽين ڪهاڻي انهن ڏاهرين جي آهي، جيڪي وانهين جي دڪان تي پڳڙا ونڻ وقت، دوڪان جي منيءَ ۾ قاتل چوڪري کي ڇڏائڻ جو صحيح طريقو ٿا سوچي سگهن. هن ڪهاڻيءَ پنيان به ان جو انگريزي ترجمو ڏنل آهي.

(۴) چوٿين ڪهاڻي شهزادي اَمل ماڻڪ ۽ حسيني پريءَ جي آهي.

(۵) پنجين راءِ ڏياچ جي لوڪ ڪهاڻي آهي. انهيءَ ۾ نثر سان گڏ نظم به آهي.

آخري ٻن ڪهاڻين جو انگريزي ترجمو ڏنل نه آهي. پهريون ٽي ننڍڙيون ڪهاڻيون آهن، جيڪي پوءِ ٻوليءَ جي ٿوري گهڻي تبديلي سان جدا جدا ڪتابن ۾ شايع ٿيل آهن.

هتي انهيءَ ڳالهه تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي ته پهريون چار ڪهاڻيون ڪمپوز ٿيل لوهي ٽائيپ ۾ ڇپيل آهن. پر راءِ ڏياچ جي آکاڻي ڪنهن ڪاتب لکي آهي، جيڪا سنگي ڇاپي ۾ آهي. اهو ڄاڻايل نه آهي ته جن حيدرآباد جي پنڊتن اسٽئڪ کي ڊڪشنري ناهڻ ۾ مدد ڪئي، انهن مان ڪنهن هڪ جا اهي هٿ اکر هجن.

ڏيارام وسٽمل ميرچنداڻيءَ شهزادي اَمل ماڻڪ جي لوڪ ڪٿا عربي-سنڌي اکرن ۾ اتاري "سنڌو" مخزن ۾ ڇپائي هئي. ساڳيءَ طرح، هن راءِ ڏياچ جي آکاڻي به "چونڊ سنڌي نثر" ۾ سن ۱۹۳۵ع ۾ شايع ڪئي هئي، پر ان مان بيت ڪيدي ڇڏيا هئائين. انهن جي جاءِ تي گربخشاڻيءَ جي "روح رهاڻ" مان ان آکاڻيءَ جو نثر وارو حصو وجهي، سلسلو بيهاريو هئائين.

## ڪجهه غلط فهميون

جارج اسٽئڪ جو "سنڌي گرامر" ڪيترن ئي سنڌي عالمن جي نظر مان نه نڪتو آهي، انهيءَ ڪري هنن پنهنجين لکڻين ۾ ان بابت ڪجهه غلط ڳالهيون ڏنيون آهن. هتي ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:-

"سنڌي نثر جي تاريخ" ۾ منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته "سنڌي گرامر جي پڇاڙيءَ ۾ دودي چنيسر جو اصلي قصو به ديوناگريءَ ۾ ڇپيل هو." (صفحو ۱۶، ڪونج پبليڪيشن بمبئي، ۱۹۶۸ع) اهو بلڪل غلط بيان آهي. ساڳئي صفحي تي هو لکي ٿو ته "سنڌي گرامر جي پنيان، ضميمي طور، منشي اڌارام ٿانورداس جي لکيل آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي ديوناگريءَ ۾ ڇپيل هئي." اها آکاڻي اڌارام ٿانورداس جي لکيل هئي، جا ڳالهه بلڪل غلط آهي. لڳي ٿو ته منگهارام ملڪاڻيءَ محمد صديق ميمڻ جي "سنڌي ادب جي تاريخ" تان راءِ ڏياچ جي آکاڻيءَ بنسبت اهو غلط بيان ڪنيو آهي. ميمڻ صاحب اهو به لکيو آهي ته آکاڻيءَ جو پڇاڙيءَ وارو بيت اڌارام ٿانورداس جو ناهيل آهي. (جلد ۲، دفعو۲، حيدرآباد، ۵۹ - ۱۹۶۰ع، ص ۸۸.) اها ڳالهه به صحيح نه آهي. ميمڻ صاحب کان اها غلطي انڪري ٿي آهي، ڇاڪاڻ جو هن جارج اسٽئڪ جي سنڌي گرامر ۾ ڏنل راءِ ڏياچ جي آکاڻي نه ڏٺي هئي.

حقيقت هيءَ آهي ته اُڌارام ٿانورداس، اسٽئڪ جي گرامر تان راءِ ڏياچ جو قصو عربي-سنڌي اکرن ۾ اتاري، سن ۱۸۶۱ع ۾ لٿو ۾ ڇپايو هو. هن ڪن هنڌن تي ٻوليءَ ۾ ٿوري گهڻي تبديلي به ڪئي هئي. انهيءَ قصي جو ٻيو ڇاپو سنڌ تعليم کاتي جي ورنيڪيولر لٽريچر ڪاميٽيءَ سن ۱۸۷۰ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. انهيءَ ڇاپي ۾ اڌارام آکاڻيءَ جي بيتن ۾ چڱي تبديلي ڪئي هئي ۽ ڪن هنڌن تي نثر جي بدران پنهنجا بيت جوڙي شامل ڪيا هئائين. پوءِ انهيءَ صورت ۾ اهو قصو گهڻئي دفعا شايع ٿيو. ان جو ٻارهون ڇاپو سن۱۹۳۲ع ۾ شايع ٿيو هو.

ڪن سنڌي عالمن جو چوڻ آهي ته اسٽئڪ صاحب کي اڌارام ٿانورداس راءِ ڏياچ جو قصو زباني روايتن جي

آڏار تي قلمبند ڪري ڏنو هو، جيڪو هن ديوناگري اکرن ۾ پنهنجي گرامر ۾ درج ڪيو هو. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ اڏارام اسٽئڪ صاحب جو همعصر هو، پر جيڪڏهن سندس جنم جي تاريخ تي ڌيان ڏبو تہ اها ڳالهہ بلڪل غلط ثابت ٿيندي. اڏارام ٿانورداس سن ۱۸۳۳ع ۾ ڄائو هو ۽ ۱۸۸۳ع ۾ گذاري ويو. اسٽئڪ صاحب سن ۱۸۴۶-۴۷ع ڌاري پنهنجي گرامر جو دستخط لکي تيار ڪري رکيو هو. اُن وقت اڏارام اٽڪل تيرهن سالن جو ٻار هو. اهو ڪوڙو ٿي دل سان نٿو لڳي تہ جارج اسٽئڪ سنڌ جي سيني عالمن کي ڇڏي، هڪ ٻار کان راءِ ڏياچ جو قصو لکايو هوندو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بہ راءِ ڏياچ جي قصي کي منشي اڏارام ٿانورداس جو ترتيب ڏنل ڄاڻايو آهي. هو جيڪڏهن اسٽئڪ جي گرامر ۾ ڏنل راءِ ڏياچ جي آکاڻيءَ سان ان جي ڀيٽ ڪري ها تہ کيس هڪدم معلوم ٿي وڃي ها تہ اڏارام جي سن ۱۸۶۱ع ۾ ڇپايل راءِ ڏياچ جي آکاڻي، اسٽئڪ جي گرامر تان، معمولي تبديليءَ سان اتاريل آهي.
("سورٺ راءِ ڏياچ ۽ هير رانجهو" - سنڌي لوڪ ادب، سنڌي ادبي بورڊ.)

## لوڪ ڪهاڻين جي ڇپائي

"سنڌي گرامر" ۾ ڇپيل پنج ئي لوڪ ڪهاڻيون "ديوناگري سنڌي" اکرن ۾ آهن. ٻھريون چار لوڪ ڪهاڻيون لوهي ٽائيپ ۾ آهن ۽ پنجين راءِ ڏياچ جي ڪهاڻي سنگي ڇاپي ۾ آهي. ڪتاب ۾ ڪٿي بہ اُنهي جي ڪاتب جو نالو ڄاڻايل نہ آهي. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ اهو بہ نہ ڄاڻايو آهي تہ زباني روايتن مان اهي لوڪ ڪهاڻيون هن پاڻ ٻڌي قلمبند ڪيون آهن يا پنهنجي نگرانيءَ ۾ ٻئي ڪنهن سنڌي ڪاتب کان لکايون آهن. ممڪن آهي تہ حيدرآباد سنڌ جي ٻن سنڌي پنڊتن (برهم سچدانند ۽ جيتارام)، جن کيس سنڌي-انگريزي ڊڪشنري تيار ڪرڻ ۾ مدد پئي ڪئي، اُنهن ئي اهي ڪهاڻيون گڏ ڪري، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ کي لکي ڏنيون هجن.

راءِ ڏياچ واري لوڪ ڪهاڻي هٽ لکيل اکرن ۾ آهي. انهيءَ ۾ ڪن حرفن (جهڙوڪ، جهہ، ڻ، او) جي لکڻ جو نمونو اُهو آهي، جيڪو گذريل صديءَ ۾ سنڌي براهمڻن جي لکيل ڪن سنسڪرت جي قلمي نسخن ۾ ملي ٿو.

انهيءَ جي آڌار تي خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ اها ڪهاڻي هنن ڄاڻايل ٻن سنڌي پنڊتن مان ڪنهن هڪ جي هٽ اکرن ۾ لکيل آهي. انهيءَ کي پوءِ لٿو تي ڇپايو ويو آهي. ڪهاڻي مٿان فقط انگريزي اکرن ۾ سرو "The Story of Rai Diachu" ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي هٿ اکرن ۾ لڳي ٿو.

## ديوناگري-سنڌي سرشتو

اسٽئڪ "ديوناگري-سنڌي" لپيءَ جو سرشتو پاڻ تيار ڪيو آهي. اُهو هن پنهنجن ڇپايل ڪتابن ۾ سنڌيءَ جي لکڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي. هن عربي-فارسيءَ جي ڪن جدا جدا حرفن لاءِ ديوناگري-سنڌيءَ ۾ هڪ حرف ڪتب آندو آهي. اُهي هن ريت آهن:- ق، ڪ لاءِ ڪ (क़)؛ ز ض ذ ظ ج لاءِ ج (ज़)؛ س ص ث لاءِ س (स)؛ ع اَ لاءِ اَ (अ)؛ ھ ح لاءِ ھ (ह)؛ ت ط لاءِ ت (त)؛ غ گ لاءِ گ (ग़). هن خ کہ لاءِ کہ (ख़)؛ ق ف لاءِ ق (फ़) اکر ڪتب آندا آهن.

جارج اسٽئڪ سنڌي ٻوليءَ جي چئن چوسٽن (Implosives) وينجنن کي ديوناگري - سنڌي ۾ حرف هيٺان نقطو لڳائي ظاهر ڪيو آهي. اُنهن کي اڄ ڪلهہ اکر هيٺان سمهيل ليڪ لڳائي ظاهر ڪبو آهي. جيئن تہ ٻ = ॿ (هاڻي ब॒)؛ ڄ = ॼ (هاڻي ज॒)؛ ڏ = ॾ (هاڻي ड॒)؛ ڳ = ॻ (هاڻي ग॒)

ساهتيءَ ۽ اتر سنڌ جي اُچارن ۾ ڪيترن لفظن ۾ "ت" جو "تر" ۽ "د" جو "در" اُچار عام جام ٻڌبو آهي.

Gul Hayat Institute

جيئن تہ – سُت (سُٽر)، پت (پٽر)، تي (ٽري)، چند (چندر)، جند (جندر). اهڙن اچارن کي اسٽئڪ "ت" هينان نقطو ۽ "د" هينان ليڪ لڳائي ظاهر ڪيو آهي (ڍ ٽ). ديوناگري سنڌي لکاوٽ ۾ اسٽئڪ صاحب ڊ ۽ ڙ جي اُچارن ۾ فرق نہ ڏيکاريو آهي. هن ٻنهي لاءِ هڪ اکر ڊ (ड) ڪتب آندو آهي. ڪن لفظن ۾ "ڊ" جو اُچار بہ ڪي سنڌي "ڊر" ڪن ٿا. جيئن تہ "ڊءُ" (ڊرءُ). انهيءَ اُچار کي لکڻ ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ اسٽئڪ "ڊ" هينان نقطو لڳايو آهي. (ड़).

انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ لاءِ ديوناگري اکرن ۾ جيڪو سرشتو تيار ڪيو آهي، انهيءَ ۾ گهٽيون اوڻايون آهن. سنڌي ٻوليءَ جي اُچارن ۾ ج ۽ ز، گ ۽ غ، ق ۽ ف، ڪ ۽ خ، ڊ، ڙ ۽ ڏ، ر ۽ ڙ جي اُچارن ۾ جيڪو فرق آهي، انهيءَ کي گهٽي اهميت آهي. انهن جو صحيح اُچار نہ ڪرڻ سان لفظن جي معنيٰ ۾ اڪثر ڦيرو اچي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري صورتخطيءَ جي سرشتي ۾ اُچارن جو اهو فرق ڏيکارڻ لازمي آهي، جيڪو اسٽئڪ صاحب نہ رکيو آهي. ٻئي طرف هن لکاوٽ ۾ ت ۽ ٽ، د ۽ ڊر، ڊ ۽ ڊر جو فرق ڏيکارڻ لاءِ جدا جدا نشانيون مقرر ڪيون آهن. ڏنو وڃي تہ معياري سنڌي لهجي ۾ اُچار جي انهيءَ باريڪيءَ ڪري لفظن جي معنيٰ ۾ ڪوبہ فرق نٿو اچي. انهيءَ ڪري لکڻ ۾ اهو تفاوت ڏيکارڻ جي ضرورت نہ آهي.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي مقرر ڪيل صورتخطيءَ موجب سنڌي لفظن جي اُچارن جا ڪجهہ مثال هنريت آهن: جالون (زالون)، انساڦ (انصاف)، ڪاجي (قاضي)، شرا (شرع)، هڪڊي (هڪڙي)، پڳڊا (پڳڙا)، وجير (وزير)، ڪيرات (خيرات)، ساهبجادي (صاحبزادي)، مهلات (محلات)، سُپئہ (صبوح)، ڪبول (قبول)، ڦڪير (فقير)، ڪجمتون (خذمتون)، ڪبر (خبر)، منهہ (منع)، ڪدا (خدا). انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ عربي–فارسيءَ جي ڪيترن حرفن جو صحيح اُچار هندستان ۽ پاڪستان جي ٻولين ۾ قائم نہ رکيو ويو آهي. مثال طور، ز ض ذ ۽ ظ جي اُچارن ۾ تفاوت: يا س ث ص، هہ–ح، أ–ع، ت–ط جي اُچارن ۾ فرق. جن ٻولين لاءِ عربي–فارسي اکرن جي آڌار تي صورتخطي ناهي ويئي آهي، اُنهن جي لکاوٽ ۾ فقط لفظن جي صحيح عربي–فارسي ٻولين واري هجي قائم رکڻ لاءِ انهن اکرن کي اهميت آهي. پر ٻئي طرف، اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۾ ز – ج، غ – گ، ف–ڦ، خ–ڪ جي وچ ۾ اُچارن جو فرق اهميت ڀري جاءِ والاري ٿو. انهيءَ جي ڪري صورتخطيءَ ۾ بہ انهن اُچارن لاءِ جدا جدا نشانيون مقرر ڪرڻ گهرجن. عام طور، ڪيترائي عربي ۽ فارسيءَ کان غير واقف سنڌي ۽ ڳوناٺا اٽيڙهيل شخص ز کي ج، غ کي گ، ف کي ڦ ۽ خ کي ڪ جي آواز ۾ اُچارين ٿا. ممڪن آهي تہ انهيءَ ڪري اسٽئڪ پنهنجيءَ صورتخطيءَ ۾ انهن آوازن جو فرق ڏيکارڻ لاءِ جدا جدا نشانيون مقرر نہ ڪيون آهن.

## لوڪ ڪهاڻين جي ٻولي ۽ عبارت

### لفظن جو ڀنڊار

لوڪ ڪهاڻين ۾ ڪتب آيل لفظن تي ڌيان ڏيڻ سان هڪدم ظاهر ٿئي ٿو تہ اُنهن ۾ گهڻو تعداد سنسڪرت جي تدڀو لفظن جو آ ي، جيئن تہ راءُ، رات، ڌهيسر، مانڪ، ڏاتار، تند، ڪاپار، ڀون، جاچڪ، مهت، هيور، پونءِ، ماگر مڇ، ڪانڌ. سنسڪرت تتسم لفظن جو استعمال تمام گهٽ ٿيل آهي. ٻئي طرف عربي فارسيءَ جا بہ فقط اُهي لفظ ڪهاڻين ۾ نظر اچن ٿا، جيڪي سنڌيءَ ۾ جذب ٿي ويا آهن. اهڙا لفظ بہ گهڻو ڪري بگڙيل اُچارن سان ڪم آيل آهن. مثال طور پاتشاهہ (بادشاهہ)، اڪبال (اقبال)، آلم (عالم)، سڪاوت (سخاوت)، ڪلبان (قربان)، تاجيم (تعظيم)، سرفراج (سرفراز)، سلتان (سلطان)، آواج (آواز). سنڌي ٻوليءَ جا گهٽيئي اهڙا لفظ ڪهاڻين ۾ ملن ٿا، جن جو واهپو اڄ ڪلهہ گهڻو گهٽ ٿي ويو آهي. مثال طور، ڊونڪو ڪئو (نند ڪئي، جهوٽا ڪاڏا)، ڪڻ (وچن)،

اڪڙيارو (جوڳي، اڳڪتي ڪندڙ)، ڳنالي (نرم غاليچو، مُلايم شال)، گهوگهرا (ڪونگهرا)، اوبر (جوٺ)، مِهري (عورت)، ڪئون (نشئي)، سنداس (سنان جي جاءِ)، ڏاگهه (ڇِتا، ڪانين جو ڍير)، جهوڙا-جهانئين (گل ڦل، ڦنڊڻ)، مگر (باهه)، پٽيو (چيو)، نچ (نت، هميشه)، جال (گهٽو)، تنبير (تنبي وارو، تنبي جو نهيل ساز وڄائيندڙ)، مني (ٽوٽي)، ڪوتل (گهوڙو)، پات (ڳائٹو، پينو)، نڌان (اَنت، آخر ۾)، پرو (پتو، ڏس، خبر). سنڌي ٻوليءَ جي ٻڻن لفظن ۽ اصطلاحن جو ڪهاڻين ۾ جوڳو استعمال ٿيل آهي. اهڙا ڪجهه لفظ هنريت آهن: ميڻهن-واچ، اُن-ڪجاوا، سيڏو-پاڏو، پڪي-پڪڻ، دهل-دمر، ڪرنايون-شرنايون، نغارا-نوبتون، موڪلائي-توڪلائي، سرتيون-سؔاهيڙيون.

## وياڪرڻ جا جهونا روپ

ڪهاڻين ۾ جهوني سنڌيءَ جي وياڪرڻ موجب لفظن جا ڪجهه اهڙا روپ به ڌيان ڏيڻ لائق آهن، جن جو اڄ ڪلهه جي سنڌيءَ ۾ عام طور واهپو گهٽجي ويو آهي يا بلڪل بند ٿي ويو آهي. جيئن ته ڪوبه (ڪوبہ)،مهندان (اڳيان)، تيلاهين، هئائين (هتائين)، هئي (هجي)،هئيئي (هجيئي)، پرٽيان (پرٽجان)، پرٽيندس (پرٽجندس)، نڪتو (نڪتو)، هانئون (هئائون)، هانئين (هئائين). ڪجهه روپ اهڙا آهن جيڪي سنڌيءَ جي جدا جدا اُپڀاشائن ۾ اڃا تائين ڪتب پيا اچن، پر وچولي معياري سنڌيءَ جي لهجي ۾ انهن جو استعمال عام طور ٻڌڻ ۾ نه ايندو آهي. مثال طور اُتون (اُتان)، مون (منجهان)، تون (تان)، وٽون (وٽان)، تهين (توهين، اوهين)، ڪڍيانس (ڪڍيائينس)، چٽانس (چيائينس)، ٻڌايانس (ٻڌايائينس). استئنڪ صاحب اي ۽ اُو پڇاڙيءَ وارن اسمن کي حالت عام ۾ "اَ" جي اڳيان، اسم جي آخري سُر کي ننڍو ڪري لکيو آهي. شايد ڪيس اهڙن اسمن جو اُچار ان ريت ٻڌڻ ۾ آيو آهي. اڄ ڪلهه اهڙن اسمن جي آخري سُر جو اُچار ڏگهو ٿي قائم هوندو آهي. مثال طور، ڪاجڻ (قاضيءَ)، ٻيڻ (ٻيڍيءَ)، ڪاسائڻ (ڪاسائيءَ)، آبرءَ (آبروءَ)، ماڻهڻ (ماڻهوءَ). ٻول چال ۾ ڪيترن لفظن ۾ "اِ" کان پوءِ جڏهن هڪدم "اَ" ۽ "آ" جو اچار هوندو آهي، ته انهن ٻنهي سرن جي وچ ۾ سپاويڪ "ي" جو آواز اچي ويندو آهي. استئنڪ لکڻ ۾ انهيءَ "ي" جي اُچار کي نه ڄاڻائي، ٻنهي سرن کي جدا ڪري لکيو آهي، جيئن ته، دنئا (دنيا)، وئا (ويا)، ٿئڻ (ٿيڻ)، پئا (پيا). "اِ" ۽ "اي" پڇاڙيءَ وارا جنس مونث جا اسم حالت عام، عدد جمع ۾ "ي" جو اُچار سپاويڪ نموني ڪٽندا آهن، پر استئنڪ اهڙن روپن ۾ "ي" جو اُچار نه لکيو آهي. جيئن ته اڪ-اڪن (اڪين)، سرتي- سرتن (سرتين)، ساهيڙي-ساهيڙن (ساهيڙين).

## جملن جي بيهڪ

ڪهاڻين ۾ گهٽو ڪري جملن جي بيهڪ هاڻوڪي سنڌيءَ جي جملن جي بيهڪ وانگر آهي. اهڙا جملا تمام گهٽ آهن، جن جي بناوت موجوده سنڌيءَ جي جملن کان ڦريل آهي. اهڙي قسم جي نحوي بناوت جا مثال هنريت آهن:-

(الف) هڪڙا به جٽا پري پرڏيهه ٿي ويا. سي پنهنجو ناٽو هڪڙيءَ ٻيڍيءَ وٽ ڏراوت رکي چيائونس ته "اسين جڏهين ٻئي گڏجي اَچون، تڏهن هي ناٽو ڏجائون." (هيءُ جملو هنريت هئڻ گهرجي: "...تن پنهنجو ناٽو هڪڙيءَ ٻيڍيءَ وٽ ڏراوت رکي، ڪيس چيو ته...")

(ب) تنهنجو نالو رکجو اَمل ماڻڪ. سو جڏهين وڏو ٿئي، ۽ ٻنيهه چٽيهه لکٽو ٿئي، ۽ قابل ٿئي، ۽ پنهنجا گهوڙا ٻيڙا سپاهي رکي، ۽ پنهنجا آچار ويچار ڪري، تڏهن هن منهنجي جاءِ تي ونيو اَچجانءِ. (هن بيان ۾ عبارت جي خيال کان حرف جملي "۽" جو استعمال بار بار ٿيڻ ڪري اَٽوٽندڙ ٿو لڳي).

(ب) اوهان سان برا حوال ڪري ( = اوهان جا برا حال ڪري).
(پ) جنهن جي حڪم ۾ سڀ اَسي ٻانهي آهي (= جنهن جي حڪم ۾ سڀ اَسي ٻانهيون آهن.)
(پ) تڏهن لال پاتشاهه سيڏا پاڏا... روانا ڪيائين (= تڏهن لال پاتشاهه سيڏا پاڏا... روانا ڪيا).
(ت) جي تون هن سؤ پرين کي وهاري مونکي نچيو تي ڏيکارين، ته آئون توکي جمعي تي پرٽيندس (= جي تون هنن سؤ پرين کي وهاري، مون کي نچيو تي ڏيکارين ته آءٌ توسان ٻئي جمعي تي پرڻجندس).
(ٿ) ته سڀ اَسي سهيليءَ سان گڏجي اُتي هلندي. (= ته سڀ اَسي سهيلين سان گڏجي اُتي هلندي).

## ڪهاڻين جي عبارت

اسٽئڪ جي سنڌي گرامر ۾ ڏنل ڪهاڻين جو ڍنگ اهوئي آهي جيڪو چارڻن ۽ ڀٽن جي آڪاڻين ۽ ڳالهين ٻڌائڻ جو طريقو هوندو آهي. اُنهن جي پڙهڻ سان ائين محسوس ٿو ٿئي ته جڻ ڳوناڻين ڪچهرين ۾ ڪن ڳالهيرن واتان آکاڻيون ۽ نقل ٻڌي رهيا آهيون. ان خيال ڪان اهي لوڪ ڪهاڻيون اڄ کان اٽڪل هڪ سؤ چاليهه سال اڳ واري زماني جي سگهڙن جي آڪاڻين ڪٿڻ جا سهڻا مثال آهن. راءِ ڏياچ واري لوڪ ڪهاڻي نثر ۽ نظم جي ميلاپ واري ڪهاڻي آهي. ان ۾ ڪجهه بيت اهڙا آهن، جيڪي جدا جدا سگهڙن ۽ عوامي شاعرن جا چيل ٿا لڳن. اُنهن کي ڳالهه ڪٿندڙ سلسلي ۾ ترتيب ڏيئي بيهاريو آهي. ڪجهه بيت ٿوري گهٽيءَ تبديليءَ سان شاهه لطيف جي ڪلام ۾ به ملن ٿا. اهڙيءَ حالت ۾ اهو چوڻ مشڪل آهي ته شاهه لطيف جا ڪجهه بيت هتي ڳالهه ڪٿندڙ ٿوري ڦير گهير ڪري دهرايا آهن يا خود شاهه جي رسالي ۾ عوامي شاعرن جا ڪجهه بيت شامل ڪيا ويا آهن. مثال طور:-

(١) الله جي آس ڪري، هلسو هئائين،
چاڻ ٻڌا چنگ کي، جهوڙا ۽ جهائين،
ڏٺلي راءِ ڏياچ جي، ڏورا ڏنائير
وهنتي واحد در، تهه وير ڪئائين.
"سباجها سائين، راءِ ريجهايين راڳ سين". (شاهه لطيف)
[چارڻ چنگ ڪلهي ڪري، هليو هئائين،
چارڻ وڏا چنگ کي جهوڙا ۽ جهائين،
"سباجها سائين، راءِ ريجهائين راڳ تي!"] (اسٽئڪ)

(٢) جاجڪ جهونا ڳڙهه ۾، ڪو عطائي آيو،
تهه ڪامل ڪڍي ڪينرو، ويهي وڄايو،
شهر سجوئي سر سين، تندن تپايو،
دايون درماندين ٿيون، باين ٻاڏايو،
چارڻ تي چايو، ته ماري آهي مڱڻو. (شاهه لطيف)

Gul Hayat Institute

[چارڻ ڪٽي چنگ اُچي ويهي وڄايو،
شهر سيوئي سُر سان هن جي تندن تپايو،
دايون در مانديون ٿيون، پاين پاڏايو،
"ڪو ماري آيو تو هي مٿي، منگتو." ] (اسٽئڪ)

ڪهاڻين ۾ ڪيترن هنڌن تي گفتگوءَ واري عبارت ڏسڻ وٽان آهي. اتي بيان جو ڍنگ وڌيڪ زوردار ۽ اثرائتو بڻجيو پيو ٿو. مثال طور، اَمل ماڻڪ جي ڪهاڻيءَ ۾ هي ٽڪرا ڏسو: (۱) اَبو، توهان جو انهيءَ پڇڻ جو واسطو ڪهڙو؟ توهين ڪي اَمير آهيو ڪي وزير آهيو؟ ڪي پاتشاهه آهيو؟ جو هن مهل تا پڇو. اوهين غريب ماڻهو پڇي وڃي ڪا مسيد هٽ ڪريو." تڏهن پاتشاهه چيس، ڙي مائي، مون ڪي واسطي ڏٽيءَ جي ڏس ڏي ته هيءُ ڪهڙو تجلو آهي؟ چيائينس، "اَبا گهوري وڃان خدا جي نانوَ تون: هيءَ حسن پري پاتشاهزادي آهي، سا سنداس ۾ ويني وهنجي. تنهن جي لڱن تون جي ڪپڙو لهيو وڃي، ته تجلو وڄ وانگي ٿئو وڃي."

(۲) راءِ ڏياچ جي آکاڻيءَ مان هيءَ گفتگو ڏسو:-
پاتشاهه منهن ڦيرائي ڪٽي بئي پاسي ڪيو. هن چيو "پاتشاهه جو اَڄ منهن ڦيرائي بئي پاسي ٿو ڪرين؟" پاتشاهه چيس، "ڙي ڪنير جا پٽ، مون سان ٻي مهيني جو ڪڻ ڪيو هوءِ. تون چوٿين مهيني وريو آهين." ته ڪنير چيس، "ڳهيلا پاتشاهه! منهنجي حال جي ته ڪا ڳالهه پُڇيه ڪين." جي، "ڙي، ڪهڙي تنهنجي حال جي خبر؟ ٻڌاءِ." چيائينس، "سائين، خبر هيءَ، مونکي ڌيءَ ويني آهي، وڏور: سا پانيم، ته پرٽائي، پوءِ تو ڏي اَچان." چيائينس، "ڙي، اُها مونکي ڇو نه پرٽائي؟" جي، "جيئين، تون چونه؟" ته پاتشاهه اُن ڪجاوا ڏنس، ماڙهون ڏنانس، سيڏا پاڏا ڏنائينس. دهل دمر ڪري چيائينس، "يار، اُتي آن هلندس، ته راءِ ڏياچ جنگ ڪندوسون. تنهن ۾ ڪان سان منهنجا ڦيرا ڏياري وني اَچينس."

هنن ڪهاڻين جي عبارت جي ٻي خوبي اِها آهي ته اسٽئڪ بوليءَ جو سياويڪ بول چال وارو روپ قائم رکڻ لاءِ اُنهيءَ ۾ ڪي به سڌارا نه ڪيا آهن. ڳالهين ٻڌائيندڙ جي اُچارن ڪي جيئن جو تيئن قائم رکيو ويو آهي. ڳوناٽا، چارڻ ۽ پٽ اَڪثر ڪن ڪن عربي-فارسي لفظن جا غلط اُچار ڪندا آهن. اهڙن لفظن ڪي اسٽئڪ صاحب انهيءَ غلط روپ ۾ ئي قلمبند ڪيو آهي. مثال طور ڪجهه لفظ ڏسو:-

اَبسوس (اَفسوس)، نالت (لعنت)، چال (شال)، مسلت (مصلحت)، تاجيمون (تعظيمون)، قلبان (قربان)، خشبويون(خوشبويون). ساڳيءَ طرح آن (آئون)، اَهين (اَوهين)، اَهان (اَوهان)، آنءِ (هائو، هاڪار)، اَلو اَلو (حرف ندا) جهڙا استعمال به بوليءَ ڪي زنده بول چال وارو روپ عطا ڪن ٿا.

ٿوري ۾ ائين چئجي ته هي ڪهاڻيون گذريل صديءَ جي بول چال واري سنڌيءَ ۽ چارڻ ۽ پٽن جي ڳالهين ڪٿڻ واري فن ۽ انوکي دلڪش عبارت جو هڪ اهميت ڀريو رڪارڊ آهن.

Gul Hayat Institute

*The Story of Rái Diáchu*

गिर्नार कोट मे राइ ड़िआचु नाले हिकिडो पातिशाहु हो. तँहिं जे भेणु फकीर खां घुर्यो, "सांई. मूं खे पुटु डे." फकीर चिउसि, "पुटु थींदुइ, पर राइ ड़िआच जो सिरु वढींदो. हुन चिओ. "सांई. उहो पुटु ई ब़नि पिओ, जो भाणिमि जो सिरु वढे. पर फकीर जो चवणु थिओ, सो टरे की न. थोरे घणे ड़िहाडे माइ-अ पुट्टु ज़ण्यो: पोइ नंजे जोडें संदूक मे विझी दरिआह मे लोड़्हे छड़यांसि, न भली मागर्मछ खाइनिसि: पर मागर्मछनि जे खाइण जो की न हो: फकीर जो अमुरु हो, सो वञी अने राइ नाले पातिशाह जे मुल्क मे चारण-नि जे गोठों निरतो. सो उते चारणु एं चारणी जाल मुंहुं बई आया हा पाणिअ खे. तिनि उहो संदूकं

(२) اسٽڪ جي سنڌي گرامر ۾ ڇپيل راءِ ڏياچ جي ڪهاڻيءَ جو هڪ ورق (١٨٤٩ع)

Gul Hayat Institute

१३

"ड्रहे सिर जां ड्रह सिस्यूं, ड्रहई हूंद ड्रिआं.
धड मथे सिरु हिकिडो; ड्रींदे लज़ मरां.
हाथी हंचारिनि सां घोड़ा ड्यांईं घणा."
"मूरिन पिनें मंगतो तुंबे मंझि कणा.
सिर लाइ नंदु हणां. सिरु ड्रे, त सुरहो थिएँ."

१४

"मथे कारणि मामिलो" राति याहिंअ "छाकाणि?
वडु दाता रबां दान, मां खजाननि जी खाणि.
चडु, सालिक, सुरबपाल नेः मड्यूं वेठो मांणि.
अग्यों राब रिहाणि किजि सुदामी, मंगता."

१५

ब्राहिंअ राति, "ब्रहूं ड्रिआं, हीरा, मोती, लाल.
छा जेवा जर्यूं, बाफिता! या सर्पाझूं, सुरयाल!
कोठ्यें ड्रिआंइँ, मंगता, वडु मोती, जव्हर जाल.

१६

नेर्हिंअ राति तुंबेर सां किआंई वड़ाई बस.

(۳) اسٽئڪ جي سنڌي گرامر ۾ ڇپيل راءِ ڏياچ جي ڪهاڻيءَ جو هڪ ورق (۱۸۴۹ع)

Gul Hayat Institute

SCHOOL OF ORIENTAL & AFRICAN STUDIES
LONDON

A

# GRAMMAR

OF THE

# SINDHI LANGUAGE.

BY

CAPTAIN GEORGE STACK.

---

Printed by Order of the Government of Bombay.

---

Gul Hayat Institute

BOMBAY:
AMERICAN MISSION PRESS,
T. GRAHAM, PRINTER.

M,DCCC,XLIX.

(عڪس، ڊاڪٽر الهرکني بُٽ جي ٿورن سان)

# DICTIONARY

## SINDHI AND ENGLISH.

BY

CAPTAIN GEORGE STACK.

---

**Printed by Order of the Government of Bombay.**

---

Gul Hayat Institute

BOMBAY:

AMERICAN MISSION PRESS.

T. GRAHAM, PRINTER.

---

1855.

(عڪس، ڊاڪٽر الهرکئي ٻُٽ جي ٿورن سان)

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

# سنڌ جي تاريخ جا ماخذ

سنڌ جي قديم تاريخ جي ماخذن جي سلسلي ۾ راقم جو هڪ مقالو "سنڌ جي تاريخ جا قديم ماخذ" جي عنوان سان ماهوار "نئين زندگيءَ" جي آگسٽ ١٩٧٠ع واريءَ اشاعت ۾ شايع ٿيو هو. انهيءَ ساڳئي موضوع تي سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن، اديبن ۽ مؤرخن وقت بوقت ڪافي ڪجهہ پئي لکيو آهي. انهيءَ ڏس ۾، "مورخ سنڌ" سيد حسام الدين راشدي تمام گهڻي تحقيق ۽ کوجنا کان ڪم ورتي، سنڌ جي قديم ماخذن جي ڪافي حد تائين نشاندهي ڪئي آهي، جنهن ڪري پوئين دور جي اڪثر سڀني مؤرخن پنهنجي پنهنجي انداز ۾ پئي ورجايو آهي.

دراصل تاريخ هڪ اهڙو فن آهي، جنهن سان هر مڪتبہ فڪر جي ماڻهن جو لڳاءُ پئي رهيو آهي. سنڌ جي قديم تاريخ جيتوڻيڪ سنڌ جي قديم کنڊرن جي سوين مڻ مٽيءَ جي تهن هيٺ مدفون آهي، جنهن جي آثارن مان اسان کي گذريل دور جي تهذيب ۽ تمدن، معاشرتي ۽ سياسي زندگيءَ جا ڪافي اهڃاڻ ملن ٿا. سنڌ جي هر ڪنهن عالم، اديب ۽ مؤرخ پنهنجي پنهنجي نموني ۾، سنڌ جي تاريخ تي ڪافي ڪجهہ پئي لکيو آهي. سنڌ جي تاريخ جي ماخذن جي سلسلي ۾ جيڪڏهن وڌيڪ تحقيق ۽ کوجنا ڪجي ٿي تہ سنڌ جي قديم خاندانن جي ڪتبخانن ۾ ڪيترائي ٽڙيل پکڙيل ڪتاب، قلمي صورت ۾ دستياب ٿين ٿا. اسان هتي ڪجهہ اهڙن قديم تاريخي ماخذن جو ذڪر ڪريون ٿا، جن جي باري ۾ هن وقت تائين ڪنهن بہ صورت ۾، مفصل معلومات حاصل ٿي نہ سگهي آهي: پر جي ڪٿي انهن جي ڪنهن بہ طرح سان نشاندهي ٿي آهي تہ اهي صرف ڪتابن ۾ نالن جي صورت ۾ ئي منظر تي آيا آهن.

## ١. دولت علويہ جي مختصر تاريخ

دولت علويہ جي مختصر تاريخ جي نالي سان هيءُ قلمي نسخو، ميرپور ماٿيلي جي وڏي عالم مولانا محمد عالم سومري• جو تاليف ڪيل آهي. مولانا صاحب هن ڪتاب ۾ سومرا قوم جي مفصل تاريخ بيان ڪئي آهي. هن ڪتاب جا ڪل ٽي باب آهن. پهرئين باب ۾ سڀ کان پهريائين سومرا قوم جي بڻ بنياد تي بحث ڪيو ويو آهي، جنهن

• مولانا محمد عالم بن محمد نعيم سومرو، سنڌ جي قديم تاريخي شهر ميرپور ماٿيلي ۾ ٢٢- شوال ١٣٢٠هہ/٢٢-جنوري ١٩٠٣ع تي ڄائو. مولانا صاحب پنهنجي ابتدائي تعليم ميرپور ماٿيلي جي سنڌي پرائمري اسڪول ۾ حاصل ڪئي. قرآن پاڪ ناظره حافظ الاهي بخش سيال وٽ پڙهيو. فارسي تعليم مولانا بهاءُ الدين پنافيءَ وٽان پرايائين. ان کان پوءِ مدرسہ "قاسم العلوم" گهوٽڪيءَ ۾ داخل ٿيو، جتي مولانا نور محمد انڊڙ ۽ مولانا سيد شير محمد شاهہ کان ٽن سالن تائين عربيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين. آخر ۾، مولانا امين علي چنا شڪارپور واري جي مدرسي مان فارغ التحصيل ٿيو ۽ مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي هٿان دستار فضيلت جو شرف حاصل ڪيائين.

مولانا محمد عالم تعليم جي مشغلي کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ درس ۽ تدريس سان گڏ عرضي نويسيءَ جو ڪم ڪندو هو. پاڻ سنڌي زبان جو سنو عالم ۽ ڪاتب هو ۽ شعروشاعريءَ جو ذوق بہ رکندو هو. هن قرآن پاڪ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو هو، جو پاڻ مڪمل طرح ڪتابت ڪيو هئائين. اهو قرآن پاڪ قومي هجره ڪاميٽيءَ اسلام آباد طرفان سن ١٤٠٦هہ/١٩٨٦ع ۾ شايع ٿيو. سندس ٻيا هيٺيان ڪتاب سنڌي نثر ۾ موجود آهن: "دولت علويہ جي مختصر تاريخ" ۽ "سوانح حضرت حسين عليه السلام". مولانا صاحب ١٣-ذوالحج ١٤٠٩هہ/ ٢٨-جولاءِ ١٩٨٩ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. وٽس هڪ وڏو ڪتبخانو پڻ هو، جو سندس پوين وٽ محفوظ آهي. (شيخ محمد فاضل: "سري جا سرموڙ"- قلمي سنڌي. ايم. اي سنڌيءَ لاءِ پيش ڪيل مونوگراف، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ، ١٩٦١ع، ص ٢٩٦ کان ٣٠٩)

۾ مؤلف اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سومرا قوم جو تعلق حضرت علي عليه السلام سان آهي ۽ اهوئي سبب آهي، جو هُن پنهنجي انهيءَ ڪتاب جو نالو "دولت علويہ" تجويز ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ مؤلف سنڌ جي ڪن قديم تاريخن جا حوالا پڻ ڏنا آهن، جهڙوڪ: تاريخ معصومي، آئين اڪبري، تاريخ فرشتہ، تاريخ نوابين بکر، منتخب التواريخ، تحفةالڪرام، تاريخ طاهري، فتحنامہ سنڌ، قديم سنڌ ۽ قاضي ميان محمد قاسم مورائيءَ جو سومرا خاندان جو نسب وغيره. ان ڪان پوءِ سنڌ جا جيڪي بہ سومرا حڪمران ٿي گذريا آهن، تن سڀني جو مختصر مگر جامع بيان ڏنو ويو آهي. ان ڪان پوءِ سومرا خاندان جي مشهور تاريخي معرڪي "دودي چنيسر جي ويڙهہ" ۽ دهليءَ جي بادشاهہ علاءالدين جي سنڌ تي ڪاهہ جو احوال ڏنو ويو آهي. مشهور عشقيہ داستان "عمر مارئي" جي تاريخي اُهڃاڻن ڪي پڻ نروار ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾، سنڌ جي قديم تمدني تاريخ جو مختصر احوال آيل آهي، ليڪن سومرن بادشاهن جو خانداني ۽ سياسي ڪارنامن جو احوال قدري تفصيل سان ڏنو ويو آهي. ٻئي باب ۾، ڪتاب جي مؤلف، مولانا محمد عالم پنهنجي ڏاڏاڻي پيڙهيءَ جو تفصيل بيان ڪيو آهي. جڏهن تہ ٽئين ۽ آخري باب ۾ مؤلف خود پنهنجي سوانح حيات ڏني آهي.

مولانا محمد عالم سومري هن ڪتاب جو قلمي نسخو ۲۴-شعبان ۱۳۷۲هہ/۹-مئي ۱۹۵۳ع تي لکي پورو ڪيو، جنهن کي پنهنجي دور جي مشهور ڪاتب ميان عبدالواحد شيخ ترپچاٽويءَ ۲۳-جمادي الاول ۱۳۹۸هہ/۱-مئي ۱۹۷۸ع تي نقل ڪيو. مؤلف جي فرزند، ميان عبدالعظيم سومري روايت ڪندي ٻُڌايو تہ مذڪور ڪتاب پاڪيٽ سائيز ۾ شايع ٿيل هو، جو هن وقت ناياب آهي. ✿ هن ڪتاب جو اصل قلمي نسخو، نوٽ بوڪ سائيز جي ۵۲ صفحن تي مشتمل آهي ۽ ان جي فوٽو ڪاپي "ساهتي لئبرري" نواب شاهہ ۾ موجود آهي.

### ۲. تاريخ نوابين بکر

هيءُ ڪتاب سنڌ جي تاريخي ماخذن جي سلسلي ۾ نهايت ئي اهم ماخذ آهي. هن ڪتاب جو مؤلف ميان بيگ محمد "نامي" ولد ميان زنده علي بيگ آهي. مؤلف جي زندگيءَ جي باري ۾ هن وقت تائين ڪوبہ صحيح ۽ مستند احوال ملي نہ سگهيو آهي، البت سندس تاليف ڪيل ڪتاب ۾ ڪيترين ئي جاين تي اهڙا مبهم اشارا ملن ٿا، جن مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ ارغون يا ترخان گهراڻي سان تعلق رکندڙ هو. سنڌ جي حڪمرانن سان سندس ويجها تعلقات قائم هئا. ساڳئي وقت پاڻ بکر سرڪار ۾ ڪن اهم عهدن تي فائز هو ۽ ڪيترين ئي جنگين ۽ مهمن ۾ حصو ورتو هئائين.

هن قلمي نسخي جو جڏهن مطالعو ڪجي ٿو تہ اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ منجهس جيڪي واقعا بيان ڪيا ويا آهن، اهي اڪثر ڪري مختصر آهن، ليڪن اهي پنهنجيءَ جاءِ تي جامع آهن. هن ڪتاب ۾، سنڌ جي تاريخ بابت نهايت ئي اهم ۽ قيمتي مواد ملي ٿو.

دراصل هن ڪتاب جو مذڪور نالو "تاريخ نوابين بکر" مؤلف جي طرفان ڄاڻايل نہ آهي. البت هڪ هنڌ مؤلف جي بيان مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ هُن هيءُ تذڪرو "تاريخ حڪام متصديان" جي نالي سان لکيو هو. "مؤرخ سنڌ"

Gul Hayat Institute

✿ هن سلسلي ۾ "دولت علويہ" جي نالي سان هڪ ٻئي ڪتاب جو پڻ احوال ملي ٿو. اهو ڪتاب مولوي عبيدالله" شائق" لکيو هو، جو سن ۱۹۲۹ع ۾ پاڪيٽ سائيز ۾ شايع ٿيو. مولوي صاحب جي انهيءَ ڪتاب جو بنيادي ماخذ "گلزار سنڌ" هو، جو مولوي عبدالرحيم سومري جو لکيل هو. مولوي "شائق" جو اهو مذڪور ڪتاب راقم کي "سنڌ جي سومرا قوم" مقالي لکڻ دوران مولانا غلام محمد گراميءَ وٽان عاريتاً دستياب ٿيو هو. ڪجهہ ورهيہ ٿيندا، جو ان ڪتاب جي فوٽو ڪاپي نوجوان اديب ۽ محقق محترم غلام محمد لاکي عنايت ڪئي هئي.

سيد حسام الدين راشديءَ پنهنجي ايڊٽ ڪيل ڪتاب "تاريخ مظهر شاهجهاني" جي ماخذن جي فهرست ۾ انهيءَ ڪتاب جو نالو نائين نمبر تي "ضميمه تاريخ سنڌ" ڪري ڄاڻايو آهي.(١)

سن ١٩٦٦ع ۾ آءٌ ڪنڊڪوٽ جي ڊگري ڪاليج ۾ سنڌي شعبي ۾ اسناد هئس. ان وقت مون کي انهيءَ ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو پنهنجي پياري دوست سيد علي گوهر شاهه گمبٽ واري کان مليو هو. شاهه صاحب نهايت ئي پيارو ۽ علمدوست شخص آهي. راقم جي تاريخ جي مطالعي سان دلچسپي ۽ وابستگي ڏسي هُن اهو ڪتاب منهنجي حوالي ڪيو، جو مون بعد ۾ پنهنجي پياري ۽ محترم سائين سيد حسام الدين راشديءَ ڏانهن ڏياري موڪليو هو. راشدي صاحب سن ١٩٧٠ع ڌاري مذڪور قلمي نسخو مون ڏانهن واپس ڏياري موڪليو هو، جو پوءِ مون وٽان ڪنهن طرح هيٺ مٿي ٿي ويو.

تازو انهيءَ ڪتاب جو هڪ ٻيو قلمي نسخو، شڪسته حالت ۾، نوجوان دوست سيد عبدالحسين شاهه "تجمل" موسويءَ کان دستياب ٿيو آهي. ڪتاب جا اڳيان خواه پويان صفحا ڪافي تعداد ۾ غائب آهن. دراصل مون کي جيڪو پهريون قلمي نسخو هٿ آيو هو، ان جا به پهريان ٻه صفحا نڪتل هئا، جنهن جي مٿان سفيد پني تي پوئين دور جي ڪنهن بزرگ "تاريخ سنڌ: ازبيگ محمد بن زنده علي بيگ" لکي ڇڏيو هو. راشدي صاحب اُن نالي ۾ "ضميمه" لفظ جو اضافو ڪري ان کي "ضميمه تاريخ سنڌ" جي نالي سان ڄاڻايو. موجوده "تاريخ نوابين بکر" وارو نالو عزيزم سيد عبدالحسين شاهه "تجمل" موسويءَ جو تجويز ڪيل آهي، جو مواد جي لحاظ کان بلڪل ٺهڪي اچي ٿو. بهرحال، هيءُ ڪتاب پنهنجيءَ جاءِ تي سنڌ جي تاريخ جو هڪ املهه خزانو آهي.

سنڌ جي تاريخ تي هن کان اڳ ۾ جيڪي به ماخذ ملن ٿا، تن ۾ خاص طرح سان بکر جي نوابن جو ذڪر گهٽ ملي ٿو. ڪلهوڙن جي آزاديءَ واري هلچل جي ڏس ۾، هن جهڙو ماخذ، اڳ اسان جي نظر مان نه گذريو آهي. هن ڪتاب جي وڏي خوبي اها آهي ته هن ۾ مؤلف پنهنجي اکين ڏٺا احوال ۽ واقعا بيان ڪيا آهن. ميان شاهل محمد ڪلهوڙي کان وٺي ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ابتدائي احوال تائين جيڪو به بيان ڏنو ويو آهي، اهو سڀ سندس مشاهدي جو نتيجو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

خانبهادر خداداد خان پنهنجي ڪتاب "لُب تاريخ سنڌ" ۾ بکر جي نوابن جي طويل فهرست ڏني آهي، جنهن ۾ هُن ڪافي غلطيون ڪيون آهن. خانبهادر خداداد خان پڻ ميان بيگ محمد جي ان مذڪور تاريخ جو مطالعو ڪيو هو، جنهن جو پاڻ بکر جي نواب مرزا حسينيءَ جو ذڪر ڪندي، اهڙو اشارو ڏنو اٿائين.(٢)

ان جي باوجود اهو افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته خانبهادر صاحب پنهنجي مٿئين ڪتاب ۾ بکر جي نوابن جي فهرست مرتب ڪرڻ وقت بي شمار غلطيون ۽ مونجهارا پيدا ڪيا آهن. ساڳئي وقت، خانبهادر صاحب جي اشاري مان اها ڳالهه به واضح ٿئي ٿي ته ميان بيگ محمد پنهنجو هيءُ ڪتاب "تاريخ معصوميءَ" جي تاليف ٿيڻ کان پوءِ لکيو هو.(٣)

ميان بيگ محمد جي هن ڪتاب جو اصل نسخو، جنهن جو اسان شروع ۾ ذڪر ڪيو آهي، اسان جي سامهون نه آهي. اسان جي آڏو مذڪور ڪتاب جو دستياب ٿيل ٻيو قلمي نسخو موجود آهي ۽ ان جا پهريان ۽ آخري پنا مڪمل نه هئڻ ڪري اهو پتو پئجي نٿو سگهي ته هن ڪتاب ۾ ڪهڙي دور کان وٺي احوال ڏنو ويو آهي. تازو منهنجي پياري دوست ۽ ساٿيءَ، محترم بشير احمد هيسباڻيءَ جي ذريعي "دولت علويه جي مختصر تاريخ" جي نالي سان سنڌي زبان ۾ هڪ قلمي نسخو دستياب ٿيو آهي. هن ڪتاب جي مطالعي مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته ميان بيگ محمد

Gul Hayat Institute

پنهنجي مذڪور ڪتاب ۾، سنڌ جي قديم زماني ڪان وٺي ويندي مغل بادشاهن طرفان بکر تي مقرر ٿيل گورنرن جو احوال مختصر نموني ۾ ڏنو آهي. اسان هن ڪتاب جو جيڪو نالو "تاريخ نوابين بکر" رکيو آهي، اهو انهيءَ لحاظ کان فرضي نالو سمجهڻ گهرجي. ساڳئي وقت "دولت علويہ جي مختصر تاريخ" جي ورق گرداني ڪرڻ سان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ميان بيگ محمد فارسي زبان جو شاعر پڻ هو ۽ سندس تخلص "نامي" هو.(۴) اهوئي سبب آهي، جو هن دور جي عالمن ۽ محققن دوکو کاڌو آهي ۽ هن ڪتاب کي مير محمد معصوم "نامي" بکريءَ جي تصنيف "تاريخ معصومي" ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. بهرحال هن ڪتاب جي پوئين قلمي نسخي جي شروعات بکر جي مغل نواب قاضي خان (سن ۱۰۱۶هہ/۱۶۰۷ع) جي ذڪر سان ٿئي ٿي.

ميان بيگ محمد جي تاريخ لکڻ جو انداز گهڻي قدر بي ربط آهي، جنهن جو هن پاڻ هڪ هنڌ اعتراف ڪيو آهي. بيان ۾ ربط نہ هئڻ ڪري، سندس بيان ڪيل واقعن ۾ ڪيتريون ئي تاريخي پيچيدگيون ٿي پيون آهن. سندس تحرير مان اهو گمان قوي ٿئي ٿو تہ پاڻ حڪمران طبقي سان تعلق رکندڙ هو. هڪ هنڌ مقامي ماڻهن ۽ ڪلهوڙن حڪمرانن جي گڏيل آزاديءَ واري تحريڪ کي "شورش" ۽ "بغاوت" جهڙن لفظن سان تعبير ڪيو ويو آهي.

هن قلمي نسخي جي آخر ۾ ڪاتب پنهنجو نالو هنريت جاٽايو آهي:

"تمت تمام شد ڪارمن نظام شد وخانہ شيطان حجاب شد. تحرير تاريخ ۲۰- جمادي الاول ۱۱۱۵هہ ۱-آڪٽوبر ۱۷۰۳ع فقير محمد بقا ولد بيگ محمد مرقوم شد."

انهيءَ مٿينءَ عبارت مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ هن قلمي نسخي جو ڪاتب ميان بيگ محمد جو فرزند ميان محمد بقا هو. هُن هيءُ نسخو سن ۱۱۱۵هہ/۱۷۰۳ع ۾ اصل تان نقل ڪيو هو. هيءُ سمورو قلمي نسخو فارسي زبان ۾، شڪستہ خط ۾ لکيل آهي•

## ۳. مجموعہ رقعات

هيءُ قلمي نسخو، قديم دور جي ٺُلهي پني تي، ڪرائون سائيز جي ۲۴۲ صفحن تي مشتمل آهي ۽ فارسي زبان ۾ خط نسخ ۾ لکيل آهي. هن مجموعي جو ڪاتب سيد فتح محمد شاهہ شيرازي حسيني روهڙيءَ وارو* آهي، جنهن ۲۷- جمادي الاول ۱۲۹۳هہ/۲۰-جون ۱۸۷۶ع تي اصل ڪتاب تان هيءُ نسخو مڪمل طرح نقل ڪيو. هن نسخي جي سنتم ظريفي اها ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جو ان جي شروع وارن هڪ سؤڪن صفحن جي هيٺئين حصي کي اُڏوهي ڪائي چٽُ ڪري ڇڏيو آهي.

---

• راقم انهيءَ قلمي نسخي جي آڌار تي "بکر جا مغل گورنر" جي نالي سان، بکر جي مغل نوابن جي تاريخ مرتب ڪئي آهي. هن کان اڳ ۾، مرحوم محمد صديق "مسافر" سن ۱۹۴۲ع ۾ "سنڌ جا مغل نواب" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو هو، جنهن ۾ صرف ٺٽي جي مغل گورنرن جو احوال ڏنل آهي.

* سيد فتح محمد شاهہ شيرازيءَ جا وڏا اصل ۾ ٺٽي جا رهاڪو هئا. سيد علي ثاني شيرازيءَ جي اولاد مان سيد جمال شاهہ شيرازي نالي هڪ بزرگ ٻارهين صدي هجريءَ ڌاري ٺٽي مان لڏي اچي روهڙيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي. سيد فتح محمد شاهہ جي نسب جو سلسلو سيد جمال شاهہ شيرازيءَ سان هن طرح ملي ٿو: سيد فتح محمد شاهہ بن سيد حاجي شاهہ (المتوفي ۲۸-صفر ۱۲۵۷هہ/۲۱-اپريل ۱۸۴۱ع) بن سيد الله بخش بن سيد پيرل شاهہ بن سيد محمد منور بن سيد جمال شاهہ شيرازي. (سيد مرتضيٰ ميرڪ، "شجره سادات پُوراني" - قلمي فارسي ص ۴۳) سيد فتح محمد شاهہ، روهڙيءَ جي عيدگاهہ واري قبرستان ۾ مدفون آهي.



Gul Hayat Institute

هن ڪتاب جي نالي مان ئي اهو پڌرو آهي ته هن ۾ مختلف موقعن تي مختلف واقعن بابت عرضداشتون ۽ خط ڏنل آهن ۽ انهن ۾ اڪثر بکر جي مغل نوابن جي دور حڪومت جي ڏاڍاين ۽ سندن عملدارن ۽ ڪارندن جي ظلم جا داستان بيان ٿيل آهن. اهي خط بکر جي شريف ماڻهن، مخدومن، عالمن ۽ بزرگن هتان جي غريب رعيت تي ٿيندڙ ظلمن کان ڪين نجات ڏيارڻ ۽ دربار شاهيءَ مان دادرسي حاصل ڪرڻ لاءِ لکيا هئا. مغل نوابن ۽ سندن ڪارندن بکر جي عوام سان جيڪي ويل وهايا هئا، تن جو تفصيل هن مجموعي ۾ پڙهي، لِڱ ڪانڊارجي وڃن ٿا. هيءُ ڪتاب بکر جي نوابن جي ڪارنامن جو جڻ ته "قرطاس ابيض" ("وائيٽ پيپر") آهي.

هيءُ قيمتي ڪتاب سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي ۽ ان جو جيڪو حصو سلامت آهي، تنهن کي جيڪڏهن چڱيءَ طرح سهيڙيو وڃي، ته آئنده جي محققن لاءِ هڪ وڏو قيمتي سرمايو ثابت ٿي سگهي ٿو. هيءُ قلمي نسخو روهڙيءَ جي "شهيد ڊاڪٽر علي شريعتي لئبرري" ۾ موجود آهي.

## ۴. شجره سادات پوراني

"شجره سادات پُوراني" جو مؤلف سيد مرتضيٰ ميرڪ● بن سيد محمود بن سيد عبدالاول بن سيد عبدالله بن سيد عبدالباقي بن سيد بايزيد الحسيني بن سيد ابو سعيد پوراني عربشاهي آهي. هن شجري ۾ "پوراني سادات" جو حسب نسب تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. هن قلمي نسخي جي شروعات خواه پڇاڙيءَ ۾ مؤلف جي طرفان ڪتاب تاليف ٿيڻ جو سن وغيره نه ڄاڻايو ويو آهي. ليڪن هن تذڪري جي مطالعي مان اها ڳالهه صاف طرح سان واضح ٿئي ٿي ته ميرڪ مرتضيٰ هيءُ تذڪرو سن ۱۱۵۵هه/۱۷۴۲ع ڌاري يا ان کان ڪجهه وقت اڳ ۾ تاليف ڪيو هوندو. ان کان پوءِ پاڻ وقت به وقت منجهس واڌارا ۽ درستيون ڪندو رهيو ۽ اهو سلسلو سندس وفات تائين جاري رهيو.

هن شجري ۾، مؤلف نه صرف پنهنجي خاندان جو شجرو بيان ڪيو آهي، پر اُن دور جي ڪيترن ئي اهم تاريخي واقعن تي پڻ مختصر نموني ۾ روشني وڌي آهي. پوراني ساداتن مان جيڪي عالم، اديب، شاعر، خوشنويس ۽ سياسي بصيرت جا مالڪ ٿي گذريا آهن، تن جو هن تذڪري ۾ احوال ڏنو ويو آهي. هن تذڪري جو مطالعو ڪندي ڪيترين ئي جاين تي فارسيءَ جا شعر پڻ ملن ٿا، جن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سيد مرتضيٰ ميرڪ فارسي نثر سان گڏ نظم جو مذاق به رکندڙ هو. هيءُ تذڪرو ۲۰۰ صفحن تي ڦهليل آهي. نهايت عمدي فارسي خط نستعليق ۾ لکيل آهي. هيءُ قلمي نسخو سيد عاشق حسين شاهه "عاشق" موسوي سکر واري وٽ هو، جتان اسان کي پنهنجي نوجوان ساٿيءَ سيد عبدالحسين شاهه "تجمل" موسويءَ جي ذريعي دستياب ٿيو.

هن قلمي نسخي ۾ صرف بکر جي پوراني سادات جو تفصيل سان احوال ڏنو ويو آهي، ۽ ان سان گڏ ٺٽي جي پوراني سادات جو مختصر ذڪر ڪيو ويو آهي.

سنڌ جي مشهور مؤرخ رحيمداد خان مولائي شيدائيءَ "تاريخ موسوي سادات" جي عنوان سان هڪ تاريخ

---

● سيد مرتضيٰ ميرڪ جي نسب جو سلسلو حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام سان وڃي ملي ٿو. سيد مرتضيٰ ميرڪ ۸-شعبان المعظم ۱۱۰۰هه/۲۸-مئي ۱۶۸۹ع تي ڄائو. سندس ابتدائي زندگي ۽ تعليم تربيت جي باري ۾ ڪوبه مستند احوال ملي ڪونه ٿو سگهي. البت سندس تصنيف "شجره سادات پوراني" جي مطالعي مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ عربي ۽ فارسي زبانن جو وڏو عالم هو. هن ۲-رمضان المبارڪ ۱۱۳۹هه/۲۳-اپريل ۱۷۲۷ع تي بيبي امير النساء بيگم بنت ميرڪ عبدالباقي (ثاني) بن ميرڪ عبدالعظيم سان شادي ڪئي. ليڪن کيس ان مان جيڪو اولاد ٿيو، اهو زنده رهي نه سگهيو. سيد مرتضيٰ ۲۱-جمادي الاول ۱۱۶۲هه/۹-مئي ۱۷۴۹ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. (سيد الله ڏنو شاهه موسوي: "شجره سادات موسوي" قلمي سنڌي، ۱۹۵۲ع، ص ۱۴)

تاليف ڪرڻ شروع ڪئي هئي. مولائي شيدائيءَ کي سيد غلام مصطفيٰ شاھ سکر واري✡ پنهنجو تاليف ڪيل "تذڪرو"، شجرو ۽ ٻيو ڪيترو ئي قلمي مواد ڏنو هو. سيد غلام مصطفيٰ شاھ پنهنجو مذڪور "تذڪرو"، ڪيترن ئي خانداني قلمي نسخن، تذڪرن، شجرن، سَندن، فرمانن ۽ ڇاپي ڪتابن کي آڏو رکي مرتب ڪيو هو. جنهن ۾ ابتدا کان وٺي ويندي موجوده دور جي بزرگن ۽ مشاهيرن جو احوال ڏنل هو. مولائي شيدائيءَ جي "تاريخ موسوي سادات" ۾ اجڪلھ عدم پيدا آهي. مذڪور ڪتاب جا ڪجھ ورق ميان الله جُزّيي انصاري سکر واري وٽ ڏسڻ ۾ آيا. انصاري صاحب پڻ ڪجھ وقت اڳ ۾ پُوراني سادات جو تذڪرو "شاھنامہ" جي عنوان سان لکڻ شروع ڪيو هو. انصاري صاحب کي پڻ سيد غلام مصطفيٰ شاھ ڪافي قلمي امداد ڪئي هئي. تازو انهيءَ سلسلي ۾ جڏهن سيد غلام مصطفيٰ شاھ سان ڳالھ ٻولھ ٿي تہ ڪانئس اهو معلوم ٿيو تہ پاڻ ميان الله جُزّيي انصاريءَ کي سيد مرتضيٰ ميرڪ وارو مذڪور قلمي نسخو دستياب ڪري ڏنو هئائين ۽ اُن سان گڏ پنهنجو مرتب ڪيل تذڪرو بہ ڪيس استفادي لاءِ ڏنو هئائين، جو اجا تائين وٽس آهي.

"مورخ سنڌ" سيد حسام الدين راشديءَ پڻ "سادات پوراني در سنده" جي عنوان سان فارسي زبان ۾ هڪ مقالو لکيو هو، جنهن کي پاڻ ڪتابي صورت ۾ مرتب ڪرڻ ٿي چاهيائين. انهيءَ سلسلي ۾ ڪافي ابتدائي تياريون بہ ڪيون هئائين. راشدي صاحب کي بہ سيد غلام مصطفيٰ شاھ ڪافي تزيل پڪتزيل مواد هٿ ڪري ڏنو هو. ليڪن افسوس جو سندس حياتيءَ جو ماڻ پرجي آيو ۽ اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو!

مذڪور قلمي نسخي جي وڏي خوبي اها آهي جو هن ۾ مير محمد معصوم بکريءَ جي پُٽن جا نالا ۽ انهن جا ڪارناما بيان ٿيل آهن. سيد حسام الدين راشديءَ شايد هن قلمي تذڪري کي نہ ڏٺو هو، جنهن ڪري هن پنهنجي تاليف ڪيل ڪتاب "مير محمد معصوم بکري" ۾ انهن جا نالا وغيره نہ ڄاڻايا آهن.✳ ازانسواءِ هن تذڪري ۾ ٻين ڪيترن مشاهيرن ۽ مشائخن ۽ روهڙيءَ جي رضوي/نقوي سادات جي جيد عالمن ۽ درويشن جي وفات جون منظُوم قطعہ تاريخون ڏنل آهن. سکر ۽ روهڙيءَ جي "شيرازي سادات" ۽ "سبزواري سادات" جو اجمالي ذڪر ۽ شجرا پڻ ملن ٿا. مختلف مشاهيرن جي احوال دوران ان دور جي واسطيدار مغل گورنرن، فوجدارن ۽ عملدارن جو ذڪر ڪري، انهن کي نشانبر ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن مؤلف ائين نہ ڪري ها تہ هوند انهن بزرگن ۽ مشاهيرن جو احوال اڄ اسان جي نگاهن کان اوجھل ٿي وڃي ها!✤

---

✡ سيد غلام مصطفيٰ شاھ عرف سيد وريل شاھ موسوي بن سيد غلام رسول شاھ ٢۴- ڊسمبر ١٩٢٠ع تي پراڻي سکر ۾ تولد ٿيو. سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري، تعليم کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين ۽ هيڊ ماستر جي عهدي تان پينشن تي لٿو. پاڻ عربي ۽ فارسي ٻولين جو ڄاڻو ۽ علم ادب سان دلچسپي رکندڙ هو. وٽس پنهنجي خاندان جا ڪيترائي ناياب قلمي نسخا، شجرا ۽ ٻيو قيمتي مواد موجود هو، جنهن جي آڌار تي "تاريخ موسوي سادات" جي نالي سان هڪ ڪتاب مرتب ڪيو هئائين.

✳ تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو مقالو "امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بکريءَ جو اولادءِ آثار - مزيد تحقيق جي روشنيءَ ۾". ماهوار "نئين زندگي" حيدرآباد سنڌ. مئي ١٩٩٣ع

✤ "شجره سادات پوراني" جي طرز تي هن پوئين دور ۾، سيد الله ڏني شاھ موسويءَ پنهنجي خانداني شجري کي سنڌي زبان ۾ مرتب ڪيو هو، جنهن ۾ قديم دور کان وٺي ويندي موجوده دور جي شخصيتن جو احوال بيان ڪيل آهي. انهيءَ قلمي نسخي جي مطالعي مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ هن ۾ سيد مرتضيٰ ميرڪ جي زماني کان وٺي پنهنجي دور تائين ان ۾ ڪافي واڌارو ڪيو آهي. سيد الله ڏنو شاھ هڪ وڏو قابل شخص هو. عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو جو ڄاڻو هو ۽ صاحب تصنيف بزرگ هو. سنڌ جي تاريخ بابت ڪيس وڏي ڄاڻ هئي. سندس ڪيترائي ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيل آهن، جي سندس پوٽي سيد ابرار حسين شاھ موسويءَ وٽ قلمي صورت ۾ موجود آهن.



Gul Hayat Institute

## ٥. تذڪره مير يعقوب علي خان

روهڙي شهر جي "رضوي سادات" جو پاڙو، قديم زماني کان وٺي ڏاڍو مردم خيز پئي رهيو آهي. هن خاندان مان وقت بہ وقت وڏا عالم، مؤرخ، شاعر، خوشنويس ۽ درويش پيدا ٿيندا رهيا آهن. روهڙي شهر جي ريلوي اسٽيشن جي پرسان، رضوي سادات جي هڪ شاخ "ڪوٽائي سادات" جو محلو "ڪوٽ مير يعقوب علي خان" جي نالي سان آباد آهي. هن اعليٰ ۽ ارفع خاندان مان "نواب سيد مير يعقوب علي خان رضوي" سن ١٠٨٨هه/١٦٧٧ع کان سن ١٠٩١هه/١٦٨٠ع تائين، بکر جو مغل گورنر ٿي رهيو. مير صاحب، مغل بادشاهه اورنگزيب جي دور ۾ بکر جي گورنريءَ دوران "شاهه آباد" نالي هڪ قلعو تعمير ڪرايو هو. هن وقت اهو قلعو زماني جي انقلابن ۽ وقت گذرندي ڊهي زمين دوز ٿي ويو آهي. البت ڪٿي ڪٿي ان جا ڪي آثار باقي نظر اچن ٿا.

نواب سيد مير يعقوب علي خان رضويءَ جي اولاد مان سيد يعقوب علي شاهه (رابع) عرف سيد علي مدد شاهه ولد سيد صادق علي شاهه (ثالث) عرف سيد حيدر علي شاهه ٻارهين صدي هجريءَ جي آخر ۾ "تذڪره مير يعقوب علي خان" جي نالي سان فارسي زبان ۾ پنهنجي خاندان جو هڪ مختصر تذڪرو مرتب ڪيو. هُن انهيءَ تذڪري جو سن ١٣٢٥هه/١٩٠٧ع ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو بہ ڪيو هو. سيد يعقوب علي شاهه (رابع) پنهنجي وقت جو هڪ وڏو عالم، اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. ڪيس عربي ۽ فارسي زبانن تي وڏو عبور حاصل هو. پنهنجي نالي سان گڏ اڪثر ڪري "بنده آل عبا" لکندو هو. پاڻ پنهنجي خانداني قبرستان "درگاهه نواب مير دولهه" ۾ ابدي ننڊ ۾ آرامي آهي.

سيد يعقوب علي شاهه (رابع) جي ٻي ڪنهن تصنيف ۽ تاليف جو اڃا تائين ڪو پتو پئجي نہ سگهيو آهي. اسان جي آڏو صرف سنڌس هيءُ تذڪرو موجود آهي. هيءُ تذڪرو فارسي نثر ۾ لکيل آهي. فل اسڪيپ سائيز جي ٢٥ صفحن تي پکڙيل آهي. اڪر تمام ننڍا ۽ گُتيل اٿس. هن نسخي جي مطالعي مان اهو پتو پوي ٿو تہ هيءُ تذڪرو اڃا بہ وڏو هو، جو پوءِ زماني جي ستم ظريفيءَ جو شڪار ٿي اڌوري حالت ۾ رهجي ويو. هن تذڪري ۾ "تذڪره نويسيءَ" جي اصولن کي آڏو نہ رکيو ويو آهي. مؤلف جي لکڻ جو انداز نهايت ئي عجيب ۽ منجهائيندڙ آهي. هر هڪ واقعي کي بيان ڪرڻ کان پوءِ ان کي وري وري ڏُهرايو ويو آهي. نواب سيد مير يعقوب علي خان رضويءَ جو احوال قدري تفصيل سان ڏنو ويو آهي. ان کان پوءِ، هن خاندان جي ٻين بزرگن جو احوال مختصر نموني ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هن تذڪري ۾، ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي اقتدار ۾ اچڻ جي جدوجهد جو بيان پڻ ملي ٿو. جيتوڻيڪ هيءُ تذڪرو نهايت ئي مختصر آهي، ليڪن ان جي باوجود تاريخي لحاظ کان، سنڌ جي مغل دور جي اهم ماخذن مان هڪ آهي.✦

هن تذڪري جو اصل قلمي نسخو، سيد جميل حسين "منتظري"، ساڪن روهڙيءَ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. راقم کي ان قلمي نسخي جو فوٽو اسٽيٽ پنهنجي دوست سيد عبدالحسين شاهه "تجمل" موسويءَ جي توسط سان، محترم شوڪت خواجائيءَ کان دستياب ٿيو.

Gul Hayat Institute

✦ راقم انهيءَ قلمي نسخي کي بنياد بڻائي، نواب سيد مير يعقوب علي خان رضويءَ جي سياسي ڪارنامن ۽ سنڌس خاندان جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جو احوال ڪتابي صورت ۾ "تذڪره ڪوٽائي سادات روهڙي" جي نالي سان تاليف ڪيو آهي.

## ٦ . شجره سادات رضوي/ نقوي بکري

محترم سيد حسام الدين راشديءَ پنهنجي ايڊٽ ڪيل ڪتاب "حديقة الاولياء" جي مقدمي ۾ سنڌ جي تذڪرن جو ڪافي احوال ڏنو آهي. انهن تذڪرن ۾ روهڙيءَ جي رضوي ساداتن جي باري ۾ هڪ تذڪري "شجره سادات" جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي.(٥) اهو شجرو، سيد قمبر علي بن سيد امان علي شاهه رضوي بکريءَ جو مرتب ڪيل آهي. تازو اسان جي نظر مان "شجره سادات رضوي/نقوي بکري" جي نالي سان هيءُ ٻيو نسخو گذريو آهي. هيءُ نسخو سيد علي اڪبر شاهه "فائق" جانشاهيءَ✧ جو مرتب ڪيل آهي.

هيءُ قلمي نسخو فل اسڪيپ سائيز جي ١٤٠ صفحن تي مشتمل آهي. جيتوڻيڪ هن تذڪري ۾ مؤلف پنهنجي خاندان جو احوال تفصيل سان بيان ڪيو آهي، ليڪن منجهس ڪيترين ئي جاين تي سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان پڻ ڪافي قيمتي مواد ملي ٿو. رضوي سادات جي متعلق "تحفة الڪرام" جي مصنف مير علي شير "قانع" ٺٽويءَ جي ڪيل غلطين جو ازالو بہ هن نسخي ذريعي ٿئي ٿو. هيءُ تذڪرو سنڌ جي تاريخ جو هڪ املهه قيمتي سرمايو آهي. هيءُ قلمي نسخو سيد غلام رسول شاهه جانشاهي، ساڪن روهڙيءَ جي ڪتبخاني ۾ محفوظ آهي.

## ٧. تواريخ سنڌ

"تواريخ سنڌ" جي نالي سان هيءُ ڪتاب، سنڌ جي مشهور صوفي شاعر فقير قادر بخش "بيدل" جو تاليف ڪيل آهي. بيدل سائين شعر ۽ شاعريءَ سان گڏ فارسي نثر جي ميدان جو پڻ شهسوار هو. ڪيس فارسي نثر تي وڏو عبور حاصل هو. فقير صاحب اها تاريخ ڪڏهن لکي، ان بابت هن وقت تائين ڪجهہ بہ معلوم ٿي نہ سگهيو آهي، جنهن جو سڀ کان وڏو ڪارڻ اهو آهي تہ مذڪور ڪتاب بيدل سائينءَ جي درگاهہ جي متوليءَ فقير سبحان بخش وٽ هو ۽ ان جي فوت ٿيڻ کان پوءِ سندس پونير اهو ڪتاب ڏيکارڻ لاءِ بہ تيار نہ آهن. فقير سبحان بخش، بيدل سائينءَ جي ڪتاب "پنج گنج" جي مهاڳ ۾ انهيءَ ڪتاب جي باري ۾ نشاندهي ڪندي لکي ٿو:

> "هيءُ ڪتاب فارسي نثر ۾ آهي. گهڻو ڪري اُهي تاريخي ٽڪرا لکيا ويا آهن، جن ۾ بين ملڪن جي بزرگان دين جي سنڌ ملڪ ۾ رهائش اختيار ڪرڻ بابت ذڪر آهي." (٦)

فقير سبحان بخش جي انهيءَ مٿئين بيان مان اها ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ اهو ڪتاب دين جي بزرگن جي تذڪري جي نموني ۾ لکيل آهي ۽ ان ۾ لاڳاپيل تاريخي ڳالهين کي بہ بيان ڪيو ويو آهي. بهرحال، جيئن تہ اسان خود مذڪور ڪتاب جو معائنو نہ ڪيو آهي، ان ڪري منجهس آيل مواد جي باري ۾ وڌيڪ ڪجهہ يقين سان چئي نٿو سگهجي. هن ڪتاب جي فوٽو ڪاپي، فقير سبحان بخش پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ روهڙي شهر جي مشهور صحافي ميان گل محمد انصاريءَ کي ڏني هئي. انصاري صاحب جي فوت ٿيڻ کان پوءِ خبر نہ آهي تہ ان نسخي جو ڇا حشر ٿيو؟

---

✧ سيد علي اڪبر شاهه "فائق"، روهڙيءَ جي رضوي سادات جي "جانشاهي" شاخ جو چشم ۽ چراغ هو. سندس والد جو نالو سيد جان شاهه رضوي هو. سيد علي اڪبر شاهه عربي، فارسي ۽ ديني علمن جو جامع هو. هندي، سنسڪرت ۽ ٻين ٻولين جو پڻ ڄاڻو هو. سنڌي، فارسي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري ڪندو هو. ايڏي وڏي پايي جو شاعر هوندي، ضرور پنهنجو "ديوان" مرتب ڪيو هوندائين، ليڪن زماني جي حادثن ۽ انقلابن جي ڪري، سندس اهو سمورو علمي خزانو تباهہ ۽ برباد ٿي ويو. "شجره سادات رضوي/نقوي بکري" جي آخر ۾، سندس هڪ ٻيو تاليف ڪيل رسالو "نهج شريف" پڻ قلمي صورت ۾ ڏسڻ ۾ آيو. پاڻ علم موسيقيءَ کان بہ چڱيءَ طرح واقف هو. پنهنجي سؤٽ سيد محب علي شاهه "ٻيوس" بن سيد احمد شاهه جانشاهيءَ کان پڪي راڳ جي مڪمل سکيا ورتي هئائين. سندس ستار اڄ بہ سندس پوين وٽ محفوظ آهي.



Gul Hayat Institute

بهرحال، هيءُ ڪتاب سنڌ جي قديم تاريخي ماخذن ۾ وڏي حيثيت رکي ٿو ۽ سنڌ جا مؤرخ ان مان ڪافي لاڀ حاصل ڪري سگهن ٿا.

## ٨. بياض پروانہ جات و سندهاي سادات

هن قلمي نسخي جو مرتب سيد سوائل شاهہ (ثاني) * بن سيد غلام علي (المتوفي ١٢٧٧هہ/١٨٦٠ع) بن سيد فقير علي بن سيد سوائل شاهہ (اول) * (المتوفي ١٢٣٢هہ/١٨١٧ع) بن سيد محمد شجاع بن سيد عبداللطيف بن سيد عبدالستار بن سيد جان محمد بن سيد طالب بن سيد گهرڻو بن سيد ميان، اولاد امير سيد محمد مڪي رضوي آهي. روهڙيءَ جي ساداتن کي وقت بہ وقت حاڪمن ڪان جيڪي زمينون ۽ جاگيرون ملنديون هيون، تن جي پروانن ۽ سَندن کي هن بياض ۾ گڏ ڪيو ويو آهي. هيءُ بياض بنديءَ مثل ڊگهن ٿُلهن پنن تي لکيل آهي ۽ ١٧٠ صفحن تي ڦهليل آهي. مرتب، هن بياض ۾ شامل پروانن ۽ ٻين قيمتي سَنَدُن جي نقل ۽ ترتيب جو ڪوبہ لحاظ نہ رکيو آهي. ڪٿي ٽالپر حاڪمن جا پروانا نقل ڪيا ويا آهن، تہ ڪٿي برطانوي دور جي عملدارن ۽ اهلڪارن جون سَنَدُون

---

* سيد سوائل شاهہ (ثاني)، روهڙيءَ جي رضوي سادات خاندان مان بلند پايي جو عالم، اديب، شاعر ۽ ڪاتب ٿي گذريو آهي. سندس والد سيد غلام علي ۽ ڏاڏو سيد فقير علي صوفي بزرگ هئا ۽ قادري طريقو رکندڙ هئا. ليڪن سيد سوائل شاهہ شيعہ مسلڪ سان واسطو رکندو هو. سندس متعلق "تڪمله مقالات الشعرا" جو صاحب هن طرح لکي ٿو:

"سيد سوائل شاهہ روهڙيءَ جي اڪابرن مان آهي ۽ سيد الشهداء حضرت امام حسين عليه السلام جي روضي پاڪ جو زيارتي آهي. سندس تخلص معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. پاڻ وڏي شان ۽ مرتبي وارو بزرگ آهي ۽ سنڌ ۾ هنڌين ماڳين مشهور آهي. سيد غلام علي بن سيد فقير علي سندس پاءُ جو پُٽ (پائٽيو) هو، جنهن جي وفات جي تاريخ هيٺينءَ ريت وضع ڪئي اٿائين:

مخزن اسرار- حق غلام علي،
سخي و متقي حميده خصال،
در چهارم جمادي الثاني،
ڪرد وصلت بـا يزد- متعال،
سال- تاريخش از خرد جستم،
مظهر-الطاف هو نمود متعال."
١٢٧٧هہ

(مخدوم محمد ابراهيم "خليل" ٺٽوي، "تڪمله مقالات الشعراء" - فارسي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٥٨ع، ص ٣٤٠)

مخدوم "خليل" ٺٽويءَ پنهنجيءَ مٿينءَ عبارت ۾، سيد غلام عليءَ جي باري ۾ غلطي ڪئي آهي. اسان مٿي متن ۾ ڏنل شجري ۾ ڄاڻائي آيا آهيون تہ سيد غلام علي، سيد سوائل شاهہ جو والد هو، انهيءَ ڪري اهو بلڪل غلط آهي تہ سيد غلام علي، سيد سوائل شاهہ جو پائٽيو هو.

سيد سوائل شاهہ جي خاندان تي خيرپور رياست جي ٽالپر حڪمرانن جو وڏو راز هو ۽ هُو کين هر وقت نوازيندا رهندا هئا. هن خاندان جون وڏيون حويليون هيون، جن ۾ اعليٰ قسم جي نقاشيءَ جو ڪم ٿيل هو. سندن اوطاقون هميشہ علم ۽ عرفان جو مرڪز هونديون هيون. وٽن هڪ ناياب ڪتبخانو پڻ هو. سندن علمي فضيلت کان متاثر ٿي، ايران ۽ عراق جا ڪيترائي وڏا عالم ۽ سنڌ جا صوفي بزرگ وٽن اچي مهمان ٿيندا هئا.

سيد سوائل شاهہ اعليٰ درجي جو خوشنويس بہ هو. پاڻ ڪيترن ئي ناياب ڪتابن جي ڪتابت ڪئي هئائين. سندس ڪتابت ٿيل بہ ڪتاب، هڪ "ديوان حافظ" ۽ ٻيو سيد فرزند علي شاهہ "فرخ" رضوي بکريءَ جو "ديوان فرخ" اڄ بہ سندس پوين وٽ محفوظ آهن. پاڻ سن ١٩٠٩ع ڌاري حال حيات هو. کيس هڪ فرزند ڄائو، جنهن تي پنهنجي والد جو ناليو سيد غلام علي رکيائين. سيد غلام علي (ثاني) سن ١٩٣١ع ۾ وفات ڪئي.

* رضوي سادات جي قلمي مخطوطات مان سيد سوائل شاهہ (اول) جي وفات جي قطعہ تاريخ اسان جي نظر مان گذري، جا ڪنهن شاعر هيٺينءَ ريت وضع ڪئي آهي

مظهر نور حق سوائل شاهہ،
واصل الله آن بقا با الله.
سال تاريخ آن حميد صفات،
وان المتقين في الجنات.
١٢٣٢هہ

ڏنيون ويون آهن ۽ ڪٿي وري مغلن جي دور جا پروانا وغيره ڏنا ويا آهن. اسان جي خيال موجب تہ مرتب ڪي جيئن جيئن ھٿ ھنڌان مواد ملندو ويو آهي، تيئن تيئن انهن کي بياض ۾ درج ڪندو ويو آهي. هن بياض ۾ ڪافي قيمتي تاريخي مواد موجود آهي. هن ۾ پروانن ۽ ٻين نقلن کان علاوه روهڙي، بکر ۽ سکر جي ڪيترن ئي بزرگن، جاين، حاويلين، ماڳن ۽ مڪانن جو احوال پڻ ملي ٿو. هن بياض جو اڀياس ڪندي، ڪي اهڙيون تاريخي ڳالهيون نظر مان گذريون، جن جا ڪي مثال هتي ڏجن ٿا.

(الف) بروز آچر ماه شعبان ١٢٧٢هہ (١٨٥٦ع) مير صاحب (مير علي مراد خان ٽالپر، والي رياست خيرپور) پنهنجي پُٽ مير جان محمد خان، حسن علي خدمتگار، روهڙيءَ جي قاضي جان محمد، حڪيم امام......، حمزي، پليي لاشاري، ابراهيم حجم، غلام حسين ابڙي، پريي موچي، وشنداس....، سيد علي رضا ۽ يوسف عليءَ کي لنڊن وٺي ويو. (ص ١٠٤)

(ب) مير علي مراد خان ١٤-جمادي الثاني ١٢٧٤هہ (٣٠-جنوري ١٨٥٨ع) تي لنڊن کان واپس موٽي آيو (١٠٤)

(ج) سيد سوائل شاهہ ٢٠-جمادي الاول ١٢٧٢هہ/٢٨ جنوري ١٨٥٦ع تي روهڙيءَ جي مشهور صوفي بزرگ ۽ شاعر، فقير قادر بخش "بيدل" کان سندس مجازي محبوب قاضي ميان پير محمد جي معرفت ٽيهہ ڪتاب خريد ڪيا. شاهہ صاحب انهن ڪتابن جا نالا، مصنف جي نالن سميت، صنف ۽ موضوع وغيره تفصيل سان ڏنا آهن. (ص ١٠١ کان ١٠٣)

هيءُ بياض، روهڙي شهر ۾، "شهيد ڊاڪٽر علي شريعتي لئبرريءَ" ۾ موجود آهي.

## ٩. تذڪره مخاديم ڪُهڙا (سنڌي)

"فوزالاخلاف من فيض الاسلاف عرف تذڪره مخاديم ڪُهڙا" جو مؤلف مخدوم ميان الله بخش عباسي ✻ آهي. سندس والد مخدوم ميان محمد عاقل (رابع) عرف مخدوم ميان پير محمد پڻ هڪ وڏو عالم ۽ صاحب تصنيف بزرگ هو. سندس تصنيفات ۾ تواريخ آئينہ جهان نما *، رياض محفل، تفسير پاره عم ۽ مجموعہ فتاويٰ جا نالا ملن ٿا. مخدوم ميان الله بخش پنهنجي انهيءَ ڪتاب جو ڪافي مواد "تواريخ آئينہ جهان نما" تان اخذ ڪيو آهي. "تذڪره مخاديم ڪُهڙا" اصل ۾ فارسي زبان ۾ لکيل آهي، جنهن جو تذڪرو "مؤرخ سنڌ" سيد حسام الدين راشديءَ پنهنجي

---

✻ مخدوم ميان الله بخش بن مخدوم ميان محمد عاقل (رابع) عرف مخدوم ميان پير محمد، "ڪُهڙن" جي مشهور مخدوم خاندان جو چشم و چراغ هو. سندس اصل نالو ميان عطا محمد هو، پر عام طرح کيس مخدوم الله بخش ڪري سڏيندا هئا. پاڻ شروع ۾ خيرپور رياست جي وزيراعظم سردار محمد يعقوب خان وٽ منشي مقرر ٿيو، جتان پوءِ ترقي ڪندي خيرپور رياست جي مختلف شهرن ۾ مئجسٽريٽ ٿي رهيو ۽ آخر ۾ والي رياست مير امام بخش خان ٽالپر جو خاص مير منشي مقرر ٿيو.

مخدوم صاحب نہ صرف هڪ بلند مرتبي وارو عالم، قرآن پاڪ ۽ حديث شريف جو ڄاڻو ۽ اعليٰ درجي جو فقيہ هو، ليڪن سنڌي، فارسي ۽ اردو زبانن جو هڪ قادرالڪلام شاعر پڻ هو. پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ "عاصي" تخلص استعمال ڪندو هو. "تذڪره مخاديم ڪُهڙا" کان علاوه سندس تصنيفات ۾، تفسير تسهيل القرآن، رسول پاڪ ﷺ جن جي علم غيب متعلق هڪ رسالو، ايساغوجي تي فارسي زبان ۾ حاشيو ۽ مجموعہ فتاويٰ جا نالا قابل ذڪر آهن. هن ٢-رجب ١٣٣٥هہ/٢٤-اپريل ١٩١٧ع تي رحلت ڪئي.

مخدوم امير احمد: "مخدوم الله بخش مرحوم ڪُهڙوي" (مقالو)، ڏسو ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ، "سوانح نمبر" ١٩٥٧ع، ص ٦٩ کان ٨٣.

* ڪن ليکڪن، هن ڪتاب جو نالو "تواريخ گنجينہ جهان نما" ڄاڻايو آهي.

Gul Hayat Institute

ايڊٽ ڪيل ڪتاب "حديقةالاولياءَ" جي مقدمي ۾ پڻ ڪيو آهي. (٧) انهيءَ فارسي قلمي نسخي جا ڪيترائي نقل سنڌ جي مختلف ڪتبخانن ۾ موجود آهن. سن ١٩٩٠ع تائين، هيءُ تذڪرو فارسي زبان ۾ ئي هو.

تازو "تذڪره مخاديم ڪُهڙا" جو سنڌي ترجمو قلمي صورت ۾ دستياب ٿيو آهي. اهو سنڌي ترجمو مخدوم غلام احمد ✡ ڪيو آهي. هن تذڪري جي شروع ۾ ڪُهڙن جي مخدوم خاندان جو شجرو، سندن سنڌ ۾ وارد ٿيڻ ۽ ڪُهڙن ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ جو احوال ڏنل آهي. ان ڪان پوءِ، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور جي اهم تاريخي واقعن، جهڙوڪ: مخدوم ميان عبدالرحمان، مخدوم ميان محمد عاقل (ثاني) ۽ ٻين معتقدن ڪي ميان نور محمد ڪلهوڙي پاران شهيد ڪرائڻ جو سربستو احوال بيان ڪيو ويو آهي. ازان سواءِ، ان دور جي تاريخي، سياسي، مذهبي ۽ تصوف جي روحاني تحريڪن ۽ ٻين ڪيترين ئي اهم ڳالهين جو ذڪر پڻ ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر عطا محمد "حاميءَ" مذڪور فارسي قلمي نسخي تان مواد وٺي، "ڪُهڙن جا مخدوم" جي عنوان سان هڪ مقالو لکيو هو، جو سن ١٩٥٨ع ۾ ماهوار ادبي رسالي "نئين زندگيءَ" ۾، ٻن قسطن ۾ ڇپيو ❍. دراصل "حامي" صاحب جي انهيءَ مٿئين مقالي ۾، هن ڪتاب جو اصل روح اچي چڪو آهي.

مخدوم غلام احمد جو هيءُ سنڌي ترجمو، آسان ۽ عام فهم زبان ۾ آهي. مخدوم صاحب پاڻ فارسي زبان جو چڱو عالم هو. پاڻ سنڌي متن جي هيٺان پنهنجا قيمتي نوٽ ۽ حاشيا ڏنا اٿائين، جن مان سندس قابليت ۽ تاريخ جي مطالعي جو پتو پوي ٿو. هن ترجمي ۾ هڪ نقص اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ متن ۾ ڪافي هنڌن تي مترجم طرفان پنهنجا اضافا شامل ڪيا ويا آهن، جن مان ڪن کي ڏنگيءَ ۾ رکيو اٿائين، تہ ڪٿي وري ائين ملائي ويو آهي. انهيءَ ڪري ڪن هنڌن تي اصل فارسي متن جو روح مجروح ٿيو آهي.

بهرحال، هيءُ سنڌي ترجمو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ وڏو قيمتي سرمايو آهي، جنهن کي جيڪڏهن سوڌي ۽ سنواري شايع ڪيو وڃي تہ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور جو هڪ اهم تاريخي دستاويز ٿيندو.

هيءُ سنڌي قلمي نسخو، فل اسڪيپ سائيز ۾، ٥١٢ صفحن تي مشتمل آهي ۽ ان جي فوٽو ڪاپي "ساهتي لئبرري" نواب شاهہ ۾ موجود آهي.

### ١٠. قصص الاولياءِ سنڌ

هيءُ تذڪرو خيرپور رياست جي قديم علمي ڳوٺ "ڪُهڙن" جي مخدوم خاندان جي هڪ بزرگ مخدوم ميان عبدالخالق (رابع) عرف مخدوم ميان شفيع محمد ✢ جو سنڌي زبان ۾ تاليف ڪيل آهي. مخدوم صاحب هيءُ تذڪرو

---

✡ مخدوم غلام احمد جو تعلق پڻ "ڪُهڙن" جي مشهور مخدوم خاندان سان آهي. پاڻ سنڌ جي نامور عالم ۽ اديب مخدوم امير احمد (المتوفي ٢٦-فيبروري ١٩٧١ع) جو فرزند هو. عربي، فارسي ۽ سنڌي زبانن جو ڄاڻو هو. پاڻ سنڌ اورينٽل ڊگري ڪاليج حيدرآباد جو پرنسپال هو.

❍ اهو ساڳيو مقالو، "حامي" صاحب جي مضمونن ۽ مقالن جي مجموعي "وکريل موتي" (١٩٨٣ع) ۾ پڻ آيل آهي.

✢ مخدوم ميان عبدالخالق (رابع) عرف مخدوم ميان شفيع محمد جي والد جو نالو مخدوم ميان محمد عاقل (خامس) عرف مخدوم ميان نيڪ محمد هو. سندس نسب جو سلسلو حضور پاڪ ﷺ جن جي چاچي حضرت عباس رضہ سان ملي ٿو. مخدوم ميان شفيع محمد عربي علوم جو ماهر هو. سندس استادن ۾ مولانا غلام عمر جتوئي (المتوفي ١٣٥٣هہ/١٩٣٤ع) ۽ مولانا مير محمد نورنگي (المتوفي ١٠-محرم ١٣٦١هہ/٢٨-جنوري ١٩٤٢ع) جا نالا قابل ذڪر آهن. سندس وڏا قادري سلسلي جا بزرگ هئا، ليڪن پاڻ نقشبندي سلسلي جي مشهور روحاني بزرگ خواجہ محمد حسن جان سرهنديءَ جو مريد ٿيو. مخدوم صاحب ٤-ربيع الاول ١٣٩٣هہ/٧-اپريل ١٩٧٣ع تي هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. (چاچڙ عبدالوهاب، مولانا: ماهوار "شريعت" سکر سنڌ، سوانح حيات نمبر، آڪٽوبر ١٩٨١ع، ص ٤٣١).

پنهنجي خاندان جي هڪ ٻئي بزرگ مخدوم ميان محمد عاقل (رابع) عرف مخدوم ميان پير محمد، سجاده نشين، درگاهہ کُهڙا جي تاليف ڪيل مشهور ضخيم ڪتاب "تواريخ آئينہ جهان نما" کي آڏو رکي تاليف ڪيو آهي. هيءُ قلمي نسخو فل اسڪيپ سائيز ۾ ۱۷۴ صفحن تي مشتمل آهي ۽ نهايت سهڻي عربي سنڌي خط ۾ لکيل آهي.

هن تذڪري ۾ مؤلف پنهنجي خانداني احوال ۽ بزرگن جي تذڪري سان گڏ سنڌ جي قديم تاريخي شهرن جهڙوڪ: الور، ماٽيلي، گهوٽڪي، بکر، سکر، سيوهڻ، حيدرآباد، ٺٽي، عمرڪوٽ ۽ خواجہ خضر جي آستان جو تاريخي پس منظر بيان ڪيو آهي. ساڳئي وقت هن تذڪري ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن، درويشن ۽ بزرگن جو احوال پڻ ملي ٿو، جن مان پير محمد صالح شاهہ گهوٽڪيءَ واري، مخدوم عبدالرؤف هالائي، مخدوم محمد معين ٺٽوي، مخدوم ابوالحسن ٺٽوي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سيد پير محمد بقا لکياري وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن. مخدوم ميان غلام محمد ٻُگائيءَ جو لکيل مشهور قصيدو، جو هن سنڌ جي حاڪم ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي هجوَ ۾ ناهي سندس اڳيان مسجد شريف ۾ پڙهيو هو، سو بہ مڪمل طرح هن بياض ۾ ملي ٿو. ازانسواءِ، مؤلف جي خاندان جي بزرگن، نادرشاهہ افشار ايرانيءَ جي سنڌ جي ڪلهوڙن تي ڪاهن، احمد شاهہ ابداليءَ جي سنڌ ۾ اچڻ جهڙن تاريخي واقعن ۽ ٻين ڪيترن ئي اوليائن ۽ مشائخن ۽ بزرگن جي وفات جا تاريخي مادا پڻ هن تذڪري ۾ ڏنا ويا آهن. اهڙيءَ طرح، هيءُ تذڪرو اٽڪل ۱۳۲ عنوانن تي مشتمل آهي ۽ هر عنوان کي تاريخ جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

جيتوڻيڪ هيءُ تذڪرو تمام مختصر آهي، مگر ڪن ڳالهين جي ڪري وڏو قيمتي آهي ۽ سنڌ جي تاريخ جي ماخذ جي حيثيت ۾ چڱو مقام رکي ٿو. هن تذڪري جي آخر ۾ ڪتاب جي پوري ٿيڻ جو سن وغيره نہ ڄاڻايو ويو آهي ۽ نہ وري ڪاتب جو نالو لکيو ويو آهي. هن ڪتاب جو فوٽو اسٽيٽ نسخو، ڪوٽڙي ڪبير جي مشهور ڪتبخاني "الڪبير اڪيڊمي" ۾ موجود آهي.

## ۱۱. خيرپور نامہ

خانبهادر خداداد خان ❑ انگريزن جي ابتدائي دور جو هڪ ناميارو مؤرخ ٿي گذريو آهي. هن پنهنجي ڪتاب "لُب تاريخ سنڌ" ۾ انگريزن جي دور حڪومت جو مفصل احوال ڏنو آهي. "لُب تاريخ سنڌ" جي تاريخي حيثيت ڇا آهي ۽ اهو "تاريخ" جي فن تي ڪيتري قدر پورو لهي ٿو، اهو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ الڳ مسئلو آهي. "لُب تاريخ سنڌ" کان علاوه سندس تصنيفات ۾ وقائع سير جيسلمير، مڪران نامہ، خليج نامہ، پُل نامہ، سياحت نامہ ۽ خيرپور نامہ جا نالا ملن ٿا. اسان هتي "خيرپور نامہ" جو احوال ڏيون ٿا.

خانبهادر خداداد خان سن ۱۳۱۲هہ/۱۸۹۴ع ۾، "خيرپور نامہ" جي نالي سان هيءُ ڪتاب ڪمشنر پريس ڪراچيءَ مان ليٿو ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هيءُ ڪتاب فارسي زبان ۾، ڊيمي سائيز جي ۱۲۰ صفحن تي پکڙيل آهي. هن ۾ خيرپور رياست جي ٽالپر حڪمرانن جو احوال ڏنو ويو آهي. ڪتاب جي منڍ ۾ انگريز سرڪار جي تعريف ڪان پوءِ ان جي تاليف جو سبب ڄاڻايو ويو آهي. ان کان پوءِ، انگريزن جي دور حڪومت ۾ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حالتن، خيرپور رياست جي وجود ۾ اچڻ ۽ ٽالپرن جي خانداني جهڳڙن جو تذڪرو بيان ڪيو ويو آهي. ان بعد مير

---

❑ خانبهادر خداداد خان ولد رضا محمد خان افغان سن ۱۸۳۸ع ڌاري سکر ۾ تولد ٿيو. سکر جي مڪتب اسڪولن ۾ سنڌي، فارسي ۽ عربي زبانن جي تعليم حاصل ڪيائين. ميجر گولڊ سمڊ، جو ان وقت سنڌ جي تعليم کاتي جو ناظم مدارس (ڊائريڪٽر) هو، سندس قابليت کان متاثر ٿي، کيس ۱۸۵۳ع ۾ شڪارپور جي ڊپٽي مئجسٽريٽ جو منشي مقرر ڪيو ۽ ترقي ڪندي مختيارڪار جو عهدو ماڻيائين. سن ۱۸۹۹ع ۾ ملازمت تان رٽائر ٿيو. ۴-شوال ۱۳۲۰هہ/۴-جنوري ۱۹۰۳ع تہ رحلت ڪيائين ۽ سکر ۾ پنهنجي جوڙايل مسجد شريف جي احاطي ۾ مدفون ٿيو.

علي مراد خان ٽالپر جو احوال نهايت تفصيل سان ڏنو ويو آهي، گويا مير صاحب جي سوانح حيات بيان ڪئي ويئي آهي. مير رستم خان ۽ مير علي مراد خان جي وچ ۾ رياست جي تخت ۽ تاج لاءِ جيڪو خانداني تڪرار ٿيو ۽ سندن وچ ۾ جيڪي معاهدا ٿيا، تن جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي. سن ۱۸۴۳ع ۾ مياڻيءَ جي اندوهناڪ حادثي کان پوءِ، انگريزن جڏهن مير علي مراد خان کي ساڻن وفاداريءَ جي عيوض خيرپور رياست عنايت ڪئي، تنهن جو بيان به ملي ٿو. رياست خيرپور جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، مير علي مراد خان ۽ انگريزن جي وچ ۾ رياست جي ڪن ٽڪرن تان تڪرار ٿي پيو ۽ ان تڪرار جي نتيجي ۾، مير صاحب سان ڌوڪو ڪري، اهي ڪانئس کسيا ويا. مير علي مراد خان پنهنجن وزيرن ۽ همدردن سان گڏجي رياست جي انهيءَ ڪيس جي سلسلي ۾ لنڊن ويو، پر ڪيس ناڪامي نصيب ٿي. اهڙيءَ طرح، ان سموري دور جو تاريخي احوال هن ڪتاب ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

خانبهادر خداداد خان هن ڪتاب ۾ جيڪي تاريخي واقعا بيان ڪيا آهن، اهي اڪثر سندس اکين ڏٺا آهن. ليڪن جيئن ته پاڻ انگريز سرڪار جو ملازم ۽ لاڏلو هو، ان ڪري پنهنجي ولي نعمت جي خلاف ڪجهه به نه لکيو اٿائين. انگريزن انهيءَ ڏس ۾ مير علي مراد خان سان جيڪي ويل وهايا، تن تي بلڪل پردو رکيو اٿائين. مير علي مراد خان جي وفات تي ان دور جي وڏن شاعرن جهڙوڪ، سيد غلام محمد شاهه "گدا" ۽ سيد غلام مرتضيٰ شاهه "مرتضائي" قطعه تاريخون لکيون، سي پڻ هن ڪتاب ۾ ڏنيون ويون آهن. آخر ۾ خيرپور جي ٽالپرن جو خانداني شجرو ڏنو ويو آهي. ڪتاب جي ڇپجڻ جي قطعه تاريخ، مشهور عالم ۽ شاعر مخدوم حاجي ميان احمد ❐ وضع ڪئي آهي، جا هيٺينءَ طرح آهي:

سال تصنيف سرزد از خامه،
عمدهٴ عهد خيرپور نامه.

۱۳۱۲هه

ايضاً

عيسوي سالش چُنين شد منجلي،
خيرپور نامه ڪتابي شد جلي.
هاتفي گفت هديهٴ اعيان،
خيرپور نامه خداداي.

۱۸۹۴ع

## ۱۲. رياست خيرپور

"رياست خيرپور" جي نالي سان هيءُ ڪتاب، سنڌ جي مشهور عالم ۽ اديب، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ اُن وقت رياست جي حاڪم هزهائينيس مير علي نواز خان "ناز" جي فرمائش تي سن ۱۹۲۲ع ۾ لکيو، جو سن ۱۹۲۴ع ۾ فيض پريس خيرپور مان ڇپجي پڌرو ٿيو. مرزا صاحب هن ڪتاب جي تصنيف ڪرڻ جو ڪارڻ جاڻائيندي ديباچي ۾ لکي ٿو:

"هندوستان ۾ گهڻو ڪري سيني هندو توڙي مسلمان راجواڙن ۽ رياستن جون مفصل تاريخون لکيل آهن، جي انهن رياستن جي والين ڇاپائي پڌريون ڪيون آهن. مگر سنڌ ۾ جيڪا فقط هڪڙي رياست خيرپور جي آهي،

❐ مخدوم حاجي ميان احمد اصل متياريءَ جو ويٺل هو. شڪارپور ضلعي جي اسڪولن جو نائب ناظر هو. پينشن تي لهڻ کان پوءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ متيارين ۾ وڃي رهيو.

تنهن جي اهڙي ڪا مفصل تاريخ ڇپايل نظر ڪانه آئي."

انهيءَ مٿينءَ ڳالهه جي ضرورت کي محسوس ڪندي مرزا صاحب هيءَ تاريخ تصنيف ڪئي. هن ڪتاب کي تصنيف ڪرڻ وقت مرزا صاحب جي آڏو خاص طرح سان سيد گلاب ميان مير منشيءَ جو لکيل اردو ڪتاب "پالن پور رياست" هو، جنهن کان پاڻ ڏاڍو متاثر هو ۽ ان ڳالهه جو مصنف خود مذڪور ڪتاب جي ديباچي ۾ اعتراف ڪيو آهي.

هيءُ ڪتاب ڊيمي سائيز جي ۱۹۴ صفحن تي ڦهليل آهي ۽ منجهس جملي ويهه باب آيل آهن. هن ڪتاب ۾ خيرپور رياست جي جاگرافيائي، طبعي ۽ قديم تاريخي احوال سان گڏ رياست جي ٽالپر حاڪمن جي اوائلي حڪمراني کان وٺي مير فيض محمد خان ٽالپر جي دور تائين احوال ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ ٽالپر حڪمرانن جي نظام حڪومت ۽ سندن خانداني جهيڙن جهٽن جو تفصيلي بيان مليل آهي.❑

## ۱۳. تاريخ بڪار جاگير

"تاريخ بڪار جاگير" جو قلمي نسخو راقم کي پنهنجي نوجوان دوست ۽ روهڙيءَ جي مشهور علمي گهراڻي "موسوي سادات" جي فرد سيد عبدالحسين شاهه "تجمل" موسويءَ جي ذريعي دستياب ٿيو. هيءُ قلمي نسخو سنڌي زبان ۾ آهي ۽ سيد نبي بخش شاهه بڪاريءَ ▲ جو تاليف ڪيل آهي. هن قلمي نسخي جو ڪاتب شاهه صاحب خود پاڻ آهي. نهايت ئي سهڻو عربي سنڌي خط نسخ استعمال ڪيو ويو آهي. ۱۲×۹ جي سائيز ۾ هيءُ

---

❑ خيرپور رياست جي تاريخ جي حوالي سان اسان کي پروفيسر عطا محمد "حامي" جي تحقيقي مقالي "خيرپور ميرس جي ٽالپرن جو سنڌ جي سياسي، علمي ۽ ادبي تاريخ جو حصو" جو نالو پڻ مليو، جو هن سن ۱۹۷۷ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي. ايچ.ڊي جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ لکيو هو. هيءُ تحقيقي مقالو سنڌي زبان، ادب، تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جو وڏو املهه خزانو آهي. هيءُ مقالو پندرهن بابن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ خيرپور رياست جي قديم تاريخي، جاگرافيائي، تهذيبي ۽ تمدني احوال سان گڏ رياست جي ٽالپر حاڪمن جو خانداني احوال، سياسي ۽ تمدني حالات ۽ سندن سنڌي زبان ۽ ادب جي حوالي سان ڪيل ڪارنامن تي روشني وڌي ويئي آهي. هن ٿيسز جا آخري باب نهايت ئي قيمتي آهن، جن ۾ سنڌي زبان جي خيرپوري لهجي کان علاوه تاريخي شخصيتن، اڪابرن، مدبرن، صوفي درويشن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ ٻين مشاهيرن تي مفصل روشني وڌي ويئي آهي. هيءُ ٿيسز هر لحاظ کان سنڌي زبان جو هڪ وڏو قيمتي سرمايو آهي، جو اجا تائين قلمي صورت ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشوري ۾ محفوظ آهي.

▲ سيد نبي بخش شاهه ولد سيد فيض علي شاهه، روهڙيءَ جي "رضوي سادات" جي هڪ شاخ "بڪاري سادات" جي پيڙهيءَ مان هو. پاڻ ۱۳۱۹هه/۱۹۰۱ع ۾ بڪار جاگير (ضلعي خيرپور ميرس) جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ "گهريءَ" ۾ ڄائو. اهو ڳوٺ بڪار جاگير ۾ "فضل آباد" کان سڏ ڪن پنڌ تي واقع آهي. ڳوٺ "فضل آباد" سيد فضل حسين شاهه بن سيد تاج محمد شاهه بڪاريءَ جو ٻڌايل آهي. سيد فضل حسين شاهه به اصل ۾ "گهريءَ" جو وينل هو، جنهن هنڌ تي "فضل آباد" قائم آهي. اُتي ڪنهن زماني ۾ شيرو ميربحر جو پڙ هو، جو پوءِ "شيروجا" جي نالي سان سڏجڻ ۾ آيو. "شيروجا" سن ۱۸۹۰ع ڌاري مشهور درياهي پٽڙ هو، جو پوءِ پنهنجي اها اڳوڻي هستي وڃائي ويٺو. مذڪور ڳوٺ اڄ به انهن مٿين ٻنهي نالن سان سڏيو وڃي ٿو.

سيد نبي بخش شاهه پنهنجي ابتدائي تعليم ڳوٺ "صالح پَٽ" جي پرائمري اسڪول ۾ حاصل ڪئي ۽ اتان ئي سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪيائين. پاڻ ٿوري گهڻي فارسي به ڄاڻندو هو. تعليم جي فراغت کان پوءِ، شڪارپور طرف خانبهادر جاڳڻ خان جي زمينن جو اٽڪل ٽيهارو کن ورهيه انتظام هلائيندو رهيو. پاڻ نهايت ئي اعلي وصفن جو مالڪ هو. سندس سچائي ۽ امانتداري ڏاڍي مشهور هئي. جاگير ۾ جيڪي به فيصلا ٿيندا هئا، تن ۾ اڪثر ڪري ڪيس "امين" مقرر ڪيو ويندو هو. پاڻ درگاهه جهوڪ شريف وارن بزرگن جو مريد هو. وٽس هڪ ناياب ڪتبخانو پڻ هو. سن ۱۹۶۴ع ۾ ۶۳ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. کيس پنهنجي اباڻي قبرستان واقع "گهريءَ" ۾ دفن ڪيو ويو. کيس چار فرزند ٿيا. سيد فيض علي شاهه- رٽائرڊ پرائمري هيڊ ماستر، سيد فضل علي شاهه- رٽائرڊ پرائمري هيڊ ماستر، سيد صالح شاهه- وڪيل ۽ سيد باقر شاهه- زميندار (بروايت سيد عبدالحسين شاهه "تجمل" موسوي، ساڪن روهڙي سنڌ)

سمورو ڪتاب ۴۴۰ صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي لکجڻ جي شروعات ۱-صفر ۱۳۶۷هه/۱۵-ڊسمبر ۱۹۴۷ع تي ٿي ۽ ان جو اختتام ۲۰-ذوالقعد ۱۳۶۷هه/۲۴-سيپٽمبر ۱۹۴۸ع تي ٿيو. هيءُ سمورو ڪتاب ڏهن بابن ۾ ورهايل آهي. شاهه صاحب هن ڪتاب لکڻ جو مقصد جاٽائيندي لکي ٿو:

"هن ڪتاب ۾ رضوي سيدن جي انهيءَ شاخ جو مفصل بيان ڪيو ويو آهي، جن کي وقت جي حڪمرانن طرفان 'بڪار' وارو علائقو جاگير طور ڏنو ويو هو."

ڪتاب جي منڍ ۾ "ارشاد نامو" جي عنوان سان سيد رحم علي شاهه فضل آباديءَ ▼ جو مقدمو ڏنل آهي جو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ وڏيءَ اهميت وارو مضمون آهي. شاهه صاحب انهيءَ مقدمي ۾ نهايت عالمانه انداز ۾ تاريخ جي فن تي روشني وڌي آهي. ساڳئي وقت "رضوي سادات" جو مختصر مگر جامع تذڪرو پڻ ڏنو ويو آهي. مقدمي ۾ هيٺين تاريخي ڪتابن جا حوالا ملن ٿا، جنهن مان مقدمي نگار جي علميت ۽ تاريخ جي فن تي مهارت جو پتو پوي ٿو: ربيع الابرار، تاريخ الآئمه، مقدمه ابن خلدون، تاريخ ڪامل ابن اثير، تاريخ ابوالفداء، روضة الصفا، تاريخ خطيب بغدادي، بحارالانوار، حق اليقين، تاريخ طراز، تاريخ ناسخ وغيره. ان کان سواءِ حديث جي ڪتابن جا حوالا پڻ ڏنا ويا آهن. هيءُ مقدمو ۶۹ صفحن تي مشتمل آهي.

مقدمي کان پوءِ سڀ کان پهريائين "رضوي سادات" جو خانداني احوال مفصل طرح ڏنو ويو آهي. اهو تذڪرو پنهنجيءَ جاءِ تي نهايت قيمتي آهي ۽ ان مان ڪيترين ئي اهڙين ڳالهين ملن ٿيون، جن جو سنڌ جي تاريخ سان ڪافي ڳانڍاپو نظر اچي ٿو. ازانسواءِ، "بڪار" جاگير ۾ موجود مختلف ڳوٺن، واهڻ ۽ قومن وغيره جو تاريخي پس منظر پڻ بيان ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب ۾ وقت جي بادشاهن، جهڙوڪ محمد شاهه، جهاندار ۽ بکر جي مغل گورنرن کان علاوه ميان سرفراز خان ڪلهوڙي، مير سهراب خان ٽالپر ۽ انگريز حاڪمن جا جاگير جي باري ۾ ڏنل فرمان به ملن ٿا. بکر جي مغل گورنر، نواب سيد مير يعقوب علي خان رضويءَ جي باري ۾ پڻ ڪافي ذڪر ملي ٿو. آخر ۾ ڪتاب جي مؤلف سيد نبي بخش شاهه بڪاري روهڙي شهر جي باري ۾ هڪ سنڌي شعر ڏنو آهي، جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته شاهه

---

▼ سيد رحم علي شاهه ولد سيد وريل شاهه فضل آبادي، "بڪاري سادات" جي خاندان جو چشم و چراغ هو. پاڻ سن ۱۳۳۲هه/۱۹۰۴ع ۾ پنهنجي ڳوٺ "گهرِيءَ" ۾ ڄائو. قرآن پاڪ ۽ مروج سنڌيءَ جي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ئي حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ "امروٽ شريف" جي مشهور ديني مدرسي ۾ داخل ٿيو، جتي سنڌ جي مشهور عالم ۽ بزرگ مولانا سيد تاج محمود امروٽيءَ جي سايي هيٺ ديني تعليم حاصل ڪيائين. ان زماني ۾، امروٽ شريف تحريڪ آزادي ۽ سياست جو هڪ وڏو مرڪز هو. جديد انقلاب جو امام مولانا عبيدالله سنڌي پڻ امروٽ شريف ۾ رهندو هو. انهن بزرگن ۽ قومي اڳواڻن جي سرپرستيءَ ۾ سيد رحم علي شاهه پڻ "خلافت تحريڪ" ۾ ڀرپور حصو ورتو. پاڻ امروٽ شريف جي مدرسي پاران افغانستان ڏانهن ويندڙ وفد ۾ پڻ شريڪ ٿيو هو.

سيد رحم علي شاهه ديني خواه دنيوي علمن جو جامع هو. عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو ٻولين تي چڱي دسترس رکندو هو. پاڻ صوفيانه خيال رکندو هو. طريقت جي سلسلي ۾ جهوڪ شريف وارن بزرگن جي هٿ تي بيعت ڪئي هئائين. وٽس هڪ عاليشان ڪتبخانو پڻ هو، جنهن ۾ نادر ڪتابن جو ذخيرو جمع ٿيل هو. هن پنهنجي سموري زندگي مطالعي ۾ گذاري. پاڻ ڪيترين ئي تصنيفن جو صاحب هو، مگر سندس اهو سمورو علمي خزانو زماني جي دستبرد جو شڪار ٿي ويو. سندس هڪ فارسي تصنيف "تاريخ بڪار جاگير" قلمي صورت ۾، سندس پوين وٽ محفوظ آهي. سيد نبي بخش شاهه بڪاري، جو سندس سوٽ هو، پنهنجي سنڌي تصنيف "تاريخ بڪار جاگير" ۾ اڪثر انهيءَ ڪتاب جا حوالا ڏنا آهن.

سيد رحم علي شاهه سن ۱۹۷۶ع ۾ هن فاني جهان مان رحلت ڪئي. پاڻ سموري حياتي مجرد ٿي گذاريائين. سندس وفات کان پوءِ سندس سمورو ڪتبخانو مولوي عبدالله جروار جي حوالي ڪيو ويو.

صاحب شاعريءَ جو مذاق بہ رکندڙ هو. هيءُ قلمي نسخو، مؤلف جي فرزند سيد صالح شاهہ، وڪيل، ساڪن روهڙيءَ وٽ محفوظ آهي.

## حوالا

(١) ميرڪ يوسف: "تاريخ مظهر شاهجهاني" (فارسي)، بتصحيح سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٦٢ع، ڏسو مقدمو ص ٧٧.
(٢) خداداد خان خانبهادر: "لُب تاريخ سنڌ"، مترجم حافظ خير محمد اوحدي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٨٩ع، ص ٨٦، ٨٧.
(٣) ايضاً
(۴) سومرو محمد عالم مولانا: "دولت علويہ جي مختصر تاريخ" (قلمي سنڌي)، ١٩٥٣ع، ص ٨.
(٥) سيد عبدالقادر: "حديقة الاولياء" (فارسي)، بتصحيح سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٦٧ع، ڏسو مقدمو ص ٣٨ کان ۴٥.
(٦) "بيدل" قادر بخش: "پنج گنج"، مترجم فقير سبحان بخش، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ، حيدرآباد سنڌ، ١٩٧٦ع، ص ۴٨.
(٧) سيد عبدالقادر: "حديقة الاولياء" (فارسي)، ڏسو مقدمو ص ٢٢ کان ٢۴.



Gul Hayat Institute

داڪٽر الهرڪيو ڀٽ

# ١٨١٩ع کان وٺي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جو جائزو

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم ١٨١٩ع کان شروع ٿيو. ان سال ڪلڪتي جي پرسان سيرامپور ۾ عيسائي پادرين انجيل مقدس جو سنڌي ترجمو ڇاپي پڌرو ڪيو. ٢٧٤ صفحن تي مشتمل ديوناگري لپيءَ ۾ هي ڪتاب ٽائيپ جي ڇاپخاني مان ڇپجي ظاهر ٿيو. هن ڪتاب کي سنڌي ٻوليءَ جو پهريون ڇپيل ڪتاب هجڻ جو شرف حاصل آهي. هن ڪتاب جي هڪ ڪاپي جڳ مشهور برٽش ميوزيم (هاڻي برٽش لئبرري) لنڊن جي اسٽور اسٽريٽ ۾ قائم مشرقي علوم واري عظيم‌الشان ذخيري جي زينت بڻيل آهي. تقريباً پندرهن سالن جي خاموشيءَ کان پوءِ بمبئي سرڪار هڪ نهايت اهم ۽ بنيادي نوعيت جو قدم کنيو. سرڪار پنهنجي هڪ سڄاڻ ۽ اورچ ڪاموري ڊبليو. اي. واٿن جي ذمي سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جوڙڻ جو ڪم سونپيو. ان ڏاهي انگريز محقق سنڌ ۾ برطانيہ سرڪار جي هڪ ڏيهي اهلڪار محمد يوسف جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ جو گرامر جوڙي راس ڪيو. بمبئي سرڪار ڪيرون لهڻيون جو ان پنهنجي خرچ تي ١٨٣٦ع ۾ گورنمينٽ گزيٽ پريس مان واٿن جو سنڌي ٻوليءَ وارو گرامر ڇاپي پڌرو ڪيو، جنهن کي اردو طرز تحرير جي ٽائيپ ۾ ايف. ڊي. راموس ڇاپيو.

انگريزي راڄ ڇالو ٿيڻ تائين سنڌي ٻوليءَ جو ٻيو ڪوبہ ڪتاب ڇاپي هيٺ ڪونہ آيو. انگريزن جي اچڻ (١٨٤٣ع) کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇاپي ڪتابن جو جڻ وارو وريو. ان ڏس ۾ وري بہ سرڪاري عملدار ۽ عيسائي پادري اڳتي وڌيا ۽ بنيادي حيثيت جو ڪم ڪري سنڌي ٻوليءَ کي ڏيهان ڏيهہ مشهور ڪيائون. انهن شروعاتي ڏينهن ۾ حيدرآباد ضلعي جي پهرئين ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن جارج اسٽئڪ مهنداري ڪئي. اسٽئڪ نلهو سرڪاري ڪامورو ڪونہ هو، مگر هو اعليٰ درجي جو عالم ۽ محقق هو. حيدرآباد پهچڻ سان ئي هن سنڌي ٻوليءَ جو گهرو اڀياس ڪرڻ شروع ڪيو. سندس سنڌي هندو پنڊتن سان گهٽي اٿي ويٺي هئي. انهن جي صحبت جي ڪري مٿس ديوناگري ادب ۽ ديوناگري الف ب واري تختيءَ جو گهڻو اثر ٿيو. هن صاحب ڇئن پنجن سالن جي لڳاتار محنت ۽ ڪوشش سان ديوناگري اکرن ۾ سڄا سارا ٽي ڪتاب جوڙي راس ڪيا. ڪتاب بہ جهڙا تهڙا ڪونہ، بنيادي اهميت جون بہ نهايت قيمتي لغتون ۽ هڪڙو گرامر. نهايت گهڻيءَ محنت ۽ جانفشاني سندس صحت تي نهايت منفي اثر وڌو ۽ جلد سنڌ جا وڻ ڇڏي وڃي ولايت پيڙو ٿيو، مگر ٽي يادگار ڪتاب سنڌي ٻولي ۽ سنڌ واسين کي ڏيئي ويو. سندس ٽيئي علمي شاهڪار سرڪاري خرچ تي بمبئيءَ جي آمريڪن مشن پريس ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا. سندس پهريون ڪتاب انگريزي-سنڌي ڊڪشنري ١٨٤٧ع ۾، ٻيو ڪتاب سنڌي گرامر ١٨٤٩ع ۾ ۽ ٽيون ڪتاب سنڌي-انگريزي ڊڪشنري ڪجهہ وقفي کان پوءِ ١٨٥٤ع ۾ ڇپيا. سنڌي ٻوليءَ جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ٻوليءَ جي هن گهڻگهري جيڪي بنيادي اهميت جا قدم کنيا، ان جي هر ڪو اڄ ڏينهن تائين واکاڻ ڪري رهيو آهي. هن ڏاهي پنهنجي سنڌي گرامر سان گڏ هڪ لوڪ داستان "دودي چنيسر جو قصو" بہ ڇپرائي پهريون دفعو منظر عام تي آندو.

جارج اسٽئڪ کان پوءِ تعليم ڪاتي ۽ سنڌ اندر عيسائي پادرين سنڌي ٻوليءَ سان پنهنجا وڙ ڪيا. اهو ١٨٥١ع جو سال هو. ان سال جنوري مهيني ۾ وڏي دانائي ۽ دوانديشي جو مالڪ نوجوان سر بارٽل فريئر سنڌ پرڳڻي جو ڪمشنر مقرر ٿي آيو. سندس حڪومت ١٨٥١ع کان ١٨٥٩ع تائين رهي. ان عرصي دوران هن صاحب سنڌ اندر بنيادي

اهميت جا سوين سڌارا آندا. هت انهن سڀني جي بيان ڪرڻ جي گنجائش نہ آهي، هت اسين رڳو سنڌي ڪتابن جي ڇپائي ڪي ٿا ڪٿون.

هن صاحب جي دور انديشي ڏسو، جو سنڌ ۾ اچڻ شرط سڀ کان اول تعليم جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. تعليم جو بنيادي نقطو "ڪتاب" سندس توجهہ جو مرڪز بڻيو. ڏهن مهينن اندر آڪٽوبر ١٨٥١ع ۾ هڪ قديم مخطوطو "حڪايات الصالحين" سرڪاري خرچ تي ڇاپي پڌرو ڪيائين. اصل عربي ۾ هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو هڪ بزرگ ولي محمد جو ڪيل هو. ٥٨٠ صفحن جي هن ضخيم ڪتاب جون ٢٠٠ ڪاپيون ليٿو ۾ ڪراچي ايڊورٽائيزر پريس، جنهن کي ان وقت اردشير پارسيءَ جو ڇاپخانو بہ چوندا هئا، منجهان ڇاپي پڌرو ڪرايائين. سنڌ اندر ڇپيل اهو ڪتاب "پهريون" ڄاتو وڃي ٿو. ڏسندي ئي ڏسندي ايندڙ ڏهن مهينن اندر وري ٻيو ڪتاب "دوسا ڀائي جا جملا" ڇئن زبانن ۽ ڇئن ڪالمن ۾ ڇاپي عوام آڏو آندائين. هن ڪتاب جون بہ بہ سو ڪاپيون اردشير پارسي جي ڇاپخاني مان ليٿو ۾ ڇپرايائين. اهي شروعاتي ۽ بنيادي ڪتاب ڇپجي ماڻهن جي هٿن تائين پهتا تہ ١٨٥٣ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي موجوده الف ب بہ راس ڪرائي سنڌ واسين ۽ سنڌي زبان تي هڪ وڏو احسان ڪيائين. الف ب جڙي راس ٿيڻ سان فريئر سنڌي ڪتابن ڇاپڻ جو منهن کولي ڇڏيو. سندس ڪوشش ۽ همت افزائي سان ڪراچيءَ ۾ مفرح القلوب ۽ سنڌين پريسون بہ قائم ٿيون تہ ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم آسانيءَ سان ٿيڻ لڳو. سر فريئر کي تعليم کاتي ۾ بہ اورچ ۽ مخلص ساٿي هر هڪ ايلس بارو ۽ ميجر گولڊ سمڊ ملي ويا. سنڌي ڪتابن جي ڇپائي جي ڏس ۾ هنن ٻن صاحبلوڪن جي ڪاوش بي مثل رهي. ڪين وري ڏيهي ڏاهن جهڙوڪ غلام علي نتوي، ميران محمد شاهہ اول، ديوان ننديرام ۽ منشي اڌارام وغيره جهڙن صلاحيتمند ۽ جاکوڙي شخصن جو ساٿ رهيو. سر فريئر ۽ سندس ساٿين تعليم کاتي جو بڪ ڊپو قائم ڪيو ۽ گڏوگڏ تعليم کاتي کي هڪ ليٿو پريس هٿائي ڏني.

سر بارٽل فريئر پنهنجي ايامڪاري جي نون سالن ۾ حڪايات الصالحين سميت درسي نوعيت جا ڪتاب، آکاڻيون، گرامر، رياضي، تاريخ ۽ جاگرافي جا ٢٦ آڳاٽا ۽ بنيادي ڪتاب ڏيئي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابن ڇپجڻ جو مضبوط بنياد رکيو. هن صاحب ليکڪن ۽ پريس جي مالڪن کي محنتاڻي جي سني اجرت ڏني. ڪتابن لکڻ تي روڪ انعام بہ ڏنائين. اهو سندس ئي محنت جو نتيجو هو جو پهرين ٻن ڏهاڪن (١٨٥١ع-١٨٧٠ع) دوران تعليم کاتي پاران تعليم ۽ ٻوليءَ جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ٩٨ سنڌي ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا. اهو سنڌي ليٿو گرافي جو سونهري دور ليکجڻ ۾ اچي ٿو، جنهن ۾ ڪيترن مشهور ڪتابن جي هڪ ايڊيشن جون ٣٠٠٠ ڪاپيون بہ ڇپيون.

سرفريئر جي ايامڪاريءَ ۾ سنڌي ڪتابن جي ڇپائي جو ٻيو وڏو ڪم عيسائي پادرين ڪيو. فريئر جي اچڻ کان هڪ سال اڳ سنہ ١٨٥٠ ۾ چرچ مشنري سوسائٽي وارن سنڌ ۾ پنهنجي شاخ کولي. سندن آفيسون ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ هيون، جتي سندن الڳ اسڪول جاري هئا. کين سندن مذهب جي واڌاري لاءِ ڏيهي ٻولي سنڌيءَ ۾ ڪتاب درڪار هئا. ان ڏس ۾ اُهي صاحب سرڪاري ڪامورن کان بہ قدم اڳتي رهيا. ڪراچيءَ ۾ پنهنجو ليٿو جو ڇاپخانو قائم ڪيائون. سنڌ جي مسلمانن، هندن ۽ سکن لاءِ عربي، ديوناگري ۽ گرمکي لپين ۾ ڪتاب لکي ڇاپيائون ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تقسيم ڪيائون. سنڌي مولوين ۽ پنڊتن سان ڪيئي دلچسپ مناظرا ڪيائون، ڪٿي تہ وڏيءَ تڪليف سان بہ منهن ڏيڻو پين. مگر پنهنجي مقصد سان سچا رهيا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڇپيل ڪتابن ۾ گرانقدر اضافو ڪيائون. سنڌ ۾ آيل انيڪ پادرين ۾ ڪي اعليٰ پايي جا محقق ۽ اديب بہ هئا، جن جي خدمتن کي ديسواسي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا. انهن مان جن بي مثال خدمت ڪئي تن ۾ ابراهام مئچيٽ، انڊريو برنس، جيمس شيلڊن، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، جارج شرٽ ۽ جان بئمبرج شروعاتي عالم ۽ ليکڪ ڳڻيا وڃن ٿا. ڪين ڏيهي عيسائين جهڙوڪ

عبدالله آثيم، ماڌوسڌن سيل، بعد ۾ پرمانند ميوارام ۽ ڪجهه هندو پنڊتن جو ساٿ هو. آءٌ يقين سان چوان ٿو ته علم ۽ ڏاهپ جي اهڙن صاحبن کي ڪير به فراموش ڪري نٿو سگهي. ڀلا ڊاڪٽر ٽرمپ کي ڪير نه عقيدت ۽ احترام سان ياد ڪندو. هن صاحب اردو تحرير جي طرز تي سنڌي الف ب جي تختي تيار ڪري سڀ کان اول ۱۸۵۸ع ۾ لنڊن مان "سنڌي ريڊنگ بوڪ" ٽائيپ ۾ ڇپرايو. ۱۸٦٦ع ۾ جرمني جي شهر ليپزگ مان سنڌي ٽائيپ تيار ڪرائي شاه جو رسالو ڇپرايائين. وڏا جتن ڪري سنڌي ڊڪشنري ۽ گرامر تيار ڪيائين. انهن مان سنڌي گرامر بارٽل فريئر جي ڪوشش سان بمبئي مان ۱۸۷۲ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيائين. ۱۸۵۰ع واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ چرچ مشنري سوسائٽي وارن هڪ لٿو ڇاپخانو قائم ڪيو، جنهن کي مشن پريس چوندا هئا. سال ۱۸٦۰ع ڌاري ڇاپخاني کي وڌائي ٽائيپ جو بندوبست ڪرڻ چاهيائون. مگر سنڌن اهو منصوبو ليپءَ واري جهڳڙي جي نذر ٿي ويو ۽ ڪراچيءَ ۾ مجوزه پهريون ٽائيپ جو ڇاپخانو قائم ٿي نه سگهيو. بهرحال سنڌ اندر لٿو تي سنڌن ڪتاب زور شور سان ڇپبا رهيا. ڪجهه ڪتاب سنڌ کان ٻاهر لنڊن مان به ڇپرايائون. اهڙيءَ ريت ۱۸۵۰ع کان ۱۸٦۰ع تائين ٿلهي ليکي سنڌي ڪتابن جون ۱۵ هزار ڪاپيون لڪرائي، ڇپائي سنڌ اندر نيڪال ڪيائون. ايندڙ ڏهاڪن ۾ به سنڌن ڇپائي جو ڪم زور ۽ شور سان چالو رهيو. ۱۸٦۰ع واري ڏهاڪي جي آخر ۾ سنڌن ڪراچيءَ وارو ڇاپخانو بند ٿي چڪو هو، جنهن بعد سنڌن ڪتاب ٻين پريسن مان ڪراچي، حيدرآباد، لاهور، لڌيانه ۽ امرتسر وغيره ۾ ڇپبا رهيا.

مٿئين تمهيد مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جي شروعات ڪيئن ۽ ڪٿان ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي ڇپيل ڪتابن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اهو عمل سنڌ اندر ۽ سنڌ کان ٻاهر به جاري رهيو. سنڌ اندر ڇپائي جو مرڪز ڪراچي ۽ حيدرآباد رهيا، جتي شروعاتي ڪتاب ليٿو ۽ ٽائيپ ۾ ڇپيا. سنڌ کان ٻاهر ڪجهه ڪتاب لنڊن مان ٽائيپ ۾ ڇپيا، انهن ۾ اڪثريت چرچ مشن وارن جي ڪتابن جي هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ بمبئي ۾ به ڄڳا ڪتاب ڇپيا. انهن ۾ گهڻو حصو ديني ادب ۽ مشهور قصن ڪهاڻين جو هو. بمبئي ۾ سمورا ڪتاب ليٿو ۾ نڪتا. سنڌي لٿو گرافي جو ٻيو وڏو مرڪز لاهور هو. هڪ هڪ ڪتاب جو ذڪر ڪرڻ کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي ڇپيل ڪتابن بابت صورتحال کي سمجهڻ لاءِ بهتر ٿيندو ته انهن کي وڏن دورن ۾ ورهائي ان بعد هر دور جي سچي ۽ صحيح تصوير پيش ڪئي وڃي.ان لحاظ کان اسين سنڌي ڇپائيءَ جا ٻه وڏا دور مقرر ڪري سگهون ٿا. هڪڙو آزاديءَ کان اڳ وارو دوران ٻيو آزاديءَ کان پوءِ وارو دور. اجا وڌيڪ تقسيم به ٿي سگهي ٿي. مثال طور آزاديءَ کان اڳ سنڌي ڇپائي واري تقريبا سو سالہ دور کي اسين ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهون ٿا ۽ اهي هنريت هوندا: ڀاڱو پهريون ۱۸۱۹ع کان ۱۹۰۰ع تائين، ڀاڱو ٻيو ۱۹۰۱ع کان ۱۹۳۵ع تائين ۽ ڀاڱو ٽيون ۱۹۳٦ع کان ۱۹۴۷ع تائين. انهن دورن ۽ انهن جي ڀاڱن تي بحث يا انهن ڀاڱن دوران ڇپيل ڪتابن جي تذڪري کي آسانيءَ سان تڏهن سمجهي سگهجي ٿو جڏهن ڪتابن کي موضوع وار ورهائي انهن جي ڄاڻ مهيا ڪئي وڃي. ننڍا ننڍا موضوع ته سوين ٿي سگهن ٿا، مگر جڳ مشهور ڊيوي ڊيسيمل ڪلاسيفڪيشن سسٽم وانگر اسين به موضوعن کي وڏن گروهن ۾ تقسيم ڪري ڪتابن بابت معلومات فراهم ڪنداسين. هت وڏن موضوعي گروهن جو ذڪر به ڪندا هلون. اهو ضروري نه آهي ته اسين ڊيوي سسٽم جي پيروي ڪريون، موضوعن جي اهميت ۽ اوليت کي نظر ۾ رکي انهن موضوعن تي ڇپيل ڪتابن جو ذڪر ڪنداسين. اهڙيءَ ريت اسين درسي ڪتاب، ديني ڪتاب، ادب جي مختلف صنفن تي ڪتاب، سائنس تي ڪتاب، تاريخ ۽ جاگرافي تي ڪتاب، مشاهيرن جي حياتي تي ڪتاب ۽ لوڪ ادب تي ڪتاب وغيره کي بحث جو موضوع بڻائينداسين. ڪتابن جي مضمون يا انهن جي ليکڪن کي بحث هيٺ آڻڻ هت مقصود نه آهي، نه وري انهن جي ڇپائي جي ٽيڪنڪ جي خوبين ۽ ڪوتاهين کي بيان ڪبو. هت فقط ڪتابن بابت بنيادي معلومات فراهم

Gul Hayat Institute

ڪئي ويندي جيڪا هيٺ ڏنل نقطن تي مشتمل هوندي: ڪتاب جو نالو، ليکڪ جو نالو، ڇپجڻ جو هنڌ، ناشر، ڇپجڻ جو سال، ڇپائيءَ جو طريقو، ڪيترين ڪاپيون ڇپيون، قيمت ۽ پريس. اڄ ته سڀ کان اول لوڪ ادب جي موضوع تي هڪ هڪ ڪتاب جو ذڪر ڪيون. عيسوي سن ۱۹۰۰ تائين لوڪ ادب جي مشهور ۽ معروف صنفن تي سنڌي ٻوليءَ جي عربي، ديوناگري، گرمکي ۽ خوجڪي لکت جي نمونن ۾ مجموعي طور ۲۵۴ ڪتاب ڇپيا، جن مان هرهڪ جو ذڪر ايندڙ صفحن ۾ ڪيل آهي. راقم جي اڻٿڪ ڪوشش ۽ گهڻي تجربي جي ڪري انديشو آهي ته ڪيترا ڪتاب تذڪري هيٺ نه اچي سگهيا هجن، ان ڪري اميد ٿي ڪجي ته اهل علم ۽ دانش وڏا وڙ ڪري درگذر ڪرڻ سان گڏ رهجي ويل ڪتابن جي نشاندهي ڪري رڪارڊ مڪمل ڪرڻ ۾ سهڪار ڪندا ته سندن احسان ٿيندو.

## سنڌيءَ ۾ لوڪ ادب جا ڪتاب ۱۸۴۹ع کان ۱۹۰۰ع تائين:

سنڌي ادب جا تاريخدان ٻڌائين ٿا ته سنڌي زبان ۾ سڀ کان اول لوڪ داستان سهيڙيا ويا. هونئن به لوڪ ادب سان واسطو رکندڙ علم ۽ فن سادا ۽ سولا هوندا آهن. انهن کي جوڙڻ، سمجهڻ ۽ سيني ۾ سانڍڻ لاءِ وڏين ڏگرين جي ضرورت نه هوندي آهي. لوڪ ادب نهايت وسيع ۽ اهم موضوع آهي. سنڌي لوڪ ادب سهيڙيو ۽ گڏ ڪيو به ويو آهي ۽ ان تي سنڌ يونيورسٽي به تي پي. ايڇ. ڊي جون ڏگريون به ڏنيون ڇڪيون آهن. عشقيه داستان، ديون ۽ پرين جون ڪهاڻيون، جنن ڀوتن ۽ بدروحن جون آکاڻيون، همت ۽ مردانگيءَ جا قصا، شادي ۽ غميءَ جا گيت ۽ ڳيچ، سهرا ۽ لاڏا ۽ سوڻ ۽ ساڻ، وهم ۽ وسوسا، اعتقاد ۽ ڀروسا، ريتون ۽ رسمون، دانائيءَ جا گفتا، نقل ۽ نظير، راندين ۽ وندرن جون ڳالهيون، قديم زماني کان هلندڙ فن، هنر ۽ دستور، ڏور بيت، ڏوهيڙا، ڏنون، ٻروليون، پهاڪا ۽ چوٽيون، مداحون، مولود ۽ نعتون، اهي ۽ اهڙا انيڪ موضوع قومن، ملڪن ۽ خطن جي لوڪ ادب جا اهم مضمون ڄاڻا وڃن ٿا. سندن واسطو ڳوناڻي ماحول ۽ معاشري سان آهي. ان ڪري ٻار توڙي ٻڍي، عورت توڙي مرد کي پيارا ۽ پنهنجا لڳندا آهن. ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سڌاري ۾ لوڪ ادب جي موضوعن جو خاص مقام آهي. سنڌي ٻوليءَ جي شروعاتي ڇپيل ادب ۾ سڀ کان گهڻو تعداد لوڪ ادب جي ڪتابن جو آهي. ٿي - وي جي دور کان اڳ نوجوان ٻار عشقيه داستان ۽ پرين جون ڪهاڻيون خاص دلچسپيءَ سان بسترن ۾ لڪائي پڙهندا هئا. اهڙيءَ ريت ٻولي ۽ ان جي ادب جي آبياري ٿيندي رهندي هئي. هر دلعزيز ۽ عام مقبول داستانن، قصن، ڪهاڻين، آکاڻين، ڳجهارتن ۽ پهاڪن، نقل ۽ نظيرن، لطيفن، ڏوهيڙن ۽ ڪافين، جهيڙن ۽ مناظرن وغيره بابت ڇپيل ڪتابن (شروع کان ۱۹۰۰ع تائين) جا تفصيل هنريت آهن.

### (الف) داستان ۽ قصا:

مٿي بيان اچي چڪو آهي ته ڪئپٽن اسٽئڪ ۱۸۴۹ع ۾ پنهنجي گرامر واري ڪتاب ۾ دودي ۽ چنيسر جو قصو به ڇپرايو هو. ان بعد ڊاڪٽر ٽرمپ ۱۸۵۸ع ۾ پنهنجي سنڌي ريڊنگ بوڪ ۾ به قصا هر هڪ "سورٺ جو قصو" (ديوناگري) ۽ "ليليٰ مجنون جو داستان" (عربي) لپيءَ ۾ ڇپرايا. جيئن ته داستانن جي ڇپائي جي شروعات دودي ۽ چنيسر جي قصي سان ٿئي ٿي، انڪري هت به ان داستان سان شروعات ڪجي ٿي:

| ڪتاب جو نالو | سهيڙيندڙ | جاءِ، ناشر ۽ سن | ڪاپيون | قسم | قيمت ۽ پريس |
|---|---|---|---|---|---|
| ڳالهه دودي ۽ چنيسر جي | اڌارام ٿانورداس | ڪراچي پريس: وديا ونود، ١٨٨١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٣ آنا ٦ پايون |
| دودو چنيسر (ديوناگري) | محمد يوسف | ڪراچي: محمد يوسف ڪتب فروش ١٨٩٣ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣ آنا ٣ پايون، اسلاميه پريس لاهور |
| دودو چنيسر | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣ آنه ٣ پايون، اسلاميه پريس لاهور. |
| سورٺ جو قصو | ارنيسٽ ٽرمپ | لنڊن: چرچ مشن، ١٨٥٨ع | - | ٽائيپ | واٽسن، لنڊن. |
| سر سورٺ | عبدالڪريم آخوند | حيدرآباد: قيصريه پريس، ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٩ پايون. |
| ليليٰ مجنون جو داستان | ارنيسٽ ٽرمپ | لنڊن: چرچ مشن، ١٨٥٨ع | - | ٽائيپ | واٽسن، لنڊن. |
| قصو ليليٰ مجنون | خليفو محمد | بمبئي: قاضي ابراهيم، ١٨٧١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٻه آنه، هريبه لنگوس پريس بمبئي. |
| قصو ليليٰ مجنون | سيد فاضل شاهه | بمبئي: قاضي ابراهيم، ١٨٧٦ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٻه آنه، هريبه لنگوس پريس بمبئي. |
| قصو ليليٰ مجنون جو | سيد فاضل شاهه | لاهور: ليڪ، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻه آنه، مصطفائي پريس لاهور. |
| ڪتاب ليليٰ مجنون | - | بمبئي: نورالدين جيوا خان ١٨٨٥ع | ١٠٠٠ | لٿو | صفدري پريس ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| ليليٰ مجنون وڏو قصو | عرض محمد | لاهور: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣ آنه، اسلاميه پريس لاهور. |
| ٻيو ڇاپو | عرض محمد | لاهور: ليڪ، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣ آنه، اسلاميه پريس لاهور. |
| سسئي پنهون | گولڊ سمڊ | لنڊن: سنڌ سرڪار، ١٨٦٣ع | -- | ٽائيپ | --- |
| سسئي پنهون | - | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٦٦ع | ١٠٠٠ | لٿو | تعليم کاتي جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| سسئي پنهون | - | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٧٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٻه آنه، تعليم کاتي جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| سسئي پنهون | - | ٻيو ڇاپو ١٨٧١ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ڪمشنر ڇاپخانو. |
| | | ٽيون ڇاپو ١٨٧٤ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ڪراچي، سنڌ گزيٽ ۽ |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | ڪمرشل پريس ڪراچي. |
| سسئي پنهون | عبدالرحيم محمد وفا عباسي | ڪراچي: تعليم ڪاتو، ١٨٧٤ع | ٥٠٠ | لٿو | ٥ آنہ، تعليم کاتي جو ڇاپخانو، ڪراچي. |
| قصو سسئي پنهون جو | موريو فقير | ڪراچي: تعليم ڪاتو، ١٨٨٧ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٦ پايون، ڪمشنر ڇاپخانو ڪراچي. |
| سسئي پنهون زبان سنڌي (گرمکي) | منگهن داس | امرتسر: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤ آنہ، چشمہ نور پريس امرتسر. |
| سسئي پنهون (ديوناگري) | پوڪرداس ٺانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻہ آنہ، پوڪر پريس. |
| قصو عمر ماروي | عبدالرحيم محمد وفا | ڪراچي: تعليم ڪاتو، ١٨٧١ع | ٥٠٠ | لٿو | ٻہ آنہ، تعليم کاتي جو ڇاپخانو ڪراچي، |
| | | ٻيو ڇاپو ١٨٧٣ع | | | |
| | | ٽيون ڇاپو ١٨٧٤ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ڪمشنر ڇاپخانو. |
| | | چوٿون ڇاپو ١٨٨١ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | سنڌ گزيٽ پريس. |
| | | پنجون ڇاپو ١٨٨٨ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | |
| قصو عمر ماروي جو | محمد عارف ڪلهوڙو ۽ غلام محمد | ڪراچي: تعليم ڪاتو، ١٨٨٦ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٻہ آنہ، ڪمشنر ڇاپخانو ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو | ٢٠٠٠ | | هڪ آنو ٩ پايون. |
| قصو عمر ماروي جو | --- | لاهور: اسلاميہ پريس، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻہ آنہ. |
| نئون قصو عمر ماروي | جيناند | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون، شڪارپور پريس. |
| عمر ماروي جو قصو | ابراهيم دل | ڪراچي: ليڪ، ١٨٩١ع. | ٥٠٠ | لٿو | هڪ روپيہ، اڪليل پريس ڪراچي. |
| فراق نامون ماروي | آخوند عبدالله | لاهور، ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| قصو عمر ماروي جو (ناگري) | نارائڻ داس | لاهور: ليڪ، ١٨٩٢ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو، مجتبائي پريس لاهور. |
| راءِ ڏياچ جو قصو | اڌارام ٺانورداس | ڪراچي: تعليم ڪاتو، ١٨٦٢ع | ؟ | لٿو | تعليم کاتي جو ڇاپخانو ڪراچي. ٣ آنہ. |
| | | ٻيو ڇاپو ١٨٧٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | |
| | | چوٿون ڇاپو ١٨٧٦ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | |
| | | پنجون ڇاپو ١٨٧٨ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | چھون چاپو ١٨٨٦ع | ٥٠٠٠ | ٽائيپ | ٻہ آنا ٣ پايون، ڪمشنر چاپخانو ڪراچي. |
| | | ستون چاپو ١٨٩٢ع | ١٠٠٠ | | ٣ آنہ ٦ پايون. |
| راءِ ڏياچ جو قصو (ديوناگري) | اڏارام ٿانورداس | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٧٦ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٣ آنہ، تعليم کاتي جو چاپخانو ڪراچي. |
| قصو هير رانجهي جو | سيد حيدر شاهہ | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٨٣ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٻہ آنہ ٣ پايون، ڪمشنر چاپخانو ڪراچي. |
| | | ٻيو چاپو ١٨٨٥ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | |
| | | ٽيون چاپو ١٨٨٩ | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٤ آنہ ٦ پايون |
| | | چوٿون چاپو ١٨٩٥ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٣ آنہ، مرڪنٽائيل پريس |
| قصو هير رانجهي جو | - | لاهور: وڪٽوريہ پريس، ١٨٨٧ع | ١٠٠٠ | لٿو | هڪ آنو ٤ پايون |
| قصو هير رانجهي جو | حمل فقير | لاهور: مصطفائي پريس، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو. |
| | | ٻيو چاپو ١٨٩١ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو. |
| | | ٽيون چاپو ١٩٠٠ع لاهور جي اسلاميہ پريس ۾ ڇپيو. | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو. |
| قصو هير رانجهي جو | محمد اسلم | لاهور: ليکڪ، ١٨٨٤ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو، ٦ پايون اسلاميہ پريس لاهور. |
| هير رانجهو (ديوناگري) | پوڪرداس ٿانورداس | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو، ٦ پايون پوڪر پريس شڪارپور. |
| ڪامسين ڪامروپ (ديوناگري) | لالو ڀڳت | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٦٩ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٦ پايون تعليم کاتي جو چاپخانو ڪراچي. |
| | | ٻيو چاپو ١٨٧٢ع | ١٠٠٠ | لٿو | |
| | | ٽيون چاپو ١٨٧٤ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ڪمشنر بهادر چاپخانو. |
| | | چوٿون چاپو ١٨٨٣ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ڪمشنر بهادر چاپخانو. |
| | | پنجون چاپو ١٨٩٠ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ڪمشنر بهادر چاپخانو. |
| ڪامسين ڪامروپ (ديوناگري) | اڏارام | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٧١ع | ٥٠٠ | لٿو | ٥ آنہ، تعليم کاتي جو چاپخانو ڪراچي. |
| | | ٻيو چاپو ١٨٨١ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٦ آنہ، ڪمشنر چاپخانو ڪراچي. |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| قصو ڪامسين ڪاموپ (گرمکي) | --- | لاهور: قادري پريس، ١٨٨٢ع | ٨٠٠ | لٿو | ٻه آنه، پيهر ڇپيو. |
| قصو ڪامسين ڪاموپ (گرمکي) | خوشيرام | لاهور: مصطفيٰ پريس، ١٨٨٩ع | ١٠٥٠ | لٿو | ٻه آنه، پيهر ڇپيو. |
| | خوشيرام | --ساڳيو-- | ٦٠٠ | لٿو | |
| | خوشيرام | ١٨٨٤ع | ١٢٠٠ | لٿو | |
| | خوشيرام | لاهور: فخرالدين پريس، ١٨٩٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون. |
| | - | لاهور: ائنگلوسيڪسن پريس، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ٻه آنه. |
| قصو سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال جو | بهارجت | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٧٤ع | ٥٠٠ | لٿو | ٦ آنه، تعليم کاتي جو ڇاپخانو ڪراچي |
| | | ٻيو ڇاپو: ١٨٧٤ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | ٣ آنه ٦ پايون. |
| | | ٽيون ڇاپو: ١٩٨٨٤ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ڪمشنر بهادر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| | | چوٿون ڇاپو ١٨٩١ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٥ آنه، ڪمشنر بهادر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| | | پنجون ڇاپو: ١٨٩٥ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ۴ آنه، مرڪنٽائيل پريس ڪراچي. |
| قصو سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال | --- | بمبئي: قاضي ابراهيم، ١٨٧٣ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٢ آنه، حيدري پريس بمبئي. |
| قصو سيف الملوڪ | --- | لاهور: مصطفائي پريس، ١٨٩١ع | ٧٥٠ | | ٦ پايون. |
| مهر منير ۽ بدر منير | اڌارام ٿانورداس | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٧١ع | ٥٠٠ | لٿو | ٻه آنه، تعليم کاتي جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| | | ٽيون ڇاپو: ١٨٨٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ٻه آنه ٦ پايون. |
| قصو حضرت موسيٰ ۽ خضر | محمد سمو | بمبئي: قاضي ابراهيم، ١٨٧٨ع | ٢٠٠٠ | لٿو | ۴ آنا، مرغوب هرديار پريس بمبئي. |
| قصو حضرت سليمان | عبدالصمد | بمبئي: شيخ نورالدين جيوا خان، ١٨٨٦ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٻه آنا. |
| سنڌي طوطي نامو | اڌارام ٿانورداس | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٦٢ع | ؟ | لٿو | ١٢ آنه. |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| طوطي نامو سنڌي | گل محمد ۽ حبيب الله مترجم | لاهور: ليڪ، ١٨٩٠ع | ٧٠٠ | لٿو | ١٢ آنه، اسلاميه پريس لاهور |
| سنڌي طوطي نامو | سهنجرام ٿهلرام | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٥ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١٢ آنه، البرٽ پريس سکر. |
| قصو جام جم | فتح محمد | بمبئي: قاضي ابراهيم، ١٨٧٤ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٥ آنا، هريبا لنگوس پريس بمبئي. |
| قصو جام جم | - | بمبئي: قاضي عبدالرحيم، ١٨٩٠ع | ٧٠٠ | لٿو | ٤ آنه، فتح الڪريم پريس بمبئي ۾ ڇپيو. |
| قصو عجب شاهه ۽ نوشلب راڻي | محمد فاضل | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٧٦ع | ٣٠٠ | لٿو | ٤ آنه، ٦ پايون. |
| قصو عشق ۽ عقل | قاضي نور محمد | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٧٦ع | ٣٠٠ | لٿو | هڪ آنو. |
| قصو حضرت سليمان | عبدالصمد | بمبئي: شيخ نورالدين جيوا خان، ١٨٨٦ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٻه آنا، صفدري پريس بمبئي ۾ ڇپيو. |
| مجموعه چار قصه | عبدالصمد | بمبئي: شيخ نورالدين جيوا خان، ١٨٨٦ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٣ آنه، صفدري پريس بمبئي ۾ ڇپيو. |
| قصو ڪورو چنيسر جو | موريو فقير | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٨٣ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٣ آنا ٦ پايون، ڪمشنر ڇاپخانو ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو ١٨٨٧ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٣ آنه، ٣ پايون. |
| نتيجه عشق يعني قصو نل ودمنه | سيد حيدر شاهه | ڪراچي: ليڪ، ١٨٨٥ع | ٢٥٠ | لٿو | ٤ آنه، فيض عثمانيه پريس ڪراچي. |
| رتناولي | ڪوڙو مل چندنمل | ڪراچي: ليڪ، ١٨٨٨ع | ١٠٠٠ | لٿو | سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| قصو ڪرشنا ڪماريءَ جو | واڌو مل | لاهور: ليڪ، ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻه آنه، وڪٽوريه پريس لاهور ۾ ڇپيو. |
| قصو دل جي وندر يا پل چوڪ | جيناننڊ | لاهور: ليڪ، ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤ آنه، وڪٽوريه پريس لاهور. |
| قصو مومل راڻي ۽ مينڌري جو | علي محمد | ليڪ: لاهور، ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻه آنه، وڪٽوريه پريس لاهور. |
| قصو مومل راڻي جو | - | لاهور: اسلاميه پريس، ١٨٨٩ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون. |
| قصو مومل ۽ مينڌري جو | واحد بخش | شڪارپور: پوڪرداس، | ٧٥٠ | لٿو | ٦ آنه، مجتبائي پريس |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | ۱۸۹۷ع | | | لاهور. |
| قصو مومل راڻي ۽ مينڌري جو | حافظ محمد | لاهور: ليڪ، ۱۸۹۹ع | ۷۵۰ | لٿو | هڪ آنو، اسلاميه پريس لاهور. |
| مومل راڻو | مرزا قليچ بيگ | ڪراچي: تعليم کاتو، ۱۸۹۱ع | ۱۰۰۰ | ٽائيپ | ۶ آنه، سنڌ گزيٽ ۽ ڪمرشل پريس ڪراچي. |
| سنڌي بيت زليخا | خوشيرام | لاهور: ليڪ، ۱۸۸۸ع | ۷۵۰ | لٿو | ۹ پايون، مجتبائي پريس لاهور. |
| | | ٻيو ڇاپو ۱۸۸۹ع | | | اسلاميه پريس لاهور. |
| بيت زليخا ڀاڱو ٻيو | – | سکر: هرسنگ، ۱۸۹۰ع | ۷۵۰ | لٿو | ۶ پايون، وڪٽوريه پريس، لاهور. |
| گڏ پنج قصا | قاضي محمد عارف | لاهور: ليڪ، ۱۸۸۹ع | ۷۵۰ | لٿو | هڪ آنو ۶ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |
| گڏ ڏهه قصا | – | سکر: هريسنگ ۱۸۸۹ع | ۷۵۰ | لٿو | ٻه آنه ۶ پايون، اسلاميه پريس لاهور. |
| سڪندر نامو | غلام مرتضيٰ شاهه | ڪراچي: ليڪ، ۱۸۸۹ع | ۵۰۰ | لٿو | ۳ روپيه، اڪليل پريس ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو: ۱۸۹۸ع، شڪارپور: پوڪرداس | ۷۵۰ | لٿو | هڪ روپيو پوڪر پريس شڪارپور. |
| سنڌي سڪندر نامو | غلام مرتضيٰ شاهه | ڪراچي: محمد يوسف ڪتب فروش، ۱۸۹۴ع | ۷۵۰ | لٿو | هڪ روپيو، اسلاميه پريس لاهور. |
| ملا دو پيازو | – | سکر: هريسنگ، ۱۸۸۹ع | ۷۵۰ | لٿو | هڪ آنو ۶ پايون، اسلاميه پريس لاهور. |
| ملا دو پيازو | – | شڪارپور: پوڪرداس، ۱۸۹۶ع | ۵۰۰ | لٿو | هڪ آنو، اسلاميه پريس لاهور. |
| قصو حاتم طائي با تصوير | منگهارام | لاهور: ليڪ، ۱۸۸۹ع | ۵۰۰ | لٿو | هڪ روپيو، مصطفائي پريس لاهور. |
| نئون قصو حاتم طائي جو سنڌي باتصوير | عبدالرحيم | ڪراچي: محمد يوسف ڪتب فروش، ۱۸۹۳ع | ۵۰۰ | لٿو | هڪ روپيو، اسلاميه پريس لاهور. |
| قصو حاتم طائي جو | – | ڪراچي: دين محمد، ۱۹۰۰ع | ۵۰۰ | لٿو | هڪ روپيو، اسلاميه پريس لاهور. |
| حاتم طائي با تصوير | – | سکر: هريسنگ، ؟ | ؟ | ؟ | ؟ |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| حاتم طائي (ديوناگري) | - | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | سوا روپيو، پوڪر پريس، شڪارپور. |
| بيربل نامو | پيسو مل ۽ پاڳچند مترجم | لاهور: ليڪ، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| | | ٻيو ڇاپو ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| بيربل نامو ياڳو پهريون | - | لاهور: مصطفائي پريس، ١٨٩١ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون. |
| رسالو غمتار ياڳو پهريون عرف لطائف اڪبر يعني بيربل نامو | صاحبداد صاحبداد | لاهور: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻہ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| بيربل نامو حصہ اول | يعقوب خان | لاهور: ليڪ، ١٨٩٨ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ آنو، اسلاميہ پريس لاهور. |
| بيربل نامو حصو ٻيو | يعقوب خان | لاهور: ليڪ، ١٨٩٨ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ آنو، اسلاميہ پريس لاهور. |
| نل دمينتي | چينانند مامتاڻي | ڪراچي: ليڪ، ١٨٩٠ع | ٥٠٠ | لٿو | ٦ آنہ ٦ پايون، سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| قصو گل بڪاولي باتصوير | احمد خان | لاهور: ليڪ، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٢ آنہ، مصطفائي پريس لاهور. |
| گل بڪاولي با تصوير | حاجي خان محمد | لاهور: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| قصو گل بڪاولي | - | ڪراچي: محمد يوسف ڪتب فروش، ١٨٩٤ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٢ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| گل بڪاولي | خان محمد ۽ حاجي دوست محمد | شڪارپور: پوڪرداس، | ٧٥٠ | لٿو | ٣ آنہ، پوڪر پريس. |
| دلپسند قصو | پير ڏنو شاهہ | لاهور: ليڪ، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦ پايون، مجتبائي پريس لاهور. |
| الف ليليٰ باتصوير ياڳو پهريون | محمد حسن | لاهور: ليڪ، ١٨٩١ع | ٧٥٠ | لٿو | سوا روپيہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| الف ليليٰ سنڌي باتصوير | موهن داس روچيرام | ڪراچي: محمد يوسف، ١٨٩٥ع | ٧٥٠ | لٿو | سوا روپيہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| الف ليليٰ حصہ دوئم | حافظ امام بخش | لاهور: ليڪ، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | لٿو | ١٢ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| الف ليليٰ ڀاڱو چوٿون | هوتچند | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٢ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| محنت جو ڦل عرف قصو گل صنوبر جو | لوڪومل ۽ رامچند مورجمل | ڪراچي: ليڪ، ١٨٩١ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٥ آنہ، سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| فسانہ عجيب باتصوير | ليڪومل | لاهور: ليڪ، ١٨٩١ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦ آنہ، اسلاميہ پريس، لاهور. |
| چار درويش سنڌي | احمد خان | ڪراچي: محمد يوسف ڪتب فروش، ١٨٩١ع ٻيو ڇاپو ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ روپيہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| قصو سهڻي ۽ مهوال جو | پير بخش | لاهور: ليڪ، ١٨٩١ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻہ آنہ، مصطفائي پريس لاهور. |
| قصو گوپيچند (ديوناگري) | سانوٽمل | شڪارپور: ليڪ، ١٨٩٢ع | ٧٥٠ | لٿو | ڪرشنا پريس شڪارپور. |
| قصو گوپيچند (ديوناگري) | فيض محمد شاهہ | لاهور: ليڪ، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو ٣ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| قصو گوپيچند جو | گنگارام | لاهور: ليڪ، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو، مصطفائي پريس لاهور. |
| بيت يوسف زليخا ڀاڱو ٻيو (ديوناگري) | – | لاهور: وڪٽوريہ پريس، ١٨٩١ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣ پايون. |
| سنڌي يوسف زليخا منظوم | غلام مرتضيٰ شاهہ | ڪراچي: ليڪ، ١٨٩٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣ روپيہ ٤ آنہ، اڪليل پريس ڪراچي. |
| زليخا سنڌي وڏو ڪتاب ٽيون ڇاپو | – | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| يوسف زليخا جو وڏو قصو | ميان عبداللطيف | لاهور: ليڪ، ١٨٩٩ع | ٥٠٠ | لٿو | ٢ آنہ ٤ پايون، مجتبائي پريس لاهور. |
| دلپسند قصا | مرزا قليچ بيگ | حيدرآباد: قيصريہ پريس، ١٨٩٣ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ١٤ آنہ. |
| عجيب العجائب حصہ اول | مولوي محمد عثمان | لاهور: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٧٠٠ | لٿو | مجتبائي پريس لاهور. |
| راجا وير جون پتليون | موتيرام | لاهور: ليڪ، ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩ آنہ، مصطفائي پريس لاهور. |
| عجيب داستان دل جي وندر | جينانند | لاهور: ليڪ، ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻہ آنہ ٩ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| قصو بهرام بهادر بادشاهہ جو | ميان علي محمد | لاهور: ليڪ، ١٨٩٤ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣ آنہ اسلاميہ پريس لاهور. |
| قصو بهرام بهادر جو | --- | ڪراچي: محمد يوسف ڪتب فروش، ؟ | ٥٠٠ | لٿو | ٣ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| وڏو قصو بهرام بهادر بادشاهہ جو | حافظ امام بخش | لاهور: ليڪ، ١٨٩٧ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣ آنہ ٦ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| بهرام بهادر جو قصو (ديوناگري) | --- | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤ آنا ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| گامون سچار | ميان علي بخش | لاهور: ليڪ، ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻہ آنہ، مصطفائي پريس لاهور. |
| طوطي ۽ مينا جي شادي | نصيرالدين: مترجم | لاهور: ليڪ، ١٨٩٤ع ٻيو ڇاپو ١٩٠٠ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ آنو، ٣ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| | | | ٥٠٠ | لٿو | مفيد عام پريس لاهور. |
| گل منير | ميان عبدالله | لاهور: ليڪ، ١٨٩٥ع | ٧٥٠ | لٿو | ٥ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| قصو گل منير | -- | لاهور: مصطفائي پريس، | ٧٥٠ | لٿو | ٤ آنہ ٤ پايون. |
| بهارالبهر | ڏيارام لوڪومل | حيدرآباد: ليڪ، ١٨٩٥ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون، سرسوتي پريس حيدرآباد. |
| شهزادو گل آبنوس | ڏيومل ڊنگومل | سکر: ليڪ، ١٨٩٦ع | ١٠٠٠ | ٽائيپ | ٻہ آنہ ٦ پايون، البرٽ پريس سکر. |
| گڏيل ٽي قصا (گرمکي) | منگهن داس نارائڻداس | امرتسر: ليڪ، ١٨٩٦ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻہ آنہ، چشمہ نور پريس امرتسر. |
| قصو تاج الملوڪ | واحد بخش | لاهور: ليڪ، ١٨٩٦ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٢ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| قصو سوداگر جي پٽ جو | خوشيرام | لاهور: ليڪ، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ آنو ٣ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| قصو مورڙي جو | مير خان | لاهور: ليڪ، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | لٿو | ٻہ آنا، اسلاميہ پريس لاهور. |
| شبداولي | ڪندنمل منگهرسنگ | حيدرآباد: قيصريہ پريس، ١٨٩٧ع ٻيو ڇاپو ١٨٩٩ع | ٣٠٠٠ | ٽائيپ | ٦ پايون. |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| قصو ڪينهو جو | --- | ڪراچي: محمد يوسف ڪتب فروش، ١٨٩٧ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ آنو ٣ پايون، اسلاميه پريس لاهور. |
| گڏ پنج قصا (ديوناگري) | --- | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻه آنه، پوڪر پريس، شڪارپور. |
| گوپچندر ميناوتي (ديوناگري) | --- | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| داستان امير حمزو | همت علي شاهه | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ آنو ٤ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| داستان امير حمزو | محمد حسن: مترجم | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ روپيو، مصطفائي پريس لاهور. |
| اڪبر بادشاهه، ملا دو پيازو، بيربل وزير | محمد اسحاق | لاهور: ليڪ، ١٨٩٩ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون، اسلاميه پريس لاهور. |
| قصو سهڻي مهوال | --- | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻه آنه. |
| قصو مهاراجا جو | خانچند | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻه آنه، مصطفائي پريس لاهور. |
| قصو شاهه منصور | حاجي خان محمد | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو، اسلاميه پريس لاهور. |
| قصو سپاهيزاد جو | محمد صديق، مترجم | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون، اسلاميه پريس لاهور. |
| سير سليماني باتصوير | غلام الله | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ١٢ آنه، اسلاميه پريس لاهور. |
| شبداولي ۽ پريم مالا (گرمکي) | --- | حيدرآباد: قيصريه پريس، ١٩٠٠ع | ٢٠٠٠ | ٽائيپ | هڪ آنو. |
| گيتاولي (ديوناگري) | هوتچند سگنومل | ڪراچي: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٢٠٠٠ | لٿو | هڪ آنو، وشن پريس ڪراچي. |
| ساوتري | ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي | حيدرآباد: قيصريه پريس، ١٩٠٠ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ٩ پايون. |

**(ب) آکاڻيون ۽ ٻاراڻا گيت:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| پمپي زميندار جي ڳالهه | غلام حسين قريشي | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٥٤ع | ٣٨٠ | لٿو | ٻه آنه ٦ پايون. |
| ايسپ جون آکاڻيون | ننديرام | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٥٥ع | ١٠٠٠ | | سوا روپيو، ڪراچي ايڊورٽائيزر |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | ١٩٠٠ع | | | ڪراچي. |
| چرخو | ميان وريو | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |

## (ج) ڳجهارتون ۽ پهاڪا:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سنڌي پهاڪن جو ڪتاب | ڪوڙومل چندنمل کلناڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٨٥ع | ٥٠٠ | ٽائيپ | ٣ آنہ، ڪمشنر بهادر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو ١٨٩٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ۴ آنہ، سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| سنڌي ڳجهارتن جو ڪتاب | ڪوڙومل چندنمل کلناڻي | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٨٨ع | ٥٠٠ | لٿو | ۴ آنہ، ڪمشنر بهادر جو ڇاپخانو ڪراچي. |

## (د) نقل ۽ نظير:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| آملين ۽ موالين جا نقل | --- | لاهور: وڪٽوريہ پريس، ١٨٩٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ٩ پايون. |
| آملين ۽ موالين جا نقل | محمد ضيا | لاهور: ليڪ، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون، اسلاميہ پريس لاهور |
| | | ٻيو ڇاپو: ١٩٠٠ع | ٥٠٠ | لٿو | مصطفائي پريس لاهور |

## (هہ) جهيڙا ۽ مناظرا:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| قصو ٽوپي ۽ پڳ جو | پريداس قسمتراءِ | ڪراچي: وديا ونود پريس، ١٨٧٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ٩ پايون. |
| قصو ٽوپي ۽ پڳ جو (ديوناگري) | پريداس قسمتراءِ | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٧٣ع | ١٠٠٠ | لٿو | هڪ آنو، تعليم کاتي جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| قصو ٽوپي ۽ پڳ جو | خير محمد | لاهور: ليڪ، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦ پايون، مصطفائي پريس ڪراچي. |
| قصو ٽوپي پڳ، جهڳڙو سس ۽ ننهن جو | -- | لاهور: اسلاميہ پريس، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣ پايون. |
| قصو ٽوپي ۽ پڳ جو (گرمکي) | منگهنداس | امرتسر: ليڪ، ١٨٩۴ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣ پايون، چشمہ نور پريس امرتسر. |
| جهڳڙو عشق ۽ عقل جو | سيد حيدر شاهہ | ڪراچي: ليڪ، ١٨٨٥ع | ١٠٠٠ | لٿو | هڪ آنو، فيض عثمانيہ پريس ڪراچي. |
| جهڳڙو عشق ۽ عقل جو ۽ ٻارنهن ماهہ | کانداس شيوارام | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |
| قصو زال ۽ مڙس جو | خوشيرام | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩ پايون، شڪارپور پريس شڪارپور. |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| جهڳڙو زال ۽ مڙس جو | --- | لاهور: اسلاميہ پريس، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩ پايون. |
| جهڳڙو زال ۽ مڙس جو | محمد صالح | لاهور: ليڪ، ١٨٩٠ع. | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو ٣ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |
| قصو ملي ۽ مواليءَ جو | خوشيرام | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو، اسلاميہ پريس لاهور. |
| جهڳڙو سيد ۽ ملي جو | پير ڏنو شاهہ | لاهور: ليڪ، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| جهڳڙو سس ۽ ننهن جو | --- | لاهور: اسلاميہ پريس، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩ پايون. |
| جهڳڙو سس ۽ ننهن جو | --- | شڪارپور: پوڪرداس ١٨٩٣ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ آنو، اسلاميہ پريس لاهور. |
| جهڳڙو سس ۽ ننهن | --- | لاهور: مصطفائي پريس، ١٨٩١ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩ پايون. |
| | | ٻيو ڇاپو ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | |
| جهڳڙو سس ۽ ننهن جو (گرمکي) | منگهنداس نارائڻداس | امرتسر: ليڪ، ١٨٩٥ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦ پايون، چشمہ نور پريس امرتسر. |
| قصو شادي ٻڍاپڻ جو | حافظ عبدالله ۽ ميان محمد | لاهور: ليڪ، ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو، وڪٽوريہ پريس لاهور. |
| | | ٻيو ڇاپو ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |
| | | ٽيون ڇاپو. ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | لٿو | اسلاميہ پريس لاهور. |
| قصو شادي ٻڍاپڻ (ديوناگري) | --- | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩ پايون، شڪارپور پريس شڪارپور. |
| قصو ان ۽ گهوڙي جو | خوشيرام | شڪارپور: پوڪرداس ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩ پايون، شڪارپور پريس شڪارپور. |
| قصو ٻڍاپڻ جو | محمود | لاهور: ليڪ، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |
| قصو ڏير ۽ ڀاڄائي جو | پير ڏنو شاهہ | لاهور: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| قصو ڏير ڀاڄائي جو | --- | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٧ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| جهڳڙو مومل ۽ ماروي جو | ميان رتو | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |

Gul Hayat Institute

**(و) لطيفا:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| دلپسند لطيفا حصہ اول | --- | شڪارپور: پوڪرداس، ۱۸۹۰ع | ۷۵۰ | لٿو | ٦ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |
| دلپسند لطيفا حصو ٻيو | --- | شڪارپور: پوڪرداس، ۱۸۹۰ع | ۷۵۰ | لٿو | ٦ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |

**(ز) ڏوهيڙا ۽ ڪافيون:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سنڌي ڏوهيڙا ۽ لوڙائو | خوشيرام | لاهور: ليڪ، ۱۸۸۸ع | ۷۵۰ | لٿو | هڪ آنو، اسلاميہ پريس لاهور. |
| سنڌي ڏوهيڙا | --- | لاهور: اسلاميہ پريس، ۱۸۸۹ع | ۵۰۰ | لٿو | هڪ آنو. |
| ڏوهيڙا (ناگري) | --- | لاهور: وڪٽوريہ پريس، ۱۸۹۱ع | ۵۰۰ | لٿو | ۳ پايون. |
| ڏوهيڙا ۽ لوڙائو ياڳو پهريون (ڳرمکي) | منگھنداس ۽ نارائڻداس | امرتسر: ليڪ، ۱۸۹۳ع | ۷۵۰ | لٿو | ٻہ آنہ ،چشمہ نور پريس امرتسر. |
| ڏوهيڙا ياڳو پهريون | --- | شڪارپور: پوڪرداس، ۱۸۹۸ع | ۷۵۰ | لٿو | هڪ آنو ۳ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| ڪافين جو ڪتاب | سيد فاضل شاهہ | ڪراچي: تعليم ڪاتو، ۱۸۸۳ع | ۱۰۰۰ | لٿو | ۱۰ آنہ، ڪمشنر بهادر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو ۱۸۸۳ع. | | لٿو | |
| سنڌي ڪافيون ياڳو پهريون | حبيب الله | لاهور: ليڪ، ۱۸۸۹ع | ۷۵۰ | لٿو | ٻہ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| | | ياڳو ٻيو ۱۸۸۹ع | ۷۵۰ | لٿو | ٻہ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| | | ياڳو ٽيون ۱۸۸۹ع | ۷۵۰ | لٿو | ٻہ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| | | ياڳو چوٿون ۱۸۸۹ع | ۷۵۰ | لٿو | ٻہ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| ڪافين جو ڪتاب ياڳو ٻيو | | سکر: هريسنگ، ۱۸۹۰ع | ۷۵۰ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون، مجتبائي پريس لاهور. |
| | | ياڳو چوٿون ۱۸۹۰ع | ۷۵۰ | لٿو | ٻہ آنہ، وڪٽوريہ پريس لاهور. |
| ڪافين جو ڪتاب | جيئانند | شڪارپور: ليڪ، ۱۸۹۰ع. | ۷۵۰ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون، شڪارپور پريس |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | شڪارپور. |
| ڪافيون ڀاڳو ناٿون | ميان عنايت الله | لاهور: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻہ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| شاهہ عبداللطيف ۽ سچل فقير جي ڪافين جو ڪتاب (ڀاڳو ڀريون) | --- | لاهور: اسلاميہ پريس، ١٨٩٤ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون، ٻيهر ڇپيو. |
| سنڌي ڪافي | آسٽمل ريجهومل | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، ١٨٩٥ع. | ٥٠٠ | لٿو | ٻہ آنہ ٦ پايون. |
| شاهہ عبداللطيف جي ڪافين جو ڪتاب | --- | لاهور: اسلاميہ پريس، ١٨٩٥ع | ٧٥٠ | لٿو | ٤ آنہ. |
| ڪافين جو وڏو ڪتاب سنڌيءَ ۾ | --- | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٧ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٦ آنہ، مفيد عام پريس، لاهور ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| ڪافي پليگ جي | نارومل لڇيرام | حيدرآباد: قيصريہ پريس، ١٨٩٧ع | ٥٠٠ | لٿو | ٣ آنہ. |
| ڪافين جو ڪتاب (ديوناگري) | --- | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻہ آنہ، پوڪر پريس شڪارپور. |

**(ح) مداحون، مولود، معجزا، سہ حرفيون، ٽيهہ اکريون ۽ مرثيا:**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| معراج نامو سنڌي | احمد سنڌي | بمبئي: قاضي ابراهيم، ١٨٧٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٠ آنا، هريبالنگوس پريس بمبئي ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| مجموعہ وفات نامو | --- | بمبئي: قاضي ابراهيم، ١٨٧٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٥ آنہ، هريبالنگوس پريس بمبئي ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| مجموعہ مدحيات | --- | بمبئي: نورالدين جيوا خان، ١٨٧٢ع | ١٥٠٠ | لٿو | ٧ آنہ، حيدري پريس بمبئي ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| مجموعہ مدحيات | ميان عبدالله | بمبئي: قاضي عبدالڪريم قاضي رحمت الله، ١٨٩٠ع | ٣٢٠٠ | لٿو | ٦ آنہ، فتح الڪريم پريس بمبئي ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| مجموعہ مدحيات | احمد سنڌي | بمبئي: نورالدين جيوا خان، ١٨٧٦ع | ١٥٠٠ | لٿو | ٨ آنہ، حيدري پريس بمبئي. |
| مجموعہ مولود | --- | بمبئي:قاضي ابراهيم ١٨٧٤ع | ١٠٠٠ | لٿو | هريبالنگوس پريس بمبئي. |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| شمائل نبوي | محمد سنڌي | بمبئي: قاضي ابراهيم، ١٨٧٤ع | ١٠٠٠ | لٿو | ١٢ آنہ، هريبالنگوس پريس ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| ٽيھ اکري | ميان عبدالله ۽ سيد هارون | بمبئي: قاضي ابراهيم، ١٨٧٤ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٨ آنہ، هريبا لنگوس پريس بمبئي ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| مختيار نامو (خوجڪي) | جان محمد | بمبئي: غلام حسين علاوالدين، ١٨٨٢ع | ٤٠٠ | لٿو | ٨ آنہ، غلام حسين پريس بمبئي. |
| جنگ نامو محمد حنيفو | مير محمد | بمبئي: فتح الڪريم پريس، ١٨٨٥ع | ٧٠٠ | لٿو | هڪ روپيو. |
| روضتہ الشهدا يعني جنگ نامو | --- | دهلي: فاروقي پريس، ١٨٨٥ع | ٥٠٠ | لٿو | ٤ آنہ. |
| مدح اغثني (خوجڪي) | --- | لاهور: وڪٽوريہ پريس، ١٨٨٧ع | ١٠٠٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون. |
| سنڌي مرثيا (خوجڪي) | --- | بمبئي: غلام حسين علاوالدين پريس، ١٨٨٧ع | ٢٠٠ | لٿو | ٤ آنہ، غلام حسين پريس بمبئي ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| مسلمانن جون گڏيل پنج مداحون | سرفراز | لاهور: وڪٽوريہ پريس، ١٨٨٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ٣ آنہ. |
| معجزو امام جعفر جو | پير بخش | لاهور: ليڪ، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو، اسلاميہ پريس لاهور. |
| مدح اغثني | حاجي | لاهور: ليڪ، ١٨٨٩ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون، مصطفائي پريس لاهور ۾ ٻيهر ڇپيو. |
| مدح | سرفراز ۽ جمن | ڪراچي: تعليم کاتو، ١٨٩٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٦ پايون، سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| | | ٻيو ڇاپو ١٨٩٢ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٩ پايون، ڪمشنر بهادر جو ڇاپخانو ڪراچي. |
| گڏيل ڏھ مداحون | --- | سکر: هريسنگ، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻہ آنہ ٦ پايون، مجتبائي پريس لاهور. |
| سہ حرفي | ڏنو فقير | شڪارپور پوڪرداس، ١٨٩٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩ پايون، شڪارپور پريس شڪارپور. |
| سہ حرفي هير رانجهو سنڌي | --- | لاهور: وڪٽوريہ پريس، ١٨٩١ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون. |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مدح غوث اعظم | خليفو محرم | شڪارپور: ليڪ، ١٨٩٢ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦ پايون، ڪرشنا پريس شڪارپور. |
| مدح شريف اغثني | --- | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ہ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور ۾ ڇپيو. |
| مناجات پير بهاء الحق | --- | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٢ع | ٥٠٠ | لٿو | ٦ پايون، اسلاميہ پريس لاهور ۾ ڇپيو. |
| گڏيل سہ حرفيون | خان محمد | لاهور: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٧٥٠ | لٿو | هڪ آنو ٣ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| ڪتاب مختيار نامو ثقفيہ حصہ اول | مير محمد حسن علي خان | حيدرآباد: ليڪ، ١٨٩٣ع | ١٥٠ | لٿو | مفت، بينظير پريس لاهور. |
| | | حصو ٻيو | ١٥٠ | لٿو | مفت، بينظير پريس لاهور. |
| مدح هرٽي | --- | لاهور: مصطفائي پريس، ١٨٩٤ع. | ٧٥٠ | لٿو | ہ آنہ. |
| نصرت العاشقين في مولد سيد المرسلين | محمد عنايت الله | مٽياري: ليڪ، ١٨٩٣ع | ٥٠٠ | لٿو | ٦ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| مدح اغثني شريف | اقبال الدين | لاهور: ليڪ، ١٨٩٤ع | ٥٠٠ | لٿو | ہ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| مدح ۽ مناجات | فضل الله | لاهور: ليڪ، ١٨٩٤ع | ٥٠٠ | لٿو | هڪ آنو ٣ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| سنڌي ٽيہ اکري | ميان عيسيٰ | ڪوٽڙي: قاضي علي محمد، ١٨٩٥ع | ٨٠٠ | لٿو | ٣ آنہ، حافظ رڪن الدين پريس ڪوٽڙي. |
| معراج نامو | د- د شاهہ | شڪارپور: ليڪ، ١٨٩٨ع | ٧٥٠ | لٿو | ہ آنا ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| مجموعہ مولود معراج | مولوي محمد صديق نورنگ پوٽو | بمبئي: ليڪ، ١٨٩٩ع | ٩٠٠ | لٿو | ٣ آنہ، حسيني پريس بمبئي ۾ ڇپيو. |
| گڏيل مداحون اهل اسلام | --- | لاهور: اسلاميہ پريس ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ہ آنہ ٦ پايون. |
| سہ حرفي بردو (ديوناگري) | --- | شڪارپور: پوڪرداس، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦ پايون، پوڪر پريس شڪارپور. |
| بردو سنڌي (گرمکي) | گنيش داس | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٩ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| سہ حرفي ڪانگل جي | محمد حسين | لاهور: ليڪ، ١٩٠٠ع | ٧٥٠ | لٿو | ٦ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سنڌي مرثيا (پاڳو پيو) | ثابت علي شاهه | لاهور: ليڪ، ۱۹۰۰ع | ۷۵۰ | لٿو | ۱۲ آنه، مصطفائي پريس لاهور. |

**(ط) مداحون ۽ سه حرفيون (هندڪيون):**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مدح سري واه گرو رام (ديوناگري) | آسٽمل ريجهومل | ڪراچي: سنڌ پرنٽنگ پريس، ۱۸۸۸ع | ۵۰۰ | لٿو | هڪ آنو. |
| مدح گرونانڪ صاحب جي، مدح شري پرميشور جي | --- | امرتسر: چشمه نور پريس، ۱۸۸۸ع | ۷۵۰ | لٿو | هڪ آنو، بيهر ڇپيو. |
| هندڪيون گڏيل پنج مداحون | --- | لاهور: مصطفائي پريس، ۱۸۸۹ع | ۷۵۰ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون. |
| هندڪيون گڏيل پنج مداحون | --- | لاهور: اسلاميه پريس، ۱۸۸۹ع | ۵۰۰ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون. |
| مدح | پرتابراءِ | ڪراچي: تعليم ڪاتو، ۱۸۹۰ع | ۱۰۰۰ | لٿو | ۳ پايون، سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي. |
| مدح امرلال جي | خوشيرام | لاهور: ليڪ، ۱۸۹۰ع | ۷۵۰ | لٿو | هڪ آنو ۳ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |
| مدح ڏهن بادشاهن جي | لالچند | لاهور: ليڪ، ۱۸۹۰ع | ۳۵۰ | لٿو | هڪ آنو ۳ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |
| هندڪيون گڏيل ڏهه مداحون | --- | لاهور: مصطفائي پريس، ۱۸۹۰ع | ۷۵۰ | لٿو | ۵ آنه. |
| هندڪيون گڏيل پنج مداحون | --- | لاهور: وڪٽوريه پريس، ۱۸۹۱ع | ۷۵۰ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون. |
| پنج مداحون سري واهه گرو صاحب جون | --- | لاهور: وڪٽوريه پريس، ۱۸۹۱ع | ۷۵۰ | لٿو | ٦ پايون. |
| دينا پائي جون گڏ پنج مداحون | --- | لاهور: وڪٽوريه پريس، ۱۸۹۱ع | ۷۵۰ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون. |
| شري پرميشور جون گڏ پنج مداحون | --- | لاهور: وڪٽوريه پريس، ۱۸۹۱ع | ۷۵۰ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون. |
| شري واه گرو جون گڏ پنج مداحون | --- | لاهور: وڪٽوريه پريس، ۱۸۹۱ع | ۷۵۰ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون. |
| سچانند جي مدح | ڌرمداس سترامداس | ڪراچي: ليڪ، ۱۸۹۱ع. | ۵۰۰ | لٿو | هڪ آنو ٦ پايون، سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي |
| مدح شري واه گرو رام جي (گرمکي) | --- | امرتسر: چشمه نور پريس، ۱۸۹۳ع | ۷۰۰ | لٿو | هڪ آنو. |

Gul Hayat Institute

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ان وار دريا شاهہ جي (گرمکي) | رامجي | امرتسر: چشمہ نور پريس، ١٨٩٣ع. | ٧٠٠ | لٿو | ٣ پايون. |
| مدح دريا بادشاهہ جي (گرمکي) | گووندرام | لاهور: ليک، ١٨٩٣ع | ٧٠٠ | لٿو | ٣ پايون، مجتبائي پريس لاهور. |
| مدح امرلال | --- | لاهور: اسلاميہ پريس، ١٨٩٣ع | ٥٠٠ | لٿو | هک آنو ٣ پايون. |
| مدح گرونانک شاهہ جي | منگهنداس نارائڻداس | امرتسر: ليک، ١٨٩٥ع | ٧٥٠ | لٿو | هک آنو، چشمہ نور پريس امرتسر. |
| مدح گرونانک شاهہ جي ۽ گتا نارائڻ جي | سانوٽمل | لاهور: ليک، ١٨٩٦ع | ٥٠٠ | لٿو | ٻہ آنہ، اسلاميہ پريس لاهور. |
| مدح گرونانک | --- | شڪارپور: پوکرداس، ١٨٩٧ع | ٥٠٠ | لٿو | ٦ پايون، اسلاميہ پريس لاهور. |
| سہ حرفي پنتيس اکري وگيان مالا | سوامي هيراج | حيدرآباد: سرسوتي پريس، ١٨٩٧ع. | ٥٠٠ | لٿو | هک آنو ٦ پايون. |
| هندڪيون گڏيل پنج مداحون (ديوناگري) | --- | شڪارپور: پوکرداس، ١٨٩٨ع. | ٧٥٠ | لٿو | ٻہ آنہ، پوکر پريس شڪارپور. |
| هندڪيون گڏيل ويهہ مداحون | ڏيومل | سکر: ليک، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | ٻہ آنہ، مصطفائي پريس لاهور. |
| پنج مداحون (ديوناگري) | --- | لاهور: اسلاميہ پريس، ١٨٩٩ع | ٥٠٠ | لٿو | ٻہ آنہ. |
| شري واه گرو جون گڏ پنج مداحون | دلبرمل | لاهور: ليک، ١٨٩٩ع | ٧٥٠ | لٿو | هک آنو ٦ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |
| مدح شري واه گرو رام جي | هيمن ديو | لاهور: ليک، ١٩٠٠ع | ١٠٠٠ | لٿو | ٣ پايون، مصطفائي پريس لاهور. |

لوڪ ادب بابت عيسوي ١٩٠٠ع تائين ڇپيل سنڌي ڪتابن جو تذڪرو پورو ٿيو. هن ڪان پوءِ ساڳئي عرصي دوران ڇپيل درسي ڪتابن جو ذڪر ڪيو ويندو.

Gul Hayat Institute

غلام محمد لاکو

# اروڙ جو تاريخي شهر - هڪ سرسري جائزو

سنڌو تهذيبن جي زماني جي خاتمي ۽ موهن جي دڙي جي بربادي ڪان پوءِ قبل مسيح واري قديم دور ۾ سنڌ جا جيڪي بہ مرڪزي شهر ۽ سرڪاري تختگاه رهيا انهن ۾ اروڙ، سيوهڻ ۽ برهمڻ آباد کي وڏي اهميت حاصل ٿي. ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ اروڙ سنڌ جو هڪ "قديم ترين تختگاه" رهيو آهي ۽ ان متعلق پڪ سان ڪجهہ چئي بہ سگهجي ٿو.

اروڙ جي بُڻ بنياد ۽ قدامت بابت متضاد بيان موجود آهن. سنڌ ۾ هن کي "اروڙ" ۽ عربن هن شهر کي "الور" لکيو ۽ پڪاريو آهي. ايليٽ نالي جي اصليت تي بحث ڪندي مختلف عرب سياحن جي تحرير نقل ڪئي آهي، ۽ آخر ۾ لکيو آهي تہ: "هي نالو اصل ۾ روڙ (RUR) مان نڪتل آهي، جيئن اڄ بہ اهو جديد شهر روڙي (روهڙي) جي شڪل ۾ موجود ملي ٿو، ۽ پڻ هي 'اروڙ' جي اچار جي بلڪل نزديڪ ڏسجي ٿو" (۱). مشهور محقق مولائي شيدائي شهر جي تاريخي قدامت بابت لکيو آهي تہ "الور، اروڙونسي آرين جو تختگاه مهراڻ تي هو. يونانين مئس ميوسيڪانوس نالو رکيو هو. هوئن ٿسانگ هي شهر ڏٺو هو" (۲) هي حوالو شهر جي قدامت تي پوري شاهدي ڏئي ٿو. قديم زماني ۾ اڪثر تهذيبي مرڪز درياهن جي ڪنڌين تي آباد ڪيا ويا هئا، ان ريت اروڙ جو ماڳ بہ سنڌو درياه تي تعمير ڪيو ويو هو. ميوسيڪانوس اصل ۾ اتر سنڌ جي هڪ حاڪم جو نالو هو، جيڪو اروڙ ۾ سنڌ تي حملي آور ٿيو. سڪندر جيئن ئي پنجاب ڪان سنڌ ۾ داخل ٿيو، تيئن سندس واسطو هن حاڪم سان پيو. ان وقت هي خطو باقي سڄي سنڌ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آباد ۽ خوشحال هو. ميوسيڪانوس حالتن جو پورو پورو احساس ڪيو ۽ سوکڙيون پاکڙيون ڪٺي وڃي سڪندر جو سلامي ٿيو. بادشاه ڪيس پنهنجو ملڪ عطا ڪيو ۽ سندس تختگاه ۾ هڪ فوجي چونڪي پڻ قائم ڪرڻ جو حڪم ڏنو(۳). حالتن اوچتو ڦيرو کاڌو جڏهن سڪندر وچ سنڌ ۾ فوجي مهمن ۾ مصروف هو. ميوسيڪانوس، برهمڻن جي چرچ تي بغاوت ڪئي. سڪندر خود هن جي ملڪ جو گهيرو تنگ ڪيو ۽ پيٿان کي ميوسيڪانوس کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو. آخرڪار برهمڻن سميت ميوسيڪانوس کي ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويو(۴). حڪم تي عمل ڪيو ويو. البتہ برهمڻن کي موت جي سزا ڏيڻ جو اهو پهريون مثال هو. ان ريت سڪندر جو مقصد ملڪ ۾ ڏهڪاءُ پيدا ڪرڻ هو، جو حاصل ٿي ويو.

يونانين، موريا گهراڻي ۽ ايرانين جا حملا ۽ صدما سهندي ۽ ڏسندي، هڪ ڀيرو وري هي شهر آزاد سنڌ جو تختگاه بنجي ويو. اهو راءِ خاندان ئي هو جنهن سنڌ سميت سڄي سنڌو ماٿر تي وڏي عرصي لاءِ خود مختياري ۽ آزاديءَ سان حڪومت ڪئي. هن خاندان جا ڪل پنج بادشاه: ديواجي (ڏياچ)، سهارس I، سهاسي I، سهارس II، سهاسي II- ٿي گذريا. انهن جو تختگاه اروڙ هو ۽ باقي ملڪ چئن صوبن - برهمڻ آباد، سيوهڻ، اڄ ۽ ملتان - ۾ تقسيم ٿيل هو(۵). راءِ گهراڻي جي حاڪمن جي مدت يا دور حڪومت بابت قطعي معلومات ميسر ڪانهي. البتہ جديد تحقيق موجب انهن جي حاڪمت جو آغاز ۵۵۰ع ڌاري ٿيو(۶). جڏهن تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي کوجنا موجب هن گهراڻي جي حڪومت جو خاتمو سن ۶۵۲ع ڌاري ٿيو، ۽ پوءِ برهمڻ خاندان، انهيءَ ساڳئي ملڪ ۽ گاديءَ تي ۷۱۲ع تائين بادشاهي ڪئي(۷). راءِ خاندان جي بادشاه سهارس II، جي ايرانين سان لڙائي ٿي. پاڻ مارجي ويو

۾ هن جي لشڪر جي سوپ ٿي، ۽ پوءِ سهاسي II بادشاه بڻجي ويو. هن فتح جي خوشي ۽ ياد ۾ سنڌين پنهنجو "ڪئلينڊر" ايجاد ڪيو. هي واقعو ۴ هجري برابر ۶۲۶ع ۾ ٿي گذريو(۸). راءِ ۽ برهمڻ خاندانن جي حڪومتي زمانن ۾، تختگاه اروڙ بہ پنهنجي اوج کي پهتو. حاڪمن شهر جي سڌاري، واڌاري ۽ سينگار تي پورو توجه ڏنو. تاريخ "چچ نامہ" جو صاحب لکي ٿو تہ: "اروڙ جو شهر، جو هند ۽ سنڌ جو تختگاه آهي، سو اڳين زماني ۾ سيحون نديءَ تي، جنهن کي 'مهراڻ' چوندا آهن، قسمين قسمين ماڙين ۽ چراگاهن، گلن، باغن، حوضن، بهرن، باغيچن ۽ گلڪارين سان سينگاريل هڪ وڏو شهر هو ۽ هن رونقدار شهر ۾ راءِ سيهرس بن ساهسي راءِ نالي هڪ راجا رهندو هو، جنهن وٽ گهڻا خزانا ۽ بيحد پوريل ناڻا هئا. جنهن جو عدل دنيا ۾ مشهور ۽ سخاوت جهان ۾ پکڙيل هئي" (۹)

راءِ خاندان ۽ پوءِ برهمڻ گهراڻي جي دور ۾ سنڌ جي وسعت پنهنجي انتها کي پهتي. چار صوبا، جن جو اڳ ذڪر ٿيو، سنئون سڌو اروڙ جي تابع هئا. ملڪ ۾ ڪوٽ قلعا ۽ جنگي لشڪر ۽ هاٿي جام هئا. نائب (گورنر) هر وقت بادشاه جي حڪم هيٺ رهيا ٿي. امن امان ۽ آسودگي عام جام هئي. اهڙي دور ۾ سن ۷۱۲ع ۾ عربن سنڌ تي آخري، پرپور ۽ فيصلہ ڪن حملو ڪيو. راجا ڏاهر لڙائي ڪندي راوڙ وٽ مارجي ويو. ديبل کان ٿي مختلف شهر فتح ڪندي آخرڪار عرب سنڌ جي تختگاه اروڙ تائين پهچي ويا.

اروڙ ۾ جڏهن محمد بن قاسم جو لشڪر پهتو، تڏهن شهر جي رهاڪن جنگ جي تياري ڪئي. ڪين پڪ هئي تہ راجا ڏاهر ضرور لشڪر وٺي اچي سندن مدد ڪندو. راڻي لاڏي اڳ ۾ ئي محمد بن قاسم سان گڏ هئي، تنهن شهرين کي عربن سان جنگ ۾ ڏاهر جي قتل جي پڪ ڏياري. شهرين لڙائي نہ ڪرڻ ۽ امان وٺڻ جو فيصلو ڪيو. اها ڳالهہ معلوم ٿيڻ شرط ڳوپي پٽ راجا ڏاهر اروڙ جو قلعو ڇڏي ڀڄي ويو. ان ريت ڪنهن بہ ويڙه کان سواءِ دارالحڪومت جو شهر عربن جي قبضي ۾ اچي ويو. وڌيڪ تفصيل ڏيندي چچ نامي وارو لکي ٿو: "محمد بن قاسم حڪم ڪيو تہ لڙائي ڪندڙ ماڻهو اگر فرمانبرداري لاءِ ڪنڌ جهڪائين تہ بہ ڪين نہ ڇڏيو وڃي. جنهن تي لاڏيءَ چيو تہ "هن ملڪ جا ماڻهو رازا آهن، ۽ کي واپاري آهن؛ هيءُ شهر انهن جي ڪري ئي آباد ۽ سرسبز آهي، سندن ئي ڪمائي ۽ ڪيتيءَ جي ڪري خزاني ۾ مال موجود رهي ٿو. جيڪڏهن (انهن کي) قتل ڪندين تہ تنهنجو مال هليو ويندو" (۱۰). ان طرح شهرواسين جي جان بخشي ٿي ۽ اروڙ تاريخ جي هڪ نئين سفر جي شروعات ڪئي.

سن ۷۱۲ع ۾ سموري سنڌ عربن جي حڪومت هيٺ اچي وئي. تهذيبي، سياسي، انتظامي ۽ مذهبي سطح تي هڪ وڏي تبديلي آئي. جديد دور ۾ پڻ اروڙ کي تختگاه رهڻ ڏنو ويو. محمد بن قاسم جي سنڌ مان روانگي بعد بنواميہ خاندان جي خليفن سنڌ لاءِ جداگانہ حاڪم موڪلڻ شروع ڪيا. اميہ دور جي دور ۾ ئي ملڪي حالتن ۾ ابتري پيدا ٿي. اڪثر شهر ۽ واهڻ اميرن جي قبضي مان نڪري ويا. حڪم بن عوانہ الڪلبيءَ (۷۳۰-۷۳۸ع) جي دور ۾، آخرڪار عربن کي اروڙ مان پٺتو پيو. انهن وچ سنڌ ۾ برهمڻ آباد جي نزديڪ هڪ نئين بستي تعمير ڪئي ۽ اتي اچي پناه ورتي، جنهن کي پوءِ "المحفوظہ" جي نالي سان سڏيو ويو(۱۱). محفوظ ۾ رهندي عربن سنڌ کي دوباره فتح ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو، جنهن ۾ مرڪزي ڪردار عمر بن محمد القاسم جو ڏسجي ٿو. محفوظ ۽ بعد ۾ منصوره، سنڌ جا تختگاه رهيا، جن بابت تفصيل ڪنهن ٻئي مقالي ۾ ڏنو ويندو.

تاريخي طرح اروڙ جي بربادي جي ابتدا حڪم جي گورنريءَ (۷۳۰-۷۳۸ع) جي دور ۾ ٿي وئي. البتہ سومرن ۽ پڻ بعد ۾ سمن جي زماني ۾ هن شهر جي اهميت برقرار رهي. سومرن جي وقت ۾ ڪيئي عشقيہ ۽ تاريخي داستان توڙي قصا وجود ۾ آيا. انهن ۾ "سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال" جو قصو سڌو سنئون اروڙ سان واسطو رکي ٿو. دلوراءِ سومرن جو هڪ سردار هو. چون ٿا تہ سندس ظلمن سبب هي شهر برباد ٿيو هو(۱۲). تاريخي طرح هن واقعي

۾ ڪا بہ صداقت ڪانهي. البتہ ڏسجي ٿو تہ سومرن جي زماني ۾ سنڌو درياه پنهنجو وهڪرو بدلائي موجوده روهڙي ۽ سکر جي وچ وارو رستو اختيار ڪيو، جنهنڪري اروڙ جي اهميت کي ٻيو ڌڪ لڳو ۽ شهر ويو ختم ٿيندو. سمن جي دور ۾ سرڪاري دفتري عمارتون ۽ قلعو برقرار ڏسجن ٿا. ان دور ۾ اروڙ کي پرڳڻي جو رتبو مليل هو. امير تيمور سن ١٣٩٨ع ۾ دهليءَ تي حملو ڪيو، تڏهن سنڌ تي سمن جامن جي بادشاهي هئي. ان وقت تيمور جي پوٽي مرزا پير محمد هي پرڳڻو بکر جي مير ابوالغيث کي جاگير طور عطا ڪيو(١٣). سمن جي دور جي حوالي سان ماموين جي اڳڪٿين ۾ اروڙ ۽ ان جي بند جو ذڪر محفوظ رهجي ويو آهي.

هاڪ وهندو هاڪڙو، ٻـجندي ٻـنڌ اروڙ،
ٻِهـ، مـڇـي ۽ لوڙه، سـهـي ويـنـدا سـوکـڙي.

هن تاريخي شهر کي ٽيون، آخري ۽ فيصلہ ڪن ڌڪڪو، سن ١٥٢٠ع کان پوءِ شاه بيگ ارغون جي هٿان پهتو، جڏهن هن سنڌ کي فتح ڪري، پنهنجي ظلم ۽ استبداد جي شروعات ڪئي. ارغونن اروڙ کي ڇڏي پنهنجو سڄو توجه بکر تي ڏنو. مير معصوم هن ڏس ۾ لکي ٿو تہ "پوءِ شاه بيگ قلعي ۾ آيو ۽ قلعو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ شهر جون جايون ۽ محلات ڏسي اميرن ۽ سپاهين ۾ تقسيم ڪري، قلعي کي ماپي حصا ڪري اميرن جي حوالي ڪيائين تہ هنن هٿ تيار ڪيو وڃي ۽ الور جيڪو پهرين تختگاه هو، تنهن جي قلعي کي ڊاهي ان جون سرون بکر ۾ آنديون، ۽ بکر جي آسپاس جيڪي ترکن ۽ سمن جون جايون هيون سي گهٽيون ڊاهي قلعي جي اڏاوت ۾ ڪم آنديون" (١٤). ارغون، ترخان ۽ مغل دور ۾ سڄو دفتري ڪاروبار بکر ۾ رهيو، جو ان وقت سرڪار (ڊويزن) جو رتبو رکندو هو. البتہ اروڙ هڪ پرڳڻي جي صورت ۾ سرڪاري اهميت رکندڙ شهر ڏسجي ٿو. سن ١٦٣٤ع ۾ ميرڪ يوسف سنڌ جي انتظامي ونڊ ورڇ بابت لکندي اروڙ بابت هنريت مواد مهيا ڪيو آهي: "هي پرڳڻو ڌاريجن سان واسطو رکي ٿو ۽ هتي پنهور پڻ رهن ٿا. جن وٽ اٺن جا ڪيئي وڳ آهن. اهي اٺ جيسلمير، ملتان ۽ قنڌار تائين ڀاڙي تي ڏنا وڃن ٿا" (١٥). ياد رهي تہ هن زماني ۾ بکر سرڪار ۾ ڪل اٺ پرڳڻا هئا، جن مان اروڙ بہ هڪ مکيہ انتظامي علائقو ڏسجي ٿو. اروڙ بابت تاريخي اهميت جوڳو هي آخري حوالو آهي. ان کان پوءِ آهستي آهستي هن شهر جي افاديت ختم ٿيندي ويئي، ۽ نيٺ اهو هڪ واهڻ بنجي ويو.

جيتوڻيڪ هن شهر مسلم (عرب) دور ۾ ڪو وڏو رتبو نہ ماڻيو، تڏهن بہ ڪي ناليرا ماڻهو هتي ٿي گذريا آهن. انهن ۾ قاضي اسماعيل ثقفي وڏي اهميت رکي ٿو. ڪيس محمد بن قاسم شهر جو قاضي ۽ خطيب مقرر ڪيو هو. ساڳئي نالي سان هن گهراڻي جو هڪ ٻيو بزرگ سومرن جي دور ۾ موجود هو. ان وٽ سنڌ جي عرب فتوحات بابت عربي زبان ۾ لکيل هڪ ڪتاب هو. سن ١٢١٦ع (٦١٣هه) ۾ ڪوفي جي علي پٽ حامد، ان ڪتاب کي "چچ نامه" جي نالي سان فارسيءَ ۾ الٿو ڪيو. ان کان علاوه شيخ محمود قطب، چٽو امراڻي ۽ قاضي ستابو پڻ اروڙ ۾ ناليرا انسان ٿي گذريا آهن(١٦).

سنڌ جي هن قديم ترين تختگاه ۽ ڪنهن دور ۾ ملتان جيتري وسيع عريض شهر جا ڪنڊرات، اڄ بہ روهڙي شهر کان پنج ميل پري، اوڀر ڏکڻ ۾ ناري جي ڀڪ سان، ڪالڪان ٽڪرين جي ماٿريءَ ۾ موجود آهن. هتي پهچڻ لاءِ روهڙي شهر کان پڪو روڊ ٺهيل آهي. مشهور آرڪيالاجسٽ هينري ڪزنس، اروڙ جي قديم آثارن بابت، مختصر مگر اهميت جوڳي ڄاڻ ڏني آهي. هو لکي ٿو تہ ڳوٺ جي اتر پاسي هڪ ٽڪريءَ تي قديم سرن جي مسجد جا باقيات آهن، جنهن تي سفيد ۽ نيري رنگ جي ڪاشيءَ جي سرن جا ٽڪرا ڏسي سگهجن ٿا. اتي ٻن سيدن: شڪر گنج شاه ۽ قطب شاه جا مقبرا بہ آهن" (١٧). ڪزنس هن مسجد ۽ پرواري هڪ عمارت جي باري ۾ وڌيڪ لکيو آهي تہ "هيءَ

Gul Hayat Institute

هڪ ننڍي مسلم عمارت آهي. هڪ ونگ قائم آهي جيڪا گولائتي بدران ڪنڊائتي نهيل آهي. پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته هي تمام گهڻي قديم ڪانهي. هن جي پرسان عالمگير جي زماني جي مسجد به زبون حالت ۾ بيٺل آهي، جنهن جي دور ۾ شايد هيءَ ننڍي عمارت به نهي هجي" (١٨). ماڳ مڪان جو مشاهدو ڪرڻ سان مٿي هڪ ٽڪريءَ تي، قديم شاهي قلعي جا آثار ڏسڻ ۾ اچن ٿا. واهن ڪان ٿورو پريرو ڏکڻ اوڀر ڪند تي ڪالڪان ديويءَ جو مندر به موجود آهن.

## حوالا ۽ حاشيا

١. ايليٽ: دي هسٽري آف سنڌ، ص ٣٦٣، ١٨٦٧ع، نئون ڇاپو ڪراچي ١٩٧٦ع.

٢. مولائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ، ص ٧٣، سنڌيونيورسٽي پريس ١٩٥٩ع

٣. ايچ.ٽي لئمبرڪ: سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ، ص ص ١٤٢-١٤٣، مترجم سومار علي سومرو، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٨٤ع.

٤. ساڳيو ڪتاب، ص ص ١٤٨-١٤٩.

٥. مير علي شير قانع: تحفة الڪرام، ص ص ٩-١٢، مترجم مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٦ع.

٦. لئمبرڪ: حوالو مٿي ڏنل. ڏسجي بابن جي لڳ ڀڳ تاريخوار ترتيب وارو چارٽ.

٧. ممتاز مرزا (مرتب): سنڌ صدين کان. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو مقالو، ص ١٥٣، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ١٩٨٢ع.

٨. ساڳيو ڪتاب، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو مقالو.

٩. علي بن حامد ڪوفي: چچ نامه، ص ٢١، مترجم مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٧٦ع.

١٠. ساڳيو ڪتاب، ص ص ٣٢٦-٣٣٤.

١١. مولائي شيدائي: جنت السنڌ، ص ص ١١٨-١١٩، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٨٥ع.

١٢. تحفة الڪرام، ص ص ١١٢-١١٤.

نوٽ: اروڙ جي بربادي ۽ درياه جي رخ تبديل ڪرڻ بابت انگريز محققن، خاص ڪري ريورٽي، ڪزنس ۽ لئمبرڪ گهڻو علمي بحث ڪيو آهي.

١٣. مير معصوم موجب ان وقت سنڌ تي جام فتح خان جي حڪومت هئي (تاريخ معصومي، ص ص ١٠٧-١٠٨، سال ١٩٥٩ع). جديد تحقيق موجب هي دور جام صلاح الدين جو هو. (سمن جي سلطنت، ص ٢٢).

١٤. تاريخ معصومي، ص ص ١٦٣-١٦٤.

١٥. ميرڪ يوسف: تاريخ مظهر شاهجهاني، مترجم نياز همايوني، ص ١١١، سنڌي ادبي بورڊ، سال ١٩٧٩ع.

نوٽ: مير علي شير قانع ڪلهوڙن جي دور ۾ اروڙ جي اهميت تي هنريت روشني وڌي آهي: "هڪ پراڻو شهر راءِ گهراڻي جي گاديءَ جو هنڌ هو. مهراڻ جي ڪناري تي آباد هو ۽ منجهس قسمين قسمين باغ هئا، جنهنڪري سڄيءَ سنڌ ۾ ممتاز هو. آخر زماني جي گذرڻ ڪري، جيئن مٿي بيان ٿي آيو، دلوراءِ جي ظلم کان پاڻي ڇڏي ويو ۽ (شهر) ويران ٿي ويو. انهيءَ کان پوءِ بکر جي پرڳڻي ۾ داخل آهي." (تحفة الڪرام ص ص ٣٣٠-٣٣١).

١٦. تحفة الڪرام، ص ٣٣١.



Gul Hayat Institute

١٧. هينري ڪزنس: سنڌ جا قديم آثار، انگريزي، ١٩٢٩ع: نئون ڇاپو، ص ٧٩، آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي ١٩٧٥ع.

١٨. ڪزنس جو ڪتاب، ص ٧٦.

نوٽ: ڪزنس جا اصل لفظ هي آهن:

"It is a very small Muhammadan structure of one principal span, with a pointed arch. It certainly does not look a very ancient structure, and was probably built about the time the adjacent ruined mosque of Alamgir was erected (P.76)."



Gul Hayat Institute

محمد پُنهل ڏهر

# ڪلهوڙا دؤر جا ماخذ

ڪلهوڙن جي دؤر کي علم ۽ ادب جي لحاظ کان "سونهري دؤر" سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ دؤر ۾ سنڌ اندر سوين عالم، اديب، شاعر ۽ مؤرخ موجود هئا. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جهڙو لافاني شاعر، مير علي شير قانع جهڙو يگانو مؤرخ، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم محمد معين ٺٽوي جهڙا بي بدل عالم بہ انهيءَ دؤر سان واسطو رکن ٿا. انهيءَ دؤر ۾ سنڌ اندر، تاريخ، شاعري، طب، تصوف، تذڪره، دينيات ۽ ٻين علمن تي عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ هزارن جي تعداد ۾ ڪتاب لکيا ويا. افسوس جو اهڙي سونهري دؤر بابت اڃان تائين ڪابہ تفصيلي ۽ مڪمل ادبي ۽ تحقيقي تاريخ مرتب نہ ڪئي ويئي آهي.

سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنڌ جي تفصيلي تاريخ مرتب ڪرائڻ واريءَ رٿا هيٺ مولانا غلام رسول مهر کان ڪلهوڙا دؤر جي تاريخ ٻن جلدن ۾ اردو زبان ۾ لکائي ويئي. اهو ڪتاب پهريون دفعو سال ١٩٥٨ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان ڇپيو. انهيءَ ڪتاب جو سنڌي ترجمو شمشيرالحيدري ۽ ابن حيات پنهور ڪيو. اهو ترجمو بہ پهريون دفعو سال ١٩٦٣ع ۽ ١٩٦٤ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد پاران شايع ٿيو. مولانا غلام رسول مهر جڏهن اهو ڪتاب مرتب ڪيو تہ انهي دؤر متعلق ڪيترائي ماخذ اڃا ظاهر نہ ٿيا هئا، تنهنڪري مذڪوره ڪتاب جي ڪيترن ئي بابن تي تفصيل سان دوباره لکڻ جي ضرورت آهي.

تحقيق جي ميدان ۾ ماخذن کي وڏي اهميت حاصل هوندي آهي. جهڙيءَ طرح سِرُن، سيمينٽ، لوهہ ۽ ٻئي سامان کان سواءِ ڪابہ عمارت تيار نٿي ڪري سگهجي، تهڙيءَ طرح ڪنهن بہ دؤر جي ادبي، سياسي ۽ سماجي تاريخ تي ايستائين نٿو لکي سگهجي، جيستائين انهي دؤر متعلق ماخذ سامهون نہ هوندا.

هيٺ اسان اهڙن ماخذن جي نشاندهي ڪري رهيا آهيون، جن ۾ ڪلهوڙن جي دؤر سان واسطو رکندڙ قيمتي مواد موجود آهي. انهن ماخذن مان ڪجهہ ڇپيل آهن ۽ زياده تر قلمي صورت ۾ آهن. اهي ماخذ هن وقت مختلف خانگي ۽ سرڪاري ڪتبخانن جي زينت بڻيل آهن. انهن ماخذن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو تہ جيئن آئنده جيڪو مؤرخ ڪلهوڙا دؤر تي لکڻ چاهي تہ انهن ماخذن کي سامهون رکي ڪلهوڙا دؤر جي مڪمل ۽ مفصل سياسي ۽ ادبي تاريخ آساني سان مرتب ڪري سگهندو.

١- مڪاتيب انندرام مخلص:- خطن جو هيءُ مجموعو دهليءَ جي محمد شاهہ بادشاهہ جي وزيراعظم قمرالدين خان اعتمادالدولہ جي وڪيل راءِ رايان انندرام مخلص (١١١١ هہ -١١٦٤هہ) جو آهي. خطن جي هن مجموعي ۾ چار خط اهڙا آهن، جيڪي هُن ميان نور محمد ۽ سندس پرڏيهي وزير سيد لطف الله عرف مير منٺاري ڏانهن سندس لکيل خطن جي جواب ۾ لکيا هئا. سنڌ سان واسطو رکندڙ اهي چارئي خط پير حسام الدين راشدي ڪتاب "منشورالوصيت ودستورالحڪومت" جي صفحي ٤٩ - ٦١ تي ضميمي ۾ ڏنا آهن. هي مڪاتيب "انشاءِ انندرام" جي عنوان سان دهلي جي "شمس المطابع" مان ١٨٥٢ع ۾ شايع ٿيا، ليڪن هن وقت اهو ڇپيل ڪتاب بہ ناياب آهي. هنن خطن جو هڪ قلمي نسخو پير حسام الدين راشدي جي ذخيري ۾ بہ موجود هو.

٢- وقايع بدايع:- هي ڪتاب بہ انندرام مخلص جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ جيڪي بہ واقعا درج آهن، سي

Gul Hayat Institute

بين تاريخي ڪتابن ۾ بہ لکيل آهن، ليڪن انندرام مخلص جي هن لکت کي هن ڪري خاص اهميت حاصل آهي جو هو پاڻ انهن سڀني واقعن مان ذاتي طرح واقف ۽ انهن سان متعلق هو. هن جيڪي ڪجھ لکيو آهي سو هڪ عيني شاهد جي حيثيت ۾ لکيو آهي، تنهنڪري تاريخي طرح انهن اقتباسن جي افاديت مجيل آهي. انهن اقتباسن ۾ اهو عهدنامو پڻ شامل آهي، جيڪو دهليءَ جي محمدشاهہ مُغل ۽ نادر شاهہ افشار جي وچ ۾ ٿيو، جنهن ۾ سنڌ جي سپردگي ۽ ان جي صورتحال موجود آهي. ازانسواءِ نادرشاهہ جي سنڌ تي ڪاهہ، ميان نورمحمد وٽ عمرڪوٽ ۾ پهچڻ ۽ ڪيل ڦرلٽ جو دلچسپ ۽ اهم داستان پڻ انهي ڪتاب ۾ شامل آهي. هي ڪتاب اجان تائين قلمي صورت ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ متعلق جيڪو بہ مواد آهي سو پير حسامالدين راشدي ضميمي طور ڪتاب "منشورالوصيت و دستورالحڪومت" جي صفحي ٦٥ - ٨٥ تي ڏنو آهي.

٣- نادرنامہ يا شاهنامہ نادري:- هن ڪتاب جي مصنف جو ڪوبہ پتو نہ آهي. هي منظوم مثنوي نادرشاهہ افشار جي حالات تي لکيل آهي،تنهنڪري هن ڪتاب ۾ سنڌ متعلق بہ ڪافي مواد موجود آهي. هي ڪتاب اجا تائين قلمي صورت ۾ آهي. هن جو واحد نسخو ڪراچي جي قومي عجائب گهر ۾ موجود آهي. ڪتاب ۾ آيل سنڌ متعلق سمورو مواد پيرحسامالدين راشدي ڪتاب "منشورالوصيت و دستورالحڪومت" جي صفحي ٨٩- ٩٦ تي ضميمي طور شامل ڪيو آهي. هي مثنوي ١١٧٢ هہ ۾ لکيل آهي.

٤- نامہ نغز:- مثنوي نامہ نغز ڪلهوڙن جي تاريخ ۾ باغ علي خائف جي تصنيف آهي، جيڪا ١١٥٥هہ ۾ لکي ويئي آهي ۽ رڳو اهوئي هڪ سنڌي مصنف جو لکيل ماخذ آهي، جنهن ۾ سنڌ تي نادر جي چڙهائي جو مفصل ۽ چشم ديد احوال ڏنو ويو آهي. انهيءَ کان علاوه بہ نادرشاهہ متعلق منجهس تمام گهڻو مواد موجود آهي (١). هن ڪتاب متعلق پير حسامالدين راشدي لکي ٿو تہ "هي ڪتاب ڪلهوڙن جي دؤر تي مستند دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. نادر جي حملي ۽ ايرانين جي لُٽ جا اکين ڏٺا احوال منجهس ڏنا ويا آهن. شعر اگرچہ ڪمزور آهي، مگر تاريخي واقعات انهن اوڻاين تي پردو وجهي ٿا ڇڏين." (٢). هن ڪتاب جو ڪجھ حصو پڻ ضميمي طور پير حسامالدين راشدي ڪتاب "منشورالوصيت و دستورالحڪومت" جي صفحي ٩٩- ١٢٩ تي ڏنو آهي. هن ڪتاب جو واحد نسخو سنڌ جي قومي ڪتبخاني ۾ موجود آهي ۽ اُن تان نقل ٿيل هڪ نسخو سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرري ۾ بہ آهي.

٥- تبصرةالناظرين:- هي ڪتاب سيد ميرمحمد ولد علامہ مير عبدالجليل بلگرامي جو لکيل آهي. پاڻ ١١٢٦هہ کان پوءِ مغلن طرفان سنڌ ۾ وقايع نويس ٿي رهيو هو. ڪلهوڙن سان سندس گهاٽا تعلقات هئا. هن ڪتاب جو وڏو حصو سنڌ ۾ لکي ويو. هي ڪتاب هڪ قسم جو روزنامچو آهي، جنهن ۾ سن ١١٠١هہ کان ١١٨٥هہ تائين جا ذاتي خواهہ ملڪي اهم واقعا ۽ مختلف حادثا سال وار ترتيب سان لکيا ويا آهن. معلومات جي لحاظ کان هي ڪتاب قيمتي ۽ نهايت ئي اهم اطلاعن جو ذخيرو آهي. ڪتاب ۾ سنڌ متعلق گهڻيئي دلچسپ واقعا آيل آهن. ڪتاب ۾ سال ١١١٧هہ کان ١١٥٦هہ تائين ڪلهوڙن متعلق آيل مواد ضميمي طور پير حسامالدين راشدي ڪتاب "منشور الوصيت و دستورالحڪومت" جي صفحي ١٣٣ - ١٥٥ تي ڏنو آهي. (٣)

٦- مآثرالامراءِ :- هي ڪتاب مغل امير صمصامالدولہ شاهنواز خان جو لکيل آهي، جيڪو ٽن جلدن ۾ آهي. هن ڪتاب جي پهرئين جلد جي آخر ۾ ميان نورمحمد ۽ سندس خاندان جو مختصر احوال آيل آهي، جيڪو پير حسامالدين راشدي ڪتاب "منشورالوصيت و دستورالحڪومت" جي صفحي ١٢٥-١٧٠ تي ضميمي طور شامل ڪيو آهي. هي ڪتاب پهريائين ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال ڪلڪتي مان ڇپيو هو، جيڪو هاڻ ناياب آهي. هن



Gul Hayat Institute

ڪتاب جو اردو ترجمو پروفيسر محمد ايوب قادريءَ ڪيو آهي. اهو ترجمو ٽن جلدن ۾ هر هڪ جلد ترتيبوار سال ١٩٦٨ع، ١٩٦٩ع ۽ ١٩٧٠ع ۾ مرڪزي اردو بورڊ لاهور طرفان شايع ٿيو هو.

٧- منشورالوصيت و دستورالحڪومت:- هي ڪتاب ميان نورمحمد عباسي والي سنڌ پنهنجي اولاد لاءِ وصيت طور سنه ٦٢-١١٦٣هه ڌاري لکيو. پير حسام الدين راشدي لکي ٿو ته "هن وصيت نامي کي تاريخي نقطي نگاهه کان وڏي حيثيت حاصل آهي. هن ڪتاب مان انهيءَ زماني جا سياسي خواهه سماجي حالات ۽ ميان نورمحمد جي پنهنجي مزاج ۽ طبيعت متعلق ۽ ڪلهوڙن جي نظام حڪومت ۽ رهڻي ڪهڻي متعلق ڪافي ڄاڻ حاصل ٿئي ٿي. ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي هي پنهنجي لکيل وصيت آهي، جنهن مان تاريخي واقعات سان گڏ سندس ذاتي تصورات جو پتو پوي ٿو. هي وصيت سنڌ تي نادر جي ڪاهه (١١٥٢هه) کان پوءِ سنت ئي لکي ويئي آهي." (۴)

مولانا غلام رسول مهر هن ڪتاب متعلق لکي ٿو ته هن وصيت نامي مان ميان صاحب جي ذاتي اخلاق، حڪومت جي باري ۾ سندس تصورن ۽ ان وقت جي بين ضروري حالتن تي چڱي روشني پوي ٿي." (۵) هي ڪتاب پير حسام الدين راشدي ايڊٽ ڪيو آهي. پهريون دفعو سال ١٩٦۴ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان ڇپيو آهي. هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو عبدالرسول قادري بلوچ ڪيو آهي، اهو ترجمو اڃا تائين نه ڇپيو آهي. هن ڪتاب جو پير علي محمد راشدي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو، جيڪو پڻ نه ڇپيو آهي.

٨- قصيده بمدح عبدالنبي:- هن ڪتاب جو لکندڙ ميرعلي شاهه شائق آهي. هن اهو ڪتاب يا قصيدو ميان عبدالنبي خان جي ابتدائي دؤر ۾ لکيو هو. ميان عبدالنبي خان جي دربار جا ڳچ حالات هن ۾ آيل آهن. پير حسام الدين راشدي لکي ٿو ته "هي قصيدو ميان عبدالنبي والي سنڌ (١١٩١هه - ١١٩٨هه) جي مدح ۾ چيو ويو آهي. هن قصيدي مان انهيءَ عهد جي اميرن، منصبدارن ۽ فوجي جرنيلن جي نالن ۽ احوالن جي خبر پوي ٿي ۽ اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ دؤر ۾ ڪهڙا ڪهڙا منصب ۽ عهدا هئا. ڪلهوڙن جي دؤر تي تاريخي لحاظ کان هي ڪارآمد قصيدو آهي. هن جو هڪ قلمي نسخو مولانا محمد ابراهيم ڳڙهي ياسين واري جي لئبرري ۾ آهي ۽ اتان نقل ٿيل ڪاپي سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرريءَ ۾ به موجود آهي." (٦)

(٩)- گلدسته نورس بهار:- هي ڪتاب منشي عبدالرؤف سيوستاني جي منشات جو مجموعو آهي. هي ڪتاب ميان يارمحمد خان ۽ ميان نورمحمد خان جي باري ۾ نهايت قيمتي معلومات سان ڀريل آهي. پير حسام الدين راشدي هن متعلق لکي ٿو ته "هن ۾ ميان يارمحمد (١١١١هه - ١١٣٠هه) ۽ ميان نورمحمد (١١٣١هه-١١٦٧هه) جا مڪاتيب جمع ڪيل آهن. انهن خطن مان سنڌ جي تاريخ تي بيمثل روشني پوي ٿي ۽ تاريخ جا ڪيئي اهڙا پهلو نمايان ٿين ٿا، جيڪي هوند ڪنهن به تاريخ جي ذريعي معلوم ٿي نه سگهن.

پير صاحب بئي هنڌ لکي ٿو ته "هي شيخ عبدالرؤف سيوهاڻي (وفات ١١۴٠هه) جا لکيل سرڪاري خط آهن ۽ عالمگير جي حڪومت جي آخري سالن کان ڪري ١١۴٠هه تائين جي سياسي واقعن ۽ حالتن تي روشني وجهن ٿا. هن ڪتاب ۾ آيل خطن کي مصنف جي پٽ شيخ محمد وفا سيوهاڻي سندس وفات کان پوءِ ميان نورمحمد جي فرمائش تي گڏ ڪيو. هي مجموعو ٽن لطيفن تي آهي. لطيفو پهريون-بادشاهن ۽ اميرن جي خدمت ۾ عريضيون؛ لطيفو ٻيو- جاگيردارن، سيدن، عالمن ۽ معزز ماڻهن ڏي خط: لطيفو ٽيون- وڪيلن ڏانهن خط.

"پهرئين حصي ۾ اُٺهٺ (٥٩) خط آهن، جنهن ۾ عالمگير جي وفات کان ڪري ميان يارمحمد ۽ ميان نورمحمد جي شروعاتي دؤر تائين جيڪا سرڪاري لکپڙهه ٿي اها شامل آهي. عالمگير جي وفات تي سنڌ ۾ جيڪو رد عمل

ٿيو، ان جي ذڪر ڪان سواءِ ڪجھ شهزادن جي تخت سنڀالڻ جو خبرون، ٺٽي، سيوهڻ ۽ بکر ۾ صوبيدارن جي مقرري ۽ معزولي جا واقعا، مير ويس غلزئي جي افغانستان تي قبضي، قنڌار، قلات، بلوچستان، ملتان ۽ هندستان ۾ پيدا ٿيل حالتن ۽ انهن واقعن جي حوالي سان شخصيتن جي سڃاڻپ ۽ ملتان، سيوهڻ، بکر، بلوچستان ۽ ٺٽي جي صوبيدارن جا نالا ۽ انهي دؤر ۾ ٿيل جنگين جو ذڪر هنن خطن ۾ ملي ٿو. ٻئي لطيفي ۾ ٻه سؤ پنج خط آهن، جن ذريعي هندستان جي وزيراعظم، سپھ سالارن، صوبيدارن ۽ ٻين واسطيدار اميرن کي واقف ۽ حالتن کان باخبر ڪيو ويو آهي. هنن خطن ۾ ڪيئي جاتل سڃاتل ۽ اڻواقف مگر اهم ماڻهن جي نالن ۽ ڪارنامن جو ذڪر ملي ٿو. ٽئين لطيفي ۾ درباري وڪيلن جي نالي خط آهن، انهن خطن ۾ ان وقت جي مکيھ تاريخي واقعن جي لڪل ڪڙين تي روشني پوي ٿي. ان ڪان سواءِ مکيھ ڪردارن ۽ ماڻهن جي ڄاڻ بہ ملي ٿي، جن جي نالن ۽ ڪارنامن کان تاريخ جا پنا بلڪل خالي آهن. هي حصو اناويهن (٢٨) خطن تي مدار رکي ٿو.هن ڪتاب جا ٻہ نسخا منهنجي ڪتبخاني ۾ موجود آهن، جن کي آڏو رکي مون هن ڪتاب جو متن تيار ڪيو آهي ۽ انتظار آهي تہ حاشين ۽ ڇتاين سان ان کي ڇاپيو وڃي." (٧)

١٠- فتح نامہ:- هي ڪتاب مير عظيم الدين ٺٽويءَ جو لکيل آهي. هي ڪتاب شاهنامي جي بحر ۽ طرز جي مثنوي آهي. ان ۾ ٽالپرن جي فتح تي مفصل روشني وڌي ويئي آهي. واقعات چشم ديد ۽ نهايت مستند آهن. ڪتاب مير فتح علي خان فاتح سنڌ جي نالي سان منسوب آهي. مصنف سنڌ درباري شاعر هو. هي پهرين تاريخ آهي، جيڪا ڪلهوڙن جي زوال ۽ ميرن جي حڪومت تي ٽالپرن جي دؤر ۾ لکي ويئي ۽ انهيءَ دؤر ۾ بيحد مقبول هئي. ڊاڪٽر برنس لکي ٿو تہ "ڪتاب انهيءَ حد تائين مقبول هو جو عوام ۽ خواص کي بر زبان هو ۽ مصنف جو دربار خواه ان کان ٻاهر ڏاڍو قدر هو." مولانا غلام رسول مهر لکي ٿو تہ "هي ڪتاب شاهنامي جي انداز تي لکيل آهي. مير عظيم الدين جي هيءَ تصنيف مير فتح علي خان ٽالپر جي سرپرستي ۾ پايہ تڪميل تي پهتي. هي ڪتاب ١٢٠٩ھ ۾ ترتيب هيٺ آيو. 'زهي فتحنامہ' ان جي تاريخ آهي ۽ پنجن مجلسن ۾ ورهايل آهي. ڪلهوڙن جو بيان ڪجھ صفحن کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. شعر تاريخي حيثيت سان خاصو قيمتي آهي."

هي ڪتاب شير محمد نظاماڻي ايڊٽ ڪيو آهي، جيڪو سال ١٩٦٧ع ۾ پهريون دفعو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان ڇپيو آهي.

١١- مراة دولت عباسيہ:- هي ڪتاب لالا دولت راءِ" سن ١٨٠٠ع جي لڳ ڀڳ لکيو. لالا صاحب بهاولپور جي فرمانروا بهاول خان ثاني جي دربار ۾ شامل هو. هي ڪتاب سن ١٨٥٠ع ۾ شايع ٿيو، ليڪن هاڻ ناياب آهي. هن ڪتاب جا ٻہ حصا آهن، پهرئين حصي ۾ دائود پوٽن جي ساري سرگذشت آهي. ۽ ٻئي حصي ۾ نواب بهاول خان جا حالات آهن. هن ڪتاب ۾ ڪلهوڙن بابت چڱي معلومات آهي، ليڪن مڙني حالات جي تاريخي حيثيت هڪجيتري محڪم نہ آهي. پير حسام الدين راشدي لکي ٿو تہ "مصنف هي تاريخ ١٢٢٤ھ ۾ شروع ڪئي ۽ ١٢٢٧ھ ۾ لکي ختم ڪئي. ڪلهوڙن جي دؤر ۽ ميرن جي صاحبي جو هن ۾ سربستو احوال آهي. پڻ ڪلهوڙن ۽ دائودپوٽن جي معاملات تي هن مان خاص مواد ملي ٿو" هي ڪتاب ١٨٥١ع ۾ دهليءَ مان ڇپيو، ليڪن هاڻ اڻلڀ آهي.

١٢- جواهر عباسيہ:- هي ڪتاب شيخ محمد اعظم ابن شيخ محمد صالح سن ١٨٠٩ع ۽ سن ١٨٣٠ع جي وچ واري عرصي ۾ لکيو. انداز تحرير "مراة دولت عباسيہ" جي مقابلي ۾ وڌيڪ پرتڪلف ۽ منشياڻو آهي. حالات ۾ گهڻي حد تائين مراة جي پيروي ڪئي ويئي آهي. ڪٿي ڪٿي تہ رڳو لفظي ڦيرگهير سان مراة جا هوبهو فقرا ورتل آهن.

هي ڪتاب اڄا تائين ڪٿي بہ ڪونہ ڇپيو آهي. مراد وانگي هن جا بہ ڪجھہ تاريخي واقعا ائين ئي اندازن تي ٻڌل آهن.

١٣- تحفة الڪرام:- هي مشهور ڪتاب مير علي شير قانع جو تصنيف ڪيل آهي. هي ڪتاب ٽن حصن ۾ آهي. ٽيون جلد تاريخ سنڌ متعلق آهي. انهي جلد ۾ ئي ڪلهوڙن جي باري ۾ احوال ڏنل آهي. مصنف ڪلهوڙن جي باري ۾ جيڪي ڪجھہ لکيو آهي سو گهڻي ڀاڱي سندس اکين ڏٺل هو، ليڪن اينتريقدر تہ اختصار کان ڪم ورتو اٿس جو سندس بيان کي ڪلهوڙن بابت رڳو سرسري اشارا ڪوٺڻ بہ صحيح نہ ٿيندو. پير حسام‌الدين راشدي لکي ٿو تہ "مير علي شير قانع هي ڪتاب ٽن جلدن ۾ لکيو آهي. آخري جلد سنڌ تي آهي. تاريخ سنڌ جي لاءِ هي ڪتاب انسائيڪلوپيڊيا جو ڪم ڏئي ٿو. تاريخ، مشاهيرن جا حالات، شهرن ۽ قصبن، قومن ۽ ذاتين جو مفصل بيان هن ۾ ملي ٿو. هي ڪتاب مير صاحب ١١٨٠هہ ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ هڪ سال ۾ ١١٨١هہ ۾ ختم ڪري، پوءِ انهيءَ ۾ اضافو ڪندو رهيو ۽ اهو سلسلو ١١٨٨هہ تائين قائم رهيو. هن ۾ ڪلهوڙن جي زماني تائين جي مشاهيرن کي آندو ويو آهي. ڪلهوڙن جي تاريخ تي بہ هي ڪتاب مستند آهي، ڇاڪاڻ تہ مصنف اُنهي دؤر جو ماڻهو آهي. هن ڪتاب جا پهريان بہ جلد هندستان ۽ اسلامي دنيا جي تاريخ تي آهن. هن ڪتاب جا ٽيئي جلد مطبع ناصري دهلي ۾ ڇپجي چڪا آهن، ليڪن نامڪمل ۽ بلڪل غلط آهن."

هن ڪتاب جي ٽئين جلد جو سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد ڪيو آهي. اهو ترجمو سال ١٩٥٧ع ۾ پهريون دفعو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان ڇپجي چڪو آهي. انهي ٽئين جلد جي پهرئين حصي جي اصل فارسي متن کي پير حسام‌الدين راشدي ايڊٽ ڪيو آهي ۽ حاشين ۽ وضاحتن سان سينگاريو آهي، جيڪو پڻ سال ١٩٧١ع ۾ پهريون دفعو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان ڇپيو آهي.

١٤- لب تاريخ سنڌ:- هي ڪتاب خانبهادر خداداد خان جو لکيل آهي، جيڪو پهريون دفعو سن ١٩٠٠ع ۾ امرتسر مان ڇپيو. هن ڪتاب کي دوباره ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايڊٽ ڪيو، جيڪو پهريون دفعو سن ١٩٥٩ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو. انهي ڪتاب جو سنڌي ترجمو حافظ خير محمد اوحدي ڪيو. اهو ترجمو بہ ١٩٨٩ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو.

١٥- بيان واقع:- هي ڪتاب خواجہ عبدالڪريم ڪاشميري جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ تي نادرشاهہ جي ڪاهہ جا حالات تفصيل سان ڏنل آهن. هي بيان انهيءَ ڪري قيمتي آهي جو خواجہ صاحب سيني حالات جو اکين ڏٺو گواهہ هو. ميان نور محمد خان جو حُليو صرف انهيءَ ڪتاب ۾ ڏنل آهي. هن ڪتاب جي هڪ حصي جو ترجمو هڪ انگريز فرانسس گليڊون "Memoirs Of Khawaja Abdul Karim" جي نالي سان انگريزيءَ ۾ ڪيو، جيڪو ١٧٨٥ع ۾ شايع ٿيو ۽ هاڻ اڻلڀ آهي. اصل فارسي ڪتاب لاهور مان ١٩٧٠ع ۾ ڇپيو آهي.

١٦- تاريخ بهاولپور:- هي ڪتاب پير ابراهيم خويشگي قصوري جو لکيل آهي. هن هي ڪتاب ڪئپٽن ڪنهنگام جي فرمائش تي لکيو. هن جو انگريزي ۾ ترجمو مولانا شهامت علي ڪيو، جيڪو ١٨٤٨ع ۾ لنڊن مان ڇپيو.

١٧- تاريخ سنڌ:- هي ڪتاب انگريزي ۾ مرزا قليچ بيگ ٻن جُلدن ۾ لکيو. اهي ٻيئي جلد ان لحاظ کان خاص طرح قدر لائق آهن، جو مرزا صاحب سيني قلمي ماخذن جا ضروري حصا پنهنجي ڪتاب ۾ آڻي ڇڏيا آهن. هن ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ ڪلهوڙن جو بيان آهي. اهو بيان "تحفة الڪرام، فتح نامہ ۽ فريٽر نامہ جي بيانن تي مشتمل آهي. نہ صرف انگريزي بلڪ اردو يا فارسي ۾ بہ ڪلهوڙن بابت هي پهريون ترتيبوار تاريخي ڪتاب آهي. افسوس جو

Gul Hayat Institute

بيحد مختصر آهي. ان ۾ تحقيق ۽ محنت کان قطعاً ڪم نہ ورتو ويو آهي. فارسي جي بعض عبارتن کي سمجهڻ ۾ مرزا صاحب ڪاميابي حاصل ڪانہ ڪئي آهي. هي ڪتاب پهريون دفعو سال ۱۹۰۲ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيو دفعو ۱۹۸۲ع ۾ سنڌ ڪلاسڪس ڪراچي طرفان شايع ٿيو آهي.

۱۸- تاريخ بهاول خان:- هي ڪتاب وڏيري جان محمد خان مارفاڻي، بهاول خان اول جي سوانح تي لکيو آهي. انهي ۾ ڪلهوڙن جي دؤر ۽ دائود پوٽن جي تاريخ تي ڪافي مواد آهي.

۱۹- مقصود اعظم:- هي ڪتاب محمد اعظم اسدي هاشمي، محمد صادق خان والي بهاولپور جي سوانح تي لکيو آهي. هن جو هڪ نسخو برٽش ميوزم لنڊن ۾ موجود آهي.

۲۰- خلاصہ تاريخ عباسيہ:- هي ڪتاب ڪنهن نامعلوم مصنف ۱۲۴۱هہ کان اڳ ۾ لکيو آهي. هي ڪتاب ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ سلطان احمد ثاني کان وٺي مبارڪ خان جي وفات تائين جو ذڪر آهي. ٻئي حصي ۾ محمد بهاول خان ثاني جو احوال آهي ۽ ٽئين حصي ۾ محمد صادق خان جي سوانح آهي.

۲۱- اقبال نامہ سعادت آيات:- هي ڪتاب بہ محمد اعظم اسدي هاشمي جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ ۱۲۳۰هہ کان ۱۲۴۱هہ تائين جو احوال آهي. (۸)

۲۲- مثنويات و قصائد قانع:- مير علي شير "قانع" جي فارسي مثنويات ۽ قصيدن جو هي مجموعو پير حسام‌الدين راشدي ايڊٽ ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ميان سرفراز خان ۽ ميان غلام نبي خان ڪلهوڙي جي مدح ۾ چيل بہ قصيدا موجود آهن. هي ڪتاب پهريون دفعو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان ۱۹۶۱ع ۾ شايع ٿيو آهي.

۲۳- ڪلهوڙا نامہ:- سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي جي منظوم مثنوي "ڪُليات ثابت علي شاهہ" ۾ موجود آهي. هن مثنوي ۾ مثنوي ميان عبدالنبي خان ڪلهوڙي جي فتح ۽ سندس عزيز ميان عزت يار خان جي هار جو بيان آهي. (۹)

۲۴- ڪُليات سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي:- سيد ثابت علي شاهہ ڪربلائي جي فارسي ۽ سنڌي شاعريءَ جو هيءُ مجموعو مرزا عباس علي بيگ مرتب ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪلهوڙن جي دؤر بابت ڪيترائي منظوم قيمتي مواد موجود آهي. هي ڪتاب ۱۹۸۴ع ۾ "اسلامڪ ڪلچر اينڊ ريسرچ سينٽر ڪراچي" ڇپيو آهي.

۲۵- ديوان مُحسن ٺٽوي:- ٺٽي جي مشهور فارسي شاعر محسن ٺٽويءَ جو هي ديوان محمد حبيب الله رُشدي مرتب ڪيو آهي. هن ديوان ۾ بہ ڪلهوڙن جي دؤر متعلق تمام گهڻو منظوم قيمتي مواد موجود آهي. هي ديوان سنڌي ادبي بورڊ پاران ۱۹۶۳ع ۾ شايع ٿيل آهي.

۲۶- ديوان عظيم ٺٽوي:-مير عظيم‌الدين ٺٽوي جو هيءَ فارسي ديوان پروفيسر غلام مصطفيٰ خان ايڊٽ ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ بہ ڪلهوڙا دؤر متعلق ڪافي قيمتي مواد موجود آهي. هي ڪتاب ۱۹۶۲ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيو آهي.

۲۷- انشاءِ عطارد:- هيءُ مُنشي شيوڪرام "عطارد" (متوفي ۱۲۴۴هہ) جي تاريخي خطن جو مجموعو آهي. لکڻ جي اسلوب ۾ تڪلف گهڻو آهي ۽ ميناج ۽ رس گهٽ. هن ڪتاب ۾ ميان غلام شاهہ، ميان سرفراز خان ۽ مير بجار خان بابت قيمتي معلومات آهي. شيوڪرام ابتدا ۾ ميان غلام شاهہ جي دربار سان وابستہ هو ۽ ان کان پوءِ ميان سرفراز خان جو مشير خاص ٿي رهيو. هن جي خطن جو اهو مجموعو سنڌ جي تاريخ لاءِ بيش بها خزانو آهي ۽ تاريخي لحاظ سان قيمتي آهي. ميان غلام شاهہ، ميان سرفراز ۽ ميربجار جي سلسلي ۾ ڪيترا خط تاريخي حيثيت


Gul Hayat Institute

رکن ٿا. هي ڪتاب "گلدستہ نورس بهار" ڪان پوءِ خطن جو اهم ترين ذخيرو آهي، جنهن ۾ ارڙهين صدي عيسويءَ جي واقعن بابت ڀرپور ڄاڻ ملي ٿي. ڪُل پنجاسي خط آهن. آخري خط ميربجار خان شهيد جو آهي، جنهن کي ڪلهوڙي حاڪم ميان عبدالنبي شهيد ڪرايو هو. مسقط جي شيخ، ايران، قلات، جوڌپور، سنڌ ۽ ملتان جي اتڪل روءِ سيني اميرن ۽ سلطنت جي مهندارن جا نالا خطن جي هن ڪتاب ۾ ملن ٿا ۽ انهن ذريعي تاريخ جا ڪيئي نُقطا اسان جي آڏو روشن ٿين ٿا. هن جو هڪ نسخو پير حسام الدين راشدي جي لئبريءَ ۾ موجود هو.

٢٨- فريئرنامہ:- هي ڪتاب مير يارمحمد خان ٽالپر، سر بارٽل فريئر ڪمشنر سنڌ جي فرمائش تي مرتب ڪيو. مصنف هي ڪتاب ٽن مقالن ۾ جوڙيو آهي. پهرئين مقالي ۾ عباسي ڪلهوڙن جو احوال، ٻئي مقالي ۾ ٽالپر ميرن جي حڪومت جو احوال ۽ ٽئين مقالي ۾ انگريز سرڪار جي حڪومت جو احوال آهي. فريئرنامي جي ٻولي معمولي آهي. هي ڪتاب انهيءَ لحاظ سان ڪلهوڙن بابت هڪ قيمتي ماخذ آهي، جو ان جو لکڻ وارو سندن رقيب خاندان جو هڪ نهايت ئي معتبر شخص آهي ۽ رقيب جي شهادت جيڪڏهن ڪنهن ڳالهہ جي فائدي ۾ وڃي تہ اها مڃني حامين ۽ يارن جي گواهين ڪان صد بار وڌيڪ ۽ ترجيح جي لائق هوندي آهي. پير حسام الدين راشدي لکي ٿو تہ "هن جي ابتدائي حصي جو بنياد مير عظيم الدين جي 'فتح نامي' تي آهي، باقي ٻن مقالن کي هن پنهنجي اکين ڏٺي احوال جي آڌار تي مرتب ڪيو. هي تاريخ ڪلهوڙن ۽ خاص طرح ٽالپرن ۽ برطانوي تسلط جي سلسلي ۾ نهايت قيمتي آهي. هن ۾ ڪلهوڙن جي رقيب خاندان جو نقطءِ نگاهہ آهي ۽ خود شاهي خاندان جي هڪ جليل القدر حاڪم جا چشم ديد واقعات موجود آهن." هي ڪتاب اڃان تائين قلمي صورت ۾ آهي.

٢٩- تاريخ ڪلهوڙا (انگريزي):- انگريزيءَ ۾ ٽائيپ ڪيل هي ڪتاب ڊيوڊ سيٽن جو لکيل آهي. ڪتاب نهايت ئي مختصر آهي. ميان غلام شاهہ تائين هن ۾ آيل حالات جو سڀ ڪان وڏو ماخذ "تحفة الڪرام" آهي. البتہ مختلف واقعن بابت هن ۾ مفيد سمجهاڻيون ڏنل آهن. ميان غلام شاهہ ڪان پوءِ جي حالات لاءِ مختلف ماخذن ڪان استفادو ڪيو ويو آهي. هن جو هڪ نسخو سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي جي ملڪيت هو.

٣٠- فهرست تاريخ سنڌ:- هي ڪتاب چوويهن صفحن تي آهي. مصنف جو نالو محمد حسن قادري آهي. پڇاڙي وارن ٻن صفحن ۾ ڪلهوڙن جا حالات درج آهن. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي حڪمرانن جا سلسليوار نالا ڏنا ويا آهن. هڪ ٻن سٽن ۾ هرهڪ جو احوال بہ ڏنو ويو آهي. هن جو هڪ نسخو پيرحسام الدين راشدي جي لئبرري ۾ هو.

٣١- تاريخ ٽوپڻ مل:- سنڌ بابت هي ڪتاب مُنشي ٽوپڻ مل، نواب فتح محمدخان لغاري جي فرمائش تي لکيو. هي سنڌ جي حالات تي سرسري خاڪو آهي. هن جو هڪ نسخو پنجاب يونيورسٽي جي لئبريءَ لاهور ۾ موجود آهي. هن تاريخ ۾ ڪي واقعا اهڙا بہ موجود آهن، جيڪي ٻي ڪنهن بہ تاريخ ۾ ڪونہ ٿا ملن. ڪتاب کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. پهريون حصو تيمور ڪان وٺي ٢١٦هہ تائين ۽ ٻيو حصو تاريخ سنڌ تي ابتدا ڪان برطانوي تسلط تائين آهي.

٣٢- مقالات الشعراء:- هي تذڪرو مير علي شير قانع جي مشهور تصنيف آهي. سنڌ جي علمي ۽ ادبي معلومات جو هڪ بيش بها ذخيرو آهي. پيرحسام الدين راشدي لکي ٿو تہ "هي سنڌ جي فارسي گو شاعرن جو پهريون جامع تذڪرو آهي. منجهس ايراني ۽ هندي شاعرن جو بہ ذڪر آيل آهي، جيڪي هتي سنڌ ۾ آيا يا هتي ڪجهہ وقت رهي وري هليا ويا. شاعرن جي تذڪري ڪان سواءِ منجهس بيمثل تاريخي مواد بہ آهي. هي نہ فقط سنڌ جي ادبي تاريخ جو بنيادي ڪتاب آهي، بلڪ عام سياسي ۽ ملڪي تاريخ لاءِ بہ ڪارآمد آهي." هن تذڪري کي پير

حسام‌الدين راشدي ايڊٽ ڪيو آهي. هي ڪتاب پهريون دفعو ۱۹۵۷ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيو آهي.

۳۳- تڪمله مقالات الشعراءِ:- مخدوم محمد ابراهيم "خليل" هن تذڪري ۾ زياده تر انهن شاعرن جو ڪلام سهيڙيو آهي، جيڪي ٽالپر دؤر ۾ ٿي گذريا آهن. انهن مان ڪن جو تعلق ڪلهوڙا دؤر سان بہ رهيو آهي. هي ڪتاب پير حسام‌الدين راشدي ايڊٽ ڪيو آهي ۽ سال ۱۹۵۸ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.

۳۴-مڪتوبات شاهہ فقيرالله علوي:- مڪتوبات جو هيءُ مجموعو شاهہ فقيرالله علوي شڪارپوري (متو في ۱۱۹۵هہ) جو آهي. گهڻو اڳ هي مجموعو پهريون دفعو ڪتب خانہ اسلامي لاهور مان ڇپجي چڪو آهي، ليڪن هن وقت اڻلڀ آهي. هن ڪتاب ۾ آيل سڀ خط اهم آهن، ليڪن تاريخ سنڌ جي سلسلي ۾ هينيان خط خاص اهميت رکن ٿا. احمد شاهہ ابدالي ڏانهن چار خط، مير نصير خان والي قلات ڏانهن بہ خط، شهزادي سليمان شاهہ بن احمد شاهہ ڏانهن ٽي خط، ميان سرفراز ڪلهوڙي ڏانهن ٽي خط، شاهہ ولي خان وزيراعظم احمد شاهہ ڏانهن بہ خط ۽ مخدوم محمد معين ٺٽويءَ ڏانهن پنج خط.

۳۵- تاريخي انشاءَ:- هن مجموعي ۾ پنجٽيهہ خط آهن، جن مان ڏهہ ڪان ويهہ ۽ ستاويهہ، چوٽيهہ ۽ پنجٽيهہ جو تعلق واضح طور ڪلهوڙن سان آهي. ڪن خطن جي لکڻي ۽ ڪن بين خصوصيتن مان اندازو ٿئي ٿو تہ اهي منشي عبدالرؤف جا لکيل آهن. پير حسام‌الدين راشدي لکي ٿو تہ "هن مجموعي ۾ آيل خط سنڌ، ملتان، دهلي، بلوچستان ۽ افغانستان جي اهم معاملن ۽ مسئلن تي آهن. مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دؤر جي باري ۾ هن مجموعي ۾ تمام مکيہ واقعات آيل آهن، جن جو اڃان تائين تاريخ ۾ ذڪر نہ ٿيو آهي." خطن جو هي مجموعو اڃان تائين نہ ڇپيو آهي. هي مجموعو مُنشي عبدالرؤف ۽ ميان هارون ۱۱۶۷هہ کان اڳ ۾ مرتب ڪيو. هن جو هڪ نسخو پير حسام‌الدين راشدي جي لئبرريءَ ۾ هو."

۳۶- گلدستہ باغبان:- هي خطن جو نهايت اهم ڪتاب آهي. هن ۾ مخدوم قاضي محمد رحيم، مخدوم محمد پناهہ، قاضي محمد شاڪر ۽ قاضي عبدالجليل شهر نصرپور جا لکيل خط آهن، جن کي قاضي محمد حافظ نصرپوري مرتب ڪيو آهي. خطن جو موضوع افغانستان جي سنڌ ۾ قرلت، مدد خان جي سنڌ ۾ آمد، انگريزن جي اچڻ تي سنڌ جي رهاڪن ۽ صاحب فڪر بزرگن جي ڳڻتي، شڪارپور تي افغانن جو قبضو ۽ پنهنجي عملدارن جي مقرري ۽ خراسان، ايران ۽ افغانستان جا سياسي مسئلا ۽ معاملا آهن. اُن جي شروعات هڪ خط سان ٿئي ٿي، جنهن ۾ محمد رحيم خان بارڪزئي جي شڪارپور بدر ٿيڻ ۽ "عاليجاهہ مدد خان پٽ عاليجاهہ غفور خان" کي شڪارپور جي حڪومت ملڻ جو حال درج آهي. هي مجموعو سنڌ، افغانستان ۽ ننڍي کنڊ ۾ انگريزن جي اثر متعلق تاريخ جو هڪ اهم ماخذ آهي. هي مجموعو اڻڇپيل آهي.

Gul Hayat Institute

۳۷- انشاءِ ابري:- خطن جو هي اهم ڪتاب ٻن دفترن تي مشتمل آهي. مؤلف جو نالو ابراهيم بن حافظ نصرالله سيوهاڻي انصاري آهي. سندس تخلص "ابري" هو. هن پهريون دفتر ۱۲۰۴هہ ۾ مڪمل ڪيو ۽ ٻيو دفتر ۱۲۰۷هہ ۾ مرتب ڪيائين. ٻنهي دفترن ۾ ڪجهہ ذاتي خط آهن ۽ باقي سياسي خط آهن، جيڪي مغلن ڪلهوڙن، افغانستان ۽ ٽالپرن جي دؤر جي واقعن تي روشني وجهن ٿا. هن جو نسخو پير حسام‌الدين راشدي جي لئبرريءَ ۾ هو.

۳۸- منهاج الشعور:- خطن جو هيءُ مجموعو بہ ابراهيم "ابري" جو مرتب ڪيل آهي. پهرئين حصي ۾ اعزازي عبارتون آهن، جي ان دؤر ۾ دوستن، اميرن، عزيزن ۽ سرڪاري ملازمن جي خطن لاءِ سنڌ ۾ رائج هيون. ٻئي حصي ۾ تاريخي دستاويز، درخواستون ۽ خط آهن. هي حصو بيحد قيمتي آهي. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن درميان خطن جي مٽا سٽا،

ايران ۽ افغانستان ۾ لکيل هئا، سنڌ ۾ صوبيدارن جي مقررين جا پروانا ۽ بهاولپور جي پهرئين حاڪم بهاول خان جي سلسلي جا خط به ٻئي حصي ۾ شامل آهن. هن ڪتاب جا به نسخا پير حسام الدين راشدي جي ڪتبخاني ۾ هئا.

۳۹- مجموعه رقعات دانشگاهه سنڌ:- هي تاريخي خطن جو مجموعو قاضي عبدالرسول ۽ مُنشي جان محمد سيوهاڻي (وفات ۱۱۲۳ھ) جو مرتب ٿيل آهي. اهي خط سنڌ جي گوناگون سياسي، انتظامي، سماجي ۽ علمي حالتن جي چٽائي ڪن ٿا. هن صدي جي سياسي ۽ سماجي تاريخ هنن خطن جي اڀياس کان سواءِ اڌوري ۽ اڻپوري رهندي. مغلن جي آخري دؤر ۾ سنڌ ۾ جيڪا لاقانونيت ۽ بد انتظامي پکڙيل هئي، انهن خطن مان اُن تي روشني پوي ٿي. ڪن خطن جو مطلب هن ريت آهي: نواب عبدالصمد خان، نواب خان دوران، دل قوم جا ماڻهو، دل قوم جي ماڻهن جو قتلام، نورمحمد ڪلهوڙو ۽ مادي هاٿي ۽ سوکڙين جي باري ۾ نواب عبدالصمد خان جي نالي خدايار خان جو خط وغيره.

۴۰- مجموعه شاهي اسناد و فرامين:- هن مجموعي ۾ ارغون، ترخان، مغل، ڪلهوڙا ۽ ٽالپر حاڪمن جو سندون ۽ فرمان گڏ ڪيل آهن ۽ تاريخي اهميت رکن ٿا. نئين جي مغل گورنرن جي تاريخن جي طئي ڪرڻ ۾ هن جلد مان وڏي مدد ملي ٿي. ان کان سواءِ هن مان سلطنت جي اميرن، قاضين ساداتن، عالمن، شاعرن ۽ سندن وارثن جي وظيفي جي باري ۾ به سني جاڻ ملي ٿي، جنهنڪري عالمن ۽ قديم خاندانن جي حالتن، عهد ۽ سلسلي جو به پتو پوي ٿو. هي سندون سڀ جون سڀ، نئين جي رهاڪن ۽ نئين جي اميرن جي نالي جون آهن. هن مجموعي جي هڪ نقل ٿيل ڪاپي پير حسام الدين راشدي جي لئبرريءَ ۾ موجود هئي.

۴۱- مجموعه اسناد و فرامين:- هي مجموعو ترخان، مغل، ڪلهوڙا ۽ ٽالپر حاڪمن جي اصلي حڪمن، فرمانن ۽ سندن تي مشتمل آهي، هي مجموعو سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرري ڄامشورو ۾ موجود آهي. هن مجموعي ۾ پنج فرمان عيسيٰ ترخان اول، باقي بيگ ترخان، جاني بيگ ترخان ۽ غازي بيگ ترخان جا آهن. ٽي فرمان شاهجهان ۽ عالمگير جا آهن. عالمگير جي آخري ڏينهن کان ڪري ميرنصير خان تائين مغل صوبيدارن ۽ سنڌ جي ڪلهوڙا ۽ ٽالپر حاڪمن جا تيرهن فرمان آهن.

۴۲- مڪتوبات قانع:- هي خط سنڌ جي ناميارى تاريخدان مير علي شير قانع جا لکيل آهن. مير علي شير قانع ڪلهوڙن جي آخري ڏينهن ۾ سرڪاري مُنشي هو. خطن جي هن مجموعي ۾ چند ذاتي ۽ سرڪاري مراسلا آهن. هي مجموعو "سنڌي ادبي بورڊ" جي لئبرريءَ ۾ آهي.

۴۳- مڪتوبات مير عظيم الدين:- "ميرعظيم الدين ٺٽويءَ جي خطن جو هي مجموعو، ڪلهوڙا خاندان جي آخري ڏينهن ۽ ٽالپر دؤر جي ڪيترن ئي مکيه واقعن تي روشني وجهي ٿو. هي قلمي مجموعو به "سنڌي ادبي بورڊ" جي لئبرريءَ ۾ آهي.

۴۴- بياضِ رُقعات:- هي بياض قاضي عبدالرسول ۽ جان محمد قريشي سيوستاني ۱۱۲۳ھ ۾ مرتب ڪيو. هن مجموعي ۾ نادر ۽ ناياب مڪتوبات موجود آهن. تمام تر خط ڪلهوڙا دؤر سان تعلق رکن ٿا. مجموعي ۾ ڪن شاعرن جا قصيدا ۽ اشعار به آهن، جن جو پڻ سنڌ جي تاريخ سان تعلق آهي، هن مجموعي ۾ ميرعبدالجليل بلگرامي جو اهو قصيدو موجود آهي، جيڪو هن ميان دائود خان جي مدح ۾ چيو هو، جڏهن هن سيوي ۽ ڍاڍر کي فتح ڪيو هو. هن ۾ عبدالرزاق معموري جون چند رباعيون پڻ آهن، جن ۾ سنڌ تي ناراضگي جو اظهار ٿيل آهي. هن مجموعي ۾ ڪيترا خط نهايت اهم تاريخي دستاويز جي حيثيت رکن ٿا، جيئن ميان يار محمد جو اهو خط جنهن ۾ هن پنهنجي

پُٽ ميان نورمحمد ڏي شاهه عنايت صوفي شهيد جي جنگ جو سربستو احوال لکيو آهي. اهو خط تمام قيمتي آهي. انهي جنگ جو چشم ديد احوال سواءِ انهي خط جي ٻيو ڪٿان بہ ملي ڪونہ ٿو سگهي. انهي خط کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي قيمتي خط انهي مجموعي ۾ موجود آهن. يار محمد خان جي منٿئين خط کان سواءِ شاهه عنايت شهيد جي جنگ تي هڪ ٻيو مفصل خط بہ انهيءَ مجموعي ۾ موجود آهي، جيڪو ميرا سنگهہ کتري جو لکيل آهي.

۴۵- نادر نامہ:- هي ڪتاب ميان نور محمد خان والي سنڌ نادر جي حملي کان پوءِ ۱۱۵۲هہ ڌاري تصنيف ڪيو. هن ۾ ميان نورمحمد خان غالباً نادر جي سنڌ تي ڪاهہ جو احوال ڏنو هوندو. هي ڪتاب نظم ۾ آهي. هن جو هڪ نسخو پنجاب يونيورسٽي جي لئبرري لاهور (شيراني ڪليڪشن) ۾ موجود آهي.

۴۶- معيار سالڪان طريقت:- سنڌ جي بزرگن، مذهبي پيشوائن، مشاهيرن ۽ اوليائن جو هي نهايت ئي مفصل ۽ مستند تذڪرو ميرعلي شير قانع ۱۲۰۲هہ ڌاري تيار ڪيو. هن تذڪري ۾ چار سؤ ٻارهن مشاهيرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ڪتاب بيحد قيمتي ۽ نادر آهي. هن جو هڪ نسخو برٽش ميوزم لنڊن ۾ موجود آهي ۽ ان تان نقل ڪاپي پير حسامالدين راشدي جي لئبرري ۾ بہ موجود هئي. هڪ فوٽو اسٽيٽ ڪاپي سچل چيئر جي لئبرري (شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور) ۾ بہ آهي. تازو معلوم ٿيو آهي تہ خضرعباس نوشاهي انهي ڪتاب کي پي. ايچ. ڊي جي ٿيسز لاءِ ايڊٽ ڪري رهيو آهي.

۴۷- تواريخ عباسيان:- هي ڪنهن نامعلوم مصنف جي تصنيف آهي، جيڪا ۱۲۲۶هہ کان اڳ جي لکيل آهي. هن جو نسخو انڊيا آفيس لئبرري لنڊن ۾ موجود آهي. ڪتاب ۾ ۱۲۲۶هہ تائين جو احوال آهي، يعني ميان محمد عارف خان بن ميان عبدالنبي جي وفات جي سال ۱۲۲۶هہ تائين منجهس حالات آهن.

۴۸- ڪلهوڙن جو احوال:- هي ڪتاب مطهر علي نالي ڪنهن مصنف آڳاٽو تيار ڪيو هو. هن جو ڪوبہ نسخو موجود نہ آهي. انهي ڪتاب جو انگريزي ترجمو Capt: Pagan ڪيو هو، جيڪو "ڪلڪتي ميگزين" جي ۱۸۳۱ع واري پرچي ۾ صفحي ۲۷۲ کان ۲۸۸ تي ڇپيو هو.

۴۹- فتح نامہ:- هي ڪتاب مير صوبدار خان ٽالپر ۱۲۴۴هہ ۾ "فتح نامہ، مير عظيمالدين جي طرز تي مثنوي جي صورت ۾ ڪلهوڙن جي آخري دؤر ۾ ٽالپرن جي پوري دؤر تي لکيو. ٽالپرن جي دؤر جو هي مستند تاريخي دستاويز مصنف جي ذاتي مشاهدي تي مبني آهي. انهي ڪتاب جو هڪ نسخو سنڌي ادبي بورڊ لئبرري ۾ آهي. (۱۰)

۵۰- تاريخ بلوچي:- سنڌ جي هي منظوم تاريخ عبدالمجيد جوڪئي مجيدي ۱۲۴۴هہ کان اڳ ۾ تاليف ڪئي آهي. مصنف هي ڪتاب ڪلهوڙن جي زوال ۽ ٽالپرن جي فتوحات متعلق لکي آهي. تاريخ جي شروعات ميان غلام شاهہ جي مسند نشيني کان ڪري ٿو. منجهس بيش بها ۽ نادر معلومات آهي. هن ڪتاب ۾ ڪيترائي واقعا اهڙا آهن، جيڪي ٻي ڪنهن بہ تاريخ ۾ ڪونہ ٿا ملن. هن ڪتاب جو هڪ نسخو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ذاتي لئبرريءَ ۾ موجود آهي. مولانا غلام رسول مهر، هن ڪتاب جو نالو "تاريخ ڪلهوڙا واستقرار ٽالپران" لکيو آهي. (۱۱)

۵۱- جام جهان نما:- هي تاريخي ڪتاب مخدوم محمد عاقل کهڙوي (متوفي ۱۳۳۷هہ) ٽن جلدن ۾ تيار ڪيو. ڪتاب جو آخري جلد سنڌ جي تاريخ متعلق آهي. مصنف جو گهراڻو، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي زماني ۾ وڏي مذهبي اقتدار جو مالڪ هو. هن ڪتاب ۾ ڪيئي نادر واقعا درج آهن. ازان سواءِ تاريخي، سياسي ۽ ملڪي حالات سان گڏ اسان کي انهي دؤر جي مذهبي يا روحاني تحريڪن ۽ ماحول جو بہ هن تاريخ مان پتو پوي ٿو. ڪتاب جو هڪ ئي قلمي نسخو آهي، جيڪو درگاهہ مخدوم عبدالرحمان شهيد جي سجاده نشين وٽ کُهڙن ۾ آهي. ڪتاب جي

مصنف جو تعلق پڻ ڪلهوڙا عباسي خاندان سان آهي.

۵۲. تذڪره مخاديم ڪهڙا:- هي تذڪرو مخدوم الله بخش ڪهڙوي جو لکيل آهي. هي تذڪرو ڪهڙن جي مخدومن جي پوري خاندان جي حالات ۾ آهي. ڪلهوڙا ۽ ٽالپري عهد جي تاريخي واقعن تي به هن مان روشني ملي ٿي. ڪتاب جو اصل نالو "فوزالاخلاف من فيض الاس" آهي. تازو هن خاندان جي هڪ فرد هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو به ڪيو آهي. سنڌي ترجمي جي فوٽو ڪاپي سچل چيئر لئبرري، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ موجود آهي. اصل متن تان نقل ٿيل هڪ نسخو پير حسامالدين راشدي جي لئبريءَ ۾ به هو.

۵۳- نگيران سنڌ:- پير حسامالدين راشدي لکي ٿو ته "هي ڪتاب ميان عطرخان ڪلهوڙي ٻارهن جلدن ۾ تصنيف ڪرايو هو. هن ڪتاب جو لکندڙ لالا موهن داس لالا سيوسناني آهي. هرهڪ جلد جدا جدا عنوانن هيٺ آهي. مثلاً، هڪ جلد سياسي تاريخ تي، هڪ جلد جاگرافي ۽ هڪ جلد سنڌ جي قومن تي، وغيره. اهڙيءَ طرح اهي ٻارهن ئي جلد گويا سنڌ جي تاريخ لاءِ اڪت ۽ عظيم الشان سرمايو آهن."

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لکي ٿو ته ميان عطرخان حڪمران سنڌ، آئين اڪبري جي نموني تي ٻارهن جلدن ۾ 'نگيران سنڌ' يعني سنڌ جي حڪمرانن جي تاريخ مرتب ڪرائي هئي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ سان گڏ سنڌ جي ولين جو به ذڪر ڪيل آهي. سنڌ جا قصا ڪهاڻيون به محققانه انداز ۾ آيل آهن." هن ڪتاب جو قلمي نسخو ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي ذاتي لئبرري (اسلم لئبرري لاڙڪاڻو) ۾ موجود آهي.

۵۴- مجمع البلغاءِ:- شاعرن جو هي فارسي تذڪرو ميرغلام علي مائل ابن مير علي شير قانع ۱۲۱۸هه ۾ مرتب ڪيو. هن ۾ ارغونن جي ابتدائي عهد کان وٺي ٽالپري عهد تائين جيڪي فارسي گو شاعر سنڌ ۾ ٿي گذريا يا سنڌ سان جن جو ڪنهن نه ڪنهن طرح سان واسطو رهيو، انهن سڀني جو مفصل احوال ڏنل هو. افسوس جو اِنهي تذڪري جو ڪوبه نسخو دستياب نه ٿي سگهيو آهي.

۵۵ ۽ ۵۶- تاريخ عباسيه (نظم ۽ نثر ۾) ڪلهوڙا دؤر جي تاريخ تي مير علي شير قانع به ڪتاب نثر ۽ نظم ۾ لکيا هئا. افسوس جو اڄ تائين انهن ٻنهي ڪتابن جو ڪوبه نسخو ملي نه سگهيو آهي. (۱۲)

۵۷- مجموعہ اسناد:- ڪلهوڙا دؤر جي اصلي فرمانن جو هي مجموعو قلمي صورت ۾ محترم نزاڪت علي عباسي وٽ موجود آهي. (۱۳)

۵۸- نقول اسناد معززان تعلقہ ڪوٽ ڏيجي:- هنن سَندن جو جمع ڪندڙ ڊاڪٽر عطامحمد حامي آهي. هن مجموعي ۾ ڪي سندون اهڙيون به آهن، جي ميان سرفراز ڪلهوڙي جون ڏنل آهن. هي مجموعو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي لئبرري ڄامشورو ۾ موجود آهي. (۱۴)

۵۹. ديوان سرفراز:- ميان سرفراز خان ڪلهوڙي جي فارسي شاعريءَ جو هي ديوان ڊاڪٽر ميرنورمحمد خان ٽالپر جي ذاتي ڪتبخاني حيدرآباد ۾ گهٽو وقت اڳ موجود هو. انهي ديوان ۾ تاريخي قطعات وغيره به هئا.

۶۰- بياض آخوند غلام محمد: آخوند غلام محمد جو مرتب ڪيل هي بياض به مرحوم ڊاڪٽر نورمحمد ٽالپر جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود هو. هن بياض ۾ ميان سرفراز خان عباسي جو فارسي ڪلام به ڏنل هو. هن بياض مان ميان سرفراز جي ڪلام جو انتخاب مرزا عباس علي بيگ پنهنجي ڪتاب "خدايارخاني ميان سرفرازعباسي" ۾ ڏنو آهي. (۱۵)

۶۱- انيس المساڪين، راحت السالڪين:- هي ڪتاب سنڌي زبان ۾ قاضي غلام هادي روهڙائي صوفي

تحريڪ تي لکيو آهي. هي ٻارهن بابن تي آهي. ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخ متعلق بہ ڪي اهم ڳالهيون لکيون ويون آهن، مثلاً شاهہ عنايت صوفي واري جنگ وغيره. ڪتاب جي ابتدا ۾ تصوف متعلق ٿورو احوال آيل آهي تہ اهو سنڌ ۾ ڪيئن آيو. شاهہ عنايت جي پيدائش ۽ ننڍپڻ متعلق ڪتاب جي ٻئي باب ۾ شاهہ عنايت جو مرشد جي ڳولا ۾ نڪرڻ، مرشد سان ڪچهري ۽ مرشد ڪان موڪلائي سنڌ ۾ اچڻ، شاهہ شهيد جي شادين جو ذڪر، يارمحمد ڪلهوڙي جو ضد پوڻ، ڪلهوڙن جو ڌوهہ وغيره بابت احوال آهي. ڪتاب جو ٽيون باب شاهہ عنايت جي خليفن ۽ چوٿون باب شاهہ عنايت جي اولاد متعلق آهي. وغيره.

ڪتاب ۾ سنڌ جي صوفي تحريڪ، ڪلهوڙن جي مخالفت ۽ سنڌ ۾ صوفي تحريڪ جي علمبردار شاهہ عنايت جي شهادت ۽ انهيءَ تحريڪ جي مکيہ فردن بابت ڪافي مواد ڏنو ويو آهي. هي ڪتاب اجا تائين قلمي صورت ۾ آهي. ڪتاب جو هڪ نسخو ڊاڪٽر نواز علي شوق جي ذاتي لئبريءَ ۾ موجود آهي.

٦٢- سنڌ جو شاهنامو يا ڪلهوڙن جي هار:- هي منظوم سنڌي مثنوي ميرحسن علي خان ٽالپر جي لکيل آهي. هن ڪتاب جو اصل نالو بہ "فتح نامہ" آهي، شايد ميرصوبدارخان ٽالپر جي فارسي منظوم مثنوي "فتح نامہ" جو سنڌي ترجمو آهي. هن ڪتاب جو اختصار ٻيو دفعو ١٩٥٢ع ۾ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد طرفان ڇپيو آهي.

٦٣- قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو:- هن ڪتاب ۾ ٻين سان گڏ ڪلهوڙا دؤر جي بہ ڪيترن ئي مشهور ماڻهن ۽ شهرن جو ذڪر آهي. هي ڪتاب مرزا قليچ بيگ جو لکيل آهي. هي ڪتاب پهريون دفعو ١٩٢٥ع ۾ نئين سنڌي لئبري حيدرآباد طرفان ڇپيو. ٻيو دفعو ١٩٦٦ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپيو آهي.

٦٤. قديم سنڌ جا ستارا:- هي ڪتاب بہ مرزا قليچ بيگ جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ بہ ٻين سان گڏ ڪلهوڙا دؤر جي ڪيترن ئي ماڻهن جو ذڪر آيل آهي. هي ڪتاب گهڻو اڳ ڇپيو هو ۽ هاڻي دوباره سنڌي ادبي بورڊ طرفان ١٩٦٦ع ۾ ڪتاب "قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" سان گڏ ڇپيو آهي.

٦٥- صبح صادق:- هي ڪتاب مولانا محمد عزيزالرحمان بهاولپوري جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ رياست بهاولپور جي والي صادق محمد خان عباسي (چوٿون) جو تفصيل سان ذڪر آهي. ڪتاب ۾ سنڌ جي ڪلهوڙا حاڪمن متعلق بہ ٿورو احوال موجود آهي. ڪتاب جي شروع ۾ رياست بهاولپور جي جاگرافي ۽ حڪمران خاندان جي مختصر تاريخ بہ ڏني وئي آهي. ڪتاب ڇپيل آهي ليڪن هاڻي اڻ لڀ آهي.

٦٦- بهاولپور کے تمدن کی دو مختلف تصويريں:- هي ڪتاب بہ رياست بهاولپور جي تاريخ متعلق آهي ۽ منجهس ٿورو سنڌ جو ذڪر بہ اچي ويو اٿس. جيئن تہ رياست بهاولپور جي نوابن جو تعلق بہ سنڌ جي ڪلهوڙا عباسي خاندان سان آهي، تنهنڪري هي ڪتاب سنڌ جي ڪلهوڙا حڪمرانن تي بہ ٿوري روشني وجهي ٿو. هي ڪتاب مولانا محمد حفيظ الرحمان بهاولپوري جو لکيل آهي ۽ ڇپيل آهي.

٦٧- خلاصہ تاريخ تاجداران رياست بهاولپور:- هي ڪتاب اردو ۾ مولانا حفيظ الرحمان بهاولپوري ١٣٤٣هہ ۾ لکيو. هن ڪتاب ۾ رياست بهاولپور جي حڪمرانن سان گڏ سنڌ جي ڪلهوڙن حاڪمن جو بہ سرسري ذڪر آيل آهي. هي ڪتاب ڇپيل آهي ليڪن اڻلڀ آهي.

٦٨- صادق التواريخ:- هي تاريخ مرزا اشرف گورگاني جي لکيل آهي. هن ۾ رياست بهاولپور جي حڪمرانن سان گڏ سنڌ جي ڪلهوڙا دؤر تي بہ ڪافي مواد شامل آهي.

٦٩- تاريخ مراد:- هي ڪتاب ٻن جلدن ۾ سيد مراد شاهہ سابق وزير اعظم بهاولپور جو لکيل آهي. هن

ڪتاب جو پهريون جلد ڇپيل آهي ۽ ٻيو جلد اڃان تائين ڪونہ ڇپيو آهي. هن ڪتاب ۾ بہ رياست بهاولپور جي تاريخي احوال سان گڏ سنڌ جي ڪلهوڙا دؤر متعلق بہ تاريخي احوال موجود آهي.

70. Punjab States Gazetteers, Vol: XXXVIA Bahawalpur State:-

هي ڪتاب ۱۹۰۴ع ۾ لاهور مان ڇپيو هو. هن ۾ رياست بهاولپور جي تفصيلي احوال سان گڏ سنڌ جي ڪلهوڙا دؤر متعلق بہ ڪافي مواد شامل آهي.

۷۱-جنگ نامہ:- هي فارسي مثنوي بنده علي متخلص "علي" جي لکيل آهي. هن متعلق مولانا غلام رسول مهر لکي ٿو تہ "هي مرزا باقر گُرجي جو پٽ هو. هن هي مثنوي عبدالنبي ۽ عزت يارخان جي جنگ متعلق لکي آهي." ۰(۱۷)

## حوالا

(۱) ميان نور محمد عباسي: "منشورالوصيت ودستورالحڪومت" (ايڊٽ، پير حسام‌الدين راشدي) صفحو ۸ -۲۶ مقدمو. ڇاپو پهريون ۱۹۶۴ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

- مولانا غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر" ڀاڱو پهريون (ترجمو، ابن حيات پنهور ۽ شمشيرالحيدري:) صفحو ۱۰-۲۰، ڇاپو پهريون ۱۹۶۳ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(۲) ناز سنائي: "سنڌ جي تاريخ جا ماخذ"، صفحو ۳۳، ڇاپو پهريون ۱۹۸۹ع، سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد.

- پير حسام‌الدين راشدي، "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون،" صفحو ۷۳۶، ۷۳۷، ڇاپو پهريون ۱۹۸۱ع، انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي.

(۳) "منشورالوصيت و دستورالحڪومت"، صفحو ۲۶، ۲۷.

(۴) ساڳيو ڪتاب، صفحو ۲۰ ۽ ۳۰

- "سنڌ جي تاريخ جا ماخذ"، صفحو ۳۵.

- "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون"، صفحو ۷۳۸.

(۵) "تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر" ڀاڱو پهريون (سنڌي ترجمو) صفحو ۱۴.

(۶) ساڳيو ڪتاب، صفحو ۱۳، ۱۴

- "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون"، صفحو ۷۴۳.

- "سنڌ جي تاريخ جا ماخذ"، صفحو ۴۲.

(۷) ساڳيو ڪتاب، صفحو ۳۴ ۽ ۷۳، ۷۴.

- "تاريخ سنڌ، جلد ڇهون، ڪلهوڙا دؤر" ڀاڱو پهريون (سنڌي ترجمو) صفحو ۱۵- ۱۶

- "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون"، صفحو ۷۳۷.

- پير حسام‌الدين راشدي: "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون" (مرتب، غلام محمد لاکو) صفحو ۱۵۰-۱۵۱. ڇاپو پهريون ۱۹۹۲ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

- محمد پنهل ڏهر: "پير حسام‌الدين راشدي جا اڻڇپيل ڪتاب" (مقالو) ماهنامہ "پيغام" ڪراچي، ماهہ اپريل مئي ۱۹۹۳ع.

(۸) "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون"، صفحو ۷۴۱، ۷۴۲، ۷۵۲، ۷۵۴ ۽ ۷۵۵.



Gul Hayat Institute

- "سنڌ جي تاريخ جا ماخذ"، صفحو ۴۰، ۵۳، ۵۶ ۽ ۵۷.
- "تاريخ سنڌ جلد ڇهون، ڪلهوڙا دؤر" پاڱو پهريون (سنڌي ترجمو) صفحو ۲۲- ۲۵
(۹) ميرزا عباس علي بيگ (مرتب) "ڪُليات سيد ثابت علي شاهه ڪربلائي"، صفحو ۴۷۱- ۴۸۴، ڇاپو پهريون ۱۹۸۴ع، اسلامڪ ڪلچر اينڊ ريسرچ سينٽر ڪراچي.
"ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون"، صفحو ۷۴۶، ۷۴۷.
-"سنڌ جي تاريخ جا ماخذ"، صفحو ۴۶.
(۱۰) ساڳيو ڪتاب، صفحو ۳۵ کان ۵۳ ۽ ۷۶ کان ۸۱.
"ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون"، صفحو ۷۳۷ کان ۷۵۱.
- "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون"، صفحو ۱۵۲ کان ۱۵۸.
- "تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر" پاڱو پهريون (سنڌي ترجمو) صفحو ۲۶ کان ۳۴.
(۱۱) "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون"، صفحو ۷۴۸.
- "سنڌ جي تاريخ جا ماخذ" صفحو ۴۸.
- مولانا غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ جلد ڇهون ڪلهوڙا دؤر" پاڱو ٻيون (سنڌي ترجمو) مترجم ابن حيات پنهور ۽ شمشيرالحيدري، صفحو ۵۹۸، ڇاپو پهريون ۱۹۶۴ع.
(۱۲) ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون"، صفحو ۷۴۰، ۷۴۱، ۷۴۵، ۷۵۲ ۽ ۷۵۳.
- "سنڌ جي تاريخ جا ماخذ"، صفحو ۳۷، ۳۸، ۳۹، ۴۴، ۴۵ ۽ ۵۴.
ٽماهي "مهراڻ" ۱۹۸۶/۴ع، صفحو ٦٦ حاشيه، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
(۱۳) بنده کي هن مجموعي جو ڏس خود ميان نزاڪت علي عباسي ميان نصيرمحمد ڪلهوڙي جي عُرس جي موقعي تي خيرپورناٿن شاهه ۾ ۲۰ مئي ۱۹۹۴ع تي ڏنو هو.
(۱۴) مولانا محمد صديق مائر (مرتب): "انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي لئبرريءَ ۾ موجود قلمي نسخن جي فهرست"، صفحو ۳۰، ڇاپو پهريون ۱۹۷۷ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
(۱۵) مرزا عباس علي بيگ: "خدايارخاني ميان سرفرازخان عباسي"، صفحو ۱۷۰- ۱۷۱ ڇاپو پهريون ۱۹۸۰ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
(۱٦) "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون"، صفحو ۳۵۰ - ۳۵۲.
(۱۷) مولانا غلام رسول مهر: "تاريخ سنڌ جلد ڇهون، ڪلهوڙا دؤر"، پاڱو ٻيون، صفحو ۷۸۱، ڇاپو پهريون ۱۹۵۸ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

Gul Hayat Institute

نظامالدين ڪوسو

# نئين نُل جا پُراڻا گُل

## (اُنڙواهہ ريلوي اسٽيشن جو احوال)

اٺويهين صدي ختم ٿيڻ سان ئي انگريزن اُتر سنڌ فرنٽيئر ضلعي ۾ جيڪب آباد کان ڪشمور تائين ريلوي جي ڇوٽي لائين تيار ڪري وڏو احسان ڪيو هو. آمدرفت جي وڏي سهوليت ڪري ڇڏي هئائون. موٽر لارين جو زمانو ڪونہ هو. سفر لاءِ گهوڙا ڪم ايندا هئا. پر ڪشمور کان جيڪب آباد تائين وهڻ تي ويهي اچڻ وڃڻ ڏاڍي ڏُکي ڳالهہ هئي. ريل جاري ٿيڻ تي وڏي آسائش ٿي پيئي. جيڪب آباد مان هڪڙي ٽرين صبح سان هلندي هئي ۽ ڪشمور تان بہ هڪڙي گاڏي سويل ئي رواني ٿيندي هئي. انهن جون انجڻيون ڪوئلي تي هلنديون هيون. ڪوئلو پاڻيءَ کي ٻڙڪائي ٻاڦ تيار ڪندو هو، جنهن وسيلي انجڻ جا ڦيٿا ڦِرندا هئا.

انهن ريلن جي رفتار ڏهاڪو ميل في ڪلاڪ هوندي هئي. پاڻيءَ جون وڏيون ٽانڪيون هونديون هيون انجڻين جون، جن جي دوباره ڀرڻ لاءِ ڪنڊڪوٽ ۽ نل اسٽيشنن تي بندوبست هوندو هو. انجڻ کي پاڻيءَ جي گهرج جلدي ٿيندي هئي جو ٻاڦ ٿيڻ سبب سندن پاڻي کپيو پئي ويو. انجڻ ۾ ڪوئلي جو گهرج آهر ذخيرو وجهندا هئا، پر ٻير جا ٻُند ٽڪر ڪري: اُهي بہ علحده انجڻ جي خاص حصي ۾ رکندا هئا، جو ٻير جي ٻُنڊن مان تيار ٿيل ٻاهہ تکي ٿيندي هئي ۽ ٻاڦ جلدي پيدا ٿئي تہ ريل جي رفتار ۾ ڪجهہ اضافو ٿيندو هو. هي ريل گاڏيون "سُرنديون پُرنديون" ۽ "منڊڪ منڊڪ" ڪنديون، "ڪوڪان" ڇڏينديون، اچي "ٽيشڻ" تي رسنديون هيون. بروچن ريل جو نالو ئي "منڊي ريل" رکيو هو. بروچ ٻولي ۾ "ٽيشڻ" تي ڪافي دير بيهنديون هيون ۽ ساهي پٽي پوءِ روانيون ٿينديون هيون. هر گاڏي صبح جو ماڳ نڪري شام جو وڃي منزل پهچندي هئي. هلندي تہ آهستہ آهستہ رفتار سان پر پُڄاڻي ڏينهڪ. ڪڏهن بہ رڻ ۾ رولو ڪونہ ڏيندي هئي، نڪي وقت کان پوءِ پُڄندي هئي. اها ٽرين هميشہ مناسب تعداد موجب مسافرن جي گاڏن واري هوندي هئي. سوڙهہ ۽ هڪٻئي مٿان لٽون رکي مسافر ڪونہ ويهندا هئا. منجهس هڪ بوگي فرسٽ ڪلاس ۽ سيڪنڊ ڪلاس تي مشتمل هوندي هئي. هڪ طرف فرسٽ ڪلاس تہ ٻئي طرف سيڪنڊ ڪلاس، انهن تي چڙهڻ لاءِ دروازا گيلري ۾ هوندا هئا. اڄ ڪلهہ جي ڊبن وانگر در ٻاهران ڪونہ هوندا هئن. آبرومند انسانن لاءِ ڦيريائين گيلري يا برآمدي نموني نهيل جهنگلي وارو حصو هوندو هو. ٻوتار ڦيريائين ڏاڪي تي پير رکي انهيءَ گيلري نما جاءِ تي پهچي ساهي ڪري پوءِ اندر گهڙي جاءِ والاريندا هئا. ساهي ضرور ٻاهر پٽي پوءِ اندر ٿيندا هئا، جو اندر اڳ ۾ ويٺل مسافر سڀ آذرياءُ لاءِ اٿي بيهندا هئا. نئين آيل کي هرهڪ سان پاڪرين پئي ملڻو پوندو هو، جنهن لاءِ سنڌس تازو توانو هجڻ لازمي هو. انهيءَ بوگي کان پوءِ هڪ تمام ڊگهو ڊبو "انٽر ڪلاس" جو هوندو هو. اهو بہ نهايت ڪشادو، آرامده سيٽن وارو هوندو هو. ان ۾ اتڪل سانيڪو ماڻهن جي لاءِ ڪشادگي هوندي هئي. انهيءَ گاڏي سان بلڪل گڏ ٻي بوگي هوندي هئي، جنهن جا ٻہ حصا هوندا هئا، جنهن جو انٽر ڪلاس وارو حصو لازمي هن انٽر ڪلاس سان مُلحق هوندو هو. اهو حصو "زنانہ انٽر ڪلاس" لاءِ مقرر هو. ان جي ٻاهران هڪ عورت جي تصوير اڪريل هوندي هئي پر ڏاڍي سينگاريل ۽ خوبصورت، ۽ انهيءَ جي ٻئي پاسي وارو حصو "ٿرڊ ڪلاس زنانہ" هوندو هو. اُن جي در ٻاهران بہ عورت

جي تصوير اڪريل پر غريباڻي حال واري صورت سان. انهن خاص بوگين کان پوءِ به وڏا ڏگها ڇڪڙي نموني گاڏا ڪاٺ جي تختن سان "ٿرڊ ڪلاس" جا هوندا هئا. سامان، ٽپال، مال يعني ساهه واري جانور وغيره کان علاوه گارڊ جي ويهڻ لاءِ به هڪ ٻي بوگي ۾ بندوبست هوندو هو. سامان لاءِ سائو، ٽپال لاءِ ڳاڙهو ۽ ساهه وارن لاءِ سيخن لڳل رنگ دار جُدا جدا حصو هوندو هو. پوليس جو اُن زماني ۾ گاڏو وغيره ڪونه هوندو هو، نڪي ڪو پوليس وارو ٽرين سان هلندو هو. ٽرين لاءِ هڪ گارڊ ڪافي هو. سندس رعبدار وردي ۽ ٽوپيءَ جو وڏو ڏِڪ هوندو هو. جهنڊي ۽ سيٽي سندس هٿيار هئا. اها هئي انهي جيڪب آباد ڪشمور هلندڙ ريل جي صورتحال. ايترن مختصر ڏٻن سان هلي پوندي هئي. اها آرامده صورت سن ١٩٤٠ع تائين قائم رهي، تنهان پوءِ انگريزن کي "جنگ جي پيڙ" ۽ آزاديءَ جي آوازن "ڪئٽ انڊيا" وغيره هٽي هيٽو ڪري وڌو. پوءِ ريل جي به اُها رفتار نه رهي، نه ڪي ٽڪيٽن وٺڻ جي عادت رهي. ماڻهو بنا پڇا جي، بنا ضابطي جي ريل ۾ چڙهڻ لڳا. خود ريلوي نظام ۾ خرابي پيدا ٿي. انجڻيون پراڻيون ٿي ڏگ تي بيهڻ لڳيون. ڪڏهين وري ڊرائيور ۽ گارڊ کي ڪانين جي پريءَ تي ريل رستي تي بيهارڻ پئجي ويندو هو. ڊرائيور ۽ گارڊ به آخر انسان هئا. ڪين رڌپچاءُ لاءِ لڪڙ جي گهرج پئجي ويندي هئي. ٻڪريءَ يا ڳئون لاءِ گاهه پَني جي ضرورت اُن کان علاوه، سو ماڻهن به محسوس ڪري وڌو هو. "ڪاني جي پري" يا "گاهه گڏو" ڏيکاري هر جڳهه اسٽاپ ڪرائي وجهندا هئا. اهو سڄو ڪهاڻد آزاديءَ جي آواز اُٿڻ کان پوءِ شروع ٿيو. سيڪو ڇُڙواڳ ۽ آزاد ٿيڻ لڳو.

اُنڙواهه ريلوي اسٽيشن انهيءَ لائين جي درمياني ريلوي اسٽيشن هئي. ٻنهيءَ گاڏين جو "ڪراس" هميشه منجهند مهل ان اسٽيشن تي هوندو هو. اُن زماني ۾ اسٽيشن تي ڪي اسٽال ڪونه هوندا هئا، جنان ڪاڌ خوارڪ جي چيز مُيسر ٿئي. سرڪاري طرح فقط نل ۽ ڪنڌڪوٽ اسٽيشن تي پڪوڙا ۽ مانيءَ جو ريڙهيون رکڻ جي اجازت هئي. "ٽي اسٽال" جو دستور ڪونه هو. عوام جو گذر سفر "پڪوڙا ماني" يا "خيراتي ڪوهرن" تي نه ٿي پوندو هو پر اميرن ۽ شُرافن لاءِ "پڪوڙا" ۽ "ڪوهر" کائڻ "معيوب" هوندو هو. اهي يا نه گهران ڪجهه ساڻ کڻندا هئا يا ٻُڪون ڪيندا وجي منزل پهچي کاڌو کائيندا هئا. منهنجي والد صاحب جا دوست واقفڪار جڏهين انهيءَ ريل ۾ سفر ڪندا هئا نه هڪ به ڏينهن اڳ ۾ اطلاع ڪندا هئا. پوءِ مقرر تاريخ تي ابو مرحوم، گهران ماني تيار ڪرائي اسٽيشن تي موڪليندو هو. ڪڏهين پاڻ به دوستن سان "چار چشمي" ڪرڻ لاءِ ويندو هو. ٻنهي گاڏين ۾ سفر ڪندڙ اهڙن دوستن لاءِ ماني چڱي موڪليندو هو. اسٽيشن اسان جي زمينن ۾ ٻي آهي ۽ ڳوٺ کي به ويجهو، سو پنڌ پري ڪونه لڳندو هو. ماڻهو جهٽ پلڪ ۾ ماني پهچائي ڏيندو هو. ان زماني ۾ موجوده ٽفن باڪس جهڙا ٿانو نه هوندا هئا، سو وڏي دسترخوان ۽ ڪُٽ جا وڏا ڏاڪوان ٻوڙ لاءِ ۽ ٽامر چينيءَ جون بيضوي نموني ڏگهيون ڏِڪ سان پليٽون چانورن لاءِ مستعمل هونديون هيون. برڪت پريو زمانو هو، موڪليل طعام سيني کي ڪافي ٿي پوندو هو. ٻيئي گاڏيون چڱو وقت بيهنديون هيون. جو جيڪب آباد مان مني پاڻيءَ جي ٽانڪي هر روز ايندي هئي. هڪ ٽرين اها آڻيندي هئي ۽ ٻي ٽرين مان خالي ٿيل ٽانڪي واپس نيڻ لاءِ انجڻ کي ڪڏي ٽانڪي ڇڪي آڻي پوندي هئي. ٽانڪي ڇڏڻ ۽ ڳنڍڻ لاءِ ٻئي انجڻيون ڪم ڪنديون هيون، جت "گئنگ مين" يا عام بروچ ماڻهو چوندا هئا نه "ريل پئي چند ڪريندي هي." انهيءَ "چند" ۾ وڏو وقت لڳي ويندو هو، سو ڪاڌي جا ٿانو به انهيءَ عرصي اندر خالي ٿي ويندا هئا. ماڻهو ٻنهي گاڏين لاءِ ڌار ڌار موڪليل هوندا هئا سي سنڀاري ٿانو کڻندا هئا.

پاڻي پيارڻ لاءِ هر اسٽيشن تي معقول بندوبست هوندو هو. مسلمان مسافرن لاءِ "مسلمان ڀشتي" ۽ هندو مسافرن لاءِ "هندو ڀشتي" ريلوي طرفان ملازم رکيل هوندا هئا. پاڻيءَ جو ذخيرو نه سيمينٽيڊ ٽانڪيءَ ۾ هروقت

Gul Hayat Institute

گارڊ يا قادياني ٽڪيٽ چيڪر عموماً رشوت کان پري ڀڄندا هئا. اول زماني ۾ اسٽيشن ماسٽر بہ عموماً هندو هوندا هئا، جيڪي نهايت هوشيار، نهايت نماڻا، نهايت ملنسار ۽ شريف الطبع هوندا هئا. آزاديءَ کان ٿورو اڳ مسلمان اسٽيشن ماسٽر تيار ٿيندا پرتي ٿيا. اسان جي انڙواهہ اسٽيشن تي غالباً ١٩٤٤ع ۾ پهريون مسلمان اسٽيشن ماسٽر آيو، جنهن اچڻ سان مسيت سڳوري بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مون کي بہ انگريزي پڙهڻ لاءِ مدد ڪيائين. پهريان هڪ بہ سبق هن کان ورتم. اهو ڏينهن ۽ اجوڪو ڏينهن، بس اُهي بہ سبق پڙهيم، جن سان انگريزي اکر سڃاڻڻ ايندا اٿم، باقي ٿيو سڀ خير. ماڻهو منهنجا اکر ڏسي سمجهندا آهن تہ آءٌ ضرور ڪنهن ڪاليج جو ڪڙهيل آهيان، پر حقيقت ۾ انهيءَ بابو صاحب جي ڏنل ٻن سبقن کان وڌيڪ پڙهيوئي ڪونہ آهيان. خير هيءَ ڳالهہ تہ ائين درميان ۾ ڳالهوڙو ٻڌائي رکيم، پر اصل ڳالهہ تہ ريل جي بابو صاحبن جي هئي تہ ان زماني ۾ تعليم ۾ هندو اڳيرا هئا. مسلمان مسيت منجهان پڙهي نڪرندا هئا. مدرسن جو رواج بہ ڪونہ هو، مسلمانڪا ٻار مسجد جي اندر پڙهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن آخوندن کي "مسيت" ڏوارٽي پئجي ويندي هئي.

اسٽيشن تي ريلوي جي وڏي يعني هيڊ کي "بابو صاحب" سڏيو ويندو هو. ٻيو عملو ڪجهہ هن طرح جو هوندو هو: بہ ڪانٽي وارا، هڪ صفائيءَ وارو (سُويپر)، هڪ چابيءَ وارو، بہ پاڻيءَ وارا (هڪ هندو بهشتي ۽ هڪ مسلمان بهشتي) ۽ هڪ جهليءَ وارو. اهو سمورو عملو گهڻو ڪري ٻاهران جا ماڻهو ايندا هئا. ان دؤر ۾ مقامي ماڻهو کي فقط "گئنگ مئن" ڪري ڪٺندا هئا، باقي اسٽيشن جي عملي لاءِ مقامي ماڻهو کي ناموزون (اڻ فٽ) سمجهبو هو. ابتدائي دؤر ۾ اسٽيشن ماسترن جي رهائش لاءِ اسٽيشن جي آفيس سان گڏوگڏ ڪوارٽر ڳنڍيل هوندو هو. آفيس ۽ رهائش جي درميان فقط هڪ در اندران هوندو هو. ٻنهي ريلن جي وچڻ کان پوءِ بابو صاحب واندو هوندو هو. ڪڏهين ڪا تار ايندي هئي تہ اول ان لاءِ گهنٽي وڄندي هئي تہ بابو صاحب گهران نڪري اچي تار کي ٽِڪ ٽِڪ ڪري پنهنجي موجودگيءَ جو پيغام پڄائيندو هو. هندو اسٽيشن ماسٽر فرصت ۾ دوا درمل جو ڪم بہ ڪندا هئا. اهو ڏنڌو ڏوڪڙن ڪمائڻ خاطر ڪونہ ڪندا هئا. هو آيرويدڪ سٽيون ڦڪيون رکندا هئا. ڪو ماڻهو مريض ٻڌجي وٽس دوا گهرڻ ايندو هو تہ اُن دوا کي "دان" ڪري ڏيندا هئا. "ميان مسلمان! چاق ٿي دعا ڪجانءِ،" چئي روانو ڪري ڇڏيندا هئا. ننڍي لاڪون مون کي ڪن ۾ ڏاڍو سور پوندو هو. ڪجهہ سال تڪليف ۾ هوس. هڪ دفعي ڪو جاٽو بابو بدلي ٿي آيو. منهنجو سئوٽ مون کي ڪنهن شهر علاج لاءِ وٺي هليو تہ ريل ذريعي ڪنهن طرف وڃجي. سور ڏاڍو هو سو مون پئي رنو. اسٽيشن تي بہ رئندو رهيس. بابو صاحب پڇيو تہ هي چو ٿو روئي؟ ادي چيس تہ هن جي ڪنن ۾ سور آهي. ڪن پچي پيا اٿس، گند بہ وهيس ٿو. اهو ٻُڌي بابو صاحب چيو تہ اجهو ٿو هن جو سو. ختم ڪريان. گهر وڃي ٿوري دير کان پوءِ ڪپهہ ۾ ڪا دوا ٻوڙي ڪٽي اچي مون کي ٻنهي ڪنن ۾ اها ڪپهہ ٻوڙي دوا وڌائين. اُن مهل ئي اتي جو اتي سور ختم ٿي ويو. مون کي ٻئنچ تي ننڊ وٺي ويئي. ادو مون کي واپس گهر وٺي آيو. بابو جي ڏسيل دوا هڪ بہ ڏينهن استعمال ٿي تہ سڄو روڳ لهي ويو! دوا ڪهڙي هئي؟ سا هيءَ تہ جانيي جو ڪڙو تيل ڏيئي ۾ وجهي ڪپهہ جي وٽ ناهي، ان کي تيل ۾ رکي، باهہ ڏيئي، تيل کي سَهڻ جهڙو گرم ڪري ڪن ۾ وجهي آرام ڪجي. مان اڄ بہ گهڻن ٻارن کي اهو استعمال ڪرائيندو آهيان، ڪين آرام اچي ويندو آهي.

اسٽيشن ماسٽر صاحب جي رهائش جاءِ کان پوءِ انهيءَ آفيس بلڊنگ کان ڪجهہ وِٿيرو هڪ ڏگهي پر تمام ڏگهي جاءِ نهيل هئي. اُن ۾ هڪ يا ٻن ڪمرن جا لاڳيتا ڳنڍيل ڪوارٽر نهيل هئا. ٻيو سڄو عملو انهن ڪوارٽرن ۾ پنهنجي ٻارن سوڌو رهندو هو. انهيءَ سڄي ڏگهي جاءِ جي اڏاوت اهڙي نموني جي ٿيل هئي جو اونهاري ۾ نهايت ٿڌي

آرامده رهندي هئي. ٻاهرين تپش اندر اصل ڪانه پهچندي هئي.

انڙواهه ريلوي اسٽيشن کي ڪراسنگ سبب اهميت هئي. اتي منهنجي والد صاحب پنهنجي لوڪلبورڊ جي ميمبري ذريعي هڪ عاليشان پڪي عمارت مسافرخاني لاءِ لوڪل فنڊ مان ٺهرائي هئي، جنهن کي وڏو ڪوٽ ۽ وڏو دروازو به ڪمپائونڊ وال لاءِ ڏنل هو. گهڻي عرصي کان پوءِ مون به چيئرمن جي حيثيت ۾ به دفعا ان جي مرمت ڪرائي. اُن وقت ريلون رات جو به هلڻ لڳيون هيون، سو مون مسافرن جي سهوليت لاءِ ڪنولا، ٻتيون ۽ تڏا به رکايا هئا.

انڙواهه تي پهريون مسلمان اسٽيشن ماستر شڪارپور جو شيخ غلام محمد صاحب مقرر ٿي آيو، جنهن جو ذڪر مٿي آيو آهي. سندس ٺهرايل مسجد شريف اڄ به چڱي حالت ۾ آهي. ٻروچ ڀري کان ٻيهي هٿ ٻڌي "مائي مسيت پڙدو ڪجانءِ" چئي پوءِ ريل ڏانهن ڏسندا آهن. مسجد سڳوري وري به الله سائينءَ جو گهر آهي، سا سلامت آهي، باقي مسافرخاني جو حال هاڻي ڏاڍو هيٺو آهي، پر اڃان ڏک ڏيون ٻينو آهي. جي مرمت ٿئيس ته اڃا به ڪي سال وري ٻيا به ٻينو رهندو.

انڙ واهه تي ريلوي جي تار پبلڪ تار آفيس جو ڪم ڏيندي هئي. پبلڪ ٿوري خرچ سان اُن مان فائدو وٺندي هئي. هتان جي تار هڪدم پهچندي هئي. ريلوي وارن جو اهڙو انتظام هو جو اها تار بروقت ۽ جلدي سان وڃي مالڪ کي پڄائيبي هئي. اُن ۾ ڪو وقت گهٽو ڪونه لڳندو هو، وڏ ۾ وڏ ٻن ڪلاڪن اندر اها تار سڄي ملڪ ۾ پهچندي هئي ۽ جلد ۾ جلد مالڪ وٽ به پُڄندي هئي. ٻروچ چوائي: "واه ڦلنگي! تنهنجو هُنر، جو چوڏا به پيا ڳالهائين!" اسٽيشن ماستر به علائقي جو "وڏو هڦسير" سمجهبو هو. بنا اجازت سندس آفيس ۾ ڪوبه لنگهي ڪونه ويندو هو. ماڻهن ۾ سندس عهدي جي وڏي عزت هوندي هئي.

اسٽيشن انڙواهه تان تَر جا چڱامڙس ريل ۾ چڙهڻ لاءِ پهچندا هئا ته اسٽيشن ماستر اُنهن جي عزت ڪري کين آفيس اندر وٺي وڃي ڪرسين ۽ بئنچن تي ويهاريندو هو. کين مانائتي نموني پڪي (جهلي) هيٺ ويهاري، پاڻيءَ ۽ پاڻي پيش ڪندو هو. پاڻي "سڃي مصري" جي "ٺوٻارن" سان ضرور مِٺو ٿيل هوندو هو. چانهه ۽ بسڪوٽ جهڙي مهانگي مهمانوازي جو دستور ئي ڪونه هو.

انڙواد تي ريلوي طرفان پاڻيءَ جي بندوبست جو ذڪر اڳ ئي چڪو آهي. ان کان علاوه ڪن "هندو داني پُرشن" پاران به مَٽن ۽ "ڪوهرسيا" جو بندوبست هوندو هو. هُو ڪنهن اعتبار جوڳي مسلمان کي چٽا حوالي ڪندا هئا ته هو روزانه ريلن جي مهل تي "ڪوهر" ڪري اڃي مسافرن ۾ ورهائي. ان لاءِ کيس معقول مزوري به ملندي هئي. اهو ڪم هندن طرفان ٿيندو هو. مُسلمان کي اڃان توفيق ڪانه ملي هئي، جو پنهنجي پيٽ پالڻ کان وڌيڪ ڪجهه هجيس ته وٺي خيراتون ڪندو.

Gul Hayat Institute

جيڪب آباد کان ڪشمور تائين ريلوي لائين سان گڏوگڏ لوڪلبورڊ جي ڪچي سڙڪ به هوندي هئي، جنهن جي سڌاري لاءِ بورڊ طرفان بيلدار مقرر ٿيل هئا. بيلدارن کي ڪوڏر، جهنڊي ۽ پاهوڙو سان رکيو پوندو هو. بورڊ طرفان سڙڪ تي ڪک وڇائڻ لاءِ سَرن جي پَنن جون گاڏيون ڀري آڻي رکڻ لاءِ هرسال ٺيڪا ڏبا هئا. بيلدارن کي حڪم هو ته انهن ڪکن جي حفاظت ڪن ۽ سال تائين آهستي آهستي ڪري سڙڪ جي جهاڪن ۽ مٽيءَ جو بچاءُ ڪرڻ واسطي اهي ڪک وڇائيندا رهن.

انڙ واهه تي لوڪلبورڊ جي ريسٽ هائوس سبب ڪڏهن ڪڏهن بورڊ جو چيف آفيسر صاحب به اچي منزل انداز ٿيندو هو. چيف صاحب جو دؤرو اوچتو ٿيندو هو، سو بيلدار هميشه حاضر رهندا هئا ۽ رستي کي سٺي حالت ۾

رکيون ايندا هئا. انهيءَ سڙڪ سان لاريون بہ هلنديون هيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن سردار يا گُردار (جنهن وٽ موٽر هجي تہ) جو بہ پنهنجي َموٽر تي گذر ٿيندو هو. بيلدار ڪين پري کان ڏسي سلام لاءِ نوڙي بيهندا هئا ۽ موٽر جي گذري وڃڻ کان پوءِ سڌا ٿي بيهندا هئا. ڪين اهو ڏر هوندو هو تہ متان پريزيڊنٽ صاحب پاڻ موٽر ۾ اچن پيا، يا ڪو بورڊ جو مکيہ "مُمبر صاحب" نہ هجي، سو ادب ۽ خيال ضروري آهي. سڙڪ جي حالت آزاديءَ تائين سٺي رهي. سياسي ليڊر عوامي دؤرن تي نڪرندا هئا تہ سڙڪن جي سُٺي حالت سببئون موٽرن تي نڪري پوندا هئا. پنڊت جواهرلعل نهرو بہ هڪ دفعي جيڪب آباد کان ڪشمور موٽر ذريعي هن سڙڪ سان سفر ڪيو هو. هڪ دفعي صوبہ سنڌ ڪانگريس جي صدر ڊاڪٽر چوئٿرام بہ انهيءَ سڙڪ سان سيٺ ماڌوَ داس سان گڏ سفر ڪيو هو. شجري بگٽي موٽر جي ڊرائيونگ ڪري رهيو هو. اتفاق سان مان بہ اسٽيشن انڙواه تي بيٺو هوس تہ هنن اچي موٽر جهلي. لهي "هندو مٺن" مان پاڻي پيتائون. شجري سنڌن واقفيت مون سان ڪرائي. ڊاڪٽر صاحب ڏاڍي پيار ۽ چاهہ سان ڀاڪر پائي مليو. مون کي چيائين تہ "چڱو ٿيو جو تون ڪونہ پڙهين، نہ تہ تون بہ پاڻ [محمد امين کوسي] وانگر وتين ها ڳوٺ ڳوٺ ڇڏيون جنگيون ڪندو!"

زماني جا ڦيرا آهن. انڙواه جو پنهنجو نالو بہ زماني جي دستبرد کان بچي نہ سگهيو. بروچن کي موقعو مليو تہ هٽي نالوئي مٽائي ڇڏيائونس. نالو مٽيو تہ حالت بہ تبديل ٿي ويئي. بروچڪو نالو پنهنجو اثر جلدي ڏيکارڻ لڳو. انڙواه جو اڳيون اوج سڄو ختم ٿي ويو. نڪي اُهي ٿڌا مٽ، نڪي تار، نڪي ٽپال جو ڪو بندوبست، نڪي ٽيليفون سسٽم صحيح -مطلب تہ سڄو سلسلو ئي هڪ سَٽ سان پساهہ پورو ڪري ويو!

حقيقت ۾ آزاديءَ کان پوءِ هن لائين سان ريلوي جو سڄو نظام درهم برهم ٿي چڪو آهي. لائين سان هلندڙ ٽرين خساري ۾، گاڏين جي حالت خستہ، رفتار ۾ بہ ڪا رواني ڪانہ، نہ وقت نہ ويلو. آمدرفت "اڻ جاڻايل" ۽ "بي يقينو" ۽ "بي مهلو". ڪڏهن چار ڪلاڪ تہ ڪڏهن چوڏهن گهنٽا ليٽ. انهيءَ حالت هيٺ ڪهڙو اشراف ريل چڙهڻ لاءِ اسٽيشن تي ايندو؟ اسٽيشن جي آفيس اوباشن جي آماجگاه، اسٽيشن ماسٽر پاڻ ٽيبل تي اوڪڙو ويٺل آزار ۾، سنڌس ڪرسيون ميزون اوباشن جي حوالي. فقط ٽيبل واندي اُن تي بابو صاحب ويٺو هوندو. نہ ٽڪيٽ وٺڻ وارو نہ ٽڪيٽ پڇڻ وارو. نہ "ٿڌا گهڙا" نہ "گهڙا منجي"، ٽانڪي بہ ڪربلا وارو ڏيکاءُ ڪيون پئي آهي. هاڻ هن "ٽيشڻ" تان اويل سويل فقط هنان جا گولا قوم جا ماڻهو ريل چڙهڻ لاءِ ايندا آهن. گهڻو ڪري ايندا ٽولا ٽولا ڪري ۽ زالين مُڙسين. ريل پل چار ڪلاڪ ليٽ هجي پر گولا بي سواريءَ جا عادي نہ آهن. اهڙين ويگنن ۽ ڊاٽسنن ۽ لارين جهڙين سهنجين مگر مهانگين سوارين ڏي واجهائين بہ ڪين. ريل جو سپاهي سهنجو لڳندو اٿن. روپيو ڏيڍ اُن کي ڏيئي ڪُڪڙ سوڌو چڙهي پوندا ريل ۾. وڃي منزل رسندا. ڪُڪڙ جا پيسا ڪائي ڪپائي وري واپسي ساڳيءَ ريل ۾ ڏيڍ روپئي ۾، پوءِ هروبرو ڏهہ روپيہ ڏيئي ڊاٽسن تي ڇو چڙهن! ريل ۾ ٽن روپين مان ڪُڪڙ سوڌو اوٽ موٽ جو سفر ڪين سهنجو لڳندو آهي.

ڊراءِ بئٽريءَ تي ريڊيو نئون نئون نڪتو هو. اُنڙواهہ جي اسٽيشن ماسٽر اهڙو سيٽ وٺي آڻي رکيو. مون وٽ ريڊيو ڪونہ هو (حضرت امين الملت رح جي اجازت نہ هئي)، سو مولانا احتشام‌الحق ٿانوي جي روز نشر ٿيندڙ درس قرآن ٻڌڻ لاءِ روزانہ صبح جو پنڌ ڪري وڃي اهو ٻُڌندو هوس. اسٽيشن ان زماني ۾ نهايت عاليشان حالت ۾ هئي، هينئر ويرانو پئي نظري. مون کي ڪي سال ٿيا آهن جو اسٽيشن تي ڪونہ ويو آهيان، حالانڪ ڳوٺ کان ٻن ميلن جي پنڌ تي آهي. مون کي هينئر اها خبر بہ ڪانہ پوندي آهي تہ اسٽيشن ماسٽر ڪير آهن، گهڻا آهن، ڪٿان جا آهن، نڪي



"امین الملت" ، خان محمد امین خان کوسو

Gul Hayat Institute

اُنهن جو بہ رابطو رهندو آهي. معلوم ٿيندو آهي تہ هو هميشہ اسٽيشن تي رهندا بہ ڪونہ آهن، پوءِ ڪم الائي ڪيئن هلي ٿو، سا خبر بہ ڪانهي.

"ڇوٽي لائين" وڏي پٽي تي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جلدي ٿي. ان تي وڏي انجڻ هلائڻ جو افتتاح وقت جي ريلوي وزير سردار بهادر خان ڪيو هو. هو صاحب عليگڑھ ۾ حضرت امين الملت محمد امين کوسي جو ڪلاس فيلو هو. افتتاح واري ڏينهن هن سيلون ذريعي جيڪب آباد کان ڪشمور ريل وسيلي سفر ڪيو هو. حضرت امين الملت رح کيس انڙواه اسٽيشن تي نيرن پهچائي هئي، جيڪا سادي بروچڪي سِجي ۽ ٻوڙ مانيءَ تي مشتمل هُئي. سردار بهادرخان ڏاڍو خوش ٿيو. سيلون جي دروازي تي اچي بيٺو، عام ماڻهن سان هٿ ملايائين. مون کي چيائين تہ "بهائي! اچها کيا جو نہ پڙها، ورنہ تم پر بهي بهائي جيسا اثر هوتا. اب گاؤن کو سدهارو، زمينون پر اچها کام کرو. امين صاحب، ميرے ليڊر کي مدد کرو." وغيره وغيره.

ريلوي جي وڏي لائين ٺهڻ سبب هينئر مال سڌو ڪراچي وڃي پهچي سگهيو ٿي. تنهن زماني ۾ سِم ۽ سيڪ نہ هئڻ سبب هن علائقي ۾ چٽن جي پيداوار ڏاڍي سني هوندي هئي. واپاري هتان ئي چٽا خريد ڪندا هئا يا زميندار پاڻ گاڏا ڀرائي T. P.Xجي بِلٽي ڪِدائي اها بلٽي هتي جو هتي وڪڻندا هئا. جڏهن سِم، سيڪ ۽ متري جو مرض شروع ٿيو تہ چٽن جي پوک کي بہ نقصان رسيو. انهن مرضن جي ماري سبب واپار بہ گهٽجي ويو، پر ڪي سال انهيءَ سلسلي هلڻ سبب هتان جا زميندار ڪافي آسوده حال ٿي ويا هئا. واپارين پڻ چڱو ڪمايو ۽ اسٽيشن ماسترن جي "مُچ مَکائي" بہ سني ٿيندي هئي.

ريل جي وڏي پٽي ٺهڻ سان ريل ڪوئيٽا کان سڌو لاهور هن لائين سان بہ هلڻ لڳي، ان سهوليت سبب ڪوئيٽا ۽ لاهور طرف بہ واپار جو سلسلو شروع ٿيو ۽ اسمگل ٿيل مال بہ پُجڻ لڳو. ڪوئيٽا ۾ چمن ۽ تفتان ذريعي اهو مال اچڻ لڳو ۽ لاهور ۾ وري پشاور باڙا طرفان ڪجهہ مال جو اچڻ آسان ٿي لڳو. انهيءَ ڪاروبار ۾ خاص ڪري بلوچستان جي واپارين گهڻو ڪجهہ ٿي ڪمايو.

اُن وقت ريل جي ذريعي "ڪُريزي مال" جي آڏ تي ايڏي سختي ڪانہ هئي. هن تر ۾ خاص طرح ريشمي ڪپڙو ۽ جرمني جون لالٽين ٻتيون عام جام ٿي مليون.

مان جڏهن خيرپور ڊويزنل ڪائونسل جوميمبر هوس، تڏهن ريلوي جو ڊويزنل سپرنٽينڊنٽ مسٽر عمر محمدمختار منهنجو واقف ٿيو. انڙواه تي "مال گدام" ۽ چوڪ ڳوٺ سامهون "هالٽ" ڪانئس منظور ڪرايم. هڪ دفعي اسپيشل ٽرين تي هن لائين سان آيو تہ سندس مان ۾ انڙ واهہ اسٽيشن تي تنبو طولان هٽي دعوت ڪيم ۽ ٻئي دفعي انهيءَ مسافرخاني ۾ کيس چانهہ پياريم. عجيب ۽ بي طمع آفيسر هو. مون کي بہ اهڙي ايماندار آفيسر جي آدرڀاءُ ڪرڻ ۾ خوشي ٿي هئي. پاڻ چوندو هو تہ "سندس ملازمت ۾ هن قسم جي دعوت، جيڪا ريلوي کاتي کان ڪجهہ بہ نفعو حاصل نہ ڪندڙ ماڻهو طرفان کيس ملي آهي سا مثالي آهي. بر ۾ بازار لڳائڻ (بنا مطلب جي) ڪا سُتري ۽ سولي ڳالهہ ڪانهي. اهو ڪم ڪو مخلص دوست يا جريو ماڻهو ڪري سگهندو."

پاڪستان کان اڳ هڪ دفعي جيڪب آباد ضلعي جو انگريز ڊپٽي ڪمشنر، ٽنگواڻي منزل انداز ٿيو. اُتان صبح جو گهوڙي تي چڙهي انڙواه طرف سڙڪ سان پڙتال ڪرڻ نڪتو. انڙواهہ تائين آيو. اُن مسافرخاني ۾ لهي حضرت امين الملت جي چانهہ پي واپس وريو. رستي سان جيڪي بہ آباد نمبر ڏٺائين، تن سڀني جي معافي ڊِل ڏيون ويو. صاحب بهادر گهوڙي سواريءَ جو ماهر هو. رڪيب ۾ پير وجهڻ کان سواءِ لانگ ورائي لهي پيو ۽ وري سوار ٿيڻ وقت بہ هني

تي هٿ رکي ٽپ ڏيئي بنا رڪيب جي سهاري چڙهي ويندو. پڙتال ڪرڻ جو به وڏو جاٺو هو. نڪتو نه ٽپيدارن جي چوري پڪڙڻ لاءِ هو، پر ايڏو نه اشراف جو انڙواهه ۽ تنگواني درميان ٽپيدارن جي ڪا چوري ڪانه ڏنائين، پر پوڪن جي حالت سنڌي نه ڏسي معافيون ڏيئي ڇڏيائين. اِها هئي آفيسري، جو حالت ڏسي ٻاٽمرادو انصاف ڪري ڇڏيائين.

ڳالهه هلي ٿي انڙواهه اسٽيشن جي، وچ ۾ انگريز ڊپٽي ڪمشنر جي رحمدليءَ جو ذڪر اچي ويو. حقيقت ۾ ريلوي انتظام به انگريزن ناهيو هو. انجڻيون ۽ گاڏا ۽ لوهي پٽڙي به انگريزن جي هنر سان تيار ٿيا، ان ذريعي سفر ڪرڻ شانائتو ٿي پيو هو. انگريزن وئي پُڄاڻا ريلوي جو انتظام اهڙو نه رهيو آهي، خاص ڪري اسان واري لائين جو ته ڊانچو ڦري ويو آ. ريل جا گاڏا پراڻا ٿي ويا آهن، منجهن نه در سلامت نه دري پنهنجيءَ جاءِ تي. نڪي گرمي، ۽ سردي کان بچڻ جو ڪو بِلو. انجڻيون به بلڪل پراڻيون ٿي، هلندي هلندي بيهجي ويندڙون آهن. اهو روز جو معمول ٿي پيو آهي.

هاڻي هر ٽرين سان حفاظت خاطر مُسلح محافظ دستا هلندا آهن، ورنه مسافرن جي ڦرجڻ جو خدشو رهندو آهي. ڪيترائي واقعا ٿي چڪا آهن. وقت وقت جي ڳالهه آهي. برانچ لائين جو بُرو حال ٿي ويو، سنو ۽ اعتبار وارو دؤر انگريز پاڻ سان گڏ پورو ڪيون ويا.

جيڪب آباد-ڪشمور لائين سان نه هاڻ نسورو ناحق آهي. ڪوبه شريف انسان ريل ۾ سفر ڪندي ڪونه ڏسبو. ڪنهن زماني ان لائين سان سفر ڪندڙ ضلعي جا معتبر، سردار ۽ اشراف ماڻهو ئي هوندا هئا. مهيني اڌ ۾ هڪ به دفعا انهن چڱن مُڙسن جو ديدار انڙواه ريلوي اسٽيشن تي ٿي وينو هو ۽ اهي سفر ڪندڙ ملوڪ ماڻهو پاڻ ۾ ريل جي سفر دؤران "حالي احوالي" ٿيندا هئا. مطلب ته سڄي ضلعي جون خبرون، ڏک سک، شاديون غمين جا معلومات ۽ موقعا پيا ملندا هئا. مون انٽر ڪلاس ۾ سفر ڪندڙ سڀاڳن انسانن کي پاڻ ۾ "خوش دُراهه" ڪندي ڏٺو ۽ "حالي احوالي" ٿيندي ٻڌو. ڪشمور کان ايندڙ ٽرين ۾ خانصاحب علي بلاول خان ڊومبڪي، حاجي شاهمراد خان ڊومبڪي، نجم الدين خان مزاري، خانبهادر چاڪرخان سُهرياڻي، سردار اسلام خان بگٽي، ولي محمدخان کوسو، سردار مير بلوچ خان ڊومبڪي ۽ سندس فرزند مير تاج محمد خان ڊومبڪي، مير قيصر خان گولاٽو جهڙا ماڻهو سفر ڪندي انڙواهه تي ڏسبا هئا. انڙواه تان وري حاجي دليل خان بنگلاڻي، سردار دوست محمد خان جکراڻي، حاجي محمد رحيم خان کوسو، خانبهادر سعيد خان رند، سردار عمر حيات خان لاشاري ۽ ابي مرحوم حاجي عبدالعزيز خان کوسي جهڙا مکڻ ماڻهو ريل ۾ سوار ٿيندا هئا. اڳتي بين اسٽيشنن تان مير بهادرخان کوسو ۽ سندس فرزند خانبهادر دلمراد خان کوسو جهڙا وڏا زميندار به انهيءَ ٽرين ۾ چڙهندا هئا. اهي سڀ موتي داڻن جهڙا ماڻهو چڙهندا "انٽر ڪلاس" ۾ هئا، جاڪاڻ ته "سيڪنڊ ڪلاس" ڪامورن لاءِ هوندو هو ۽ "فرسٽ ڪلاس" فقط "فرنگي حاڪمن" لاءِ مخصوص ٿيل هوندو هو. جڏهن لائين تي وڏي پٽي نيار ٿي نڏهن اها "مندي گاڏي" به پنهنجي تاريخ پوري ڪري وئي. وڏي لائين ٿيڻ کان پوءِ زميندار طبقو به سيڪنڊ ڪلاس ۾ سفر ڪرڻ لڳو، جاڪاڻ ته نئين ٽرين جي انٽر ڪلاس گاڏن ۾ سفر ڪرڻ عزت جهڙي ڳالهه نه رهي هئي. هي سڄو قصو ان زماني جو آهي، جنهن وقت امن امان هو، هرڪو هرڪنهن کان خوش هو: ڪنهن کي به ڪنهن سان شڪايت ڪانه هئي، "اليڪشني عذاب" اڃا ڪونه آيل هو. دليون انهيءَ "عذابي رنجشن" کان خالي هيون. ڪنهن جو ڪنهن سان ووٽن جي واسطي وارو تڪرار ڪونه هو، ڪا خودغرضي ڪانه هئي. سڀيئي ساده مزاج ۽ صافدل بروح هئا، سو ريل ۾ سفر ڪندي "پاڪرين پوڻ" ۽ "حالي احوالي" ٿيڻ لاءِ ڪا چيز مانع ڪانه هئي. نهايت صُلح ۽ امن واري ماحول ۾ محلسون ڪندا، جرچا گهبا ڪندا، سفر کي پورو ڪندا هئا. منزل

پڇي هڪ ٻئي کان موڪلائي ريل تان لهي اُن زماني جي "شڪارپوري مندم ڇاپ" ٽانگن تي چڙهي پنهنجي ماڳ تي رسندا هئا.

ڇوٽي لائين جي ئي زماني ۾ هڪ دفعي ريل ۾ سفر ڪندي مون کي پنهنجي والد مرحوم جي پڳ مٽ يار قاضي عبدالغني صاحب جي زيارت نصيب ٿي. هو ڪنڌڪوٽ کان اچي رهيو هو. مان انڙ واهه تان چڙهيس ته مون کي ڏسي پُڇيائين ته تون ڪنهن جو پُٽ آهين. مان ابي جو نالو ورتو ته اچي ڀاڪر پاتائين ته تون ته منهنجي مرحوم يار جي نشاني آهين. قاضي صاحب ڪنهن زماني ۾ هتان جي ضلعي جو تعليم کاتي ۾ ايڊمنسٽريٽو آفيسر هو. هتي ڳوٺ ۾ ڪيترائي ڀيرا آيو هو. مان اُن زماني ۾ ننڍو هوس. قاضي صاحب ڏاڍي قرب سان مليو ته مون کي سندس هتي اچڻ جو وقت ياد اچي ويو. قاضي صاحب ٻڌايو ته هو هينئر زميندارن جي پٽن کي انگريزي تعليم زوري ڏيارڻ لاءِ سڄي سنڌ تي مقرر ٿيل آهي؛ سندس هي سفر انهي سلسلي ۾ آهي. ريل جڏهن چوڪ ڳوٺ سامهون پهتي ته ڳوٺ جي ڳاڙهي بنگلي ڏي اشارو ڪري ٻڌايائين ته ڪنهن رات هن بنگلي ۾ رات جو ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي صاحب سان گڏ رهيا هئاسون. ڊاڪٽر صاحب ولايت مان پڙهي آيو هو ته سنڌ مدرسةالاسلام جي سُڌاري لاءِ سڄي سنڌ جي دؤري تي نڪتو هو ته مسلمان زميندارن کان چندو وٺي مدرسي جي حالت سڌاري وڃي ته جيئن مسلمان به تعليم ۾ "اڳيرا" ٿي سگهن. ڪشمور کان موٽر ذريعي نڪتل هئا، رات ٿي ويئي هُين. ڪين معلوم ٿيو ته خانبهادر آدم خان ڪوسو پاڻ ڳوٺ ۾ موجود آهي. خانبهادر قاضي صاحب جو واقف هو، سو ڊاڪٽر صاحب کي صلاح ڏنائين ته اوير ٿي ويئي آهي، لڙي ٿا وڃي خانبهادر جا مهمان ٿيون ۽ رات اتي گذاريون. ڊاڪٽر صاحب به رات جي ڪري وڌيڪ سفر تي هلڻ مناسب نه ڄاتو، سو سڙڪ کان لڙي سامهون انهيءَ بنگلي وٽ پهتا. خانبهادر آدم خان ڪوسي سندن وڌو آدر ڀاءُ ڪيو. قاضي صاحب ٻڌايو ته هُن ڀهراڙي نموني جي نهايت عاليشان مهماني ڪئي. نهايت اعليٰ درجي جي ماني ڪارائي. ماني بعد ڪچهري شروع ٿي. هيڪاندا ٿي فقط ٿي ڄڻا ويناسون. سياري جي رات هئي. بخاري ۾ ٻير جي بندن سان مچ ٻري پيو. خانبهادر کي خبر پئي ته ڊاڪٽر صاحب ولايت مان پڙهي آيو آهي ته ڪانئس ولايت جي ٻُڌل ڳالهين بابت پڇڻ لڳو ۽ ولايت جي "مندمن" جي "آزاد خياليءَ" بابت پڇائين. ڊاڪٽر صاحب نيڪ انسان هو. اول ته اهي سوال ٻڌي حيرانگيءَ ۾ پئجي ويو، پر مون کيس انگريزيءَ ۾ چيو ته هن جي اها ڳالهه دل ۾ نه ڪريو. هي ساده طبع ٻروچ آهي، وٽن اهڙيون ڳالهيون معيوب نه سمجهيون وينديون آهن. پوءِ ڊاڪٽر صاحب به کلي ڏنو ۽ چيائين ته "خانبهادر! آءٌ غريباڻو ٻار هوس ۽ ولايت پڙهڻ ويو هوس. اتي پڙهڻ کان ئي واندڪائي ڪانه رهي ۽ نڪي مون وٽ ڪو پئسو به وافر هو، جو ان طرف ڌيان ڏيئي سگهان. سو اُتان جي ماحول جي ڪا خبر ڪانه رکيم." خانبهادر پاڻ کُلي پيو ته ڪيس ڪراچيءَ ۾ "مندمن سان ملاقاتن" جا موقعا مليا، پر ڏاڍيون ڦڪيون ۽ بي سواديون نڪتيون. سندس ملڻ مان ڪو مزو ئي ڪونه آيو. قاضي صاحب چوڪ جي رهائش واري رات جو قصو پورو ڪيو ته مون کيس عرض ڪيو ته ابو مرحوم انهيءَ چوڪ جي جامع مسجد شريف پرسان مدفون آهي. مون کي انگريزي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق آهي، پر مون کي موقعو نه ٿا ڏين. مائٽ چون ٿا ته تون نظام الدين جي نالي سان "اولياءُ" پيو سڏجين، سو توکي "مولوي" ٿيڻ گهرجي. سو اوهان بندوبست ڪريو ته آءٌ به انگريزي پڙهان، پوءِ مولوي ٿيڻ ۾ به ڪا رڪاوٽ ڪانهي. پر اڳتي هلي قاضي صاحب جي انهيءَ عهدي به مون کي ڪو فائدو ڪونه رسايو، نڪي مولوي به ٿڄي سگهيس. فارسيءَ ۾ به هڪ اڌ بيت جون معنائون هنريت سيکاريائون ته:

ڪريمان جا ٻُجڪا ڪٿي ويا ڇهه ڇور،

به انڌا به منڊا به سنڌي لغور!

هاڻي انڙواهہ تي نالو بہ بروچڪو تہ ڪم بہ بروچڪا. نڪو ڪو ٽڪيٽ وني، نڪو ٽڏو مٽ باقي هوندو، نڪي تار نہ ٽپال جو ڪو بندوبست، رڳو دڪانن تي اوباشن جون چانهہ تي جُلهون. انهيءَ بهاني شام جو اچي گڏبا، صلاحون ٿينديون تہ اڄ رات ڪنهن جو جهڳو "مسيت" ڪرڻو آهي.

تازو ايشيا بئنڪ ذريعي روڊ نهڻ سبب بسن جا اسٽاپ بہ تيار ٿيا آهن. انتي اسٽارٽرن جو ڪم شروع ٿيو آهي. في ويگن تي ٥ روپيا هر اسٽارٽر جي "ڀهٽي" ، سو اسٽارٽرن چانو لاءِ مَنهہ ۽ چانهہ لاءِ چلها ناهيا آهن. تن جي پري ڪان وَسنوَ انڙواهہ جي "لُڪي ۾ ساهہ" وڏو آهي، نہ تہ اسٽاف ۽ اسٽيشن ماسترن جي ڪوارٽرن ۾ ڇِبون اچي جايون آڪيرا ڪن ها.

ڪنهن زماني ۾ اسٽيشن تي گئنگ مين بہ آڪهہ سوڌو رهندا هئا. هن علائقي جا "گئنگ مين" يا "گئنگ ميٽ" گهڻو ڪري جٽ قوم جا هلندا اچن ٿا. علي بخش لاشاري نالي هڪ گئنگ مئن بہ اسٽيشن جي اسٽاف ڪوارٽر مان هڪ ۾ وينو هو. سندس بہ گهر واريون هيون. هڪ تہ پنهنجي جنٽي هيس، ٻي وري لنگهي قوم مان شوق ڪري پيسا خرچي پرڻيو هو. ريلوي لائين سان ڪچي سڙڪ بہ تنهن زماني ۾ چڱيءَ حالت ۾ هوندي هئي. ان سان هڪ ڏينهن ڪا جڃ اچي گذرڻ لڳي. پنج ڇهہ بيل گاڏيون هجن. ٻهراڙيءَ جي عورتن جي عادت هوندي آهي تہ شادي مرادي ۾ جڃ سان ويندي ڪا وَسنوَ ڏسنديون تہ "ڪاڪڙو ڦاڙي" سهرو ضرور چونديون آهن. سو انهيءَ جڃ جي ماٻن بہ اسٽيشن ڏسي پنهنجو "وارو وجايو." سندن آواز تي علي بخش جون ٻئي گهر واريون ڪوارٽر مان ٻاهر اچي جڃ جو لقاءُ ڏسڻ لڳيون. جنٽي مائي چوڻ لڳي: "اڙي او ادي لنگهي! اڄ ٽيڪون مُظرا ڏيکاوان، ايهي گاڏيان ڦاٽڪ ڪنون ٽپ ڳيان تہ پڇهين ميڏا نا لڳن، جي اورون ڪجهہ ٿيا تہ آک تہ ميڏا لڳا." قدرت خدا جي، جيئن بيل گاڏيون ڦاٽڪ تي چڙهڻ لڳيون، تيئن سندن پاڃارين جون ڪليون پڃي پيون ۽ نٽ نڪري ويا. گاڏيون سڀئي اُپيون ٿي ويون. منجهن ويٺل عورتن کي ڏاڍا ڌڪ لڳا. مرڻ ڪان بچي ويون، مگر ماڳ تائين رت ڳاڙينديون ويون. هيءَ تہ هئي هڪ مائي جنٽي جي ڳالهہ، پر جٽ مرد پاڻ بہ ڪي گهٽ ڪونہ هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ هوڏ ڪري وجهندا هئا تہ هلندڙ ريل کي بہ بيهاري ڇڏيندا هئا. اهي گُنگ مين جٽ "ڪار زبانا" بہ سڏبا هئا. ڪن کي "وڃلا" سڏيندا هئا. "ڪار زبانن" جي ڳالهہ ڪاري رڪندي هئي، پر "وڃلن" جي واتان شل چڱي نڪري، اصل ماري رڪندا هئا. ريل جي سڄي لائين تي گهڻو ڪري اهي جٽ لائين جا بيلدار آهن، پر هاڻ سندن زبانن ۾ اهو اثر نہ رهيو آهي. شايد سندن حلال لُقمن ۾ ڪو ڦيرو آيو هوندو. حرام جي اثر پوڻ تي اصلي جوهر جهَڪا ٿي ويندا آهن، سو اڄ ڪلهہ جي ڪنهن "وڃلي" ۾ وڃ جهڙو اثر ڪونهي.

ڪنهن زماني يعني ۱۹۵۴ع تائين مال ۽ ٽپال جو سلسلو موڪلڻ جو ذريعو ريل هوندو هو. ٽرڪن يا N.L.C جي ٽريلرن ذريعي مال ڪونہ ويندو هو، نڪي ٽپال لاءِ ڪي سوزڪيون ايجاد ٿيون هيون. هر ٽرين سان ٽپال ۽ لگيج لاءِ جدا ڏبو لڳل هوندو هو. وڏو ۽ گهڻو بار تہ مال گاڏين ذريعي نقل و حرڪت ۾ ايندو هو. مون کي ياد آهي تہ اخبارون "مدينہ" بجنور مان، "الجميعتہ" دهليءَ مان، "منادي" دهليءَ مان، "هندو" ڪراچيءَ مان، "الوحيد" ڪراچيءَ مان، روزانہ تازه بہ تازه انڙواهہ پهچي وينديون هيون. اهڙيءَ طرح هفتيوار رسالا يا ماهناما بہ پنهنجن مقرره تاريخن اندر پهچندا هئا. "شباب" اردو، "نيرنگ خيال" اردو، "بلوچي دنيا" اردو، "مهراڻ" تماهي، "نئين زندگي" سنڌي وغيره وغيره بہ اسان وٽ ٽپال ذريعي پهچندا هئا.

Gul Hayat Institute

خان عبدالصمد خان اڇڪزئي جو وڏو ڀاءُ حاجي عبدالسلام خان گلستان مان اونهاري موسم ۾ سبزي ۽ ميوو بلتي ڪندو هو. اهو ٺوڪرو ٻئي ڏينهن جو هتي انڙواهه پڇي ويندو هو. جيستائين ائين ٿيندو رهيو ۽ مال سلامت پهچندو رهيو، اوستائين حاجي صاحب اهو سلسلو جاري رکيو آيو. جڏهن انتظام ۽ امانت ۾ رخنو پيو، تڏهن اسان به هتان دانهن ڪئي ته حاجي صاحب! هاڻ مال نٿو پچي يا اڌورو پيو پڄي پوي، سو اهو سلسلو بند ڪجي ته بهتر ٿيندو.

اڄ ڪلهه ٽپال به ريل ذريعي ونڻ موڪلڻ بند ڪيو اٿن، سڄو سسٽم ويگن حوالي ٿيو آهي. انڙواهه جو هڪ دڪاندار به ٽي ڏينهن رکي نل ويندو آهي ۽ ٽپال ڪٽي ايندو آهي. اسان لاءِ جو روزانو مطالعي جو مصالحو ايندو هو سو بند ٿي چڪو آهي. ٽڪلي ۽ لفافا به نل تان گهرائبا آهن. اخبارون به شهر کان "پراٽيون ۽ پاروٺيون" پهچنديون آهن. باقي ڪتابن گهرائڻ يا نون شايع ٿيندڙ ڪتابن جو اچڻ وارو در بند ٿي چڪو آهي، يا پارسلن جا بار ڪير ڪٽي، ڪير پچائي؟ قصوئي ڪوتاهه ٿي چُڪو!.



Gul Hayat Institute

لعل بخش جسڪاڻي

# سنڌي سماج تي انگريزن جي دور جو اثر
## (هڪ سماجياتي تجزيو)

تاليپرن سان انگريزن جي ناتن جي شروعات ۱۸۰۷ع کان شروع ٿئي ٿي، جڏهن هڪ ايلچي بمبئيءَ کان حيدرآباد سنڌ ۾ اچي مير غلام علي ۽ مير ڪرم علي خان سان مليو هو. ان کان پوءِ ۱۸۰۹ع ۾ هينڪي سمٿ اڳ ۾ ٿيل عهدنامي کي رد ڪري هڪ نئون عهدنامو ڪيو، جنهن ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو هو ته مير اهڙو وعدو ڪن ته هو فرينچن کي سنڌ ۾ قدم جمائڻ هرگز نه ڏيندا. سال ۱۸۱۹ع ۾ انگريزن ڪڇ جي علائقي کي فتح ڪري ورتو، جيڪو ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي وقت ۾ سنڌ جو هڪ اڻ ٽٽ حصو هو. سال ۱۸۲۰ع ۾ انگريزن ميرن سان هڪ نئون عهدنامو ڪيو، جنهن ۾ صلح سانت سان رهڻ جو وچن ڪيل هو (۱).

ان کان پوءِ سال ۱۸۲۸ع ۾ ڊاڪٽر جيمس برنس ميرن جي دربار ۾ پهتو، جنهن کي مير مراد علي جي علاج لاءِ گهرايو ويو هو. ڊاڪٽر برنس حيدرآباد جي دربار بابت "A visit to the court of Sind" (ميرن جي دربار) نالي ڪتاب پڻ لکيو. سنڌس اچڻ سان سفارتي ناتن ۾ ڪو خاص فرق نه آيو، پر سال ۱۸۳۱ع ۾ سندس ڀاءُ اليگزينڊر برنس، جيڪو پنجاب جي راجا رنجيت سنگهه لاءِ سوکڙيون پاکڙيون کڻي پئي ويو، سو حقيقت ۾ سنڌو نديءَ واري گس لاءِ جاسوسي ڪرڻ آيو هو. هو جيئن درياهه ۾ مٿيرو وڌيو ته هڪ سنڌي سپاهي رڙ ڪري چيو هو: "بچڙائي ٿي چڪي، ڇاڪاڻ ته تو اسان جو ملڪ ڏسي ڇڏيو." (۲). اُن کان پوءِ ۲۴ ڊسمبر ۱۸۳۸ع تي خيرپور جي حاڪم مير رستم خان ۽ پوءِ ۱۱ مارچ ۱۸۳۹ع تي حيدرآباد جي حاڪمن سان انگريزن عهدناما ڪيا. هن کان پوءِ انگريزن ۽ سنڌ جي حاڪمن جي سفارتي ناتن ۾ گهڻا مرحلا آيا ۽ آخرڪار ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ کي انگريزن جي گڏيل هندستان جي ٻين علائقن جيان فتح ڪرڻ بعد بينڪي راڄ ۾ شامل ڪيو ويو.

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته سنڌ جي فاتح سر چارلس نيپئر ۽ ان وقت هندستان جي گورنر جنرل لارڊ ايلنبرو سنڌ جي فقط زباني خدمت ڪئي هئي. جڏهن ته انگريزن جي انتظاميه ۾ سر بارٽل فرير ۽ جان جيڪب حقيقت پسندي جي حوالي سان تمام اعليٰ منتظم ۽ جديد اصلاح پسند ليکيا وڃن ٿا. جن سرمائيداري ۽ جاگيرداري جي سرشتن جي باوجود سنڌ کي جديديت جي بنياد تي اڏڻ لاءِ پيڙهه جو پٿر رکيو.

سر چارلس نيپئر فتح کان پوءِ سنڌ جو پهريون گورنر ٿيو، جنهن کي لارڊ ايلنبرو جي مڪمل پٺڀرائي حاصل هئي. ان وقت سنڌي سماج ۾ تمام گهڻي غربت هئي ۽ سنڌ ۾ سماجي ۽ اقتصادي طور نهايت ڪمزور طبقا موجود هئا. جن ۾ هڪ حاڪم طبقو ۽ ان سان لاڳاپيل اميرن جو طبقو جيڪي گهڻو تڻو مسلمان هئا ۽ ٻيو هندو واپاري سيٺين جو طبقو هو. حاڪم ۽ اميرن جو ٽولو مٿئين طبقي ۾ هئا؛ جيڪي ٿورا هئا؛ ان بعد وڏن شهرن ۾ هندو سيٺين، جن جي هٿن ۾ سنڌ جو وڻج واپار ۽ ڏيتي ليتي هئي، سي پڻ ٿورائي ۾ هئا هو ۽ اهو سنڌ جو مڊل يا وچولو طبقو هو. باقي اسي سيڪڙو عوام زرعي پيشي سان لاڳاپيل هو، جنهن ۾ ڏهه سيڪڙو ڪن هنرمند هئا. اينتري اڪثريت وارو عوام وڏيءَ غربت ۾ هو ۽ هيٺئين طبقي يا پيڙهيل ۽ ڪمزور طبقي ۾ شامل هو. ڪمزور طبقاتي

سرشتي ۾ ورهايل سنڌي عوام جنگ ۾ هار کائي ان کان پوءِ پڇي پورا ٿي پيو هو ۽ ان جي نتيجي طور سنڌي سماج ۾ سماجي ابتري (Social disorder) جون علامتون ظاهر ٿيون ۽ سماجي اتحاد (Social Integration) کي تمام گهڻو ڇيهو رسيو. حيدرآباد جي قلعي تي انگريزن جي جهنڊي ڦڙڪائڻ ۽ سنڌ جي حاڪمن جو قيد ٿي وڃڻ سماجي ۽ نفسياتي طور سڀني طبقن لاءِ مايوسي ۽ نااميدي کان سواءِ عوام لاءِ هڪ سانحو پڻ هو. ائين برابر هو ته هن جنگ ۾ سڀ طبقا موجود ڪونه هئا. پر ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته هن جنگ جي هار اهڙن طبقن پڻ قبول ڪري ورتي جيڪي جنگ ۾ شامل به نه هئا.

انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت مسلمان اڪثريت ۾ ٧٥ سيڪڙو هئا. باقي ٢٥ سيڪڙو هندو جنهن ۾ اڪثريت لهاڻن جي هئي ۽ باقي نوڪري پيشي ۾ عامل هندو هئا. جيڪي گرونانڪ جا پوڄاري ۽ هندو ڌرم جا پوئلڳ هئا. هندن جي گهٽ ذاتين ۾ ڪولهي، ڀيل، مينگهواڙ ۽ گرگلا شامل هئا.

اڻويهين صديءَ جي پنجين ڏهاڪي جي شروعاتي سالن ۾ سرنديءَ واري طبقي جا ٻار مدرسن ۾ مذهبي تعليم سان گڏ فارسي تعليم حاصل ڪندا هئا. باقي عام تعليم يا مادري ٻولي جو تصور عام ڪونه هو. ابوالحسن جي سنڌي يا فارسي لپي ۾ سنڌي لکي ۽ پڙهي ويندي هئي. هندو واپاري هندو لپي ۽ خدا آبادي لپي وسيلي سنڌيءَ ۾ لکندا هئا. سنڌي سماج ذات پات ۽ طبقن ۾ ورهايل هجڻ ڪري سيد طبقي جي تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪيو ويندو هو. چند سيد گهراڻن کي مذهبي عالم هجڻ جي مڃتا طور حاڪمن طرفان وظيفا ۽ جاگيرون مليل هونديون هيون. عام ماڻهن يا غير سيدن طرفان کين ڏن ۽ نذر نياز ملڻ ڪري هي طبقو ڪم ڪار گهٽ ڪندو هو. مسلمانن جي مٿئين طبقي کي جاگيرون مليل هيون. جاگيرداري سرشتو مغلن ۽ ڪلهوڙن حاڪمن کان ميرن کي ورثي ۾ مليل هو. ذات پات ۾ ورهايل جاگيرداري سماج، جيڪو قبيلن ۽ طبقن ۾ ورهايل هو، اُن ۾ تعليم جو نه هجڻ ۽ گهڻي غربت جهڙا اهم مسئلا انگريز ذهن لاءِ للڪار ثابت ٿيا. سنڌ جو معاشي وسيلو زراعت هو. سر چارلس نيپئر اهڙي ضرورت کي محسوس ڪندي سڀ کان پهريائين آبپاشي کاتو يا ڪئنال ڊپارٽمينٽ کولي ورتو، جيئن ته سنڌ جي ڪاميابي ۽ سنڌ جي خوشحالي يا سماجي ۽ اقتصادي تبديلي جو سارو دارومدار سنڌ جي آبپاشي نظام تي منحصر هو. ايلنبرو ۽ نيپئر سنڌ کي خوشحال ۽ ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڏسڻ پئي چاهيو پر سندن تجربا ڪامياب نه ويا ۽ اهڙيءَ ريت سندن سنڌ بابت سپنا ساڀيا ماڻي نه سگهيا. آخرڪار آڪٽوبر ١٨٤٧ع ۾ نيپئر جو دور پورو ٿيو ۽ اُن کان پوءِ سنڌ کي بمبئي جي پريزيڊنسيءَ ۾ شامل ڪري ڪمشنر جي انتظام هيٺ ڏنو ويو. ان بعد مسٽر آر. ڪي. پرنگل سنڌ جو پهريون ڪمشنر مقرر ٿيو. جيڪي ڪوبه بوتو باري ڪونه سگهيو ۽ جنوري ١٨٥١ع ۾ بارٽل فريئر ڪمشنر مقرر ٿي آيو.

ان چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونه ٿيندو ته جديد سنڌ جو معمار بارٽل فريئر هڪ نهايت ذهين ۽ روشن خيال انسان هو. جنهن سنڌ کي ويهين صديءَ ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ حقيقت ۾ هڪ مضبوط معاشي بنياد فراهم ڪيو. جنهن ۾ ريلوي جو نظام، روڊ ۽ رستا، واهن جو نظام ۽ ڪراچي لاءِ جديد بنيادن تي اهم بندرگاهه جي تعمير سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي ڏانهن هڪ وڏو قدم هو. فريئر اناج اپائيندڙ فصلن سان گڏو گڏ روڪ پئسا ڏيندڙ فصلن پوکرائڻ جا تجربا ڪرايا. زراعت کي وڌيڪ ترقي وٺائڻ لاءِ ڪيترن جا نوان ٻج ولايت کان گهرائي پيدا وار کي وڌايو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ميلن ۽ ملاکڙن وسيلي زرعي واپار کي وڌائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ورتي ۽ گهڻي ڪاميابي حاصل ڪئي. ان ڏس ۾ ڪراچي جو ساليانو واپاري ميلو تمام گهڻو مشهور ٿيو. فريئر سنڌ جي واپار کي وچ ايشيا تائين وڌائڻ چاهيو

Gul Hayat Institute

ٿي، پر ان تي عمل ڪرڻ لاءِ بمبئي سرڪار وٽ پئسا ڪونه هئا (٣). فريئر جي زماني ۾ سنڌ ۾ تعليم جو سرشتو شروع ٿيو. ١٨٥٢ع ۾ سنڌي الف. بي. تيار ٿي. گرانٽ - ان - ايڊ جو سرشتو رائج ڪيو ويو، جنهن وسيلي سنڌ ۾ اسڪولن جي جار ڪي مالي سهڪار حاصل ٿيو. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ تعليمي سرشتي جو هڪ نهايت مضبوط بنياد فراهم ڪيو ويو، جنهن ڪي تمام وڏي ڪاميابي سمجهڻ کپي.

سنڌي ٻولي جنهن جون پاڙون موهن جي دڙي ۾ کُتل هيون، ان کي سرڪاري ٻولي جي حيثيت ۾ مڃتا ملي. اهڙيءَ طرح سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي ماءُ جي ٻولي ۽ ثقافت جهڙي سجاڳ واپس ملي. اڳتي هلي سال ١٨٨٥ع ۾ سنڌي مسلمانن ۾ انگريزي تعليم پرائڻ لاءِ ايم. اي. او ڪاليج علي ڳڙهه جي طرز تي سنڌ مدرسو قائم ٿيو ۽ ١٨٨٧ع ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جهڙا ادارا کُليا، جن جي نتيجي ۾ تعليمي شعور وسيلي سماجي، ثقافتي ۽ سياسي جاڳرتا لاءِ ماڻهن پاڻ پتوڙيو.

سنڌي سماج بنيادي طور زرعي سماج (Agrarian Society) هو، جنهن جي آمدني جو مکيه وسيلو زراعت هئي، جنهن لاءِ آبپاشي نظام ۾ واڌارو ۽ سڌارو لازمي هو. فريئر آبپاشي جي اسڪيم شروع ڪئي. اڳتي هلي ١٩٢٣ع ۾ سکر بئراج جي رٿ شروع ٿي ۽ آخرڪار سکر بئراج ١٩٣٢ع ۾ نهي راس ٿيو. تنهن کان پوءِ سنڌ جي آبپاشي سرشتي ۾ هڪ وڏو انقلاب آيو، جنهن وسيلي سنڌ ۾ سماجي، معاشي، سياسي ۽ ثقافتي تبديلي آئي. سنڌي سماج اندر ڪٽنب، برادرين ۽ قبيلن جي رهڻي ڪهڻي ۾ تمام گهڻو فرق آيو. معاشي خوشحالي وسيلي بهتر تعليم سان سياسي شعور ۾ واڌارو آيو. سنڌي مسلمانن جي هلچل وسيلي سال ١٩٣٦ع ۾ سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسي کان جدا ڪري ان جي اصلي حيثيت برقرار رکندي الڳ صوبو ڪيو ويو، جيڪا سنڌي ماڻهن جي هڪ وڏي ڪاميابي سمجهڻ کپي. اهڙيءَ طرح سنڌ سماجي، اقتصادي ۽ سياسي مسئلا گهٽ ٿيا ۽ عوام نئين سنڌ اڏڻ ۾ مشغول ٿيا.

انگريزن جي دور ۾ سنڌي سماج جي سماجي ادارن ۾ "ڪٽنب" بنيادي سماجي ادارو هو، جنهن ۾ ڏاڏي کان وٺي پوٽن تائين ٽي پيڙهيون هڪ ڇت هيٺ گڏجي رهندا هئا. جيئن ته سنڌي سماج صدين کان زرعي سماج رهندو آيو آهي ۽ هن سماج جو اهو ويساهه رهيو آهي ته گهر ۾ گهڻن مردن جو هجڻ خوشحالي جي ضمانت سمجهيو وڃي ٿو، تنهنڪري گڏيل ڪٽنب يا وڏو ڪٽنب (Extended family) جنهن ۾ ويهن کان وٺي هڪ سوَ ياتين تائين به گڏجي هڪ گهر ۾ ماڻهو رهندا هئا. گهر جو اڳواڻ گهر جو وڏو مرد ماڻهو هوندو هو، جنهن کي پدري سماج (Patriarchal) چيو وڃي ٿو ۽ هر قسم جا فيصلا هو پاڻ ڪندو هو. ڪٽنب ۾ ذات پات ۽ رت جو ڳانڍاپو اهميت وارو هو. شاديون مٽن مائٽن ۽ رت جي ڳانڍاپي اندر Kinship يعني ويجهن مائٽن اندر Endogamy ڪندا هئا. شاديون برادري يا مائٽن کان ٻاهر Exogamy ڪونه ڪندا هئا. ڌارين کان سڱ وٺڻ ۽ ڏيڻ کي عيب سمجهيو ويندو هو. سڱ ڏي وٺ يا بدي جي وسيلي ڪندا هئا. ڇوڪرين کي وڪڻڻ جو رواج پڻ هو. هيٺين طبقي ۾ هڪ شادي (Monogamy) جو رواج عام هو. اولاد نه هئڻ جي صورت ۾ هن طبقي وارا ۽ مٿين طبقي جا امير ۽ جاگيردار گهڻيون شاديون (Polygamy) پڻ ڪندا هئا. ڪٽنب جي نک يا نسل کي ڪنهن وڏي مرد (Patrilineal) ڏانهن منسوب ڪندا هئا. ڪٽنب، ذات (Caste)، مٽي مائٽي (Kinship)، ننڍڙن گروهن (Clan) ۽ قبيلن (Tribes) اندر ورهايل هوندا هئا. ٻيوهه جي ٻي شادي ڪرائي ويندي هئي. ڪارو ڪاريءَ جو رواج عام هو. هندو سماج ۾ مٽن مائٽن سان شادي ڪونه ڪندا هئا ۽ ڌارين منجهان شادي (Exogamy) ڪرڻ جو رواج هو. وڏوا جي شادي منع ٿيل

Gul Hayat Institute

هئي. سماجي ضابطي (Social Control) جو اختيار ڪٽنب جي اڳواڻ ۽ ڳوٺ جي نيڪ مرد يا وڏيري (Heard Man) وٽ هوندو هو. سماج ۾ ڏوهه ڪو ورلي ٿيندو هو. پوليس ۽ ڪورٽون هونديون هيون ۽ انهن وٽ سماجي انصاف هو. عوام کي سستو ۽ جلدي انصاف فراهم ڪيو ويندو هو. هن ڏس ۾ سماج جي حفاظت لاءِ رومن لا (Roman Law) کي ڪٽنب جي حقن جي حفاظت لاءِ ۽ ڪٽنب بابت قانون (Family Laws) عوام ۽ ڪٽنب جي ڀلائي لاءِ متعارف ڪيا ويا. ڪورٽن ۽ پوليس جي مضبوط سرشتي اندر قانون جي بالادستي قائم هئي. عوام ۾ تحفظ جو احساس هو. عورتن ۽ مردن کي هڪجهڙا حق ڏيڻ لاءِ قانون موجود هو. ملڪ ۾ صلح سانت ۽ امن آشتي جي نتيجي ۾ سماجي ضابطو (Social Control)، سماجي اتحاد (Social Integration) ۽ ڀائيچاري جهڙو ڳانڍاپو نهايت مضبوط هو.

انگريز حاڪمن، سياحن، اديبن، عالمن ۽ محققن سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، ٻولي، ادب، شاعري، رهڻي ڪهڻي، رسمون رواج، سماجي جيوت، جهنگلي جيوت، ٻوٽن وديا، مطلب ته سنڌ جي هرهڪ شيءِ کي اهڙي نموني سان قلمبند ڪيو جو اهو سمورو مواد يا اٿليٖ خزانو نهايت مستند سمجهيو وڃي ٿو، جو اڄ تائين اهڙي ساڳئي معيار جو ڪم اسان وٽ نه ٿي سگهيو آهي. سنڌ ۾ مغربي تعليم جو سرشتو پهريون دفعو رائج ڪيو ويو ۽ سنڌي ٻولي کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو.

انگريزن پنهنجي دور ۾ عام ماڻهن کي سماجي انصاف فراهم ڪيو. بنيادي حقن سان گڏ ٻولي ۽ ثقافت جهڙا نهايت اهم حق پڻ ڏنا. سماج ۾ موجود ڪٽنب، نيات ۽ فرد جي جان، مال ۽ عزت جي حفاظت ڪئي ۽ قانون جو احترام ڪرڻ سيکاريو. هڪ پاسي مذهبي ادارن جي حفاظت ڪئي ته ٻئي پاسي سياست ۾ سيڪيولر نظرين کي فروغ ڏئي مذهبي ڪٽرپڻي کي عوام جي ذهنن کان پري رکي هڪ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي. سياست ۾ جمهوريت، سماجي ۽ معاشي برابري، اقليتن کي هڪجهڙا حق ڏئي سماجي انصاف ۽ جمهوري قدرن جو تحفظ ڪيو. سنڌ ۽ سنڌي سماج کي جديد بنيادن تي اڏڻ لاءِ سر بارٽل فريئر جهڙي معمار ۽ ٻين ڪيترن منتظمين گڏجي هڪ خاڪو تيار ڪيو.

## حوالا


١- ايسٽوڪ، اي- بي، "نئينءَ مصر جا پراڻا ورق"، (ترجمو ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ)، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ. ١٩٧٨ع، صفحو ٦٠ - ٢٥٩.

٢- صفحو ٢٦٢.

٣- ڊاڪٽر حميده، کهڙو: "دي ميڪنگ آف ماڊرن سنڌ"، انڊس پبليڪيشن، ڪراچي ١٩٧٨. صفحو ١٧ - ١٨.


Gul Hayat Institute



تاج جويو

# سنڌيءَ ۾ هائيڪو جي روايت

سنڌ جي ادبي تاريخ جو اهو وڏو الميو رهيو آهي جو سنڌي شاعريءَ ۽ ان جي قديم ۽ جديد صنفن جي ڪابہ تسلسل ۽ تسليءَ واري تاريخ لکي نہ ويئي آهي.

سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ جي ڪلاسيڪي ۽ لوڪ شاعريءَ جي سهيڙ جو ڪافي بهتر ۽ جس جوڳو ڪم ڪيو آهي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ، جديد سنڌي شاعرن - اُستاد بخاريءَ، بردي سنڌيءَ ۽ تنوير عباسيءَ- جي شاعريءَ جا ڪتاب ( 'ڪوڪڻ يا ڪلياڻ'، 'بوندون بس نہ ڪن' ۽ 'تنوير چئي' ) ڇپايا آهن، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري، مذهبي شاعريءَ جا ڪجهہ اڳاٽا ڪتاب (جهڙوڪ: 'مقدمةالصلواة يا ابوالحسن جي سنڌي'، 'مخدوم ضياءُالدين جي سنڌي' ۽ 'سنڌي ٻوليءَ جو اڳاٽو منظوم ذخيرو' ) ڇپايا آهن، پر اهو ڪم اڃا مختصر ۽ اڻپورو آهي: جيڪو نہ پوريءَ طرح ادب جي چاهڪن جي ادبي اُڃ اُجهائي سگهي ٿو ۽ نہ سنڌي ادب جي شاگردن جي تعليم ۽ تحقيق دوران ڪا خاص رهنمائي ڪري سگهي ٿو.

سنڌي ادب جي تاريخن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ اڪثر ليکڪن جو تحقيقي انداز قديم ۽ روايتي آهي، جنهن مان سندن جديد تنقيدي ۽ تحقيقي شعور جي جهلڪ گهٽ نظر اچي ٿي. ڪيترن ليکڪن تہ رڳو اڳين ليکڪن جي تحقيق ۽ ڪم کي جيئن جو تيئن يا ٿوريءَ گهٽيءَ ڦيرڦار سان نقل پئي ڪيو آهي، ۽ هنن پنهنجن ادبي تذڪرن ۾ ڪيترن ناميارن شاعرن جو يا تہ ذڪر ڪيو ئي نہ آهي ۽ جيڪڏهن ڪيو بہ آهي تہ انتهائي "غير اهم" نموني. هتي تفصيل ڏيڻ بدران رڳو ٻہ مثال ڏيڻ تي اڪتفا ڪندس.

"سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ۾ فاضل ليکڪ، "جديد شاعريءَ" واري حصي ۾ شيخ اياز، هري دلگير، هوندراج دکايل، ڪيئلداس فانيءَ، حيدر بخش جتوئيءَ، نرمل جيوتاڻيءَ، تنوير عباسيءَ، نارائڻ شيام، شمشير الحيدريءَ، بردي سنڌيءَ، نياز همايونيءَ، امداد حسينيءَ ۽ سحر امداد جو مختصر يا تفصيلي ذڪر ڪرڻ کان پوءِ لکيو آهي تہ "جديد شاعريءَ ۾ ڪيترا ٻيا نالا بہ اچن ٿا، جهڙوڪ موتي پرڪاش، سگڻ آهوجا، ارجن شاد، بشير موريائي، تاج بلوچ، قمر شهباز، ايم ڪمل، هريڪانت، تاج جويو، خاڪي جويو، عبدالحڪيم ارشد، وفا ناٿن شاهي، عبدالغفور عابد، سرويچندر شاد ۽ استاد بخاري وغيره".

(عبدالجبار جوڻيجو: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" : ص ٢٥٠، ڇاپو ٽيون، سال ١٩٩٤ع)

اها ڪيڏي نہ زيادتي آهي تہ هن صديءَ جي جديد شاعرن جي اهم نمورتيءَ (نارائڻ شيام، شيخ اياز ۽ استاد بخاريءَ) جي هڪ اهم رتن اُستاد بخاريءَ ۽ ٻين وڏن شاعرن سگڻ آهوجا، ايم- ڪمل، عبدالحڪيم ارشد، تاج بلوچ ۽ وفا ناٿن شاهيءَ جو ذڪر "ڪيترا ٻيا" ۽ "استاد بخاري وغيره" جي صيغي ۾ ڪيو وڃي، جڏهن تہ ذوالفقار راشديءَ، ارجن حاسد، راشد مورائيءَ، واسديو نرمل، لڇمڻ ڪومل، محمد خان مجيديءَ، سرويچ سجاوليءَ، ابراهيم منشيءَ، سرڪش سنڌيءَ، ڪرشن راهيءَ، گوردن محبوباڻيءَ، موتي پرڪاش ۽ مير محمد پيرزادي جهڙن اهم شاعرن کي تہ "ڪيترا ٻيا" ۽ "وغيره" جي زمري ۾ بہ نہ آندو ويو آهي!

"سنڌي ادب جي تاريخ" جي ليکڪ، ڪجهہ فراخدليءَ ۽ وسيع نظريءَ جو مظاهرو ڪري، اڪثر اهم ۽ نون (۽ ڪيترن غير اهم) شاعرن جو ذڪر، ڪٿي نہ ڪٿي، ڪنهن نہ ڪنهن صنف جي ذڪر دوران يا مثال ڏيندي ڪيو آهي،

Gul Hayat Institute

پر هن صاحب بہ "مکيہ شاعرن" جي سري هيٺ جتي الله بچايي ڪرهيي پوٽي، ماڻڪ ڪولاچيءَ، الهڏني فقير ماڇيءَ ۽ ميهر فقير جو ذڪر ڪيو آهي، اُتي ارجن حاسد، عبدالحڪيم ارشد، محمد خان مجيديءَ ۽ راشد مورائيءَ جهڙن اهم شاعرن کي وساري ڇڏيو آهي. هڪ هنڌ غزل جي وڏن شاعرن جو ذڪر ڪندي مانوارو ليکڪ لکي ٿو: "شيخ اياز، نارائڻ شيام، عبدالرزاق راز، تنوير عباسي، امداد حسيني ۽ تاج بلوچ، غزل جا وڏا شاعر آهن." (ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: "سنڌي ادب جي تاريخ"، ص ٣٣٩، ڇاپو پهريون، ١٩٩٣ع)، پر اُن صنف جي ڪجهہ اهم ۽ وڏن شاعرن - ذوالفقار راشديءَ، ارجن حاسد، ايم- ڪمل، وفا ناٿن شاهيءَ ۽ واسديو نرمل کي وري بہ وساريو ويو آهي.

اهڙيءَ طرح جديد توڙي ڪلاسيڪي (سنڌي) شاعريءَ جي صنفن تي ٿيل ڪم جو جائزو وٺنداسون تہ اسان کي صرف هينيان ڪتاب ملندا:

| | |
|---|---|
| ڪافي : | طالب المولیٰ |
| شاعري ۽ اُن جي تاريخ- ("مهراڻ" ٣-١٩٦٩/٤ع) : | غلام محمد گرامي |
| سنڌي غزل : | ارجن شاد |
| غزلن جو غنچو | عبدالجبار جوڻيجو ۽ غلام علي الانا |
| سنڌي غزل جي ارتقا : | عبدالغفور سومرو |
| سنڌي غزل جو تجزيو | شيخ عبدالرزاق راز |
| سنڌي غزل جي اوسر : | پروفيسر اياز قادري |
| مضامين خليل(غزل گو شاعرن جو تذڪرو) : | شيخ محمد ابراهيم خليل |
| آزاد نظم جي اوسر : | شمشيرالحيدري |
| شاعريءَ جون صنفون : | ظفر عباسي |
| سنڌي گيت : ' | تاج جويو |
| هائيڪا شيخ اياز جا : | حميد سبزوئي ( ايم. اي سنڌيءَ جو اڻ ڇپيل مونوگراف) |

جڏهن تہ شاعريءَ جي مختلف صنفن تي هيٺينءَ ريت ڪجهہ مضمون ملن ٿا:

| | |
|---|---|
| شاهہ ڪافيءَ جو مؤجد نہ آهي: | پير حسام الدين راشدي |
| ڪافي: | غلام محمد گرامي |
| وائي ۽ ڪافي: | نارائڻ شيام |
| وائي: | مخدوم طالب المولیٰ |
| وائي: | غلام محمد گرامي |
| سنڌي ڪافي - هڪ سرسري جائزو | اسد جمال يوسفائي |
| سورنا ۽ دوها: | الياس عشقي |
| سنڌيءَ ۾ نظم جي اوسر: | شمشير الحيدري |
| سنڌي غزل جا ويهہ سال : | علي محمد مجروح |
| غزل: | غلام محمد گرامي |
| ڪلاسيڪي غزل ۾ جماليات : | شيخ عبدالرزاق راز |

Gul Hayat Institute

| | |
|---|---|
| غزل ۽ اُن جو فن: | راشد مورائي |
| سانگي (سانگيءَ جي غزل ۽ شخصيت جو جائزو) : | احسان بدوي |
| ڪجھ غزل جي باري ۾: | واسديو نرمل |
| سنڌي غزل خليفي گل کان اج تائين (٦ قسطون) : | شيخ عبدالرزاق راز |
| نئين غزل تي مختصر نوٽ: | ايم-ڪمل |
| نئون محاورو (حاسد جا غزل): | واسديو نرمل |
| سنڌي غزل جي ابتدا : | احسان بدوي |
| ترائيل ("پره کان پهرين" جو مهاڳ ۽ تعارف) : | نارائڻ شيام ۽ لڇمڻ ڪومل |
| ترائيل ۽ اُن جي سنڌي شاعريءَ ۾ روايت: | مير محمد پيرزادو |
| سنڌي بيت جو بُڻ بڻياد : | الياس عشقي |
| سنڌي بيت - تحقيقاتي جاچنا : | ارجن شاد |
| نظم جا نوان نمونا : | منگهارام ملڪاڻي |
| سنڌي نظم جو ارتقائي جائزو: | ابوبڪر شيخ |
| آزاد نظم: | غلام محمد گرامي |
| آزاد شاعري: | شيخ عبدالرزاق "راز" |
| سنڌي بيت: | (مختلف ڪلاسيڪي رسالن ۽ مذهبي شاعريءَ جي ڪتابن تي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، جا مهاڳ ۽ طالب المولىٰ جا مضمون) |
| رباعيءَ جي فني حيثيت: | شيخ محمد ابراهيم "خليل" |
| رباعي: | اجمل بيگ مرزا |
| رباعيءَ جي فني حيثيت - تنقيدي جائزو: | اجمل بيگ مرزا |
| آزاد نظم: | تنوير عباسي |
| سنڌي شعر ۾ آزاد نظم جي حيثيت | ارجن شاد |
| هائيڪو ۽ سنڌي شاعريءَ جو مزاج (ٻه خط): | شيخ اياز |
| جپاني هائيڪو (ٻه مضمون) : | تنوير عباسي |
| سنڌي هائيڪو ۽ اُن جو مستقبل : | تاج جويو |
| هائيڪو جو پسمنظر، تاريخ ۽ سنڌي شاعري: | حميد سبزوئي |
| جپاني هائيڪو ۽ ين جڻ پڄاڻا : | احمد سولنگي |

۽ ٻيا مضمون ان ڏس ۾ پيش ڪري سگهجن ٿا.

اُن جي مقابلي ۾ همعصر ادب، خاص ڪري هندي ۽ اردوءَ تي نظر وجهنداسون ته اُنهن وٽ ان ڏس ۾ وڌيڪ ڪم ٿيو آهي. اسان وٽ آزاد نظم، گيت ۽ غزل وغيره تي ايم. اي يا ايم. فل تائين مس ڪم ٿيو آهي، جڏهن ته اردوءَ ۾ دوهي، آزاد نظم، گيت ۽ ٻين صنفن تي پي. ايڇ. ڊي تائين ڪم ٿيو آهي.

Gul Hayat Institute

ڪلاسيڪي ۽ خاص ڪري جديد شاعريءَ جي حوالي سان اسان وٽ مضمونن جي صورت ۾ ڪافي منتشر مواد موجود آهي. ڪلاسيڪي شاعريءَ تي ڊاڪٽر دائود پوٽي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، پير حسام الدين راشدي، عبدالڪريم سنديلي،قريشي حامد علي خانائي، ممتاز پناڻ، محرم خان، نياز همايوني، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، نارائڻ پارتي، عثمان علي انصاري، هيري ٺڪر، سومار شيخ، تنوير عباسي، غلام علي الانا، الياس عشقي، راج محمد پلي ۽ ٻين ڪافي لکيو آهي، پر اُن مواد کي ترتيب ڏيڻ جي ضرورت آهي. لوڪ شاعريءَ تي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، عبد الڪريم سنديلي، الله بخش نظاماڻي، نارائڻ پارتي، پرسي گدواڻي، جيٺي لالواڻي ۽ ٻين ڪتابي صورت ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح جديد شاعريءَ تي نظر وجهندڙن ۾ محمد ابراهيم جويو (شيخ اياز ۽ ٻين جي شاعريءَ جا مهاڳ)، شيخ اياز ("خط، تقريرون ۽ مهاڳ") غلام محمد گرامي ("مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" - تاريخي ادبي مقالو ۽ ٻيا مضمون)، تنوير عباسي (ادبي مضمون - "ترورا" ۾ شامل ۽ مهاڳ)، سُڳن آهوجا ("روشن چانورو" جو مهاڳ ۽ ٻيا مضمون)، شمشير الحيدري (مختلف مهاڳ)، منگهارام ملڪاڻي (تبصرا ۽ تنقيدون)، پير حسام الدين راشدي ("سنڌ جي جديد ادب تي سرسري نظر." مضمون)، ذوالفقار راشدي ("ڪسوٽي" ۾ شامل مضمون ۽ مهاڳ)، لڇمڻ ڪومل ("سنڌي شعر جون نيون ڌارائون" ، مهاڳ ۽ مختلف مضمون)، هري دلگير (مختلف مضمون، اڀياس ۽ مهاڳ)، هريش واسواڻي (تنقيدي مضمون)، واسديو نرمل (مختلف مهاڳ)، پوپٽي هيراننداڻي (مختلف مهاڳ ۽ مضمون)، سراج (استاد بخاري ۽ اياز جي ڪتابن جا مهاڳ)، الهداد بوهيو ("سنڌي شعر جي اڀياس جا طريقا" ۽ تنوير ۽ استاد بخاريءَ تي مضمون)، ارجن حاسد (مختلف مهاڳ)، رشيد ڀٽي ("خط، انٽرويو، تقريرون" جو مهاڳ ۽ ٻيا مضمون)، رسول بخش پليجي ("اياز جا گيت" ، "انڌا اونڌا ويڄ" ۽ ٻيو موادُ)، عبدالواحد آريسر (نياز همايوني، خاڪي جويو، حليم باغي، سرمد چانڊيي، نورالهديٰ شاه ۽ ٻين جي شاعريءَ تي مضمون)، ولي رام ولڀ (امداد حسينيءَ ۽ ٻين جي شاعريءَ تي مضمون)، مير محمد پيرزادي (اُستاد بخاري، تاج جويو ۽ ٻين جي شاعريءَ تي اڀياس)،نصير مرزا (مختلف شعري مجموعن جا مهاڳ ۽ شامُ ۾ پڙهيل پيپر)، ادل سومرو ("اسين مسافر پيار جا" ڪتاب ۾ شامل شاعريءَ ۽ شاعرن بابت مقالا، پيپرَ)، اياز گل (مختلف مهاڳ ۽ مضمون)، آسي زميني (مختلف مضمون)، شبنم گل ("نيڻ مهني خيال جاڳيا." "موسم بدلجي ٿي" ۽ تلسين جي سرهاڻ" جا پيش لفظ ۽ ٻيا مضمون)، ۽ بيدل مسرور (زيب سنڌيءَ جي شعري مجموعي "موسم بدلجي ٿي" جو مهاڳ ۽ ٻيا مضمون)، اياز گل (مختلف مهاڳ ۽ مضمون)۽ منهنجا ڪيترا مضمون ملندا. اهڙيءَ طرح انهن اڀياسن، مهاڳن، مقالن، تجزين ۽ تبصرن واري مواد کي بہ ترتيب هيٺ گهٽ آندو ويو آهي. جيڪڏهن اياز، تنوير، ادل سومري ۽ ٻين جا ڪجهہ ڪتاب ڇپيا آهن تہ انهن ۾ شاعريءَ توڙي نثر تي گڏيل مواد موجود آهي. ان ڏس ۾ سنڌي شاعريءَ (خاص ڪري جديد شاعري) تي نظر وجهي تہ جوڻيجي عبدالجبار ۽ ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي ادبي تاريخن (جن ۾ جديد شاعريءَ جو سرسري جائزو پيش ڪيو ويو آهي) کان سواءِ ٻيا ايڪڙ ٻيڪڙ ڪتاب ڇپيل ملندا، جهڙوڪ:

| | |
|---|---|
| سنڌي شاعريءَ جو اڀياس: | شمشير الحيدري |
| عزيز - شخص ۽ شاعر: | پوپٽي هيراننداڻي |
| قوم جوي ٿي بول (استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جو اڀياس): | تاج جويو |
| ليڪراج عزيز: | اُتم |
| نيڻ مهني خيال جاڳيا: | تاج جويو |

بيوس ۽ ان جو دور — ارجن شاد

ٽُلسين جي سُرهاڻ: — تاج جويو (جديد شاعريءَ جو اڀياس ڀاڱو ٢، ڇپائيءَ هيٺ)

اهي سمورين انفرادي ڪوششون ۽ ڪاوشون آهن، پر تنقيدي ۽ تحقيقي حوالي سان منظم رٿابنديءَ سان ٿيل ڪم جو جائزو ونبو تہ اسان جي تحقيق اجا بانبڙا پائيندي نظر ايندي.

ان ڏس ۾ مون خيال ڪيو آهي تہ اسان وٽ انفرادي طرح مختلف اديبن ۽ مختلف ادبي صنفن تي جيڪي ڪجھ لکيو ويو آهي، اهو سمورو مواد ترتيب ڏيئي ڇپايو وڃي. اُن مان بہ ٽي فائدا ٿيندا: (١) مختلف صنفن تي ڌار ڌار ليکڪن جون لکڻيون، مواد جي نواڻ ۽ نون رُخن کي چٽو ڪنديون؛ (٢) سنڌيءَ ۾ شعري صنفن تي موجود ٽڙيل پکڙيل مواد سهيڙجي پوندو؛ ۽ (٣) سنڌي شاعري (۽ اُن جي صنفن جي تاريخ) تي لکڻ وارن لاءِ بہ تحقيق ۾ آساني ٿي پوندي.

ان سلسلي ۾ منهنجي سڀ کان پهرين نظر "هائيڪو" تي پيئي، جنهن تي ڪافي ڪجھ لکيو ويو آهي. مون ٨٢-١٩٨١ع ڌاري "سنڌي هائيڪو ۽ اُن جو مستقبل" عنوان سان هڪ مضمون تيار ڪري، سنڌي ادبي سنگت سڪرنڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ پڙهيو هو، ۽ جيڪو پوءِ ٽماهي "مهراڻ" (٣/٨٥ع) ۾ شايع ٿيو هو. اهو مضمون، گهڻي ڀاڱي شيخ اياز جي ٻن خطن ۽ تنوير عباسيءَ جي هڪ مضمون "هائيڪو" تي آڌارت هو، پر مون اُن مضمون ۾ پنهنجا ويچار بہ ڏنا هئا ۽ سنڌيءَ ۾ هائيڪو لکڻ جا انداز بہ بيان ڪيا هئا ۽ اُن سان گڏ اهو بہ تجزيو ڪيو هئم تہ هائيڪو سنڌي شاعريءَ ۾ مستقل صنف طور رهي سگهندو يا نہ؟ ۽ آخر ۾ هائيڪو لاءِ مقرر فارم تجويز ڪري، نتيجو (Conclusion) ڪڍيو هئم تہ "هائيڪو، سنڌيءَ ۾ ترت مستقل ۽ اهم جاءِ والارڻ وارو آهي."

ان کان پوءِ مون ٽي اڀياسي مقالا – "نارائڻ شيام جي هائيڪن جو اڀياس"، طارق عالم جي هائيڪو ڪتاب "مورن اوچا ڳاٽ" جو اڀياس: "پنائيءَ جي آڳر ۾ ڪبوتر جي گُٽڪار" ۽ "جستجو لاتقنطوا" (استاد بخاريءَ جي شعري مجموعي) ۾ موجود هائيڪوز جو اڀياس- "اُستاد بخاري، لنڊن ۽ هائيڪو شاعري" عنوان سان لکيا، جن ۾ مون سنڌي، جپاني ۽ اردو هائيڪو شاعريءَ تي مختصر روشني وڌي هئي. ان کان سواءِ منهنجي دوست، حميد سبزوئيءَ، شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور مان "هائيڪا شيخ اياز جا" عنوان تي ايم. اي سنڌيءَ جو مونوگراف لکيو، جنهن سلسلي ۾ هن جون مون سان بہ ٽي بيٺڪون ٿيون ۽ نوجوان شاعر احمد سولنگيءَ پڻ "جپاني هائيڪو ۽ پن چڻ پڄاڻا" عنوان سان شيخ اياز جي هائيڪو تي هڪ مضمون لکڻ لاءِ مون سان بحث مباحثو ڪيو. ائين هائيڪو بابت ڪيترو اهميت ڀريو مواد مختلف رسالن مان اردوءَ ۾ مطالعي هيٺ آيو، جن ۾ اردوءَ سان گڏ جپاني ۽ انگريزي هائيڪو جي ارتقا ۽ هيئتي تجربن بابت تفصيلي مواد موجود هو. مون اُن مان ڊاڪٽر اسلم فرخي ("فطرت جو شاعر - باشو") پروفيسر سحر انصاري ("پاڪستان ۾ هائيڪو")، پروفيسر احمد علي ("هائيڪو جي اردوءَ ۾ اهميت" ۽ "هائيڪو: اردو جي ڪوزن ۾ جپاني مڌ")، جميل جالبي ("هائيڪو بابت ڪجھ ڳالهيون")، ڊاڪٽر فرمان فتح پوري ("اردو هائيڪو جو منظر ۽ پيش منظر")، ڊاڪٽر پرويز پروازي ("جديد هائيڪو جا هيئتي تجربا") ۽ ڊاڪٽر محمد امين ("انگريزيءَ ۾ هائيڪو نگاري" ۽ هائيڪو تلفظ ۽ وزن") جا مضمون ترجمو ڪري ورتا. اهڙيءَ ريت مون پاڻ وٽ موجود سمورو موادُ – طبعزاد، ترتيب ۽ ترجمي جي صورت ۾ سهيڙي ۽ سنڌيءَ جي ٢٥ شاعرن (نارائڻ شيام کان وٺي جلال ڪوريءَ تائين) جي چونڊ هائيڪوز جو هڪ وڏو تعداد ملائي، "ڏينهن جو پهريون خوابُ" (هائيڪو - اڀياس) عنوان سان هڪ ڪتاب تيار ڪري ورتو، جيڪو ڇپجي رهيو آهي. هيءُ ڪتاب، هائيڪو (خاص ڪري سنڌي هائيڪو) جو ڪنهن حد تائين مڪمل اڀياس آهي، جيڪو نہ رڳو سنڌي ادب جي شاگردن لاءِ امتحاني حوالي سان

Gul Hayat Institute

مددگار ثابت ٿيندو. پر اميد آهي ته نون سنڌي شاعرن جي ادبي اُج ٻه اُجهائي سگهي ٿو.

هتي هائيڪو جي حوالي سان ڪجهه مکيه ڳالهيون ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو:

(١) اسان وٽ اها ڳالهه هميشه بحث طلب رهندي پئي آئي آهي ته سنڌي زبان ۾ سڀ کان پهرين تنوير عباسي هائيڪو لکيا آهن يا نارائڻ شيام؟ تنوير عباسيءَ جو چوڻ آهي ته هن ١٩٦٠ع ڌاري هائيڪو لکيا هئا ۽ اُهي علم عروض تي هئا ۽ شيخ اياز جا "اردو هائيڪا" رسالي "هم قلم" ۾ ١٩٦٢ع ڌاري ڇپيا هئا. (تازو شيخ اياز ڪتاب "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته اهو غلط آهي ته منهنجي سرڳواسي متر نارائڻ شيام، هائيڪو پهرين لکيا هئا. اردو زبان ۾ هائيڪو پهريون پيرو مون لکيا هئا ۽ اُن کان پوءِ مون سنڌيءَ ۾ به لکيا (ص ٥٨). مون اردوءَ ۾ هائيڪو فارسي بحروزن تي لکيا آهن ۽ سنڌيءَ ۾ ماترائن جي حساب سان به لکيا آهن (ص ٥٦). تنوير ، ڪتاب "بوند، لهرون ۽ سمنڊ" جي مهاڳ ۾ نارائڻ شيام کي "هائيڪو جي بنياد وجهندڙ شاعرن" مان سڏيو آهي. پر هري دلگير لکيو آهي ته "نارائڻ شيام پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌي شاعريءَ ۾ هائيڪو کي (صنف طور) 'تصويرون' عنوان سان داخل ڪيو هو". (حوالو: "ڪونج"، "نارائڻ شيام نمبر" - ١٩٦٦ع). نارائڻ شيام جا هائيڪو، ڪتابي صورت ۾، سنڌس شعري مجموعي "ماڪ ڀنا رابيل" ۾ ١٩٦٤ع ڌاري ڇپيا هئا. ضروري نه آهي ته اُهي ١٩٦٤ع ڌاري ئي لکيل هجن، اُهي ١٩٦٤ع کان اڳ جا لکيل ٿي سگهن ٿا. هري دلگير، جيڪو بيوس کان پوءِ هوندراج دکايل، ڪيئلداس فاني، شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام وانگر جديد سنڌي شاعريءَ جي بنيادي شاعرن مان آهي ۽ جديد سنڌي شاعريءَ جو ڄَمُ سنيري ٿو، اُن جي راءِ وڏو وزن رکي ٿي. اهڙيءَ طرح تنوير عباسيءَ جي راءِ به ڪافي وزن لهڻي، جنهن نارائڻ شيام کي "هائيڪو جي بنياد وجهندڙن" مان سڏيو آهي؛ ۽ خود شيخ اياز، جنهن جي دعويٰ آهي ته هن اردوءَ ۾ سڀ کان اڳ هائيڪو لکيا، اُن ١٩٦٧ع ۾، سنڌيءَ ۾ هائيڪو جي تجربي کي "سنڌي بيت جي هيئت سان هٿچراند" سڏيندي به پُختي راءِ ڏني هئي ته "نارائڻ شيام وٽ هائيڪو جي هڪ هٿي آهي"، ته پوءِ پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌي شاعريءَ ۾ هائيڪو جو بنياد وجهندڙ نارائڻ شيام آهي. جيڪڏهن اها ڳالهه تسليم ڪجي ته تنوير عباسي، نارائڻ شيام، ۽ شيخ اياز لڳ ڀڳ ساڳئي عرصي ۾ هائيڪو لکڻ جي ابتدا ڪئي، ته پوءِ اها ڳالهه غور هيٺ اچي ٿي ته شيخ اياز اردوءَ ۾ عروضي بحر وزن تي هائيڪو لکيا ۽ تنوير عباسي به عروضي بحروزن تي سنڌيءَ ۾ هائيڪو لکيا هئا، جڏهن ته نارائڻ شيام ماترڪ - ڇند (١١+١٣+١١ ماترائن) واري فارم تي سنڌي هائيڪو رچيا هئا. ان حوالي سان نارائڻ شيام هائيڪو جو "بنياد وجهندڙ" شاعر آهي. هونئن نه ته به اُن جي مقبول عام فارم ۽ وزني سٽاءَ يعني بيت جي سٽاءَ تي آڌارت (١١+١٣+١١ ماترائن) يا جپاني هائيڪو جي سٽاءَ (٥+٧-٥ پدن Syllables کان اڌ پدُ يا هڪ "لگهو ماترا" مٿي) موجب هائيڪو جو باني شاعر ضرور آهي، جنهن مقبول عام فارم تي تنوير عباسي، هري دلگير ۽ شيخ اياز کان وٺي اڄ جي جديد شاعرن تائين اڪثر شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي.

اسان وٽ تحقيق ۽ تجربي جي فهم جي حالت هيءَ آهي ته ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ۾ سنڌي هائيڪو جي هيئت مان اُسريل ٻه ٻيون صنفون ٻه ڄاڻايون آهن، جن مان هڪ "چؤنڪ" (جنهن جو خالق پاڻ آهي) ۽ ٻي "پنجڪڙا" آهي (جنهن جو باني پريو وفا آهي). جڏهن ته اها ڳالهه آشڪار آهي ته اسان وٽ "چؤنڪ"، "قطعي" ۽ "چوسٽي" جي صورت ۾ اڳ ۾ ئي لکيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ "قطعو" هروڀرو "چؤسٽو شعر" نه هوندو آهي، پر اسان وٽ عام طرح قطعا چؤسٽا لکيا وڃن ٿا. پنج سٽا يا پنجڪا، اُستاد بخاريءَ ۽ ٻين شاعرن به لکيا آهن، پر پريو وفا جي پنجڪڙن ۾ هيئتي نواڻ آهي. ليڪن "چونڪن" ۽ "پنجڪڙن" کي ڪنهن به صورت ۾

سنڌي "هائيڪو" مان اُسريل صنفون نٿو چئي سگهجي. پنج -سٽي هيئت واري صنف، جپاني شاعريءَ ۾، اڳ ئي "رينگا" (Renga) جي صورت ۾ موجود آهي، جنهن تي سنڌيءَ ۾ مختيار ملڪ، مون ۽ مير محمد پيرزادي طبع آزمائي ڪئي هئي. مثال طور پنهنجو هڪ 'رينگا' هيٺ ڏيان ٿو، جنهن ۾ جپاني سٽاءُ ۵+۷+۵+۷+۷ پدَ (Syllables) موجود آهي، ۽ "ماترڪ" ڇند موجب ان جون ۱۰$\frac{1}{2}$+۱۴+ ۱۰$\frac{1}{2}$+۱۴+۱۴=۶۳ ماترائون ٿينديون!

ٺمر ٺمر ٺمر آڪاش،
ماٿهوءَ جو وچ رستي تي
رت ۾ لت پت لاش-
ڪولي پيو ڪو ڪيس ڪي،
ٻڳولا ۾ آ پئسن جي!
(تاج جويو)

(۲) جپاني هائيڪو جي هيئت ۵+۷-۵ Syllables (پدن، اُچارن يا آوازن) تي مشتمل آهي، جيڪي هندي ڇند وِديا موجب ۳۴ "لگهو" (ننڍين) ماترائن ۽ ۱۷ "گرو" (وڏين يا ٻٽين) ماترائن جي برابر ٿين ٿا. جپانيءَ ۾ "لگهو" يا ننڍيون يا ڇڙيون ماترائون ٿين ڪونہ، اُن ۾ پدَ (Syllables) يا "گرو ماترائون" (وڏيون يا ٻٽيون ماترائون) ٿين. ان حساب سان سنڌي هائيڪو جو مقبول عام فارم يا هيئت، جپاني هائيڪو جي هيئت موجب ۱۷$\frac{1}{2}$ پدن (Syllables- اُچارن، آوازن يا گرو ماترائن) يعني ۳۵ لگهو ماترائن جي برابر ٿئي ٿي. يعني اِن ريت اسان جو سنڌي هائيڪو، جپاني هائيڪو کان رڳو اڌ پدُ (Half syllable) يعني هڪ "لگهو ماترا" وڌيڪ آهي - جيڪا گنجائش، خود جپانين وٽ جپاني هائيڪو جي هيئت ۾ بہ موجود آهي. اُن ڪان سواءِ سنڌي/ جپاني هائيڪو جي هيءَ هيئت يا هيءُ گهاڙيٽو، اسان لاءِ اَجُت يا نئون نہ آهي، ڇو تہ جيئن منهنجي مضمون "سنڌي هائيڪو ۽ اُن جو مستقبل" ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ اهو فارم، اهو گهاڙيٽو ۽ اها هيئت، اسان وٽ نہ رڳو سنڌي بيت جي سٽاءَ ۾ موجود آهي (جنهن کي شيخ اياز "سنڌي بيت جي ڏيڍ تنگ" سڏيو آهي)، پر اسان جا اڪثر ٻاراڻا ٻول، ايامن ڪان وني، ان سٽاءَ ۽ هيئت ۾ سرجبا رهيا آهن. اهڙيءَ ريت هائيڪو صنف جي اِها هيئت اڳي ئي سنڌي شاعريءَ جي مزاج ۾ ڄڻ تہ شامل هئي.

ليڪن جيئن تہ هيءَ صنفي هيئت اردو شاعريءَ جي مزاج سان پڇندڙ نہ آهي، اُن ڪري اردو هائيڪونگار شاعرن مان رڳو محسن ڀوپالي، شهبازا نور، سحر انصاري ۽ اقبال حيدر ئي جپاني هيئت سان ملندڙ جلندڙ هائيڪو لکي سگهيا آهن، باقي اردوءَ جا اڪثر هائيڪونگار شاعر، جپاني هيئت + ڇند ميل هائيڪو يعني ۱۷- Syllables يا ۳۴ ماترائن تي ڪاميابيءَ سان لکي نہ سگهيا آهن. اهوئي ڪارڻ آهي جو هائيڪو تي سَند رکندڙ اردو شاعر ۽ دانشور بہ ان راءِ جا آهن تہ اردوءَ ۾ هيئت ۽ خاص ڪري وزن جي آزاديءَ ۽ لچڪ ڪان سواءِ ئي ڪنهن مقرر فارم تي هائيڪو لکي سگهجن ٿا. ڊاڪٽر فرمان فتح پوري، اردوءَ ۾ من گهڙت وزنن ۽ هيئتن تي طبعزاد توڙي آزاد ترجمن ذريعي هائيڪو لکڻ جو سخت مخالف آهي ۽ هن صنف جي فني ۽ معنوي حدن مقرر ڪرڻ جي حمايت ڪري ٿو. ڊاڪٽر انور سديد جي راءِ موجب: "اردوءَ ۾ ابتدا ۾ هائيڪو جي هيئت تي سختيءَ سان عمل ڪيو ويو، پر نوان شاعر اُنهن پابندين کي اهميت نہ ٿا ڏين." ڊاڪٽر جميل جالبيءَ جو خيال آهي تہ: "اردو هائيڪو جي هيئت مقرر ڪرڻ لاءِ شاعرن جو هڪ اجلاس سڏايو وڃي." پروفيسر احمد علي اول تہ مزاجاً "هائيڪو" کي "ٻير جي وڻ ۾ انب جو پيوند" سڏي ٿو، پر اڳتي هلي "قاعدن ۽ ضابطن جي پابندي، لفظن ۽ بيان جي نواڻ، اختصار ۽ اشاريت کي اصلاح جوڳو" سڏي راءِ ڏئي

Gul Hayat Institute

ٿو تہ: "هائيڪو، اسان جي (اردو) شاعريءَ جي بہ صنف بنجي سگهي ٿو." پروفيسر احمد عليءَ جي نظر ۾ صرف ٽي صرف محسن ڀوپالي هائيڪو لکڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. ڊاڪٽر سحر انصاريءَ جي راءِ آهي تہ: "اردوءَ ۾ "پد - ڳڻپ" (Syllable-counting) نہ ٿيندي آهي، پر هائيڪو لاءِ ڪنهن بحر جي بنيادي رُڪن جي تڪرار سان سٽن (مصرعن) جا ١٧ رڪني بحر ناهي سگهجن ٿا، پر شرط آهي تہ هائيڪو ڪي عام مشاعري جي طرحي سِٽ طور قبولڻ ۽ اُن تي ڪنهن شرط يا پابنديءَ ڪان سواءِ طبع آزمائي ڪرڻ ڪان پاسو ڪرڻ گهرجي." ڊاڪٽر پرويز پروازي اِن راءِ جو آهي تہ "اردو هائيڪو ۾ هيئتي تجربن جون رنگارنگ ڪيفيتون تہ آهن، پر اُن جي اظهار ۾ ابهام آهي ۽ اُن کي 'ثلاثي' (ٽہ-سٽي نظم) ۽ 'ماهيي' جو نعم البدل سمجهيو ويو آهي." هن جي نظر ۾ "اهِا هن صنف جي ظاهري هيئت تہ آهي، پر اُن جي اندروني ڪيفيت ۾ جيڪا فطرت جي ويجهڙائي ۽ اشاريت جي جيڪا شدت آهي، سا اُن جي ظاهري جامي ڪان اهم آهي."

پروفيسر امين پنهنجي ڪتاب "اردو هائيڪو" ۾ لکيو آهي تہ "هائيڪو جا ابتدائي نمونا 'تحريڪ' دهلي، جولاءِ ١٩٦٦ع ۾ (هڪ غير معروف شاعر) قاضي سليم جي نالي سان ملن ٿا."

اهڙيءَ طرح، ان معلومات موجب اردوءَ ۾ هائيڪو جي صنف، سنڌيءَ ڪان ڪجهہ سال پوءِ وارد ٿيل معلوم ٿئي ٿي. ٻيو تہ سنڌيءَ ۾ اُن جي ابتدا ڪنهن غير معروف شاعر نہ، پر سنڌيءَ جي چوٽيءَ جي وڏن شاعرن - نارائڻ شيام ۽ تنوير عباسيءَ (لڳ ڀڳ ٦٠-١٩٥٩ع ڌاري) شروع ڪئي هئي. جڏهن تہ سنڌ جي مهان شاعر شيخ اياز جا خود اُردوءَ ۾ هائيڪو، ١٩٦٢ع ۾ اُردو رسالي 'هم قلم' ۾ ڇپيا هئا، جيڪي لازمي طرح لکيا اڳ ۾ (يعني ٥٩-١٩٦٠ع ڌاري) ويا هوندا. نارائڻ شيام ١٩٦٠ع ڌاري جنهن پختگيءَ ۽ حسين سٽاءَ يا هيئت ۾ هائيڪو لکيا هئا، اهو ساڳيو فارم ۽ گهاڙيٽو اڄ تائين مقبول ۽ قائم آهي. ١٩٦٤ع ۾ نارائڻ شيام جي ڇپيل شعري مجموعي "ماڪ ڦنا رابيل" ۾ هن جا ٢٠٠ هائيڪو موجود آهن، جيڪي مڪمل مجموعي جيترا ٿين ٿا، ۽ اُنهن ۾ جپاني هائيڪو موجب واقعن يا وٿن (Objects) کي مڪان (Space) ۽ زمان (Time) ۾ متعين ڪيو ويو آهي ۽ وٿس موسم (Season) جو اهڃاڻ (Symbol) بہ موجود آهي. اهي ڳالهيون اها پختي ساک پرين ٿيون تہ هائيڪو جو هيڏو وڏو تعداد (٢٠٠)، جن ۾ مختلف ڪيفيتن، رنگن، عڪسن، جذبن ۽ ٿاٽن جو ذڪر آهي، هڪڙي ڏينهن جي تخليق نہ پر سالن جو سرجاءُ آهي، جن ۾ ماحول جو درد ۽ ڌرتيءَ ڪان ڌار ٿيڻ جو ڪربُ بہ سمايل آهي، ۽ اُهو اهڙو تازو آهي، جهڙو ڪنهن سجر گهاءَ مان رِسندڙ ڪوسو، گهاٽو ۽ جيئرو تازو ريتو رتُ. ڇا، اهي هائيڪا سالن جو درد سمايل ۽ سالن جي ڪيفيتن جا عڪاس نٿا ٿي سگهن!

ٻي ڳالهہ تہ اردو هائيڪونگار شاعرن وٽ اڃا تجربي ۽ هيئت جي مقرري ۽ وزن جي تخصيص مسئلو بنيل آهي، ۽ ڪين شڪ آهي تہ ڪٿي اردو هائيڪو، آزاديءَ سبب "ثلاثي" (ٽہ سٽي) ۾ تبديل نہ ٿي وڃي.

ٽي ڳالهہ تہ اردو هائيڪو،گذريل ڏهاڪو سالن کان جپاني قانصلخاني ڪراچي جي ساليانن هائيڪو مشاعرن جي "پيڙهہ" تي بيٺل آهي.

اُن جي ڀيٽ ۾ سنڌي هائيڪو لاءِ هاڻي هيئت ۽ وزن مسئلو نہ رهيا آهن، ۽ نہ ئي اُن کي ٽہ- سٽي يا ڏيڍ- سٽي ۾ تبديل ٿيڻ جو خطرو لاحِق آهي، ڇو تہ اسان وٽ جنهن هائيڪو ۾ هائيڪو- رنگ، هائيڪو- پل يا هائيڪو-عڪس موجود نہ آهي، ان کي سنڌ جي وڏن شاعرن ڪان نَون لکندڙ شاعرن تائين ڪوبہ هائيڪو تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي، ۽ صرف ظاهري هيئت يا فارم ۾ لکيل تخليقن کي "ٽہ - سٽا" ئي سڏيو وڃي ٿو. اسان تہ هائيڪو



Gul Hayat Institute

لاءِ "تيزو" جو خوبصورت نالو (جپاني "هائيڪو" لفظ جهڙو خوبصورت نالو) بہ تجويز ڪري ڇڏيو آهي. پر هائيڪو لفظ بہ اسان وٽ عام آهي.

چوٿين ڳالھہ تہ جپاني هائيڪو جي هيئت ۽ پد- ستاءُ (Syllable-Structure)، اردو شاعريءَ ۽ ٻوليءَ جي مزاج موجب نہ آهي، ڇو تہ وٽن متحرڪ ۽ غير متحرڪ (ساڪن) لفظن ۽ اکرن جو مسئلو آهي، ۽ سحر انصاريءَ جي چوڻ موجب "اردوءَ ۾ پد- ڳڻپ (Syllable-counting) نہ ٿيندي آهي" - اُن جي ڀيٽ ۾ اسان وٽ اِهو مسئلو ايڏو پيچيدو نہ آهي. سنڌي شاعريءَ جي وزني ستاءَ تي شمشير الحيدريءَ ("آزاد نظم جي اوسر" ڪتاب ۾)، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي (مضمون: "سنڌي شعر جي مختلف وزنن جو تنقيدي جائزو")، مون ('سنڌي گيت' ۾) ۽ پروفيسر جهمٽ مل ڀاوناڻيءَ ("ڇند- سگنڌ" ڪتاب ۾) تفصيلي لکيو آهي ۽ واضح ڪيو آهي تہ سنڌي شاعريءَ لاءِ هندي ڇند وڌيڪ موزون آهي، جنهن جو ماترڪ تاڃي پيٽو (گُرو ۽ لگھُو ماترائن تي آڌارڪ) جپاني هائيڪو جي هيئت سان ملندڙ جلندڙ آهي. ان ڪان سواءِ اسان وٽ بيتن ۽ ٻاراڻن ٻولن وارو گهاڙيٽو، گُرو ماترائن (پدن يا Syllables جهڙو) موجود آهي، ان ڪري اسان جا شاعر وزني حوالي سان اردو شاعرن وانگر مونجهاري جو شڪار نہ آهن. پر اسان وٽ هائيڪو جي خوبصورت هيئت، ۳۵ ماترائن واري، ۳۵ سالن جي اوسر ۾ گهڻجي، ڇلجي، سنورجي ۽ سينگارجي چڪي آهي:

ڏينهن جو ڀريون خوابُ-
اُڀريو آ اوڀر طرف
سونو لال گلابُ: (نارائڻ شيام)

(۳) جپاني هائيڪو توڙي شاعريءَ جي ٻين صنفن ۾ قافيو (Rhyme System) ٿئي ئي ڪونہ، ڇو تہ موضوع جي محدوديت، اشاريت ۽ اختصار بيانيءَ جي ڪري جپاني شاعر 'قافيو' ڪم ڪونہ آڻين. پر جڏهن بہ ڪا صنف ٻيءَ ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ داخل ٿيندي آهي تہ اُن جو ثقافتي رنگ ۽ اُن جي مزاج جي خوشبوءِ ضرور جهٽيندي آهي، اُن ڪري سنڌي هائيڪو، آزاد نہ پر قافيہ-بند هائيڪو ئي خوبصورت لڳي ٿو. هونئن اسان وٽ جپاني هائيڪو (قافيي ڪان آزاد) جي طرز جا ٻاراڻا ٻول بہ موجود آهن:

ٽنڊڻي ڙي ٽنڊڻي
اسان تُنهنجا ماٽهو،
ڇبينداسون ڏاڙهون-

پر اسان جي شاعرن، قافيي کي برقرار رکندي، هائيڪو ۾ موضوعن ۽ مواد جي تجربن جي گنجائش کي وسعت ڏني آهي، جنهن ۾ نارائڻ شيام، تنوير عباسي، شيخ اياز ۽ اُستاد بخاريءَ کان وٺي نون شاعرن تائين سڀني جي ڪوشش شامل آهي.

هتي هيءَ ڳالھہ بہ چٽي ٿيڻ گهرجي تہ هائيڪو جي ظاهري هيئت ۾ ٽيل سموري شاعري 'هائيڪو' نہ آهي، اُن مان گهٽائي تہ سٽن يا لکڻ جي ترتيب بدلائڻ سان ڏيڍ- سٽن جي آهي.

هائيڪو مسلسل بيانيءَ سان نظم جي ستاءَ ۾ لکڻ جي ابتدا، سنڌيءَ ۾ شيخ اياز ڪئي هئي. اُن روايت تي آسي زمينيءَ، وسيم سومري، زيب سنڌيءَ، رڪيل مورائيءَ ۽ جلال ڪوريءَ بہ مسلسل هائيڪو (هائيڪو-نظم) لکيا آهن. پر اُن لاءِ ذاتي خبرداريءَ جي ضرورت آهي، جيئن هن صنف جي نازڪ مزاجي، نفاست، شگفتگي، لطافت، عڪسبندي، اختصار، اشاريت، موسم جي خصوصيت ۽ وٽن کي زمان ۽ مڪان جي حدن اندر رکڻ جي پابندي برقرار رهي سگهي.

- (منهنجي ڪتاب "ڏينهن جو ڀريون خواب" (هائيڪو - اڀياس جو مهاڳ.)

غلام مصطفيٰ سولنگي

# اسماعيلي- سنڌ ۾ آمد، حڪومت ۽ زوال

حضرت امام جعفر صادق عليہ‌السلام جي وفات کان پوءِ شيعا ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا. هڪ گروهہ حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليہ‌السلام جي هٿ تي بيعت ڪري کيس پنهنجو امام مڃيو، "جنهن کي حضرت امام جعفر صادق عليہ‌السلام پنهنجي وڏي فرزند حضرت اسماعيل عليہ‌السلام جي وفات کان پوءِ پنهنجو جانشين مقرر ڪيو هو." (١). جڏهن تہ ٻئي گروهہ حضرت اسماعيل عليہ السلام جي فرزند حضرت محمد المڪتوب جي بيعت ڪئي ۽ "اهڙيءَ طرح هي گروهہ حضرت اسماعيل عليہ‌السلام جي نسبت سان اسماعيلي سڏجڻ لڳو." (٢)

هونئن تہ اسماعيلين جون ڪيتريون ئي شاخون آهن، پر سندن هيٺيون پنج شاخون عام آهن: (١) فاطمي، (٢) قرمطي،(٣) دروزي، (۴) مستعلي، (۵) نزاري.

ان کان علاوه کين "باطني" بہ سڏيو ويندو آهي، اهو ان ڪري جو سندن عقيدو آهي تہ "قرآن جو ظاهر بہ آهي ۽ باطن بہ." (٣). ۽ "اسماعيلي قرآن جي باطن تي عمل ڪندا آهن." (۴). اسماعيلين جو خيال آهي تہ هرهڪ شرعي ڪم جو مقصد باطن آهي ۽ نہ ڪي ظاهر. مثال طور: "روزي جو باطن هي آهي تہ مذهب کي ڳجهو رکيو وڃي، حج جو باطن امام وٽ پهچڻ آهي ۽ نماز جو باطن امام جي فرمانبرداري آهي." (۵). وڌيڪ سندن چوڻ آهي تہ " هر ظاهر جو باطن آهي ۽ اهو باطن انهيءَ باطن جو مظهر آهي ۽ ڪوبہ اهڙو ظاهر ڪونهي، جنهن جو باطن نہ هجي. الله تعاليٰ ظاهر ۽ باطن پيدا ڪيا آهن. عالم باطن، عالم ارواح و نفس ۽ عقل آهي ۽ عالم ظاهر، عالم اجسام علوي و سفلي ۽ اعراض آهن. امام، عالمِ باطن جو حاڪم هوندو آهي. ڪنهن جي بہ ظاهر امام جي تعليم ۽ تربيت کان سواءِ، عالمِ بالا تائين رسائي نٿي ٿي سگهي. نبي، عالمِ ظاهرۦ شريعت جو حاڪم هوندو آهي، تنهنڪري بني نوع انسان سندس هدايت جا محتاج هوندا آهن." (٦)

اسماعيلين جي اهڙي قسم جي تعليم ۽ عقيدا، عباسي خليفن کي پاڻ نہ پيا ۽ سندن خوف ۽ شڪ ۾ واڌارو ٿيو، ان ڪري عباسي خليفن اسماعيلين تي ڪڙي نظر رکڻ شروع ڪئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ اسماعيلين سان عباسي خليفا ڏاڍو ظالماڻو ورتاءُ ڪندا هئا.

عباسي خليفن جي اهڙي سخت هلت ۽ قتل جي ڌمڪين کان ڊڄندي حضرت محمد المڪتوب جو پوٽو حضرت محمد الحبيب، "جنهن کي احمد ۽ محمد بہ سڏيو ويندو آهي" (٧)، بغداد ڇڏي شام جو شهر "سليمہ" وڃي وسايائين. هتي کيس پنهنجي فرقي جي تبليغ لاءِ آزادي ملي، ان ڪري ٿوري ئي عرصي اندر ڪيترائي ماڻهو پنهنجي دائري ۾ داخل ڪري ورتائين ۽ گڏو گڏ ڪيترائي داعي اسماعيلي فرقي جي دعوت لاءِ مسلمان ملڪن ڏانهن موڪليائين. هڪ داعي تبليغ جي مقصد سان سنڌ ۾ بہ آيو، جنهن جو نالو عبدالله ابن عمر هباري ڄاڻايو ويو آهي، جنهن کي "نزهت الافڪار" ۾ "هيثم" بہ سڏيو ويو آهي. ابو ظفر ندويءَ جي مطابق "هيثم سنڌ ۾ اسماعيلي فرقي جو پهريون داعي هو، جيڪو سن ٢٧٠هہ ۾ سليمہ کان هتي اچي پهتو هو." (٨). هيثم کان پوءِ ڪيترائي اسماعيلي داعي سنڌ ۾ آيا ۽ ٿورن ئي سالن ۾ چڱو خاصو ڏاڪو جمائي ورتائون، ايتري تائين جو سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت قائم ڪرڻ ۾ سوڀارا ٿي ويا. هيثم، فاطمي خليفي "المعز" جو پروسيِ جهڙو ماڻهو هو، ان ڪري سنڌ جي حڪومت جون واڳون کيس ئي سونپي ڇڏيائين.

خليفي المعز جي وفات سن ٣٦۵هہ مطابق ٩٧۵ع ۾ ٿي. ان کان پوءِ سندس فرزند عزيزبالله کي خلافت جي منصب تي ويهاريو ويو. اچڻ سان ئي عزيزبالله "هيثم کي معزول ڪري حليم ابن شيبان کي سنڌ جو حڪمران

بنايو." (٩). "حليم ابن شيبان، سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ مذهبي تبليغ جو ڪم زور شور سان شروع ڪري ڏنو ۽ پرپاسي جي هندو راجائن سان لڳ لاڳاپا وڌايا." (١٠)

اسماعيلين جي ٻي مکيہ شاخ "دروزي" آهي. دروزين جي سنڌ ۾ حڪومت جي باري ۾ ابو ظفر ندوي لکي ٿو: "دروزين جو امام محمد بن اسماعيل، سلطان محمود غزنوي ۽ سلطان مسعود جو همعصر هو. سلطان محمود جڏهن حليم ابن شيبان جي خاندان جي آخري والي ابوالفتح دائود ابن نصير ابن حميد ملتاني کي غزني وٺي ويو ۽ اُتي ئي قيد ڪري ڇڏيو هو تہ پوءِ سلطان محمود جي وفات کان پوءِ سلطان مسعود انهيءَ خاندان جي ماڻهن کي، جيڪي باقي جيئرا بچي ويا هئا، آزاد ڪري ڇڏيو. واپس ملتان پهچڻ تي هنن ٻيهر حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ هٿ پير هلايا. انهن مان ابوالفتح دائود جو ڏوهٽو عبدالله سيني ۾ اڳرو هو. مگر فاطمي اسماعيلين ۾ حڪومت ۽ مذهبي عهدو امام جي موڪل کان سواءِ ڪير بہ حاصل نہ ٿي ڪري سگهيو، تنهنڪري عبدالله جي ڪوشش سنڌ جي اسماعيلين جي مرضيءَ جي خلاف هئي. ٻئي پاسي انهيءَ وقت مصر ۾ فاطمي خليفو عزيز، خليفي الحاڪم جي پيدا ڪيل سياسي ۽ مذهبي مسئلن ۾ الجهيل هو، تنهنڪري موقعي جو فائدو وٺندي دروزين جي امام سنڌ جي سومرا قوم جي سردار کي 'شيخ' جو لقب ڏئي هڪ خط لکيو." (١١). ان خط ۾ کيس سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لاءِ آياريو ويو هو. خط ملڻ کان پوءِ، "سومرا ويهارو سال ڪن ڪوشش ڪندا رهيا ۽ آخرڪار سلطان عبدالرشيد جي زماني ۾ سن ٤٢١هہ ڌاري سنڌ تي حڪومت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ 'سومرا' نالي هڪ سومري کي حڪمران بنايائون." (١٢) ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتي.

## اسماعيلي مبلغ ۽ سنڌي ادب:-

سومرن جي دؤر ۾ ڪيترائي اسماعيلي مبلغ سنڌ ۾ آيا هئا، تن مان مکيہ مُبلغن جو ذڪر سندن ادبي خدمتن جي حوالي سان هيٺ تفصيلي بحث ڪجي ٿو.

### سيد نورالدين:-

سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ اسماعيلين ۾ سخت مذهبي اختلاف پيدا ٿي پيا ۽ نتيجي ۾ هڪ ٻي شاخ وجود ۾ آئي، "جنهن کي نزاري چيو وڃي ٿو." (١٣). "انهن اختلافن جي ڪري نزارين پنهنجي تبليغ جو مرڪز مصر مان منتقل ڪري ايران ۾ آندو، جتان سيد نورالدين اسماعيلي فرقي جي ارڙهين امام المستنصر بالله جي حڪم تي، سن ١٠٧٩ع ۾ سنڌ ۾ آيو." (١٤).

سيد سگورو، اچڻ سان پاڻ کي سنڌ ۽ گجرات ۾ "سيد السادات ۽ ست گر نور جي لقبن سان سڏائڻ لڳو." (١٥). هن بزرگ ٿوري ئي عرصي ۾ مقامي ٻوليون جهڙوڪ هندي، گجراتي، سرائڪي، ڪڇي ۽ لاڙي سکي ورتيون ۽ ڪين پنهنجي تبليغ جو ذريعو بنايو ۽ "پنهنجي مسلڪ جو نالو 'ست پنٿ' رکيائين." (١٥). ڏسندي ئي ڏسندي ڪيترائي غير مسلم سندس تعليمات کان متاثر ٿي مسلمان ٿيڻ لڳا. "انهن نومسلمن کي مذهب جا عقيدا ۽ اصول سيکارڻ لاءِ هڪ خاص نظم يعني 'گنان' متعارف ڪرايو." (١٧). نہ فقط اهو پر "پنهنجي گنانن کي ڳائڻ جو رواج بہ وڌائين." (١٨). سيد نورالدين پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي، هندي ۽ گجراتيءَ جا لفظ استعمال ڪيا آهن. سندس ڪلام جو نمونو، جيڪو هٿ اچي سگهيو آهي، هي آهي:

(١) ٻن علمي بندگي ڪري، تون بندگي سڄي سار،
جيون نت ان راهہ چلشا ،آخر اجڙ واس (١٩)
(٢) ٻگهہ هنس ٻي ٻتونترا، ڏسي ايڪ ورڻ.
ٻگهہ چري من مانيو، هنس موتي چرن. (٢٠)

هن دوهي ۾ سنڌي زبان جو هڪ بہ اکر مس آيل آهي. باقي سمورا لفظ گجراتي ٻوليءَ جا استعمال ڪيا ويا آهن.



Gul Hayat Institute

**پير شمس الدين سبزواري:-**

اسماعيلي نزارين جي ٢٩هين امام قاسم شاهہ جي حڪم تي، پير شمس الدين سبزواري، مبلغ جي حيثيت سان سن ٦٧٥ هہ مطابق ١١٧٦ع ۾ هتي آيو ۽ تبليغ ۾ مشغول ٿي ويو. "پنجاب ۽ سنڌ جي لوهاڻن سندس مريدي قبول ڪئي." (٢١). تبليغ جي مقصد خاطر هن امام قاسم شاهہ جي واکاڻ ۾ اناويهہ پچن ناهيا هئا، جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا:

مانو قاسم شاهہ نور نبي ري غافلو، آل امام ڪل مانهين.
تيني ڪلاتي اي او يار غافلو، اي پير شمس سو هي.
ماتون پتر سون شون هنوري هندو.
ڪيڪ نگري مان رهي چُپي ري هندو.
اوڙ ڪونر قاسم شاهہ اوتار.
تني صاحب در داتار.
گربي چي ڪائين جونو ديو
پواني چي ڪَهان ري بول؟
گربي ڪي ديو ڪجهہ جوني نهين،
پواني ڪا پتر ڪهان هي؟ (٢٢)

پير شمس الدين سبزواري پنهنجي اسماعيلي تبليغ ۾ وڏيءَ حد تائين ڪامياب ويو. ملتان ۾ پنهنجن مريدن جو هڪ وڏو حلقو بنائي، پوءِ هُو "ديبل پهتو، جتي هزارن جي انگ ۾ سنڌي سندس مريد ٿيا." (٢٣). "تن ڏينهن ۾ شهزادو سلطان محمد ملتان ۽ سنڌ جو حاڪم هو." (٢٤). سنڌ ۾ ترسڻ دوران هن سنڌيءَ ۾ بہ ڪلام چيو، جنهن ۾ ملتانيءَ جا لفظ بہ استعمال ڪيا اٿائين. سندس سنڌي ڪلام جو نمونو هن ريت آهي:

رب تون رحمان تون
يا علي اول آخر قاضي تون ئي تون
حق تون پاڪ تون، بادشاهہ
مهربان پلي يا علي، تون ئي تون. (٢٥)

ڪجهہ عرصو سنڌ ۾ رهڻ کان پوءِ پير شمس الدين سبزواري واپس ملتان موٽي آيو، جتي "شمسي مت" جي پچنن جو پرچار ڪرڻ لڳو، جيئن هڪڙي پچن ۾ چوي ٿو:

من ميرا مصلي اور الله ميرا قاضي،
ڪايا هماري مسيتيان،
اندر بيٺ مين نماز گذارون،
مورک ڪيا جاني طاعت هماري. (٢٦)

پنهنجي عمر جو خاصو حصو دعوت ۽ تبليغ ۾ گذاري، پير شمس الدين سن ٧٥٧ هجري ڌاري ملتان ۾ وفات ڪئي. سندس روضو ملتان شهر منجهہ ئي آهي.

**پير صدرالدين:-**

سن ٧٧١هہ ۾ امام قاسم شاهہ وفات ڪئي ۽ سندس فرزند اسلام شاهہ ايران ۾ گادي نشين ٿيو. امام اسلام شاهہ پنهنجي پاران پير صدرالدين کي "وصي محمد" جو لقب ڏيئي سنڌ ڏانهن دعوت ۽ تبليغ لاءِ روانو ڪيو. "پير صدرالدين سن ٧٠٠ هہ ۾ سبزوار ۾ پيدا ٿيو هو. سندس والده ماجده جو نالو نور فاطمہ بنت سيد



Gul Hayat Institute

ابراهيم سبزواري هو." (٢٧). پير صاحب جو حسب نسب حضرت علي ڪرم الله وجهہ جن سان وڃي ملي ٿو. سندن شجرو هن طرح آهي:

سيد صدرالدين بن سيد شهاب الدين بن سيد نصيرالدين بن سيد شمس الدين بن سيد صلاح الدين بن سيد اسلام‌الدين بن سيد مومن شاهہ بن سيد خالدالدين بن سيد مشتاق الدين بن سيد احمد بن سيد هاشم بن سيد مسافر بن سيد امام‌الدين بن سيد مُحمد بن سيدنا و امامنا اسماعيل بن امام جعفر الصادق بن امام محمد باقر بن امام زين العابدين بن امام حسين عليہ السلام بن حضرت علي عليہ السلام. (٢٨).

پير صدرالدين پنجاب، ڪشمير ۽ سنڌ ۾ تبليغ ڪندو رهيو ۽ سندس دعوت کان متاثر ٿي ڪينرائي غير مسلم مسلمان ٿيڻ لڳا، "جن کي خواجہ * جو لقب ڏنو ويو." (٢٩). "هندستان ۾ گهڻ عرصو رهڻ ڪري هندو ڌرم جو گُوڙهو اڀياس ڪيو هئائين." (٣٠). هندن سان اپنترو تہ رلي ملي ويو جو، "پاڻ تي هندو نالو رکيائين ۽ هندو ڌرم جي مناسبت تي هڪڙو ڪتاب 'دسا اوتار' يعني ڏهہ اوتار لکي ورتائين، جنهن کي شروعات کان ئي خواجا آسماني ڪتاب مڃڻ لڳا. هن ڪتاب ۾ حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي 'برهما'، حضرت علي ڪرم الله وجهہ کي 'وشنو' ۽ حضرت آدم عليہ السلام کي 'شو' ڏيکاريل آهي." (٣١).

"پير صدرالدين سومرن جي حڪومت جو پويون اڌ ۽ سمن جي حڪومت جو پهريون اڌ ڏٺو. سنڌ ۾ سندس دعوت جو مرڪز ڪوٽڙي الله رکيو شاهہ (تعلقو گهوڙاباري) هو، جتان پاڻ ڪڇ، گجرات ۽ ملتان طرف ويندو هو." (٣٢). "پنهنجيءَ عمر جو ڪافي حصو دعوت ۽ تبليغ ۾ گذاري، سن ٨١٩هہ ۾ وفات ڪيائين، سندس مزار اُچ شريف جي پرسان آهي." (٣٣).

**پير صدرالدين جون علمي ۽ ادبي خدمتون:-**

پير صدرالدين وڏو عالم ۽ فاضل هو. سندس علمي لياقت جي ڪري ڪيترائي هندو اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا. سنڌ ۾ اچڻ کان سنت پوءِ ڪيترين ئي ٻولين، جهڙوڪ: سنڌي، هندي، گجراتي، لاڙي، سرائڪي، سنسڪرت وغيره سکي ورتيون هئائين، ان ڪري سندس تبليغ ڪرڻ ۾ سهوليت رهندي هئي. پير صدرالدين نہ فقط وڏو پارکو هو، پر اعليٰ پايي جو شاعر پڻ هو، "سندس ڪلام سنڌي (ڪڇي ۽ لاڙي لهجن)، گجراتي، سرائڪي (ملتاني لهجي) ۽ هنديءَ ۾ ملي ٿو." (٣٤). پنهنجي ڪلام ذريعي نو مسلمن (خواجن) کي اسلامي عقيدا ۽ اصول سيکاريندو هو. "سندس ڪلام کي گنان * چيو ويندو آهي ۽ سندس گنانن جي هيئت سنڌي ڪافيءَ جهڙي آهي." (٣٥). "سندس هر ڪلام جي شروعات هڪ مصرع واري ٿلهہ سان ٿئي ٿي. ٿلهہ کان پوءِ هر بند ۾ دوهي وانگر ٻہ مصراعون آهن. هر بند کان پوءِ ٿلهہ وراڻيءَ طور وري وري چيو ويو آهي. هن بزرگ جي ڪلام جو دارومدار راڳداريءَ تي آهي. جماعت خانن ۾ سندس ڪلام توڙي ٻين بزرگن جو ڪلام باقاعدگيءَ سان ڳايو ويندو آهي." (٣٦). سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

گنان پهريون:

(اي جي) اتي الله نہ گهُرين بندا، تون سُتين سڄي رات
نَڪا جهوري جيوَ جي (بانها)، نڪو سمر سات.
شاهہ جو مجيئڙو تني کي، جيڪي صبوحڙي جاڳن.

صبوحڙي نہ جاڳن، تني کي حورون نہ ڏين هَٿَ.
سي هاءِ هاءِ ڪندا هٿ هٿندا، جيئن هاري وڃائي وٿَ.
شاهہ جو مجيئڙو.....

بانها تونجو تکيو (يار) کندن ۾ کيو،
جڏين سچاٽو سُور کَئين (يار) تڏين سَمريو،
شاهہ جو مجيئڙو....

جيڙو ني تيڙو اگهيو (يار) هوند کتيائين.
پوءِ سپاٽي سرتين وچ، ملي مرکيائين.
شاهہ جو مجيئڙو.

کونا مندپ مازيون، گهر گهوڙا پندار.
کين نہ نيا پاڻ سين، جيو چلنتي وار.
شاهہ جو مجيئڙو....

پٽي پير صدرالدين، آئين سُٽو مومن وِيرَ.
الک جُٽو تني کي، جي سچاتو شاهہ پير.
شاهہ جو مجيئڙو....

گنان بيو:

پائر پاگا ۾َ تَڙو (اَئين) ۾َ بوليو اڙپ.
هن شاهہ جي پيار تي، تَڙ وچوتي لج.
سڻ وڻجارڙا (هو) يار، هي من هروئڙو ٿو جهولي.

يار جي کي کڙوي وَلِ.
تا تو جي جيوَ جو جوکو نہ ٿئي.
سڻ وڻجارڙا (هو) يار....

کچي ماپي مَئيندڙا (يار)، کوڙي تولي ڏين.
هي تني جي وکرڙي، بڏي سا سائين.
سڻ وڻجارڙا (هو) يار...

پکي ماپي مئيندڙا، پوري تولي ڏين.
هي تني جي وکرڙي، صحيح سلامت نين.
سڻ وڻجارڙا (هو) يار...

تون وڻجارو ويرا لئي، اچا وٺج کريج.
تون ني کين کي ۾َ ڏوتيئين، پاڻ ڏوتائيج.
سڻ وڻجارڙا (هو) يار...

تون وڻجارو ميدني کونا تو آڏائيئين.
صحيح سپوڙو ساٽڙو، سات نہ سنپاريئين.
سڻ وڻجارڙا (هو) يار...

Gul Hayat Institute

ڪيڙيون اڏائيئين گڏ، ماڙيون (تين تي) ڪيڙا پائيئين چِٽ.
نيئي ڏريندءِ ڏوڙ ۾، متان لَتون (ني) ڏيندي مِٽَ.
سڻ وڻجارڙا (هو) يار...

تانگي مٿي تُرهو، تاٿي تو نہ ٻڌو.
جڏين ني لهرئين لوڙيو، تڏين تو سنڀاريئين.
سڻ وڻجارڙا (هو) يار...

ٻيڙي (ني) ٻوئي تڙ تي، علي سڌ ڪندي.
گهر پريو تو جي پاندئي، سيئي نہ هلندي سات.
سڻ وڻجارڙا (هو) يار....

نو واتانر ڪي، ڏهون تون ساري ڏيج.
تون (ني) توجي ايمان سين، صحيح سلامت ڏيج.
سڻ وڻجارڙا (هو) يار....

روڙو (ني) گڏ امراپوري، پائر پاگا پير.
ٻار ڪروڙئين شاهہ نزار چڙهي، صحيح جاٽو صدرالدين،
سڻ وڻجارڙا (هو) يار.... (٣٨).

مٿين گنانن ۾ تصوف ۽ روحانيت جو چڱو خاصو عنصر موجود آهي. گڏوگڏ دنيا جي بي ثباتيءَ جو ذڪر پڻ ڪيل آهي. ان کان سواءِ پاڻ ڪوڙ، ڪپت ۽ ٻيائيءَ کي دل مان ڪڍڻ ۽ نفس جي غلاميءَ کان بچڻ جي هدايت ڪئي اٿائين ۽ پنهنجي زندگي خدا پاڪ جي بندگيءَ ۾ گذارڻ جو فرمايو اٿس.

**سنڌي صورتخطي:-**

پير صدرالدين نو مسلمن کي ديني اصول لکي ڏيڻ خاطر هڪ نئين صورتخطي ايجاد ڪئي، جيڪا چاليهن اکرن تي ٻڌل آهي، ان ڪري ان کي "چاليهہ اکري" يا "خواجڪي سنڌي" چيو ويندو آهي. "ان رسم الخط جو هڪ ڇاپخانو بہ هو، جنهن کي 'سنڌي پريس' چيو ويندو هو."(٣٩). اهو رسم الخط سنڌ، گجرات ۽ پنجاب تائين اسماعيلين ۾ رائج ٿي ويو. سيني پيرن جا گنان هن صورتخطيءَ ۾ لکيا ويا. اهو رسم الخط اڄ بہ خواجا جماعت ۾ رائج آهي.(٤٠).

**پير حسن ڪبيرالدين:-**

پير حسن ڪبيرالدين، پير صدرالدين جو وڏو فرزند هو. سندس جنم سن ٧٤٢ھ ۾ ٿيو ۽ وفات سن ٨٥٣ ھ ۾. ملتاني، سنڌي، ڪڇي ۽ گجراتي ٻولين ۾ سندس ٿورڙو ڪلام موجود آهي. سندس ڪلام مان بہ بند هيٺ ڏجن ٿا:

(١) آشا جي شري اسلام شاهہ تختيج بينا.
تاري دين هوالرحمان جي.
سر بند لئي، منڪي ديد ها.
تاري سر اگهاڙ ڪر نر بينا. (٤١)

ترجمو: جڏهن کان حضرت اسلام شاهہ تخت تي وينو، تڏهن کان ڌڻيءَ جي دين جو فرض جاري ٿيو. (پير حسن ڪبيرالدين) جڏهن امام کي پڳ نذرانو ڪئي، تڏهن ٻاڻ مرد مٿو اگهاڙو ڪيو وينو هو.



Gul Hayat Institute

پير صاحب جي شاعريءَ تي گجراتي ٻوليءَ جو وڏو اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

**گنان تي هڪ سرسري نظر:-**

"سڀ کان پهرين پير صدرالدين پنهنجي تبليغي ڪلام کي 'گنان' جو نالو ڏنو، جيڪو گيان جي بدليل صورت آهي." (۴۶). گنان هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن کي 'سنگيت وديا' يا راڳداريءَ موجب ڪافيءَ جي صِنف چئي سگهجي ٿو." (۴۷). "گنان مسلسل نظم آهن، جن ۾ هر بند دوهي جي سٽاءُ جهڙو آهي ۽ اهڙا ڪيترائي بند گنان ۾ ٿين ٿا. شروع ۾ وراڻي ٿئي ٿي، جيڪا هر بند کان پوءِ وري وري دهرائجي ٿي. وائيءَ جي بناوت بہ لڳ ڀڳ هن قسم جي نظم جهڙي آهي. ان مان ڀانئجي ٿو تہ سنڌ ۾ وائيءَ جي سٽاءُ جهڙي صنف موجود آهي." (۴۸).

اسماعيلي مبلغن پنهنجن گنانن ۾ گهڻو تڻو ڪڇي ۽ لاڙي ٻوليءَ جو استعمال ڪيو آهي. سندن ڪلام ۾ "تي"، "جي" ۽ "سون" لفظ گرامر جي لحاظ کان بہ انوکا آهن. مثال طور:

"ست پنٿي ٿي جي ست سون رهي، ٻرو نہ راکي من."

هن مصرع ۾ "تي" ۽ "جي" لفظ ظرف طور ڪم آيا آهن. ساڳيءَ طرح "سون" لفظ حرف جر (سان) طور ڪم آندو ويو آهي. پهريان ٻئي (تي ۽ جي) ساڳيءَ ترڪيب سان، گهڻو پوءِ شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ بہ نظر اچن ٿا. (۴۹). مثال طور:

"اڇيو آنڻ واريون، طعنا ڏينم تي."

"اسماعيلي مبلغن جي گنانن ۾ 'سان' حرف جر جي بدران 'سون' لفظ حرف جر طور ڪم آندو ويو آهي. ممڪن آهي تہ هن خطي ۾ ۸۰۰ يا ۱۰۰۰ ورهيہ اڳ 'سان' جي بدران 'سون' حرف جر طور ڪم ايندو هجي." (۵۰).

مضمون جي لحاظ کان گنان ۾ مذهبي تعليم، اخلاقي سکيا ۽ دنيا جي فاني هجڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ گنانن ۾ تصوف ۽ روحانيت جا اصول ۽ طريقا بہ سيکاريا ويا آهن. ان ڪري جو اسماعيلي مبلغ صوفي هئا." (۵۱). انهيءَ کان سواءِ، "عاشقاڻو مضمون بيان ڪندي، عورت جي روپ ۾ سالڪ ٻنجي محبوب لاءِ ورلاپ ڪيا اٿن." (۵۲).

## حوالا


(۱) پٺي، سرفراز احمد، مقالو: "اسماعيلي ۽ سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت جو مختصر جائزو،" "مقالا"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، فيبروري ۱۹۸۸ع.

(۲) ايضاً، ص: ۱۸۱.

(۳) ايضاً، ص: ۱۸۱.

(۴) ايضاً، ص: ۱۸۲.

(۵) ايضاً، ص ۱۸۲.

(۶) پٺي، سرفراز احمد، ڊاڪٽر، مقالو: "اسماعيلي ۽ سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت جو مختصر جائزو"، "مقالا" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، فيبروري ۱۹۸۸ع.

(۷) ايضاً، ص: ۱۸۳.

(۸) ندوي، ابو ظفر، "تاريخ سنڌ"، اعظم ڳڙهہ، ۱۹۴۷ع، ص: ۱۹۹.

(۹) پٺي، سرفراز احمد، ڊاڪٽر، مقالو: "اسماعيلي ۽ سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت جو مختصر جائزو"، "مقالا" سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، فيبروري ۱۹۸۸ع.

(۱۰) پٺي، سرفراز احمد، ڊاڪٽر، مقالو: "اسماعيلي ۽ سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت جو مختصر جائزو"،


Gul Hayat Institute

"مقالا" ، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، فيبروري ١٩٨٨ع.
(١١) ندوي، ابو ظفر، "تاريخِ سنڌ" ، اعظم ڳڙهه، ١٩٤٧ع، ص: ٢٨.
(١٢) ندوي، سيد سليمان: "عرب و هند کي تعلقات" ، الله آباد، ٢٩ - ١٩٢٨ع، ص: ٣٦٢.
(١٣) ڀٽي، سرفراز احمد، ڊاڪٽر، مقالو: "اسماعيلي ۽ سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت جو مختصر جائزو" ، "مقالا" ، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، فيبروري ١٩٨٨ع.
14-Misra, S.C,"Muslim Communities in Gujrat", Asia Publication, House, London, 1963, P-57 .
15. Ibid, P-57
(١٦) ميمڻ، عبدالمجيد، "سنڌي ادب جي تاريخ" عجائب استورس سکر، ١٩٧٦ع، ص: ٢٤.
(١٧) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ، سنڌالاجي جامشورو ١٩٧٧ع، ص: ١٧٢.
(١٨) ايضاً، ص: ١٧٢.
(١٩) ميمڻ، عبدالمجيد، "سنڌي ادب جي تاريخ" عجائب استورس سکر، ١٩٧٦ع، ص: ٢٤.
(٢٠) ميمڻ، عبدالغفور، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ، لاڙڪاڻو، ١٩٧٦ع، ص: ٢٩.
(٢١) مولائي شيدائي، "تاريخ تمدن سنڌ" ، حيدرآباد، ١٩٥٩ع، ص: ٢٧٤.
(٢٢) ايضاً، ص: ٢٧٤.
(٢٣) ايضاً، ص: ٢٧٤.
(٢٤) ايضاً، ص: ٢٧٤.
(٢٥) ميمڻ، عبدالمجيد، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ، سکر ١٩٧٦ع، ص: ٢٤.
(٢٦) مولائي شيدائي، "تاريخ تمدنِ سنڌ،" حيدرآباد، ١٩٥٩ع، ص: ٢٧٥.
(٢٧) ايضاً، ص: ٢٧٥.
(٢٨) الانا، غلام علي، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ، جامشورو، ١٩٧٧ع، ص: ١٩٤.
(٢٩) ايضاً، ص: ١٩٥.
* - لفظ "خواجه" پارسي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي هنرمند، پڙهيل، واپاري يا ڊاڪٽر. هي لفظ بعد ۾ ڦري "خوجه" يا "کوجا" ٿيو.
(٣٠) الانا، غلام علي، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ، جامشورو، ١٩٧٧ع، ص: ١٩٥.
(٣١) نجم الغني، مولوي، "مذاهبِ اسلام" ص: ٣٢٤.
(٣٢) چنارا، علي محمد، " نور مبين" ، بمبئي، ص:٤٩٦.
(٣٣) ميمڻ، عبدالمجيد، "سنڌي ادب کي مختصر تاريخ" ، سنڌ الاجي، ١٩٨٣ع، ص: ٤٨.
(٣٤) الانا، غلام علي، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ، جامشورو، ١٩٧٧ع، ص: ١٩٥.
* ٻين اسماعيلي مبلغن جي ڪلام کي بہ "گنان" چيو ويندو آهي.
(٣٥) جوڻيجو، عبدالجبار، مقالو: "قديم سنڌي شعر تي هڪ نظر" ، "سوکڙي" مخزن، جامشورو، ص: ٧٦.
(٣٦) الانا، غلام علي، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ، جامشورو، ١٩٧٧ع، ص: ١٩٦.
(٣٧) الانا، غلام علي، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ، جامشورو، ١٩٧٧ع -، ص ص: ٩٧- ١٩٦.
(٣٨) الانا، غلام علي، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ، جامشورو، ١٩٧٧ع، ص ص: ٩٨ - ١٩٧.
(٣٩) ميمڻ، عبدالمجيد، "سنڌي ادب کي مختصر تاريخ،" سنڌالاجي، ١٩٨٣ع، ص: ٥٠.
(٤٠) الانا، غلام علي، "سنڌي صورتخطي" ، سنڌي زبان پبليڪيشن حيدرآباد، ١٩٦٤، ص: ٤.



Gul Hayat Institute

(۴۱) ميمڻ، عبدالمجيد، "سنڌي ادب کي مختصر تاريخ" سنڌالاجي، ۱۹۸۳ع، ص: ٦٥.
(۴۲) ايضاً، ص: ٦٥.
(۴۳) ايضاً، ص: ٦٦.
(۴۴) الانا، غلام علي، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، جامشورو، ۱۹۷۷ع، ص: ۱۹۸.
(۴۵) ايضاً، ص: ۹۹ - ۱۹۸.
(۴٦) ميمڻ، عبدالمجيد، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، سکر، ۱۹۷٦ع - ص: ۲۵.
(۴۷) الانا، غلام علي، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، جامشورو، ۱۹۷۷ع، ص: ۱۷۳.
(۴۸) ميمڻ، عبدالمجيد، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" سکر، ۱۹۷٦ع، ص: ۲۵.
(۴۹) الانا، غلام علي، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، جامشورو، ۱۹۷۷ع، ص: ۱۷۴.
(۵۰) ايضاً، ص: ۱۷۴.
(۵۱) ايضاً، ص: ۱۷۲.
(۵۲) ايضاً، ص: ۱۷۲.

## مددي ڪتاب


(۱) ميمڻ، عبدالمجيد، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، عجائب اسٽورس (رجسٽرڊ) سکر، ۱۹۷٦ع.
(۲) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، جامشورو، ۱۹۷۷ع.
(۳) مولائي شيدائي، "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، ۱۹۵۹ع.
(۴) ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" (ٻاگو پهريون). ڪانياواڙ بوڪ اسٽور، لاڙڪاڻو، ۱۹۷٦ع.
(۵) لغاري، اڪبر، "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، ۱۹۹۲ع.
(٦) سنديلو، اسلم، ڊاڪٽر، "سنڌي"، گريجوئيٽس پبليڪيشن ڪراچي، ۱۹۸۸ع.
(۷) ميمڻ، عبدالمجيد، "سنڌي ادب کي مختصر تاريخ" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، جامشورو، ۱۹۸۳ع.
(۸) قانع، علي شير، "چچ نامو"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۵۷ع.
(۹) ندوي، سيد سليمان، "عرب و هند کي تعلقات"، هندستاني اڪيڊمي الهٰآباد، ۲۹- ۱۹۲۸ع.
(۱۰) ندوي، ابوظفر، "تاريخ سنڌ" اعظم گڙهه، ۱۹۴۷ع.
(۱۱) قدوسي، اعجازالحق، "تاريخِ سنڌ" (حصه اول)، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، ۱۹۷۱ع.
(۱۲) چنارا، علي محمد، "نور مبين"، بمبئي.
(13) Misra,S.C,"Muslim communities in Gujrat," Asia Publications House, London, 1963.
(۱۴) "سوڪڙي" مخزن، سنڌي ڊپارٽمينٽ، سنڌ يونيورسٽي جامشورو، ۱۹٦۳ع.
(۱۵) "مقالا" سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، فيبروري ۱۹۸۸ع.





Gul Hayat Institute

# علامہ سيد نجيُّ الله شاهہ راشدي

سهڻي سنڌ جو "راشدي خاندان" علم ۽ ادب ۾ هميشه ممتاز رهيو آهي. دين اسلام ۽ علم ادب جي خدمت ڪرڻ انهيءَ گهراڻي جي شروع کان ئي بنيادي روايت رهي آهي. انهيءَ خاندان جو مورث اعليٰ حضرت پير سيد محمد بقا شاهہ رح آهي، جنهن جو نسبتي سلسلو ويهين پيڙهيءَ ۾ سيد علي مڪي سان ملي ٿو. حضرت سيد علي مڪي رح عرب دور ۾، دين اسلام جي تبليغ لاءِ سنڌ ۾ آيو ۽ هميشه لاءِ هن ڌرتيءَ تي سڪونت اختيار ڪيائين. پاڻ پندرهين پيڙهيءَ ۾، شهيد ڪربلا سيدنا حضرت امام حسين عليہ السلام جي پشت مان آهن.

راشدي خاندان جون سنڌ ڌرتيءَ لاءِ ڪيل علمي، ادبي، ديني ۽ سماجي خدمتون عالم آشڪار آهن. انهيءَ خاندان جي هڪ نامور هستي، حضرت علامہ سيد نجيُّ الله شاهہ راشدي رح بہ آهي، جيڪو پنهنجي وقت جو جيد عالم، اديب ۽ بزرگ هو.

علامہ سيد نجيُّ الله شاهہ راشدي رح، ٢٦-جون ١٨٩٣ع تي، حضرت علامہ سيد نورالحق شاهہ راشدي رح جي گهر ۾، ضلعي لاڙڪاڻي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ نور آباد (ساڪن پير جو ڪوٽ) لڳ وڳڻ، (تعلقو واره) ۾ ڄائو.

حضرت علامہ سيد نورالحق شاهہ رح پنهنجي دور جو هڪ مجيل عالم دين ۽ اهل دل درويش هو. سندس فيض ۽ علم جي روشني هندستان تائين پکڙيل هئي. سندس اصل ڳوٺ پير جو ڳوٺ لڳ نئون ديرو هو، جتان پاڻ هجرت ڪري، شهر محبوب خان وڳڻ جي پرسان اولهہ طرف پنهنجو ڳوٺ نورآباد (پير جو ڪوٽ) بڌايو ۽ اتي ئي مستقل سڪونت اختيار ڪري، پنهنجي روحاني فيض سان ماڻهن جون دليون سرشار ڪندو رهيو. سيد نجيُّ الله شاهہ ڪي علم، حلم، روحاني فيض، عظمت، شرافت، مهمان نوازي، دوست نوازي ۽ غريب پروريءَ جهڙيون سهڻيون ۽ بي بها خصلتون خانداني طور ورثي ۾ مليون.

راشدي صاحب جو سلسلو هن طرح وڃي ٿو. سيد نجيُّ الله شاهہ بن سيد نورالحق شاهہ بن سيد محمد راشد شاهہ بن سيد عطا محمد شاهہ بن سيد علي مرتضيٰ شاهہ رح پير جي ڳوٺ (نئون ديرو) وارو بزرگ، جيڪو حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رح جو سڳو ڀاءُ هو.

سيد نجي الله شاهہ جي پرورش بہ ديني ماحول ۾ ٿي. سندس شروعاتي تعليم مختلف هنڌن تي، مختلف عالمن وٽ ٿي، جن ۾ مولانا ڪريمداد، مولانا غلام عمر معارفاڻي، مولانا سيد محمد محسن شاهہ عودي، مولانا مير محمد نورنگي، مولانا غلامالرسول عباسي وغيره جهڙا عالم ۽ بزرگ شامل هئا. پنهنجي تعليم پوري ڪري راشدي صاحب ٽي سال پوري هندستان جو تعليمي دورو ڪيو، جنهن ۾ 'برما' تائين بہ ويو. انهيءَ علمي سفر دوران هندستان جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ويو ۽ اتان جي ديني مدرسن، علمي مرڪزن، مشهور عالمن ۽ سجاده نشينن سان ملاقاتون ڪري ديني ۽ علمي ڄاڻ حاصل ڪندو رهيو. اهڙيءَ ريت ڪيس مطالعي جو شوق ڄاڳيو، جيڪو جنون جي حد تائين پهتو. انهيءَ تعليمي سفر تان واپس اچي درس وتدريس ۾ لڳو، ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ عاليشان مدرسو کوليائين، جيڪو پنهنجي تر جو وڏو علمي مرڪز ليکيو ويندو هو. سوين علم جا پياسا هن مدرسي مان علمي اُڃ اجهائيندا رهيا. هن مدرسي ۾ ناميارا عالم درس ڏيندا رهيا، جن ۾ مولانا نورالدين "نور"، مولانا

ولي محمد ابڙو، مولانا محمد يوسف، مولانا محمد قاسم ڪلهوڙو، مولانا غلام محمد لغاري، مولانا سيد محمد چٽل شاهه ۽ ٻيا به اڻ ڳڻيا عالم ۽ استاد شامل هئا. اهو مدرسو اڄ به موجود آهي، پر هينئر ويران آهي . افسوس جو "ويا مور مري، هنج نه رهيو هيڪڙو."

سيد نجيُ الله شاهه پنهنجي وقت جو متبحر عالم، اديب، شاعر ۽ درويش صفت انسان هو. ڪتابن گڏ ڪرڻ ۽ پڙهڻ جو شوقين هو. ڪتابن جو اهڙو دلداده ۽ قدردان مون زندگيءَ ۾ ڪنهن ٻئي کي نه ڏٺو. جڏهن به لاڙڪاڻي ايندو هو ته، ڪتابن جي دڪان تي اچي لهندو هو ۽ ڪيترائي ڪتاب خريد ڪندو هو. نه صرف اهو پر ٻاهران به ڪتاب گهرائيندو هو. هڪڙي دفعي 'مصر' مان ٽيهن ٻتيهن جلدن تي مشتمل ڪتاب هزارين رپين ۾ گهرايائين. اهڙا ٻيا به ڪتاب ٻاهرين ملڪن مان گهرائيندو رهيو.

راشدي صاحب وٽ هڪ وڏو ۽ بهترين ڪتبخانو هو، جنهن ۾ مختلف موضوعن تي هزارين ڪتاب دستياب هئا، جن ۾ حديث، فقه، سيرت، طب، تاريخ، فلسفي ۽ ٻين ڪيترن علمن تي ڪتاب موجود هئا. انهن ۾ قديم ناياب قلمي نسخا به هئا. پاڻ ڪتابن کي ساهه سان سانڍيندو هو. سنن سنن ۽ اٿليءَ ڪتابن کي اعليٰ مخمل جا جلد ڏياريندو هو. عام طرح ڪتاب ڪنهن کي به ڪونه ڏيندو هو. خود وڏا وڏا عالم راشدي صاحب وٽ اچي رهندا هئا ۽ مختلف ڪتابن مان استفادو حاصل ڪندا هئا. علمي ذوق رکندڙ کي عموماً اهڙن قلمي نسخن جي زيارت ڪرائيندو هو. ڪتابن جي ڏيتي ليتيءَ سبب پير صاحب جهنڊي وارن پنهنجن مائٽن سان ڪيترا سال قطع تعلق رهيو. پير صاحب جي ڪتبخاني جي هاڪ ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ مشهور هئي. سندس ڪتبخاني جو ذڪر "بي.بي.سي. لنڊن" ريڊيو تان نشر ٿيندڙ پروگرام "ڪتبخانه" ۾ به ڪيو ويو آهي.

راشدي صاحب جي ڪتبخاني ۾ ڪيترائي اڳاٽا قلمي نسخا به هئا، جن ۾ سن ۷۳۷هه جو لکيل "مشڪوات شريف" به موجود هو، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ بهاولپور رياست جي حاڪم پير صاحب کي ڳري رقم ڏيڻ جي آڇ ڪئي، مگر پير صاحب انڪار ڪيو هو. انهيءَ ڪانسواءِ سندس ڪتبخاني ۾ سن ۱۲۲۳ هجريءَ جو لکيل "خزينته الرواية شرح شرح وقايه" موجود آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو شايد دنيا جو واحد قلمي نسخو آهي، جنهن تي وڏن وڏن عالمن ۽ بزرگن جا حاشيا لکيل آهن، جن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحه ۽ ٻيا شامل آهن. مذڪوره ڪتاب سنڌالاجي خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر ڪتاب نه ڏنا ويا. البت انهن ڪتابن جا فوٽا ڪيا ويا هئا.

راشدي صاحب نه رڳو ڪتابن پڙهڻ ۽ گڏ ڪرڻ جو شوقين هو، بلڪ انهن جي حفاظت به دل و جان سان ڪندو هو ۽ ڪتابن جي ترتيب تي خاص ڌيان ڏيندو هو. ڪتابن جي سموري سٽاءُ ڪيس برزبان ياد هوندي هئي. پير صاحب جي علم پروري ۽ ڪتب بينيءَ جي تعريف، سنڌي ٻوليءَ جي هاڪاري عالم ۽ محقق، ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب مون سان به ڪئي هئي.

راشدي صاحب پنهنجي سموري ڄمار علم، ادب ۽ دين جي خدمت ڪندو رهيو. هڪ اندازي موجب پير صاحب عمر جا سٺ سال مطالعي ۾ صرف ڪيا. پاڻ سٺ سال ساندهه ڊائري به لکندو رهيو، جنهن ۾ ملڪي ۽ عالمي حالات ۽ واقعات قلمبند ڪندو رهيو. پاڻ مطالعي سان گڏ ڪيترائي ڪتاب لکيا اٿس، جيڪي سڀ قلمي آهن. انهن ۾ (۱) "تهذيب الرجال في خيرالخصال" ، هي ڪتاب چئن ضخيم جلدن ۾ آهي. 'تاج ڪمپني' وارن ڇپرائڻ لاءِ پير صاحب کان گهريو هو، پر نه ڏنو ويو؛ (۲) ايها العلماءِ الخير" ؛ (۳) "ايها العلماءِ السواءِ" ؛ (۴) "ايها الامراءِ" ؛ (۵) "ايها الغرباءِ" ۽ (٦) "ايها المساڪين" قابل ذڪر آهن. .



Gul Hayat Institute

راشدي صاحب طريقت جو صاحب هو. سلوڪ جو سبق پنهنجي والد محترم کان ۽ حضرت پير سيد احمد شاهه شامي بزودي واري بزرگ کان حاصل ڪيائين. شامي صاحب شاذلي طريقي جو رهبر هو، جنهن پير صاحب کي انين پهر ماني ڪائڻ جي هدايت ڪئي. پير صاحب به انهيءَ تي عمل ڪندي، سٺ سال سانده هڪڙو ويلو ماني کائيندو رهيو.

راشدي صاحب اهلِ علم، اهلِ قلم ۽ اهل دل هئڻ سان گڏ اهل سخن به هو. شاعريءَ سان سندس ڏاڍو چاهه هو. پنهنجي ڪچهريءَ ۾ هر وقت سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ شعر ٻڌائيندو ۽ جهونگاريندو هو. پاڻ به سنڌي، اردو ۽ فارسي زبان ۾ شاعري ڪئي اٿس، جنهن جي پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته پاڻ شاعريءَ جي فن ۾ ڪمال کي پهتل هو. سندس شاعريءَ ۾ وحدانيت ۽ روحانيت جو رنگ چڙهيل آهي. سندس ڪلام جا سنڌي ۽ فارسي ۾ قلمي بياض آهن، جن ۾ "عديمالنظير" فارسي شاعري جو مجموعو آهي، جنهن ۾ بين فارسي شاعرن جي به چونڊ شاعري شامل آهي. "فقيد المثل" سندس سنڌي شعرن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ پڻ بين سنڌي صوفي شاعرن جو ڪلام موجود آهي، جن ۾ شاه عبداللطيف، شاهه ڪريم رح، شاهه عنايت رح، پير محمد راشد رح ۽ بين شاعرن جو ڪلام شامل آهي.

راشدي صاحب جي ڪچهريءَ ۾ سدائين قرآن وسنت جون ڳالهيون هلنديون هيون، جن کي ٻڌي دل کي سرور ۽ راحت ايندي هئي. ڪچهريءَ ۾ عالم به هوندا هئا ته ڳوٺ جا عام ماڻهو به. سندس پيار، پاٻوهه ۽ شفقت هر ماڻهوءَ تي هوندي هئي. پاڻ قيافه شناس به هو، جو ماڻهوءَ کي ڏسي سندس دل جو حال معلوم ڪري وٺندو هو.

پاڻ نهايت خوش مزاج ۽ خوش گفتار انسان هو. ننڍن ٻارن کان وٺي وڏن تائين هڪ نظر هوندي هيس. مهمان‌نوازي سندس بهترين مشغلو هو. مهمانن کي پاڻ ماني کارائيندو هو. سندس قرب ۾ جيڪو آيو سو هميشه لاءِ اڙجي ويو.

راشدي صاحب سياست کان ته پري رهيو، پر "تحريڪ خلافت" ۾ اهم ڪارڪن جي حيثيت ۾ ڪم ڪيائين. سندس جن سياسي ۽ غير سياسي شخصيتن سان گهرا تعلقات هئا ۽ خط وڪتابت هئي، انهن ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا محمد علي جوهر، مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا شوڪت علي، مولانا اشرف علي ٿانوي، مولانا حسن الله پاٽائي، سر شاهنواز خان ڀٽو، محمد ايوب کهڙو، سردار واحد بخش خان ڀٽو، نواب غيبي خان چانڊيو، پير صبغت الله شاهه ثاني، پير تراب علي شاهه راشدي، پير رشدالله شاهه راشدي، نواب قيصر خان مگسي، خان احمد يار خان قلات، نواب اڪبر خان بگٽي، مولانا محمد قاسم مشوري، مولانا محمد عظيم شيدا، محمد منل خان وڳڻ، ڊاڪٽر صبيح احمد ۽ ٻيا ڪيترائي عالم، اديب، شاعر ۽ بزرگ شامل هئا.

راشدي صاحب پنهنجي ساري حياتي خداپروري، سنت رسول صہ، غريب نوازي ۽ مهمان‌نوازيءَ ۾ گذاري. پاڻ چوندو هو ته "قرب ۽ محبت غريب ۽ امير سان اٿم، پر دوستي سڄي عمر عالمن سان ڪئي اٿم، جن جو نه رڳو قدر ڪندو آهيان، پر انهن جي خدمت ڪرڻ ۾ دلي خوشي ٿيندي اٿم."

راشدي صاحب پنهنجي زندگيءَ تي ڪڏهن به افسوس نه ڪيو، بلڪ فرمائيندو هو ته "جنهن انسان پنهنجي زندگي، دنياداري ۽ نفس پروريءَ ۾ گذاري، اهو مرڻ گهڙيءَ تائين پنهنجي وڃايل وقت تي افسوس ڪندو ويو. پر هڪڙو بزرگ ئي مرڻ وقت اهڙو افسوس هرگز نه ٿو ڪري."

راشدي صاحب نهايت خوش خلق ۽ شفيق انسان هو. سندس قرب ۽ پيار مون کي به نصيب ٿيو. مان اڪثر سندس خدمت ۾ حاضر ٿيندو رهندو هوس. پاڻ ڪچهريءَ جو تمام گهڻو ڪوڏيو هو. سڄي سڄي رات به ڪچهري هلندي هئي. سندس روح پرور ڪچهري پنهنجي ترّ ۾ تمام گهڻو مشهور هئي. اڪثر ڳوٺ ۽ پر پاسي وارن ڳوٺن جا ماڻهو اچي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيندا هئا. آخري رات به مان ۽ منهنجا به دوست بشير احمد ميراڻي ۽ منظور احمد ڪنير، راشدي صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿياسين. سندس طبيعت خراب هئڻ ڪري پاڻ ته گهر آرامي هئا، انڪري



سيد نجيُّ الله شاهه راشدي

ٻاهر نہ اچي سگهيا. آءُ تہ ساڻس اندر ملڻ ويس. معمول جيان مون کان ڳوٺ جو ۽ عزيزن وغيره جو احوال ورتائين. بالآخر وڏي اسر جو راشدي صاحب هن دنيا کي الوداع چئي وڃي خالق حقيقيءَ سان مليا.

راشدي صاحب جي وفات جي خبر سموري علائقي ۾ باهہ وانگر پکڙجي ويئي. هزارين ماڻهو ڪنا ٿيا. هر اک آلي هئي. سندس جنازي نماز ممتاز عالم دين مولانا محمد قاسم مشوري صاحب پڙهائي. راشدي صاحب جي وفات سان جڻ تہ علم ۽ فضل جو هڪ باب پورو ٿي ويو. سندس وفات تي ڪنڌڪوٽ جي شاعر حاجي عبدالڪبير ٻيو صاحب هڪ قطعو لکيو.

سائين نجيُ الله شاهہ عالي نسب عالي جناب،
ويو مَتي ماڻهن کان منهن مہ لقا و ماهتاب،
موت عالِم جو چون ٿا، موت آ عالَم سندو،
آسمان علم جو ٿي ويو غروب اج آفتاب.

راشدي صاحب آخري وقت تائين هشاش بشاش ۽ تندرست توانو رهيو. پاڻ آخرت جو سفر ٩٢ ورهين جي ڄمار ۾، ٣١-جنوري ١٩٨۴ع تي پورو ڪيائين. راشدي صاحب پويان ڇهہ فرزند سيد صفي الله شاهہ، سيد محمد راشد شاهہ، سيد اقبال احمد شاهہ، سيد عصمت الله شاهہ، سيد ولي الله شاهہ ۽ سيد ڪليم الله شاهہ ۽ هزارين مريد ۽ معتقد سوڳوار ڇڏيا.

سيد نجيُ الله شاهہ راشدي رح جو فارسي ڪلام هيٺ ترجمي سميت ڏجي ٿو. پاڻ شعرن ۾ "ابوالصفي" "ابوالراشد" ۽ "ابوالاقبال" تخلص استعمال ڪيو اٿس.

زبيمرگي نہ مي نالم ڪشاڪش بل نمي گنجد،
اگر گنجد دمي گنجد دمي ديگر نمي گنجد.

ترجمو: مون کي دنيا جي مال اسباب جي گهٽتائيءَ جي ڪابہ پرواهہ نہ آهي، ڇو تہ اها حالت سدائين نہ ٿي رهي. انسان گهڙيءَ پل ۾ آسودو ۽ گهڙيءَ پل ۾ سڃو بہ ٿي سگهي ٿو.

مترس از آفت دنيا کہ کم بيش آنچہ مي آيد،
اگر آيد دمي آيد دمي ديگر نمي آيد.

ترجمو: اي انسان! دنيا جي مصيبتن کان نہ ڊڄ، ڇو تہ دنيا جون تڪليفون گهٽ وڌ هر ڪنهن تي اينديون رهنديون ۽ اهي هميشه نہ رهنديون آهن. گهڙي پلڪ جون مهمان هونديون آهن.

محبت راقع کردن ز دلداران نمي زيبد،
اگر زيبد دمي زيبد دمي ديگر نمي زيبد.

ترجمو: دوستن ۽ عزيزن کان رشتو ٽوڙڻ نہ گهرجي، جيڪڏهن اتفاق سان تعلق ٽٽي پوي تہ گهڙي پل ڪانپوءِ ان کي وري جوڙڻ گهرجي، ڇو تہ هميشه قطع تعلق ڪرڻ سنو ڪم نہ آهي.

بہ بيکاري عمر بردن زبيداران نہ مي شايد،
اگر شايد دمي شايد دمي ديگر نمي شايد.

ترجمو: عقل وارا ماڻهو پنهنجي عمر اجايو نہ گهاريندا آهن. جيڪڏهن ڪا گهڙي ڪانئن غفلت ۾ گذري ويندي آهي تہ وري هڪدم ڪنهن ڪم ۾ مشغول ٿي ويندا آهن.

”ڪهاڻيءَ جو سنئون سڌو تعلق ذات سان آهي. ڪهاڻي ڇا آهي، ڪهاڻي ڪيئن لکبي آهي، سٺي ڪهاڻيءَ جا معيار ۽ ماپا ڪهڙا آهن، وغيره. آمريڪا، يورپ، ويندي پاڪستان ۽ هندستان سميت ايشيا جي انيڪ ملڪن جي ناميارين يونيورسٽين ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ليول تي ايم. فل ۽ پي. ايچ. ڊي تائين لٽريچر ۾ شارٽ اسٽوريءَ جي فن تي ڀرپور نموني پڙهائيندا آهن. پر يونيورسٽين ۾ ادب پڙهائڻ وارن مان ورلي ڪو استاد پاڻ ڪهاڻيڪار هوندو آهي. هو ڪهاڻيءَ بابت ماهراڻي نموني پڙهائي ته سگهندا آهن، پر پاڻ ڪهاڻي لکي نه سگهندا آهن. ساڳئي نموني ادب ۾ ايم. اي ۽ پي. ايچ. ڊي به ڪري وٺندا آهن، پر پاڻ ڪهاڻي لکي نه سگهندا آهن.

هيمنگوي، اسٽائن بئڪ، ڪرشنچندر، جمال ابڙي، نسيم کرل، علي بابا -ڪنهن به يونيورسٽيءَ مان ڪهاڻي لکڻ ۾ ڊگري نه ورتي آهي. ڪهاڻيءَ جو انحصار ذات سان آهي، ذاتُ سان آهي. ذات کان سواءِ ڪنهن جو ڪهاڻيڪار ٿيڻ گهٽ ۾ گهٽ مون کي ممڪن محسوس ڪونه ٿو ٿئي.

--امر جليل

Gul Hayat Institute

# ڪهاڻيون

بغاوت جي هر عمل سان ضمير جي ڪانہ ڪا سجاڳي ضرور اُڀري ٿي- پوءِ اُها ڪيتري قدر بہ ڏنڌليل ۽ منجهيل ئي ڇو نہ هجي ۽ اُها باغيءَ جي ذهن جي انهيءَ اوچتي اُهاءَ ۾ ظاهر ٿئي ٿي، جنهن سا هُن جو- هڪ گهڙيءَ لاءِ ئي سهي- سڄو وجود روشن ٿي وڃي ٿو، ۽ اُن سان ئي پاڻ کي پوريءَ طرح هو سڃاڻي ٿو. اُن وقت تائين هُن پاڻ کي ڪڏهن ائين ڪونہ ٿي سڃاتو. پنهنجي اُن بغاوت کان اڳ، غلام سڀ اُهي مطالبا پورا ڪندو ٿي رهيو، جيڪي ڪائنس ٿيندا ٿي رهيا. ان وچ ۾ هو اهڙا حڪم بہ مڃيندو ٿي رهيو- ۽ اُنهن جي خلاف ڪو رد عمل ڪونہ ٿي ڏيکاريائين- جيڪي اُن پوئين حڪم کان گهڻو تلخ ۽ سخت بہ هئا، جنهن تي هاڻ هو باغي بڻجي بيٺو هو ۽ انڪار ڪري رهيو هو. تڏهن هو صابر هو، ۽ جيتوڻيڪ اندر ۾ شايد هو احتجاج بہ ڪندو ٿي رهيو- پر ماٺ ۾ جو هو، اُن مان ظاهر هو تہ پنهنجن حقن کان باخبر هجڻ بدران هن پنهنجن فوري مفادن جو وڌيڪ خيال ٿي رکيو. پر صبر جي ختم ٿيڻ سان- بي صبر ٿيڻ سان- ئي هڪ قسم جو هن ۾ ردعمل شروع ٿو ٿئي، جيڪو هر انهيءَ شيءِ سان وڃي ٿو اٽڪي ۽ ٽڪرجي، جيڪا انهيءَ گهڙيءَ تائين هو مڃيندو ۽ قبوليندو ٿي آيو ۽ ان ردعمل جو اثر گهڻو ڪري هميشہ پوئتي مار ڪندڙ ٿئي ٿو. جيئن ئي غلام پنهنجي آقا جي ذلت آميز حڪمن مڃڻ کان انڪار ٿو ڪري، تيئن ئي هو پنهنجي غلاميءَ جي سڄيءَ حالت، اُن جي سڄي منطق کي رد ڪري ٿو. بغاوت جو عمل هن کي ان نقطي کان گهڻو اڳتي وٺي ٿو وڃي، جتي هو پنهنجي پهرينءَ نهڪر سان پهتو هو. هو انهن حدن کان گهڻو اڳتي وڌي ٿو بيهي، جيڪي هن تسليم ڪيون هيون تہ هن ۽ هن جي مدعيءَ (يا-آقا) جي وچ ۾ مقرر هيون. ۽ گهُر ٿو ڪري تہ هاڻي هن سان برابريءَ جي درجي تان بيهي ڳالهايو وڃي. پهريائين، باغيءَ جي جيڪا رڳي محدود حڪم عدولي هئي، يا رڳو "منهن ڏيئي بيهڻ" جو عمل هو، سو هاڻي بدلجي ڪامل انڪار يا مجسم بغاوت جي صورت وٺي ٿو بيهي. هاڻي هو پنهنجي عزت نفس، يا پنهنجي وجود جي ساک ۽ شان کي بيءَ هر شيءِ کان مٿي ٿو رکي ۽ اعلان ٿو ڪري تہ اهو هن کي پنهنجي زندگيءَ کان بہ وڌيڪ پيارو آهي. اهو هن لاءِ وڏي کان وڏي برڪت، وڏي کان وڏي نعمت بڻجي پوي ٿو. اڳي هو سمجهوتي لاءِ تيار هو، پر هاڻي اوچتو هو "سڀڪجهہ يا ڪجهہ بہ" جو موقف وٺي ٿو بيهي. هُن جي من ۾ ڄاڻ جنم ورتو آهي. هُن جو سُتل ضمير جاڳيو آهي. پر اها ڳالهہ پڌري آهي تہ ڄاڻ جيڪا هن لڌي آهي، اُها هڪڙي اهڙي "سڀڪجهہ" لاءِ آهي، جيڪو اڃا ڏنڌ ۾ آهي ۽ هڪڙي اهڙي "ڪجهہ نہ" جي آهي، جيڪو ان "سڀڪجهہ" لاءِ باغيءَ جو خود- قربانيءَ جي امڪان جو اعلان ٿو ڪري ۽ هن جي زندگيءَ جو بکُ ٿو طلبي. باغي پنهنجي ذات ۾ اُهو "سڀڪجهہ" ٿيڻ گهري ٿو- ان "سڀڪجهہ" جي نعمت سان، پاڻ کي پوريءَ طرح ملائي ڇڏڻ سان، جنهن جي شعور جو اوچتو ڪشف ائين هن کي ٿيو آهي، ۽ پڻ اُن جي مجسم يا اوتار جي صورت ۾ مشهور يا تسليم ٿيڻ سان: يا هو اُهو "ڪجهہ نہ" ٿيڻ چاهي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي تہ جيڪو عشق يا جنون مٿس ائين غالب آهي، اُهو هن کي پوريءَ طرح نيست ڪري ڇڏي. آخري حربي طور، پڇاڙيءَ ۾، هو پنهنجي شڪست قبول ڪرڻ لاءِ بہ تيار آهي- يعني، پنهنجو موت- پر پنهنجي لاءِ ان آخرين "درود" يعني "آزاديءَ جي گرمائيندڙ ساهہ" کان محروم ٿيڻ لاءِ هو تيار نہ آهي. گوڏن ڀر جهڪي جيئڻ کان پيرن تي بيهي مرڻ هو بهتر ٿو سمجهي.

آلبرٽ ڪاميو

Gul Hayat Institute

سليم چنا (سينئر)

# لاس اينجلس جي هڪ خوبصورت شام

لاس اينجلس شهر جي ڊائون ٽائون حصي جي فگروا اسٽريٽ ۽ ڇهين ويسٽ اسٽريٽ جي ڪنڊ تي واقع اووڪ ووڊ اپارٽمينٽ جي هڪ فليٽ مان هو نڪري ٻاهر آيو آهي ۽ بس اسٽاپ طرف هلڻ شروع ڪيو اٿائين. بس اسٽاپ سڌ پنڌ تي ئي واقع آهي. لوڪل بس سروس جي ايئرڪنڊيشنڊ بس جي سواري ڪي هو تمام گهڻو پسند ڪندو آهي، ڇاڪاڻ ته بس ۾ چڙهندي، ڊرائيور کي پاس ڏيکاري جڏهن هو اچي ان جي نرم ۽ آرامده سيٽ تي ويهندو آهي ته کيس ڏاڍي فرحت محسوس ٿيندي آهي ۽ گهڙي پل لاءِ ڪائنس ٿڪ بلڪل وسري ويندو آهي.

ان وقت شام جا پنج لڳا آهن. آسمان تي اڇان ٽائين هلڪا ڪڪر ڇانيل آهن. منجهند جي وقت ٿيل برسات ڪري هوا اڇان به گهميل ۽ ٿڌيري محسوس ٿي رهي آهي. هلڪي نيري رنگ جي فل سُوٽ ۽ ان تي گلابي گلن واري نيري ٽاءِ ۾ هو اڄ واقعي ئي سمارٽ لڳي رهيو آهي. فليٽ ۾ تيار ٿي ڪپڙا پائي نڪرڻ مهل جڏهن هن پاڻ کي آئيني ۾ ڏٺو هو ته کيس ڏاڍو سٺو لڳو هو ۽ هن چپن ئي چپن ۾ مسڪرائي ڏنو هو.

هن کي آمريڪا ۾ آئي ذري گهٽ ٻه مهينا ٿي چڪا آهن. جنهن کاتي ۾ هو آفيسر آهي، ان پاران کيس ٽريننگ لاءِ هتي هڪ اداري ۾ اسڪالرشپ ڏيئي موڪليو ويو آهي. اووڪ ووڊ اپارٽمينٽس جي فليٽ ۾ منتقل ٿئي کيس اڄ ٽيون ڏينهن ٿيو آهي. ان کان اڳ هو انين ويسٽ اسٽريٽ تي واقع چانسيلر هوٽل ۾ پنهنجي ئي ملڪ مان آيل هڪ ٻئي آفيسر سان گڏ رهندو آيو هو. ٻن ٽن ڏينهن ۾ سندس گهر واري به هت اچڻي آهي، ان ڪري هن هوٽل ۾ وڌيڪ رهڻ مناسب نه سمجهيو آهي ۽ پنهنجو فليٽ وٺي ان ۾ ٽيون ڏينهن منتقل ٿي ويو آهي.

هو پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ئي دفعو ملڪ کان ٻاهر آيو آهي. پنهنجي وطن، گهر واريءَ ۽ ٻارن کان هو پهريون دفعو ئي ايڏي وڏي عرصي لاءِ جدا ٿيو آهي. پنهنجي ملڪ کان ايڏو دور هجڻ جو هن کي سخت شدت سان احساس ٿيو آهي. پنهنجي ٻارن کي هو ڏينهن ۾ ڪيترائي دفعا ياد ڪري اپاٽڪو ٿي پوندو آهي ۽ سوچيندو آهي ته جيڪر کيس پَرَ لڳي وڃن ته هو اُڏامي وڃي ڪين ڏسي اچي. پنهنجي وطن ۾ هو دوستن کي سنڌين جي هوم سڪنيس خلاف ليڪچر ڏيندو آهي. پر پوءِ هن وقت پنهنجي انهيءَ حالت تي کيس ڪڏهن ڪڏهن کِل اچي ويندي آهي. ڪجهه ڏينهن کان هن محسوس ڪيو آهي ته اها پيڙا هو وڌيڪ برداشت ڪري نه سگهندو. ان سلسلي ۾ ئي هن کي پنهنجي پڙهائيءَ جي متاثر ٿيڻ جو احساس به ٿي رهيو آهي. ان ڪري هن فيصلو ڪيو آهي ته پنهنجي گهر واريءَ کي به اُتي گهرائي وٺي، جنهن کي هو بيحد چاهيندو آهي.

اسٽاپ تان بس ۾ چڙهي هو ولشائر اسٽريٽ جي ڪنڊ تي پهتو آهي. اُتان بس مٽائي، ولشائر اسٽريٽ تان هلندي هو ڇهين ويسٽ اسٽريٽ کان ٿوري ئي پنڌ تي لهي پيو آهي. بس جي وڃڻ کان پوءِ هن ويسٽ اسٽريٽ طرف هلڻ شروع ڪيو آهي. اڄ رستي تي هلندي کيس تمام ٿورا ماڻهو نظر اچي رهيا آهن نه ته اهو علائقو آفيسن ۽ بين الاقوامي ادارن جي ويجهو هجڻ ڪري کيس هميشه مصروف ۽ رش سان ڀريل نظر آيو آهي. ان مهل کيس ياد آيو آهي ته اڄ ڇنڇر جو ڏينهن آهي ۽ موڪل هجڻ ڪري کيس ازخود ماڻهن جي نه هجڻ جو سبب معلوم به ٿي ويو آهي.

Gul Hayat Institute

هو هڪ وڏي ۽ چلڪندڙ بلڊنگ هيٺان اچي بيهي بس جو انتظار ڪرڻ لڳو آهي. ان جي سامهون ٿورو سجي هٿ تي هڪ ننڍي مگر خوبصورت عمارت جي ٻاهران ڪجهه دڪانن تي هن جي نظر پيئي آهي. انهن دڪانن جي وچ تي هڪ وڏي دروازي تي هن کي هڪ انڊين هوٽل جو بورڊ نظر آيو آهي. ان بورڊ کي هن اڳ به ڪافي دفعا ڏٺو آهي ۽ ان ۾ ماني کائڻ لاءِ سوچيو آهي، ڇاڪاڻ ته هوٽل ۾ رهندي، هو آمريڪي طرز جا کاڌا کائيندي تنگ ٿي پيو آهي. پر پوءِ مصروفيت هجڻ ڪري هو ائين ڪري نه سگهيو آهي. هو سوچي ٿو ته جڏهن سندس گهر واري هت ايندي ته هو ساڻس گڏ هن هوٽل ۾ ايندو ۽ هو گڏجي ماني کائيندا. انهيءَ ئي مهل هن کي پنهنجا سنڌي کاڌا ڏاڍو ياد آيا آهن.

هو هينئر يونيورسٽي آف سدرن ڪيليفورنيا جي ڪئمپس پرسان هڪ وڏي شرائين جي طرف وڃي رهيو آهي. جنهن جي هال ۾ انڊيا جي جڳ مشهور ڳائڻي جو ويرائٽي پروگرام رکيل آهي. هو ننڍپڻ کان وٺي انڊين فلمن جو شوقين رهيو آهي. سنڌي راڳن ۽ ڪلامن کان پوءِ کيس انڊين فنڪارن جا هنديءَ ۾ ڳايل گانا کيس ڏاڍو وڻندا آهن. ان شو لاءِ هن جڏهن ٣٠ ڊالرن جي ٽڪيٽ خريد ڪئي هئي ته پنهنجي ملڪي ناڻي ۾ اُها ڏاڍي مهانگي لڳي هئي، پر پوءِ پنهنجي شوق ۽ دلچسپيءَ خاطر هو اُها خريد ڪرڻ تي مجبور ٿي ويو هو.

بس جو انتظار ڪرڻ لاءِ هن کيسي مان پاڪيٽ ڪڍي سگريٽ دکايو آهي. ان مهل ئي پريان بس ظاهر ٿي آهي ۽ اچي اسٽاپ تي بيٺي آهي. هو به ٻين ماڻهن سان گڏ بس ۾ مٿي چڙهي ويو آهي. بس ڊرائيور کي پاس ڏيکارڻ لاءِ هو بيٺو ئي آهي ته ساڻس گڏ بيٺل هڪ ماڻهو کيس چيو آهي.

"Sir, the smoking is prohibited in the bus"

هو "ساري" چئي بس مان هيٺ لهي آيو آهي. جيئن ته ان ئي وقت سگريٽ کيس مزو ڏيڻ شروع ڪيو آهي، تنهن ڪري پنهنجي اندر جي تسڪين خاطر هن بس کي ڇڏڻ تي ترجيح ڏني آهي. ان وقت هن کي ياد آيو آهي ته بس ۾ سگريٽ پيئڻ تي اهو ڊرائيور کيس ٢٥٠ ڊالر ڏنڊ هڻي سگهيو ٿي. هن کي ڊرائيور جي اختيارين تي عجب لڳي رهيو آهي ۽ هن چپن ۾ مسڪرائي ڏنو آهي. ان وقت ئي هن کي سنڌ ۾ هلندڙ بسون ياد آيون آهن، جن ۾ ماڻهو رواجي سگريٽ ته ڇا پر چرس ڀريل سگريٽ به پيئي سگهي ٿو. کيس ياد پيو آهي ته سنڌ ۾ عام رواجي ماڻهوءَ جي صحت جو هوندن ئي گهٽ خيال رکيو ويندو آهي.

سگريٽ ختم ڪري هن ٻي بس جو انتظار ڪرڻ شروع ڪيو آهي. هن سوچيو آهي ته کيس معمول کان وڌيڪ ئي انتظار ڪرڻو آهي جو اڄ موڪل جو ڏينهن آهي ۽ يونيورسٽيءَ جي بند هجڻ ڪري ان رُوٽ تي بسون مڙيوئي گهٽ نظر آيون آهن.

هو هت ڪڏهن ڪڏهن ڪم سانگي يونيورسٽيءَ جو چڪر هڻڻ ايندو آهي ۽ اتي کيس يونيورسٽي جو ماحول تمام گهڻو وڻندو آهي. يونيورسٽيءَ جي لئبريءَ جي وڏي هال جي خاموشي ايتري ته کيس گهري لڳندي آهي جو جيڪر اُتي سئي ڪري ته ان جو آواز هر ڪنهن کي ٻڌڻ ۾ اچي. اُتي هر شاگرد کيس لکندي ۽ پڙهندي نظر ايندو آهي. هوڏانهن ٻاهر، يونيورسٽيءَ جي مختلف بلاڪن اڳيان، ڇپر جي لان تي، آفيسن جي داڪڻ تي، مطلب ته هر هنڌ شاگرد کيس پڙهندي نظر آيا آهن. ساڳئي وقت شام جو ڪنهن وقت هو يونيورسٽي جي جمنزم ۾ ويو آهي ته اُتي به شاگرد کيس مختلف راندين ۾ حصو وٺندي نظر آيا آهن ۽ شاگردن کي خوش ڏسي هو پاڻ به بيحد خوش ٿيندو آهي. ان ئي وقت کيس پنهنجي جوانيءَ ۾ ڪاليج جا ڏينهن ياد ايندا آهن، جڏهن هو به ڪاليج جي راندين ۽ ٻين سوشل ڪمن ۾ گهڻو حصو وٺندو هو. هن پنهنجي ڪاليج طرفان ڊسٽرڪٽ ۽ ڊويزنل ليول تي

Gul Hayat Institute

نمايان حيثيت حاصل ڪئي هئي. ۽ سندس ڪٽيل انعام اڄ بہ سندس گهر ۾ شيشي جي ڪٻٽ ۾ محفوظ رکيل آهن. ڪيس پنهنجي سنڌ جي يونيورسٽيءَ جو ماحول ياد ايندو آهي جتي شاگرد پڙهڻ ۾ نهايت ئي ڍِلا ۽ غير تعليمي ڪمن ۾ اڳي کان اڳرا لڳندا آهن. هو پاڻ ۾ جهيڙا ۽ جهڳڙا ڪرڻ کي فخر جوڳو ڪم سمجهندا آهن. سندن سڀ کان وڏو ڪمال اهو هوندو آهي تہ هو امتحان ٽيڻ ئي ڪونہ ڏيندا آهن، جو ان لاءِ ڪين پڙهڻو پوندو آهي ۽ پڙهڻ لاءِ تہ سندن دل ئي نہ چوندي آهي. جڏهن پڙهڻ لاءِ سندن دل نہ چوندي آهي تہ هو مورڳو امتحان ٽيڻ ئي نہ ڏيندا آهن. ان ئي سبب ڪري، سندن صوبي جي يونيورسٽين جو شيڊيول بہ ٽي سال پوئتي ئي هوندو آهي. ان ڳالهہ تي هميشہ ڪيس سخت ڏک ٿيڻ لڳندو آهي، جو ڪيس محسوس ٿيندو آهي تہ هن چٽاپيٽي ۽ مقابلي جي زماني ۾ سندس قوم جا شاگرد ٻين کان ڪافي پوئتي رهجي ويا آهن.

بس تہ اڄ واهہ جو دير ڪئي آهي – هو سوچي رهيو آهي. بس ڪمپنين وارن کي هروڀرو اينٽريون گهٽ بسون نہ هلائڻ گهرجن، جو موڪل وارن ڏينهن تي بہ ڪم ڪار سانگي تہ سفر ڪرڻو ئي آهي. هن واچ ۾ ٽائيم ڏٺو آهي ۽ سڄا سارا پندرهن منٽ گذري چڪا آهن ۽ بس جو اڃا ڪيس نالو نشان نظر ڪونہ آيو آهي. ان ئي وقت ڪيس گهر واريءَ جي ياد آئي آهي. هو دل ۾ سوچي ٿو تہ ڪيس هت پهچڻ ۾ واقعي ئي دير ٿي ويئي آهي. ٽي ڏينهن اڳ جڏهن گهر فون ڪيو هئائين تہ ڪيس معلوم ٿيو هو تہ آمريڪا جي ويزا ملڻ ۾ ڪيس اڃان بہ ٽي ڏينهن لڳندا آهن. هو سوچي ٿو تہ هينئر ڪيس ويزا ملي چڪي هوندي پر پوءِ بہ الائي ڇو هنن اڃان تائين فون ڪري پنهنجي اچڻ جي پروگرام کان واقف ڪونہ ڪيو آهي. هن کي خيال آيو آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ هاڻي ويزا ملي چڪو هجين ۽ ڪنهن سني ايئر لائين جي رزرويشن ملڻ ۾ ڪين دير ٿي هجي. هن کي ياد آيو تہ فون تي ڪين چيو هئائين تہ لفت هنسا يا ٻي ڪنهن سني ايئر لائين جي ٽڪيٽ وٺڻ بهتر هو. پر پوءِ بہ الائي ڇو اِها ٻن ٽن ڏينهن جي دير ڪيس ورهين سمان لڳي رهي هئي. هو سوچي ٿو تہ اڄ جيڪر هوءِ هت هجي ها تہ ڪيس پاڻ سان هن پروگرام ۾ وٺي اچڻ ڪيترو نہ سٺو لڳي ها. انڊيا جي جڳ مشهور ڳائڻي جي ان Live Concert پروگرام ۾ هوءِ ساڻس گڏ هجي ها. هوسج پچ تہ پنهنجي گهر واريءَ کي اڄ مِس ڪري رهيو آهي ۽ ائين خيالن ئي خيالن ۾ ڪيس ياد ڪري دل ۾ فرحت محسوس ڪري رهيو آهي.

پريان ئي گهٽيءَ جي موڙ وٽان هڪ بس منهن ڪڍيو آهي. هو غور سان پريان کان ئي ان جو نمبر پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. بس ويجهو پهتي آهي تہ هن نمبر پڙهي ورتو آهي. اِها اُها ساڳي ئي بس آهي جنهن ۾ هن کي يونيورسٽي طرف وڃڻو آهي. بس هن جي سامهون اچي اسٽاپ تي بيٺي آهي تہ هو بہ ٻين ماڻهن سان گڏجي ان ۾ چڙهيو آهي ۽ ڊرائيور کي پنهنجي پاس ڏيکاري، بس جي وچ تي هڪ سيٽ تي اچي ويٺو آهي .سيٽ جي ڪونئري ۽ نرم گدي تي ويهندي هن کي نهايت ئي فرحت محسوس ٿي آهي ۽ ڪيتري وقت کان بيهڻ ڪري جو ٿڪيو هو، ان جي دوريءَ جو آهستي آهستي ڪيس احساس ٿي رهيو آهي. ان وقت ئي بس جا آٽوميٽڪ در بند ٿيڻ لڳا آهن ۽ بس اڳتي هلڻ شروع ڪيو آهي.

ٽن چئن منٽن جي هلڻ کان پوءِ وري ڊرائيور ايندڙ اسٽاپ جو اسپيڪر تي اعلان ڪيو آهي پر ٻي خياليءَ ۾ هو اهو چڱيءَ طرح ٻڌي ڪونہ سگهيو آهي. بس جي ان اسٽاپ تي بيهڻ سان در کلي ويا آهن. هڪ بہ مسافر پوئين دروازي کان لٿا آهن ۽ اڳين دروازي کان بہ مرد ۽ هڪ نوجوان عورت مٿي چڙهيا آهن. ٻن مردن مان هڪ نيگرو آهي ۽ ان ڪيسي مان ڪجهہ سڪا ڪڍي، ڊرائيور جي پرسان لڳل پيٽي ۾ وجهي پوئتي وڌي اچي بس جي ڇت ۾ لڳل لوهي ريلنگ کي پڪڙي بيٺو آهي. ٻي مرد بہ ڊالر جو نوٽ ۽ سڪا پيٽي ۾ وڌا آهن ۽ بس اڳتي

Gul Hayat Institute

هلڻ شروع ڪيو آهي. ان جي پنيان اينڊز عورت ٻنون مان پاس ڪيي ڊرائيور ڪي ڊيڪاري آهي ۽ پنهنجي پرس ۾ ٻن ٿلهن ڪتابن کي سنڀاليندي، آهستي آهستي بس جي پوئين حصي طرف هلڻ شروع ڪيو آهي. هن سوچيو آهي ته هيءَ عورت پڪ ئي پڪ هن رُوٽ تي مستقل سفر ڪندي هوندي، نه ته جيڪر وٽس پاس نه هجي ها. هوءَ وڏي سندس پويان سيٽ وٽ اچي ويٺي آهي. هن ڪنڌ پوئتي ڪري عورت کي چڱي طرح ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن ئي هن جون نگاهون ان عورت جي چهري تي پيون آهن ته هن ڪان ڇرڪ نڪري ويو آهي. سندس دل زور زور سان ڌڙڪڻ شروع ڪيو آهي ۽ هو ان جي هلڻ جو آواز صاف ٻڌي رهيو آهي. هو محسوس ڪري رهيو آهي ته سندس دماغ ۾ ڄڻ چڪر اچي رهيو آهي. هن جون نگاهون ان نوجوان ۽ خوبصورت عورت جي چهري ۾ کُپي ويون آهن. هن کي ڄڻ ته پنهنجي اکين تي اعتبار ئي ڪونه رهيو آهي. هن ڪڏهن سوچيو ئي ڪونه هو ته پنهنجي زندگيءَ جي پهرين ۽ واحد پيار ڪيل عورت کي پندرهن سالن کان پوءِ ائين لاس اينجلس جي هڪ بس ۾ ڏسندو، جيئن هو هينئر کيس ڏسي رهيو آهي. هن سوچيو آهي ته ائين ڪونه ٿي سگهندو جو پندرهن سالن جي عرصي کان پوءِ ڇا هوءَ تعليم لاءِ آمريڪا ۾ اچي سگهي ٿي؟ هن کي ياد آيو آهي ته هوءَ ڪافي سالن کان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري، گهر اندر ئي پردي ۾ ويهي رهي هئي. توڙي جو هوءَ ضلعي جي ڪليڪٽر جي ڌيءُ هئي پر تڏهن به سندس والد پردي جو سخت پابند هو. هن کي ياد آيو آهي ته پردي ۾ ويهڻ کان وٺي سندس شادي ٿيڻ تائين، هو کيس صرف ٻه دفعا اتفاقي طور تي ئي ڏسي سگهيو هو. پر پوءِ ننڍپڻ جو اُهو معصوم ۽ پهريون پيار هو نه اڳ وساري سگهيو آهي ۽ نه ئي ڪوشش جي باوجود ان کي اڄان تائين وساري سگهيو آهي!

هو ان صورتحال لاءِ بلڪل تيار ڪونه آهي. هو محسوس ڪري رهيو آهي ته هن جو اندر پچي پرزا پرزا ٿي ويو آهي ۽ اُهي ذرا اُن آيل طوفان ۾ هڪ هڪ ٿي اُڏامي رهيا آهن. هو پنهنجي ذهن کي خالي خالي محسوس ڪري رهيو آهي. وقت نهايت ئي تيزيءَ سان گذري رهيو آهي ۽ هو پنهنجي ذهن ۾ هڪ عجيب قسم جي آنڌ مانڌ محسوس ڪري رهيو آهي. ڪٿي هيءَ اُهائي ته نه آهي؟ هن جي دل کيس چئي رهي آهي ته منان هوءَ پنهنجي مڙس سان هت گهمڻ آئي هجي. پر وري کيس لڳي ٿو ته ائين نه آهي، ڇاڪاڻ ته سندس مڙس ساڻس گڏ ڪونه آهي. هن جو خيال وري سندس ڊريس طرف ويو آهي ۽ هو سوچي ٿو ته ڇا هڪ سنڌي عورت هڪدم آمريڪا ۾ اچي گهاٽو ناسي اسڪرٽ ۽ هلڪي ڪريم رنگ جي بلائوس ۾ نظر اچي سگهي ٿي؟ پنهنجي اُن شڪ ۽ پريشاني کي مٽائڻ لاءِ هن ساڻس ڳالهائڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

ان وقت ئي نوجوان ڇوڪريءَ پنهنجا ڪتاب هڪ هٿ مان متائي ٻئي ۾ جهلي ورتا آهن. هو محسوس ڪري رهيو آهي ته ڇوڪري ٿڪجي پيئي آهي، جو هٿن ۾ جهليل وڏا ڪتاب هوئڻ ئي ڳورا لڳي رهيا آهن. هو اڄان تائين مسلسل کيس گهوري ڏسي رهيو آهي. ان ئي وقت اوچتو ڇوڪريءَ سان سندس نظرون ملي ويون آهن.

"هيلو" چئي هو ڇوڪريءَ سان مخاطب ٿيو آهي.

"هيلو" ڇوڪريءَ نهايت ئي هلڪي آواز ۾ کيس جواب ڏنو آهي.

"ڇا مان توکي پنهنجي سيٽ آفر ڪري سگهان ٿو." هن اُٿي بيهي کيس چيو آهي.

"نه نه، هروڀرو اهڙي ڪا ضرورت ڪانه آهي." ڇوڪريءَ نهايت عجب مان کيس چيو آهي. ان وقت هڪدم کيس پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو آهي. هن محسوس ڪيو آهي ته سندن پرسان ويٺل ماڻهو به عجب مان کيس ڏسي رهيا آهن. هو سوچي ٿو ته ڪنهن عورت کي پنهنجي سيٽ آفر ڪرڻ ڪا خراب ڳالهه ته ڪونه آهي، ڇاڪاڻ جو پنهنجي وطن ۾ ڪنهن ڪراڙي ماڻهو يا عورت کي سيٽ ڏيڻ سني ڳالهه سمجهي ويندي آهي. کيس لڳي ٿو

ته هت شايد اهڙو رواج ڪونه آهي ۽ ان ڳالهه کي سنو به نٿو سمجهيو وڃي.

"معاف ڪجانءِ! مون سوچيو هو ته توکي ڏاڍا ڳورا ڪتاب هٿ ۾ آهن ۽ متان سڄي ڏينهن جي ڪم ڪان پوءِ تون ٿڪجي پئي هجين، تنهن ڪري بهتر آهي ته تون به ٿي منٽ آرام سان ويهه." هن نهايت ئي هلڪي آواز ۾ ڪيس چيو آهي.

"نه مان اينري ٿڪل ڪونه آهيان، جيترو تون سمجهي رهيو آهين ۽ ٻيو ته مان ٻئي اسٽاپ تي لهڻ واري آهيان. پر پوءِ به تنهنجي طرفان سيٽ آفر ڪرڻ جي مهرباني." ڇوڪري نهايت ئي خوبصورت انگريزيءَ ۾ پنهنجي من موهيندڙ لهجي ۾ چيو آهي. ڇوڪريءَ جي چپن تي ان وقت آيل مسڪراهٽ ڏسي هو سچ پچ ته ڏاڍو خوش ٿيو آهي.

"مان به اڳئين اسٽاپ تي يونيورسٽيءَ وٽ لهندس. ڇا تون يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪري رهي آهين؟" هن ڳالهين جي ان سلسلي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ چيو آهي.

"هائو. مان بايو ڪيمسٽري ۾ ماسٽرس ڪري رهي آهيان ۽ باقي ڇهن مهينن جو ڪم رهيل آهي ۽ ان بعد پنهنجي ملڪ واپس هلي ويندم." هن نهايت ئي وڻندڙ لهجي ۾ چيو آهي.

ان وقت بس اڌ منٽ لاءِ اسٽاپ تي بيٺي آهي ۽ ڪجهه ماڻهن جي لهڻ ڪان پوءِ وري اڳتي هلي آهي.

"ڀلا تون ٻڌائيندين ته تنهنجو ڪهڙي ملڪ سان تعلق آهي؟" هن ڪانئس پڇيو آهي.

"مان اصل ۾ لبنان جي مئرونائيٽ ڪرسچن آهيان." هن نهايت ئي وڻندڙ مُرڪ سان جواب ڏنو آهي.

هن سندس منهن ۾ هڪ دفعو ٻيهر نهاري دل ۾ سوچيو آهي ته اهڙي حسين، خوبصورت ۽ پوري گلابي رنگ واري نوجوان عورت جو تعلق لبنان سان ئي ٿي سگهي ٿو. کيس ياد آيو آهي ته ڪجهه وقت اڳ سندس ملڪ ۾ هڪ پرڏيهي سياح کيس ٻڌايو هو ته هو سڄي دنيا گهميو آهي ۽ کيس لبنان ۽ ترڪيءَ جي هڪ صوبي انگورا جون عورتون دنيا جي حسين ترين عورتن منجهان لڳيون آهن.

"لبنان جي سونهن ۽ خوبصورتيءَ جون ڳالهيون ته دنيا ۾ مشهور آهن پر هن وقت ته لبنان گهرو لڙائي ۾ ڏاڍو تباهه پيو ٿئي." هن سندس ڏيان ڪيترن سالن کان هلندڙ گهرو لڙائيءَ طرف ڇڪايو آهي.

"ها برابر اها سان جي بدقسمتي آهي جو اُتي اهڙيون حالتون آهن. اصل پاڻ پاڻ جو دشمن ٿي بيٺو آهي ۽ هڪ ٻئي جو گلو ڪٽڻ لاءِ تيار آهي. هونئن اسان عيسائي ۽ مسلمان تمام وڏي عرصي کان گڏ رهندا پيا اچون ۽ هڪ ٻئي جي مرڻي ۽ پرڻي ۾ سواءِ ڪنهن مذهبي متڀيد جي شريڪ ٿيندا آيا آهيون، پر هاڻي هڪ ئي شهر ۾ اسان جا الڳ ۽ ڌار ڌار حصا آهن ۽ هڪ ٻئي جي شڪل ڏٺي نٿي وڻي. اها اسان جي تاريخ جي هڪ وڏي ٽرئجدي آهي." خوبصورت ڇوڪريءَ نهايت ئي ڏکويل لهجي ۾ چيو آهي.

ان وقت هن کي پنهنجي وطن جي ياد آئي آهي. اتان جون حالتون به کيس ڪنهن طرح سان لبنان کان مختلف نظر ڪونه آيون آهن. اُتي به شهري آباديءَ جا نوان آيل رهاڪو، اصل سنڌين کي ٻنهه ڪونه سَهن ۽ هٿيارن جي زور تي کين هيسائي شهر ڇڏڻ تي مجبور ڪيو وينا آهن .کيس ياد ٿو اچي ته ڪيئن نه سندن وڏا انگريزن کان آزادي حاصل ڪري، هڪ بين الاقوامي سامراج کان آزاد ٿي هت مقامي سامراج جي غلاميءَ هيٺ اچي ويا آهن ۽ پنهنجي اکين آڏو وطن جي بربادي ڏسي رهيا آهن.

"تون به مون کي هتان جو نٿو لڳين، تنهنجو تعلق ڪهڙي ملڪ سان آهي." هن ڪانئس پڇيو آهي.

سندس ان جملي هن جي سوچ جو سلسلو ٽوڙي وڌو آهي ۽ هو پنهنجي خيالن جي تاڃي پيٽي مان ٻاهر

ڪري ڪيس خبر آهي تہ ڪا بہ ويٽرس ڪانئس آرڊر وٺڻ ڪونہ ايندي ۽ ڪيس اهو ڪم پاڻ ئي ڪرڻو آهي. ٿوري ئي دير ۾ هو هڪ ڊش ۾ پنهنجي لاءِ چڪن فرائيڊ رائيس جي پليٽ ۽ ڪوڪا ڪولا جا ٻہ گلاس کڻي پنهنجي ٽيبل تي پهتو آهي. هن ويهي ڪوڪ جو گلاس ۽ ٻہ ٽشو پيپر هن جي آڏو رکيا آهن.

"تون هت ڪيتري عرصي کان آهين ۽ ڇا پيو ڪرين؟" هن گلاس مان هڪ سُرڪ ڀري، ٽشو پيپر سان پنهنجا چپ خشڪ ڪري کانئس پڇيو آهي.

"مان پنهنجي ملڪ جي ٽئڪس واري کاتي ۾ آفيسر آهيان ۽ ٻن مهينن کان هتي هڪ ٽئڪس ايڊمنسٽريشن جي اداري ۾ سکيا پيو وٺان."

هن مختصر طور تي پنهنجو تعارف ڪرايو آهي.

"تنهنجو ٽريننگ انسٽيٽيوٽ ڪٿي آهي ۽ ٽريننگ ڪيئن پئي هلي." هن کانئس وڌيڪ پڇيو آهي.

"ٽريننگ انسٽيٽيوٽ هتان ويجهو ئي هلٽن هوٽل جي ٻارهين منزل تي آهي ۽ اُتي اسان جا ڪلاس صبح جو نائين بجي کان شام جو ڇهين بجي هلندا آهن. مجموعي طرح سان ٽريننگ نيڪ پئي هلي." هُن کيس جواب ڏنو آهي.

"توهان جي ملڪ جو ٽئڪس کاتو بہ چڱو چوکو وڏو هوندو، پر پوءِ توهان وٽ ٽريننگ لاءِ پنهنجا ادارا ڪونہ آهن ڇا؟" مارگريٽ کانئس پڇيو آهي. هن ٿورو ترسي وري چيو آهي. "ڇاڪاڻ تہ آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ ٽريننگ وٺڻ ۾ خرچ تہ چڱو لڳندو هوندو."

"اسان وٽ بنيادي طور تي سکيا لاءِ پنهنجا ادارا بہ برابر موجود آهن، جتي اسان جي کاتي جا آفيسر ٽريننگ وٺندا رهن ٿا، پر پوءِ Advance Trainning لاءِ اسان جي سرڪار، هر سال ڪجهہ آفيسرن کي مُلڪ کان ٻاهر بہ موڪليندي رهي ٿي. ائين ڪرڻ سان آفيسرن جي ٽئڪس جي معاملي ۾ معلومات وڌندي بہ رهي ٿي ۽ ان سلسلي ۾ دنيا ۾ ٿيندڙ ترقي ۽ کوجنا کان پوءِ حاصل ڪيل تازي معلومات تي مبني سکيا بہ ملندي رهي ٿي ۽ ان کي واسطيدار شعبي ۾ ڪاميابيءَ سان استعمال بہ ڪري سگهجي ٿو. ان کان علاوه، توکي خبر هوندي تہ ترقي يافتہ ملڪ، ترقي پذير ملڪن کي جيڪا امداد هڪ هٿ سان ڏين ٿا، سا انهيءَ صورت ۾ ٻئي هٿ سان واپس وٺن ٿا. ان سلسلي ۾ اهو سندن ئي مفاد ۾ آهي تہ سکيا لاءِ اهڙا ادارا سندن پنهنجي ملڪ ۾ هجن." هن ٽشو پيپر سان هٿ صاف ڪري کيس جواب ڏنو آهي.

"ها برابر اها ڳالهہ تہ آهي." مارگريٽ ساڻس متفق ٿيندي چيو آهي. "توهان سان گڏ ٻين ملڪن جا آفيسر بہ تہ ضرور هوندا."

"اسان سان گڏ ٽريننگ ۾ سريلنڪا، انڊيا، نيپال، اردن ۽ يونان جي ملڪن مان آيل آفيسر بہ گڏ آهن. هن دفعي ٽريننگ ۾ اسان ڪل نوَ آفيسر آهيون." هن کيس جواب ڏنو آهي.

"تنهنجي رهائش هت ڪٿي آهي؟" مارگريٽ ان وقت پڇيو آهي. "مان هن وقت اووڪ ووڊ اپارٽمينٽس جي هڪ ننڍي فليٽ ۾ رهيل آهيان جيڪو ڏهين ويسٽ اسٽريٽ ۽ فگروا اسٽريٽ جي ميلاپ تي آهي." هن کيس جواب ڏنو آهي.

"شام جي وقت پوءِ تون يونيورسٽي ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ آيو آهين ڇا؟" مارگريٽ کانئس وڌيڪ پڇيو آهي.

"يونيورسٽيءَ جي هن وليج جي بلڪل ڀرسان جيڪو انڊين ڪميونٽي هال ۽ شرائين آهي، اُتي اڄ انڊيا جي

جڳ مشهور ڳائڻي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ واري آهي، مان ان پروگرام کي ڏسڻ لاءِ آيو آهيان." هن ڪيس جواب ڏنو آهي.

"توهان جي ملڪ لبنان جون حالتون هينئر ڪيئن آهن؟" ڪجهه وقت جي خاموشيءَ کان پوءِ، هن ڪانئس سندس ملڪ جي حالتن متعلق پڇي ورتو آهي.

"حالتون نهايت ئي عجيب ۽ ڏک ڀريون آهن. ڪرسچن ۽ مسلمان پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن. شهر جڻ ته ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو آهي. ٻنهي ڌرين وچ تي مورچا قائم ڪري ورتا آهن ۽ هڪ ٻئي تي فائرنگ جو سلسلو جاري آهي. ٻنهي ڌرين جا ڪيترائي ماڻهو روز مرن ٿا ۽ قبرن ۾ پوريا وڃن ٿا. هونئن جو هڪ شهر ۾ مسلمان ۽ عيسائي گڏجي خوشين جا ڏينهن ملهائيندا هئا، پر اڄ ڏک جي وقت ۾ به گڏ ڪونهن. سياست به نهايت ئي عجيب شيءِ آهي، هڪ پاڻ کي ٻئي پاڻ سان ويڙهائي الڳ ڪريو ڇڏي. اڳ مان سياست کي نهايت ئي مقدس شيءِ تصور ڪندي هيس پر هاڻي سچ پڇين ته مون کي سياسي لفظ کان ئي وحشت ٿيندي آهي. اها سچ پچ ته مون لاءِ وڏي ٽرئجدي آهي!" مارگريت لبنان جي حالتن تي مختصر تبصرو ڪندي چيو آهي، پر ائين چوندي سندس اکين ۾ آيل ڳوڙها هن ڏسي ورتا آهن.

"ائين برابر آهي، سياست جا به عجيب رنگ آهن." هو جواب ۾ صرف اينترو ئي چئي سگهيو آهي.

"هاڻي اسان کي هلڻ گهرجي." هن پنهنجا ڪتاب هٿن ۾ کڻندي چيو آهي.

"ٿوري دير ترس، مان توکي هڪ شيءِ ڏيکاريان." ائين چئي هن پنهنجي پرس مان هڪ فوٽو ڪڍي هن جي هٿ ۾ ڏنو آهي.

مارگريت فوٽو پنهنجي هٿ ۾ وٺي ان کي ڏسڻ شروع ڪيو آهي. ان ڏسڻ دوران ئي هن فوٽو تان نظرون هٽائي، هن کي اکين ۾ گهوري ڏنو آهي. حيرت کان مارگريٽ جون اکيون وڏيون ٿي ويون آهن. هڪ ڪن لاءِ هن تصوير تان نظرون هٽائي چيو آهي، "هيءَ ڪنهن جي تصوير آهي؟ هيءَ سچ پچ ته منهنجي تصوير لڳي رهي آهي! هن فوٽو سان سچ پچ ته منهنجي شڪل ڪيڏي نه ملي رهي آهي. سچ پچ ته حيرت جي ڳالهه آهي!"

"مارگريت! هيءَ تصوير ان ڇوڪريءَ جي آهي جنهن سان مان ننڍپڻ کان پيار ڪندو هوس. پر پوءِ هن مون کي ڇڏي وڃي هڪ آفيسر سان شادي ڪئي هئي. هوءَ اسان جي پاڙي ۾ رهندي هئي ۽ سندس پيءُ ڪليڪٽر هوندو هو. منهنجي خاندان جي غربت کيس ڪونه وڻي هئي." ائين چوندي هن پنهنجي اکين ۾ ڳوڙهن جي آلاڻ محسوس ڪئي آهي ۽ هن پنهنجا ڳوڙها لڪائڻ لاءِ، پنهنجو منهن ٻئي طرف ڦيري ڇڏيو آهي.

"ڇا توهان جي ملڪ ۾ غربت جي ڪري ائين ٿيندو آهي؟" توهان جي ملڪ ۾ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو هڪ ٻئي کي پسند ڪرڻ ڪافي نه هوندو آهي ڇا؟" مارگريت هڪ ئي ساهيءَ ۾ ڪانئس ڪيترا ئي سوال ڪري وڌا آهن.

"ها هو هڪ ضلعي جو ڪليڪٽر هو. جيڪو اسان وٽ واقعي وڏو آفيسر هوندو آهي. هو هڪ ضلعي جو بي تاج بادشاهه ۽ مالڪ هوندو آهي. وڏي عهدي تي هجڻ ڪري سندس مان مرتبو ۽ خاندان واقعي وڏو ٿي ويندو آهي." هن ڪيس سمجهائيندي چيو آهي.

"نهايت ئي عجيب ڳالهه آهي. دنيا ترقي ڪري وڃي چنڊ تي پهتي آهي ۽ توهان اڃان اهڙين خسيس ڳالهين ۾ اعتبار ڪيو ويٺا آهيو." مارگريت کيس جواب ۾ چيو آهي.

"ها، اها برابر اسان جي معاشري جي هڪ وڏي ٽرئجدي آهي." هن کيس جواب ۾ چيو آهي.

ٿورڙي دير لاءِ مڪمل خاموشي ڇانئجي ويئي آهي. ٻنهي مان ڪنهن هڪ جي واتان ڪو اکر نڪري ڪونہ سگهيو آهي. ان اڻ وڻندڙ خاموشي کي ٽوڙيندي هن ئي چيو آهي، "هاڻي اسان کي هلڻ گهرجي، جو توکي دير پيئي ٿئي."

هو ٻيئي اُتي ريسٽورينٽ کان ٻاهر نڪري آيا آهن ۽ ٻاهر روڊ طرف هلي رهيا آهن. روڊ جي منهن تي ته واتي تي پهچي، مارگريٽ هن کي خدا حافظ چيو آهي ۽ يونيورسٽي جي بلاڪ طرف وڃڻ لاءِ ٽرئفڪ سگنل وٽان رستو ڪراس ڪرڻ شروع ڪيو آهي. رستو ڪراس ڪري هوءَ ڪيس هٿ لوڏي خدا حافظ چوي ٿي ۽ هيڏانهن هن بہ ڪيس هٿ لوڏي جواب ڏنو آهي.

سُوٽ جي کيسن ۾ ٻئي هٿ وجهي ٿيلار واري انداز ۾ هن هندو شرائين طرف هلڻ شروع ڪيو آهي. هو سوچي ٿو تہ زندگي بہ هڪ عجيب مذاق آهي – انسان ڪٿان ڪان ڪٿان وڃيو نڪري! هن پنهنجي زندگيءَ جي پيار کي ويهن سالن کان وسارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ پنهنجي گهر ٻار وارو ٿيو هو. اڄ ڪيئن نہ هڪ اوچتي ٿيل حادثي ڪري، اهو وساريل پيار وري سندس دل ۾ تازو ٿي ويو هو. هو اڃان تائين حيرتزده هو تہ ڪيئن نہ مارگريٽ جي شڪل هن جي محبوبا سان حيرت انگيز طور تي ملي وئي هئي. هن پنهنجي ٻاراڻي وهي ۽ جوانيءَ کان وٺي جيڪي پيڙائون ۽ غم سنا هئا، سي سندس اکين آڏو ظهور پذير ٿيندا رهيا. هن کي پنهنجي جوانيءَ جو اهو وقت بہ ياد آيو آهي جڏهن هن لاءِ زندگيءَ ۾ سواءِ خودڪشي ڪرڻ جي ٻيو ڪو رستو ڪونہ رهيو هو. زندگيءَ جي ان مايوس ترين گهڙين ۾ هن جي زندگي الائي ڪيئن بچي وئي هئي ۽ ان حالت تي سوچيندي هن کي ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو عجب محسوس ٿيندو آهي.

هو شرائين تي پهچي ويو آهي. هونئن اُتي هن پروگرام کان ڪلاڪ ڪن اڳ پهچڻ چاهيو هو جو سندسع خيال هو تہ لاس اينجلس ۽ ان جي پر وارن شهرن ۾ رهندڙ ڪن سنڌين سان هو ملاقات ڪندو جيڪي ان پروگرام کي ڏسڻ لاءِ ايندا. پر پوءِ هو محسوس ڪري رهيو آهي تہ مارگريٽ سان ان اوچتي پر وڻندڙ ملاقات ڪري هن ڪافي ٽائيم گذاري ورتو آهي. هو شرائين تي پهچي واجهائي رهيو آهي تہ من ڪا اهڙي فيملي ملي وڃي تہ ڪانئس اُهو احوال وٺي تہ ڪيئن نہ ورهاڱي وقت هو سنڌ ڇڏڻ تي مجبور ٿيا هئا ۽ انديا ۾ ڪين ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون پيش آيون هيون. ساڳئي وقت هن اهو بہ ڏسڻ پئي چاهيو تہ انهن جي دل ۾ اڃا بہ سنڌ لاءِ ڪا محبت آهي يا نہ! وري سندس سوچ ۾ آيو آهي تہ انهن سنڌين جي ٻي پيڙهي، جيڪا بعد ۾ انديا ۾ پيدا ٿي آهي، ڇا انهن جي دل ۾ بہ سنڌ لاءِ اهڙي محبت هوندي يانہ؟ بهرحال هو سوچي ٿو تہ هنن اينترن ماڻهن ۾ جيڪي پروگرام ڏسڻ آيا آهن، تن ۾ ڪجهہ تہ سنڌي هوندا. انهن اينترن ماڻهن وچ ۾ ويهندي هو سندن ڳالهائڻ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ من ڪو سنڌي ڳالهائڻ وارو ماڻهو ڪيس نظر اچي وڃي. هو ڪجهہ وقت اڃا بہ وڌيڪ انتظار ڪري رهيو آهي ۽ هال ٻاهران بيٺل ماڻهن ۽ فيملين کي بار بار پنهنجي نظر مان ڪڍي رهيو آهي.

پروگرام جي شروع ٿيڻ ۾ باقي ڪي پنج منٽ رهيا آهن. هو پنهنجي گهڙيءَ ۾ آخري نظر وجهي مٿي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ طرف وڌي ويو آهي. مٿي ڪند وٽ هڪ گيٽ تي بيٺل ماڻهوءَ کي پنهنجي ٽڪيٽ ڏيکاري هو ڪانئس پنهنجي سيٽ جو پڇي ٿو. ان ماڻهوءَ اشاري سان ڪيس پنهنجي سيٽ جو طرف ٻڌايو آهي ۽ هو ان طرف وڌي وڃي سيٽ تي وينو آهي.

شرائين جي ان خوبصورت هال جي بناوت ڏسي هو دنگ رهجي ويو آهي. جنهن گيلري جي وچ ۾ هو وينو آهي، ان جي مٿان ۽ پاسن کان هيٺان بہ ٻيون گيلريون بہ نڪري ٻاهر ايندي ڪيس نظر آيون اهن. زمين تي هيٺ بہ

ڪيس ڪرسيون نهايت ئي سٺي طرح فٽ ٿيل نظر آيون آهن. هو اُتي ڪري گيلري جي ڇيڙي تي پهچي ويو آهي ته جيئن هال جي هيٺين حصي جو چڱي طرح جائزو وٺي سگهي. هو سچ پچ ته هال جي جوڙجڪ ڏسي حيران ٿي ويو آهي. سندس دل ۾ ان هال جي ناهيندڙ جي عزت وڌي ويئي آهي ۽ هو دل ئي دل ۾ ان کي خراج تحسين پيش ڪرڻ کان سواءِ رهي نه سگهيو آهي.

پنهنجي گيلريءَ ۾ ويٺل ماڻهن تي هن هڪ نظر ڊوڙائي آهي ته ممتان ڪيس ڪٿي ڪو اجرڪ ويڙهيل يا سنڌي ٽوپي پاتل ماڻهو نظر اچي وڃي ته وڃي جيڪر ان سان ويهي ۽ ساڻس ڪجهه ڳالهائي. پر هو اهڙي ڪنهن ماڻهو کي نه ڏسي، نهايت ئي مايوس ٿيو آهي. هن شام کان وٺي هوئڻ ئي پنهنجي دل ۾ عجيب احساس محسوس ڪيا آهن.

ڪجهه دير بعد ئي هندستان جي جڳ مشهور ڳائڻي جو پروگرام شروع ٿيو آهي. سندس پهريون گانو ئي سندس دل کي سڌو هٽ ٿي لڳو آهي. هو پنهنجي دل کي بي حال ۽ پنهنجي قبضي کان ٻاهر ٿيندي محسوس ڪري رهيو آهي. هڪ پٺيان ٻيو گانو ڪيس بلڪل مدهوش ڪري رهيو آهي. هي اهي گانا آهن جيڪي هو ننڍپڻ کان وٺي ريڊيو تي ٻڌندو آيو آهي. وري جڏهن وڊيو ڪئسٽ جو دور آيو ته هن اُهي گانا فلمن ۾ به ڏٺا ۽ ٻڌا هئا. هن جا اُهي بيحد پسند وارا گانا، جڏهن اُها ڳائڻي پاڻ هن جي سامهون ڳائي رهي آهي ته هن پاڻ تي هڪ عجيب قسم جي ڪيفيت طاري ٿيل محسوس ڪئي آهي. ان جادو ڀري آواز سان اسٽيج تي وڄندڙ آرڪسٽرا نهايت ئي ڀرپور انداز ۾ ساٿ ڏيئي رهي آهي. ان ڪيفيت ۾ هن کي احساس ئي نه ٿيو آهي جو پروگرام جو انٽرول جو ٿيو آهي.

ان وقفي دوران هن کي هال ۾ هڪ عجيب قسم جو گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو آهي جيڪو ڪافي ماڻهن جي هڪ ئي وقت ڳالهائڻ سان پيدا ٿيندو آهي. هن کي اُهو آواز بلڪل بور ڪري رهيو آهي پر هو ان کي بند ڪرڻ لاءِ ڪجهه به ڪري نٿو سگهي. ان وقت هو پاڻ تي هڪ عجيب قسم جو سڪتو طاري ٿيل محسوس ڪري رهيو آهي. هن ان وقت اٿي گهمڻ چاهيو آهي پر ڪافي ڪوشش جي باوجود هو پنهنجي جسم ۾ اٿڻ جي طاقت جي سخت ڪمي محسوس ڪري رهيو آهي. ان ڪري هن اٿڻ جو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيو آهي ۽ سامهون ٻيٺل ويٽر کي اشاري سان پاڻ ڏي سڏ ڪري ڪيس هڪ ڊالر جو نوٽ ڏيئي ڪائنس سيون اپ جو هڪ ڊٻو ورتو آهي. هن هڪدم ان جا ٻه ٽي ڍڪ ڀي ورتا آهن ۽ هن کي عجيب قسم جي فرحت محسوس ٿي رهي آهي.

ٿوري دير کان پوءِ پروگرام ٻيهر شروع ٿيو آهي. ان وقت ڪجهه ماڻهن اُتي اسٽيج طرف پنهنجي فرمائش لاءِ آواز ڏيڻ شروع ڪيا آهن. هو اُهي زور زور سان آواز ۽ مطالبا بخوبي ٻڌي رهيو آهي. ڪو مرهٽي گاني جي فرمائش ڪري رهيو آهي ۽ ڪوئي ڪهڙي گاني جي، وري ڪنهن مان ڪو تيليگو ٻولي جي گاني لاءِ اسرار ڪري رهيو آهي. ان مهل سندس دل چوي ٿي ته هال مان ڪوئي ماڻهو اُٿي جيڪر سنڌي گاني جي به فرمائش ڪري، پر انهن ۾ ڪوبه سنڌيءَ لاءِ آواز ڪونه اٿيو آهي ۽ هو ان مهل واقعي ئي مايوس ٿيو آهي. هو سوچي رهيو آهي ته هال ۾ هزارين ٻڌندڙن مان ڪو ته سنڌي به هوندو، پر پوءِ ڪيس لڳي ٿو ته ڄڻ هن کان سواءِ هال ۾ ٻيو ڪو سنڌي آهي ئي ڪونه. الائجي ڇو هو پاڻ ۾ فرمائش ڪرڻ جي طاقت جو فقدان محسوس ڪري رهيو آهي.

ان وقت هن ڪافي ٻين ٻولين جا راڳ به ٻڌڻ شروع ڪيا آهن ۽ گاني ختم ٿيڻ سان ئي فرمائش ڪرڻ وارن جي تاڙين جي آواز هال ۾ عجيب گوڙ جو سمان پيدا ڪري وڌو آهي. ڪنهن ڪنهن گاني جو ته فرمائش ڪندڙن ڳائڻ ۾ به ساٿ ڏنو آهي، جنهن ڪري هن کي ان وقت سڄو هال ڳائيندو نظر آيو آهي. ان بعد هندي گانا وري

هڪ دفعو ٻيهر شروع ٿي ويا آهن ۽ ڳائڻيءَ هر گاني جا ٻه ٻه مصرع ٻڌائي شائقينن کان اجان ٻه وڌيڪ داد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هيڏانهن انهن گانن ٻڌڻ سان هن جي حالت اجان ٻه وڌيڪ خراب ٿي رهي آهي.

آخر ۾ موسيقي ڏيندڙ ٽيم جي مختلف ڪارڪنن جي تعارف سان هي رنگارنگ پروگرام ختم ٿيو آهي. هو ٻه ٻين ماڻهن سان گڏجي هال مان ٻاهر نڪري آيو آهي ۽ روڊ ڪراس ڪري شرائين جي سامهون بس اسٽاپ تي اچي بيٺو آهي. ان وقت رات جو هڪ ٿيو آهي ۽ گهڙي ڏسي هن کي شدت سان جلدي فليٽ تي پهچڻ جو خيال دل ۾ جاڳيو آهي. هُو دل ۾ سوچي ٿو ته ان مهل لفٽ ملي وڃيس ته جيڪو ڪيس واهه جو مزو اچي وڃي. ان ٻڌتر ۾ هُو ٽئڪسي لاءِ ٻه واجهائي رهيو آهي. پر پوءِ ڪيس وڌيڪ انتظار نه ڪرڻو پيو آهي جو سندس فليٽ طرف ويندڙ بس ان وقت پهچي ويئي آهي، هو بس ۾ چڙهي ڊرائيور کي پاس ڏيکاري خالي سيٽ تي اچي ويٺو آهي. بس ٿوري دير ۾ ئي ڪيس ول شائر اسٽريٽ کان سڏ پنڌ تي آڻي ڇڏيو آهي.

ول شائر اسٽريٽ تي پهچي هن فگروا اسٽريٽ لاءِ بس پڪڙي آهي. رات جو ڪافي پهر گذري وڃڻ ڪري رستي تي بس اسٽاپن تي ماڻهن جي رش نه هئڻ ڪري هو پنجن منٽن ۾ ئي فگروا اسٽريٽ تي پهچي ويو آهي. ٻن ٽن منٽن جي پنڌ کان پوءِ هو پنهنجي فليٽ تي پهچي ويو آهي. ڪپڙا لاهي، هٿ منهن ڌوئي، هو پلنگ تي اچي ليٽيو آهي. ان وقت هن کي ڪافي ٿڪ محسوس ٿيو آهي. اڄ شام کان وٺي جيڪي واقعا ظهور پذير ٿيا اٿس، انهن تي هو اجان تائين عجب کائي رهيو آهي ۽ اهي جڻ ته اجان تائين سندس اکين آڏو ڊوڙي رهيا آهن. خوشي ۽ ڏک گاڏڙ انهن يادن جي وچ ۾ هن جون اکيون ننڊاکڙيون ٿينديون پيون وڃن. هن کي صبح جو جلدي اٿڻو آهي جو ڪيس گهر فون ڪري پنهنجي گهر واريءَ کان پروگرام پڇڻو آهي، جيڪا هڪ ٻن ڏينهن ۾ آمريڪا لاءِ رواني ٿيڻي آهي.



"اهو ته ڪنهن گائنڪالجسٽ ۽ سائڪالجسٽ ۾ ڪهڙو فرق هوندو آ."

"ڪهڙو فرق هوندو آ؟"

"اهو ته گائنڪالجسٽ Foetus ابورٽ ڪرڻ ۾ ماهر هوندا آهن ۽ سائڪالجسٽ Feelings ابورٽ ڪرڻ ۾."

"بلڪل صحيح سمجهيو آ توهان." مون رليڪس ٿيندي چيو.

"پر مِس سارا! Abort هر اها شيءِ ڪبي آ جيڪا يا ته خطرناڪ هجي يا تڪليف ده. پوءِ اُها تڪليف چاهي جسماني هجي يا ذهني."

"پر ايما مون لاءِ خطرناڪ ته نه هئي."

"مڃان ٿو ته هوءَ ڪنهن سارا لاءِ خطرناڪ نه هئي، پر ڪنهن مِسس لاءِ ته هُئي ۽ خاص ڪري تڏهن جڏهن هوءَ هڪ مس به هجي ۽ ماءُ به."

"پر"، هن ذهن تي زور ڏيندي چيو.

"ٻار ته مستقبل جا پيامبر هوندا آهن، روشني هوندا آهن سر! اسان انهن تي Legitimate ۽ Illegitimate جا ٺپا ڇو هڻندا آهيون؟" پنهنجي وجود ڪان پري ٿي، انهن کي انهن جي وجود سان ڇو نه سڃاڻيندا آهيون؟ توهان اڳي به چئي چڪا آهيو ته اهي Social Norms آهن، پر سر! سماج ڪير ٿيندو آ منهنجي ايما کي قبول يا رد ڪرڻ وارو؟ سماج مون کي قبول ڪري جا ڏنو؟ عزت! اها عزت، جيڪا هو جڏهن به نيلام ڪن، جنهن کي به ڪن، ڪري سگهن ٿا ۽ مان نه ٿي ڪري سگهان؟ شرافت! اها شرافت، جنهن جي آڙ ۾ مان Abortion ته ڪرائي سگهان ٿي پر ڪنهن کي جنم نه ٿي ڏئي سگهان؟ ايما کي مون ان لاءِ Abort ڪري ڇڏيو نه، جو هُن لاءِ مون سماج ڪان عزت جو Licence نه ورتو هو. عزت! اها عزت آهي ڇا؟ پرٽي رات جا اها عزت..."

"Stop it،، منهنجو آواز ڪمري ۾ گونجڻ لڳو.

"ڇو چپ ڪيان مان؟" هن جو آواز وڌيڪ تيز ٿي ويو. "عزت جي ڏنڌي ۾ اهڙا لفظ بازاري سمجهيا ويندا آهن، اُن جي ڪري؟ Sorry Sir. پر مان چپ نه ڪنديس."

آخرڪار ميندي‌ءَ رنگ لاتو. مون هن ڏانهن پاڻي‌ءَ جو گلاس وڌائيندي چيو، جيڪو هوءَ هڪ ساهيءَ ۾ پي وئي.

"ميندي! ڪهڙي ميندي؟" هن نڙي صاف ڪندي پڇيو.

"سائڪو ٿيرپي به ميندي‌ءَ وانگر ٿيندي آ مِس سارا! آهستي آهستي پنهنجا رنگ ڇڏيندي آ ۽ اڄ مان خوش آهيان ته توهان پنهنجا خوف متائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويون آهيو ۽ مان پنهنجي مقصد ۾."

"ڪهڙو مقصد؟" هن بي چين ٿيندي پڇيو.

مون ڪيس هسٽري هن جي هٿ ۾ ڏيندي چيو:

"جي ايما اڄ توهان جي پيٽ ۾ هجي ها ته توهان هن کي ڪڏهن به Abort نه ڪيو ها!"

Gul Hayat Institute

رفيق سومرو

# چڪناڻ

ٻارنهن فوٽن جي همچورس ڪمري ۾ زيبي ۽ مُراد کٽ تي سُتل هئا. زيبيءَ ڪي ململ جو سنهڙو چولو اوڍيل هو ۽ مراد ڪي انگوڇو ڍڪيل. رات وهامڻ واري هئي.

اوچتو هڪ خطرناڪ رڙ ٿي. رڙ تي مراد جي اک کلي پئي.

هڪ ڀيرو وري هنيانءُ ڏاريندڙ رڙ ٿي. رڙ جو آواز ٻڙاڏو ٻڻجي، مراد جي ڪنن مان پار ٿيندو، سندس حواسن تي ڇانئجي ويو. هُو اٿي ويٺو. پنهنجيون ٻانهون زيبيءَ جي ڪنڌ ۾ وجهي، ڪيس ڇڪي ڇاتيءَ سان لاتائين. زيبيءَ ٽيون ڀيرو اڃا بہ وڌيڪ خوفناڪ آواز ۾ رڙ ڪئي. رڙ خوف جي گولي ٻڻجي سانت جو سينو چيريندي، مراد جي وجود ۾ پيهي ويئي. هو هڪ زوردار ڌڪي سان بل ڪائي، وڃي کٽ تان هيٺ ڪريو. زيبيءَ اونداهي ڪمري ۾، ماحول کان بيخبر ۽ بدحواس، پنهنجي بدن کي هٿن سان ڍڪڻ جو سعيو ڪندي، جڻ تہ پنهنجي مڙس جي اڳيان نہ، پر ڪنهن غير مرد آڏو بيوس ٻڻجي بيٺي هجي. پٺ ڏانهن منهن ڪري مُراد ڏانهن پٺ ڪري ڀيهي رهي. خوف ڪرنٽ جي لهر ٻڻجي، هن جي رڳ رڳ ۾ لوءَ لوءَ ۾ پيهي ويو. سڄي ٿڙڪڻ لڳي. هاڻ هن پنهنجي بدن کي ڍڪڻ جي اجائي ڪوشش ڇڏي ڏني. اوچتوئي اوچتو خوف ۽ شرم جي احساس چور ٻڻجي، هن جي سنگمرمر جهڙي لسي جسم تي سرڪندي سرڪندي، پنهنجي گرفت مضبوط ڪري ڇڏيو.سڌڪي سيسڙاٽ جو روپ ورتو. اک ڇنڀ ۾ منهن تي رکيل هٿ، ڪار اسڪرين وائيپر جيان، هيٺ وڌي ويا. هڪ زوردار جهٽڪي سان پنهنجو سڄو بدن ڇنڊي ورتائين. هٿ هيٺ ورڻ شرط، اکين ڪمري جو جائزو ورتو. ڪيس پنهنجي حال تي رحم آيو. ڪمرو اوندهہ جو پيٽ ٿي لڳو. هن ڪن لاءِ سک جو ساهہ کنيو. زندگيءَ جي ويهن سالن ۾، هن ڪڏهن بہ پنهنجو پاڻ کي ايڏو بيوس ۽ شرمسار محسوس ڪونہ ڪيو هو. شرم ۽ پشيمانيءَ جو سبب رڳو خوف هو. هاڻي هن پاڻ کي ڍڪڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. ٻڪ ۾ منهن بہ ڪونہ لڪايائين. بس هٿن جون ترِيون پيٽ تي چنبڙائي، هيسيل هرڻيءَ وانگر بيٺي رهي.

مراد کٽ جي ٻانهيءَ کي جهلي، گوڏن ڀر اٿي بيٺو. ڪونيءَ ۾ گهُگهہ اوندهہ هئي. ٿڙندو ٿابڙندو، ٻارن جيان ٻانبڙا پائيندو، گيسيون ڏيندو اڳتي وڌڻ لڳو. کٽ جي چوگرد ڪيترائي چڪر ڏنائين. پر زيبيءَ کي ڇهڻ ۾ ناڪام رهيو. ڪجهہ دير تڪ ٻڌي، اوندهہ جي سمونڊ ۾ گهوريندو رهيو. هٿ پنڌ تي، ڪيس تڪڙن تڪڙن ۽ ڊگهن ساهن جو آواز ڪن پيو. هڪساهيءَ اڳتي وڌي ويو. مراد جي ڇهڻ شرط، زيبي گوڏن ڀر ڪري پئي.هيانوَ ڏاريندڙ ڇِيٽ ڪيائين، ۽ نوننين ڀر اڳتي گسڪڻ لڳي. گسڪڻ جو آواز خوف جو ڪوهہ ڪاف ٻڻجي، مراد جي ذهن تي ڇانئجي ويو.

مراد ڪڏهن بہ پاڻ کي ايڏو بيوس ۽ مجبور محسوس ڪونہ ڪيو هو، جيترو اڄ ٿي ڪيائين.

"ڳالهہ ڇاهي؟" ڏڪندڙ آواز، گوليءَ جي نڪاءُ وانگر مراد جي وات مان نڪري. خاموش وايومنڊل جي ٿڙگهٽ ۾ لهي ويو. جڻ ڪنهن ازغيبي طاقت هن جي وات جي ٽريگر تي آڱر رکي هجي.

"تو مونکي ڇهيو آهي." زيبيءَ جي وات مان آواز ٻدران، جڻ خوف جو بم گولو نڪتو.

"چريائپ ڇڏ!" ٿڌو ساهہ کڻڻ جو آواز.

"تون رزاق آهين!" ساڳي رڙ.

"ڇا... ؟"



Gul Hayat Institute

"ها ها، تو منهنجو هنيانءَ تي ڪڍيو."
"هيانءُ، ڪنهنجو هيانءُ؟"
"منهنجو." زيبيءَ جا حواس خطا هئا، چيائين:
"تون رزاق جو بدروح آهين!"
"هوش ڪر زيبي!"
"مان بيهوش ناهيان!" ساڳي رڙ ڪيائين. چيائين:
"تون رزاق جو لاش آهين."
"لاش!"
"ها، ۽ مون کان بدلو وٺڻ آيو آهين."
"بدلو!"
"ها، پر توکي مون ڪونه ماريو هو."
"مان مئل ناهيان" اچرج خوف جي جڳهه ورتي. هن وراڻيو "آءٌ جيئرو آهيان."
"اهو تنهنجو ٻيو جنم آهي" هوءَ ٿڙڪي رهي هئي.
"پر توکي مون ته ڪونه ماريو هو." هوءَ ٻيءَ ڪنڌ ڏانهن سرڪي وئي.
"خواب لڌو اٿئي؟"
"ها، ۽ جڏهن چرڪ ڀري اٿيم، ته توکي پرسان سمهيل ڏٺم."
"جي!" هن کان ذري گهٽ چرڪ نڪري ويو." پر مان ته توسان گڏ اڳ ۾ ئي سُتل هوس!"
"ها، تون مونکي مارڻ آيو هئين."
"توکي ڇا ٿي ويو آهي، زيبي!"
"اهوئي ساڳيو آواز! جڏهن ته اڃا جيئرو آهين!"
"پر مان مُئو ڪڏهن هوس؟"
"تون مري ويو هئين، توکي پوري آيا هئا."
"جي!"
"ها تو زهر کاڌو هو."
"مان ته ڪڏهن به زهر ڪونه کاڌو آهي."
"تو زهر کاڌو هو. تون مئل آهين." زيبيءَ کان دڙڪي نڪري ويئي.
چيائين "تون بدروح آهين. تنهنجو آواز ولهه جهڙو آهي. تنهنجي شڪل مڙدن جي شڪل آهي."
"مان ڪڏهن به آپگهات لاءِ زهر ڪونه کاڌو آهي."
هن رڙ ڪئي.
هوءَ ڪرڙيءَ وانگر ڦٿڪي اٿي. "پر مان ته توکي زهر ڪونه ڏنو هو..."
"ته پوءِ ڪنهن ڏنو هو"، هن گجگوڙ ڪيو. خوف ۽ اچرج جي جاءِ ڪاوڙ ورتي.
"الائي"
"سچ ٻڌاءِ!"



Gul Hayat Institute

"مون کي ناهي خبر" هوءَ بي ڪنڌ ڌانهن وڌي وئي.

"توکي خبر آهي!"

"ناهي" پئو وچان زيبيءَ کان چيٽ نڪري وئي. مراد ٽپ ڏيئي ڪيس وارن کان سوگهو ڪيو.

"الاڙي گهوڙا ڙي...." ڪانئس دانهن نڪري ويئي.

"مان توکي زهر ڪونہ ڏنو هو. ڪونہ ڏنو هو."

"سچ ٻڌاءِ" مراد جا ٻئي هٿ زيبيءَ جي ڳچيءَ ۾ هئا.

"تون ساهہ ڪڍندين!" هن محسوس ڪيو تہ اهو بد روح ڪيس ماريندو. پنهنجو بدلو چُڪائيندو.

"نہ ڪڍندو سانءِ"

"ها مان ئي توکي زهر ڏنو هو."

"چو؟" هن جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون، سندس هٿن جي گرفت اجا مضبوط ٿي ويئي.

"آ... آ... آ... نہ" زيبيءَ کان دانهن نڪري وئي.

"ٻڌاءِ، چو؟" هن گرفت ڍري ڪندي چيو.

"مون کي توکان نفرت هئي. مان ٻي شادي ڪرڻ ٿي چاهي."

"چا لاءِ؟"

"منهنجو تو مان پيٽ پرجي ويو هو."

"هُون ڪتي پيٺسان." نفرت وچان، هن ڪيس پيٽ واري لت وهائي ڪڍي. هوءَ ڪري پئي.

هُن اتاري پيهاريس، ڳچيءَ مان هٿ ڪڍي ڇڏيائينس.

سج اُڀري آيو هو. روشنيءَ جا ڪرڻا در جي چيرن مان ڇڻندا اندر اچي رهيا هئا. زيبيءَ ڊڪي وجي، ڪٽ تان چادر ڪنئي ۽ اک ڇنڀ ۾ سڄي بدن کي ويڙهي ڇڏيائين. پوءِ وراندي ڏانهن ڪُلنڊڙ در ڏانهن وڌڻ لڳي. هو سندس راهہ روڪڻ لاءِ در کي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهيو. هوءَ روح تائين ڪنبي ويئي. وٺي رڙ ڪيائين. "مراد بچاءِ، مون کي بچاءِ!"

هو اهڙو چپ جهڙي پٽ.

"بچاءِ مون کي هن بدروح کان بچاءِ!"

هن نہ ڳالهايو.

"هي جن آهي!"

ساڳي ماٺ.

"هي مڪروه روح آهي. مئدو آهي. رزاق جي ڪوپڙي آهي." هوءَ اڳتي وڌي آئي.

هن نفرت وچان ٻيهر ڪيس پيٽ واري لت وهائي ڪڍي. هوءَ وجي ڪٽ جي پرسان ڪري، ساڳي رڙ ڪيائين، "هي رزاق جو روح آهي. مون هن کي زهر ڏنو هو. مون کي هن ڳورپٽ جي چنبي مان ڇڏاءِ، مراد!."

هو چپ.

"ڪاڏي وئين مراد! مون تہ توکي حاصل ڪرڻ لاءِ هن کي زهر ڏنو هو."

ساڳي سانت.

هوءَ پنهنجي سموري سگهہ گڏ ڪري اڳتي وڌي آئي ۽ در وٽ بيٺل همراهہ جي هٿ ۾ چڪ وڌائين. سور جي ست نہ سهي همراهہ ڪري پيو.

روح تائين ڪنبي ويئي. محسوس ڪيائين ته بدروح هاڻي ٻليءَ جو روپ ورتو آهي. ويلتو ڪٿي ٻليءَ کي هنيائين ۽ رنڌڻي جو در بند ڪري ڇڏيائين. اوچتو هڪ زبردست ٺڪاءُ سان دروازو کلي ويو. هو ٽپ ڏيئي ٻاهر نڪري آئي. هاڻي مڙدي جي بدروح، ڪرڙيءَ جو روپ ورتو ۽ رنڌڻي جي ڇت تي وڃي بيٺو. هُشڪر ڏيئي ڪرڙيءَ کي ڀڄائي ڇڏيائين.

اڄ واري ماجرا کان پوءِ هوءَ خوف ۽ پشيمانيءَ جي احساس جي سمنڊ ۾ غوطا کائي رهي هئي. هر شيءِ مان کيس مڙدي جي سڙيل لاش جي ڌپ ٿي آئي. ڪونيءَ ۾ سمهيل، سندس مڙس مراد ٻه رکي رکي کيس رزاق جو روح ٿي لڳو. هوءَ پشيمان هئي. ڊنل هئي. هيسيل هئي. جنهن راز کي هيترو وقت دل ۾ سانديو رکيو هئائين، سو سندس بدحواسيءَ ڪري کلي پيو. ڀانڊو ڦاٽي پيو هو. پاڻ ئي مراد کي سڀڪجهه ٻڌايو هئائين. خوف وچان مراد کي رزاق سمجهي، کيس ٻڌايو هئائين ته هن کيس زهر ٻه ڏنو هو. ڀانيائين ته پاڻ مراد لاءِ عذاب ٿي پيئي هئي. هن جو ننڊ ۽ آرام حرام ڪيو اٿائين. کيس ڊپ هو، ته مراد ٿاڻي تي وڃي، اها سڄي واردات پوليس کي ٻڌائيندو. کيس ڦاسي ڏني ويندي. هن مراد کي مارڻ جو فيصلو ڪيو. هڪ ڏوهه کي لڪائڻ لاءِ ٻيو ڏوهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي.

هن ننڊ جي گورين واري شيشي ڪبٽ مان اڳيان رکي. چانهه جو ڪوپ ڀري، ان ۾ اڌ شيشيءَ جيترين گورين کي اٿلايائين. چئني پاسي تيزي اک سان ڏٺائين. کيس ڪوبه ڏسي نٿي سگهيو. چمچو ڪٿي چانهه ملائڻ لڳي. پوءِ ڪونيءَ جو جائزو وٺڻ لاءِ اندر وڃڻ لڳي.

مراد محسوس ڪيو ته زيبي اڄا جيئري آهي. هوءَ ڏائڻ آهي. هڪ ڏک سان نه مرندي. هن هڪ دفعو وري چاقو کي هٿ ۾ سوگهو ڪيو. ان جي ڦر جي تکاڻ جاچيائين. چاقو تمام تيز هو. بس هڪ جهٽڪي جي دير هئي، پوءِ آندا ٻاهر. چوطرف نگاهه ڦيرائي ڪمري جو جائزو ورتائين. اکيون ڳاڙهيون ۽ نرڙ ۾ گهنج هوس. ڳل رکي رکي ڦڙڪيس ٿي. هلڪي ڏڪڻي سندس وجود ۾ دورو ڪري رهي هئي. ڪڙڪي تي سندس ڪن ڪڙا ٿي ويا. چاقو ور ۾ رکيائين. پاڻ سنڀالي ورتائين.

زيبي اندر آئي. اک ٽيٽ ۾ ڪمري جو جائزو ورتائين. مراد کي گهري سوچ ۾ ٻڏل ڏٺائين. ماحول سازگار سمجهي پنهنجي منصوبي تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي. رڳو ٻه ٽي ڍُڪ پيئڻ جي ڳالهه هئي، بس پوءِ ڪم پورو.

مراد ٻه تيار ٿي بيٺو. فقط هڪ جهٽڪي جي دير هئي. پوءِ آندا پٽ تي.

هوءَ چانهه جو ڪوپ ڪٺي اندر گهڙي. مراد سڌو ٿي ويٺو.

هن ڪوپ ٽپائيءَ تي رکيو.

هنن جهٽ پلڪ لاءِ هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو-

مراد کي ڪنبڻي وٺي ويئي. زيبيءَ کي ڏڪندو ڏسي، ڀانيائين ته هوءَ سندس منصوبو ڄاڻي ٿي. مراد کي گهٻرايل ڏسي، زيبيءَ سمجهيو ته شايد گورين وڃهندي، هن کيس ڏسي ورتو آهي.

هنن هڪ ڀيرو وري هڪٻئي ڏانهن ڏٺو. سندس اکيون ڪنهن ٽٽل تاري جيان هڪدم هيٺ ڪري پيون.

مراد جو هٿ ور ڏانهن وڌڻ لڳو.

زيبيءَ کان دڙڪي نڪري وئي.

"مار! ته کيس خبر آهي، ته منهنجي ور ۾ چاقو آهي."

مراد ٽپائي تان ڪوپ کڻڻ لاءِ هٿ وڌايو. سندس هٿ ڏڪي رهيو هو.

"تنهن جي معنيٰ، ته هُو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو." زيبيءَ سوچيو.

هن ڏڪندڙ هٿ سان ڪوپ کڻي ورتو.

زيبي خوف وچان پوئتي هٽي ويئي.

"مار! تہ هوءَ ڇاٽي ٿي تہ مان ڪيس ڪُهندس." هو اٿي بيٺو.

زيبيءَ اجا پوئتي هٽي وئي.

هن ڏڪندڙ هٿن سان ڪوپ کي چپن تائين آندو. مراد جي ور ۾ پيل چاقو نڪاءُ سان وجي پٽ تي ڪريو. زيبيءَ کان رڙ نڪري وئي.

مراد کان بہ چرڪ نڪري ويو. سندس هٿ مان ڪوپ ڇڏائجي وجي پٽ تي ڪريو. ڪوپ جا پڳل ٽڪر چانهہ ۽ اڌ ڳريل گوريون فرش تي ڦهلجي ويون.

زيبيءَ جي اک وجي ڪريل چاقوءَ تي ڪتي. ۽ مراد جي نظر فرش تي پکڙيل، اڌ ڳريل ننڍ جي گورين تي ڄمي وئي.

پنهنجن خيالن کي هڪٻئي ۾ ڏسي هو وائڙا ٿي ويا. هنن هڪٻئي جي پريشان بوٿن کان پنهنجا پنهنجا منصوبا معلوم ڪيا ۽ پوءِ خوف، بيوسي ۽ ترس جا گڏيل سڏيل احساس سندن منهن مان بکڻ لڳا.



طارق قريشي

# هنگامي ايجنڊا

روزانو وانگر اڄ بہ اکيون اُپ ۾ کُتل هئس. سنئين تاڪ، الف انب ٿيو ليٽيو پيو هو ۽ پنهنجي اڄ جي ايجنڊا تي زوردار بحث ڪري رهيو هو. مثال طور جيئن ڳالهہ هن جي ايجنڊا هئي، "ٻاءُ جي ڪاليج ۾ ايڊميشن فيس، اڪرين نو سؤ ڇاهٺ روپيا فقط."

"ڪٿان ايندا اهي پئسا؟" ذهن جي مجلس عاملہ (ايگزيڪيوٽو ڪميٽي) ۾ وڏو بحث ڇڙيل هو.

ڪنهن ڪنڊ مان آواز آيو هو، "آفيس ۾ 'ايڊوانس' جي اپليڪيشن ڏيڻ گهرجي."

ٻيءَ ڪنڊ مان رد مليو هو، "اڳ ئي اڳوڻي ايڊوانس جون قسطون ئي پوريون ڪونہ ٿيون آهن."

وري ڪٿان آواز آيو هو، "پريس مان ايڊوانس وٺڻ گهرجي."

جواب مليو هو، "پريس وارن مان آسرو ڪرڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ جي برابر آهي، سو ايڊوانس ڪٿي تو ملي؟"

اهڙيءَ طرح اهو بحث هلندو رهيو هو...

هي سياري توڙي اونهاري، روزانو سمهڻ کان هڪ ڪلاڪ اڳ کٽ تي ليٽئي ليٽئي سوچڻ شروع ڪندو هو. انهيءَ هڪ ڪلاڪ ۾ هي پنهنجن معاملن، مسئلن، ڪيفيتن ۽ حالتن تي غور بہ ڪندو هو ۽ پنهنجي سڄي ڏينهن جي ڪيل ڪارگذاريءَ جو جائزو وٺندو هو. پنهنجن ڪيل چڱن ڪمن تي پاڻ کي پاڻهي شاباس ڏيندو هو ۽ غلطين تي پنهنجو احتساب بہ ڪندو هو. اهو عمل، سياري توڙي اونهاري ڪندو هو. فرق رڳو ايترو هو تہ سياري ۾ هي جڏهن سمهڻ لاءِ ليٽندو هو تہ سمهڻ کان اڳ وارو ڪلاڪ سنئين تاڪ الف انب ٿيو پيو هوندو هو ۽ ذهن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ ۾ ڪا نہ ڪا ايجنڊا بحث هيٺ رکندو هو تہ هن جون نگاهون، ڇت جي پٽين ۾ کُتل هونديون هيون. ذهن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جي بحث هيٺ آيل ايجنڊا جو ڪوبہ نتيجو (عام طور تي) ڪونہ نڪرندو هو تہ پيرن وٽ رکيل سَوڙ کڻي، منهن کان سواءِ سموري جسم تي وجهندي، چپن ۾ پٽڪي، سمهڻ جي ڪوشش ڪندو هو، "خير آهي... الله مالڪ آهي."

اونهاري ۾ جڏهن هي سُمهڻ لاءِ ليٽندو هو تہ گهر جي ڇت جون پٽيون ڳڻڻيون بہ ڪونہ پونديون هئس ۽ ڇت جي قدامت ۽ قدامت سبب آيل بدحاليءَ تي بہ گهٽو ويچارڻو ڪونہ پوندو هئس. ان جي برعڪس ڌرتيءَ مٿان قدرت پاران ڏنل مضبوط ڇت ۾ اکيون کُتل هونديون هئس ۽ بي فڪرو ٿيو، ڇت ۾ لٽڪيل، اکيون ڇپيندڙ ستارا ڏسندو هو. ٻر هڪڙي ڳالهہ آهي، هن ڪڏهن بہ شعوري يا لاشعوري طور، تارن ڳڻڻ جي ڪوشش ڪونہ ڪئي هئي، هن کي تہ بس انهن تارن جي وجود مان پنهنجائپ ملندي هئي. هن کي لڳندو هو تہ آسمان جو بدن زخمي آهي ۽ اهي سڀ تارا، آسمان جا ننڍا وڏا زخم آهن. آسمان جا اهي زخم هن سان ڳالهيون ڪندا هئا. ڪنهن وقت مُرڪندا هئا تہ ڪنهن وقت کلندا هئا. کلندي کلندي سڏڪي پوندا هئا ۽ سڏڪندي سڏڪندي ٻارن وانگر مان ڪري اکيون ڇنڀي، معصوميت سان ڏسندا هئا. هن کي تارن جون اهي ادائون ڏاڍيون وڻنديون هيون. جو تہ جڏهن هي اداس هوندو هو تہ تارا اڳيئي اداس هوندا هئا ۽ هي سرهو هوندو هو تہ تارا اڳي ئي مرڪندا پيا هئا.

اونهاري ۾ هي ٻاهر گهر جي اڱڻ ۾ سمهندو هو ۽ ظاهر آهي تہ مٿان سوڙ ڪونہ وجهندو هوندو. سوڙ جي بدران پيرن وٽ چادر رکيل هوندي هئس. ذهن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جي بحث هيٺ آيل ايجنڊا جو ڪوبہ نتيجو

(عام طور تي) ڪونہ نڪرندو هو تہ ٻيرن وٽ رکيل چادر کي، منهن کان سواءِ باقي جسم تي وجهندي، ڇپن ۾ پڙڪي، سمهڻ جي ڪوشش ڪندو هو، "خير آهي... الله مالڪ آهي."

*　　*　　*

صبح جو هڪڙي آفيس ۾ يو. ڊي. سي (اپر ڊويزن ڪلرڪ) هو. شام جو هڪڙي اخبار ۾ سب ايڊيٽر طور دنيا جي ظهور پذير ٿيندڙ لقائن جي خبرن مان رزق ميڙيندو هو. اخبار جي 'ڪاپي ڊائون' سا ڍي ٻارهين وڳي تائين ٿي ويندي هئي. گهر ۾ ٻارهين وڳي تائين پهچي ويندو هو. هٿ منهن ڌوئڻ يا وهنجڻ ۽ ماني کائڻ کان پوءِ اٽڪل هڪ وڳي ڌاري سمهڻ لاءِ ليٽندو هو. ٽائيم پيس، صبح جو نيڪ ستين وڳي الارم وڄائيندو هو ۽ هي اٿي پوندو هو. ضروري حاجتون پوريون ڪري، شيو ڪري ۽ تڪڙ تڪڙ ۾ نيرن ڪري ۽ ٽفن باڪس کڻي آفيس لاءِ نڪري پوڻ، هن جو روز جو معمول هو.

رات جو ٻارهين وڳي گهر ايندو هو ۽ صبح جو اٺين وڳي نڪري ويندو هو. زندگيءَ جو شيڊول، اينترو ٽائيٽ هوندو هئس جو ياروبس طبيعت هوندي بہ ڪي دوست ڪونہ هوندا هئس. ايئن چئجي تہ هن سان دوستيءَ جي دعوىٰ ڪير بہ ڪونہ ڪندو هو. ڀلا ڪنهن کي لاچار پيو آهي جو چاڪيءَ جي ڏاند سان دوستي رکندو؟ جنهن کي فقط روزمره جي گهاڻي ۾ چوڦير ڦرڻو هو، بس. حالتون ڪن ڪن ماڻهن کي ٻڌي ٻار ۾ وجهنديون آهن ۽ چونديون آهن: "مچڻ پانڌ پُسائين...!" انهن حالتن جي ان ڪٽ سلسلي هن کي ڪڏهن بہ ڪو موقعو ڪونہ ڏنو هو تہ هو انهن حالتن مان نڪرڻ لاءِ ڪو جتن ڪري. اهي حالتون ڏٻڻ وانگر هيون. جيترو ٻاهر نڪرڻ لاءِ هٿ پير ٿي هڻبائين، اوترو ويو ٿي اندر گڇندو.

هن جا ڪي ساٿي سترهين گريڊ کي پهتا هئا تہ ڪي ارڙهين کي ڇُهڻ لڳا هئا. هي ٻي پهچ هو. ٽنهنڪري پهرين اردلي ٿيو هو، پوءِ دفتري، ان کان پوءِ ايل.ڊي. سي (لوئر ڊويزن ڪلرڪ) ٿيو هو ۽ هاڻ مس مس وڃي يُو.ڊي.سي ٿيو هو.

اخبار ۾ پهرين، پيسٽنگ جي اپرنٽسشپ طور ڀرتي ٿيو هو، پوءِ پيسٽر ٿيو، ان کان پوءِ پروف ريڊر ٿيو. هاڻي وڃي سينئر سب ايڊيٽر بڻيو هو. ٻنهي پگهارن جو ڪُل ملائي، مهيني جي ڪمائيءَ جو انگ اينترو ٿيندو هئس، جنهن سان ٻن ننڍن ڀائرن ۽ ٻن ننڍين ڀينرن جي پڙهائيءَ جو خرچ ۽ ماڻهس، جيڪا جگر جي بيماريءَ ۾ ورتل هئي، ان جي علاج جو خرچ ۽ گهر جو خرچ ڇڪي ٽاڻي پورو ڪندو هو. خرچ وڌندڙ ۽ گهٽبو هو ۽ ڪمائي پوري ساري هوندي هئس، جنهن لاءِ سڄو مهينو ڳڻتو پوندو هئس. هي ڳڻندو هو، تڏهن هي پاڻ سوڌو پنجن ڀاتين جي زندگيءَ جو ٽمر ڪنو ڪري سگهندو هو. غربت ۽ مسئلا پاڻ ۾ اَٽٽ سنبنڌ رکن ٿا. جتي غربت آهي، اتي مسئلا پيدا ٿيندا آهن. هن کي مسئلن تي سوچڻ جو موقعو رات جو ملندو هو. هونئن تہ سڄو ڏينهن سوچيندو رهندو هو ۽ سوچڻ نہ بہ چاهيندو هو، تڏهن بہ سوچڻ تي مجبور هوندو هو. مسئلن تي ۽ انهن جي حل ڪرڻ لاءِ سوچڻ جو وقت، رات جو سمهڻ کان هڪ ڪلاڪ اڳ وارو هوندو هئس. نگاهون جڏهن ماٿمي ويس اوڍيل اُڀ کي ڇهنديون هئس تہ هن کي ائين لڳندو هو تہ آسمان جي سموري ڊيگهہ ۽ ويڪر تي ڇانيل سڀ ستارا ٻيو ڪجهہ بہ ناهن. اهي تارا تہ مسئلا آهن، جيڪي دنيا جي غربت تي ننوليون ٿا ڪن. ان وقت، هن کان اهو وسري ويندو هو تہ اهي ساڳيا ستارا آهن، جيڪي هن ڀريل دنيا ۾ ڪيس اڪيلو ٿيڻ ڪونہ ڏيندا آهن، انهن تارن کي ڏسي، دل ۾ چوندو رهندو هو تہ "اهي تارا ئي تہ منهنجا ساٿي آهن."

*　　*　　*

روزانو وانگر اڄ بہ اڪيون اُپ ۾ ڪنل هئس. سنئين تاڪ، الف انب ٿيو ليٽيو پيو هو ۽ پنهنجي اڄ جي ايجنڊا تي زوردار بحث ڪري رهيو هو. جيئن مثال طور ڪالهہ هن جي ايجنڊا هئي: "پاءُ جي ڪاليج ۾ ايڊميشن فيس اڪرين نو سو ڇاهٺ روپيا فقط."

انهيءَ ايجنڊا تي بہ روز وانگر زوردار بحث ٿيو هو ۽ سدائين وانگر ذهن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ انهيءَ ايجنڊا تي ڪوبہ واضح فيصلو ڪونہ ڏنو هو تہ هن پيرن وٽ رکيل چادر ڪڍي، منهن ڪان سواءِ باقي جسم تي وجهندي، ڇپن ۾ پُٽڪي، سمهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

"خير آهي.... الله مالڪ آهي."

الله سائين واقعي پنهنجي هن بندي جي ڪيل هر توڪل پوري ڪندو هو. ٿيو هيئن تہ ٻئي ڏينهن يعني اڄ، هن وٽ آفيس ۾ هڪ پراڻو دوست آيو، جيڪو هن سان هاءِ اسڪول ۾ گڏ پڙهيو هو. دوست جي باري ۾ خبر پيس تہ اسلام آباد ۾ ڪنهن سُني اداري ۾ چڱي عهدي تي آهي. دوست، جڏهن هن کي هڻ وٽ واري حالت ۾ ڏٺو تہ هن جي حالتن تي همدرديءَ جو اظهار ڪيائين.

ڳالهين ڪندي دوست چيس، "توکي ياد هوندو تہ جڏهن نائين ڪلاس ۾ هئاسين ۽ امتحانن جا فارم ڀرجي رهيا هئا مون کي فارمن ڀرائڻ لاءِ گهران جيڪي پئسا مليا هئا، اهي مون کان الائي ڪٿي گم ٿي ويا هئا. تون مون سان گڏ ساڳيءَ بئنچ تي ويهندو هئين. مون توکي اها ڳالهہ ٻڌائي هئي تہ تون بہ پريشان ٿي ويو هئين. ان وقت تنهنجو مرحوم بابا جينوٽيڪ ماسٽر هو پر جڏهن ان ڏي اسڪول هليا هئاسين تہ آئت ڏنو هئائين، جو تو ڪيس منهنجي پئسن گم ٿيڻ بابت ٻڌايو هو ۽ اهو خدشو ڏيکاريو هو تہ مون کي گهران مار بہ ملندي جو، منهنجو پيءُ غريب ماڻهو هو ۽ فارم ڀرائڻ لاءِ بيا پئسا بہ ڪونہ ملندا ۽ ممڪن آهي تہ اهو، سال ضايع ٿيڻ جو بهانو ٿي وڃي... تنهنجي بابا مرهيات، پنهنجي اسڪول جي هيڊماسٽر ڪان منهنجي لاءِ پئسا اڌارا گهريا هئا. هيڊ ماسٽر تمام گهٽين منٿن ڪان پوءِ تنهنجي بابا کي جڏهن پئسا اڌارا ڏنا تہ تنهنجو بابا پاڻ اسان سان گڏجي اسڪول هليو هو ۽ پنهنجي هٿن سان تنهنجي ۽ منهنجي امتحاني في ڏني هئائين..."

دوست ڪجهہ لمحا ساهي پٽي وري چيو، "اڄ تنهنجو عظيم بابا، دنيا ۾ ڪونهي. مان جڏهن اسلام آباد ۾ هئس تہ سمورو وقت اهو سوچيندو هئس تہ جڏهن بہ ڳوٺ ويندس تہ تنهنجي بابا جي قبر تي حاضري ضرور ڀريندس."

هن جي اکين مان لڙڪ زوراور ساوڻ جيان وسي رهيا هئا. دوست ڀرين تہ اهو سمجهيو هو تہ هن کي پيءُ جي يادگيري آئي هوندي، پر جڏهن اوچنگارون ڏيندي هن کي هڏڪيون اچڻ لڳيون تہ دوست پريشان ٿي ويو هو. پرڇائيندي پڇيو هئائينس، "ڇو ڇا ٿيو؟"

هن سڏڪندي وراڻيو هو: "يار ڪهڙيون ٿو خبرون پڇين؟ مون کي، ڪڏهن ايترا ڏوڪڙ ڪونہ ٿيا جو بابا جي قبر پڪي ٻڌرايان ها. مون کي تہ زندگيءَ جي گس گسان ۾ رڳو ڏهين محرم تي موقعو ملندو آهي تہ بابا جي قبر تي چار قل پڙهڻ ويندو آهيان، پر هيل تہ بابا جي قبر جا ڪي نشان باقي هئا، سي بہ شايد لين الائي نہ..."

دوست اها ڳالهہ ٻڌي ٿبيءَ ۾ پئجي ويو هو. ڳپل دير ڪان پوءِ گهگهي آواز ۾ چيو هئائين، "پرواهہ نہ ڪر، قبر پڪي ڪرائڻ منهنجو ڪم آهي. مون کي اڄ ئي وني هل، هتان سڌو مقام ۾ هلنداسين. نيڪ آهي نہ؟ ۽ ها دوست، هڪ ننڍڙو پيڪيٽ ڏيندي چيو هئس، "هيءَ مون تولاءِ سوکڙي آندي آهي."

هن کولي ڏٺو تہ پيڪيٽ مان سنهري رنگ جي خوبصورت راڊو واچ نڪتي. هن ڪجهہ دير تائين واچ کي ڏاڍي

شوق ۽ پابوهہ سان ڏنو هو ۽ پوءِ دوست ڏي ڏنو هئائين. دوست، هن جي مک تي پسنديدگيءَ جا تاثرات ڏسي چيو هو، "وٺيئي نہ؟ گذريل مهيني آفيس ڊيليگيشن سان گڏ عرب امارات ويو هئس، اتان تولاءِ اها سوکڙي آندي اٿم."

هن واچ کي هٿ ۾ لوڏي، توريندي پڇيو هو، "هيءَ گهڻي جي آهي؟"

دوست ياد ڪندي جواب ڏنو هو، "اُتي تہ پندرنهن سو ريالن ۾ ملي هئي."

"هتي گهڻي ۾ ملندي؟" هن وري پڇيو هو.

دوست وراڻيو هو، "مان سمجهان ٿو، ڏهن هزارن تائين اچي ويندي."

"ڳالهہ ٻڌ...." هن گنڀيرتا وچان دوست کي چيو هو، "يار! هيءَ ڏهن هزارن جي پنهنجي گهڙي پاڻ وٽ رک، مون کي تہ ڇڙا ڏهہ سو روپيا روڪ ڏي تہ پاءُ کي ايڊميشن فيس ڏيان...." هن جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا هئا ۽ ڳلو ڀرجي آيو هئس.

دوست کي جڻ ڪنهن هنياءَ ۾ هٿ وجهي مهڻو ڏنو هو. چيائين، "اڙي يار! تون پرواهہ ڇو ٿو ڪرين. هان؟ هيءَ سوکڙي تہ قبول ڪر نہ. ماڻ تہ ڏينم، منهنجي دل تہ رک، تون رڳو ڏهہ سو ٿو چوين، مان توکي ڏهہ هزار ڏيندس. يار پئسو ڇاهي، يارن ڪان مٿي ڪي ڏوکڙ ٿيندا آهن ڇا؟"

هن کي لڳو هو تہ زندگيءَ ۾ هن سان، وقت، وڏي ناانصافي ڪئي هئي. جيڪو سندس سامهون وينو هو، جنهن کي ڪڏهن ڀُلجي بہ ياد ڪونہ ڪيو هو، اڄ دوست بڻجي، هن جي زخمن تي ڦها رکي رهيو هو. وقت، هن کي مهلت ۽ وجهہ ڏني ها تہ هي بہ جيڪر بہ ٽي دل گهُريا دوست بڻائي ها، جن جي ڪم اچي ها ۽ اهي بہ هن جي واهر ڪرڻ وارا هجن ها. هن کي واضح طور تي محسوس ٿيو هو تہ دوست، رڻ ۾ ڇانورو ٿيندا آهن. هن ٿڌو ساهہ ڪڻي سوچيو هو: ڪيڏو نہ بدنصيب آهيان جو هن هيڏيءَ وڏي دنيا ۾ فقط هڪڙو دوست اٿم. هاءِ! اهي ڪيڏا نہ بدبخت ماڻهو آهن، رڳو بدبخت ڇا، اهي ڪيڏا نہ ويچارا ۽ لاچار ماڻهو هوندا، جن کي هڪڙو بہ دوست ڪونہ هوندو. اڄ تہ عارضي طور مسئلو حل ٿي ويو هو. هن جيڪا هميشہ واري توڪل ڪئي هئي، جنهن جي باري ۾ هن جي ماءُ چوندي رهندي هئي. "توڪل جا ٻيڙا پار." انهي توڪل جو تُرهو اڄ بہ تري ويو هو. دوست، هن کي واقعي ڏهہ هزار پئي ڏنا پر هن فقط هزار روپيا ورتا هئس. دوست گهڻو ئي زور ڪيو هئس تہ بيا بہ وٺ، پَر هن ائين چئي ڪونہ ورتا هئس، "راتوڪي ايجنڊا جو معاملو طئہ ٿي ويو ... اجوڪي رات جي ايجنڊا جا پاڳ سڀاڻي سان."

دوست، ڳالهہ ڪونہ سمجهي هئي ۽ رڳو هن جي اطمينان ڀريئي چهري کي ڏسي مطمئن ٿي ويو هو. رات جو ڏيڍ اچي ٿيو هو اجوڪي ايجنڊا زوردار بحث هيٺ هئي. اجوڪي ايجنڊا جو عنوان هو "مهناز." اهو اسم رڳو اڄ جي ايجنڊا جو ڪونہ هو، ٽيون ڏينهن جي ايجنڊا جو بہ ساڳيو ئي اسم هو. ٽيون ڏينهن مهناز هن کي چيو هو، "سڀاڻي مان توکي ٿنڌي دوست محمد واري سانحي تي پنهنجي انويسٽيگيٽو رپورٽ (Investigative report) ڏيکاريندس، پڙهي، ان ۾ ڪريڪشن ڪري ڏجان."

هن هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو هو.

ڪجهہ دير ترسي، وري مهناز چيو هو، "سڀاڻي سوِيل اڄجاڻ، ٿنڌي دوست محمد هلنداسين، باقي ڳوٺاڻن جا بہ انٽرويو ڪري ڇڏيون.. ڪيئن؟"

"ايز يولائيڪ."

مهناز هن سان گڏ اخبار ۾ شوقيہ طور تي ڪم ڪندي هئي. ڏاڍي سچيتي ۽ ڦڙت ڇوڪري هئي. ڇوڪري هئي، تنهن ڪري هن لاءِ رڳو ڇوڪري هئڻ ئي ڪوڙ هئو، پر مهناز وٽ تہ سونهن بہ سرس هئي ۽ ڇڳي گهراٽي جي

Gul Hayat Institute

هئي، سو اهو بہ سندس ٽيلينٽ جو حصو سمجهيو ويندو هو. پريس جا ڪوڙ ورڪر پنهنجيءَ پر ۾ مهناز جا شيدائي هئا ۽ دل ئي دل ۾ "اسان بہ پيا آهيون راهن ۾" جو ورد ڪندا هئا.

هن کي بہ مهناز ڏانهن ڇڪ محسوس ٿيندي هئي. اها ڳالهہ مهناز محسوس ڪئي هئي، يا ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ مهناز کي هيءُ پڻ وڻندو هو. بهرحال مهناز جو رويو هن سان تمام گهڻو مهربان هو. جيڪا ڳالهہ هن لاءِ همت افزا هئي.

ٽيون ڏينهن واري رات جو ايجنڊا دوران سوچيو هئائين: "سپاٽي ٽنڊي دوست محمد وڃڻو پوندو. مهناز پنهنجي ڪار ۾ هلندي. لازمي آهي تہ ڪٿي چانهہ يا ڪولڊ ڊرنڪ پيئڻو پئجي وڃي. اڳيئن پيري بہ ڪيمرا ۾ فلم ڪونہ هئس. اهو تہ شڪر آهي جو، ان ڏينهن سو ڏيڍ ڪيسي ۾ پيا هئا. گهڻو ئي مون کي پئسن ڏيڻ کان روڪيائين، پر اهو ڪٿان جو طريقو آهي تہ هوءَ مون سان گڏ هجي ۽ ڪو بل پري. خبر ائنم تہ پڻس وڏو امير ماڻهو آهي، پر آخر اسان بہ ڇا ۾ گهٽ آهيون. گهٽ تہ آهيون بيو ڇاهيون. خير، مهناز بہ عجيب ڇوڪري آهي. مون کي نہ، مهناز وانگر ڪروڙ پتي پيءُ هجي تہ مان ٽن هزارن تي پريس جهڙي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ پنهنجي زندگيءَ جي هڪڙي شام بہ قربان نہ ڪيان. ٽي هزار تہ منهنجي هڪڙي سندر شام جي قيمت بہ نہ ٿين پر ڇا ڪجي لاچار آهي. مون کي تہ خير لاچار آهي پر مهناز لاءِ ڪهڙو لاچار آهي. ٽن هزارن جا تہ مهيني ۾ چيگم ڪائي ڇباڙي ڦٽي ڪري ڇڏيندي آهي. مهناز لاءِ ٽي هزار بہ ڪا پگهار آهي؟ اها پگهار بہ ڇالاءِ؟ صحافت لاءِ هڪ صحافيءَ کي. هتي صحافت ڇا آهي؟ سوچيندو رهيو تہ مهناز کي وري شوق آهي صحافت جو. اهي اپر ڪلاس جا ماڻهو پاڻ کي عقل ڪل ثابت ڪرڻ لاءِ هر ڪم ۾ هٿ ضرور ٽنبيندا ڇو آهن؟ هاڻي مسئلو آهي تہ سپاٽي ٽنڊي دوست محمد وڃڻو آهي، ڳوناڻن کان انٽرويوز ڪرڻا آهن. ڇا ٿيندو؟ اخبار ۾ آيل خبر تي پرائمري ماستر جو پتڪو لهي سگهي ٿو، پر ڪنهن ڊائريڪٽر جنرل خلاف آيل خبر جو ڪارج، ٻن ڪالمن جو اسپيس پرٽو هوندو آهي.

"سپاٽي ٽنڊي دوست محمد وڃڻ لاءِ ڪجهہ تہ پئسا هجڻ گهرجن. ڪٿان ايندا؟"

سدائين وانگر، ذهن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ڪو واضح فيصلو ڪونہ ٻڌايو تہ هن پيرن وٽ رکيل چادر ڪٺي، منهن کان سواءِ سموري جسم تي وجهندي، ڇپن ۾ پٽڪي، سمهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، "خير آهي الله مالڪ آهي."

ٻئي ڏينهن يعني ڪالهہ مهناز ڪيس اچڻ شرط ٻڌايو هو تہ، "ٽنڊي دوست محمد وارو پروگرام ڪينسل ڪري ڇڏيو ائنم. رپورٽ آندي ائنم. هان، اچي وٺ پڙهہ ۽ ڪريڪشن ڪري ڏي."

دل ئي دل ۾ چيو هئائين، "ٿينڪس گاڊ!" دل ۾ ڏٺيءَ جا ٿورا مڃيا هئائين ۽ چيو هئائين، "مالڪ! تون وڏو ڪارساز آهين."

عزت رهجي آيس تہ ان ڏينهن دماغ تان مٺن جي حساب سان بار لهي پيو هئس.

چوٿون ڏينهن پيڻ جي ڪتابن ۽ ڪاپين لاءِ پئسن جي گهر ٿيس. ان ڏينهن جي رات جو ذهن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ وٽ وڏو بحث ٿيو هو.

"سوال اهو تہ ڪتاب ايڏا مهانگا ڇو آهن؟"

"رڳو ڪتاب ڇا هتي ڪهڙي شيءِ مهانگي ناهي؟"

"ماني مهانگي تہ مان بہ مهانگو."

"دوا مهانگي تہ دعا بہ مهانگي."

مهيني جو پگهار، پلس ٻه سو رپيا اسپيشل بونس ٻه ڏيڻ گهرجي، سي ٻه اڄ ملندا.

هن کي اهو ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي هئي. هنيانءَ تان وڏو بار لهي پيو هئس. "امڙ جي دوائن جو مسئلو حل ٿي ويو. دڪاندار جو حساب ٻه چُڪتو ٿي ويندو. پاءُ کي بوٽ کونهي، اهو ٻه اچي ويندو. بجلي، واٽر سپلاءِ ۽ سوئي گيس جا بل ٻه ڀيارجي ويندا. باقي پئسا بچيا ته عياشي ڪندس ۽ عياشي طور، علي بابا تي چانهه پيئندس. الائي ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن جو فروٽي چانهه نه پيتي آهي..."

هيترا سارا مامرا سلجهي ويا هئا. دل خوشيءَ ۾ جهمريون هڻي رهي هئس. من ئي من ۾ چيو هئائين، "مالڪ! تون وڏو ڪارساز آهين."

گهڙيءَ ۾ وقت ڏنائين ته پوڻا ٻه ٿي رهيا هئا. هي روزانو سراسري پنج ڪلاڪ ننڊ ڪندو هو، جيڪا هن جي لاءِ ان ڪري اڻ پوري هوندي هئي جو هي لاڳيتو اوڻويهه ڪلاڪ جاڳندي، سوچيندي ۽ محنت ڪندي گذاريندو هو. ننڊ جي پورائيءَ لاءِ جمع جي ڏينهن دير سان اٿندو هو ۽ هفتي جون ڪسرون ڪڍندو هو.

روزانو رات جو دير سان سمهڻ ڪري هاڻي هن کي اوجاڳو ٻه ڪونه ستائيندو هو. اڄ هينئر ٻه هي جاڳي رهيو هو.

ذهن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جو بحث جاري هو. هن گهڙيءَ ۾ وقت ڏٺو. پوڻا ٻه ٿي رهيا هئا. بحث هلي رهيو هو... ايجنڊا هئي، ممتاز يا ممتاز جو برٿ ڊي!

"سڀاڻي ممتاز جو برٿ ڊي آهي."

"ممتاز کي ڪو گفٽ پريزنٽ ڪرڻو آهي."

ممتاز هن جي پريمڪا هئي، چاهت هئي، سوداءُ هئي، ويگ هئي، روڳ هئي... جيتوڻيڪ هن ڪڏهن ٻه ممتاز سان ان موضوع تي ڪونه ڳالهايو هو، نه ڪڏهن ممتاز کي اهو چئي سگهيو هو ته هن کي ساڻس پيار آهي، پر خيالن ئي خيالن ۾ هن ممتاز سان الاهي ڪچهريون ڪيون هيون، پيار ونڊيو هو. گڏ جيئڻ ۽ مرڻ جا سپنا ڏٺا هئا. تصور ئي تصور ۾ ممتاز کي هي چوندو هو، "مَنوُ! تون ڪڏهن ٻه منهنجي محبتن جو ايمان نه ڪجانءِ، مون کي ڪڏهن ٻه اهو محسوس نه ڪرائجانءِ ته تون اسٽيٽس ۾ مون کان مٿي آهين. مون کي ڪلاس ڪامپليڪس ڏيڻ بدران اهو ثابت ڪجانءِ ته اسان ايڪويهين صديءَ ۾ پير پائڻ وارا، پنهنجي سوچن جي پيرن ۾ ڪاٻه سنگهر برداشت ڪونه ڪنداسين."

مَنوءَ پيار وچان هن جي ڳل تي ٺڪڪي هڻي، وراڻيندي هئي، "يُو اموشنل ينگ! ڊُو ناٽ بِي وَرِدِ...."

ڪيترائي پيرا هن خيالن ۽ خوابن ۾ ممتاز سان محبتون ونڊيون ۽ ورهايون هيون، پر عملي زندگيءَ ۾ هن لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڏاڍو ڏکيو هو. اينترو ضرور هو ته ممتاز جيڪا مرڪ ڪنهن کي ٻه ڪونه ڏيندي هئي، اها مرڪ فقط هن کي ملندي هئي. پر پوءِ ٻه هن جي نظر جڏهن پنهنجن ڪپڙن لٽن تي پوندي هئي ته ان مرڪ جي اصلي هجڻ ۾ گمان ٿيڻ لڳندو هئس.

شڪ، گمان، وسوسن ۽ وهمن کي هي غربت جي پيداوار سمجهندو هو، تنهن ڪري هن ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو هو ته زندگيءَ جي ٿر ۾ آب حيات جهڙي ملندڙ مرڪ کي، پنهنجي ڪامپليڪس جي اجايل واريءَ تي ڪونه هاريندو ۽ مرڪن لاءِ دل جون سڀ دريون کولي ڇڏيندو.

* * *

ٻئي ڏينهن اُن جي سالگرهه هئي، جنهن جي مُرڪن لاءِ هنن سدائين دل جون دريون کليل رکيون هيون. ممتاز....! ممتاز کي سالگرهه جو تحفو ٻه ڏيڻو هو، ڪو خوبصورت ۽ پيارو تحفو ڏيڻو هو. ذهن جي ايگزيڪيوٽو

"ها، اسٽينس تي پرائيوٽ بلڪل ڪونہ ڪندي آهي."

"وڏي ڳالھ تہ مون کي چاهي بہ ٿي."

"الائي چاهي بہ ٿي يا..... سپاٽي ڪٿي ايئن نہ چئي تہ تون منهنجو دوست هئين.... اونلي اي ڪمپينئن."

"ها، ايئن تہ ٿيندو آهي."

بحث هلندو رهيو....

ذهن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ اڄ بہ واضح فيصلو ڪونہ ڏنو هو. هن پيرن وٽ رکيل چادر کڻي، منهن کان سواءِ باقي جسم تي وجهندي، چپن ۾ پٽڪي، سمهڻ جي ڪوشش ڪئي، "خير آهي.... الله مالڪ آهي."

پر الائي ڇو اڄ ننڊ ڪونہ آيس. دماغ جي آڪاڙي ۾ سوال سندرو ٻڌي اٿي بيٺا.

ذهن جي گنبذ ۾ سوال گونجيو:

"مان مهناز کي گفت ڇو ٿو ڏيڻ چاهيان؟"

"ان ڪري تہ مان مهناز جو سودائي آهيان. مان مهناز کي چاهيان ٿو ۽ جنهن سان چاهت هوندي آهي، ان سان چاهت جو اظهار بہ ڪبو آهي."

"ان چاهت جو انجام؟"

"شپ ملن ئي چاهت جو منطقي انجام ٿيندو آهي."

"ڇا اهو ممڪن آهي؟"

"دنيا ۾ ڪجھ بہ ناممڪن ڪونهي."

"اُون هُون... اهي تہ ٿيون جذباتي ڪڇيون... هڪدم حقيقت پسند ٿي ٻڌاءِ تہ ڇا شپ ملن ممڪن آهي؟"

"هينئر ڇو جواب ڏيان، پوءِ جواب ڏيندس."

"هينئر ڇو نہ ٿو جواب ڏين؟"

"مان روزانو هڪڙيءَ ايجنڊا تي بحث ڪندو آهيان. اڄوڪي ايجنڊا مهناز جو برٿ ڊي هئي، جنهن تي بحث مڪمل ڪيو ويو آهي. هيءَ جيڪا نئين ايجنڊا آهي، اها پوءِ پيا ڏسنداسين."

"چڱو نيڪ آهي، فرض ڪر تہ اڄ پاڻ وٽ بہ ايجنڊائون آهن. هڪڙي مهناز جي برٿ ڊي واري ايجنڊا، جنهن تي ذهن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ بحث مڪمل ڪيو. هاڻي دستور خلاف هڪ نئين هنگامي ايجنڊا آهي، "مهناز سان Involvement ۽ جيون پر جو سنگم."

"في الحال دستور موجب هڪ ئي ايجنڊا ڪوڙ آهي."

نہ، اڄ هڪ هنگامي ايجنڊا تي بہ بحث ٿيندو. ذهن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جي سو سيڪڙو اڪثريت هنگامي ايجنڊا تي ڳالهائي، دستور جي خلاف ورزي ڪرڻ لاءِ تيار هئي.

هن کي مجبور ٿي هار مڃڻي پئي. هن ذهن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي، کي هنگامي ايجنڊا تي ڳالهائڻ جي اجازت ڏني، "نيڪ آهي، هنگامي ايجنڊا تي بحث ڪريون ٿا."

بحث ۾ سوال اٿي ٿو: "حقيقت پسنديءَ کان ڪم وٺندي، جواب ڏنو وڃي تہ مهناز سان ملن سٺائو آهي؟"

"نہ."

"تہ پوءِ اجائي خلل مان ڪهڙو فائدو؟"

"اهو خلل ڪيئن ٿيو؟"

"جن کي عشق ڪرڻو هوندو آهي، اهي ذهن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ کان ڪونہ پڇندا آهن، بلڪ دل جي صدارتي فرمان تي عمل ڪندا آهن."

"مان دل جي هٿان بي اختيار آهيان.... جي ائين نه هجي ها ته اج ورهين جو رُوٺين ڪيئن ٽٽي ها؟ هيءَ هنگامي ايجنڊا ڪٿان آئي؟ اهي سڀ دل جون ڪرامتون ته آهن."

"چڱو، فلمن وارا ڊائلاگ نه هڻ. جڏهن تون پاڻ مڃين ٿو ته مهناز سان ملڻ سٽائو ڪونهي ته پوءِ عشق جي خلل ۾ پوڻ جو فائدو؟"

"چوان ٿو نه ته مان عاشق آهيان ۽ عاشق، فائدو نقصان ڪونه ڏسندا آهن."

"ميان عاشق! پلي نفعو نقصان نه ڏِس، پر اينترو واضح ڪر ته ڇا مهناز کي اها خبر آهي ته تون سندس عاشق نامدار آهين؟"

"نه. مهناز سان اڃان اظهار ڪونه ڪيو اٿم."

"واهه! اهو عشق ته نه ٿيو."

"ته باقي ڇا ٿيو؟"

"اها ته سنڌي سنئين ناداني آهي."

"اهو ڪنهن بڌايو آهي ۽ ڪنهن کي بڌايو آهي ته عاشق داناءَ به ٿيندا آهن؟"

"تون ڪوبه سوال نه ڪر، تون فقط ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جا جواب ڏي."

"حاضر."

"تون ٻن سالن کان مهناز سان عشق جو اظهار ڇو نه ڪري سگهيو آهين؟"

"پوءِ تون عشق جو اظهار ڪڏهن ڪندين؟"

"جيڪڏهن تون ٻن سالن تائين ڪلاس ڪامپليڪس مان نه نڪري سگهيو آهين ته پوءِ ڪڏهن نڪرندين؟"

"اڇا، ته جڏهن ڪلاس چينج ڪندين ته پوءِ ڪلاس ڪامپليڪس مان نڪرندين.... هل ائين ئي سهي ته پوءِ ٻڌاءِ تون ڪلاس ڪيئن چينج ڪندين؟"

"لوئر ڪلاس مان اپر ڪلاس ڏي اوچتو جمپ ڪيئن ڏيندين؟"

"تون ڪهڙن بنيادن تي سمجهين ٿو ته مهناز توسان Involve آهي؟"

"فقط مرڪڻ ۽ بي تڪلف ڳالهائڻ ئي سڀ ڪجهه هوندو آهي ڇا؟"

"هوءَ پڙهيل لکيل آهي، جيڪڏهن توسان فرينڪ آهي ته پوءِ پاڻ ڇو ڪونه اظهار ڪيو اٿس؟"

"نيڪ آهي، هوءَ ڇوڪري آهي، حجاب هوندس، تنهن ڪري ڪليل لفظن ۾ اظهار ڪري نه سگهندي هوندي پر پنهنجي رويي مان ته محسوس ڪرائي سگهي ٿي ته هن کي توسان دلچسپي آهي. ڀلا رڳو مرڪون وندڻ محبت ٿيندي آهي ڇا؟"

بحث ۾ هن جي مٿان سوالن جا گولا لاڳيتو ڦٽي ڪيا ويا. سوال جواب جي ڇڪ ڇڪان هلندي رهي. بحث ٿيندو رهيو. اڄوڪي ڏينهن جي ٻي ايجنڊا جيڪا هنگامي ايجنڊا هئي ۽ پهريون ڀيرو دستور جي خلاف پيش ٿي هئي، اها ايجنڊا به بحث جي ور چڙهي چڪي هئي. سدائين وانگر ذهن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ڪوبه واضح فيصلو ڪونه ڏنو. عادت موجب پيرن وٽ رکيل چادر ڪڻڻ لاءِ هٿ وڌايائين ته ياد آيس ته اڳين ته اڳين دستوري ايجنڊا جي ناڪاميءَ کان پوءِ هن پيرن وٽ رکيل چادر کڻي، منهن کان سواءِ باقي جسم تي وجهندي، ڇپن ۾ پٽڪي، سمهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، "خير آهي.... الله مالڪ آهي."

هن آسمان ۾ نهاريو، جتي چنڊ ۽ سڀ تارا ڪڪرن سبب گم ٿي ويا هئا. ۽ آسمان تي اوندهه ڇانيل هئي. هيءُ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو چادر ڇڪي، منهن تي وجهندي، هنڌ تي پاسو بدلائيندي پٽڪيو هو: "الله مالڪ آهي ئي، پر هي معاملو واقعي ڳرو آهي..."

لياقت رضوي

# جنگ جي ميدان ۾ ڪُلندڙ دروازو

خبر ناهي اهو خيال مون کي ڪيئن آيو ته ٻاهر نڪري ٿوري واڪ ڪجي.

مان پنهنجي گهر جي ڪمري ۾ ويٺو آهيان. تمام گهڻي عرصي کان مان وقت کي ڪٽڻ ڇڏي چڪو آهيان. فطري طرح مون کي وقت گذرڻ جو ڪوبه احساس ڪونهي، پر اوچتو هاڻي هاڻي مون کي ٻاهر نڪري واڪ جو خيال الائي ڇو آيو آهي! مان چاهيان ته ان لاءِ ميڊيڪل سائنس مان ڪافي دليل ڏئي سگهان ٿو يا ڪوئي اهڙو سبب ٻڌائي سگهان ٿو، جيڪو سڻي لاءِ نه فقط حيران ڪندڙ بلڪ دلچسپ به هوندو. پر مان هڪ غير واضح ۽ بي يقين رويي جي عادت ۾ مبتلا ٿيل آهيان، انڪري ڪنهن به آخري نتيجي تي پهچڻ منهنجي لاءِ نه رڳو محال آهي بلڪ ناممڪن آهي.

پوءِ نامعلوم سببن جي ڪري في‌الحال مان ٻاهر نڪري واڪ ڪرڻ جي خيال کي ملتوي ڪري ڇڏيان ٿو. اوهان اُن لاءِ مون تي سستيءَ يا اهڙي ڪابه صورتحال لاڳو ڪرڻ ۾ حق بجانب آهيو، پر افسوس جو اوهان ان جي اصل سببن کان هميشه بي خبر رهندؤ. ائين ڪونهي ته مان اُهي سبب اوهان کي ٻڌائڻ نٿو چاهيان، پر اصل ۾ ان معاملي ۾ مان به اوهان وانگر ساڳي بدبخت بي خبريءَ جو شڪار آهيان.

ڪمري جون سرد ديوارون، جن کي مان خوبصورت چوکٽن ۾ عظيم شاعرن جي تصويرن سان وڏيڪ اجنبي ڪندو رهيو آهيان، مون کي اوهان کان وڌيڪ سمجهي سگهن ٿيون. مون کي خبر ناهي ته اهو منهنجو الميو آهي يا اوهان جو-بهر طور هڪ ڳالهه طئي آهي ته جنوريءَ ۾ ڪنهن به موزون وقت تي گهر کان ٻاهر نڪري واڪ ڪرڻ يا نه ڪرڻ، ڪو ايڏو وڏو مسئلو ڪونهي جو ڪوئي عقلمند ان تي ويهي پنهنجو مغز کپائيندو. ان ڪري مان اٿي جيڪٽ پايان ٿو ۽ اڌوري اطمينان سان گهر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ دروازي ڏي وڌان ٿو، جيڪو هڪ ئي وقت، هڪ گهر ۽ پوريءَ دنيا جي وچ ۾ بند ڪڙو آهي. دروازي کولڻ کان اڳ ۾ مون کي لڳي ٿو ته مان هڪ گهر نه هڪ شهر يا هڪ ملڪ پار ڪري هن دروازي تائين پهتو آهيان. لازماً ان کي جلدي کولڻ مون لاءِ فطري عمل هجي، ٿي سگهيو. پر دروازي جي پورن مان ايندڙ تيز ۽ تلخ بدبوءِ مون کي ائين ڪرڻ کان ڪجهه لمحا باز رکيو ۽ اهي چند لمحا منهنجي تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ جو ڪارڻ بڻبا. پنهنجي موروثي بيوقوفيءَ جي ڪري مان ان ڳالهه کان باخبر ٿي نه سگهيس. دير ٿي چڪي هئي. اهي چند لمحا، هڪ لازوال دير ۾ بدلجي چڪا هئا، جنهن جي تلافي ناممڪن هئي.

انهن چند لمحن ۾ ٻاهران ايندڙ تيز ۽ تلخ بدبوءِ ۾ خبر ناهي ڪهڙي پراسرار ڇڪ هئي، جنهن منهنجي ڪنهن نامعلوم جبلت کي جاڳايو ۽ مان بدحواس تڪڙ ۾ دروازو کولي ٻاهر نڪري آيس.

اها 'ٻاهر' جي ڪوئي مفروضو هجي ها ته مان سوچي پئي سگهيس ته دروازو ڪنهن پُر فضا ۽ سر سبز علائقي ڏي کلندو، جتان جي غير آلوده ماحول مان آءٌ پنهنجي غير آرامده زندگيءَ لاءِ چند سڪون جا ساهه چورائي سگهندس، پر اهو دروازو هڪ جنگ جي ميدان ۾ کلتو هو. اهو ڪوئي مفروضو ڪونه هو.

مون کي اهو سمجهڻ ۾ دير ڪانه لڳي ته مڪمل طرح مان انسان جي سڙيل گوشت ۽ حسرتناڪ عمارتن جي آگ مان اٿندڙ دونهين جي گهيري ۾ آهيان. اهو جنگ جو ميدان، هڪ دور دراز ملڪ جو اهم شهر آهي، جيڪو منهنجي لاءِ بلڪل اجنبي آهي. في الحال مون لاءِ اهو مسئلو اهم ناهي ته مان اهڙي اجنبي ۽ مرندڙ شهر ۾ ڪيئن

پهچي ويو آهيان. فوري طور تي منهنجي سستي، غير محسوس نااميدي ۽ زندگيءَ سان نااتفاقي ڪافور ٿي وڃن ٿا. ڪنهن پناهہ گاهہ جي تلاش ۾ منهنجيون اکيون دونهين جي زهريلن تهن کي ابهرائيءَ سان ڪپڻ لڳن ٿيون ۽ منهنجا قدم مون کي بچائڻ کان سواءِ تيز ڊوڙڻ لڳن ٿا. جن تي منهنجا بي وزن خيال مون کي چڱيءَ طرح سنڀالي نٿا سگهن ۽ مان الائي ڪيترن لاشن سان ٽڪرائجي ڪري ٿو پوان. حيرت جي ڳالهہ آهي تہ مان زمين تي ڪرڻ کان پوءِ بہ زمين تي ڪونہ ٿو ڪران. يقينن جي اوهان ڪنهن اهڙيءَ جاءِ تي ڪريل هجو، جتي فقط ڳريل لاشا، چٿريل عضوا، جمي ويل رت جو درياهہ، ڪوئن ۽ ڪتن جا ڪاڪوس يا انهن جي مري ويل ٻڪ هجي تہ اوهان قطعي طور تي نيوٽن يا آئنسٽائين وانگر سوچڻ جي اهل ڪونہ رهندؤ، بلڪ هڪ غير واضح خوف اوهان کي مڪمل طرح فتح ڪري وٺندو، جيڪو دل ۾ پيوست خنجر کان بہ وڌيڪ تڪليف ده آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ پاڻ کي جنگ جي بيرحميءَ تي ڇڏي ڏيڻ فطري جبلت جي خلاف ٿيندو.

هڪڙو بم ڦاٽي يا هزارين بم ڦاٽن، موت جو افتتاح هڪ سنگين بيرحميءَ سان ئي ممڪن هوندو آهي ۽ موت جو خوف موت کان وڌيڪ ڀوائتو هوندو آهي. پلي زندگيءَ سان شديد اختلاف هجن، موت جو خوف جڏهن بيدار ٿيندو آهي تہ ماڻهو زخمي جانور وانگر پناهہ گاهہ ڳوليندو آهي.

مان پنهنجي ماضيءَ ۽ مستقبل جي طاقت گڏ ڪري اٿي ٿو بيهان. مرده جسمن جي بدبو منهنجي پيرن هيٺان اُها زمين کسڪائڻ لڳي ٿي، جنهن تي هڪ شهر وڇايل آهي. ماڻهن ۽ عمارتن، ڪاٺ ۽ لوهہ، برف ۽ آگ جو مرده شهر! جڏهن توهان تيز ڊڪندا آهيو تڏهن اوهان جي پيرن هيٺان ساڳي زمين نٿي رهي سگهي، جيڪا ڪوئي حيواني خيال کسڪائي وٺي، انڪري هتي بيهڻ مون لاءِ خطرناڪ آهي. اها ڳالهہ مون کان وڌيڪ منهنجون ٽنگون سمجهي سگهن ٿيون. هونئن بہ جنگ جي ڏينهن ۾ ماڻهوءَ کي دماغ کان وڌيڪ ٻانهن ۽ ٽنگن کان ڪم وٺڻ کپي. هيءَ ڳالهہ مون ڪنهن ڪتاب ۾ ڪانہ پڙهي هئي، مون کي منهنجي ڏاڏي ٻڌائي هئي، جنهن جون ٻئي ٽنگون ۽ ساڄي ٻانهن هڪ قديم جنگ ۾ ضايع ٿي ويون هيون. يا ٿي سگهي ٿو تہ ائين نہ هجي. بهرحال مون وٽ اينترو وقت ڪونهي جو مان اينتريون ڳالهيون سوچي سگهان. تيز ڊوڙندڙ ماڻهوءَ مان اوهان گهڻيون ڳالهيون سوچڻ جي توقع نٿا رکي سگهو. مان بہ هن اجنبي مرندڙ شهر ۾ تيز ڊُڪي رهيو آهيان، ڪنهن جهنگلي گهوڙي وانگر. فرق رڳو اهو آهي تہ هن جي ڊوڙ ۾ فطرت سان هم آهنگي ۽ جمالياتي سڪون هوندو آهي ۽ منهنجيءَ ڊوڙ ۾ حيواني اُبهرائي ۽ بدبودار خوف شامل آهن.

هيءُ شهر، جنهن ۾ مان ڊڪي رهيو آهيان، مون لاءِ بلڪل اجنبي آهي. هن جا رستا، عمارتون، وڻ، جانور، ماڻهو يا پکي، هر شيءِ مون لاءِ اجنبي آهي، جن کي موت ساڳي طرح دريافت ڪري چڪو آهي. پوءِ بہ هڪ بي ثمر اميد مون کي نامعلوم پناهہ گاهہ لاءِ ڊڪائيندي ٿي رهي.

انسان جي مهذب ٿي سگهڻ مان نا اميدي بي سنگين غلطي هوندي آهي، جيڪا هر ماڻهو زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو ضرور ڪندو آهي ۽ سمجهي ويندو آهي تہ جنگ کي بهرطور انساني زندگيءَ جو لازمي حصو سمجهڻ ڪائي غير معمولي ڳالهہ ڪونهي. پر افسوس جو اها ڳالهہ جنگ زده شهر ۾ پناهہ لاءِ ڊڪندڙ ماڻهو نٿو سمجهي سگهي، ان ڪري في الحال ڪنهن عالمي امن جي خيال کي ملتوي ڪري. هنگامي طور جنگ بنديءَ کان پوءِ مرده شهر کي، بدبودار لاشن، ٽڪرا ٿيل جسمن تي مڙي آيل ڪوئن جي ڪري ڪنهن ممڪنہ وبائي بيماريءَ کان بچائڻ لاءِ اپائن تي غور ڪرڻ ضروري هوندو آهي. جي اهڙا ڪي عملي قدم کڄن ٿا تہ يقيناً مان وري موت جي آڏو غير ضروري شرمساريءَ کان بچي ويندس. پر اوهان کي تہ خبر آهي تہ ڊڪندڙ ماڻهو نہ مڪمل طرح پر اميد هوندو آهي ۽ نہ مڪمل

طرح نااميد. ٽوٽي جو جنگ زده شهر ۾ ڊوڙندڙ ماڻهو، ڪنهن به وقت اڳرائي ڪندڙ ملڪ جي ابهرائيءَ جو شڪار ٿي سگهي ٿو، پوءِ به بچاءُ لاءِ پچندو رهڻ فطري جبلت آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ پناهه گاهه به ملي ٿي ته ڪهڙي؟ هڪ غير محفوظ، زخمي ۽ اگهاڙي عمارت، جيڪا ضرور ڪنهن جو گهر رهي هوندي پر هاڻي ڪنهن ڊنل قبر کان به بدتر!

نيٺ به ته هر قسم جي لاشن ۽ نڪاون ۾ ماڻهوءَ جي ڊوڙ اڪتاهجي سگهي ٿي. هر دفعي پناهه جي تلاش، زندگيءَ سان محبت جو دليل ته نٿي ٿي سگهي. اها ڳالهه مان وحشي دماغن کي ڪنهن به طرح نٿو سمجهائي سگهان. پنهنجي گهر موٽڻ جي خواهش شديد طرح منهنجي اڻڄاتي خوف ۾ شامل ٿيڻ لڳي ٿي. بمن ۽ دونهين ۾ گهيريل شهر جا سڀ رستا مري ويندا آهن، پوءِ به واپسيءَ جي خواهش کي ڪنهن نفسياتي بيماريءَ سان نٿو ملائي سگهجي. غير محفوظ پناهه گاهه ۾ ڪهڙو به خيال اچي ٿو سگهي، بي سمت حملي وانگر. نامڪمل خوف ۾ مان اڃا آسمان ۽ دونهين کي الڳ الڳ به نٿو ڪيان ته اچانڪ منهنجي بلڪل قريب وڏو ڌماڪو ٿئي ٿو، جنهن جو آواز مون کي ۽ زخمي عمارت کي پرزا پرزا ڪري ڇڏي ٿو.

مان نهايت ئي افسوس سان سمجهي چڪان ٿو ته پرسڪون موت سان دوچار ٿيڻ بجاءِ سنگين بيرحم ۽ نامناسب موت منهنجو نصيب آهي.



انور جوکيو

# پڇتاءُ

سندس لڳ سور ۾ ائين ساٽا ٽي ويا هئا، ڄڻ ڏکهي تپ مان اُٿي هجي. هن جو سنڌُ سنڌُ سور جي ٽاٽن اپڻ ڪري ڏکي رهيو هو.

ڪالهہ شام هن کي ربوءَ مار ڏني هئي. هوءَ روز شام جو مٽي ڪوني تي وجي ڪاٺ جي دري ڪولي ٻاهر گهٽيءَ ۾ نهاريندي هئي، جتي امام بخش جو دڪان بہ هو. امام بخش جي دڪان جي مهڙ هنن جي گهر جي مٿئين طبقي واري انهيءَ دريءَ ڏانهن سڌي هوندي هئي، جتي روز هوءَ وجي ويهندي هئي. ڪالهہ هوءَ اتي تيل قليل ۽ سرمون پائي نئون وڳو پهري ويٺي هئي. اڳ بہ هڪ اڌ ڀيرو هوءَ نهي نڪي ائين ئي ويٺي هئي، جيئن ڪالهہ.

ربوءَ جا ڪيترن ئي ماڻهن کن ٻريا هئا. "ربو ڪجهہ اک پٽ. امام بخش دڪان وارو روز شام جو مڇن کي تيل هڻي، دڪان ٻاهران موڙو ڪڍي ويهي ڏند ٿو تيڙي." ۽ انهيءَ ڪان اڳتي رڳو شڪن جا پاڇولا. انهيءَ ڪان اڳتي ڪنهن پاڙي واري کي همٿ ئي ڪانہ ٿيندي هئي جو هن جي گهر لاءِ ڪا ڳڙڪ بہ ٻاهر ڪڍي، ڇو جو سڀني کي پليءَ پت ڄاڻ هوندي هئي تہ ربو مڙس زورآور آهي. ٽانگي هلائڻ کان اڳ، هو شهر جي وچ ۾آفيم جي گتني جي لڳ رود تي ويهي لڪ ڇپ ۾ چرس هلائيندو هو ۽ انهي ڌوهہ ڪري ڪيئي ڀيرا جيل جون هوائون ڪائي آيو. پر مڙس تہ ضد، سو هي ڪٿي مڙي! پاڙي وارن کي اهو واقعو بہ ياد هو، جڏهن ڪرمون ڪاسائي هڪ ڀيري ڪتان ڪا رَن آڻي گهر ۾ ويهاري هئي ۽ پوءِ شام جو هن جي اوطاق تي ميڙا متل هوندا هئا. ڇئي تہ هي سڀ منهنجا سنگتي آهن. پاڙي وارا چون تہ "اهي ماڻهو اڳي تہ ڪونہ ايندا هئا. پوءِ هاڻي..." پر بعد ۾ خبر پئي هئي تہ ڪرمون ڪاسائي گهر ۾ رن اڃي ويهاري هئي، جنهن تي اڃي ميڙا مڙندا هئا. پاڙي وارن کي خبر پئجي وئي تہ ڪرمونءَ کي ڇيائون. ڪيس روڪيائون تہ اهو ڪڌو ڪرتوت پاڙي ۾ چڱي ڳالهہ ڪانهي، پر ڪرمون جو سڌري! ماڳهين چڙي ٻاهہ تي ويو. چي "اڙي سڄاڻان مان توهان کي، توهان جي گهرن ۾ انهن 'ٻيبين' کي بہ جيڪي گهر ۾ ڇنڊي ڦوڪي ويهاري توهان ڪمن ڪارين پنيان هليا ويندا آهيو." سڄو محلو ڪچي جهڙي پت. نيٺ پنين کي بہ ڪن، جو ڳڙڪ وڃي ربوءَ جي ڪن پيئي. ربو جو آيو تنهن ڏينهن، جهڙو راڪاس. وني جو ڳاچ-ڪيائين جهڙو ببر شينهن. ڪرمونءَ کي وني ڳچيءَ مان مروٽا ئي بہ ڏنائين، چي: "ڪڍ رن کي نہ تہ اهڙو خوار ڪندومانءِ جهڙو حشر ۾ خدا شيطان کي بہ نہ ڪندو، پاڙي ۾ اڏا ٿو هلائين" اتي جهٽ سندس گهران بہ همراهہ اوپرا نڪتاءِ جن نہ ڪئي هم نہ تم اچي ورتائون ربوءَ کي. پهريائين تہ ربوءَ بہ چار مڪون جهليون، پر وراڪو ڏيئي سٽ نڪائو هٿ جيڏو چاقو ڪڍيائين تہ همراهہ وائڙا. ٻنهي کي هٽي چلي چڏيائين. بعد ۾ ربوءَ کي انهي واقعي تي جيل بہ وڃڻو پيو ۽ ڇهہ مهينا سزا بہ ڪاٽي آيو. پاڙي مان ڪرمون جو اڏو تہ ختم ٿي ويو پر ربوءَ جو اهڙو رعب ويهي ويو جهڙو حد جي صوبيدار جو بہ نہ هوندو آهي.

سو ربوءَ کي ٻن ڄڻن همراهن دل جهلي چيو بہ هو تہ "ربو ڪجهہ ڌيان ڌر."

"ڇو ڙي ڇا ٿيو. وري ڪو اڏو ٿو هلي؟"

"نہ"

"پوءِ ڪهڙو موت ٿوَ. ڳجهارتن ۾ ڇو ٿا ڳالهايو؟"

"ربو، امام بخش دڪاندار روز مڇون وٽي ٿو موڙي تي ويهي پنهنجي دڪان ٻاهران"

پالڻ ۾ پورو هو. هن کي ڏاڍو برو لڳندو هو، جڏهن ڪنهن پاڙي واري مائيءَ کي ڇوڪرڙيءَ هٿان مائي جي ٻچيل ٽڪري گهرائڻ لاءِ چوندي هئي. ان ڏينهن جڏهن خدن واري ماءُ ڇوڪرڙيءَ کي چيو هو:

"مائي کو هڪ ڏينهن هجي ته ڪٽي ٽڪر ڳيو ڏجي. هي روز جو رواج! اسان پاڻ غريب ٻچڙن پالڻ ۾ پورا آهيون. پاڻ پاليون يا توهان جا، پيپ پريون." ۽ ان ڏينهن خيران جي ڪيڙن کي باهه لڳي وئي. هن سوچيو هو ته ٻڪ ۾ مري ويندا سون پر پاڙيوارن کان ڳيو نه گهربو. پوءِ ان رات هن گهڻو سوچيو هو. هوءَ ڪيترن ئي فيصلن تي پهتي هئي. وري ڪيترن ئي فيصلن تي پهچي انهن کي منسوخ ڪيو هئائين. هن فيصلو ڪيو هو، ته پني وقت ڪاٽبو، ٻين سرنديءَ وارن جي گهرن جو ڪم ڪار ڪري وقت ڪڍبو وغيره پر هر فيصلي جي آڏو، هن کي اوچي پيٽ محسوس ٿي هئي ۽ اها هئي ربو! ربو اڃا مئو نه ڪون هو جو هوءَ اهڙا فيصلا ڪري سگهي. هن جو مٿو چڪرائجڻ لڳو. اها رات هوءَ پل لاءِ سمهي ڪانه سگهي هئي. ساري رات سوچيندي گذري وئي هئس. هن کي پنهنجي پيٽ جو بنهه اونو ڪونه هو. اونو هئس ته پنهنجي ٻچڙيءَ جي ٻڪ جو هئس، جنهن جا چپ به خشڪ ٿي ويا هئا. هوءَ کٽ تان اٿي پنهنجي ڌيءُ جي کٽ پرسان آئي. هن پيار مان ٻچڙيءَ جي منهن تي هٿ ڦيريو. هن کي سندس ڳلن تي آلاڻ محسوس ٿي. هن ڇرڪي هٿ پري ڪري ورتو، ڇو جو اها آلاڻ هن جي لاڏليءَ جي ڳوڙهن جي هئي. هوءَ هڪدم پنهنجيءَ کٽ تي اچي اونڌي منهن ڪري پيئي ۽ وهاڻي ۾ منهن هڻي اکين جي بادلن مان ساري رات مينهن وسائيندي رهي، تان جو صبح ٿي ويو.

صبح سان ئي هن هڪ فيصلو ڪري ورتو هو. هن ڇوڪريءَ کي امام بخش دڪاندار ڏانهن موڪليو ۽ پاڻ ڪوني ’جي ڏاڪڻ چڙهندي وچي دريءَ وٽ بيٺي ۽ هن کي لڳو ڄڻ ڦاهيءَ جي تختي تي چڙهي آئي هجي. هن هڪ پل لاءِ دري کولي. سامهون امام بخش دڪاندار واڇون ٽيڙيو بيٺو هو. هن انهيءَ پل ئي اتان ٽپو ڏيئي پنهنجو انت آڻڻ چاهيو، پر امام بخش دڪاندار جي پير ۾ هن جي ٻچڙي بيٺي هئي، جنهن جي هٿن ۾ گيهه، اٽو، چانور، پٽاٽا ۽ بسڪيٽن جو پاڪيٽ هو ۽ منهن تي مرڪ هئي. هوءَ پنهنجي ڌيءَ جي مرڪ تي مرڪي پئي ۽ امام بخش دڪاندار جون واڇون وچي ڪنن سان لڳيون. هن هڪدم دريءَ جا تاڪ بند ڪري ڇڏيا. اهو سڄو مهينو ربو گهر نه آيو هو. ۽ دريءَ جا تاڪ ڪڏهن کلندا هئا، ڪڏهن بند ٿيندا هئا. هڪ ڏينهن امام بخش دڪاندار سودو ڏيڻ کان انڪار ڪيو. هن مطالبو ڪيو ته هار سينگار ڪري اچي دريءَ وٽ بيهه. هن ان کي گناهه ڪونه سمجهيو ۽ ائين به ٿي ويو ۽ پوءِ وقت گذرندو رهيو. مهيني کان پوءِ ربو آيو، ته هن ٻڌايو ته هو ڪنهن ماٺهو سان وڙهيو هو، سو سڄو مهينو ٿاڻي تي هو.

ربوءَ جي مار جو اهوئي سلسلو قائم هوندو هو. البت هاڻي هن لاءِ پيٽ جو مسئلو ڪونه هو. ان جي لاءِ هن کي عارضي سهاري بچائي رکيو هو ۽ اهو عارضي سهارو هو، سندس گهر جي مٿئين طبقي واري دري.

هڪ اڌ ماڻهوءَ اشارن ئي اشارن ۾ ربوءَ کي امام بخش دڪاندار جي شڪايت ڪئي هئي، پر ربو انهيءَ کي پاڙي جو ڪو مسئلو سمجهي رد ڪري ڇڏيو هو. پر ڪيس اها نه خبر ئي ڪانه هئي ته ڪو پاڙي ۾ سندس به گهر آهي.

۽ ڪالهه جڏهن هو شام سوير گهوڙو گاڏي ڪاهي پاڙي جي گهٽيءَ جي مهڙ کان اندر ٿي آيو ته اوچتو هن جي نظر وچي پنهنجي گهر جي مٿاهين طبقي واري دريءَ تي پيئي.

هن جا آندا جلي ويا. اتان جو ٽانگي تان لهي ڀڳو ته سڌو وڃي ڪوني تي پهتو.

پهرين ڇهبڪ جو لڪڻ، پوءِ ڏنڊا، موچڙا، مڪون، اصل ماري ماري زال کي رتو ڇاڻ ڪري ڇڏيائين. بيهوش ٿي هليو ويو باهر.

امام بخش دڪاندار دڪان بند ڪري ڪيڏانهن ڀڄي ويو.

۽ اها سڄي رات ربو گهر نہ آيو.

اڄ هوءَ سورن ۾ ساٽي چنوڙي کٽ تي موت جي انتظار ۾ پئي آهي. هن جي ننڍڙي نينگري سندس پير ۾ کٽ جي پائي تي ڪاڏي رکي هيٺ پٽ تي ويٺي آهي. هوءَ ڏيءَ ڏانهن ڏسي ڇڄي تي پوي، ڇو جو پڪ آهيس تہ ربو ڪيس اڄ ضرور ماري ڇڏيندو. هو ڇڏڻ وارو ڪونہ هو.

اوچتو ربو در مان منهن تو ڪڍي. ننڍڙي ڪاڪڙيءَ ڪان ڏرڙي نڪري تي وڃي. هوءَ اوچانگر ڪري وڃي پيءُ جي پيرن ۾.تي پوي. خيران پنهنجو ڪنڌ ٻئي پاسي ڪري اکيون پوري تي ڇڏي.

ڪيس پڪ آهي تہ هاڻي ربو ضرور ماريندو، پر صفا ماريندو. هن هڪ ڀيرو، آخري ڀيرو، پنهنجي لاڏلي نياڻيءَ ڏانهن ڏسڻ گهريو. پر هن ڪنڌ انهيءَ ڪري اوڏانهن ورائي نہ ڏنو، جو اتي ربو بيٺل هو، جنهن کي هوءَ حياتيءَ جي انهن چند گهڙين ۾ ڏسڻ پئي چاهي. هن لاءِ نفرت جو وڏ ۾ وڏ اظهار اهو هو. هو ڪجهه بہ نہ پئي سگهي.

ننڍڙي نينگر جي سڏڪن ۾ اوچتو ربوءَ جا سڏڪا بہ شامل تي ويا! هن هڪدم ڪنڌ ورائي ڏنو. ربوءَ جي هٿن ۾ گهہ جو دٻو، پاڄيءَ جي چلي ۽ ڪجهہ سامان جون ٿيلهيون ۽ بسڪيٽن جا بہ پاڪيٽ هئا!



ممتاز بخاري

# آس جي ٽياس تي ٽنگيل خواهش

سندس منهن پيڙا ۾ پيلو ٿي ويو. هوءَ کٽ تي ستل هئي. پر ۾ عورتون ويٺل. دائي پنهنجي ڪم ۾ رڌل. ڪجهه عورتون ساڻس ساٿ ڏيئي رهيون هيون. هن جا درد وڌندا ٿي ويا. سورن ۾ اڪيون بند ڪري زبان هوڙن ۾ ڏيئي، چپ ڀڪوڙي ڇڏيا هئائين. ڪنڌ ڪڏهن ڪاٻي پاسي ٿي ويس ته ڪڏهن ساڄي پاسي. ٻئي هٿ کٽ جي ٻانهن ۾ مضبوطيءَ سان وجهي ڇڏيا هئائين. هن کي محسوس ٿيو ته هن ڀيري هوءَ ڪانه بچندي. کيس ستن ٻارن ڄڻڻ جو تجربو هو، پر ايڏا سور اڳ نه ٿيا هئس. هوءَ سوچڻ لڳي، بس اجهو ٿي مران.

هن جو مڙس ٻاهر ويٺو هو. سندس ذهن واءُ واچوڙي جيان پنواٽيون ڏيئي رهيو هو. هو من ئي من ۾ دعا گهرڻ لڳو: "الله سائين! هن ڀيري ٻاجهه ڪجان. پٽڙو ڏجانءِ. هو پڊر تي چڪر هڻڻ لڳو. سندس ڇهئي ڌيئرون ڏانهس نهاري رهيون هيون. هن جو ساهه جڻ نڙيءَ ۾ اٽڪيل هو. کيس پاسي رهيو هو ته هو سڪرات ۾ آهي. سوچن جي ڌرتيءَ تي هن جا پير ٿابڙجي رهيا هئا. وسوسن ۽ انومانن جون هوائون هن کي ڪڏهن پاڪر پائي رهيون هيون ته ڪڏهن کيس مايوسيءَ جي گهري کوهه ڏانهن ڌڪي رهيون هيون. سوچڻ لڳو: هن ڀيري به ڌيءَ ڄائي ته..... نه نه.... هيڏيون ساريون دعائون گهريون آهن. سڀ پير فقير پنيا آهن ۽ ڪجهه وڏين به اڳڪٿي ڪئي آهي ته پٽ ٿيندو.

کيس شادي ڪئي ڏهون سال ٿيو هو. شادي کان ٻه سال پوءِ پهرين ڌي ڄائي هئس. سندس ماءُ پيءُ خوش ٿيا هئا، ڏاڏي ڏاڍو ٿيڻ تي. ٻار ڇا ڄائو هو جڻ سڪل وڻ سائو ٿي پيو هو. گهر ۾ سرهايون اچي ويون هيون. ٻي.... ٽي.... ...چوٿين..... پنجين..... ڌيئرون ڄمنديون رهيون ۽ هر ڀيري پٽ جي آس ڌيءَ جي آواز ۾ دٻجي پوئتي هٽي ٿي وئي. ڇهين به ڌيءَ ڄائي هئس ته اُها پيدا ٿيندي ئي مري وئي. تڏهن کيس نه ڏک ٿيو هو ۽ نه خوشي. پٽ جي آس ۾ سندس زال ٻار ڄڻڻ جي مشين بڻجي چڪي هئي. مئل ڌيءَ کان پوءِ کيس ڇا ڇا نه ٻڌڻو پيو هو. ڪنهن چيو، "زال منحوس اٿس"، ڪنهن چيو، "ڇورو ئي نپاڳو آهي"، ماءُ چيس: "ابا هاڻي ڪٿي ٻي شادي ڪر...." اهڙا ڪيئي جملا هن جي من ۾ سوراخ ڪندا رهيا، ۽ جڏهن ڏيڍ سال اڳ ستين ڀيري به ڌيءَ ڄائي هئس ته سندس آسون ڌيءَ جي روئڻ ۾ دٻجي ويون هيون.

هوءَ پريشانين جي پاڪرين اچي جسماني طور ته نهوڙجي وئي هئي پر هن جو ذهن به غلام ٿي پيو هو، جيڪو ڪجهه ڪڇڻ بجاءِ دردن جي دنيا ۾ الله سائين اڳيان شڪوا سانديء سانديء پاڻ ئي سانديجي ويو هو. ٻئي زال مڙس سيني پيرن ڏانهن ويا. هر بزرگ جي مقبري تي حاضري ڀريائون. دعائون گهريائون، منتون مڃيائون، ٻڙ مڃيائون، تعويذ ڦيٿا ورتائون، پاڻي پڙهائي پيتائون. تڏهن کين پڪ ٿي ته هن ڀيري ضرور پٽ ڄمندو. هنن خيرات ڪئي. ڪجهه تجربيڪار عورتن ته پڪي ويساهه سان ٻڌايو ته هن ڀيري پٽ ٿيندو. دائي به آخري مهيني ۾ پيٽ جو جائزو ورتو ۽ اڳواٽ ئي مبارڪ ڏيئي ڇڏيائين. پر ٻار ڏهن مهينن گذرڻ ڪانپوءِ به نه ڄائو، هوءَ سخت پيڙا ۾ هئي، ٻارهين مهيني نيٺ وڃي کيس ٻار ڄڻڻ جا سور ٿيس.

اڄ جڏهن هن جي گهر واري ٻار ڄڻڻ واري هئي، تڏهن هن کي سخت الڪو هو. اوسيئڙي، خوشي، وسوسن ۽ ٻين انيڪ سوچن ۾ هن جي ذهن جي پوپٽ جي حالت سڙيل پوپٽ جهڙي هئي. هو سوچڻ لڳو: هن ڀيري پٽ ٿيندو. ها- ناءُ.... ناءُ.... ڪهڙو؟.... اهوئي جيڪو مان ۽ منهنجي زال سوچي ڇڏيو آهي. پاڻ کي پريشاني کان بچائڻ



Gul Hayat Institute

لاءِ خوشي جا ويچار ويچارڻ لڳو. پر وسوسن جي جلاد هر ڀيري کيس ڦاهي گهاٽ جي تختي تي گهلي ٿي بيهاريو.

سندس ماءُ جي سڏ هن کي ڇرڪائي وڌو. ماءُ جي پريشان اکين ۾ نهاريندي پڇيائين، "ڇا هي! امان خير نه آهي؟"

"ابا ٽڪڙو وڃ سورن واري سئي وٺي آ." سندس ماءُ ٽڪڙ ۾ چيو.

هو ٽڪڙو ڳوٺ جي مانڊٽي جهڙي ميڊيڪل اسٽور تي ويو، جتي مڙيئي ٿوريون گهڻيون دوائون رکيل هيون. انجيڪشن ورتائين. هن کي لڳو ته هو اڏامي رهيو آهي. کيس سڌ ئي نه هئي ته هو ڪيئن ٽڪڙ ۾ وريو. ماءُ کي سڏيائين. کيس انجيڪشن ڏنائين. دائي جيڪا سئي هڻڻ ڄڻ ڄاڻي. ان سندس زال کي انجيڪشن هنئي.

هن جون سوچون هوا ۾ رکيل تاندي جيان ڪڏهن ٻڙڪن پيون ته ڪڏهن مانيون. هو سوچن جي وهڪري مٿان وسوسن جي تياس تي ٽنگجي ويو. سندس ڏيئرون هن وٽ آيون. هن جي سوچن جو سلسلو ٽٽي پيو. کيس وڏي ڌيءَ چيو، "ابا ادا ڄمندو!"

هڪ ننڍڙي، ٻيءَ بدران جواب ڏنو، "ها ها ايندو، ان کي مان کيڏائيندس. تاهان کي ڪَلَن ڪون ڏيندم."

ٻي ٻبنگر روئندي چيو، "نه نه.... موندو ادا هوندو....."

وڏي ڇوڪريءَ چيڙائيندي چيس، "ڪنهن کي ڪونه ملندو. ان کي مان ئي کيڏائيندس." ٻيون ڇوڪريون روئڻ لڳيون ۽ وڏي کي وڙهڻ لاءِ اڳتي وڌيون ۽ هو ڪلندي ٻيءَ جي جنگهن ۾ چنبڙي وئي. هن جي پريشان سوچن ۽ ٻارن جي ٻولن جو جهيڙو هلي رهيو هو، ته سندس ماءُ ٻاهر آئي. هو ڇرڪي ويو. ماءُ ڏانهن وڌيو. ماءُ چيس، "پٽ ڄائو....."

هن ماءُ جو مک ڏٺي بنا خوشيءَ وچان رڙ ڪندي ننڍڙي ڌيءَ کي کنيو. هوا ۾ اڇلائي. ٻاڪر ۾ وڌائين. تڏهن اوچتو ماءُ جي آلين اکين تي نظر پيس. هن جو من اڇلون کائڻ لڳو، "ڇا هي امان؟"

ماءُ جي سڏڪن سان لفظ ٽڙيءَ جي سوڙهي گهٽي مان وڙهندي نڪتا "ڄائو ته پ.....پٽ.... آهي....پر.... پ.... ر..... مئ...... مئل آهي"، سڏڪي پئي.

هن جا چپ خشڪ ٿي ويا. ٻاڪر مان ڇوڪريءَ هيٺ اچي ڦهڪو ڪيو.



Gul Hayat Institute

فرينسيمڪا پيرانٽوزي

ولي رام ولڀ

# دوزخ ۾ لکيل ڊائري

زلاٽا فلپووِڪ فقط تيرهن ورهين جي ڄمار جي آهي، پر اوهان سندس اکين ۾ محسوس ڪندا ته هن صدين جا سُور سنا آهن. زلاٽا سراجيوو جي سربيائي گهيري جي دهشت دوران جنگ جي ٽوڙيل اڳوٽي يوگوسلاويائي وفاق ۾ ٻه سال رهي آهي. هاڻي هوءَ پنهنجي والدين سان گڏ، گهات ۾ وينلن ۽ بمباريءَ کان پري پيرس ۾ رهي ٿي. هوءَ پنهنجي ڊائريءَ جي مهربانين ڪري اُنهيءَ شهر مان ڀڄي سگهي. اها ڊائري هڪ اسڪول جي ڇوڪريءَ جو نوٽ بوڪ آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جي هڪ هڪ ڏينهن جا ڊپ، اميدون ۽ ڏک اوتيا آهن.

هن ڊائريءَ جي گهڻني يورپي ملڪن ۾ شايع ٿيڻ سان بوسنيا ۾ جنگ جي هڪ ٻي علامت- ’سراجيوو جي اين فرينڪ‘ جي طور تي مشهور ٿي آهي. اين فرينڪ ڊچ ڇوڪري هئي، جيڪا ٻي عظيم جنگ دوران غير آريائي جرمن نازين جي جنين کان ڀڄي وڃي ايمسٽردام جي هڪ بالاخاني ۾ لڪي هئي ۽ ان وقت تي مشتمل پنهنجي زندگيءَ جي ڊائري رکي هئائين. هوءَ پوءِ بند لوڙهي ۾ مري ويئي. اين فرينڪ جي ’ڊائريءَ‘ جنگي ادب ۾ ڪلاسيڪي حيثيت رکي ٿي.

زلاٽا اپريل ١٩٩١ع جي ان ڏينهن صبح کان اسڪول نه ويئي آهي، جڏهن سربن چوڌاري ٽڪرين مان شهر تي بم گولا وسايا هئا. هوءَ پنهنجي ڪلاس جي هوشيار شاگرديائي هئي ۽ سيني ڪمن ۾ اي گريڊ ڪنيو هئائين. هوءَ برف تي ترڪندڙ بهترين رانديگر آهي. ١١ سالگره تي سندس والدين کيس ترڪڻ جا بوٽ ڏنا هئا. هن اهي رڳو هڪ ڀيرو استعمال ڪيا هئا. انهن ڏينهن دوران کيس ڀيو به گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي. پيرس ۾ سندس نئون گهر پنجين ماڙ تي فليٽ ۾ آهي، جتي هن صحافين سان ڳالهائيندي پنهنجي ’ڪتاب‘ جو ذڪر ڪيو ۽ جرمني، هالينڊ ۽ اٽلي گهمڻ جي تياريءَ ۾ آهي.

”مان ٺڪل آهيان.“ ڪينديءَ جي باڪسن سان ڍڪيل سيٽ تي وينل هوءَ چوي ٿي، ”پر مان محسوس ڪريان ٿي ته مون کي اهو ڪرڻو آهي. ڇاڪاڻ جو ماڻهو ڄاڻڻ چاهين ٿا ته هاڻي سراجيوو ۾ ماڻهو ڪهڙي حال ۾ آهن. پوءِ مون کي پڪ آهي ته وڏيڪ ماڻهو مدد ڪرڻ چاهيندا.“ زلاٽا صحيح انگريزي ڳالهائي ٿي. هوءَ هوريان، گنڀيرتا سان ڳالهائي ٿي. ڪٿي به ائين نٿو لڳي ته هوءَ اجا ٻار آهي. فقط ٻه ورهيه اڳ هن پنهنجي ڊائريءَ ۾ پنهنجي موڪلن، مائيڪل جيڪسن ۽ ميڊونا جي موسيقيءَ ۽ بايولاجي جي ٽيسٽ بابت لکيو هو. هاڻي هوءَ ٻين ڳالهين جهڙوڪ خوشي، غصي ۽ موت بابت ڳالهائي ٿي.

”هاڻي مان خوش آهيان ڇو جو مان بمن کان پري آهيان، بجلي نه هئڻ، پاڻي نه هئڻ ۽ ڪاڌو نه هئڻ جي مسئلن کان پري آهيان. پر مان اُداس پڻ آهيان، ڇو جو مون کي سُڌ آهي ته سراجيوو ۾ ڇا پيو ٿئي. مان پنهنجي خاندان، پنهنجي ڏاڏي، ڏاڏيءَ ۽ پنهنجي دوستن جي باري ۾ سوچيان ٿي، جيڪي اجا تائين اُتي آهن.“ هو بسڪوٽن جو هڪ باڪس هٽائي ٿي ۽ ڇوڻ جاري رکي ٿي. ”اسان هفتي ۾ رڳو هڪ ڀيرو سراجيوو فون ڪري سگهون ٿا، اُهو به سوئٽزرلينڊ جي معرفت. گذريل ڀيري امان کي سُڌ ملي ته اسان جو هڪ سوٽ مارجي ويو. هاڻي ته اهو بهتر ٿو لڳي

Gul Hayat Institute

نہ ڪا بہ خبر نہ ملي."

جڏهن هوءَ 'لڙائي' لفظ اُچاري ٿي، تہ سندس آواز جهڪو ٿيو وڃي ۽ هٿ پاڻ ۾ جڪڙجيو وڃن جڻ دنيا جي سموري دهشت انهي ننڍڙي لفظ ۾ ويڙهيل هجي. "اسان اڳي يا پوءِ سراجيوو موٽي ويندا سين. پر هاڻي نہ، جو اُتي لڙائي پيئي هلي. مان تڏهن واپس وڃڻ چاهيان ٿي جڏهن لڙائي ختم ٿيندي." پيرس ۾ پنهنجي هجڻ تي ڪيس قسمت جي ڪيڏ تي لڳي ٿي جو "لڙائي کان اڳ، منهنجا والدين ۽ مان هميشہ پيرس ۾ موڪلون ملهائڻ بابت ڳالهائيندا هئاسين. پر پوءِ انهيءَ باري ۾ اسان ڪڏهن ڪجهہ نہ ڪيوسين. هاڻي اسان هتي آهيون." سندس ڊائريءَ جا احسان، جنهن ۾ سندس تحرير هميشہ لاءِ وڏيڪ ننڍي، وڌيڪ سوڙهي، هڪ بالغ جهڙي ٿي ويئي آهي، جنهن ۾ هن پنهنجو ننڍپڻ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. شروع ۾ هوءَ پارٽين ۽ پنهنجي دوستن جي باري ۾ ڳالهائي ٿي. آئوانا جي سالگرهہ پارٽيءَ جي باري ۾ لکي ٿي تہ اهو "سچ پچ هڪ بهترين ڏينهن هو." هوءَ پنهنجي ساهيڙين نينا ۽ عذرا سان رانديون کيڏڻ بابت ۽ هفتي جي آخر ۾ "دنيا جي سڀ کان خوبصورت جبل جَهورينا" تي جابلو برف تي ترڪڻ جي باري ۾ ٻڌائي ٿي.

شيون آهستي آهستي تبديل ٿين ٿيون.

ڇنڇر، ١٩ آڪٽوبر: "جڏهن مان گهر پهتيس تہ امان روئي رهي هئي ۽ بابا يونيفارم پائي رهيو هو. منهنجي نڙيءَ ۾ ڄڻ ڪجهہ ڦاسي پيو. جڏهن بابا مون کي ٻڌايو تہ کيس پنهنجي ٻتالين سان وڃي گڏجڻو هو ڇو جو پوليس کيس هٿيار کڻي اچڻ لاءِ چيو هو. مون کيس ڀاڪر پاتي، رُنيس ۽ کيس نيزاري ڪيم تہ نہ وڃي...." ٣٠ مارچ تي زلاٽا پنهنجي ڊائري کي "مِمي" ڪوٺڻ جو فيصلو ڪيو. کيس خبر نہ هئي تہ اين فرينڪ پنهنجي ڊائريءَ کي "ڪِٽي" ڪوٺيندي هئي. جڏهن سراجيوو جي گهٽين ۾ ماڻهن مرڻ شروع ڪيو تہ مِمي ڪُلهو بڻجي ويندي هئي، جنهن تي زلاٽا رئندي هئي.

٦ اپريل ١٩٩٢ع تي هُن لکيو، "هڪ ڇوڪري، جيڪا ميڊيڪل جي شاگرديائي هئي، کي قتل ڪيو ويو. سندس رت پُل تان ٽيپو ٽيپو ٿي وهي رهيو هو. سندس آخري لفظ هئا: 'ڇا اسان سچ پچ سراجيوو ۾ آهيون؟' اهو خوفناڪ آهي! خوفناڪ! خوفناڪ! "هتي ڪوبہ ماڻهو صحيح ناهي، ڪا بہ شيءَ صحيح ناهي!"

زلاٽا کي پنهنجي آزادي حاصل ڪرڻ تي تعجب آهي. "اها فقط هڪ ڊائري آهي،" هوءَ چوي ٿي، "انهن جهڙي، جيڪي ٻيا ٻار لکن ٿا. مون ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ کو انهيءَ کي ڪتابي شڪل ڏينديس."

زلاٽا مِمي کي ٻڌايو تہ هوءَ سياست ۾ دلچسپي نٿي رکي. اڄ هوءَ وڌيڪ چوي ٿي، "مون کي سياست ۽ سياستدانن کان نفرت آهي ڇو جو اُهي لڙائي چاهين ٿا. پر ظاهر آهي تہ سياستدانن جي پيٽ ۾ ماڻهو وڌيڪ قاتل آهن. "سراجيوو ۾ اسان کي فلاحي تنظيمن کان کاڌو ۽ ٻيو سامان ملندو هو. پر اهو ڪافي نہ هو. اوهان جو پيٽ ڀريل هو پر اوهان ڪنهن بہ وقت مري سگهيا ٿي. اهو ڪافي ناهي تہ اُهي رڳو کاڌو موڪلين ۽ لڙائي بند نہ ڪرائين. اها ڪافي وڏي مدد ٿيندي جيڪڏهن اُهي لڙائي بند ڪرائيندا!"

زلاٽا لاءِ اها لڙائي ائين ناهي تہ سرب مسلمانن کي گولين هٽي مارين ٿا. نہ، اها لڙائي نينا جو موت آهي، جيڪا ساٿس گڏ راند ڪيڏندي هئي. کيس بم جي گولين سان ماريو ويو، جنهن "هنِدس کوپري ڦيهي رکي." زلاٽا ٧مئي ١٩٩٢ع تي لکيو، "هوءَ ڏاڍي سٺي ڇوڪري هئي. اسان ڪنڊرگارٽن گڏ ويندا هئاسين، اسان پارڪ ۾ هميشہ گڏ کيڏندا هئاسين. نينا! مان کيس وري ڪڏهن بہ ڏسي نہ سگهنديس. نہ، اها اڻ ٽيٽي آهي. نينا، فقط يارهن ورهين جي نينا- واهيات لڙائيءَ جو معصوم نشانو. مان اُداس آهيان. مان رئان ٿي. مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ هوءَ ڇو

"مون کي خبر ناهي. ٿي سگهي ٿو. مان نہ گهٽين ۾ مئل ماڻهن ۽ زخميلن جون ساڳيون تصويرون ڏسي بيزار ٿي چڪي آهيان. مان اُهي شيون ڏسڻ چاهيان ٿي جيڪي بئي نقطہءِنظر کان هجن: سراجيوو ۾ روزمره جي زندگي ڪهڙي آهي؟ اها ٻارن لاءِ ڪهڙي آهي؟ مئل ائين ٿو لڳي جڻ ڪنهن فلم مان ڪجهہ ٻاهر هجي، ڪجهہ غير حقيقي. روزمره زندگيءَ جا مسئلا وڌيڪ حقيقي آهن. عوام جي دلچسپيءَ جي ويجهو.

سراجيوو ۾ روزمره جي زندگي ساڳي ئي ساڳي آهي. زلاٽا ٻڌائي ٿي تہ اُها زندگي اسڪول ۾ ياد ڪرڻ جهڙي هڪ اُداس گيت وانگر لڳي ٿي. "صبح جو مان گهٽو ڪري گولين جي آواز تي ۴ وڳي صبح جو جاڳندي هئس. مان پنهنجي گرم بستري مان اُٿي برف ٿيل وهنجڻ جي جاءِ ۾ ويندي هئس جتي پاڻي نہ هوندو هو. ٿنهنڪري بوتل مان پاڻي گلاس ۾ اوتي منهن ڌوئندي هئس. پوءِ مان بورچي خاني ۾ ويندي هيس ۽ پنهنجي ماءُ کان نيرن لاءِ پڇندي هيس. هو اُداس ٿي ويندي هئي ۽ هميشہ ساڳي ڳالهہ چوندي هئي، 'توکي خبر آهي تہ پاڻ وٽ ڪاڌي لاءِ ڇا آهي: ٻي مختلف شيءَ تہ نہ اٿم.'" اسان اهوئي کائيندا هئاسين جنهن جو بندوبست ٿي سگهندو هو، پر سڀيئي بد سواد شيون هونديون هيون. ڪڏهن فلاحي تنظيمن کان کاڌو ملندو هو. اسان سچ پچ گڏيل قومن جي اداري جا شڪرگذار آهيون، پر جڏهن اوهان کي ٻن سالن کان ساڳي شيءَ کائڻ لاءِ ملي تہ پوءِ آخر ۾ اُهي شيون اوهان کان برداشت نہ ٿينديون. پوءِ اسان ٻاهر ويندا هئاسين ۽ پاڻي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين، يا پوءِ فليٽ ۾ بند رهندا هئاسين. مان پڙهندي هيس يا پوءِ پيانو وڄائيندي هيس. بعضي منهنجي ماءُ ٻاهر ڪم تي ويندي هئي. پر رڳو ڪڏهن ڪڏهن. پوءِ سچ پچ آءٌ چري ٿي پوندي هيس. مان سارو وقت دريءَ مان پيئي گهوريندي رهندي هيس تہ ڪڏهن ٿي امان واپس موٽي."

"جڏهن پاڻي ايندو هو يا بجلي يا گئس ايندي هئي تہ اسان هن ڌرتيءَ جا خوش نصيب ترين ماڻهو هوندا هئاسين. پر جڏهن اوهان وٽ بجلي ۽ گئس هجي تہ اوهان کي ٻيو ڪجهہ بہ گهرجي. هاڻي سراجيوو ۾ ڪين رڳو بجلي گهرجي. اهي سڀ شيون بند ڪري ڇڏين ٿا. پوءِ اوهان ڪلاڪن جا ڪلاڪ رڳو ڪرسيءَ تي ويٺا هجو. اوهان ٻي ڪنهن ڳالهہ جي باري ۾ سوچي بہ نٿا سگهو. اوهان پلاسٽڪ جي ٽڪري وانگر ٿي ويندؤ..... مان ڪڏهن بہ لڙائي جو خواب نہ ڏسندي آهيان،" زلاٽا مشڪندي چوي ٿي، "مان جڏهن ننڊ ۾ سمهيل هوندي آهيان تہ محفوظ هوندي آهيان. مان بمن جي باري ۾ تڏهن سوچيندي آهيان جڏهن مان جاڳندي آهيان."

Gul Hayat Institute



غلام محمد لاکو

# ڊاڪٽر محمودالحسن صديقي جي ياد ۾....



ويهين صديءَ جي آخري اڌ ۾ جن اسڪالرن ۽ عالمن سنڌ جي تاريخ تي معتبر تحقيق ڪئي، انهن ۾ ڊاڪٽر محمودالحسن صديقي صاحب جو نالو وڏي اهميت رکي ٿو. ڊاڪٽر صديقي ١- جنوري ١٩٢٢ع تي هندستان ۾ پيدا ٿيو ۽ ايم. اي. تائين تعليم بہ اتي ورتائين. قيام پاڪستان کان پوءِ هندستان مان وڏي تعداد ۾ اديب، اسڪالر ۽ محقق توڙي شاعر ڪراچي لڏي آيا. صديقي صاحب پڻ هن لڏپلاڻ ۾ ڪراچي پهتو.

هن صاحب سال ١٩٤٠ع ۾ الہ آباد يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي. ايم. اي. تاريخ جي مضمون ۾ سال ١٩٤٢ع ۾ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙه مان ڪيائين. ٻن سالن کان پوءِ ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ کيس ملازمت جو موقعو مليو، جتي ١٩٤٨ع تائين نوڪري ڪيائين. ورهاڱي جي ڪري نندي کنڊ ۾ گنڀير حالتون پيدا ٿيون ۽ لڏ پلاڻ جو عمل تيز ٿيو. ان ريت صديقي صاحب بہ ڪراچي پهچي ويو. هتي اچڻ سان کيس اسلاميہ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ سروس ملي، جتي ١٩٥٠ع تائين رهيو. بعد ۾ هن کي ڪراچي اردو ڪاليج ۾ ملازمت جو موقعو مليو. هن ڪاليج ۾ پاڻ تاريخ جي شعبي سان گڏ علم سياسيات جي شعبي جو سرواڻ مقرر ٿيو. ان کان سواءِ ڪاليج جي وائيس پرنسپال طور بہ ڪم ڪيائين. هن دور ۾ هن کي ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري وٺڻ لاءِ برطانيہ جي مئنچيسٽر يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ملي. هن ڪم لاءِ پاڻ سنڌ جي تاريخ جو انتخاب ڪيائين. سال ١٩٥٨ع ۾ ٿيسز مڪمل ڪري ڊگري وٺي وطن واپس وريو. سال ١٩٥٩ع ۾ ڊاڪٽر صاحب کي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي جنرل هسٽري ڊپارٽمينٽ ۾ استاد ڪري رکيو ويو. اڳتي هلي شعبي جو پروفيسر ۽ پوءِ سربراهہ بنيو. سٺ سالن جي ڄمار کي پهچي سال ١٩٨٢ع ۾ رٽائر ڪيائين. ان جي باوجود بہ ڪراچي يونيورسٽيءَ سندس اهليت ۽ خدمتن کي نظر ۾ رکندي، کيس پنهنجي مرڪزي ڪتبخاني ۾ تحريڪ آزادي ۽ مسلم ليگ بابت موجود دستاويزن جي سار سنڀال جو انتظام سپرد ڪيو. هن ڪم تي زندگيءَ جي آخر تائين مقرر رهيو.

ڊاڪٽر محمودالحسن صديقي صاحب (ادبي طور تي سندس نالو ايم. ايچ. صديقي بہ ڏسجي ٿو) جو تعلق انهن ماڻهن سان هو، جن جي مادري زبان اردو هئي، ۽ قيام پاڪستان کان پوءِ سنڌ جي تختگاهہ ڪراچي پهتا هئا. ويچار ان ڳالهہ جو آهي تہ لڏي ايندڙ اديبن جي اڪثريت کي سر زمين سنڌ راس نہ آئي. نہ سنڌ جي ٻولي پسند آين ۽ نہ وري

Gul Hayat Institute

سنڌ جو ڪلچر ڪين قبول پيو. سنڌي زبان سان تہ ڪين اوپرائپ محسوس ٿي، پر اسان جي تاريخ سان بہ هو ڪو تعلق جوڙي نہ سگھيا. انهيءَ ڪري اڪثر اديبن جون سوچون ۽ عملي قدم، سنڌ لاءِ انيڪ مشڪلاتن جو باعث بنيا. ان هوندي بہ نون آيل اديبن ۽ عالمن ۾ ڪي پلارا انسان بہ هئا، جن پنهنجي علم، عقل ۽ عمل سان سنڌ جي خدمت ڪئي ۽ پنهنجو نالو روشن ڪيو. ڊاڪٽر محمودالحسن صديقي بہ انهن مان هڪ هو. هن صاحب پنهنجي سموري زندگي درس ۽ تدريس توڙي علمي ۽ تاريخي تحقيق لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. پاڻ ابتدا کان آخر تائين تاريخي اپياس ۽ تحقيق ۾ مصروف رهيو. علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ جي ملازمت کان وٺي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ تاريخي دستاويزن جي سار سنڀال تائين، زندگيءَ جا سڄا سارا چاليهہ سال علم ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ وقف ڪيائين. اهوئي سبب آهي جو مختلف وقتن تي ڊاڪٽر صاحب کي انگلستان ۽ آمريڪا تائين، جدا جدا يونيورسٽين ۽ ادارن ۾ وزيٽنگ پروفيسر رهڻ جو موقعو مليو. پاڻ مختلف علمي مذاڪرن ۽ تاريخي سيمينارن جي سيڪريٽري، صدر ۽ آرگنائيزر طور بہ ڪم ڪيائين. ان ڏس ۾ پاڪستان هسٽري ڪانفرنس جا مختلف اجلاس، "سنڌ ٿرو سينچريز سيمينار" ۽ انڊين هسٽري ڪانگريس علي ڳڙهہ جا حوالا وڏي اهميت رکن ٿا. هڪ اسڪالر، عالم، محقق ۽ مؤرخ جي حيثيت ۾ صديقي صاحب کي ملڪي توڙي بين الاقوامي ميڙن ۾ شرڪت جو موقعو مليو، جتي پنهنجا شاهڪار علمي مقالا پيش ڪيائين. پاڪستان جي هن نامور عالم جون بيشتر تحريرون انگريزي زبان ۾ آهن ۽ انهن جو گهڻو واسطو سنڌ سان ڏسجي ٿو.

ڊاڪٽر صديقي صاحب کي پنهنجي علمي مان مرتبي سبب ڪافي ادبي ادارن جو ميمبر، باني ميمبر يا سربراهہ رهڻ جو شرف بہ حاصل ٿيو. مثال طور هي ادارا وڏي اهميت رکن ٿا.

- رائل ايشياٽڪ سوسائٽي لنڊن جو فيلو.
- ايشين اسٽڊيز آمريڪا جي ائسوسيئيشن جو ميمبر.
- پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي ڪراچيءَ جو باني ميمبر.

جامعہ ڪراچيءَ ۾ اولهہ ۽ مرڪزي ايشيا جي اپياس جي اداري جو نائب صدر ۽ مختلف ڪميٽين جو سرگرم ڪارڪن.

ڊاڪٽر صديقي صاحب جي شخصيت ۽ علمي ڪم ڪار جي حوالي سان ٻن بزرگ عالمن جو وڏو ڪردار ڏسجي ٿو. هڪ جو نالو ڊاڪٽر رياض الاسلام آهي. هي صاحب پڻ هندستان مان لڏي ڪراچي پهتو. سندس تعلق پڻ اردو ڳالهائيندڙ طبقي سان آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ جنرل هسٽري ڊپارٽمينٽ جو چيئرمن ۽ پروفيسر ٿي رهيو. سالن جا سال ٻنهي عالمن گڏجي ڪم ڪيو. سيد حسام الدين راشدي مرحوم جي شخصيت ۽ علمي مرتبي جو صديقي صاحب تي گهرو اثر ڏسجي ٿو. راشدي صاحب هندستان مان ايندڙ اديبن جو شايان شان استقبال ڪيو ۽ انهن کان سنڌ جي باري ۾ ڪم وٺڻ جو وڏو جتن ڪيو. ان کان علاوه ڊاڪٽر صديقيءَ کي ڊاڪٽر انصار زاهد خان ۽ ڊاڪٽر معين الحق بہ ويجها ڏسجن ٿا. اهو سنگت ۽ صحبت جو اثر هو جنهنڪري صديقي صاحب جي مطالعي ۽ تحقيقي عمل ۾ سنڌ جي تاريخ کي گهڻي اهميت حاصل ٿي. سندس تحقيقات جو اسي سيڪڙو تعلق سنڌ سان آهي. پنهنجي ڊاڪٽوريٽ جي مقالي لاءِ ميرمحمد معصوم بکري جي "تاريخ معصومي" جي ٻن بابن تي ڪم ڪيائين. انهن کي هڪ طرف انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيائين ۽ ٻئي طرف نهايت معلوماتي ۽ تاريخي وضاحتي حاشين جو بہ پنهنجي طرفان واڌارو ڪيائين. جن بہ هي ٿيسز ڏٺي آهي انهن کي ان جي قدر ۽ قيمت جو اندازو هوندو. اڳتي هلي سنڌيونيورسٽيءَ جي اداري "سنڌالاجي" هي تحقيقي ڪارنامو "هسٽري آف دي ارغونس اينڊ ترخانس آف سنڌ" جي نالي سان سال

Gul Hayat Institute

۱۹۷۲ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

صديقي صاحب ان کان گهڻو اڳ هڪ اردو ڪتاب اسلامي تاريخ تي لکيو هو. هي ڪتاب سال ۱۹۵۳ع ۾ نيويارڪ مان شايع ٿيو هو. پاڻ ڪجهه ڪتابن تي نهايت عمدا ۽ علمي پيش لفظ به لکيائين. سال ۱۸۵۵ع ۾ بمبئيءَ مان هڪ ڪتاب "ميمائرس آن سنڌ" ٻن جلدن ۾ ڇپيو هو. هن ڪتاب جو نئون ڇاپو سال ۱۹۷۹ع ۾ ڪراچيءَ مان ڇپيو، تڏهن ان تي هڪ پر مغز مهاڳ "ڊسڪوري آف سنڌ" جي عنوان سان ڊاڪٽر صديقي صاحب لکيو هو. هي ساڳيو مهاڳ مذڪوره عنوان سان ڪنهن انگريزي رسالي ۾ به شايع ٿيل ڏسجي ٿو. هن ڪتاب ۾ برطانوي دور ۾ سنڌ جي متعلق ڪي اهم دستاويز شامل ڪيا ويا آهن. صديقي صاحب سنڌ بابت هڪ تحقيقي مقالي جي تياريءَ جي نگراني به ڪئي. هي مقالو انصار زاهد خان سنڌ جي مغل دور بابت لکيو ۽ ان تي ڪراچي يونيورسٽيءَ ڪيس ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ڏني. هي مقالو سال ۱۹۸۰ع ۾ رائل بڪ ڪمپني ڪراچي "هسٽري اينڊ ڪلچر آف سنڌ" جي نالي سان ڇپيو آهي. هن ڪتاب تي نهايت شاندار ۽ علمي پيش لفظ ڊاڪٽر صديقي لکيو هو. بيرم خان ابتدائي مغل دور جو نامور سپهه سالار ٿي گذريو آهي. هو ساڳئي وقت ترڪي ۽ فارسي ٻولين جو ممتاز شاعر پڻ هو. بيرم خان جو شعري ديوان ڪافي اڳاٺو هڪ انگريز اسڪالر ڇپرايو هو. تازي دور ۾ هن ديوان جي وڌايل ۽ سڌاريل ڇاپي جي ضرورت محسوس ڪندي، پير حسام الدين راشدي ۽ ڊاڪٽر محمد صابر ان طرف توجهه ڏنو. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي "انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل ائنڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز" "ديوان بيرم خان" جو نئون ڇاپو ۱۹۷۱ع ۾ شايع ڪيو. هن ڪتاب تي پڻ ڊاڪٽر محمودالحسن صديقي صاحب جو تحقيقي ۽ مفصل مقدمو ڇپيو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي ڪجهه انگريزي مقالن جا عنوان هن ريت ڏسجن ٿا-

- بلبن جو نظام حڪومت
- ميرمحمد معصوم بابت تقي الدين ڪاشيءَ جو احوال
- سنڌ ۾ بروچن جي لڏپلاڻ ۽ ارغونن سان تصادم
- قندار تي بابر جي قبضي جي تاريخ
- سنڌ جو وچئين دور ۾ سائنسي ترقيءَ ۾ ڪردار
- همايون جي سنڌ ۾ آمد جو تجزيو
- جناح صاحب مسلم ليگ ۾ ڇو آيو؟
- جناح صاحب جي پهرين عوامي تقرير
- حيات حسام الدين راشدي - معنيٰ ۽ مقصد

هي مقالا ڪٺي به مرتب نه ٿيا آهن ۽ نه وري ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿيا آهن. جيئن مٿي ذڪر ٿيو ته صديقي صاحب اڪثر تحريرون انگريزي زبان ۾ لکيون، جيڪي جدا جدا رسالن ۾ ڪراچي ۽ لاهور کان ڇپيون آهن. انهن جي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته پيرحسام الدين راشدي مرحوم ۽ ڊاڪٽر رياض الاسلام جهڙن برک عالمن به هنن مقالن ۽ مضمونن کي حوالي طور ڪتب آندو آهي. صديقي صاحب جي ٿيسز سال ۱۹۷۲ع ۾ شايع ٿي، تڏهن ڪجهه مقالن کي ڪتاب جي آخر ۾ ضميمي طور شامل ڪري هميشه لاءِ محفوظ ڪيو ويو.

ويهه ٻاويهه سال اڳ جڏهن مون کي سنڌ جي تاريخ سان شغف پيدا ٿيو، تڏهن مون صديقي صاحب جي ٿيسز خريد ڪري پڙهي هئي. هڪ جاءِ تي، سنڌ جي سورهيه سپهسالار دريا خان بابت سندس وضاحتي حاشيو هو، جو

تاريخي اعتبار کان غلط ڏسڻ ۾ آيو. مون ان بابت ڀرپور مقالو لکي رسالي "مهراڻ" ۾ ڇپرايو. (١-٢/ ١٩٨١ع). سندس هڪ مضمون جي علمي لحاظ کان وڏي هاڪ هئي. اهو مضمون سنڌ ۽ مهدي جونپوريءَ جي تعلق تي هو. مون وڏي ڪوشش سان ان مقالي جي اصل ڪاپي هٿ ڪئي ۽ ان کي سنڌي ويس ڍڪائي "مهراڻ" رسالي ۾ شايع ڪرايو (١٩٨٧/٢ع). سال ١٩٩٢ع ۾ ترجمن تي مشتمل منهنجو ڪتاب "مطالعو سنڌ جو" ڇپجي تيار ٿيو، تڏهن مهدي جونپوريءَ واري مقالي کي بہ ان ۾ شامل ڪيو ويو. مون ڪتاب جي هڪ ڪاپي صديقي صاحب کي بہ موڪلي ڏني، ليڪن وٽانئس پهچ جو ڪوبہ اطلاع ڪونہ پهتو. بہ سال اڳ مخدوم بلال جي شهادت جي باري ۾ هڪ غير ضروري بحث ڇيڙيو ويو، تڏهن مون کي بہ ان مباحثي ۾ گهلي آندائون. مون هن بحث جو جواب لکندي "تاريخ معصومي" جي صديقي صاحب واري ڇاپي کان بہ گهڻي مدد ورتي. ارمان رڳو هي آهي تہ ڊاڪٽر صاحب هي ڪم ڪندي ڪتاب جا ڪجهہ حصا ڇڏي ڏنا آهن، ٻي صورت ۾ ان جي اهميت اڃا بہ وڌي وڃي ها.

پاڪستان جي هن نامور اسڪالر سنتر سالن جي ڄمار ۾، ٨- جنوري ١٩٩٣ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي. گهڻو پوءِ هن جي رحلت جي باري ۾، سندس ساٿي ۽ دوست ڊاڪٽر رياض الاسلام صاحب نهايت ڏک مان هڪ خط رستي اطلاع ڏنو. پاڻ صديقي صاحب جي حياتيءَ بابت مواد موڪليندي، حڪم ڪيو تہ هن جي باري ۾ معلوماتي مضمون لکي شايع ڪرايان. صديقي صاحب جي رحلت سان سنڌ هڪ سنجيدي ۽ معتبر محقق کان محروم ٿي آهي. هو اسان جي سائين حسام الدين راشدي صاحب جو قريبي رفيق هو. ان تعلق کي سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده چيئرمن سينيٽر حسين شاهہ راشدي صاحب خوب نڀاهيو. جڏهن ڊاڪٽر صديقي صاحب ڪنهن حاجت سبب ذاتي ڪتبخانو وڪڻڻ چاهيو، تڏهن سائين حسين شاهہ راشدي اڳتي وڌي هن جي مدد ڪئي هئي. ان طرح اهو ڪتبخانو سنڌ جي ثقافت کاتي خريد ڪري هميشہ لاءِ محفوظ ڪري ورتو.



Gul Hayat Institute

# محبت جي مٺي ٻولي هتي ڪانهي، هُتي هوندي

## انور هالائي جي ياد ۾

منهنجي لاءِ اها ڪيڏي نه فخر جي ڳالهه هئي ته انور هالائي صاحب پنهنجن ويجهن ۽ عزيز ترين ادبي دوستن جي مختصر فهرست ۾، مون کي هميشه سرِ فهرست رکندا ۽ قرب ڏيندا هئا.

منهنجي ادبي زندگيءَ جو مشاهدو آهي ته ڪي ڪي وڏا شاعر ۽ اديب وڻ وانگر ته بلاشڪ هوندا آهن، پر منجهن ڇانوَ نالي ماتر به ڪانه هوندي آهي. اُنهن سڀني جي مقابلي ۾ انور صاحب جي شخصيت ڪنهن وڻ وانگر به هوندي هئي ۽ ان کان سواءِ منجهن اسان يارن لاءِ ڇانوَ به هر وقت ڪيڏي نه ٿڌڙي موجود هوندي هئي.

مون کي ياد آهي ته ”گل ڦل“ جي ايڊيٽريءَ واري زماني کان وٺي، جڏهن اسين اڃا ننڍڙا نوجوان ۽ پتڪڙا ليکڪ ٻڇڙي هُن سان ملڻ ويندا هئاسين ته موٽ ۾ هُن جي سڀاوَ ۾ اسان لاءِ ايڏي ته سڪ ۽ پنهنجائپ پئي جهلڪا ڏيندي هئي جو جڻ پاڻ دعوت پيا ڏيندا هئا ته اچو ۽ منهنجي من تارين تي وَيهو ۽ اچي جهڪو ڀڪو. ۽ مون کي سارو ٿي آهي ته محمود مغل، خدا بخش ابڙو، نياز پنهور، طارق عالم ۽ اسين سڀ ان زماني ۾ هن جي من تارين تي ٻوليندڙ ڪن پکين وانگر ئي ته هوندا هئاسين- ننڍڙا پتڪڙا معصوم ۽ ٻالا ڀولا.

انهن ڪچهرين ۾ پاڻ چٽ چيت ڪندي دڙڪا دهمان به پيا ڏيندا هئا ۽ اسين وري ادب، اخلاق ۽ وضعداريءَ جي دائري ۾ رهندي، انور صاحب سان پنهنجن ڪچين ڦڪين لکڻين کي ’گل ڦل‘ جي ايندڙ شماري ۾ ڇاپڻ لاءِ تاڪيدي انگل به پيا ڪندا هئاسين.

۽ اُن اڻ وسرندڙ زماني کان وٺي، انور صاحب کي وفات کان صرف چار ڏينهن اڳ تائين، ٦٨ ورهين جي ڄمار سوڌو مون مسلسل ڏٺو هو. ۽ مون کين جڏهن به ڏٺو ۽ جنهن به look سان ڏٺو، پاڻ ڪڏهن به مون کي اوور ايج ماڻهن وانگر ڪونه لڳا. سدائين هشاش بشاش، چاق و چوبند. اڇا اُجرا. ڪلين شيوُ. نه چهري ۾ گهرجون نه آواز ۾ لرزش. انهن ورهين جي ڄمار ۾ ٻوءِ شايد ’اِسٽڪ‘ به ڪنهن اڻ لکي ڊپ سبب کڻڻ لڳا هئا ته هلندي ٿنگون اوچتو مٿان ڪٿي جواب نه ڏيئي ويهن، نه ته اُن زماني ۾ هوندئن ٻنان اسٽڪ جي به مون کين ڪيئي دفعا هلندي ۽ گهمندي ڏٺو هو. انور صاحب جن جي هڪ ٻي به خاص خوبي هوندي هئي، ۽ اها هيءَ ته کين هر ايج ۽ هر سطح جي ماڻهوءَ کي خوش اسلوبي سان ڊيل ڪرڻ جي وڏي مهارت حاصل هوندي هئي. ڪچهريءَ ۾ جي پاڻ کان ننڍن ۾ موجود هوندا هئا ته جهٽ ۾ جهڙوڪر محفل جا مور بڻجي ويندا هئا ۽ محفل جي هڪ جيڏن جي هوندي هئي ته انهن ۾ وري انتهائي سنجيده ۽ وضعدار پيا ڏيکائي ڏيندا هئا. (۽ ڪيڏو نه افسوس پيو ٿئي ته سنڌ مان ڀرين، ٻئي ۽ ٽئين صف جا وضعدار ماڻهو به آخرڪار لڏيندا پيا وڃن ۽ نه پرجڻ جهڙا خال پويان ڇڏيندا پيا وڃن). مون کي ياد آهي ته سيارو ايندو هو ته انور صاحب ڳلي ۾ مفلر ضرور پائيندا هئا. ڪڏهن جو ڳلي ۾ مفلر ۽ هٿ ۾ اسٽڪ واري ان ڪاسٽيوم ۾ ڪٿي نظر اچي ويندا هئا ته مان کين اڪثر حجت مان چئي ڏيندو هئس: ’انور صاحب! ان ڪاسٽيوم ۾ سچي ڳالهه آهي ته صفا مولانا ’حالي‘ پيا لڳو! تڏهن پاڻ فخرمند مرڪ مرڪي، خاموش اکين سان ڄڻ ورائيندا هئا ته: ”يار! پوءِ ڀلا پاڻ ڪو ڪنهن کان گهٽ به آهيون ڇا؟“

۽ مون کي اهو به ياد آهي ته سندن ’گل ڦل‘ واري آفيس هجي يا مهراڻ واري، سندن هالن وارو دڪان

Gul Hayat Institute

اُها شام تہ خير ڪانہ ٿي سگهي هئي، پر انور صاحب جي مون ناچيز سان اها ڪرم فرمائي ڇا مان ڪڏهن وساري سگهندس؟ شايد ڪڏهن بہ نہ!

اها ڳالهہ بہ اجا جهڙوڪر ڪالهہ ڪالهوڻي ئي آهي جڏهن انين جنوريءَ تي مان ۽ ادل سومرو حيدرآباد مان هلي ڪيس سندس نوجوان پُٽ آفتاب جي ڪمهلي لاڏاڻي جو پرسو ڏيڻ ويا هئاسين. سندن دڪان "ڪتابستان" تائين پهتاسين تہ خبر پئي تہ آرامي آهن ۽ روزاني جي معمول مطابق پنجين وڳي سجاڳ ٿيندا. تيستائين انتي ئيwaitڪريو.

پنج لڳي ڏهہ منٽن تي اوطاق طور استعمال ٿيندڙ بينڪ ۾ سندن پائيتي سجاڻ شاعر امتياز ابڙي جي رهنمائي ۾ پهتاسين تہ ڳراٽڙي پائي اشڪبار ٿي ويو گفتگوءَ جو سلسلو شروع ٿيو تہ انور صاحب جو ننڍو ڀاءُ ۽ محبتي دوست سائين شوڪت ابڙو صاحب بہ اچي ويو.

مون انور صاحب جي چهري ۾ ڏٺو، نوجوان پٽ جي صدمي هن کي هٽي نڍال ڪري ڇڏيو هو. هالا جون قديم علمي ادبي محفلون، مشاعرا، رونقون، قبلہ مخدوم طالب المولیٰ سائين واريون صحبتون ۽ همعصرن جون رفاقتون، سڀ جهڙيون ڪر پويان ڇڏي، هو ڪمري جي چوديواريءَ اندر هڪ پلنگ تائين محدود ٿي رهجي ويو هو. چيائين پئي: "نصير صاحب! وڏن ماڻهن مان وڏيٺو نڪري ويو آهي ۽ زماني کي بہ الائي ڇا ٿي ويو آهي. دوستن ۾ اها خوشبو نہ رهي آهي... ۽...۽..."

۽ پنهنجي ان گفتگو ۾ انور صاحب گذري ويل شاندار دؤر کي دهرائڻ پئي چاهيو. مخدوم صاحب سان پنهنجي رفاقتن ۽ صحبتن جو تفصيل سان تذڪرو پئي ڪرڻ چاهيو، پر نِما شام ٿي چڪي هئي ۽ اسان کي واپس حيدآباد بہ موٽڻو هو.

روانگيءَ لاءِ جڏهن انور صاحب ڪان بينڪ جي دروازي وٽ ڀاڪر پائي موڪلايوسين تہ منهنجي نظر هڪ دفعو ٻيهر هن جي چهري ڏانهن کڄي وئي هئي. مون ڏٺو تہ هن جي اکين ۾ جيڪو تيل هو، لڳو پئي تہ هو ٻاري ختم ڪري چڪا آهن.

۽!

انور صاحب سان ان ملاقات کي ٽئي پنجون ڏينهن هو جو، ١٢ جنوري تي، صبح سان فون جي گهنٽي وڳي. اتاولو ٿي رسيور کنيم تہ هُن پار کان سوز هالائي صاحب روئڻهارڪي آواز ۾ اطلاع پئي ڏنو:

يارَ! ڏک جي خبر ٻڌايئين ٿو،

رات هن جي وفات ٿي ويئي.

سوز صاحب کان، صبح سان، انور صاحب جي ان اوچتي لاڏاڻي جي خبر ٻڌي، اکين ۾ اوچتو ڇڻ آلاڻ جو تهہ وڇائجي ويو هو. ٻئي ڏينهن پنهنجي دوست محمود مغل سان گڏجي هالا پهتس تہ انور صاحب گهر کان قبرستان وارو مختصر فاصلو طئي ڪري، پنهنجي تربت ۾ وڃي آرامي ٿيا هئا ۽ خوشبودار چيڪي مٽيءَ سان تعمير ٿيل سندن تربت تي گلاب جا گل مهڪي رهيا هئا. پڇيم تہ هي تربت ۽ اهڙي انداز سان اينرو جلد ڪيئن تعمير ٿي وئي؟ تڏهن اسان سان گڏ اتي موجود امتياز ابڙي ٻڌايو پئي تہ هالا جي روايت آهي تہ تربت فورن ٻئي ڏينهن ان انداز سان تعمير ڪرائي ڇڏبي آهي.

امتياز ابڙو جيڪو انور صاحب جو پائيتو بہ آهي، پوءِ 'پتر' تي ويني ٻڌايو پئي تہ اڌ رات جو انور صاحب جو

Gul Hayat Institute

بلڊ پريشر هاءِ ٿي ويو هو. تڏهن پاڻ جنهن ڪمري ۾ رات جو رهندا هئا. اتان پنهنجي تازو يتيم ٿي ويل پوٽي کي فون ڪري پنهنجي طبيعت جو احوال ڏنائون. اهو نوجوان تڪڙو تڪڙو پنهنجي گهران اتي پهتو ته پويان ڊاڪٽر به پهچي ويو هو. خبر پئي ته 'برين هئمرج' جو حملو آهي پر مائنر... انور صاحب کي ڊاڪٽر فرسٽ ايڊ ڏني ته ڪين آرام اچي ويو ۽ سندن پوٽو سيرانديءَ کان ڪرسي وجهي ويهي رهيو. شايد صبح جا پنج ٿي رهيا هئا جو نوجوان کي شڪ پيو ته انور صاحب ساهه ته ڪٿي ئي ڪونه پيو. ڪرسيءَ تان اٿي سندن منهن تان چادر جو هٽايائين ته انور صاحب ته اتي هئائي ڪونه.... هو ته ننڊ ۾ ئي صبح جي ستاري ڏانهن هليا ويا هئا.

انور صاحب جن جي گهرن واري گهٽيءَ مان پوءِ واپسيءَ واريون وکون کڻندي، امتياز ۽ سوز هالائي انور صاحب جي باري ۾ ڳالهيون ڪندي پئي هليا ۽ هون دلگير ٿي سوچيو پئي ته "ڪتابستان" کان وٺي پنهنجي گهر جي مخصوص پلنگ تائين انور صاحب کي هاڻي ڇا ڪٿي به ويٺل نه ڏسي سگهبو؟ ۽ ڇا انور هالائي صاحب سان هاڻي هالا وڃبو ته ڪڏهن به ملاقات نه ٿي سگهندي! ۽ ڇا اهو ڏک، اهو صدمو مون جهڙي حساس ۽ ڏکئي ماڻهوءَ لاءِ ڪو ننڍو ڪو گهٽ صدمو آهي.

تڏهن اکين ۾ آب آئي، پاڻ کي پاڻهي جواب ڏنو هئم ته شايد قطعي نه! -

- نصير مرزا

*◆*

## منهنجو ادبي رهبر- هالائي صاحب

هالا،

١٣ جنوري ٩٥ع، جمعو

ٻه پهر... پوڻا ٽي..

مخدوم نوح رحمة الله عليه جي درگاهه جي ڏکڻ واري پاسي، لوهي در جي هن پار هڪڙو شهر خموشان آباد آهي. هڪجهڙين قبرن جون قطارون آهن. الائي ڪيترا شفيق، نرم خو وجود هتي ليٽيل آهن، جن پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ الائي ڪيترن کي نوازيو هوندو ۽ هاڻي پنهنجي ربِ ذوالعنن جو ڪرم ۽ رحمت ڪين نوازي رهيا هوندا. ڪن قبرن تي ڪتبا آهن، ڪي بي نام! ائين ئي، جيئن حياتيءَ ۾ الائي ڪيترا ساهه کڻندڙ گمنام هوندا آهن، انام هوندا آهن.

بارِ الاها،... هتي هُو ئي ليٽيل آهي، جنهن سدائين مون تي هٿ رکيو، مون سان محبت ڪئي، مون کي پنهنجن پٽن جي صف ۾ ويهاريو. جيڪو سدائين مون سان اُٿي ملندو هو ۽ جنهن جي پيرن تي هٿ رکندي مان محسوس ڪندو هوس ته جڻ مون پنهنجي پيءُ جا پير ڇُهيا هجن... ها... مان هن جو پٽ ئي ته هوس ۽ اڄ فرق صرف اهو آهي ته هُو ڇُري پُري نه ٿو سگهي ۽ مان متحرڪ آهيان، بظاهر حرڪت ڪري وڃي پهچي سگهان ٿو.

قبرستان ۾ گهڙڻ مهل، خوبصورت ليکڪ ۽ سائيءَ جي رت جي رشتي ۾ ٻڌل امتياز ابڙو منهنجي ڪن ۾ جڻ سرگوشي ٿو ڪري:

"تون چاچا کي ڳولڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪونه محسوس ڪندين."

منهنجي اندر ۾ جڻ آرا مشين ٿي هلي، اياز چيو ته دل تيز پرندي وانگر آ، تون ان جا پَرَ ڪوهي سگهندين... اهي پَرَ هنن ساعتن ۾ تيزيءَ سان ڦڙڪا ڏئي رهيا آهن. سامهون، قبرن جي قطار ۾ بلڪل آخر تي هڪڙي ساڳئي

Gul Hayat Institute

نموني جي قبر.بلڪل منفرد ٿي لڳي، آلي آلي. صرف ان ڪري ته مان بنان ڪنهن تعارف جي سڃاڻي وڃان. مان ڳريون وڪون ڪڻندو، پيرانديءَ اچي بيهان ٿو. اچ اهو ڪشادو سينو ڪونهي. هوا ٿڌي آهي، گرميءَ جو ڪوبه نالو نشان ڪونهي. گرمي ته هن آلي مٽيءَ هيٺان آهي، محبت جي... خلوص جي...

مان ڪنڌ ورائي ٿو ڏسان. بريان سوز صاحب ۽ نصير پاڻ ۾ گفتگو ڪندا، قبرن جا ڪتبا پڙهندا اچي رهيا آهن. سڀ آواز گم ٿي رهيا آهن. اکين ۾ ڌنڌ وسيرو ڪري ويو آهي. آلي ڪاغذ تي تصوير جا سڀ رنگ گڏ مڏ ٿي ويا آهن.

۷۵-۱۹۷٦ع جو زمانو هو. تقريباً ويهه سال پهرين. عمر عزيز پهريون ڏاڪو ٽپي ٻئي ۾ داخل ٿي هئي. جنون هو لکڻ جو. ڪيئن لکجي، ڇا ڪجي، جو ماڻهو نامور اديب ٿئي ۽ وڏو ليکڪ، جنهن جي مدح سرائيءَ ۾ پنا ڪارا ڪيا وڃن، جنهن جي ست ست اندر ۾ عذاب برپا ڪري. خوف هو اندر ۾... الائي نامور قلمڪار ڪيئن هجن. ۽ تڏهن اسين چار جڻا لکڻ ۽ هڪٻئي کان گوءِ کڻڻ جي چڪر ۾ هوندا هئاسين. عبدالرحمان سيال، انعام علي ملاح، نياز پنهور ۽ مان. مُنزل سُتَ جو ڪو ڇيڙو هٿ نه پئي آيو، پر اوچتو هڪ ڏينهن نياز ٻڌايو ته "انور صاحب ڏاڍو نرم دل، بااحساس ماڻهو آهي. سائس ملون ٿا. من هن دنيا ۾، ادبي دنيا ۾ ڪو Push up ملي پوي."

ڏڪندڙ پيرن سان سائينءَ جي آفيس ۾ گهڙيا هئاسين. پهرين نياز، پوءِ سيال، پوءِ مان ۽ پوءِ انعام. آفيس ۾ ڇا گهڙياسين، هر هڪ جو جڻ وارو وڃي ويو. هڪ بزرگ دوست ملي ويو. هر ڳالهه سمجهائيندڙ، هڪ هڪ نقطو ڏسيندڙ. انعام، سيال ۽ نياز وقت گذرندي ان آفيس مان جند ڇڏائي ويا، مان نه ڇڏائي سگهيس. سائين رٽائر ٿيو پوءِ ئي اتان گڏجي نڪتاسين.

تنهن زماني ۾ پاڻ ماهوار "گل ڦل" جا ايڊيٽر هئا. مان ۽ سيال سڄي ٽپال کوليندا هئاسين. ڪم وارن خطن کي اندر لائن ڪندا هئاسين. ڪمپوزنگ، پرنٽنگ، لي آئوٽ... هر شئي تي سائينءَ جي گهري نظر هوندي هئي ۽ پاڻ هر ڪم ۾ اسان کي شريڪ رکندو هو. خاص طور تي کيس شوق هو ته اسان ادبي ميدان ۾ اڳيان اچون. نياز شاعريءَ ۾ سکيا ورتي، عبدالرحمان ۽ مون ڪهاڻيءَ ۾. سندس زور هو ته ماڻهو مستقل مزاج هجي، جاکوڙي هجي، محنت کان نه ڪيٻائي ۽ ڪڇوءَ وانگر هڪ مستقل چال سان هلندو رهي. مون اهو سڀ هنئين سان هنڊايو ۽ رب پاڪ مون کي اڄ جيڪا به حيثيت ڏني آهي، اها هالائي صاحب جي نصيحتن جو ئي نتيجو آهي.

سائين هڪ ڪشادہ ذهن، کُليل سوچ رکندڙ انسان هو. ادبي تضادن جي سامهون اچڻ تي به هُو سدائين تجزيه نگاري ڪرڻ کان لهرائيندو هو. کيس پڙهڻ جو جنون هو ۽ جيڪو ڪتاب هٿ ايندو هوس پهرين پاڻ پڙهندو هو ۽ پوءِ مون کان ضرور پڙهائيندو هو. سنڌي ادبي بورڊ ۾ سائينءَ جي موجودگيءَ ۾ جيترو ڪجهه مون پڙهيو هوندو، اوترو شايد ئي ڪنهن ٻئي جي نظر گذاريو هجي.

شعر جو ذوق منجهس اعليٰ هو. سنو شعر سندس ڪمزوري هو ۽ موقعي جي نسبت سان سٽيت سندس ذهن تي تري ايندي هئي. ڪنهن زماني ۾ سائس ملڻ ۾ ڪجهه دير ٿي هئي. ڪجهه وقت وچ ۾ آيو هو. سامهون آيو مانس ته مُرڪندي چيائين:

جڏهن هيئڙو ڪري ڪوڪون، ٻڌائي پاڻ کي ڪوئل
جڏهن اکڙين ۾ ٿئي آلاڻ، سمجهو جاڻ ملنداسين

مخدوم صاحب جن سان کين ازحد عقيدت هئي ۽ اهوئي سبب هو جو سندس وفات کان پوءِ پاڻ ڪنهن

Brittle ٿانوَ جيان ٿي پيو هو... هڻ لاءِ ته پور پور. پاڻ کي ڪمپوز رکڻ جي ڪوشش ڪندو هو، پر اهي احساس ته ڪيس سندس خدمت ۽ حيثيت مطابق مڃتا نه ملي هئي ۽ هڪ هڪ ٿي هرڪو ڪانئس الڳ ٿي رهيو آهي، جيءُ جهوري رهيا هئس.

۲۵ ڊسمبر ۱۹۹۴ع تي، سندس وڏي پٽ آفتاب جي وفات تي تعزيت ڪرڻ ويس ته پاڪر پائيندي چيائين، "هڪڙو پاءُ تنهنجو کُٽي ويو..." لفظ بي صدا هئا. هوائن ۾ ڪو ست ڪونه هو. الائي ڪيتري دير وينو هئس مان. پاڻ ئي چيو هئائين:

"بس هاڻي دعا ڪجانءِ ته ڪنهن ٻئي پٽ جي مٽي نه لتيان. هاڻي منهنجي مٽي منهنجن پٽن کي لتاڙڻ گهرجي."

منهنجي دعا جي ڪا به ضرورت نه هئي، ڇاڪاڻ ته ٺيڪ ۱۷ ڏينهن پوءِ اها دعا ازخود پوري ٿي وئي هئي. مخدوم صاحب ٻارهين جنوريءَ تي جهان ڇڏيو هو، پاڻ هڪڙو ڏينهن ترسي ٻارهين جنوري ۹۵ع تي هن دنيا مان موڪلايو. محبت ڪرڻ وارن ڪان پري رهڻ ڪو تجربو ڪونهي.

مان قبر تان اٿان ٿو... سوز صاحب پاڪر ٿا پائين.

"اوهان ته جذباتي ٿي ويئو."

مون اٿندي سوچيو هو. "مولاءِ ڪُل! ڇا هالا ۾ مان رڳو تعزيت ئي ڪرڻ ايندو رهندس، مخدوم صاحب جي، آفتاب جي، هالائي صاحب جي... ڇا مون وٽ ائين اچڻ جو ڪو به موقعو ناهي...؟

اتي ئي اندر مان جواب ٿو اچي...

"مان آهيان نه.... انور هالائي، آسوده خاڪ... مان منتظر رهندس... سدائين جيان.... مون سان ملڻ اچجانءِ."

"قبلا انور سائين! ماڻهو جملا گهڙيندو آهي، ۽ مان ته واقعي به اوهان ڪان جملا گهڙڻ سکيو هوس، پر هنن ساعتن ۾ پريل نڙيءَ سان مان هڪڙو ئي جملو لکي سگهان ٿو ته سڀ لفظ ڏنڊ ۾ گم آهن. ڪوشش ڪئي اٿم اوهان جي ياد پنن تي منتقل ٿئي پر نه ٿي سگهي آهي، ائين ئي جيئن اوهان کي پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ جائز مقام نه مليو.

**- محمود مُغل**



Gul Hayat Institute

# زندگي وئرڻ وئي واجد، مگر...

## نيڻ واجد اسان کان وڇڙي ويو!

نيڻ اهوئي ٿيو جنهن جو ڊپ هو. واجد جي زندگيءَ جو پڪي ڪنهن ڏورانهين ڏيهه ڏانهن اڏامي ويو. سنڌ جي هن دلبر ماڻهوءَ جي زندگي بچائڻ جي سلسلي ۾ ڪابه ڪوشش ڪامياب نه ٿي سگهي. عيد جي اڳئين ڏينهن شام جو ادل سومري سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ٿي ته ان اها ڏکوئيندڙ خبر ٻڌائي ته "ڪراچيءَ مان اطلاع آيو آهي ته واجد گذاري ويو!" جنهن ڏينهن ماڻهن عيد ڪئي، ان ئي ڏينهن واجد ڌرتيءَ ماءُ جي حوالي ٿيو. مون ادل کي چيو هو ته آءٌ لاڙڪاڻي پهچندس، پر وڃڻ جي همت ٿي نه سگهي. انهيءَ معاملي ۾ مان ڏاڍو ڪمزور ماڻهو آهيان. جڏهن صرير پنهور گذاري ويو هو، تڏهن به وڃي ڪونه سگهيو هوس. هن ڀيري عيد کان ٽي ڏينهن اڳ ڳوٺ پئي ويس ته سوچيم ته عيد کان اڳ لاڙڪاڻي واجد ڏانهن ويندس. ڳوٺ ويندي سعيدآباد مان اخبار ورتم ته اها خبر پڙهڻ کان پوءِ سوچيم ته واپس اچي ڪراچي ويندس. پر شايد واجد سان ملاقات نصيب ۾ ئي نه هئي ۽ واجد جي وڇوڙي جي خبر ٻڌڻ کان پوءِ محسوس ٿيو ته جيون واقعي هڪ وڏو عذاب آهي.

واجد تمام گهڻي وقت کان بيمار هو. ڪيس هڪڙي نه پر ٻه ٽي بيماريون هيون، جن ڏانهن ڪنهن ڌيان ئي نه ڏنو. واجد جي دوستن پنهنجي حال آهر سندس ٿوري گهڻي مدد پئي ڪئي. شاباس آهي دوست احمد سولنگيءَ کي، جنهن واجد جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ خاطر اسان جو عرض وڏي وزير سائين عبدالله شاهه تائين پهچايو، ۽ هن صاحب اهڙو اعلان به ڪيو ۽ واجد جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ جو انتظام به ڪيو پر ڏاڍي دير ٿي چڪي هئي. واجد کي موت مهلت نه ڏني. موت ته برحق آهي ۽ اها گهڙي هر ڪنهن تي اچڻي آهي، پر استاد بخاري، صرير پنهور، استاد گلزار علي خان ۽ عبدالله مگسي جي وڇوڙن جي اذيت کان پوءِ واجد جو موت ڪنهن وڏي سانحي کان گهٽ ڪونهي. جو ته هن دور ۾ به اسان جا ذات ڏٽي وقت سر علاج نه ٿيڻ ۽ اسان جي بي توجهي جي ڪري وڇڙي وڃن، ته ان کان وڏو ٻيو ڪهڙو سانحو ٿي سگهي ٿو.

سيد عبدالله شاهه واجد جي سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ جي اعلان ڪرڻ وقت اهو به چيو هو ته سنڌ جي ذات ڏٽين جي سهائتا لاءِ مستقل بنيادن تي انتظام ڪرڻ جي سلسلي ۾ سنڌ جا اديب سفارشون موڪلين ته جيئن ذات ڏٽين جي بر وقت مدد ۽ سهائتا لاءِ اپاءَ وٺي سگهجن. ان سلسلي ۾ مون اڳ ۾ به گذارش ڪئي ته فڪس (انڊوومينٽ اڪائونٽ) ۾ جمع ڪرائجي، ته ان رقم مان تقريبن ان لک روپيه ساليانو مارڪ اپ ملندو. ان رقم مان ذات ڏٽين جي سهائتا جو مستقل بنيادن تي مسئلو حل ٿي ويندو. ان مقصد لاءِ سينيئر اديبن تي مشتمل هڪ ڪميٽي به جوڙي وڃي، جيڪا ضرورت مند ذات ڏٽين جي نشاندهي يا سفارش ڪري. منهنجي خيال ۾ ذات ڏٽين جي وقت سر سهائتا ڪرڻ لاءِ ان کان بهتر ٻيو ڪوئي به طريقو ٿي نه ٿو سگهي ۽ پوءِ ڪوبه ذات ڏٽي ائين وقت سر مدد نه ملڻ جي ڪري اسان کان نه وڇڙي سگهندو.

هن وقت به سنڌ جا ڪافي ذات ڏٽي ۽ ليکڪ مختلف بيمارين جو شڪار آهن. انهن ڏانهن فوري طور تي ڌيان ڏيئي سندن زندگيءَ جو ڏيئو اجهامڻ کان اڳ سندن علاج ڪرائي کين بچائي سگهجي ٿو. ان معاملي ۾ ڪا به دير نه ٿيڻ گهرجي. ذات ڏٽي اسان جو قيمتي سرمايو آهن. انهيءَ قيمتي سرمايي جي حفاظت ڪرڻ اسان سڀني جو گڏيل فرض آهي ۽ ان فرض جي پورائي لاءِ ڪا به ڪوتاهي نقصان ڪار ثابت ٿي سگهي ٿي.

– مرتضيٰ سيال

Gul Hayat Institute

# واجد نہ وڏو شاعر هو

واجد سان شخصي ڄاڻ سڃاڻ نہ اينتري ڪا نہ هئي، بس آخري ٻہ ملاقاتون ٿيون ۽ پوءِ فقط واجد جي تصوير ۽ تصور سان گڏ سندس تحريرون سامهون آهن.

واجد سان پهرين ملاقات ان جاءِ تي ٿي هئي، جتي هو زندگيءَ سان حياتيءَ جي آخري جنگ لڙي رهيو هو. ڪيس ڏسندي ۽ ٻڌندي الائي ڇو لطيف سائينءَ جي هي سٽ ياد اچي رهي هئي:

"سرجيس تان سور، سامايس نہ سُک ويا"

واجد جي زندگيءَ جي بهارن، اونهارن ۽ سيارن بابت نہ سندس دوست ئي ٻڌائي سگهندا. مان روايتي طريقي کان هٽي ڪري هيئن چوندس نہ واجد پنهنجي سموري حياتي ويڙهہ ڪندي گذاري. ٻالپڻ کان غربت ۽ مايوسين سان مقابلو ڪندو ۽ چوئيتاليهہ سال ئي ننڍي وڏي جنگ ڪندي آخر امر ٿي ويو.

عالمي شهرت رکندڙ نظم "پوڙهو ملاح" (Ancient Mariner) ڪالرج جي تحرير آهي، جنهن جو هڪ منظر آهي زندگي ۽ موت. هڪ ٻيڙيءَ منجهہ، جيڪا اٿاهہ سمنڊ جي ڇولين جي رحم و ڪرم تي آهي، ڏاري راند ڪري رهيا آهن. هر ڏر راند کٽڻ جي لاءِ ڪوشان آهي. زندگيءَ وارو ڪيڏاري هڪ ڪمزور ۽ نبل جسم، وات سڪل ۽ منهن سڪل، موت جي طاقتور ۽ روبوٽ نما ڪيڏاريءَ سان راند ڪيڏڻ ۾ رڌل آهي. مون کي واجد بہ ائين ئي ميڊيڪل سينٽر ۾ راند ڪُڏندي نظر آيو. ان طرح سان واجد ۾ مون کي اهو بين الاقوامي عظمت ۽ شهرت رکندڙ ڪردار نظر آيو، جيڪو اسان دنيا آڏو پيش ڪري سگهون ٿا.

واجد جو ٿورائتو آهيان جنهن پنهنجن ڏکندڙ هٿن سان پنهنجي جگر جو ٽُڪرو "آءٌ اوهان جو آهيان" منهنجي حوالي ڪيو. واجد جا هٿ سرديءَ کان ڪونہ ڏکي رهيا هئا ۽ نہ وري ڪو ڪنهن جو ڊپ هئس. هو ان جاءِ تي هو جتي ڪيس ڏسي ٿوري دير لاءِ چپ اچي ويم ۽ هانوَ ڪي بوسٽ محسوس ٿيڻ لڳو. واجد زندگيءَ سان تن تنها لڙي رهيو هو، فقط چند دوستن جي سهاري، جن جو هن ذڪر ڪيو آهي. انهن ۾ جناب عبدالقادر منگي، جناب غلام نبي مغل، پروفيسر رزاق مهر، ڊاڪٽر محمد خان شيخ ۽ پروفيسر محمد علي پناڻ جا نالا ڪنيائين. هن چيو نہ هاڻي آءٌ دوستن جي ئي سهاري آهيان، پر مون کان الائي ڇو ڊائري ١٠- ٢-٩٥ع تي هي لفظ لکجي ويا.

"هاڻي هو (واجد) ان ظالم .... ڪي دوستن واري نماڻي نهار سان ڳولي رهيو هو، جيڪو ڪيس هنن سڄڻن ۽ همدردن کان جدا ڪري. هن زماني جي دردن ۽ سورن کان نجات ڏيارڻ وارو آهي."

Gul Hayat Institute

واجد نہ ڪو وڏو شاعر هو. انگريزي ادب جي جڳ مشهور شاعر جان ڪيٽس بہ ائين ئي تنها زندگي گذاري ۽ ادب ۾ وڏو نالو ڪيڊي ويو. هن شاعري، خط ۽ نوان جوڙيل لفظ ڏنا جيڪي سندس شهرت ۽ عظمت جا مظهر آهن، هن زندگيءَ جي ڇويهن بهارن ۾ اينترو ڪجهہ ڏنو جو انگريزي ادب ۾ سندس وڏو قائم ٿي ويو.

واجد بہ اهڙي ڪي پنهنجن چوئيتاليهن اونهارن ۾ شاعري ۽ ڊائري ڏني آهي، جنهن کي اسان عالمي ادبي ليول تي پرکي سگهون ٿا.

واجد جو مطالعو وڏو هو. سقراط کان وٺي اياز تائين هن تاريخ، فلسفي، انسان شناسي، سنڌ شناسي، حالات

مانوارا سائين نفيس احمد شيخ صاحب!

عرض ته ڪالهه بئي اوهان ڏانهن خط لکيو هئم - ته "اڪادمي ادبيات" وارن جو چيڪ پهتو آهي. پر اڄ جڏهن چيڪ جمع ڪرائڻ لاءِ بئنڪ پهتس ته هنن چيڪ جمع ڪرڻ کان انڪار ڪري معذرت ڏيکاري جو چيڪ ۾ "خالق واحد" جي نالي لکيل هئو. هنن چيو ته چيڪ اڪادمي وارن ڏانهن واپس ڪرائي ۽ ڪين چيڪ ته نالو درست ڪن - ان لاءِ مون اڄ ئي ارجنٽ ميل سروس تحت چيڪ ۽ ليٽر لکي ڪين روانو ڪيو آهي - اُن ۾ قومي شناختي ڪارڊ جي ڪاپي ۽ مڪمل ائڊريس پڻ روانو ڪئي آهي - ڪالهه وارو (اوهان ڏانهن لکيل) خط ۾ بيو تفصيل ته اوهان ڏانهن روانو ڪيو اٿم. اُميد ته ان ڏس ۾ اڪيڊمي وارن ڏانهن لکندا — مون کي اوهان جي خط جو بيحد اوسيئڙو رهندو.

ٻيو سڀ سُک.

اوهان جو ممنون

واحد

لاڙڪاڻو 18.11.90

22.

حاضره ۽ علم و ادب جو ڀرپور جائزو ورتو هو.

سقراط جو سچ خاطر زهر پيئڻ، واجد پنهنجي نظم "جيون پيتا" ۾ سهڻي نموني سمجهايو آهي. سقراط سوچيو هوندو ته هن جو سچ خاطر زهر پيئڻ کان پوءِ شايد اهڙو واقعو وري نه ورجائبو، پر واجد چوي پيو:

سچ کي سک جو ساهه کڻڻ
اڄ به کٿي ناهي نصيب
سچائيءَ سان سوچڻ وارن جي هٿڙن ۾
اڄ به آهن، زهر جا جام!

واجد جي آڏو انسان شناسي هڪ اهم موضوع رهيو آهي، جنهن جو مطالعو هن شروع کان وٺي ڪيو آهي. واجد جنهن زاويي کان مطالعو پيش ڪيو آهي، اهو سفر ماڻهوءَ کان انسان تائين ۽ انسان کان دانشور ٿيڻ تائين پنهنجن ئي لفظن ۾ هن طرح پيش ڪيو اٿس:

ڪير آهين
سائين مان انسان آهيان
بئنڪ بئلينس ڇا اٿئي؟
بنهه نه، مان صفا سچو هان سائين!
پوءِ باباڪيئن چوين ٿو ته تون به ڪو انسان آهين؟

هن دؤر ۾ انسان ٿيڻ لاءِ بئنڪ بئلينس ضروري هجڻ هڪ زوردار طنز آهي ۽ انسانيت جي منهن تي چمات مثل آهي. جتي انسانن جو قدر نه هجي ۽ دولت فقط معيار هجي انسان ٿيڻ جو.

واجد کي اڪيلائپ جو احساس شروع کان ئي رهيو ٿو ڏسجي، جيڪو سندس جيءَ کي جهوريندو پئي رهيو ۽ سندس رت سُڪائيندو رهيو. پاڻ ئي سندن لفظن ۾:

هيڏي جڳ جهميلي ۾
جيئندي ڪيئن اڪيلو ڙي؟

شاعر آ. ڪيس جيون ساٿيءَ جي آس ستائيندي رهي آهي. ان جو جديد انداز ۾ اظهار:

ڪهڙي جيوت جنهن ۾ ڪا
هاءِ! نه ڪوئي هيلو! ڙي.

حالات حاضره تي واجد جي خوب نظر پئي رهي آهي، جيئن هڪ هنڌ چيو اٿس:

آمريڪا جو ڪراچيءَ تي ڪرم
جرم جيان جام ٿيندو پيو وڃي.

"خوني دؤر ۾" واجد جي هڪ اهڙي طويل نظم آهي جنهن تي گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو. اهو هڪ تاريخي دستاويز پيو لڳي. تاريخ جي بي رحم جلاد راوي، انسانيت جي رت مان قلم ٻوڙي اهو ڪجهه لکيو آهي، جنهن جو سچ ۽ حقيقي حالتن سان دور جو واسطو به ناهي. هي انتقامي دؤر (جيڪو سنڌ جو ڏاڪو ٿو لڳي) گلن کان سرهاڻ، چنڊ کان چانڊاڻ ۽ ٻڪين کان ماني کسڻ شروع ٿئي ٿو ۽ اڳتي هلي ٻارڙن کان مائرون، سهاڳڻين کان سندن ور کسيندو، بااصولن کان اصول ڦريندڙ ۽ ليلڙائيون ڪندڙ هٿ جوڙيندڙ، مڪار منصفن جا پاپ ڪندڙ ڪوڙا اروپ، عوام آڏو اگهاڙا ڪيا اٿس، جنهن لاءِ ڪيس جس هجي. هن دور جي پڄاڻي هنن سٽن سان ڪئي اٿس جنهن جي تعريف ۾



Gul Hayat Institute

لفظ نتا ملن!

قوم جا ڏاها ڏهاڙي،
ڏاهپ جي ڏوھ ۾
ڦاهيءَ چاڙهيا ٿا وڃن
خوني قاتل انتقامي دور ۾.

واجد جنهن شهر جو رهاڪو هو، اتي جيڪي ڪجهه ستر واري ڏهاڪي ۾ ٿيو ان کان متاثر ٿي ۽ سچ لاءِ جنهن شخصيت سرِ ڏنو ۽ سر ڏئي امر ٿيو، اهو واجد پنهنجي نظم "شهيد پيٽي جي ياد ۾" هن طرح پيش ڪيو اٿس:

ابد تائين زنده رهندين
سچن لاءِ سَمر رهندين
امر رهندين

اسان اڳ ۾ چئي آيا آهيون ته ڪيٽس جي شهرت جو هڪ سبب سندس شاعريءَ ۾ جوڙيل نوان لفظ، محاورا ۽ چوڻيون به آهن. واجد کي به ان معيار تي پرکي سگهجي ٿو، جاڪاڻ ته سندس شاعريءَ ۾ اسان کي ساڳي جدت ڏسڻ ۾ آئي آهي. نون لفظن ۽ محاورن جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

مقتل جو سير ڪرائڻ- مقصد ڪارڻ مرڻ سگهندا - مري امر ٿيڻ سگهندا- ليلڙائيون ڪنڊڙ مڪار مُصحف وقت آڏو هٿ جوڙي- احساس جي آتم هنيا- چهرن تي چهرا چاڙهي، غرض جي خوني خنجر سان- قوم جا ڏاها ڏهاڙي، ڏاهپڻ جي ڏوھ ۾"

واجد هڪ دؤر ۽ وسيع مطالعو آهي، جو هڪ شاعر ۽ هڪ انسان ڪان متاثهون آهي. هي ته چند مثال هئا سندس شاعريءَ مان. سندس سموري شاعري ۽ دائري سامهون رکي هڪ مطالعو پيش ڪري سگهجي ٿو، جيڪو بين الاقوامي معيار تي پيش ڪرڻ جوڳو آهي. جاڪاڻ ته ان ۾ اينتري وسعت، گهرائي ۽ آفاقيت موجود آهي جو ان کي عالمي معيارن تي پيش ڪري سگهجي ٿو. افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اهو ڪم ادارن جو آهي، جيڪي ليکڪن ۽ ماهرن جون خدمتون حاصل ڪري سنڌي ادب ۽ اديبن کي دنيا ۾ متعارف ڪرائين. واجد اڄ اسان ۾ ناهي پر سندس يادون هميشه لاءِ سندس تحريرن جي صورت ۾ زنده رهنديون. —بدر اُجڻ



Gul Hayat Institute

## آيل ماءُ! منهنجي دل جو دوست ونيو ٿا وڃن

# موهن ڀڳت جي ياد ۾

-نصير مرزا-

وسڪارو اُڪامي چڪو هو ۽ ان ڏينهن مٺي شهر جي ڏکڻ طرف ٿر جي اوچي پِٽ "گَڏَي" جي ڪَڇ ۾ ٻير جي ڍنگهرن واري نجهري اڳيان ننيڏڙي پٽ تي اسين ڪجهہ دوست، سنڌ جي ڪلاونت راڳيءَ ۽ معصوم صفت انسان، موهن ڀڳت جي چوڌاري ائين مڙيا وينا هئاسين، جڻ سندس آرتي پيا لاهيون. اسان جي پُنن پويان واريءَ جا وهاٽا رکيا هئا ۽ اکين جي اڳيان چوڏس ساوڪ جو سينريو هو. ڪهڙو نہ سهڻو سَماءُ هو اِهو، جو اسان سڀني جي وچ ۾ چاشني رنگ جي پڳ پايو موهن ڀڳت ائين براجمان هو، جڻ اسين گوپيون ۽ پاڻ راجا اِندر هجي. جيتوڻيڪ ان ڏينهن هن جي چپن تي موهيندڙ مرڪ ۽ مُکِن تي فخر جهڙو تاثر هو، پر هن جي انگور رنگ ۽ آلاڻ مائل اکين مان ٿرَ جي اتهاس جا دک جهاتيون پائيندي پئي نظر آيا.

مون کي ياد آهي، شروع آڪٽوبر ١٩٩٤ع جي ان ڪچڙي منجهند جو، موهن ڀڳت تي پروفائل لکڻ جي خواهش سان مان هن ڏانهن مِٺي ويو هئس ۽ ساڻس ڳالهہ ٻولهہ کي رڪارڊ ڪرڻ لاءِ هڪ عدد پورٽ ايبل رڪارڊر منهنجي هٿ ۾ هو. ٿر جا ڪجهہ همعصر دوست مون سان گڏ هئا ۽ انٽرويو واري ڪارروائي شروع ڪرڻ کان اڳ اسين سڀ هن جي چوڌاري ائين وينا هئاسين، جيئن ڪنهن بزرگ جي آڏو ان جا ڏوهٽا ۽ پوٽا باادب با ملاحظہ ويٺل نظر ايندا آهن. موهن جي ٺاٺيل اسٽائيل وارين مڇن ۽ پڳ هيٺان ٽڙيل پکڙيل وارن ۾ 'اَڇ سِرن' وارن جي جهجهائيءَ ڏانهن ڏسندي اُن ڏينهن ڀاسيو هئم، جڻ سڄي زندگي هو ٿر ريگستان جي اس ۾ مسلسل پتڪيو آهي؛ جڻ ڇانو ۾ ويهڻ هن کي ڪڏهن نصيب ئي ڪونہ ٿيو آهي. وري جڏهن هن ٿري لهجي جي آميزش سان سنڌي ٻولي ڳالهائيندي اوچتو ڪنهن ڳالهہ تي ٻاراڻي معصوميت سان ٺهڪ ڏئي کلي ٿي ڏنو تہ لڳو ٿي جڻ ڪاسبي جي ليمن ۽ انبن واري باغ ۾ ننگرپارڪر جي مورن رقص ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي. جڻ روهيڙي جي وڻ مان اوچتو هوا جي جهوٽي سان گلابي گُل ڇڻي وڪري، ڏور ڏور تائين اڏامندا پيا وڃن. موهن جي ان بيساختگيءَ واريءَ کل کي ڏسندي اچانگ منهنجي دل چاهيو تہ ڪاش جيڪر اتي مون وٽ پوڇا جا ڪي گل ميسر هجن ها تہ مان هوند انهن کي پنهنجي مهان راڳيءَ جي قدمن ۾ وکيري ڇڏيان ها. موهن سان ان بي پناهہ محبت جو ثبوت مان هِتي هي بہ ڏيئي سگهان ٿو تہ موهن ڀڳت کي سندس زندگيءَ ۾ جيترا ڀاڪر مون پاتا هوندا، شايد ئي ايترا ڀاڪر ڪيس ڪڏهن سندس ڪنهن محبوبا پاتا هجن!

بطور شاعر ۽ ڪن رس ريڊيو پروڊيوسر جي ناتي سان، موهن ڀڳت جي فن سان منهنجي ان محبت ۽ لڳاءُ جو هجڻ تہ سياويڪ ئي آهي، پر سنڌ جي ماڻهن ۽ راڳ جي پارکو حلقن ۾ ڪير آهي، جنهن کي موهن جي فن سان اهڙو جذباتي لڳاءَ نہ هوندو. قومي مامرن کان وٺي ادبي ۽ سياسي نظرين تائين تہ اسان جا پاڻ ۾ شديد اختلاف ٿي سگهن ٿا، پر موهن ڀڳت جي فن ۾ جيڪو حُسن، پاڪيزگي، معصوميت ۽ درد آهي، ان ۾ ڪنهن کي بہ ڪنهن سان ڪوئي بہ اختلاف ممڪن ئي ڪونهي. سنڌ ۾ ادبي ميڙاڪا هجن يا بزرگن جي مزارن تي ميلن جا موقعا، موهن ڀڳت جو انهن محفلن ۾ رڳو هجڻ ئي ٻڌندڙن لاءِ ڪنهن خوش خبريءَ کان گهٽ ڪونہ هوندو هو. مان تہ ائين چوڻ ۾ بہ هٻڪ نٿو محسوس ڪريان تہ لطيف سائين خود جيڪڏهن تنبوري ۽ ٽِليءَ جي دلاويز رِدم تي موهن جهڙي معصوم فنڪار کان

پٽ تي ويهي پنهنجون وايون... "ساڻي ڙي سڏ ڪندي ويا...." يا "سرتيون اوهين نہ وڃو ڙي وڃو...." مخصوص ڀڳتي اسٽائيل ۾ ڪائنس ٻڌي ها تہ مٿس مهربان ٿيندي "سُر موهن ڀڳت" ضرور ويهي سرجي ها. تہ مون چيو پئي تہ پوءِ جڏهن دوستن جي اصرار تي، ان ڏينهن موهن پنهنجي مخصوص ڍار سان تنبوري تي هٿ هڻي "آلو..ءُ ميان" آلاپڻ شروع ڪيو تہ هن جي صدائن جي درد سان جڻ آسمان ۾ ڏار پوڻ شروع ٿي ويا هئا. ڳائڻ واري ان عمل دوران، جڏهن منهنجي نگاهہ موهن جي مسڪين چهري ڏانهن ڪجي وئي هئي تہ اهو چهرو لڳم: موهن جو ڪونهي، جڻ ذُڪر ڪان پوءِ ٿر جو چهرو آهي، جيڪو اسان جي آڏو ڪوڪاري پيو. عجب اتفاق آهي جو موهن جي آلاپن ۾ تہ صدائون ۽ التجائون هونديون هيون پر هُن ڪڏهن بہ پنهنجيءَ زبان سان، پنهنجي ليکي ٻاٿي ڪوڪاريو ڪونہ تہ مران ٿو، علاج ڪرايو، امداد ڏيو، مدد ڪريو، يا پروگرام ڏيو. بلڪ جن ڏينهن ۾ بيمار ۽ لاچار هوندو هو ۽ جڏهن راڳ ڳائي نہ سگهندو هو، تڏهن چوندو هو تہ جيستائين پڄري اندر پساهہ آهن، تيستائين هي دانهون ۽ آهون جاري رهنديون سرڪار!

شايد ٻن پهرن جا ٻہ وڄي رهيا هئا، جڏهن مون رڪارڊر آن ڪري ڪائنس ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪرڻ جي اجازت گهري هئي. ڏنم: هُن جي هاڪار ۾ نمرتا بہ هئي ۽ حجاب بہ، پر پوءِ جڏهن هن منهنجن ننڍڙن ننڍڙن ۽ معصوم سوالن جا ٿري لهجي واري سنڌيءَ ۾ سادگي ڀريا جواب ڏيڻ شروع ڪيا تہ مون کي ڏاڍو لطف آيو. موهن سنو ڳائي ڄاڻي ٿو، اهو تہ مون ڄاتو ئي ٿي، پر موهن منو ۽ معصوميت ڀريو ڳالهائي بہ ڄاڻي ٿو، اها خبر ان ڏينهن پئي هئم.

... ۽ ان ڳالهہ ٻولهہ کي هاڻي پنج مهينا گذري چڪا آهن ۽ موهن ڀڳت اسان ۾ هاڻي موجود ڪونهي. هتي ان يادگار ڳالهہ ٻولهہ کي هوبهو ۽ اوئين جو اوئين Transcribe ڪرڻ پويان منهنجي صرف ۽ صرف اها خواهش ڪارفرما آهي تہ موهن پنهنجي زندگيءَ ۾ جنهن لهجي... ڍار... ۽ جنهن انداز سان ڳالهائيندو هو، اُهو لکت ۾ محفوظ ٿي وڃي.

موهن جون ڳايل وايون ۽ ڀڄن تہ ڪٿي نہ ڪٿي محفوظ آهن ئي ۽ ڪئسيٽ رڪارڊر ۾ وجهي ڪڏهن بہ ۽ ڪٿي بہ ٻُڌي سندس ياد ۾ ڳوڙها ڳاڙي سگهجن ٿا، پر موهن جنهن رنگ ۽ آهنگ سان ڳالهائيندو هو، اُهو هِن ڳالهہ ٻولهہ کان سواءِ شايد هاڻي نہ ڪٿي ٻڌي سگهبو ۽ نہ ئي ڪڏهن ڪٿي پڙهي سگهبو....

مون کي ياد آهي، ٻہ لڳي پندرهن منٽ ٿي رهيا هئا ۽ مون هُن کان پهريون سوال ڪيو هو:-

- موهن! هي جيڪو توهان جو نالو آهي "موهن"، اِهو ڪنهن رکيو هو؟
- سائين، اِهو اسان جو برهمڻ آهي، هندو آهي، اُن رکيو هو.
- پيدائش ڪٿي ٿي هئي اوهان جي؟
- منهنجي پيدائش سائين ٿي آ پنهنجو سلام ڪوٽ ۾.
- سلام ڪوٽ جي ڪهڙي ڳوٺ ۾؟
- سلام ڪوٽ کان مڙئي اناويهہ ميل آهي، پرتي آهي، اُهو ڳوٺ!
- پاڙو ڪهڙو؟
- اُهو سائين، واڻين جو پاڙو!
- پاڙي جو ڪو نالو؟
- سائين! بس اِهوئي نالو اٿس: واڻين جو پاڙو!
- پيءُ جو نالو ڇا اٿوَ؟



Gul Hayat Institute

- منهنجي ﭘيءُ جو نالو سائين: "اميد رام".
- والد صاحب ڪندو ڇا هو؟
- سائين والد صاحب منهنجي جو جنم آهي ڇيلهارجو، جيڪو ڇاڇري جي اورئين پاسي ڏهہ ويهہ ميل آهي. منهنجي بابي جو جنم اُتي جو آهي پوءِ اتان منهنجو ڏاڏو ويو هليو سلام ڪوٽ ۽ سلام ڪوٽ ۾ منهنجو ڏاڏو ڳائيندو (ڳائيندو) هو.
- اڇا! (مان موهن جي ڳالهہ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ سُر ونايان ٿو)
- تنهن کان پوءِ وري منهنجو بابو ڳائيندو هو. ﭘائرن ۾ بہ سيڱي کان وڏو منهنجو بابو هو.
- معنيٰ راڄ ۾، مندرن ۾ ڳائيندو هو.
- سائين راڄ ۾ ڳائيندو هو. مندرن ۾ ڪونہ ڳائيندو هو.
- مندرن ۾ ڪونہ ڳائيندو هو؟
- جي نہ!
- ﭘلا والده جو نالو ٻُڌائڻ پسند ڪندو؟
- منهنجي والده جو نالو سائين: لڇمي!
- ڪيئن هوندي هئي توهان جي والده؟
- بس سائين اُها ويچاري بيمار هوندي هئي. پوءِ ائين رهندي رهندي، ستن اٺن سالن کان پوءِ گُذر ڪري وئي! ويچاري.
- ﭘلا والد ڪڏهن گذاريو.
- اُن کي بہ سائين ويهارو ڪن سال ٿي ويا هوندا. جي سائين...
- والدہ ﭘلا ڪو ڪم ڪار ڪندي هئي؟
- ها سائين... ٻني ٻاري ۾ ڪم ڪندي هئي.
- راڳ اوهان ﭘلا سکيو ڪنهن کان هو؟
- سائين، ﭘهرين ڳالهہ تہ منهنجو بابو هو ڏنار ٻڪرين جو... اُهو بہ ڳائيندو هو، تنهن کان پوءِ وري منهنجو ڇاڇو، اُهو بہ ٻڪرين جو ڏنار هو.
- نالو ڇا هو اوهان جي ڇاڇي جو؟
- ان جو نالو... سائين،... "مانو" هو.
- نيڪ....
- تنهن کان پوءِ وري منهنجو ڇاڇو ننڍو. اُهو بہ ٻڪرين جو ڏنار هو... ۽ سائين! اُن وقت اسان وٽ ٻڪرين جو مال ﭘي جامِ هو...
- ﭘلا ننڍي ڇاڇي جو نالو ڇا هو....!
- اُن جو نالو سائين اَمرو هو... اُهو منهنجو استاد بہ آهي- اُهو رات جو روز ڳائيندو هو ۽ سائين مان بہ اُن سان گڏ ڳائيندو هئس. اِهي ساڱيون ﭘٽائي صاحب جون وايون.
- اڇا... اُهيئي جيڪي توهان ڳائيندا رهو ٿا؟
- جي سائين....
- ﭘلا موسيقيءَ جو اِهو فن جيڪو توهان جي ڇاڇن وٽ ۽ وڏن وٽ هو... اِهو خانداني هو يا بس ٿر ۾ جيئن هرڪو

- سائين ڳالهه ٻڌو، آءٌ آنيسٽ (آنيسٽ) ماڻهو آهيان (مسلسل کلندي ۽ ننائيندي) ڇڏيو ان ڳالهه کي.....

• چڱو ڀلا نيڪ! موهن! موضوع بدلايون ٿا. ٻڌايو ته ٽر ۾ جڏهن ڏکر وارا ڏينهن اچن ته انهن ۾ ڪيئن گذر سفر ڪريو؟

- بس سائين ڏکن ۾. ٻڪرين سان مست- منهنجي جواني ٻه ائين گذري ۽ ننديپڻ ٻه ائين گذريو ۽....

• (مان وري منٿ ڪندي) موهن ٻڌايو، نٽايو نه. پنهنجي ڪنهن عشق ڪنهن غلطيءَ جو اچ اعتراف ڪريو ضرور.

- (شرميلي ڪِل ڪلندي ۽ ڪجهه راضي ٿيندي) سائين! ڀلا هاڻي هرون پرون اِهي ڳالهيون مون کان نه پڇو.'

• معنيٰ ڪا ڳالهه آهي ڇا؟

- (هجائتي انداز ۾) نه... نه پڇو... آءٌ نه چوندس سائين.

• چڱو ڀلا شراب پيئڻ سان ڪا دلچسپي رکو ٿا؟

- نه سائين اڳي پيئندو هئس پر گهٽو نه.

• ڀلا جيڪو پيتوَ اُهو ڪهڙو پيتوَ؟

- شراب سائين اِهو اوڏي مهل... هڪڙو ڦوٽائي هوندو هو. 'سپيٽ' . ٻئي نمبر ۾ براندي... وسڪي... ان وقت ۾، اهي سستا ٻه هوندا هئا.

• ڪڏهن ڀلا ڪچو پيتوَ؟

- ڪچو ڪونه پيتم سائين.

• اڇا!

• ڌرتيءَ ۾ ڇڪايل؟

- اهو... اُهو ڪونه پيتو اٿم ڪڏهن!

• هاڻي پيئندا آهيو يا...

- حرام آهي سائين پاڻ کي.

• صفا؟

- صفا!

• شادي ڀلا ڪهڙي عمر ۾ ٿي اوهان جي؟

- سائين شادي منهنجي ٿي آ...

تڏهن آئون پائيان ٿو ته، عمر منهنجي ٣٠-٣٥ سال هوندي.

• شادي ڪٿان ٿي هئي اوهانجي؟

- شادي سائين منهنجي ٿي تلهار مان.

• اسان جي ماناٽي ياجائيءَ جو نالو ٻڌائيندا؟

- جي هائو... ٻڌائيندس. اِن ۾ ڪو ڏوهه نه ڪانه.. اُن جو نالو آهي سائين 'ڪيمي'

• ٻارڙا ڪهڙا آهن اوهان کي؟

- سائين... پنج پٽ... ٻه ڌيئون.

• پٽن جا نالا ڇا آهن؟

- هڪڙي جو نالو آهي سائين.. شنڪر.. اهو وڏي ۾ وڏو جيڪو مون سان گائي ٿو.. تنهن کان پوءِ سائين، پريم..

تنهن کان پوءِ سائين .. اهو پنهنجو جهامن.. تنهن کان پوءِ سائين.. راميش.. تنهن کان پوءِ سائين.. سريش.

- ادڙين جا نالا ٻڌائيندو؟

– جِيئو سائين.. ها! هڪڙيءَ جو نالو آهي هَيمي.. ٻيءَ جو نالو آهي.. سائين.. ڪملا.

- ٻيئي پنهنجن گهر واريون آهن...؟

– جي.. جي.. سائين!

- پُٽ ٻہ پَرڻائي ڇڏيا اٿو؟

– پٽ سائين، ٿي رهيل آهن..

- معنيٰ ٻن وڏن جي شادي ڪرائي ڇڏي اٿوَ؟

– جيئو.. جيئو..

- اڇا موهن! هاڻي جڏهن اوهان جي عمر سترَ سال آهي. ڪيئن پئي زندگي گُذريو..

– بس سائين هاڻي گذارڻي پوي ٿي، سو گذاريان پيو!

محمد رفيع گايو هو تہ..

راهِي منوا دک کي چنتا، ڪيون ستاتِي هِي

دک تو اپنا ساٿِي هي.

سک اڇي ويو تہ ڀلا ڇا..؟ ڏُک اچي ويو تہ ڀلا ڇا؟ جنهن کي قدر ڪرڻو هجي سو ڪري نہ ڪري، تہ نہ ڪري.

- توهان جي گهر واري، جنهن لاءِ توهان ٻڌايو تہ ان جي طبيعت خراب ٿي رهي، تہ ڇا آهي اُن کي؟

– جي سائين.. اُن جي طبيعت واقعي بہ نيڪ ڪانهي. هڪڙي تہ هو اکين کان ويهندي وڃي. ۽ ٻئي نمبر ۾ هُن کي. ڪنڊ جي بيماري آهي.

- توهان کان ڀاڄائي ڀلا ڪيتري ننڍي آهي؟

– سائين مون سان (مون کان) مڙئي ڏهہ پندرهن سال ننڍي هوندي.

- ايوارڊ ڀلا ڪهڙا ڪهڙا توهان کي مِلي چُڪا آهن؟

– سائين ايوارڊ مون کي.. هڪڙو لطيف سائين جو مليو.. پهرين پهرين سهڻي ميهار ايوارڊ' مليو. اِهو، مليو هو شهدادپور ۾. تنهن کان پوءِ پٽائي سائين وارو ايوارڊ' مليو. تنهن کان پوءِ وري اسلام آباد ۾ مليو. اُهو وري سرٽيفڪيٽ هو.

- ان وقت اُتي حڪومت اسلام آباد ۾ ڪنهن جي هئي؟

– تڏهن اهو پنهنجو سائين بي نظير صاحبہ جي!

- موهن، هي جيڪو لطيف سرڪار کي ٻچن جي انداز ۾ اوهان ڳايو ٿا تہ اهو گائيڪيءَ جو ڪهڙو انداز آهي؟

– سائين.. اسين سمجهون ڪجهہ ڪونہ ٿا، اَڻ پڙهيل ۽ ٻي سمجهہ ماڻهو آهيون ۽ سچي ڳالهہ ٻڌايان اوهان کي تہ راڳ جي باري ۾ اسان سمجهو ڪجهہ ڪونهي. مڙئي گوَين سان هلي هلي انهن کان راڳن جا نالا پُڇي جاڻي ويا آهيون تہ هائو ٻيلي هي راڳ ڪهڙو آهي؟.. يا هيءَ ڪهڙي راڳڻي آهي..

- موهن مون ڇيو پئي تہ هي جنهن انداز سان اوهان وائي ڳايو ٿا، سنڌ ۾ ائين ڪوبہ نٿو ڳائي ان جو اسٽائيل ئي الڳ آهي. تہ اهو انداز ڪٿان نهيل نڪيل توهان کي مليو آهي؟

– اهو انداز اسان کي نهيل، سائين پنهنجن مائٽن کان مليو. اسان جي ملڪ جي ماڻهن کان.

Gul Hayat Institute

• ڪهڙي ملڪ جي ماڻهن ڪان؟
- سائين! ٿر ملڪ جي ماڻهن ڪان.
• ڀلا هي جيڪي لطيف جون وايون اوهان ڳايو ٿا، ساڻي ڙي سڏ ڪندي ويا - يا سرتيون اوهين ته وڃو ڙي وڃو لا...
ته انهن جون اهي طرزون ڪنهن ناهيون آهن؟
- انهن جو طرزون سائين خبر ناهي ڪنهن ناهيون هيون. اهو مون کي خبر ناهي. آئون صرف اهي سکيو آهيان. ۽ (ڪجهه ياد ڪندي) سرتيون آئين ته وڃو ڙي وڃو ... اها طرز مون ناهي آهي. باقي دُرگا ۾... ساڻي ڙي سڏ ڪندي ويا. ان جي خبر ڪانهي مون کي ته ڪنهن ناهي آهي.
• ٻهريون ڪلام ڀلا ڪهڙو هو، جنهن کي اوهان ڳائيندا رهندا هئا؟
- ٻهرين نمبر ۾ ڪلام اهو مون ڳايو هو سائين ... ته..

هنڌُ وڇاڻا تو لئه وڇايان
ٻيو وَر مون نه وٽي باهه ڏيان پنهور کي
ڀُڄاڻا ٻَرين
آيل ماءِ، منهنجي دل جو دوست
ونيو ٻيا وڃن.

اهو ڪلام مون ٻهرين نمبر ۾ رڪارڊ به ڪرايو هو..
• ڀلا ان ڪلام کي ڪنهن جي ياد ۾ ڳائيندا هئا ڇا؟
(ڪلندي)
- سائين توهان ڪونه مُڙندا...!
• بس موهن ائين ئي سمجهو!
- ته پوءِ سائين ٻُڌو.. پر آءٌ ذات ڪونه ٻڌائيندس. مگر آءٌ صرف عشق ٻڌائيندس.
• نيڪ؟
- ... اسان جي پاڙي ۾ هڪڙا مارو ماڻهو رهندا هئا.
• توهان جو پاڙو معنيٰ سلام ڪوٽ؟
- جي هائو...! ان ماڻهو سان منهنجو ايڏو عشق هو جو هڪڙي ٻيءَ کي ڪونه ڏسندا هئاسين ته هُن کي ماني حرام ٿي پيندي هئي. ۽ مون کي به ماني حرام ٿي پيندي هئي. پر جڏهن اسين هڪ ٻئي کي ڏسندا هئاسين تڏهن اسين بلڪل خوش رهندا هئاسين. پر هن کي بُري نظر سان مون ڪڏهن به ڪونه نهاريو هو سائين.. ڪڏهن پي نه..
• پوءِ هُن جي شادي ڀلا ڪٿي ٻئي هنڌ ٿي وئي ڇا؟
- ها، سائين ٻئي هنڌ ٿِي وئي هئي ان جي شادي.
• ڀلا اڃا حيات آهي يا...؟
- او... سائين (ڪلندي) حياتي آهي.
پوءِ سائين بابي منهنجي ترت شادي ڪرائي ڇڏي. پر آءٌ ان لاءِ پوءِ به پنج ست مهينا چريو هوندو هئس.
• پنهنجي محبوب جا ڀلا ڪي انگل آرا به ڪنيا هُئو؟ ڪو تحفو، ڪا شئي، ڪڏهن ونئي آٿي ڏنوس؟
- سائين هن کي تحفو ٻُحفو ڪجهه به نه... اهو وقت اهڙو هو جو تحفو ٻحفو ڪجهه به نه.

منهنجي زندگي ڪهڙي گذرندي هوندي پلا..

- جنهن گهر ۾ رهو ٿا اُن جي ڪهڙي حالت آهي؟

– سائين گهر ۾ ڪمرا ٻه آهن. جيڪي پڳا پيا آهن... خرچ ناهي مون وٽ جو انهن کي ٺهرايان. ٻئي نمبر ۾ ايترو پئسو ٻه ڪونهي مون وٽ جو انڌي زال جو ۽ پنهنجو علاج ڪرايان. هاڻي ڇا ڪريان سائين.. مون کي ان ڪان وڌيڪ ڏک ڪهڙو هوندو پلا؟

- دوست يار ڪي اٿو يا اڪيلا آهيو زندگيءَ ۾...

– بس سائين! اهو اڪيلائي آهي.. اڪيلائي... اهو ٻه هڪڙو وڏو ڏک آهي. هُو ڪنهن شاعر ٻه چيو آهي نه ته 'پهلا سک نروڳي ڪايا.. (پهريون سک اهو ته ڪو روڳ نه هجي) ڏُوجا سُک گهر ۾ مايا... (ٻيو سک ته گهر ۾ مايا هجي) ٽيجا سُک وچن ست ناري (ٽيون سک اهو ته زال سان وچن ڪجي ته وارجي) چوٿا سک پُتر آگيا ڪاري (چوٿون سُک اهو ته پُٽ چئي ۾ هجي)... ته اهي سُک زندگيءَ ۾ ڪونه آهن ته پوءِ ڪو ماڻهو اهڙي زندگيءَ ڇا ڪري سائين؟

- پلا وقت اڄڪلهه ڪيئن پيا گذاريو!

– سائين اها جهٽڪار... ڪڏهن ڪيئن.. ڪڏهن ڪيئن. سوير اُٿي... اهو الله جو نالو اي منهنجا سائين... اي منهنجا پروردگار (ڪلندي) تون اسان کي هن زندگي مان جند ڇڏائي. (بي اختيار ٽهڪ ڏيندي) پاڻ پيڙو ڪر اسان غريبن کي.

- موهن پلا رات جو ننڊ اچي؟

– سائين گهٽ!

- پلا اهو جيڪو توهان سان گڏ تنبورو آهي، اهو ڪهڙي وقت جو آهي؟

– سائين، اهو منهنجي بابي جو ورثل آهي.

- ڇا مان نهيل آهي؟

– سائين اهو آڪَ جي ڪاٺيءَ مان نهيل آهي.

- معنيٰ ته ان کي نهئي ٻه ستر اَسي سال ته ٿي ويا هوندا.

– ها سائين، اهڙا ٿي ويا هوندا.

- اهو تنبورو ناهيو پلا ڪهڙي ڪاريگر هو؟

– اهو سائين هڪڙي سُوٿهڙ ڪاريگر جو ناهيل آهي.

- ڇا نالو هو اُن جو؟

– سائين اُن جو نالو هو 'پانو' سوٿهڙ.

- اُهو جيئرو آهي؟

– نه سائين ويو ويچارو مري ڪپي.

- پلا ان تنبوري جي جيڪا 'وجت'، جيڪا لئي آهي، اها اوهان جي پنهنجي ايجاد آهي يا ٽر وارن جي؟

– اها سائين اسان جي وڏن جي ۽ ٽر وارن جي ايجاد ڪيل آهي.

- پلا پڇن پاوَ ڪريو؟

– جيئو سائين... (موهن جو تڪيه ڪلام)



Gul Hayat Institute

- اجا بہ ڪندا آهيو؟
- جيئو سائين.
- پلا ٽر ۾، جنهي توهان رهو ٿا، اتي فنڪارَ موهن ڀڳت کي عزت ملي ٿي؟
- سائين گهٽي ئي ملي ٿي.
- ماڻهو پيار ڪندا اٿو؟
- جيئو سائين.
- جتان لنگهو تہ ماڻهو نِمستي ڪن!
- جيئو سائين.
- پلا راڳ جو رياض وغيره ڪريو؟
- سائين اهو رياض جڏهن پنهنجو اهو جواني هوندي هئي تہ ڪندو هئس. پر هاڻي پوڙهائپ ۾... سائين نٿو ٿئي رياض مون کان.
- اڄڪلهہ توهان سان سنگيت ۾ ڪير ڪير پيو ڳائي؟
- هڪڙو منهنجو ڀاءُ آهي سروپ چند. ٻئي نمبر ۾ منهنجو پُٽ آهي شنڪر.
- هن وقت جيڪي سنڌ جا هاڪارا فنڪار آهن، انهن مان ڪنهن کي گهڻو پسند ڪريو؟
- ها سائين.. عابده پروين. ٻئي نمبر تي پنهنجو محمد جمن (افسوس جو، ويچارو گذاري ويو... پلو ڳائيٽو هو.) راڳ کي نچائيندو هو سائين.
- ملڪ ۾ پلا جيڪا اڄڪلهہ سياست پئي هلي، اُن جي ڪا خبر چار رکو؟
- سائين اها اسان هينئر ڏٺي آهي - ڇا آهي؟ ڇا ناهي؟ پاڻ کي... (کلندي) ڪا خبر ڪانهي سائين.
- ڪاڌي پيتي ۾ پلا ڇا پسند ڪريو؟
- سائين..... هاڻي ڳالهہ ٻڌو... ڪاڌي پيتي جون شيون اصلي جيڪي هونديون هيون... اُنهن ۾ مزو ايندو هو. هاڻي مزو گهٽ آهي.
- پلا توهان جي دل ڪڏهن چاهيندي آهي تہ فلاڻي شيءِ پچي تہ کان!
- (کلندي) سائين دل تہ گهڻو ئي چئي ٿي تہ، گوشت پچي تہ کايون... آنا پچن تہ کايون... پر سچي ڳالهہ ٻڌايانوَ تہ هاڻي دل کي اها ڳالهہ وڻي نٿي.
- پلا ڪا اهڙي شئي، جنهن لاءِ ٻالڪپڻ ۾ ماءُ سان يا شاديءَ کان پوءِ زال سان فرمائش ڪندا هجو... تہ هي شئي پچايو تہ مزو اچي وڃي... تہ اها ڪهڙي شئي؟
- جيئو... جيِئو سائين... اهو گوشت...
- معنيٰ تہ گوشت کائيندا آهيو نہ؟
- جيئو... جيِئو.. ٻئي نمبر ۾ اهو پنهنجو گُوار... ٽر جي ڀاجي... چانهيان ننڍڙا ننڍڙا... اُنهن جي ڀاجي، ڇيڙ، پر گُوار مون کي ڏاڍي وڻندي آهي.
- چيمر: موهن اهائي شئي منهنجي بہ ڪمزوري آهي.
- حسبِ دستور وراڻيائين: جيئو... جيِئو سائين.
- پلا موسم ۾ ڏينهن ڪهڙا وڻن توهان کي؟

**PAKISTAN BROADCASTING CORPORATION**
**BROADCASTING HOUSE**
**HYDERABAD**

## PERFORMANCE CERTIFICATE

Certified that Mr./Miss./Mrs./M/s ______________________

______________ has/ have performed according to Cue-sheet of ________

______________________________________________ and the

performance has/have been entered in the Recording Log Book/Studio Log Book on Page No. ______________________

RECORDED ON. ______________

PRODUCER/ DUTY OFFICER
(Naseer Mirza)

## RECEIPT

NAME ______ موھن ڀڳت ______

______________________________________________

received from the Station Director, Pakistan Broadcasting Corporation, Hyderabad the sum of

Rs.________ (Rupees) ______________________________________

being my/our fee in respect of my/ our performance broadcast on ______________

SIGNATURE موھن ڀڳت ______________
DATED: ______________

Gul Hayat Institute

موھن ڀڳت جي ڪيل صحيح (ھٿ اکر)

- سائين ڪنهن دؤر ۾ نہ ڏسندو هوس. هڪڙي فلم مون ڏني هئي 'بيجو باورا' . تڏهن آءٌ ڇاڇري ۾ رهندو هئس. اسپتال ۾ نوڪري ڪندو هئس .اها فلم جو مون ڏني تہ منهنجو دماغ ڦري ويو. پوءِ چار پنج مهينا آءٌ چريو هوندو هئس.
- اڇا؟ چو؟
- سائين ڇاهي تہ منهنجي دماغ ۾ ڳالهہ نہ پئي ويني تہ اها فلم هنن ناهي الائي ڪيئن آهي.
- اڇا! معنيٰ تہ اها فلم توهان کي اينٽري وٺي هئي.
- جي هائو... اُو ڏاڍي وٺي مون کي.
- ان فلم جا فنڪار ڪهڙا وٽيا هئا اوهان کي؟
- سائين اداڪار اهو پنهنجو ....سائين ... (ڪِلنڊي) نالو پنهنجو ياد ئي ڪونہ ٿو رهي.
- ٿورو سوچا...

(ياد ڪندي) هڪڙي تہ مِينا ڪُماري.
- ان جي ڪهڙي فلم؟
- سائين فلم 'پائي پائي' .
- پلا مرد اداڪارن ۾؟
- مردن ۾ سائين اشوڪ ڪمار.
- پلا سنڌ جي اداڪارن مان... ڪو ٽي وي آرٽسٽ؟
- نہ سائين... ڪو بہ نہ.. ٽي.وي. ڊراما آءٌ ڏسان ڪونہ.
- صفا نہ؟
- بلڪل نہ.
- پوءِ سڄو ڏينهن پلا ڇا ڪريو؟
- بس سائين، يا ستو پيو آهيان يا اِها جهٽڪار. يا لوڙهي کي ڪنڌا وجهندو رهندو آهيان. بس اهو ڪم. يا هڪڙي بڪري آهي، اها بہ الله ماري تہ جند ڇُٽي منهنجي.
- چو؟
- (ٺهڪ ڏيندي..) بس سائين ڪير ڏي ئي ڪونہ ٿي. ڦندي ٿي وئي آهي. (بئي گڏجي ان ڳالهہ تي ٺهڪ ڏيون ٿا)
- موهن، پوءِ بس وري ڪڏهين ٻئي دفعي ڪچهري ٿيندي - ڏاڍيون سٺيون ڳالهيون ٿيون.
- **مهرباني سائين... توهانجي بہ... منهنجي يادگيري رکيو..**
- ۽ اجهو اچ...

١٠ مارچ ١٩٩٥ع آهي ۽ موهن ڀڳت اسان جي سٽ مان اُٺي روانو ٿي چڪو آهي، ۽ مٺڙين ڳالهہ ٻولهہ جي روشنيءَ ۾ موهن جي رواني ٿيڻ کان پوءِ، هن جي روزمرهہ جي زندگيءَ تي نظر وينو وجهان تہ سوچيان پيو تہ بي تہ ڪا آسائش، ڪا لگزري تہ ڇڏيو، علاج جي ڪا سهولت بہ ڇڏيو، اسان پنهنجي اُملهہ آرٽسٽ کي رڳو تن ويلن جي ماني، ڪو سٽيو گرهہ بہ مهيا ڪري نہ ڏئي سگهياسين.. افسوس اَلاس.. هاءِ!

هو سڄي زندگي هڪ ڪچي اڏيل - ڪندن جي لوڙهي ڏنل گهر اندر رهيو... ۽ اتان ئي هن جي ارٿي کنئي وئي. سندس دل ڏکوئيندڙ سانحي تي "ڪاوش" اخبار ڪيڏو نہ صحيح لکيو هو تہ: دراصل موهن ڀڳت کي اهڙي بيماري



Gul Hayat Institute

ڪانہ هئي، جنهن جو علاج ناممڪن هجي. هُن جي بيماريءَ جو علاج نہ رڳو ممڪن هو، پر ايترو مشڪل بہ نہ هو. ان جي باوجود موهن ڀڳت مري ويو. هن جي سيني ۾ سانديل سمورا سُر ختم ٿي ويا. هاڻي هُن جا ساز پنهنجي معصوم مالڪ لاءِ منتظر رهندي متيءَ هاٺا ٿي ويندا. ڪاش! سنڌ جا فنڪار نواز ڪاتا ڳڏجي پنهنجي سڀاجهي هيري ڪي بچائڻ جي ڪوشش ڪن ها... تہ موهن بچي پوي ها ۽ منيءَ جون پٿون مات ۾ سڏڪڻ بدران موهن جي سازن سان وڄنديون رهن ها. پر سڀ اختيارن جا مالڪ پنهنجي پنهنجي مفادن جي رستن حا راهي ٿي هليا ويا ۽ موهن، جنهن پنهنجو ليک هن دڳر جي لکن سان لکيو هو، سو لکن ۾ اڪيلو، بنهہ اڪيلو پويون ساهہ ڇپن تي آڻي هليو ويو....

يارهين مارچ جي منجهند جو، موهن ڀڳت کي سندس وصيت مطابق منيءَ ۾ سندس اباڻي قبرستان ۾ پيءُ ۽ ماءُ جي قبرن جي پرسان سون اشڪبار اکين سان متيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. کيس زمين ۾ داخل ڪرڻ وقت ڀڳت جو پنهنجو ڳايل ڀڳت ڪبير جو مشهور ڀڄن "من پولا پولا تيري جڳت ۾ ڪيسا ناتا..." تنبوري تي هميشہ موهن ڀڳت سان گڏ ڳائيندڙ سندس ڀاءُ 'سروپ' ۽ ساٿين روئيندي روئيندي ڳائي موهن جي ميت کي سُرن جي پيتا ڏني هئي. ان ڪان اڳ، ويهين صديءَ جي هن اعليٰ انسان ۽ مهان راڳيءَ موهن جي ميت کي گهر ۾ هن جي رهائش واري ڪچي اڏيل ڪمري جي وچ ۾ رکي، سڄي رات سرڳواسيءَ جي ڀاءُ، پُٽن ۽ عزيزن ڀڳتي انداز سان موهن جون ڳايل پٽائيءَ جون وايون تنبوري تي ڳائي، سڄي رات جاڳي، سندس روح کي سڪون بخشڻ لاءِ اوجاڳو ڪيو هو. ۽ ان ڪان پوءِ، قبرستان ڏانهن موهن جي ارٿي کڻي وڃڻ کان اڳ، ساٿس هر هنڌ گڏ ڳائيندڙ ڀاءُ 'سروپ' روئيندي، ورلاپ واري انداز سان چئي رهيو هو. "يار! موهن: اڄ ڦوٽو پيا نڪرن.. اسان جو ساٿ ٽُٽي ويو... " ۽ هو پٽائيءَ جي تنبوري سان محبت ڪر ڻ وارو تنبورو ڇڏي هليو ويو.

لـڏيـو لاڏاڻـو ڪيـــو، هـلـيــا هـوتَ وڃـن
پـڄـاڻـا پـريَـن، ڪـجي بـس ڀـنڀـور ڪـان.
(شاهہ)



Gul Hayat Institute

# تبصرا

## شاهہ جون آکاڻيون

سر زمين سنڌ هونئن تہ سون شاعرن کي جنم ڏنو آهي، ليڪن جا اهميت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي حاصل ٿي، سا ڪنهن ٻئي شاعر کي نہ ملي سگهي آهي. شاهہ صاحب هر صورت ۾ ان اهميت ۽ افاديت جو حقدار هو، آهي ۽ رهندو. ارڙهين صدي، جنهن ۾ شاهہ لطيف پيدا ٿيو، سنڌ اندر مردم خيز زمانو ليکجي ٿو، جڏهن هڪ ئي وقت وڏي تعداد ۾ تمام گهڻا اعليٰ مرتبہ شاعر، اديب ۽ عالم پيدا ٿيا.

علي شير قانع، برٽن، فريئر، ٽرمپ ۽ ڏيارام گدومل- اهي اديب آهن جن سنڌ جي هن پلوڙ شاعر جي باري ۾ ابتدائي حوالا ڇڏيا آهن. ان کان پوءِ لطيف بابت مڪمل ڪتابن لکڻ جو زمانو آيو. مرزا قليچ بيگ کي هي شرف حاصل آهي تہ پاڻ سنڌيءَ جي هن وڏي ۾ وڏي شاعر جي باري ۾ اولين ڪتاب لکيائين. ان بعد مير عبدالحسين سانگيءَ قلم کنيو. سال ١٨٩٠ع ۾ ليلارام وطڻ مل جو ڪتاب "دي لائيف، رليجن اينڊ پوئٽري آف شاهہ لطيف" ٻن جلدن ۾ ڇپجي آيو. هن ڪتاب جا تازي دور ۾ متعدد ايڊيشن نڪتا آهن.

ان ريت سنڌ جي هن وڏي ۾ وڏي شاعر بابت علمي ڪم جي راهہ کُلي وئي. ويهين صدي ايندي ان ۾ وڌيڪ واڌارو ٿيو، ۽ ان ۾ وري بہ هندو اديبن، اسڪالرن ۽ محققن گهڻي گرمجوشيءَ سان ڪردار ادا ڪيو. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي پهريون اسڪالر آهي، جنهن نہ رڳو جديد تحقيق جي اصولن تي "شاهہ جو رسالو" ايڊٽ ڪيو، ليڪن ان سان گڏ سنڌ ۾ يورپي طرز جي کوجنا کي بہ روشناس ڪرايو. اڄ اسان جي حالت هي وڃي ٿي آهي تہ گربخشاڻي صاحب وارو رسالو درست طرح سان ڇپرائي بہ نہ ٿا سگهون. سنڌي هندن لطيف شناسيءَ ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو، ان جي لاءِ تہ هڪ جداگانہ اڀياس جي ضرورت آهي؛ ان نقطي کي في الحال پاسيرو رکي اسين تبصري هيٺ آيل ڪتاب تي اچون ٿا.

ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي- سنڌ جو عاشق، سنڌي ساهت جو محسن، لطيف جو پروانو ۽ تحريڪ آزاديءَ جو سرگرم ڪارڪن: حيدرآباد سنڌ ۾ آڪٽوبر ١٨٨٥ع ۾ ڄائو ۽ ورهاڱي کان پوءِ بمبئي لڏي ويو، جتي ٦ جولاءِ ١٩٤٨ع ۾ غريب الوطنيءَ جي حالت ۾ گذاري ويو. سنڌ جو هي پورهيت اديب، سڄي زندگي سنڌ شناسيءَ لاءِ مختلف رخن کان سرگرم رهيو. ادب، سياست، ٻولي، صحافت ۽ تعليم- مطلب تہ هرمحاذ تي ڪم ڪيائين ۽ پنهنجي دور جي انسانن کي متحرڪ ڪيائين. اسڪول ۽ ڪاليج برپا ڪرايائين. ادب ۽ ساهت جي واڌاري لاءِ سوسائٽيون ناهيائين. رسالا ڪڍيائين ۽ صحافي ٿي ڪم ڪيائين. صوفي مشرب بہ هو تہ سماجوادي ڪارڪن بہ هو. انقلابي سرگرمين ۽ سوچن سبب آخرڪار جيل بہ ويو. چون ٿا تہ سنڌي زبان ۾ جيل بابت ۽ جيل جي يادگيرين تي اولين ڪتاب ڄيٺمل پرسرام لکيو هو. ڪيس ايچ. ٽي. سورلي نالي انگريز عملدار سزا ڏني. اڳتي هلي ڄيٺمل کان اثر وٺندي سورلي "شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ" نالي هڪ شاندار ڪتاب لکيو هو. شاهہ صاحب تي هي پهريون معياري ۽ مستند ڪتاب ليکيو وڃي ٿو. دلچسپ ڳالهہ هيءَ آهي تہ جڏهن سنڌ جو هي درويش صفت انسان جيل ڪاٽي آزاد ٿي حيدرآباد پهتو، تڏهن اسٽيشن کان وٺي سري گهاٽ تائين شهر کي ڪنوار وانگر سينگاريو ويو هو. دادا ڄيٺمل کي شاهي جلوس ۾ گهر آندو ويو، ۽ ان جلوس کي منزل تي پهچندي ڇهہ ڪلاڪ لڳي ويا هئا. سنڌ جي هن لائق ليکڪ

Gul Hayat Institute

شاهہ سان گڏ سچل تي بہ قلم کنيو. سندس ڪتاب ۱۹۲۲ع ۾ ڇپيو، جنهن کي ۱۹۹۰ع ۾ وري سچل چيئر نروار ڪيو آهي. انگريزي زبان ۾ سنڌ ۽ ان جي صوفين تي هڪ ڪتاب سال ۱۹۲۴ع ۾ پڌرو ڪيائين، جنهن جو ۱۹۷۹ع ۾ لاهور مان نئون ايڊيشن نڪتو آهي. پاڻ سنڌ سان گڏ هند جي سنتن تي بہ ڪم ڪيائين. اصلي ڪم ڪرڻ سان گڏ، دنيا جي ادبي شهپارن جا ترجما بہ ڪيائين*. سنڌيءَ ۾ قلم کڻڻ سان گڏ، جيئنمل انگريزي زبان ۾ پڻ لکيائين. جملي ڇاليهہ کن ڪتاب تيار ڪيائين. گهڻا ڇپجي نروار ٿيا پر ڪي ٿورا ڇپجڻ کان رهجي ويا.

"شاهہ جو آڪاڻيون" نالي هن ڪتاب ۾ ليکڪ جا شاهہ لطيف تي ٽي مختصر ڪتابڙا گڏ ڪري شايع ڪيا ويا آهن. انهن ڪتابڙن جي ڪيفيت ڪجهہ هن ريت آهي. شاهہ جون آڪاڻيون پاڱو پهريون سال ۱۹۲۲ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ رسالي ۾ آيل سهڻي ميهار، حسن حسين، مومل راڻي، راءِ ڏياچ، ليلان چنيسر ۽ نوري ڄام تماچيءَ جي قصن جي اپٽار ڪيل آهي. ڪتاب جو ٻيو پاڱو سال ۱۹۲۳ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان ۾ رسالي جا ٽي قصا: عمر مارئي، سسئي پنهون ۽ هير رانجهو ڏنل آهن. ساڳئي سال يعني تہ ۱۹۲۳ع ۾ هن ڪتاب جو ٽيون پاڱو منظر تي آيو، جنهن ۾ سهڻي ميهار، مومل راڻي، راءِ ڏياچ، ليلان چنيسر، هنج ۽ ٻگو، عمر مارئي توڙي سسئي پنهون جي قصن جي سمجهاڻي، معنيٰ مطلب ۽ اندروني ٻيروني رازن جي پچار ڪئي وئي آهي.

لطيف شناسيءَ بابت نهايت اهميت رکندڙ هي مختصر ڪتاب، ظاهر آهي تہ سٺ-ٻاهٺ سال اڳ ۾ ڇپيا هئا. وقت گذرڻ سان جيئنمل پرسرام جو هي قلمي پورهيو ائين تہ گم ٿي ويو، جڻ تہ ڪڏهن ڇپيو ئي نہ هو. ائين شاهہ صاحب جي باري ۾ ڪم ڪندڙن کي ان بابت درست ڄاڻ بہ ميسر نہ ٿي سگهي. سال ۱۹۹۰ع ۾ اسان ساهت مالها دهليءَ پاران، پهريون ٻيئي ٽيئي ڪتابڙا گڏ ڪري، هڪ يڪي جلد ۾ شايع ڪري پڌرا ڪيا ويا. هن جلد جي مهڙ ۾ سٺ صفحن جو طويل مقدمو ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ مايہ ناز اسڪالر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب ليکڪ جي سوانح، ادبي خدمتن، سياسي سرگرمين ۽ ساهتي ڪاوشن تي ڀرپور روشني وڌي آهي. ڪتاب جي آخر ۾ جيئنمل پرسرام جي ڪتابن جي فهرست بہ ڏني وئي آهي.

دادا جيئنمل پرسرام جي هن ڪتاب ۽ خود سندس شخصيت بابت پير حسام الدين راشدي جهڙو سدا حيات عالم لکي ٿو:

"هاءِ! هاءِ! مرحوم ڪاڪي جيئنمل پرسرام جو نالو ڇئي ڪٿي بس ڪر. سنهي سنهي سفيد سونهاري، هميشہ پيو ڪلندو. ڏسندو تہ ڏکي اچي پاڪر پائيندو. ويهندو تہ پيو بهار بهار ٿيندو. شاهہ جا ڏوهيڙا بہ پيو ڏيندو، ۽ انهن جا راز ۽ رمزون بہ پيو سمجهائيندو. جڏهن 'شاهہ جون آڪاڻيون' سنڌي نثر ۾ لکي پيش ڪيائين، تڏهن اسان جي ادب ۾ جنسي انقلاب اچي ويو. ساڳي اها شاهہ واري زبان-مصريءَ ۽ ماکيءَ جهڙي مٺي، اهڙي نازڪ جهڙيون اسان جي مسڪين مارن جي معصوم نياڻين جون دليون، ايڏي نرم جهڙو ڪنهن ڳوٺاڻيءَ بختاور جي هٿن جو ڪڍيل مکڻ، ۽ اهڙي سباجهي جهڙيون پائرن لاءِ اسان جي ملڪ جون پيرون ۽ وڏور ڏيئرن لاءِ اسان جي ملڪ جون مائرون. پڙهندي ائين پئي روح کي راحت رسندي، جيئن چڻ سانوڻ جي چاندوڪين راتين ۾ ڏکڻ پيو گهلي، هينئون پيو ٺاري."

پير صاحب پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب" ۾ جيئنمل کي هن ريت ياد ڪري ٿو: "آنجهاني جيئنمل پرسرام نثر جو نئون انداز ۽ ٻوليءَ جو وڻندڙ نمونو اختيار ڪيو. سندس نثر-نظم کان وڌيڪ منڙو ۽ وڻندڙ هو."

* سنڌ جي هن لائق مصنف گوئٽي جي "فائوسٽ" جو سنڌي ترجمو ۱۹۲۶ع ۾ آندو هو. ان جو نئون ڇاپو ۱۹۸۲ع ۾ گوئٽي انسٽيٽيوٽ ڪراچيءَ پاران پڌرو ٿيو آهي.



Gul Hayat Institute

سنڌي علم ادب جي نوس پهلوئن ۾ رخن ڏي اسان جي بي توجهي افسوسناڪ آهي. ڪتاب تي مقدمو لکندي ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي صاحب هن ڏس ۾ نهايت ڏکوئيندڙ ڳالهه ڪري ٿو: "چيتمل جي سنتان مان هن وقت رام ـ حيات آهي، جيڪو بمبئيءَ ۾ رهي ٿو. سندس پٽن جا ڏنڌا جبرالٽر ۾ آهن ۽ هو ڪروڙن جا مالڪ آهن. عجب آهي جو لڇميءَ جي هيتري مِهر هوندي پڻ پنهنجي ڏاڏي چيتمل ۽ ناني لالچند جي اڻ ڇپيل ادبي رچنائن کي ڇپائي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ پيسو به سندن هڙان نٿو نڪري." ياد رهي ته رام سندس (چيتمل جو) پٽ آهي، جنهن جي شادي مشهور اديب لالچند امرڏني مل جي ڌيءَ سان ٿي هئي.

ٻئي طرف سنڌ ۾ به نوس علمي ۽ سنجيده عنوانن طرف اسان جو رويو ڪو سنو ڪونهي. هن ڪتاب جي موجوده پبلشر محترم ناز سنائيءَ مون کي ڏک مان ٻڌايو هو ته شاهه جون آڪاٽيون مون وڏي رقم سيڙائي ڇپرايو آهي، ليڪن هڪ مهيني ۾ ڪتاب جون صرف ٻه ڪاپيون وڪرو ٿيون آهن!

جيئن مٿي لکيو ويو آهي ته دادا چيتمل جي هن ڪتاب جو سال ١٩٩٠ع ۾ دهليءَ مان گڏيل ڇاپو نڪتو هو. هن ايڊيشن ۾ ٦٨ + ٣٠٢ = ٣٧٠ صفحا آهن. ٽائيٽل تي سامهون واري پاسي موهن جي دڙي وارو ڍڳو ڏنل آهي، جڏهن ته پٺئين پاسي چيتمل پرسرام گلراجاڻي صاحب جي هڪ عمدي تصوير ڏني وئي آهي. ان جو تعداد صرف ٥٠٠ ڇپيو ۽ قيمت مورڳو ٥٠ روپيا رکي وئي هئي. ان ساڳئي ايڊيشن جو عڪسي ڇاپو سال ١٩٩٤ع ۾ سنڌ تحقيقي بورڊ پاران حيدرآباد سنڌ مان ناز سنائي شايع ڪيو آهي. هن ڇاپي ۾ پبلشر صفحن کي درست ڪرڻ جو جتن ڪيو آهي ۽ ان طرح ڪتاب جا ڪل ٣٨٤ صفحا نمايان ٿي بينا آهن. مصنف جو ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي تي لکيل مهاڳ اصل جاءِ تان ڪٽي، هن سنڌ واري ايڊيشن جي مهڙ ۾ ڏنو ويو آهي. ائين ڪرڻ سان خود ڪتاب جي ترتيب تي به اثر پيو آهي. هڪ ته پبلشر کي سڄي ڪتاب کي هوبهو ڇاپڻ کپندو هو، ٻيءَ صورت ۾ وري ائين ڪرڻ گهربو هو ته فهرست کي به نئين سري سان مرتب ڪجي ها. مهاڳ جو اصل جاءِ تي نه هجڻ، فني اعتبار سان هڪ وڏي ڪوتاهي آهي. ان کان علاوه هاڻي مواد جو، فهرست جو ۽ جاٽايل صفحن جو هڪٻئي سان ڪوبه تعلق نه رهيو آهي. چئي نه ٿو سگهجي ته ناز سنائي صاحب جهڙي ڄاڻو پبلشر کان هيءَ غلطي ڪيئن ٿي آهي؟ شاهه جون آڪاٽيون سفيد ڪاغذ تي، پڪي جلد ۽ دلڪش رنگين ٽائيٽل سان ڇپيو آهي، جنهن تي ناز سنائيءَ، شاهه جي مقبري جي مرڪزي نيل ڏني آهي. هن ايڊيشن جي قيمت ١٥٠ روپيا آهي جا گهٽي به ڪانهي ته ٿوري به ڪانهي. سنڌ واسين کي کپي ته سنڌي ادب جي هن شهپاري جو، لطيف بابت هڪ سهڻي ڪتاب جو، ۽ چيتمل پرسرام جي هن املهه ڪاوش جو دلي آڌرڀاءُ ڪن. هن ايڊيشن آڻڻ تي ناز سنائي مبارڪباد جو مستحق آهي، ليڪن هزارين ڪيرون لهڻي ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي صاحب، جنهن هميشه وانگي هڪ ناياب تحرير کي منظر تي آڻي، ان تي جامع علمي مقدمو لکي، سنڌي پڙهندڙن جي علمي اڃ اجهائڻ سان گڏ وچايل ساهتي ورثي کي نروار ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. ڪتاب جي آخر ۾ ڏنل لسٽ مان خبر پوي ٿي ته ليکڪ شاهه لطيف تي ٻه ٻيا ڪتاب "شاهه ڀٽائيءَ جي حياتي" ۽ "شاهه جي رسالي جو صحيح نسخو ڇا کي چئجي؟" به لکيا هئا. ڪيڏو نه بهتر ٿئي جو ڪو پبلشر هنن ٻنهي تحريرن کي ڳولي مرتب ڪري وري ڇپرائي. -**غلام محمد لاکو**

❖○❖

Gul Hayat Institute

## اوڙاهه

تاريخ منهنجي پسند جو شعبو رهيو آهي، انڪري نه ته اهو ڪو محض رسمي ڄاڻ جو ذريعو آهي، پر انڪري جو ان جو اسان جي ماضي سان گڏ حال ۽ مستقبل سان گهرو تعلق هجي ٿو. تاريخ ماضي جي آرسي هوندي آهي جنهن ۾ اسان پنهنجي اتهاس جا عڪس ڏسي سگهون ٿا. منهنجو ويساهه آهي ته تاريخ جي اڀياس کان سواءِ ادراڪ جو پيدا ٿيڻ ڪنهن به ريت ممڪن ناهي، جيڪو حال ۽ روشن مستقبل جا رُخ متعين ڪندو آهي. جنهن طبقي، قوم يا سماج کي پنهنجي ماضي جي تاريخ جو ادراڪ ۽ شعور ناهي اهو پنهنجي مستقبل جي تاريخ جا بهتر بنياد وجهي نه ٿو سگهي ۽ اهائي ڳالهه اسان اڄ تائين سمجهي نه سگهيا آهيون. مان ان ڪوڙي تاريخ جي ڳالهه نه ٿو ڪريان جيڪا حڪمران طبقن جي ڦورو مفادن جي مطيع مؤرخن طرفان لکي ويندي آهي. اها تاريخ جنهن لاءِ سر رابرٽ والپول (Sir Robert Walpole) چيو هو ته: "All history is a lie!" (يعني سڄي تاريخ ڪوڙ آهي) پر اها تاريخ جيڪا سمورين وقتي مصلحتن ۽ مفادن کان بالاتر ٿي لکي ويندي آهي ۽ جنهن جي روح جو رنگ ڪبوتر جي پوتر پرن جهڙو اُجرو ۽ شفاف هوندو آهي. اهڙي تاريخ فقط اهڙا مؤرخ لکي سگهندا آهن جن لاءِ شليجل (Schlegel) چيو هو ته:

"The historian is a prophet looking backwards"

هو اهڙن مؤرخن کي وقت جا پيغمبر سمجهي ٿو ۽ سچو مؤرخ سچ پچ وقت ۽ دور جو پيغمبر هجي ٿو. اسان جون قومي لحاظ کان جيڪي انيڪ ڪمزوريون آهن، انهن مان هڪ خاص ڪمزوري اها به آهي ته اسان وٽ سنڌ جي تاريخ تي ڪم بنهه گهٽ ٿيو آهي. سنڌي ماڻهو آڏو عالمي تاريخ جي ادراڪ جا دروازا کولڻ ته پري رهيو پر ٺلهو سنڌ جي تاريخ تي به گهربل ڪم نه ٿي سگهيو آهي ۽ جيسين سنڌ جي خاص طور تي سياسي ۽ سماجي تاريخ تي ڪم نه ٿو ٿئي تيسين اسان نه ته پنهنجي قومي نفسيات جو صحيح اڀياس ڪري سگهون ٿا ۽ نه پنهنجي مستقبل جا مضبوط بنياد وجهي سگهون ٿا. عام طرح اسان وٽ قومي رومانس جي جذبي ۾ اچي سنڌ جي تاريخ جي عظمت جون دعوائون ڪيون وينديون آهن ۽ انهن ڪوڙين دعوائن جو ئي نتيجو آهي جو اڄ اسان جو نوجوان نسل (جيتوڻيڪ منهنجو پنهنجو تعلق به ان نسل سان آهي) اڻ ڄاڻائي ۽ تاريخ جي مادي شعور نه رکڻ سبب پنهنجي قومي تاريخ بابت گهڻي خودفريبي جو شڪار آهي. اسان وٽ اڪثر جذباتي انداز ۾ سنڌ جي قومي مظلوميت جا قصا ٻڌائيندي اهو چيو ويندو آهي ته سنڌ ۽ سنڌين تي هر دور ۾ ظالمن حملا ڪيا آهن، سنڌ سان هيئن ڪيو ويو آهي، سنڌ سان هونئن ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ انهن ڳالهين ۾ به گهڻيءَ حد تائين صداقت آهي پر ڇا سنڌ جي قومي پستي ۽ غلامي جا سبب رڳو خارجي رهيا آهن؟ ڇا ان جا ڪي به نوس داخلي سبب نه رهيا آهن؟ ڇا سنڌين جي پنهنجي عجيب ۽Passive نفسيات جو ان ۾ ڪو به بنيادي عمل دخل نه رهيو آهي؟ پر ڇاڪاڻ ته سنڌ جي تاريخ تي ان معيار جو ڪم نه ٿي سگهيو آهي. انڪري اسان جي نوجوان نسل تصوير جو فقط هڪ پاسو ڏٺو آهي ۽ پنهنجي قومي تاريخ جي پيچيدگين کان واقف ناهي. اسان جي تاريخ جي عالمن ثانوي سطح جا ڪم ضرور ڪيا آهن پر اهو ان ڏس ۾ ڪو بنيادي ڪم نه ڪري سگهيا آهن يعني سَنَ جي ڏهاڪي ۾ لئمبرڪ سنڌ جي تاريخ تي جيڪو ابتدائي ڪم ڪيو اسان جا عالم ته ان کي به اڳتي وڌائي نه سگهيا. ڪيول ملڪاڻي سنڌ جي جيڪا مختصر تاريخ (دي سنڌ اسٽوري) لکي ان ۾ جيتوڻيڪ گهڻين حقيقتن کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي پر هو ان ۾ پنهنجي مذهبي

جانبداري کان متاثر ٿي نہ سگھيو آهي، انڪري خاص طور تي هن جي ويجهي ماضيءَ جي لکيل تاريخ کي مستند چئي نہ ٿو سگهجي.

تازو سنڌي ٻوليءَ جي معتبر ليکڪ غلام نبي مغل "اوڙاهہ" نالي هڪ تاريخي ناول لکيو آهي، جنهن ۾ هن ارغونن، ترخانن ۽ مغلن کان وٺي موجوده دور تائين سنڌ جي سياسي حالتن جو احاطو ۽ ڇيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جينوئيڪ ادبي حوالي سان هن کان اڳ سراج بہ ارغونن ۽ ترخانن جي دور تي "پڙاڏو سوئي سڏ" نالي ناول لکيو هو، جنهن پنهنجي وقت ۾ چڱي مڃتا ماڻي هئي پر منهنجي ذاتي راءِ موجب ان تي سراج صاحب جي جذباتي ۽ رومانوي سياءَ جو رنگ غالب هو ۽ تاريخ جهڙي موضوع تي لکڻ وقت اهڙن روين کان ضرور بچڻ گهرجي. مان ائين نہ ٿو چوان تہ پنهنجي قوم کي غير معمولي هيرن جا تصور نہ ڏجن، پر اهي اهڙا بہ نہ هجن جو ان سان تاريخي سچايون مسخ ٿيڻ لڳن.

غلام نبي مغل جو "اوڙاهہ" مون کي انڪري بہ وڌيڪ پسند آيو جو ناول تي ليکڪ جي داخليت جو نہ پر ان دور جي داخلي ڪيفيتن ۽ حالتن جو رنگ نظر اچي ٿو. بيانيہ انداز ۾ لکيل هن ناول ۾ ڪردارن ۽ واقعن جي اُٿت اهڙي ڪئي وئي آهي جو پڙهندڙ سنڌ جي گذريل ساڍن ڇئن سؤ سالن جي تاريخ جي سوڙهين گهٽين مان لنگهندو اڄوڪي دور تي پهچي ٿو ۽ هو "اوڙاهہ" ۾ سڙندڙ سنڌ جي اتهاس جي گرمي پنهنجي اندر ۾ بہ محسوس ڪري ٿو. وڏي ڳالهہ تہ مغل صاحب رڳو انهن دورن جا عڪس ئي نہ ڇنيا آهن پر ڪردارن ۽ Situations ذريعي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش بہ ڪئي آهي تہ انهن مختلف دورن ۾ اسان جي قومي غلامي جا خارجي، داخلي، سياسي توڙي اقتصادي سبب ڪهڙا هئا. ٻين لفظن ۾ هي ناول ارغونن کان وٺي موجوده وقت تائين جي سنڌ جي Socio-political تاريخ آهي هن کي هن نهايت ڪاميابيءَ سان ۽ اثرائتي نموني نڀائڻ جي ڀرپور ۽ ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. هن ناول جي جنهن شيءِ مون کي ذاتي طور تي متاثر ڪيو اُها خود ليکڪ جو پنهنجو تاريخ جو شعور ۽ ادراڪ آهي. اهو سمجهندي بہ تہ سنڌ -جتي نلهي جذباتيت ۽ خود فريب رومانويت کي وڌيڪ اهميت ڏني ويندي آهي - مان غلام نبي مغل صاحب کي اهڙو سنڌو ۽ ڪارائتو ناول لکڻ تي مبارڪباد ڏيان ٿو ۽ ڪانئس اميد ڪريان ٿو تہ سندس اهو تخليقي سفر انهيءَ معيار ۽ اعليٰ مقصد سان جاري رهندو ۽ سندس قلم جي ڪُڪ هميشہ سائي رهندي.

البتہ ناول جي فني پهلو کان منهنجي منٿس تنقيد هي آهي تہ ناول ۾ واقعن ۽ ڪردارن جي اُٿت ناول واري ناهي انڪري "اوڙاهہ" ناول بدران طويل ڪهاڻي لڳي ٿي. ڪامياب ناول ۾ پلاٽ جو سفر تمام ضروري ۽ اثرائتو هجي ٿو. مغل صاحب جيئن تہ بنيادي طور ڪهاڻي جو ليکڪ آهي ۽ ناول جو هي سندس پهريون تجربو هو انڪري "اوڙاهہ" تي ناول بدران ڪهاڻي جي هيئت جو اثر وڌيڪ نظر اچي ٿو. سنڌي ادب ۾ ناول گهٽ لکيو ويو آهي انڪري ان جو Concept اڃا اسان وٽ ايترو پختو نہ ٿيو آهي. جي مغل صاحب "اوڙاهہ جي ٻين واقعاتي ۽ فڪري پهلوئن سان گڏ پلاٽ تي گهربل محنت ڪري ها تہ ڪتاب کي ادبي ۽ فني لحاظ کان اڃان بہ چار چنڊ لڳي وڃن ها.

هن ناول جي حوالي سان سنڌ جي تاريخ بابت جيڪي نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا، انهن ۾ مکيہ هي آهن.

(١) مغل صاحب هن ناول ۾ ارغونن کان وٺي سنڌ جي ويجهي ماضيءَ واري تاريخ بابت جيڪي ڳالهيون تاريخ جي حوالي سان سمجهائڻ چاهيون آهن تہ هتي جي مخصوص سماجي ۽ سياسي حالتن سبب انهن جي ڪا غير معمولي مزاحمت ٿي نہ سگهي. مزاحمت يقيناً ٿي آهي پر ان کي غير معمولي يا اورچ مزاحمت نٿو چئي سگهجي ۽ ان جو سبب هي هو تہ جاگيرداڙي سماجي سرشتي سبب سماجي ۽ سياسي اڳواڻي جو ڪردار جن قوتن يا طبقن ادا

Gul Hayat Institute

پئي ڪيو اُهي پنهنجي طبقاتي مزاج ۽ فطرت ۾ ئي وطن دشمن ۽ عوام دشمن هئا. نتيجي ۾ عوامي سگهه ڪنهن به منظم ۽ مربوط طريقي سان ڪا وڏي مزاحمت نه ڪري سگهي.

(٢) ناول ۾ هي به ڏيکاريو ويو آهي ته سنڌ تي ڌارين جي مسلسل ڪاهن، خونريزي ۽ ڦرلٽ سبب سنڌ جي سماجي ترقي جو عمل تيز ٿي نه سگهيو، ڇاڪاڻ ته ڌارين جي ڪاهن جو مرڪز ۽ محور سنڌ جا شهر هئا. ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ سنڌ جا وڏا شهر ٺٽو، سيوهڻ ۽ نصرپور سياسي، سماجي ۽ اقتصادي لحاظ کان تباهه حال ٿي ويا ۽ ان جو نتيجو هي نڪتو جو سنڌ ۾ وچئين طبقي جي فطري اوسر ٿي نه سگهي. وچئين طبقي جو نه اسرڻ ئي تاريخي طور دراصل سنڌ جي پستي ۽ سماجي پسماندگي جو بنيادي سبب آهي.

(٣) ناول ۾ ڏيکاريو ويو آهي جڏهن سنڌ جا شهر ٺٽو، سيوهڻ ۽ نصرپور هر لحاظ کان تباهه حال ٿي چڪا هئا ۽ ڪلهوڙن سنڌ جو سياسي اقتدار سنڀاليو ته ميان غلام شاهه ڪلهوڙي گنجي ٽڪر تي هڪ نئون شهر اڏايو جنهن کي اڄ حيدرآباد چيو وڃي ٿو. ان حوالي سان مغل صاحب هڪ نهايت ڪارائتي ڳالهه هي ڏيکاري آهي ته جڏهن حيدرآباد جو شهر اڏجي رهيو هو ته ان ڏس ۾ وڏو مسئلو اهو درپيش ٿي آيو ته سنڌ ۾ زندگي جي مختلف شعبن جي افرادي قوت تمام گهٽ هئي ۽ نيٺ ڪلهوڙن کي سڄي سنڌ مان ڪاريگرن ۽ هنرمند ماڻهن کي خاص مراعتون ڏئي حيدرآباد ۾ آباد ڪرڻو پيو. جي ڏٺو وڃي ته اڄ به سنڌ جي صورتحال ان حوالي سان گهڻي مختلف ناهي. اڄ به اسان وٽ فني ۽ ٽيڪنيڪل شعبن ۾ افرادي قوت تمام گهٽ آهي.

(٤) سنڌ ۾ ڪلهوڙن کان اقتدار ميرن ڪسيو هو ۽ ناول ۾ ان جو چيد نهايت سنو ڪيو ويو آهي. مغل صاحب اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڪلهوڙا انڪري سياسي طور جٽاءُ ڪري نه سگهيا جو انهن جي Orienta-tion سياسي نه هئي. ڪلهوڙا بنيادي طور تي مذهبي ماڻهو هئا ۽ ماضي ۾ هنن جو تعلق رياستي يا سياسي معاملن سان نه پر خانقاهن سان رهيو هو. جڏهن ته ميرن وٽ فوجي قوت هئي. ميرن کي رياستي ۽ سياسي معاملن ۾ تجربو به هو سو جڏهن هنن ڏٺو ته ڪلهوڙن جي اقتدار جي به اصل قوت هو پاڻ ئي آهن ته هنن ڪلهوڙن کان اقتدار کسي ورتو ۽ ائين اها ڳالهه واضح ٿي ته جيسين سنڌ ۾ مضبوط، منظم ۽ مربوط سياسي قوتون نه هونديون تيسين اُهي تاريخي لحاظ سان جٽاءُ ڪري نه سگهنديون.

(٥) ناول ۾ سنڌ تي انگريزن جي قبضي جي دور جي به عڪاسي سني ڪئي وئي آهي ۽ خاص طور تي اها ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته انگريزن جي سنڌ تي قبضي وقت هتي جي مقامي جاگيردار ۽ وڏيرڪي طبقي ڪيئن نه پنهنجي وطن سان غداري ڪري غاصب ڌارين آڏو پنهنجا ڪنڌ سرنگون ڪيا هئا ۽ اها صورتحال تاريخي طرح بدستور ساڳي آهي. اڄ به اسان جي جاگيردار ۽ وڏيرڪي طبقي جو سياسي ۽ سماجي ڪردار اهو ساڳيو ئي آهي جيڪو انگريزن جي آمد وقت هو.

(٦) پاڪستان جي قيام وقت سنڌي هندن کي سنڌ مان لڏائڻ واري المناڪ تاريخي هاڃي جي به ناول ۾ اثرائتي منظرڪشي ڪئي وئي آهي. ناول ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڪيئن نه هڪ سازش تحت سنڌ مان هندن کي لڏايو ويو ۽ ائين سنڌ مان اهو وچون طبقي هڪ ڌڪ سان هليو ويو جنهن کي سنڌ ۾ سماجي ۽ اقتصادي اعتبار کان ڪرنگهي واري حيثيت حاصل هئي. اهو خال سنڌ اڄ تائين پري نه سگهي آهي. ناول ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته هندن کي سنڌ مان لڏائڻ لاءِ وڏيرن ۽ جاگيردارن انڪري به بنيادي ڪردار ادا ڪيو هو جو انهن جي اڪثريت هندو سيٺين جي مقروض هئي ۽ سندن زمينون انهن سيٺين وٽ گروي رکيل هيون. سنڌ جي جاگيرُدار طبقي پنهنجي مخصوص طبقاتي

مفاد ڪري سنڌ جي سماجي ۽ اقتصادي اوسر ڪي هڪ اهڙو ڌڪ هنيو جنهن جو سدباب شايد ڪڏهن بہ ٿي نہ سگهي. ناول ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ جي سنڌ سان اهو هاجو نہ ٿئي ها تہ اڄ سنڌ جي شهرن جون حالتون اڄ اهڙيون ڏکوئيندڙ نہ هجن ها.

(٧) ناول جي پڇاڙي ڏاڍي Optimistic ڪئي وئي آهي.ان ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ هاڻي هڪ نئين سنڌ جنم وٺي رهي آهي، جنهن ۾ وچئين طبقي جي اوسر بہ ٿي رهي آهي تہ سنڌي ماڻهو شهري سماج ۾ بہ داخل ٿي رهيا آهن. هڪ خاص ذڪر جوڳي ڳالهہ اها تہ ماضي جي روايت جي ابتڙ سنڌين پنهنجي شهرن تان بي دخل ٿيڻ بدران اُتي پنهنجي بقا لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي ۽ انهن ۾ مزاحمت جو اهو عنصر بہ پيدا ٿي رهيو آهي جنهن جي ڪمزوري سبب هنن پنهنجي تاريخ جو وڏو عرصو غلامي ۾ گذاريو آهي.

منهنجي خيال ۾ مغل صاحب جي ان ڪارائتي تخليق جو سنجيدگيءَ سان اڀياس ٿيڻ گهرجي ۽ پنهنجي تاريخ جي انهن پيچيدگين کي علميت ۽ حقيقتن جي روشني ۾ ڏسڻ ۽ سمجهڻ گهرجي، جنهن جي اسان جي لائق ليکڪ ڪوشش ڪئي آهي. — "جامي" چانڊيو

## سنڌ جي تاريخ جا وکريل ورق

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي تاريخ ۽ تحقيق جي دنيا ۾ هڪ وڏو نالو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ صاحب جي تحقيق جو موضوع "سنڌ" رهيو آهي. پاڻ سنڌ جي تاريخ تي متعدد ڪتاب لکيا آهن، جن مان سندن تازو شايع ٿيل ڪتاب "سنڌ جي تاريخ جا وکريل ورق" بہ شامل آهي، جيڪو 'مهراڻ اڪيڊميءَ' پاران شايع ڪيو ويو آهي. ڪتاب جو موضوع سنڌ جي تاريخ آهي، جنهن ۾ ايڪهہ قيمتي مقالا شامل ڪيل آهن. اهي مقالا ڪجهہ تہ اڳ ۾ بہ شايع ٿيل آهن ۽ ڪجهہ نوان بہ آهن.

پهريون مقالو "سنڌ جي تاريخ هڪ نظر ۾" جي عنوان سان آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ کي نهايت مختصر مگر جامع انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ان ۾ سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ ادبي تاريخ بہ اجاگر ڪيل آهي. "عرب دور ۾ سنڌ جون حالتون" ٻيو نمبر مقالو آهي، جنهن ۾ عرب دور جي سياسي، مذهبي، اقتصادي ۽ ادبي تاريخ جو جائزو پيش ڪيل آهي. ان کان پوءِ ٽيون مقالو "سليمان تاجر ۽ سنڌ" جي عنوان سان آيل آهي. سليمان هڪ عرب سياح ۽ واپاري هو، جيڪو واپار جي لحاظ کان چين ۽ هندستان ۾ آيو ۽ هن ساموندي علائقي سان سفر ڪيو ۽ پنهنجي سفر جي روداد سن٢٣٧ هجريءَ ۾ "سلسلة التواريخ" نالي ڪتاب ۾ لکي. سندس سفرنامي ۾ سنڌ جي سياست، تمدن ۽ معاشرتي حالتن جو چڱيءَ ريت پتو پوي ٿو. ڊاڪٽر صاحب سليمان تاجر جي انهيءَ سفر جو جائزو پيش ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح ڪتاب جو چوٿون مقالو "مسعودي ۽ سنڌ" آهي. مسعودي نہ رڳو هڪ سياح هو پر وڏو مؤرخ ۽ جاگرافيدان بہ هو. هن ڪيترن ملڪن جو سيرسفر ڪيو، جن ۾ سنڌ بہ شامل آهي. سنڌ جي سفر ۾ هن منصوره، ديبل ۽ بين شهرن جو ذڪر ڪيو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ صاحب مسعوديءَ جي زندگيءَ ۽ سندس سنڌ واري سفر بابت هن مقالي ۾ جائزو پيش ڪيو آهي.

ڪتاب جو پنجون مقالو "زط يا جت" آهي، جنهن ۾ سنڌ جي قديم قوم جَتن جي تاريخي حيثيت تي روشني وڌي وئي آهي. ان کان پوءِ "هاڪڙي درياءَ جي ماتري ۽ ان جا قديم شهر" جي عنوان سان مقالو ڏنل آهي، جنهن ۾ هاڪڙي درياءَ جي تاريخ ۽ ان جي ڪنارن سان آباد ڪن مشهور شهرن جي تاريخ بہ بيان ڪئي وئي آهي، جنهن سان

هاڪڙي جي تاريخي حيثيت اجاگر ٿيل ٿي. ڪتاب جو ستون نمبر مقالو "بکر ۽ سکر" آهي. هن مقالي ۾ بکر ۽ سکر جي تاريخ مختلف دورن جي حوالي سان بيان ڪئي وئي آهي. ان کان پوءِ "سيوهڻ" بابت مقالو آيل آهي. سيوهڻ خود هڪ جيئري جاڳندي تاريخ آهي. سيوهڻ جي قدامت ۽ ان جي تاريخي پسمنظر کي چڱي نموني بيان ڪيو ويو آهي. "نيرون ڪوٽ" نالي سان ڪتاب ۾ نائون مقالو آيل آهي. "نيرون ڪوٽ" حيدرآباد جو آڳاٽو نالو آهي. اهڙي شهر جي تاريخي حيثيت هن مقالي ۾ اجاگر ڪئي وئي آهي.

"ٺٽو ۽ ساموئي" مقالا ١٩٥٠ع واري ڏهاڪي جا لکيل آهن، جيڪي اُن وقت حيدرآباد مان نڪرندڙ "عبرت مخزن" ۾ ڇپيا هئا. انهن مقالن لاءِ حوالا پيرحسام الدين راشديءَ جي لکيل 'مڪلي نامہ' جي حواشين تان ورتا ويا آهن. ياد رهي تہ ان وقت اهي حوالا تہ ماهي 'مهراڻ' ۾ شايع ٿيا هئا ۽ 'مڪلي نامہ' اڃا شايع ڪونہ ٿيو هوءِ اهوئي سبب هو جو پيرصاحب جن هڪ پيري مولائي شيدائي کان پڇيو هئائين تہ 'ٺٽون تارو ڪِڙيو آهي، تو ڏٺو آهي.' پير صاحب جو اشارو ميمڻ صاحب ڏانهن هو. اها ڳالھ مولائي شيدائيءَ ميمڻ صاحب کي ٻڌائي هئي ۽ اهڙيءَ طرح ميمڻ صاحب جو راشدي صاحب جن سان نيازمنديءَ جو تعلق قائم ٿيو.

سنڌ جي تاريخ تي مقالن جو هي مجموعو، پهريون حصو سمجهڻ گهرجي. ٻيو حصو بہ جلد شايع ڪيو ويندو."

ڪتاب جو تيرهون نمبر مقالو آهي "ميرعلي شيرقانع ٺٽوي". قانع سنڌ جو عظيم تاريخدان هو، جنهن سنڌ جي تاريخ تي "تحفتہ الڪرام" جهڙو شاهڪار ڪتاب لکي پاڻ کي امر ڪري ڇڏيو. سندس زندگي ۽ علمي ادبي خدمتن جو چڱي نموني جائزو هن مقالي ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ وارو مقالو آهي "ڪرڙيءَ جي جنگ." سنڌ جي تاريخ جي هيءَ غير معمولي نوعيت جي جنگ آهي، جيڪا سنڌ جي ٽالپرن ۽ شاھ شجاع جي وچ ۾ لڳي. ڊاڪٽر ميمڻ صاحب هن جنگ جي تاريخي حيثيت تي روشني وڌي آهي. ڪتاب جو پندرهون نمبر مقالو "ملفوظات" جي عنوان سان آهي. هن مقالي ۾ ملڪ جي مختلف بزرگن جي لکيل ملفوظات جو چڱي نموني جائزو پيش ڪيو آهي، جڏهن تہ سنڌ جي بزرگن جي لکيل "ملفوظات" جو ذڪر الڳ ڪيو ويو آهي. "سنڌ ۾ فارسي اخبارنويسي،" هن عنوان واري مقالي ۾ سنڌ اندر جيڪي فارسي اخبارون جاري ٿيون، انهن جو ذڪر ۽ جائزو پيش ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ "انگريزن جي دور ۾ سنڌ ۾ تعليم" جي عنوان سان مقالو آيل آهي. انگريزن جو سنڌ ۾ تعليمي سرشتي کي رائج ڪرڻ ۽ "سنڌي الفابيٽ" جي نهڻ سان تعليم جي ترقيءَ جو جائزو، مختلف اسڪولن جي قيام ۽ ان جي تعليمي شرح جو جائزو انگن اکرن ۾ پيش ڪيو آهي.

ڪتاب جو ورندڙ مقالو "سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت" جي عنوان سان ڏنل آهي، جنهن ۾ سنڌ اندر ٺهندڙ ڪپڙي جو جائزو مُهين جي دڙي کان وٺي انگريزي دور تائين ورتو ويو آهي. ان ۾ ڪپڙي جا مختلف قسم بہ بيان ڪيا ويا آهن. اهڙيءَ ريت ڪتاب جو آخري مقالو "اجرڪ" آهي، جنهن ۾ اجرڪ جي تاريخي حيثيت کان وٺي موجوده دور تائين ان جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

تاريخ جا اهي وکريل ورق يڪجا ٿي جڏهن، "سنڌ جي تاريخ جا وکريل ورق" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا تہ سنڌ جي هڪ بهترين تاريخ جُڙي پئي. هي وکريل ورق سنڌ جي تاريخ جو اهم حصو آهن، جيڪي پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي وڏي اهميت رکن ٿا. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب انهن مقالن جي تياريءَ لاءِ سوين ڪتاب اٿلائي هي مواد تيار ڪيو آهي. سنڌ جي تاريخ کي سمجهڻ لاءِ هي ڪتاب بنيادي حيثيت رکي ٿو ۽ هر لئبريءَ لاءِ ضروري آهي.

امام راشدي.

Gul Hayat Institute

# سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو.

پروفيسر عبدالله مگسي مرحوم جي تحقيقي ۽ تاريخي مقالن جو مجموعو "سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ ڇپجي نروار ٿيو آهي. اهي سڀ مقالا وقت بوقت مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندا رهيا آهن. پروفيسر عبدالله مگسي جا ٻيا به ڪيترائي لکيل تحقيقي مقالا آهن، جيڪي هن ڪتاب ۾ اچي نه سگهيا آهن: اهي پڻ مختلف رسالن ۽ اخبارن جي ورقن ۾ سانديل آهن. چڱو ٿئي ها جو اهي سمورا مقالا به هٿ ڪري ڪتاب جي ٻئي ايڊيشن ۾ شامل ڪيا وڃن، ته جيئن اهو قيمتي اثاثو هميشه لاءِ محفوظ ٿي وڃي. هن ڪتاب جا سهيڙيندڙ ڊاڪٽر لياقت علي مگسي ۽ گل محمد سومرو آهن.

هن ڪتاب ۾ شامل مقالن ۽ مضمونن کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ ٻارهن مقالا آهن، جيڪي سڀ سنڌ جي سياسي تاريخ متعلق آهن. انهن مقالن مان ٻه سومرا دؤر سان، ٻه سما دؤر سان، هڪ مغل دؤر سان، پنج ڪلهوڙا دؤر سان ۽ آخري ٻه مقالا ٽالپرن ۽ انگريز دؤر سان واسطو رکن ٿا. ڪلهوڙا دؤر سان واسطو رکندڙ مقالن ۾ مغل دؤر متعلق به ڪافي معلومات ڏنل آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ ست مقالا آهن، جيڪي سنڌ جي تهذيب، ثقافت ۽ آثار قديمه سان واسطو رکن ٿا. اهڙيءَ طرح ڪتاب جي ٽئين ڀاڱي ۾ چار مقالا آهن، جيڪي سنڌ جي چند بزرگن جي سوانح تي چڱي روشني وجهن ٿا. مٿين سڀني مقالن مان گهڻا مقالا تحقيقي ۽ ڊگها آهن، صرف ٽي مقالا: سمن جي دؤر جو ادبي جائزو، سر جان مارشل ۽ موهن جو دڙو ۽ قلندر جي زندگي ۽ تاريخ جا ماخذ، تمام مختصر آهن ۽ ضخامت جي لحاظ کان صرف هڪ ٻن صفحن تي ڦهليل آهن.

هونئن ته هي ڪتاب سنڌ جي سموري سياسي تاريخ تي هڪ بهترين ڪتاب آهي، ليڪن ڪلهوڙا دؤر متعلق جيڪي به مقالا آهن، سي هن ڪتاب جو قيمتي سرمايو آهن. هن ڪتاب کي جيڪڏهن "ڪلهوڙا دؤر جو بهترين جديد ماخذ" سڏيو وڃي ته ان ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو. ڇاڪاڻ ته هن پوئين دؤر، يعني ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي تاريخ متعلق جيڪي به ڪتاب ڪلهوڙا دؤر تي روشني وجهن ٿا، تن سڀني ۾ هيءُ ڪتاب بهترين ۽ قيمتي آهي. هن ڪتاب ۾ ڪلهوڙا حڪمرانن متعلق اهڙو مواد ڏنو ويو آهي، جيڪو ٻين ڪتابن ۾ ڪونه ٿو ملي، خاص طور تي ڪلهوڙا دؤر متعلق هڪ مقالو "ميان وال تحريڪ جو سرواڻ ميان نصيرمحمد ڪلهوڙو ۽ ان جا ساٿي" ڪلهوڙا حڪمرانن جي ريتن، رسمن، پيريءَ مريديءَ جي قانونن، سندس فوجي جرنيلن ۽ ساٿين متعلق تمام گهڻي ۽ قيمتي معلومات فراهم ڪري ٿو.

٢٥ مئي ١٩٩٤ع تي ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي عرس جي موقعي تي جڏهن محترم غلام محمد لاکو، محترم ڊاڪٽر نوازعلي شوق، محترم عطا محمد ڀنڀرو، محترم ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، محترم امام راشدي، محترم نزاڪت علي عباسي ۽ بنده راقم خيرپورناٿن شاهه مان هڪ جيپ ۾ سوار ٿي، سخت گرمين جي ڏينهن ۾ ٽيهري جو "ڪاڇي" جي علائقي ۾ ميان نصير محمد ڪلهوڙي ۽ ميان دين محمد ڪلهوڙي جي مقبرن تي پهتاسين ته هڪ تمام وڏو قديم تاريخي قبرستان ڏسي دنگ رهجي وياسين. قبرستان گهمڻ مهل مقامي ماڻهن کان پُڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته انهيءَ قبرستان ۾ ميان نصير محمد، ميان دين محمد ۽ سندس خاندان جا ڪيترائي مرد ۽ عورتون دفن ٿيل آهن. انهي کان علاوه ٻنهي اڳواڻن سان واسطو رکندڙ سندن ڪيترائي ناميارا جرنيل ۽ مجاهد پڻ هتي دفن ٿيل آهن. جيڪي سنڌ ڌرتيءَ جي آزاديءَ خاطر ڌارين مغلن سان وڙهندي، جان جو نذرانو ڏيئي شهيد ٿيا هئا. هرهڪ جرنيل ۽ قبيلي جي چڱي مڙس جي قبر مٿان ڪچو مقبرو اڏيل آهي ۽ ان جي چوڌاري سندن عزيزن جون قبرون موجود

آهن. انهيءَ قبرستان جي اتر اولهہ واريءَ ڪنڊ تي هڪ ننڍڙي چوڌيواري ۾ چند قبرون آهن، جيڪي سڀ قيمتي پوري رنگ جي پٿرن جون ٺهيل آهن. انهن پٿرن تي اُڪر ۽ چٽساليءَ جو بهترين ڪم ٿيل آهي. مٿن قرآن پاڪ جون آيتون بہ تحرير ٿيل آهن. ٻڌايو ويو تہ ڪجهہ وقت اڳ انهن قبرن جي چوڌاري هڪ وڏي ديوار ڏنل هئي، جنهن جا ڪجهہ نشان اجا موجود هئا. چوڌيواري اندر موجود قبرن ۾ ڪلهوڙا حڪمرانن جي خاندان جون عورتون دفن ٿيل آهن. انهن قبرن مان هڪ قبر متعلق ٻڌايو ويو تہ اها ميان دين محمد جي پيڻ جي قبر آهي. انهيءَ وسيع قبرستان ۾ ڪجهہ قبرون ڪچيون هيون ۽ ڪجهہ پڪيون. پڪين قبرن مٿان تراشيل سهڻا پٿر هئا، انهن پٿرن تي چٽساليءَ جو بهترين ڪم ٿيل هو. مطلب تہ هي وسيع تاريخي قبرستان تمام زبون حالت ۾ هو. ڪيتريون قبرون ۽ مقبرا ڊهي چڪا هئا ۽ ڪيترا ڊهڻ تي ٻينا هئا. آثار قديمہ وارن شايد انهي تاريخي قبرستان جو منهن بہ نہ ڏٺو هجي!

انهي قبرستان ۾ موجود ميان نصير محمد ۽ ميان دين محمد جا مقبرا مشرقي مقبره نگاري جو بهترين نمونو آهن. قبرون پٿرن جون ٺهيل آهن ۽ انهن پٿرن تي اُڪر سان تمام بهترين، نفيس ۽ قيمتي چٽسالي ٿيل آهي. قبرن مٿان ڪاٺ جي بهترين چِٽي ٻينل آهي، جنهن تي پڻ قيمتي نقش نگار نڪتل آهن. مقبرن جي چوڌاري مٽيءَ جو ڪچو ڪوٽ ڏنل آهي. انهن قبرن مٿان سهڻا گنبذ نما مقبرا ڏسي ان وقت جي ڪاريگرن جي ڪاريگريءَ کي ساراهڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي.

ميان نصير محمد ۽ دين محمد جي مقبرن لڳ سنڌن نهرايل بہ مسجدون بہ زبون حالت ۾ موجود آهن. مقبرن لڳ ڪجهہ پيون نهرايل جايون زبون حالت ۾ موجود آهن، جن لاءِ ٻڌايو ويو تہ هڪ جاءِ لنگرخاني لاءِ ۽ هڪ جاءِ خزاني لاءِ هئي.

رات جو ميان نصير محمد ۽ ميان دين محمد جي مقبري تي سندس مريد ۽ فقير ڪُلهن تي ڪاريون ڪنبيون رکي ۽ سُرندو وڄائيندا، "الله توهار" "الله توهار" جا نعرا هڻندا آيا. مقبري تي فقيرن جي دعا گهرڻ جو طريقو بہ عجيب هو. مريدن ۽ فقيرن جون اهي عجيب غريب ريتون رسمون ۽ رواج ڏسي اسان سڀ حيران ٿي وياسين. جاڪاڻ تہ اهي سڀ ڳالهيون اسان لاءِ نيون هيون. اسان اهي رسمون ۽ ڳالهيون نہ اڳ ڏٺيون نہ ٻڌيون هيون ۽ نہ وري ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيون هيون. اسان سڀ هڪٻئي کي چوڻ لڳاسين تہ اسان جي مؤرخن ۽ محققن هن وسيع ۽ قديم تاريخي قبرستان متعلق چونہ لکيو آهي ۽ ڪلهوڙا حڪمرانن جي اهڙين ريتن، رسمن، رواجن ۽ روايتن متعلق ڪتابن ۾ جاڻ چونہ ڏني آهي، وغيره.

مون مٿيون سفري احوال هتي انهيءَ ڪري پيش ڪيو آهي جو اسان جي مٿي جاڻايل سڀني نقطن جي اپٽار مگسي صاحب جي هن ڪتاب ۾ تقريباً موجود آهي. ڪلهوڙا دؤر سان دلچسپي رکندڙ دوستن کي انهيءَ تاريخي قديم قبرستان، ڪلهوڙن حڪمرانن جي پيري مريدي، ريتن رسمن، رواجن، قانونن ۽ انهن سان واسطو رکندڙ اميرن ۽ فوجي جرنيلن متعلق ڪافي اهم معلومات ملي ٿي. افسوس جو ڪتاب ۾ پروفن جو گهٽيون ئي غلطيون موجود آهن. اميد ٿي ڪجي تہ ڪتاب جي ٻئي ايڊيشن ۾ پروفن جي انهن غلطين کي سڌاريو ويندو. هن ڪتاب جو مهاڳ نوجوان دانشور خاڪي جويي لکيو آهي، جيڪو ١٣ صفحن تي آهي. اهو مهاڳ بہ پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ تفصيلي ۽ معلومات سان ڀريل مقالو آهي.

Gul Hayat Institute

هي ڪتاب، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ پاران شايع ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ عبدالله مگسي ميموريل سوسائٽيءَ جو سهڪارحاصل آهي. **محمد پنهل ڏهر**



بلڊ پريشر هاءِ ٿي ويو هو. تڏهن پاڻ جنهن ڪمري ۾ رات جو رهندا هئا، اتان پنهنجي تازو يتيم ٿي ويل پوٽي کي فون ڪري پنهنجي طبيعت جو احوال ڏنائون. اهو نوجوان تڪڙو تڪڙو پنهنجي گهران اتي پهتو ته پويان ڊاڪٽر به پهچي ويو هو. خبر پئي ته 'برين هئمرج' جو حملو آهي پر مائنر... انور صاحب کي ڊاڪٽر فرسٽ ايڊ ڏني ته کين آرام اچي ويو ۽ سندن پوٽو سيرانديءَ کان ڪرسي وجهي ويهي رهيو. شايد صبح جا پنج ٿي رهيا هئا جو نوجوان کي شڪ پيو ته انور صاحب ساهه ته ڪٿي ئي کونه پيو. ڪرسيءَ تان اٿي سندن منهن تان چادر جو هٽايائين ته انور صاحب ته اتي هئائي ڪونه.... هو ته ننڊ ۾ ئي صبح جي ستاري ڏانهن هليا ويا هئا.

انور صاحب جن جي گهرن واري گهٽيءَ مان پوءِ واپسيءَ واريون وڪون ڪڻندي، امتياز ۽ سوز هالائي انور صاحب جي باري ۾ ڳالهيون ڪندي پئي هليا ۽ هون دلگير ٿي سوچيو پئي ته "ڪتابستان" کان وٺي پنهنجي گهر جي مخصوص پلنگ تائين انور صاحب کي هاڻي ڇا ڪٿي به وينل نه ڏسي سگهبو؟ ۽ ڇا انور هالائي صاحب سان هاڻي هالا وڃبو ته ڪڏهن به ملاقات نه ٿي سگهندي! ۽ ڇا اهو ڏک، اهو صدمو مون جهڙي حساس ۽ ڏکئي ماڻهوءَ لاءِ ڪو ننڍو ڪو گهٽ صدمو آهي.

تڏهن اکين ۾ آب آڻي، پاڻ کي پاڻهي جواب ڏنو هئم ته شايد قطعي نه! -

– نصير مرزا

*◆*

## منهنجو ادبي رهبر- هالائي صاحب

هالا،

۱۳ جنوري ۹۵ع، جمعو

به پهر... پوڻا ٽي..

مخدوم نوح رحمة الله عليه جي درگاهه جي ڏکڻ واري پاسي، لوهي در جي هن پار هڪڙو شهر خموشان آباد آهي. هڪجهڙين قبرن جون قطارون آهن. الائي ڪيترا شفيق، نرم خو وجود هتي ليٽيل آهن، جن پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ الائي ڪيترن کي نوازيو هوندو ۽ هاڻي پنهنجي ربِ ذوالعنن جو ڪرم ۽ رحمت کين نوازي رهيا هوندا. ڪن قبرن تي ڪتبا آهن، ڪي بي نام! ائين ئي، جيئن حياتيءَ ۾ الائي ڪيترا ساهه کڻندڙ گمنام هوندا آهن، انام هوندا آهن.

بارِ الاها،... هتي هُو ئي ليٽيل آهي، جنهن سدائين مون تي هٿ رکيو. مون سان محبت ڪئي، مون کي پنهنجن پٽن جي صف ۾ ويهاريو. جيڪو سدائين مون سان اُٿي ملندو هو ۽ جنهن جي پيرن تي هٿ رکندي مان محسوس ڪندو هوس ته جڻ مون پنهنجي پيءُ جا پير ڇُهيا هجن... ها... مان هن جو پٽ ئي ته هوس ۽ اڄ فرق صرف اهو آهي ته هُو چُري پُري نه ٿو سگهي ۽ مان متحرڪ آهيان، بظاهر حرڪت ڪري وٺي پهچي سگهان ٿو.

قبرستان ۾ گهڙڻ مهل، خوبصورت ليڪ ۽ سائيءَ جي رت جي رشتي ۾ ٻڌل امتياز ابڙو منهنجي ڪن ۾ جڻ سرگوشي ٿو ڪري:

"تون چاچا کي ڳولڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪونه محسوس ڪندين."

منهنجي اندر ۾ جڻ آرا مشين ٿي هلي، اياز چيو ته دل تيز پرندي وانگر آ، تون ان جا پَرَ ڪوهي سگهندين... اهي پَرَ هنن ساعتن ۾ تيزيءَ سان ڦڙڪا ڏئي رهيا آهن. سامهون، قبرن جي قطار ۾ بلڪل آخر تي هڪڙي ساڳئي

